


# سنڌي واپاري

ڪلاڊ مارڪووٽس

حُسين بادشاهه

روشني

# سنڌي واپاري

سنڌي واپارين جو بُخارا کان پاناما تائين واپار

1750ع کان 1947ع تائين

## ڪلاڊو مارڪووٽس

حُسين بادشاهه

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2005ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو: سنڌي واپاري

ليکڪ: ڪلاڊو مارڪووِٽس

سنڌيڪار: حُسين باد شاهه

ڇاپو پهريون: © روشني 2005ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

ڪتاب جو اصلي نالو: هندستاني واپارين جي عالمي دُنيا

1750ع کان 1947ع تائين

سنڌي واپارين جو بُخارا کان پاناما تائين واپار

ليکڪ: ڪلاڊو مارڪووِٽس

ڊائريڪٽر آف ريسرچ

سينٽر نئشنل ڊي لا ريسرچ سائنٽفڪ، پيرس

ڇپائيندڙ: يونيورسٽي پريس ڪئمبرج، 2000ع


# SINDHI WAPARI

by: **Claude Markovits**
Transleted by: **Hussain Badsha**


Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2005


## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد

سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد

مولوي صِبغت الله بازري، منڍ مسجد، ڄامشورو ڦاٽڪ

ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي

حسنين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول

رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو

رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو

عزيز ڪتاب گهر - بندراج روڊ، سکر

ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر

يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر

مولانا عطاءُ الله تونيه مدرسه، سراج العلوم پير شريف

نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انتساب

ورهاڱي وقت
سياسي ۽ سماجي دٻاءُ هوندي بہ،
سنڌ ڌرتي نہ ڇڏيندڙ
ڌرتي ڌڻين
هندوئن
جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


تعارف 7

حوالا ۽ سمجهاڻيون 17

## باب پهريون

ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتا 19

عالمي معشيت ۾ ڏکڻ ايشيائي واپاري 19

واپاري طبقا ۽ دلال اقليتون: ٻن مثالن جي تنقيد 30

ڏکڻ ايشيائي واپاري سرشتا ۽ سنڌ معنائون 35

حوالا ۽ سمجهاڻيون 43

## باب ٻيون

سنڌ جي معشيت ۽ سماج، علاقائي لاڳاپي سان 1750ع کان 1950ع تائين 47

سنڌ ۽ سنڌس واپار واپار: 1750ع کان اڳ جو جائزو 47

سنڌ ۾ واپار ۽ سماج، 1750ع کان 1843ع: وڻجارن جو ڪردار 52

بيٺڪيتي سنڌ ۾ هندو سماج: ڪجھ عام لاڙا 60

هندو وڻجارا ۽ نوآبادياتي دؤر ۾ سياسي ۽ معاشي حالت 64

حوالا ۽ سمجهاڻيون 70

## باب ٽيون

خراسان جو دروازو: شڪارپوري واپاري- سرشتو: 1750ع کان 1947ع تائين 77

شڪارپوري واپاري سرشتي جو ڦهلجڻ ۽ بُنياد 78

شڪارپوري ۽ وچ ايشيائي ملڪن جي تجارت: 1843ع کان 1890ع تائين 90

شڪارپوري واپاري وچ ايشيائي ملڪن ۾: 1880ع کان 1917ع تائين 93

شڪارپورين جون ايران، افغانستان ۽ سنڪيانگ ۾ واپاري سرگرميون 116

1917ع ۽ 1947ع جي وچ ۾ شڪارپوري واپاري- سرشتو 125

حوالا ۽ سمجهاڻيون 132

## باب چوٿون

پناما کان ڪوبي تائين: حيدرآباد جا سنڌورڪي 145

برطانوي قبضي کان اڳ حيدرآباد جو مشاهدو 145

پهرين مهاڀاري جنگ تائين واپاري- سرشتي جو ڦهلاءُ 149

سنڌورڪي واپارين جي 1918ع-1947ع تائين ڦهلجڻ، گهٽجڻ ۽ وصولي 176

سنڌورڪي واپاري- سرشتي ۾ ڪاروهنوار ۽ گنجائش 182

حوالا ۽ سمجهاڻيون 191

## باب پنجون

ٻن واپاري سرشتن ۾ واپاري جوڙجڪ ۽ ناڻي جي گردش جو طريقو 199


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

سجي دنيا ۾ پکڙيل ڏکڻ ايشيائي واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن ۾، سنڌي بيشڪ هر جاءِ تي وڏي پيماني تي موجود آهن. جيتوڻيڪ اُهي ظاهري طور ايڏو گهڻو ڏسڻ ۾ نٿا اچن، پر اُهي مکيه سياحتي ماڳن سميت خاص واپاري مرڪزن ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪينري ٻيٽن ۾، جنهن ڏانهن سجي يورپ جا سياح ڇڪجي اچن ٿا، اُتي وتن بازارن ۾ سوين دڪان آهن، جن ۾ اُهي ڏور- اوير وارن ملڪن سميت ٻين ملڪن کان گهُرايل سستيون اليڪٽرونڪ شيون وڪڻن ٿا. نائيجيريا ۾ انهن جو ملڪ جي مقامي مارڪيٽ جي معاشيات ۾ وڏو حصو آهي ۽ ڪپڙي جي صنعت ۽ ٻين شيون ٺاهيندڙ صنعتن ۾ سنڌن سيڙپڪاري تيل آهي. هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾، واپار تي چينين جي بالادستي هوندي به، سنڌي واپاري سرگرميءَ سان درآمدي- برآمدي واپار ۾ رڌل آهن. يونائيٽيڊ ڪنگڊم (انگلينڊ)، جتي ايشيائي واپارين جا ڪجهه شاهوڪار خاندان رهن ٿا، جن جي واپاري- اُپار چڱو ڏيان ڇڪايو آهي، سي پڻ انهيءَ ڏر يا برادريءَ سان واسطو رکن ٿا. دنيا ۾ اهڙا بلڪل ٿورڙا ملڪ آهن، جتي ڪنهن ماڻهوءَ جو ان برادريءَ جي واپارين سان مڪاميلو نه ٿيندو هجي. بهرحال، سنڌن ٻڻ بنياد سميت سنڌن واپاري سرگرمين جي ناهوڪي مختصر نوعيت، ڪنهن قدر ڳُجهو ۽ انداز رازداريءَ وارو آهي، ۽ اُهي عام طور مشهوريءَ کان لهرائين ٿا: ڏکڻ ايشيائي واپارين جي ڏرين يا برادرين بابت لکيل ادب ۾ سنڌي واپارين بابت عام طور تمام گهٽ لکيو ويو آهي. بهرحال هنن جي واپاري ڏاهپ ۽ سياڻپ، شانائتي ۽ ڏندڪٿائي آهي، ۽ هندستان ۾ اُهي چالاڪ ۽ هوشيار واپارين جي حيثيت سان مڃيل آهن ۽ سنڌن ناماچاري ۽ ساک ٻينل آهي.

اُهي جيتوڻيڪ هندو مذهب سان واسطو رکندڙ آهن، پر انهيءَ علائقي سان واسطو رکن ٿا، جيڪو هاڻي پاڪستان جو حصو آهي. جيتوڻيڪ اُهي هندستاني سڃاڻپ ۽ تشخص جي دعويٰ ڪن ٿا، پر ٻين هندستانين سان گهڻو ميلاپ ۽ لاڳاپا نٿا رکن، ۽ پاڻ‌جي ئو ته اُهي ڪائنن وٿيرڪا رهن ٿا، جيئن گجراتي منفرد ۽ واضح آهن، جيڪي ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جو چڱو حصو آهن. هي اڪثر فرض ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿو، تہ هنن جو دنيا ۾ پکڙجڻ 1947ع ۾ ورهاڱي جو نتيجو هو، جو ورهاڱي سبب کين پنهنجا اباڻا ڪک مجبوريءَ وچان ڇڏڻا پيا. بهرحال، 1930ع (1) ۾ پرڏيهہ ۾ ڇپيل هندستانين جي ڊائريڪٽريءَ جي مٿاڇري اڀياس مان مون کي پتو پيو، تہ سنڌن سڄي دنيا ۾ ڦهلاءُ ورهاڱي کان اڳ واري عرصي ۾ ٿيو هو ۽ ايئن آءُ سنڌن ڪهاڻيءَ جي کوج لڳائڻ تي مجبور ٿيس. مونکي هڪدم پتو پيو، تہ اڪثر سنڌي واپاري پنهنجو بُڻ بنياد ۾ اصليت صوبي جي هڪ خاص شهر حيدرآباد (جنهن کي حيدرآباد دکن جي ساڳئي نالي واري شهر سان وچڙائڻ نہ گهرجي) سان ٻڌائين ٿا. ٽالپر اميرن (1783ع کان 1843ع تائين) واري دؤر ۾ سنڌ جي راڄڌاني رهندڙ حيدرآباد، هاڻي ڏهن لکن کان بہ مٿي آبادي وارو شهر ۽ ڪراچي کان اُتر ۾ 150 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي. جڏهن تہ ٻيا واپاري شڪارپور سان تعلق رکن ٿا، جيڪو هاڻي اتر سنڌ جو ننڍڙو شهر آهي، ۽ سکر جي ويجهو آهي. ورهاڱي کان اڳ، اُهي شهر هندو واپارين جي انهن وڏندڙ ويجهندڙ شاهوڪار برادريءَ جا اباڻا ڪَکَ هئا، جيڪي سڄي دنيا ۾ سيڙپڪاريءَ ۽ واپار ۾ سرگرميءَ سان ملوث هئا. هنن ننڍن شهرن جي رهواسين جون وڏيون (عالمي) ڪاروباري سرگرميون اچرج ۾ وجهندڙ ۽ ڌيان لائق آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ اهي واپاري پنهنجي شهرن کان تمام گهڻو ڏورانهن ملڪن ۽ علائقن ۾، اڪثر انهن ملڪن يا جاين تي جتي ڪنهن بہ هندستاني اڳي پنهنجا پير نہ کوڙيا هئا، دولت ماڻڻ لاءِ شاندار واپاري سوچ رکندا هئا. جيتوڻيڪ هي ڪتاب واپارين بابت آهي، تنهن هوندي بہ منجهس وکري ۽ نفعي بابت رڳو خشڪ حقيقتون ۽ انگ اکر ڏنل نہ آهن، پر انهيءَ جو مقصد سڄي دنيا ۾ پکڙيل اهڙيءَ برادريءَ کي عالمي سطح تي سندن ثقافت، سندن مذهب سميت انهن طريقن کي سمجهڻ آهي، جن ۾ ڏِگهن- دائرن وارين مسافرين سان سندن خانداني زندگيون متاثر ٿيون هيون.

انهن ٻنهي شهرن ۾ سندن واپارين جي ڪهاڻيءَ، دانشورن جو پاڻ ڏانهن ڌيان نہ ڇڪايو آهي. انهيءَ نظراندازيءَ ۽ لنوائڻ جا سبب گهڻا ئي آهن، پر منجهانئن مکيہ سبب هيءُ آهي، تہ اهي مسلم اڪثريتي آبادي واري صوبي ۾ 'هندو' واپاري- سرشتا هئا، جيڪو صوبو 1947ع ۾ پاڪستان جو حصو بڻجي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هندو آباديءَ جي وڏي پيماني تي هندوستان ڏانهن پاڃ ٿي.

سمجهڻ جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ پاڪستان ۾ هندو واپارين ۾ قرض يا وياج تي پئسا ڏيندڙن جي تاريخ بابت تمام گهٽ دلچسپي ورتي وئي آهي، جن لاءِ عام طور سمجهيو وڃي ٿو، تہ اُهي صوبي جي مسلمان هارين جو استحصال ڪندڙ هئا. سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان سياسي اڳواڻ جي. ايم. سيد جي هڪ تقرير مان اقتباس ڏيڻ جوڳو آهي، جيڪو هن جون 1941ع ۾ سنڌ جي قانون ناهيندڙ اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي چيو هو:

'گذريل چاليهن سالن دوران هندوئن، مسلمانن کان چاليهه سيڪڙو زمينون ڦري ورتيون آهن. ۽ واڻين طرفان ڏنل قرض تي وياج ۽ وري ڳري وياج تي وياج مڙهڻ واري صورتحال کي ڏسندي، چئبو ته ڪڙمين ۽ هارين جي حالت مڪمل طور نڌڻڪائيءَ ۽ لاچاريءَ تي پهچي چڪي آهي. هاري نه رڳو پنهنجي لاءِ، پر واڻين لاءِ پڻ ڪمائي ٿو. واڻين جي ان ضابطي سبب تجارت تي بالادستيءَ ڪي، هڪ واڻيو پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استحصال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي، جيڪا ايڏي دولت ماڻي آهي، سا انصاف ۽ برابريءَ جي بنياد تي غريب ڳوناڻي جي ملڪيت هئڻ گهرجي. انهيءَ سموريءَ ڳالهه جي نتيجي ۾، مسلمان نااميديءَ طور غريب رهيا آهن. هن جي سرڪاري ملازمن تي غير تڪراري ضابطي سبب واڻيو، رشوت ۽ ٻين ذريعن وسيلي تمام گهڻي دولت ميڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، جيڪا هُو بنگلا ۽ محلات اڏائيندي ۽ ڪاڏي پيتي جي سامان ۽ لباس وڻڻ تي خرچ ڪندي سندن نمائش ڪري ٿو. ٻئي پاسي، اُهو غريب ڪُڙمي جيڪو ڏينهن رات پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري ٿو، تنهن وٽ رهڻ لاءِ نه سهڻو سيبتو ڪو گهر آهي ۽ نه ئي پائڻ لاءِ وٽس ڪي سُنا ڪپڙا آهن، ۽ ڳڏوڳڏ ڪيس کائڻ لاءِ مناسب کاڌو به نٿو ملي.' (2)

سيد جي هن مخالفاڻيءَ تقرير، مسلمان زميندارن يعني وڏيرن طرفان هارين جو استحصال ڪندڙ ڪردار ۽ سنڌ جي ڀهراڙين ۾ وڏيرو- واڻيو ڳنڍجوڙ جي وجود تي، سولائيءَ سان ڪارو پردو وجهي ڇڏيو. بهرحال اهي پڙاڏيل احساس هئا، جيڪي سنڌي مسلمانن ۾ تمام گهڻو ڦهليل هئا. مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته اهو معلوم نٿو ٿئي، ته سيد انهيءَ ڳالهه کان باخبر هو، ته سنڌ جي اڪثر هندو واپارين سنڌ ۾ ڪڙمين يا هارين جي استحصال مان نه، پر عالمي واپار ۽ سيڙپڪاريءَ مان دولت ڪمائي هئي. هيءَ ڳالهه خاص ڪري حيدرآباد ۽ شڪارپور جي واپارين بابت صحيح هئي.

جيڪڏهن هنن واپارين جي ڪهاڻيءَ کان پاڪستان ۾ وڏي پيماني تي اڻڄاڻائي رهي، ته انهن سان هندستان ۾ پڻ چڱو ورتاءُ نه ڪيو ويو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي هندو بمبئيءَ ۽ راجستان ڏانهن اجتماعي طور ويا، جتان وري اڪثر واپاري پوءِ نندي ڪنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن پکڙجي ويا. اُهي مڪمل تحفظ ۽ پنهنجي تاريخي بنيادن يا پاڙن جي ڳولها ۽ هندستان منجهه پنهنجي پاڻ مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ۾، گهڻو وقت وقف ڪندي، مصروف رهيا آهن. هنن جي اُن ڪوشش ۾ تاريخي اشتياق


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيٽ ۾ وطن جي اُڪير ۽ تمنا جو رويو وڌيڪ هو. (3) جيستائين هندستان جي پڙهيل لکيل طبقي جو تعلق آهي، ته هنن اڻ- ورهايل هندستان جي انهن علائقن جي تاريخ سان، جيڪي علائقا پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئا، تن کي 'پرڏيهي' تاريخ جي حيثيت سان سمجهيو ۽ انهن ۾ (پنجاب جي تاريخ جي جزوي مثال سان گڏ) تمام گهٽ دلچسپي ڏيکاري.

بهرحال، هن اڀياس جو مقصد بنيادي طور گهٽ- ڄاڻندڙ پُل ۽ ويسر ڪان بچائڻ ۽ گهڻن طريقن سان ڪهاڻيءَ کي مزيدار ۽ وڻندڙ بڻائڻ نه آهي. هن اڀياس جي مکيه خواهش، دنيا جي مختلف علائقن ۽ هندستان وچ ۾، واپارين ۽ تجارتي لاڙن جي ڊگهي عرصي کان وڏي پيماني تي ٿيندڙ گردش جي موجودگيءَ تي ڌيان ڏيڻ آهي، سو اهڙو مظهر آهي، جيڪو ڏيهي ۽ بينڪيتي حڪومتن وچ ۾ عارضي تبديليءَ واري عرصي تي ڦهليل آهي. شڪارپوري ۽ حيدرآباد جا واپاري- سرشتا، بين ڪيترن ئي سرشتن منجهه، هندستاني واپاري- سرشتي جا رڳو ٻه مثال آهن. اُهي سرشتا انهن مسئلن تي قابو پائڻ ۾ ڪامياب ٿيا، جيڪي بينڪيتي حڪمرانيءَ جي شروعات ۽ يورپي- بالادست عالمي سرمايدار معاشيات منجهه نفعي وارا ناتا ڳولڻ سان پيدا ٿيا هئا.

جيئن ته واپاري- سرشتي جو اڀياس، ڏکڻ ايشيائي واپارين جي اڀياسن ۾ وسيع ۽ ڦهلجندڙ ميدان آهي، چوته واپاري سرشتن جي تاريخ تي تمام گهٽ ڌيان ڏنو پيو وڃي. 1980ع ۽ 1990ع ۾ مشهور 'عالمي' سرمايدار معاشيات جي اڀار کي ڄاڻائيندي ڏسبو، ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڏي پيماني تي پکڙيل واپارين جي ڏرين جو ڪردار، مختلف جاگرافيائي علائقن وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ جي وهڪري پيدا ٿيڻ سان وڌيڪ ڌيان جوڳو بڻيو آهي. پرڏيهي چيني برادرين خاص ڪري وسيع دانشورانه ادب تي ڌيان ڏنو آهي. جڏهن ته انهن چيني اڀياسن ۾، نسلي- موڙيءَ جي عالمي پُهچ ۽ وطن توڙي واپاري طبقي وچ ۾ ناتن تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي، چوته هن مواد ۾ علائقائي سڃاڻپ ۽ تشخص، جيئن ڪينٽونيز، هوڪيئن، يا هَڪا، يا شهرن تي ٻَڌل مقامي تشخص (جيئن تشيڪيانگ ۾ وينزائو) برادرين جي جوڙجڪ ۽ ڀائيچاري وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏيڻ جو لاڙو موجود آهي. (4) ٻئي پاسي، ڏکڻ ايشيائي واپارين جي تازي اڀياس ۾، (5) هڪ واپاري طبقي جي موجودگيءَ کي سمجهڻ ۽ عالمي معاشيات سميت جزوي- قومي تشخص جي موجودگيءَ ڏانهن ڏکڻ ايشيائي برادرين جي ڪردار بابت، رڳو ٿورو ڌيان ڏيڻ جو لاڙو موجود آهي. بي. وان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرِ وير پنهنجي تازي ڪتاب جي تعارف ۾ 'اختلاف سچا ۽ اهم آهن ۽ ڪين سنجيدگيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي' ڪي مڃيندي به 'ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي جوڙجڪ کي تحليل جي نُڪتي تائين ڦَتائڻ جي خواهش نه رکڻ' جي دعويٰ ڪري ٿو. (6)

هن اپياسي ڪم ۾، آءُ تحليل جي نُقطي تائين پيچ ڍاهه وارو ڪم هٿ ۾ کڻڻ جو ارادو رکان ٿو، پر جديد دنيا جي ڪنهن ذاتي ڪان ٻاهر جوڙجڪ ڦتائڻ يا بگاڙڻ جو نه، چوته مونکي لڳي ٿو، ته ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جو گڏيل ۽ متفق خيال، تاريخي مواد جي بگڙيل نُڪتي ڏانهن مائل رهيو آهي. اهڙي متفق ۽ گڏيل خيال جي پيچ ڍاهه جا دليل تمام گهڻا آهن، پر پوءِ به انهيءَ جي مخالفت ۾ هڪڙو طاقتور دليل موجود آهي، جنهن کي هڪدم رد نٿو ڪري سگهجي. اهو دليل خاص طور هي آهي، ته ڏکڻ ايشيائي لڏي آيل واپاري، قومپرستيءَ کي پنهنجي حقن لاءِ وڙهڻ ۽ پاڻ کي طاقتور ڪرڻ جي ذريعي طور، شهري ۽ انسان ذات هئڻ جي حيثيت سان واپرائيندا هئا. مثال طور: خاص ڪري 'واپاري طبقي جي قومپرستي' اهڙو ڪردار هندستان ۾، قومي اڳواڻ جي حيثيت سان گانڌيءَ جي اُڀار م نڀائي ٿي، تنهن کي رڳو تصوراتي پيداوار جي حيثيت سان نٿو سمجهي سگهجي. بهرحال، هندستاني واپاري طبقي جي هندستاني قومپرستيءَ جي اُڀار ۾ اصلي شرڪت، ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي گڏيل خيال جي قانوني دعويٰ جي ثابتي نه آهي.

واپاري طبقي جي متفق خيال بابت ٽي مک دليل موجود آهن. سڀ کان پهريون هي آهي، ته تاريخ جي ڪنهن به ڄاڻايل گهڙيءَ ۾، جيئن اوڻيهين صديءَ جي شروعات کان وٺي مشهور واپاري طبقي ۾ شامل اڪثر ڏکڻ ايشيائي مستقل نه، پر عارضي لڏپلاڻيندڙ هئا. جيڪي ننڍي ڪند کي محدود عرصي لاءِ، وري واپس ورڻ جي پڪي ارادي سان ڇڏيندا هئا. منجهانئن اڪثر واقعي موٽي ايندا هئا، پر جڏهن موڪل ختم ٿيندي ٿي واپس هليا ويندا هئا. عارضي لڏپلاڻ 1830-1950ع واري عرصي ۾ هندستان کان روانگيءَ جو نوي سيڪڙو سمجهي وئي هئي. (7) جيتوڻيڪ 1850ع کان اڳ واري دؤر جا پروسي جوڳا انگ اکر موجود نه آهن، تنهن هوندي به امڪاني روانگيءَ جي انگ کي وڏو حصو سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ مان 'واپاري طبقي' جي درجابنديءَ جي واهپي جي قانوني حيثيت تي شڪ پوي ٿو، جيڪا تصوراتي يا حقيقي وطن کان ڊگهي مُدي تائين طبعي علحدگيءَ جي چوڏاري گهُمي ٿي، ۽ هي ڳالهه واقعي ڪنهن جاءِ تي عارضي طور رهڻ يا وسرام وٺڻ جي ڏيک سان واقعي ٺهڪجندڙ آهي. ڏکڻ ايشيا ۽ ٻي دنيا وچ ۾ ماڻهن جي حرڪت، 'لڏپلاڻ' جي تهه کان وڏيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’گردش‘ جي تھہ سان واسطو رکي ٿي. ھي اھم نُڪتو آھي، جيڪو اڪثر نظرن کان غائب ٿيندو رھيو آھي.

دانشوراڻي مواد ۾ گردش واري مظھر جو مٿاڇرو اپياس، دانشورن جي نظرياتي جوش ۽ سوچ توڙي ماخذن واري نوعيت جي گڏيل اثر ڏانھن منسوب ڪري سگھجي ٿو. واپاري- سرشتي واريءَ تاريخ جي شاگردن، وڏي پيماني تي خاص ڪري سرڪاري تاريخي دستاويزن تي ڀروسو ڪيو آھي، جيڪو مواد گھڻو ڪري لڏپلاڻ جي طريقن سان واسطو رکي ٿو، جنھن جي خاص ڪري برطانوي شھنشاھ جي خط- استوائي حڪومتن ڏانھن اقرار نامي واري لڏپلاڻ سبب بينيڪي رياستن جوڙجڪ ڪئي ھئي يا اُھي منظور ڪري لاڳو ڪيا ويا ھئا. جنھن جو نتيجو ھندستان مان لڏپلاڻ ٿيڻ سميت ڏکڻ ايشيائي نسل جي آباديءَ وارن ٽولين جي وڏي پيماني تي آبادڪاري نڪتو ھو. جيتوڻيڪ آبادڪاري پنھنجي طور غيررضاڪاراڻي ھوندي ھئي، پر شروعات کان آبادڪاريءَ وارن مقصدن جي حيثيت سان، انھن حرڪتن کي اصلي صورت ۾ ٻيھر جوڙڻ جو لاڙو شامل رھيو آھي. بھرحال، ھي ڏورانھون- منطقي نظارو آھي، جيڪو وڏي پيماني تي غلط رستي ڏانھن وٺي ويندڙ آھي. وڏي پيماني تي ھندستاني برادريءَ ۽ دستاويزن ھيٺ آيل ملڪيت جي موجودگيءَ مان سولائي سان وضاحت ٿئي ٿي، تہ اھي ڪھڙا سبب ھئا جن جي انھن طريقن جي اپياسي ميدان تي بالادستي ھئي. پرڏيھہ ۾ رھيل ھندستاني برادرين ۾ ’اڪنڊ پارت‘ جو نظريو مضبوط ھو، تنھنڪري سماجي ماھرن وٽ ان ڳالھہ جي پرک ۽ آزمائش لاءِ ڪوششن جو ميدان موجود ھو، تہ ڪيئن ذات پات جھڙن سماجي ادارن ارتقا ڪئي ھئي، جن بابت ھي مفروضو ھو، تہ اھا ھندستان جي منفرد خاصيت آھي، جنھن مختلف سماجي صورتحال اختيار ڪئي ھئي. ھنن ھندو مذھب مان نڪتل روين، خاص ڪري ھندو مت کي بدليل تناظر ۾ ڏسڻ تي تمام گھڻو ڌيان ڏنو.

ٻئي پاسي، اُھي تحريڪون جن کي رياست منظم نہ ڪيو ھو يا سندن گھٽ نگراني ڪئي وئي ھئي، سي وڏي پيماني تي ڌيان مان کسڪي ويون. گردش جي نظراندازيءَ کي بہ، ’ھندستان‘ يا ’ڏکڻ ايشيا‘ جي اوڻيھين صديءَ ۾ جنھن طريقي سان جدا تھذيبي تشخص جي حيثيت ۾، جنھن جا ٻيءَ دنيا سان تمام ٿورڙا تعلقاتا ھئا، جوڙجڪ ٿي ھئي، ڪافي مَنھن ڏيڻو پيو. ھيءَ جوڙجڪ، جنھن ڏانھن مشرقيت ۽ قومپرستي ھڪ جيتري منسوب ڪيل ھئي، تنھن ساڳئي مظھر ۽ وچوٽي يا سيمي لاءِ گھٽ جاءِ نہ ڇڏي ھئي. سوچ جي ھن بالادست لاڙي عمل ۽ تاجي پيٽي ۾ ڏکڻ ايشيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پاڻ هڪ دنيا هئي؛ ڪو ماڻهو منجهس هو يا وري ڪانئس ٻاهر. جڏهن ته حقيقت ۾ لکين ماڻهن لڳاتار نندي ڪنڌ ۽ پاڙيسري علائقن يا وري دنيا جي ڏورانهن علائقن وچ ۾ لڳاتار گردش پئي ڪئي. اهو سچ آهي، ته هيءَ گردش نندي ڪنڌ جي خاص علائقن تائين- گهڻو ڪري گجرات، ڪونڪان، مالابار ۽ ڪورومنڊل، اتر اولهه هندستان جي ڀاڱن سميت اترين هندستان جي علائقي پوچ پور جي ساموندي علائقن تائين وڏي پيماني تي ٿي هئي. هيءَ هڪڙو جزوي سبب آهي، ته ڇو علائقائي ۽ ڏکڻ ايشيا کان ٻيندڙ لڏپلاڻ جي جزوي- علائقائي تناظر تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي گڏيل خيال جي پيچ ڏاهه ۾ طريقيڪار جي تبديليءَ جو مطلب نڪري ٿو. جيئن اڪثر مروج اپياسن ۾ ڪيو وڃي ٿو، ته رعايتون ڏيڻ بجاءِ نندي ڪنڌ کان مجموعي روانگي جي بلڪل نندي حصي ۾ شامل مشهور ’مستقل‘ لڏپلاڻ ڪندڙن جي اُن نُقطي تي تحقيق ڪي هڪ جيترو ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن هيٺ انهن علائقن ۽ ماڳن مان واپس موٽڻ جي ارادي سان لڏپلاڻ ڪندڙن، جنهن منجهانئن اڪثر حقيقتن ۾ بدلايا ويا هئا، وچ ۾ گردش جي مستقل وهڪرو جاري رهندو هو. اُهي لڏپلاڻ ڪندڙ، جيڪي اڪثر وڏي پيماني تي ڪافي گردش ڪندا هئا، ۽ جيڪي پاڻ کي ڊگهي عرصي تائين ڪنهن هڪ علائقي تائين ٻَڌل نه رکندا هئا. اهڙي تبديلي، لڏپلاڻ واري طريقي ۾ جنس جي ڪردار کي اهميت ڏيندي هئي. جڏهن ته پرڏيهه لڏي ويندڙ عورتن، جنهن کي اڪثر وساريو ويو آهي، تنهن تي مواد ۾ زور ڏنل آهي، جيتوڻيڪ ملڪ ڇڏيندڙن مان اڪثر مرد ماڻهو هوندا هئا. تنهن هوندي به جيڪي عورتون پوئتي گهرن ۾ رهنديون هيون، سي لڏپلاڻ واريءَ ڪهاڻيءَ جو جهجهو حصو آهن.

آءُ سختيءَ سان هيءُ دليل ڏيندس، ته علائقن ۽ ماڳن جو، مذهب جي ڀيٽ ۾، لڏي ويندڙ ماڻهن جي تشخص جوڙڻ ۾ اهم حصو هوندو هو. جيتوڻيڪ مذهب کي مروج ادب ۾ گهڻي مشهوري ڏني ويئي آهي. معلوم ٿو ٿئي، ته اڪثر ليکڪ مذهبي درجابنديون کي- جيئن مسلم، هندو يا سِک، واپاري طبقي ۾ تفاوت جو اهم عنصر سمجهن ٿا. هندوءَ جي خيال وسيلي، ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي خيال کي جاءِ ڏيندي، ڪنهن مسلمان يا سِک واپاري طبقي کي بهتر انداز سان سمجهڻ جو سُنو نتيجو نه نڪرندو. ڊبليو. ايچ. مئڪليوڊ سِک واپاري طبقي (8) جو خيال واپرائڻ تي بلڪل صحيح طريقي سان تنقيد ڪئي آهي، ۽ تنقيد جو ساڳيو انداز مسلمان ۽ هندو واپاري طبقي تي به لاڳو ڪيو آهي. گجرات کان لڏي ايندڙن ۾، پوءِ ڀلي اُهي هندو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان يا جين مت جا هجن. لڏپلاڻ وارا سنڌن تجربا، جيئن گجراتي هندوءَ کي پوچپوري هندوئن سان يا گجراتي مسلمان کي پوچپوري مسلمان سان هٿڻ جي پيٽ ۾، ساڳيا عام هوندا هئا. پر علائقائي نسل پرستي ورلي انهن پکڙيل ڏکڻ ايشيائي واپارين جي تشخص جي جوڙجڪ جو بنياد هوندي هئي. لڏي ايندڙن جي اصلي بنياد جو تجزيو، علائقي سطح کان جزوي- علائقي تائين، ننڍڙي علائقي يا مقامي سطح کان به اڳتي ڪرڻ گهرجي، ڇوته اها ايترو ته هيٺين سطح جي هوندي هئي، جو لڏي ايندڙن جي تشخص جي حقيقي طور وضاحت ڪندي هئي. اڪثر ڏکڻ ايشيائي لڏپلاڻ ڪندڙ، اتر آمريڪا ڏانهن ويندڙ برطانوي يا آئرش لڏيندڙن جي ابتڙ، ڪنهن ٻئي جاءِ تي بهتري زندگيءَ ناهڻ جي اميد ۾ پنهنجو ملڪ يا علائقو ڇڏيندا هئا. سنڌن خواهشون پنهنجي علائقي ۾ شهري ملڪيت ۽ زرعي زمين جي ٽُڪرن، پنهنجي پيڻ جي بهتر مستقبل، سٺي گهر مان شادي ۽ سُٺن گهرن جي جوڙاري مرڪوز ٿيل هوندي هئي. هيءَ ڳالهه جيتري قدر شاهوڪار واپارين لاءِ سچ هوندي هئي، اوتري ئي غريب زرعي پورهيتن لاءِ به سچ هوندي هئي. لڏپلاڻ ڪندڙن وچ ۾ ڀائيچارو عام طور منجهن سُني انداز ۾ ننڍڙي دائري ۾: ساڳئي ڳوٺ، ساڳئي شهر ۽ ساڳئي لڏپلاڻ ڪندڙ جهاز ۾ (اقرارنامي وارن پورهيتن جي حالت ۾) موجود هوندو هو. نسل پرستي ۽ مذهب، برادري يا ذات- پات جي ڪردار جيان، اهم جوڙجڪ ڪندڙ عنصر نه هوندا هئا، اهي وڏي پيماني تي هڪ ڏُر کان ٻي ڏُر وچ ۾ مختلف ٿي سگهن ٿا.

واپاري طبقي جي ڳڏيل خيال منجهه ضروري پيچ ڏاهه ۾ ٿيون رُخ، ڏنڏي ۽ طبقي تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو. ڏکڻ ايشيائي ملڪن کان لڏپلاڻ ڪندڙن جو ننڍي ڪنڌ جي مختلف سماجي طبقن سان تعلق هوندو هو، ۽ اُهي مختلف ڏنڏن ۾ بهرو وٺندا هئا. ۽ اهي اختلاف عام طور واپاري طبقي ۾ ڊگهي عرصي تائين رهندا هئا. 1950ع کان اڳ، لڏپلاڻ جا ٽي وڏا وهڪرا هوندا هئا: غير هنرمند پورهيت (گهٽو ڪري زرعي پورهيت)، سڪيل ۽ سيڪڙات پورهيت ٻئي درجي ۽ هيٺين درجي جي ڏنڏن ۾ واپاري ۽ تجارتي ملازم شامل هوندا هئا. وچين طبقي جي مختلف ڏنڏن ۾ ملوث ماڻهو، جيتوڻيڪ متانهين جاءِ تي هوندا هئا، تنهن هوندي به اهي ننڍو ٽولو هوندا هئا. هندستان کان لڏپلاڻ ڪندڙ اڪثر ماڻهو زرعي پورهيت هوندا هئا، جيڪي پاڙيسري ملڪن سيلون، برما يا ملايا، جن کي مشهور ڪانگاڻي لڏپلاڻ ڪندڙ چيو وڃي ٿو، يا برطانوي شهنشاهيت جي ڏورانهين ڪنڌ جي بينڪين (گڏوگڏ ڪجهه فرينچ ۽ ڊچ بينڪيتن) ڏانهن اقرارنامي وارن معاهدن تي ويندا هئا. سيڪڙات يا هنرمند پورهيتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لڏپلاڻ پڻ ٿيندي هئي، جنهن ۾ انتظامي ملازم بہ شامل هوندا هئا. جيڪي ايشيائي ۽ وچ اوڀر جي مختلف ملڪن ڏانهن ويندا هئا. عالمي تيل جي معاشيات، 1970ع ڌاري خليجي ملڪن ڏانهن لوڏون اچڻ کان گهڻو اڳ، هندستاني پورهيتن تي پروسو ڪرڻ شروع ڪيو هو. (9) هندستان کان وڏي پيماني تي حفاظتي عملي جي گردش، جن ۾ سپاهي، پوليس وارا ۽ چوڪيدار شامل هوندا هئا. سي پڻ ان وهڪري جو حصو آهن. ٽيون مکيہ وهڪرو واپارين ۽ تجارتي ملازمن جو هوندو هو، جيڪو پنهنجي پاڻ ۾ وڏي پيماني تي ماڻهن جو ورڇيل ٽولو هوندو هو، جنهن ۾ واپاري ماڻهو، ننڍا دوڪاندار ۽ دڪانن جا نائب شامل هوندا هئا.

هن اڀياس مان بنيادي طور اهي طريقا ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي، جنهن هيٺ ڏکڻ ايشيائي واپارين جون ڏريون، يورپي- بالادست عالمي معياشت ۾ پنهنجا لاڳاپا جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيون هيون. انهيءَ طريقي سان هيءَ اميد آهي، تہ ڪجهہ وڏيڪ عام مفادن وارين حقيقتن، جيئن عالمي معيشيت ۾ ايشيائي واپارين جي ڪردار يا عالمي واپاري- سرشتن جي نوعيت تي روشني وڌي ويندي. هڪڙي مشهور دانشور (10) واپاري طبقن جي دنيا جي اڀياس ۾ پيش ايندڙ طريقيڪار جي مسئلن کي معنائتي ۽ ڳردار حد تائين سهيڙيو ۽ سندن ڪاٿو لڳايو آهي. هو لکي ٿو تہ: 'ڪوجنا ڪندڙ کي سموري واپاري طبقي جي وسيع، اڻتر مافوق الفطرت وارن تفصيل..... يا برادريءَ جي واپاري- سرشتن منجهہ واپاري طبقي کي جوڙيندڙ هڪ برادريءَ وچ ۾ چوندڊ ڪرڻ جي مسئلي سان منهن ڏيڻو پوي ٿو'. ڪو ماڻهو هن ڳالهہ مان رڳو هيءُ نتيجو ڪڍي سگهي ٿو تہ: 'بنهي سوچن جو ميلاپ ضرور ٿيندو'. هن اڀياس ۾، جڏهن بالادست سوچ عام قسم جهڙي ٿيندي، تہ اُهو خاص مقامي ٻڌيل برادرين جي گهرائيءَ واري ننڍڙي اڀياس سان ڳڏجي ويندو. نظر ان خيال کان نہ هٽندي، تہ حقيقت ۾ انهن وسيع حد وارن واپاري- سرشتن جون، ڏکڻ ايشيا جي مقامي حقيقتن ۾ گهرائيءَ سان پاڙون کُتل هيون. اهڙيءَ ريت، هيءَ ڳالهہ پڻ بنهي مقامي سطحن تي ذهن ۾ رکڻ ضروري ٿيندي، تہ ڏکڻ ايشيا ۾ توڙي ننڍي کنڊ کان ٻاهر واپارين جو تشخص، جنهن جي وضاحت ڪئي وئي هئي ۽ جيئن سندن سماجي تعلقات جُڙيا هئا، تيئن ئي عالمي سطح تي موجود عالمي معياشيات ۾ سندن سرگرمين پنهنجي مڪمل معنيٰ ورتي. اهڙيءَ ريت مقامي تاريخ کي عالمي تاريخ سان جوڙڻو پوندو، توڙي ڪٿي 'قومي' تاريخ جي سطح، جيڪا گهڻي حد تائين هن حالت ۾ بي معنائتي آهي، سا نظرانداز ڪئي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڀنهي عالمي واپاري- سرشتن جي تاريخ جو اڀياس، انيڪ پڪڙيل ماخذن جي استعمال ۾ سهولت ڏئي ٿو. جيئن ته ڪجھ واپارين کان انٽرويو ڪيا ويا هئا، تنهنڪري پتو پيو ته زباني ثابتيون مکيه وسيلو ٿيڻ لاءِ غير ڀروسي جوڳيون آهن. خانداني دستاويزن ۽ ڪاغذن جي ڳولا واريءَ ڪوشش ڪامياب نه ٿي. بهرحال، واپارين جي تاريخ لکڻ، ڪنهن به صورت ۾، ائين هن ڪتاب جو مقصد نه هو. ٻئي پاسي، سرڪاري مواد جي وسيع پيماني تي ڳولا مان اُن حقيقت جي هوندي ڪجھ اڃرج ۾ وجهندڙ نتيجا نڪتا، ته سنڌي واپارين ڏي سرڪاري ڌيان گهٽ نه ڇڪيو هو. جن ٻن مکيه ماخذن کان ظاهري طور دانشور اڻڄاڻ رهيا، سي مصر ۾ برطانوي قونصلر عدالت جو مواد آهي، جيڪو حيدرآبادي واپارين، جيڪي سنڌورڪين جي نالي سان مشهور آهن، تن بابت مواد جو خزانو مليو، جو ته سنڌورڪي واپاري اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾ مصر ملڪ ۾ واپار ڪندا هئا. ساڳيءَ وقت انڊيا آفيس رڪارڊ مان روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڏيهانت ڪندڙ شڪارپوري واپارين سان لاڳاپيل دستاويز مليا. ٻين انيڪ ماخذن، ٻئي ڇپيل (جيئن تجارتي ڊائريڪٽريون) ۽ اڻ ڇپيل (جيئن فرمن جون تاريخون) انهن واپارين جي اڪثر ڏُنڌاتيل ۽ مُنجهيل تاريخ کي ٻيهر جوڙڻ ۽ سنڌ ۽ ٻيءَ دنيا وچ ۾ سندن ٿيندڙ گردش کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي ٻيهر جوڙجڪ ضروري طور جزوي آهي: تمام گهٽ مواد، جيڪو اڻتر طور موٽڻ جوڳو نه آهي، سو وچائجي چڪو آهي. بهرحال، منهنجو مقصد ڪهاڻيءَ جي سمورن خالن کي ڀرڻ نه، پر سندس معنائتو خاڪو جوڙڻ آهي.

ڪتاب جو پهريون ڀاڱو اوائلي تاجي ٻيٽي ۽ جوڙجڪ تي نظر وجهي ٿو، جن ۾ ٻنهي واپاري- سرشتن ارتقا ڪئي. ڏکڻ ايشيائي واپارين ۽ سندن عالمي واپاري- سرشتي جي عام جائزي سان شروعات ڪندي، عام تاريخي نقطي نظر ۾ شڪارپور ۽ حيدرآباد شهرن ۾ ٿيندڙ ترقيءَ تي روشني وڌي وئي آهي. پوءِ، سنڌ جي علائقائي تناظر کي سمجهڻ ڏانهن اڳتي قدم وڌائيندي علائقي جي معاشي، سماجي ۽ سياسي تاريخي رُخ تي ڌيان ڏجي ٿو، جنهن تي مروج تاريخي ڪتابن ۾ گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. اهو هندو واپارين ۽ سندن بينڪيتي کان اڳ ۽ بينڪيتي سنڌ ۾، هندو واپارين کي پنهنجي صوبي کان ٻاهر موقعا ماڻڻ ڏانهن وٺي ويندڙ عنصرن کي کولي ٻڌائڻ تي خاص طور روشني وجهي ٿو.

ٻيو ڀاڱو ارڙهين صديءَ جي اڌ ۽ ويهين صديءَ جي اڌ وچ ۾ ٻنهي واپاري-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشتن جي تاريخ تي روشني وجهي ٿو. پهرين شڪارپوري واپاري- سرشتي جي تاريخ تي نظر وڌي وجي ٿي، جو اُن سرشتي دراني افغان شهنشاهيت جي اُڀار واري عرصي دؤران ترقي ڪئي ۽ وڌيو ويجهيو. ۽ 1800ع ۽ 1870ع جي وچ واري عرصي ۾، وچ ايشيائي ملڪن ۾ پنهنجي پاڙ کي مضبوط ڪيو. 1880ع ۽ 1917ع جي وچ واري عرصي ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين طرفان نيايل ڪردار تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. گڏوگڏ چيني سنڪيانگ ۽ ڏاڪٽي- اوير ايران، روسي انقلاب، جنهن جي نتيجي ۾ ڪين تمام گهڻو نقصان پوڳڻ پيو، ۽ 1920ع ۽ 1930ع ڌاري سندن هندستان ۾ بيهر جوڙجڪ واري ڪردار سان لاڳاپيل واڌ ويجهه تي روشني وڌي ويئي آهي. سنڪيانگ ۾ 1933ع ۾ تينڊڙ بغاوت، جنهن جو نتيجو اُن علائقي مان سندن روانگي نڪتو، تنهن تي پڻ ڌيان ڏنو ويو آهي. هوڏانهن، سنڌورڪي واپاري- سرشتي ۾، سنڌ تي برطانوي والار ۽ سنڌ کي بينڪيتي پس منظر ۾ ونڻ واري عرصي دؤران، آيل اُڀار سميت 1880ع ۽ 1930ع جي وچ واري عرصي ۾ سندن عالمي سطح تي تيل ڦهلاءَ تي پڻ ڌيان ڏنو ويو آهي.

ٽئين ڀاڱي ۾ ٻنهي واپاري- سرشتن جي ڪجهه عام خاصيتن تي جوڙجڪ واري پس منظر ۾ ڌيان ڏنو ويو آهي. واپاري تنظيم ٽيڻ تي فضائي ڦهلاءَ جي اثر تي نهارڻ ڪانپوءِ، مالڪن ۽ ڀڳهاردار ملازمن وچ ۾ معاهدن ۽ ڀائيواريءَ جي اڀياس ڪرڻ وسيلي، سنڌي واپارين جو واپار وارو باترتيب اڀياس، تاريخي ماخذن ۾ لڏل محدود مواد جي بنياد تي ڏنل آهي. پوءِ، ڌيان جو مرڪز سنڌي واپارين جي، برطانيا سان ۽ پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ ڪيل ڪوشش سان لاڳاپيل سياسي ڪردار واري سوال ڏانهن ڦيرايو ويو. هڪڙو حصو پاناما جي سياست ۾ سندن مداخلت جي اڀياس تي آڌاريل آهي. پڇاڙيءَ ۾، ٻنهي واپاري- سرشتن ۾ جنس ۽ برادريءَ، خاص ڪري ڀائيچاري ۽ پيروسي جي وچ ۾ تعلقاتن ۽ 'شهوتي معاشيات' جي مسئلن بابت نقطي نظرَ کي جاچايو ويو آهي. جڏهن تہ پڇاڙيءَ تي لکيل ٻن اکرن ۾، مختصر طور 1947ع کان پوءِ سڄي دنيا ۾ ڦهليل سنڌي واپاري طبقن جا ڪجهه انگ اکر ڏنل آهن.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. S. A. Waiz (comp.), Indians Abroad Directory, Bombay, 1934.
2. Quoted in S. Z. Lari, A History of Sindh, Karachi, 1994, p. 188.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. وطني حُب جي اُڪير ۾ لکيل ادب جو ڏاڍو سُٺو مثال ڪي. آر. ملڪاڻي جو ڪتاب "سنڌ ڪهاڻي" دهلي، 1984ع آهي.

4. For an overall view, see in particular L. Pan, Sons of the Yellow Emperor: the Story of Overseas Chinese, London, 1990, and Wang Gungwu, China and the Chinese Overseas, Singapore, 1991.

5. Among recent contributions, se C. Clarke, C. Peach and S. Vertovec (eds.), South Asians Overseas: Migration and Ethinicity, Cambridge, 1990; S. Vertovec (ed.), Aspects of the South Asian Diaspora, Delhi, 1991; R. Ballard (ed.), Desh Pardesh: The South Asian Presence in Britain, London, 1994; P. Van der Veer (ed.), Nation and Migration: The Politics of Space in the South Asian Diaspora, Philadelphia, 1995. See also for a review of the literature, R. K. Jain, Indian Communities Abroad: Themes and Literature, Delhi, 1993.

6. P. Van der Veer, 'Introduction: the Diasporic Imagination', in Van der Veer (ed.), Nation and Migration, pp. 7-8.

7. See K. Davis, The Population of India and Pakistan, Princeton, 1951, Table 35, p. 99.

8. He writes: 'We need to be aware that when we talk about Sikh migration we are choosing to use an imrecise adjective.' See W. H. McLeod, 'The First Forty Years of Sikh Migration', in N. G. Barrier and V. A. Dusenbery (eds.), The Sikh diaspora: Migration and Experience Beyond the Punjab, Delhi, 1989, p. 32. For a more recent discussion, see V. A. Dusenbery, ' A Sikh Diaspora? Contested Identities and Realities', in van der Veer (ed.), Nation and Migration, pp. Constructed 17-42.

9. تيل جي عالمي ڪمپني "شيل" جي اصل مالڪن جي اداري ايشياٽڪ پيٽروليم ڪمپني، 1890ع ڌاري ملبار مان پنهنجن ملازمن جي ڀرتي شروع ڪئي؛ ۽ 1920ع ڌاري وٽن ڏچ ايسٽ انڊيز ۾ بورنيو آئل فيلڊ ۾ ڪيرالا جا هزارين پورهيت ڪم ڪندڙ هئا.

10. Diasporas', in C. Meillassoux (ed.), The Development of Indigenous Trade and Markets in West Africa, London, 1971, p. 269.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

# ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتا

ڏکڻ ايشيائي واپارين جون انيڪ صدين کان وسنديون، هندستان ۽ چين جي ڪيترن ئي سامونڊي بندرگاهن تي موجود هيون. اهي واپاري، هندو توڙي مسلمان سدائين ڏکڻ ايشيا جي پنهنجن علائقن سان ويجها ناتا رکندا هئا، جن سان سندن تعلق هوندو هو. واپاري- سرشتو بندرگاهن تي يا وري نندي ڪنڌ جي ميداني شهرن ۾ هوندو هو، جيڪو وسيع مفاصلن تي ڦهليل هوندو هو. گجرات ۽ ڪورامنڊل جا سامونڊي علائقا، اُهي بہ علائقا هئا، جتان اڪثر واپاري وسنديون اُڀريون. پندرهن صديءَ کان پوءِ، سنڌ پڻ ڏکڻ ايشيائي واپارين جي وڏنڊڙ طبقي ۾ شرڪت ڪئي. مغل بادشاهت واري عرصي دؤران، ڪجهہ هندستاني واپارين ايران ۽ طوران ڏانهن ويندڙ ڪجهہ ميداني رستن جي راهہ ورتي، ۽ زمين سان بَدل نئون واپاري سرشتو وڏيو ويجهيو. ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري اُتر سنڌ جو ننڍڙو شهر شڪارپور انهن ميداني شهرن ۾ واقع واپاري- سرشتي جو مکيہ مرڪز بڻجي ويو. 1860ع ڌاري اٽڪل هڪ سؤ سالن کان پوءِ، سنڌ جو هڪڙو ٻيو ميداني شهر حيدرآباد بہ نئون عالمي واپاري- سرشتو بڻجي پيو. تنهنڪري، هن باب جو مرڪزي ڏيان واپاري- سرشتي ۽ سندن واپاري سرگرمين جي وضاحت سميت واپاري- سرشتي ۾ وقت سان گڏوگڏ ٿيندڙ ارتقا، سنڌ جي ٻنهي واپاري سرشتن جي اڀياسي تناظر ۾ تعارفي ڪوشش جي مطلب سان لاڳاپيل هوندو. پر سڀ کان پهرين عالمي معشيت ۾ ڏکڻ ايشيائي واپارين جي ڪردار جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

## عالمي معشيت ۾ ڏکڻ ايشيائي واپاري

نندي ڪنڌ کان ٻاهر ڏکڻ ايشيائي واپارين جي وسندين بابت اوائلي ثابتي آڳاٽي عرب ماخذن مان ملي ٿي. هنن انڪشاف ڪيو، تہ هندو واپاري نائين صديءَ ڌاري خليج جي ايراني سراف بندرگاهہ تي موجود هئا، ۽ اهو تہ اُهي اومان، سوڪوترا ۽ عدن جي سامونڊي بندرگاهن ڏي تيزيءَ سان گردش ڪندا رهندا هئا. (1) چوڏهين صديءَ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو واپاري ڏکڻ چيني سمنڊ ڏانهن باقاعدگيءَ سان هاڪاريندا رهندا هئا. جيڪا ڳالهه ڏکڻ چين جي سامونڊي بندرگاهه قوائن زُو (زيتُون) (2) ۾ هندو مندر جي باقيات جي موجودگيءَ مان ثابت ٿئي ٿي. هندستان جي سڀ کان آڳاٽي تجارتي وسندي شايد مسقط ۾ آهي. پندرهن صديءَ ۾ هندو واپاري وسندين جي اُتي موجودگي دستاويزن مان ثابت ٿئي ٿي. (3) معلوم ٿئي ٿو، تہ ان وقت مسقط جا هندو واپاري ڀاٽيا هئا، جن جو تعلق لاڙ سنڌ جي ٺٽي شهر سان هوندو هو، ۽ ٺٽي جا مسقط سان ويجها تجرباتي لاڳاپا هوندا هئا. جڏهن پورچوگيز هندستاني سامونڊي واپار ۾ شامل ٿيا، تڏهن خاص ڪري گجرات جي هندستاني واپارين جون وسنديون، عدن ۽ ملاڪا وچ ۾ سڀني وڏن بندرگاهن تي موجود هيون. پوءِ، گجراتي واپاري- سرشتي، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان بہ شامل هئا، سامونڊي تجارت ۽ سمورن سمنڊن وسيلي سڄي دنيا سان ٿيندڙ واپار ۾ سيڙپڪاريءَ ۽ واپار ۾ بالادست ڪردار ادا ڪيو. (4) جيتوڻيڪ هنن واپارين پورچوگال وارن طرفان واپار تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ گهٽو پيو ڳيو، پر پوءِ بہ هنن وڏيءَ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ اُهي عالمي واپار ۾ ارڙهين صديءَ تائين چڱي ريت سرگرم رهيا. سموري هندستاني سمنڊ جي مکيہ بندرگاهه جي حيثيت سان سورت جو ڪردار، گهٽو ڪري سترهين صديءَ دوران گهٽو مشهور آهي، ۽ سُورت جي واپارين جا گجراتي واپارين جي پکڙيل وسندين سان ويجها لاڳاپا هوندا هئا. سترهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ارڙهين صديءَ جي اوائل ۾، ڪاٺياواڙ ۾ ڏيئو جي واپاري ڪپول واڻيي جي يمن، هڏرامات ۽ حبش جي واپار تي بالادستي هوندي هئي.

يورپي ڪمپنين جي ابتدا ۽ اولهہ هندستاني سامونڊي بندرن تي برطانوي حڪمراني اُڀرندي بہ ڏيهي هندستاني واپارين، هندستاني سامونڊي واپار ۾ هڪ طاقت هجڻ جو سلسلو جاري رکيو. مسقط اهم وسنديءَ جي جاءِ هئي، جيتوڻيڪ ارڙهين صديءَ ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ ٺٽي جي ڀاٽين جي جاءِ ڪڇي ڀاٽين ۽ حيدرآباد (سنڌ) جي خواجن، جيڪي مقامي طور لُوٽيا جي نالي مشهور هوندا هئا، جي ڏرين اچي والاري. ايراني نار ۽ اولهہ هندستاني سمنڊ ۾ ٻيا سامونڊي بندرگاهه، جتي هندستاني واپارين جون وڏيون وسنديون هونديون هيون، سو موچا هو، (5) ۽ يمين ۾ عدن، ڳاڙهي سمنڊ ۾ آفريڪي سامونڊي ڪناري تي بربرٽ ۽ ماساوا هوندا هئا. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، زنجبار جي اولهہ آفريڪي سامونڊي بندرگاهه تي پڻ هندستاني واپارين جون ننڍڙي پر تيزيءَ سان وڌندڙ وسندي هئي. ايراني خليج ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارڙهين صديءَ جي شروعات کان وٺي بحرين هندستاني واپارين جي اهم وسنديءَ واري جاءِ رهي آهي. (6) جڏهن تہ ابو ظهبي ۽ عربي ساموندي ڪناري تي ڊُبئي ۽ ايراني ساموندي ڪناري تي بُشائر ۽ بندر عباس جهڙن بندرگاهن تي پڻ اهم وسنديون موجود هيون. هندستاني سمنڊ جي اوڀرندي حصي ۾، هندستاني واپارين ملاڪا ۾ اهم ڪردار نڀائڻ جاري رکيو، ۽ هندستاني واپارين جون وسنديون برما، ٿائيلينڊ ۾ ۽ سوماترا (بندا آچيھ ۾، خاص ڪري) موجود هيون. هندستاني واپارين جون اهي وسنديون ڪڏهن بہ ڪجھ سَوَنَ ماڻهن کان وڌيڪ نہ رهيون هيون، جيڪي وسنديون هندستان جي اولهندي بندرگاهن سان خاص ڪري سنڌ ۾ ٺٽي، ڪڇ ۾ مانڊوي، ۽ ڪاٺياواڙ جي انيڪ بندرگاهن سميت سورت، بڙوچ ۽ ارڙهين صديءَ جي پٺي اڌ کان پوءِ بمبئي سان ويجها ناتا رکنديون هيون. اُهي هندستاني واپاري جيڪي انيڪ عرصي لاءِ انهن ساموندي بندرگاهن جي وسندين ۾ رهندا هئا يا واپاري مُندن دؤران اوڏانهن ويندا هئا، سي عام طور هندو هوندا هئا، جيڪي هندستان جي اباڻن شهرن ۾ پنهنجا خانداني ڀاتي ڇڏي ويندا هئا، پر منجهن هندستان کان واپار لاءِ ويندڙ مسلمان واپاري پڻ شامل هوندا هئا، جيڪي اڪثر پاڻ سان گڏ پنهنجو خاندان وٺي ويندا هئا.

اُترين هندستان جي واپارين جي بين تولن، ساڳئي ريت زميني واپار ۾ هندستان، ايران، وچ ايشيائي ملڪن ۽ روس سان سورهين صديءَ کان تعلقات رکڻ ۾ ساڳيو ڪردار ادا ڪيو، ۽ سترهين صديءَ ۾ اُتي هندستاني واپارين جون وسنديون سموري اندروني وچ ايشيائي ملڪن، تبت ۾ لھاسا ۽ ڪيسپين سمنڊ پرسان استراخان ۾ موجود هيون. اهي واپارين جا بہ وهڪرا يعني هندستاني ساموندي ۽ ايشيائي زميني واپار، ايران وسيلي ساموندي ۽ زميني رستن وچ ۾ تعلقاتن جي موجودگيءَ هوندي بہ گهٽو ڪري پاڻ کان ڌار رهيا. انهيءَ استحڪام واري طريقي کي ترقيءَ ڏيارڻ ۾، جوڙجڪ طور ٽئي ٿيل لاچاريءَ جي پيٽ ۾، علائقي تولن جي اصطلاح ۾ هندستاني واپاري دنيا جي پائيداريءَ سان امڪاني طور مُنهن ڏيٺو پيو. هن ورهاست جي ثابتيءَ مان سترهين صديءَ ۾ 'هندستاني عالمي معاشيات' ڳولڻ جي ڪوشش تي شڪ پوي ٿو. هن خيال جي هاٺوڪي تجويز ء راءِ، مشهور 'ملتاني' واپارين وسيلي ايران ۽ طوران منجهان ٿيندڙ واپار سبب اترين هندستان ۽ روس جي معيشتن وچ ۾ اُٿيل ناتن جي چار ۾، هن 'عالمي معاشيات' جي تصديق ڪري ٿي. (7) هن پنهنجي خيال جي پُٺڀرائيءَ ۾ جيڪي ثابتيون گڏ ڪيون آهن، سي قائل ڪندڙ نہ آهن. ايستائين جو هيءَ ڳالھ مڃيندي تہ 'ملتاني عالمي معيشيت' موجود هئي، پوءِ بہ هي نتيجو نڪتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪدي سگهجي، تہ اها 'هندستاني' عالمي معيشيت هئي، جيستائين ڪو ماڻهو 'ملتان' کي 'هندستان' سان برابر نہ سمجهي، جيڪو ڏاڍو دليراڻو قدم آهي. شايد انيڪ 'هندستاني عالمي معيشتون' رهيون آهن، جيڪي ڊِليءَ سطح تي پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون.

عالمي سرشتي جو محرڪ اڳتي وڌيڪ دليل ڏئي ٿو، تہ ارڙهين صديءَ ۾ هندستاني معيشت، يا هندستاني معشيتون، نئين يورپين بالادستيءَ واري عالمي معيشيت جو حصو بڻجي ويون. (٨) هندستاني واپارين، عالمي واپار ۾ جيڪو لڳاتار ڪردار نڀايو هو، تنهن کي سمجهندي اُهي انهيءَ خيال سان اڳتي آيا، تہ هندستان عالمي معيشيت جي 'نيم- دائري' جو حصو هو، جو اُن چئاپيتي ۽ عالمي معيشيت جي مرڪزن، يورپ ۽ سندس افريقا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا تي مشتمل دائري جي وچ ۾ تياڪڙي جو ڪردار ادا ڪيو هو. هن تجزيي ۾ عالمي معيشيت ۾ هندستاني واپارين جي ڪرداري زوال بابت خاص مفروضو آهي، جيڪو هڪ ڪُليل سوال آهي. منهنجو هتي انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ جو ارادو نہ آهي، تہ بينيڪيتي سرشتو ڪيترن ئي هندستاني واپارين لاءِ ناڪاري نتيجو هو. بهرحال، ان جي مجموعي اثرن جو معروضي ڪاٿو ايڏو سولو ڪم نہ آهي. وسيع تفاوت هئا، جن ۾ واپارين جا ڪيترائي ٽولا متاثر ٿيا هئا: وقت جي ترتيب اهميت کان خالي نہ آهي، جو اتر- اولهہ هندستان ۽ اولهہ جي واپاري برادرين وٽ، نندي ڪنڊ جي ڏاکڻي ۽ اوڀرندي پاڱي جي واپارين وٽ بينڪيتن وسيلي متعارف ٿيل تبديلين کي پنهنجي پاڻ لاءِ واپرائڻ جي پيٽ ۾، وڌيڪ وقت هوندو هو. مختلف سببن مان هيءَ شايد هڪ تي سگهي ٿو، تہ اُهي ڪهڙا سبب هئا، جو بعد ۾ برطانوي شهنشاهيت ۾ شامل ٿيندڙ علائقن سان واسطو رکندڙ واپاري، مجموعي طور سڀ کان پهرين بينڪون بڻجندڙ علائقن جي واپارين جي پيٽ ۾، بينڪيتي حڪومت هيٺ وڌيڪ ڪامياب ٿيا هئا.

1750ع ۽ اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ وچ ۾ هندستاني واپارين جي دنيا، پيچيدگي ۽ پيهر تقري يا پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي آهستي آهستي واري طريقي منجهان گذري، جو جن واپارين ۽ بينڪارن ارڙهين صديءَ ۾ رياستي محصول جي تبديليءَ ۽ محصول وٺندڙ سرگرميءَ مان جيڪو ناڻو ڪمايو هو، سي گهڻو ڪري پنهنجون واپاري سرگرميون رجائي ويهي رهيا. تبديلي هڪڙي رات ۾ نہ آئي. ايسٽ انڊيا ڪمپني پاڻ پهرين پنجن يا ڇهن ڏهاڪن جي پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ هندستاني بينڪارن جي پيشگي ڏنل ناڻي تي گهڻو دارومدار رکندي هئي: اهو 1820ع وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصو هو، جو ڪمپني نائي جو سرشتو جوڙيو، جنهن سبب پنهنجي انتظاميا ۽ فوج جي مالياتي ضرورتن لاءِ هندستاني شاهوڪارن ۽ سرافن کي هُنڊيون جاري ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي. (9) هندستاني موڙيءَ جي هيءَ ٻيهر مقرري، هندستاني واپارين جي هندستان جي پرڏيهي واپار ۾ نيايل ڪردار ۾ زوال سان ضروري طور ساڳيائپ رکندڙ نه هئي. 'پهرين بينڪيتي صدي' دؤران سندس ڏيهي واپارين جي ضابطي ۾ رهندڙ هندستاني پرڏيهي واپار جي حصي ۾ وڏو زوال آيو، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ ڪجھ عرصي کانپوءِ، برطانوي نجي موڙي ڪيترن ئي شعبن ۽ جاگرافيائي علائقن ۾ واضح بالادستي ماڻي ورتي هئي. بهرحال، هندستاني واپاري خاص ڪري تيزيءَ سان وڌندڙ ايشيائي ملڪن جي واپار ۾ برطانوي فرمن سان ڀائيوار جي حيثيت سان اڻتر طور گڏ رهيا. ڏکڻ- اوڀر ايشيا سان واپار ۾ تامل مسلمان چُليا واپارين، جيڪي سترهين صديءَ کان وٺي واپار ۾ سرگرم رهيا هئا، 1786ع ۾ پينانگ جي ٻيٽ ۾ برطانوي والار مان پنهنجي واپاري سرگرميءَ کي وڌائڻ جو فائدو ورتو. هنن جي واپار ۾ پتل جي شين سميت انيڪ ڪپڙ جون شيون شامل هونديون هيون، جيڪي اُهي ڪورومنڊل جي ساموندي بندرگاھ تان درآمد ڪندا هئا. (10) اهو آفيم جو واپار هو، جيڪو 1770ع کانپوءِ هندستاني معيشيت جي سڀ کان وڏيڪ ڪمائتي شعبي جي حيثيت سان ظاهر ٿيو، ۽ انهيءَ موقعي تي برطانوي واپارين ۽ هندستاني واپارين وچ ۾ لاڳاپي پنهنجي سڀ کان وڏيڪ شاندار نتيجن کي ظاهر ڪيو.

مالوا آفيم واپار، اصل ۾ ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ اوڻيهين صديءَ جي اوائل دوران، ڪيترن ئي هندستاني واپاري ٽولن جي موڙي گڏ ڪرڻ جو مکيہ وسيلو هو. اهو وڏي پيماني تي اسمگلنگ وارو ڌنڌو هو، جنهن ۾ هڪڙي پاسي سڀ کان مکيہ ڀاڱيدار 'مالوائي شاهوڪار' هوندا هئا، جن ۾ عام طور مارواڙي ۽ گجراتي شامل هوندا هئا، جيڪي آبادگارن کي پيشگي رقمون ڏيندا هئا (وچ هندستان جي شاهي رياستن جي ڪجھ سرڪاري اختيارين سان ڳٺ- جوڙ ۽ ويجهن ناتن سان) تيار ٿيل فصل کائڻ وٺندا هئا، ۽ ٻئي پاسي، احمدآباد ۽ بمبئي جا پارسي ۽ گجراتي واپاري، ڪلڪتي جي يورپي واپارين طرفان سيڙپڪاري ڪندا هئا، ۽ اُهي قافلن وسيلي نشيدار شين کي اولھ هندستان جي ساموندي ڪنارن، دامائو جي پورچوگيزي بندرگاھ ۽ ڏيئو سميت گوا ڏانهن ڪٽي وڃڻ جو انتظام ڪندا هئا، ۽ اُتان پوءِ اهو آفيم جهازن ۾ پري چين جي مارڪيٽن ڏانهن موڪليو ويندو هو. جيئن اڳتي هلي ڏنو ويندو، (11) ته 1820ع کانپوءِ مالوا آفيم واپار ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مداخلت جون ظاهري ڪوششون ڪيون ويون، تہ جيئن ان منشيات جي واپار تي سنڌن هڪ- هٽي برقرار رهي. تنهنڪري قافلن جو رستو راجپوتانا ۽ سنڌ وسيلي ٻيهر مقرر ڪيو ويو، جيڪو اهڙو گهيريدار هوندو هو، جو اُن واپار ۾ راجپوتانا جا مارواڙي واپاري ۽ سنڌ جا حيدرآبادي ۽ شڪارپوري واپاري بہ وڃي ملوث ٿيا. پهرين آفيم واريءَ جنگ ڪانپوءِ، جيڪا چين جي 'ڪُلڻ' جو نتيجو بڻي ۽ برطانوي هندستان ۾ سنڌ کي شامل ڪرڻ ڪانپوءِ، هن واپار جي ٻيهر جوڙجڪ ڪئي وئي. جيتوڻيڪ انهيءَ واپار تي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ وڏن برطانوي واپاري ادارن جي بالادستي ٿي ويئي، تنهن هوندي بہ ڪجهہ اُردن جي هندستاني واپارين خاص ڪري پارسين (12) انهيءَ واپار ۾ يورپين فرمن لاءِ دلال ۽ پنهنجي طور واپارين جي حيثيت سان، اهم ڪردار نڀائڻ جاري رکيو.

آفيم جي واپار ۾ هندستاني واپارين جي ايڏي وڏي پيماني تي ملوث ٿيڻ سبب قومپرست ليکڪن متن ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي ٻُچڙو مٿهن ڪيو آهي، ۽ ڪين موقعي پرستيءَ جي حيثيت سان آفيم جي واپار ۾ ڀاڱيدار ٿيڻ جو الزام مڙهيو آهي. انهن جي ان حقيقت تان اکثر نظر هٽي وڃي ٿي، تہ هندستان ۾ اڪثر ڏيهي موڙيءَ جو 'بنيادي ڍڳ' اُن واپاري سرگرميءَ مان ڪمايل هو، جيڪو برطانوي واپارين سان ڀائيواريءَ جي ڪجهہ روپن ۾ ملوث هئڻ سبب حاصل ٿيو. بمبئي ۾ ڪيترن شاهوڪار خاندانن جي دولت جو بُڻ بنياد آفيم جي تجارت رهيو آهي. بهرحال، هندستاني واپار جي تاريخ تي جيڪو ڪجهہ مواد موجود آهي، تنهن منجهان هندستاني سرمايدارن جي پرڏيهي واپاري سرگرمين جو، جيڪو واپار ابتدائي ڏاڪي تي ترتيب هيٺ بلڪل ٿورڙو ۽ ڇڊو هوندو هو، هندستان ۾ صنعتي سيڙپڪاريءَ جي تياريءَ جو پتو پوي ٿو. معلوم ٿئي ٿو، تہ هندستاني سرمايداريءَ جي تاريخ جو هي 'ڏورانهون منطق' مُنجهيل عقليت آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ هندستاني واپارين مختلف موقعن تي انيڪ قسمن جي عالمي ۽ گهريلو مارڪيٽ کي منهن ڏنو آهي، ۽ 1920ع کان پوءِ بينڪيتي حڪومت طرفان 'متييد جي تحفظ' واريءَ پاليسي کي اختيار ڪرڻ سان، موقعن بابت پتو پوي ٿو، تہ موقعا پرڏيهي واپاري سرگرمين کان هندستان منجهہ ميسر وڌيڪ هئا. جن سرمايدارن ان پاليسي مان فائدي وٺڻ لاءِ گهريلو مارڪيٽ تي ڌيان ڏيڻ پسند ڪيو، تن پوءِ پنهنجي سيڙپڪاريءَ جي فيصلن تي ڪجهہ چمڪ ۽ سٽي لڳائيندي، ايئن لفظن تي ڇنسالي ڪرڻ لڳا تہ اُهي حب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الوطنيءَ کان متاثر ٿيل آهن. پر ڪنهن کي بہ هرويرو انهن لفظن تي ويساهہ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

بهرحال، هندستاني واپارين لاءِ پرڏيهي واپار ۾ ڪڏهن بہ ڪشش ختم نہ ٿي، ۽ ڪيترائي هندوستاني واپاري ان واپار ۾ ملوث هئا. جيتوڻيڪ اُهي ان ڏس ۾ وڏيڪ مجتا لهڻن، پر ڪين ورلي ڪنهن ڏيان ۾ آندو.

ايستائين جو 'اوچي سامراجيت' يعني 1858-1914ع واري عرصي ۾، هندستاني واپارين خاص ڪري اولهہ جي ساموندي بندرگاهن ۾ عالمي واپار ۾ ڪردار نڀائڻ جاري رکيو، جيئن عام طور چيو ويجي ٿو، پر اهو مڪمل طور بين تي پاڙيندڙ نہ هو. هوڏانهن يورپ ۽ هندستان وچ ۾ ٿيندڙ واپار ۾، بيشڪ ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس جي وڏين برطانوي واپاري فرمن منجهہ هڪ- هٽي موجود هئي، جيڪي عام طور هندستاني واپارين سان پائيواريءَ ۾ واپار نہ ڪنديون هيون. تنهن هوندي هندستاني واپارين جو ايشيا سميت آفريڪا سان ٿيندڙ سمورو واپار گهڻو ڪري هندستاني واپارين جي هٿن ۾ هوندو هو. اهڙيءَ ريت هندستان ۽ چين وچ ۾ ٿيندڙ اجا بہ وڏي منافعي واري واپار، جنهن ۾ اڳتي هلي آفيم جي جاءِ تي چين جي ڪپهہ هندستان ڏي مڪيہ درآمد جي حيثيت سان اهم جاءِ والاري، تنهن سان بمبئيءَ جي واپارين کي گهڻا موقعا فراهم ٿيا. هن خاص واپاري ميدان ۾ گجراتي مسلمان، خوجا ۽ بوهرا شامل هئا، جن تيزيءَ سان پارسين کي پوئتي ڇڏي ڏنو. ڏکڻ- اوڀر ايشيا سان واپار اوڻيهين صديءَ جي پڇي اڌ ۾چگي حد تائين وڌيو، ۽ ڪيترائي واپاري، جن ۾ گهڻا هندستان جا هئا، پر منجهن گجرات، پنجاب ۽ سنڌ جا پڻ واپاري شامل هئا، سي بہ ان ۾ وڏي پيماني تي سرگرم هئا. هندستان ۽ اوڀر آفريڪا وچ ۾ اهم واپار 1890ع تائين زنجبار جي ساموندي بندرگاهہ تائين مرڪوز رهيو، جيڪو هندون سميت مسلمان گجراتي سرمايدارن جي ڪيترن ئي ڏرين جي نالي ٿيل هوندو هو. وچ اوڀر خاص ڪري ايراني نار وارن ملڪن سان ٿيندڙ واپار ڪڇ، ڪاٺياواڙ، سنڌ، گجرات ۽ بمبئي سان واسطو رکندڙ انيڪ هندستاني واپارين لاءِ پنهنجي واپاري سرگرمين جو اهم علائقو رهيو. هندستان جي پرڏيهي ساموندي واپار ۾ هندستان جي پاڳيداريءَ بابت ڪاٺياواڙ بندرگاهہ، جنهن وسيلي هندستاني ساموندي ۽ ايراني نار سان واپار ڪيو ويندو هو، سان لاڳاپيل سرڪاري انگن اکرن تي ڍڪ پيل آهي. افغان، وچ ايشيائي ملڪ، ايران، سنڪيانگ ۽ تبت سان پرڏيهي زميني واپار سان لاڳاپيل انگ اکر بہ غير يقيني وارا آهن، پر هي اهو ميدان هو، جنهن تي هندستاني واپارين جي ڪيترن ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرين جي وڏي پيماني تي بالادستي هوندي هئي، ايستائين جو منجهائن ڪجھ بنيادي طور برطانوي فرمن جا گماشتا يا نمائندا هوندا هئا. ايشيا ۽ آفريڪا سان واپار ۾، آڳاٽي ڊگهي عرصي کان تعلقاتن جي موجودگيءَ سبب هندستان واپارين کي يورپي سرمايدارن تي چتاپيتيءَ ۾ بالادستي هئي. يورپي سرمايدار عام طور علائقي کان اڻڄاڻ هوندا هئا، تن کي هندستاني دلالن جي مقامي شيون ڳاهيندڙن سان ڪاروهنوار ۾ ٽياڪڙ جي حيثيت سان خدمتن جي اڪثر ضرورت هوندي هئي ۽ اهي دلال اڪثر پنهنجي پاڻ کي ايئن واپاري سرگرمين ۾ ملوث ڪندا هئا، جو اُهي اڳتي هلي انهن علائقن ۾ پنهنجو آزاد واپار برقرار رکندا هئا.

پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ، گهريلو مارڪيٽ، جيڪا 'مت پيد واري تحفظ' وسيلي وڌي هئي، جي وڌندڙ ڪشش هوندي به هندستاني واپارين عالمي واپار ۾ ملوث ٿيڻ جو واڌو لاڙو روا رکيو. جيڪي واپاري ڌريون اڪثر هندستان منجھ ئي پنهنجو واپار ڪنديون هيون، جيئن مارواڙين سٽيءَ جي مارڪيٽ ۾ نوان موقعا ڳوليا، سي خاص ڪري ۽ ڪجھ مارواڙي فرمون جيئن برلا برادرز، لنڊن جي سٽي مارڪيٽ ۾ اهم واپاري بڻجي ويا. بمبئي جي سرمايدارن، ڪارخانن لاءِ ڪپھ جا نوان وسيلا ڳوليندي يوگنڊا ۾ هندستاني دلالن سان ناتا ڳنڍيا، ۽ ان علائقي ۾ ڪپھ جي واپار جي ڪجھ حصي تي ضابطو آندو. (13) ڪجھ هندستاني فرمَ، جن جون جبوتيءَ يا پينانگ جهڙن سامونڊي بندرگاهن تي ڪوٺيون هيون، تن جو عالمي ڪپت جي مارڪيٽن ۾ اهم ڪردار بڻجي ويو. اهڙن نون لاڙن کي سامهون رکندي ڪجھ هندستاني واپارين، هندستان ۾ نہ نهندڙ شين جو واپار ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ هندستان کي موڙي ۽ تجربي وڌائڻ لاءِ وسيلن جي بنياد واريءَ حيثيت سان استعمال ڪندي، 'عالمي' دلال بڻجي ويا. اسان اڳتي ڏسنداسين، تہ حيدرآباد جي سنڌورڪين جي انهيءَ ڏس ۾ هڪ خاص منفرد سڃاڻپ هئي.

پيروسي جوڳن انگن اکرن جي کوٽ، عالمي واپار ۾ هندستاني واپارين جي نيايل ڪردار کي معياري صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش کان روڪي ٿي. بهرحال، عالمي معشيت ۾ هندستاني واپارين جي لڳاتار نيايل ڪردار جو هڪ اشارو، نندي کنڊ کان ٻاهر وسيل هندستاني تجارتي آباديءَ جي وڏي پيماني تي واڌ آهي. 1830ع ڌاري هندستاني سمنڊن، ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جو سمورو هندستاني واپاري طبقو، ڪجھ هزار واپارين کان وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل نہ هوندو هو، جن ۾ سڀ کان وڏي وسندي مسقط ۾ واقع هئي (1840ع ڌاري اٽڪل بہ هزار هندستاني واپاري اُتي رهندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا). انهيءَ انگ ۾ انهن ڪجهه هزار هندستاني واپارين کي پڻ شامل ڪرڻ گهرجي، جيڪي وچ ايشيائي ملڪن، ايران، افغانستان، سنڪيانگ، تبت، وغيره ۾ پنهنجي پڪڙيل وسندين ۾ رهندا هئا. هڪ صدي پوءِ يعني 1930ع ڌاري، هندستان کان ٻاهر رهندڙ هندستاني واپارين ۽ تجارتي ملازمن جو انگ اڍائي لکن جي ويجهو پهچي چڪو هو. جنهن مان اٽڪل سٺ سيڪڙو تن برطانوي بينڪيتن يعني سيلون، برما ۽ ملايا ۾ رهندا هئا. (14) انهن سوين سالن دوران ۽ خاص ڪري 1880ع ۽ 1930ع وچ ۾ بهرحال هندستان کان ٻيءَ دنيا ڏانهن، پر خاص ڪري برطانوي شهنشاهيت جي علائقن ڏانهن ته، واپارين جي چڱي حد تائين لڏپلاڻ ٿي. انهيءَ هلچل جا ڪي به تفصيلي انگ اکر موجود نه آهن، ڇوته 1922ع کان اڳ، پرڏيهه وڃڻ لاءِ هندستان ڇڏيندڙ واپارين ۽ تجارتي ملازمن کي ٻاهران لڏي ايندڙن خلاف جوڙيل مختلف ائڪٽن مطابق 'لڏپلاڻ ڪندڙ' نه سمجهيو ويندو هو، تنهنڪري ڪين درج به نه ڪيو ويندو هو. هندستان کان واپارين ۽ تجارتي ملازمن جي 1922ع کان اڳ، لڏپلاڻ جي مقداري نقطي نظر بابت رڳو هڪ مفروضو جوڙي سگهجي ٿو. يعني ته 1922ع واري عرصي ۾ لڏي ايندڙن جا انگ اکر اڻپورا آهن. بهرحال، انهيءَ مقدار جا ڪجهه تخمينا، دانشورن جي ڪاتن ۽ پڪڙيل انگن اکرن مان لڳائي سگهجن ٿا. اهڙيءَ ريت، ڪي. ايس. سَنڌو طرفان ملايا ۽ هندستان وچ ۾ لڏپلاڻ بابت گڏ ڪيل انگن اکرن مطابق، اهو معلوم ٿئي ٿو، ته 1844ع ۽ 1931ع جي وچ ۾ هندستان کان ملايا لڏي ايندڙ 'غير پورهيتن' جو ڪُل انگ ڇهه لک تيتاليهه هزار هو. (15) انهيءَ مفروضي مان، ته انهن 'غير- پورهيت' لڏي ايندڙن مان اڌ واپاري مقصدن لاءِ لڏي ايندڙ هئا (ٻيا هٿ جي هنرن جا ماهر، غير تجارتي ملازم ۽ ٻين ڌنڌن وارا ماڻهو هئا). ڪو ماڻهو هيءَ نتيجو ڪڍي سگهي ٿو، ته هندستان ۽ ملايا وچ ۾، هڪ صديءَ کان به گهٽ عرصي ۾،تجارتي لڏپلاڻ ڪندڙن جو انگ ٽن لکن تائين وڃي پهتو هو. بهرحال، اهي انگ ٿلهي ليکي ڏنل آهن. ڪُل تجارتي لڏي ويندڙن جو انگ گهٽو گهٽ هو، پر تجارتي لڏپلاڻ جي خاصيت مختصر طور هيءَ آهي، ته اها صحيح لڏپلاڻ کان وڌيڪ گردش جو مظهر آهي، جنهن جو نتيجو مستقل آبادڪاريءَ جي روپ ۾ نڪرندو هو. ملايا جي انگن اکرن جي بنياد تي ڪو ماڻهو ٿلهي ليکي ڪاٿو لڳائيندي چئي سگهي ٿو، ته 1840ع ۽ 1930ع واري عرصي ۾، هندستان کان تجارتي لڏپلاڻ ڪندڙن جي ڪُل انگ جي حد، هڪ کان پندرهن لکن تائين رهي هوندي، يعني هندستان مان لڏي ايندڙن جي ڪُل انگ جو پنج سيڪڙو، جيئن ڪنگسلي ڊيوس ڪاٿو لڳايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجارتي لڏپلاڻ ڪندڙن جي ڪاٿي مان هيءَ ڳالھ سمجھڻ جي ضرورت آهي، تہ جن ماڻهن واپاريءَ جي حيثيت سان پنهنجو ڌنڌو ختم ڪيو هو، سي وري پورهيت بڻجي ويا هئا. هيءَ ڳالھ چڱيءَ ريت معلوم آهي، تہ 1910ع کان وٺي برطانوي اوڀر آفريڪا جي تجارتي معيشيت ۾ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي حيثيت رکندڙ اوڀر آفريڪا جا 'ڊيوڪ والاز' هئا. جيڪي اقرارنامي هيٺ لڏپلاڻ ڪندڙن جو اولاد ۽ سنڌن وارث هئا. انهن ۾ پنجابي سک ۽ گجراتي پَٽيدار بہ شامل هئا. جن 1890ع جي پڇاڙي ۽ 1900ع جي اوائل ۾ يوگنڊا ريلوي لائين جوڙي هئي. باوان گنمي مان اينڊڙ جين متي، جيڪي ڪاٺياواڙ ۾ جام نگر جي پاڙيسري ڇوونجاھ ڳوٺن جا رهاڪو هئا، سي ويهين صديءَ ۾ ڪينيا ۾ ڪامياب واپاري برادريءَ جي حيثيت سان ترقي ڪري مٿي اُڀريا. اُهي جين اصل ۾ زرعي پورهيت ۽ ننڍا واپاري هئا، جن لڏڻ کانپوءِ پنهنجي سموري شهري زندگي ۽ تجارتي طريقي ۾ ڦيرڦار آندي. (17) بهرحال تجارتي لڏپلاڻ ڪندڙن، لڏپلاڻ کان اڳ هندستان ۾ تجارتي ڌنڌن ۾ ملوث ۽ لڏپلاڻ کان اڳ ٻين ڌنڌن سان واڳيل، جيڪي پنهنجي ماڳن تي پهچڻ کان پوءِ پنهنجا ڌنڌا مٽائي تجارت ۾ شامل ٿي ويا هئا، تن وچ ۾ نمايان تفاوت ڪرڻو آهي. ٻي درجابندي بيشڪ پهرين درجي کان وڏي آهي، جو منجهس خاص ڪري اوڀر آفريڪا سميت ڏکڻ آفريڪا جون اڪثر واپاري برادريون شامل آهن. بهرحال، هن ڪتاب جي اڀياس جو مرڪزي نقطو پهريون درجو آهي، يعني اهي جيڪي هندستان ڇڏڻ کان اڳ تجارت ۾ ملوث هوندا هئا. انهن ماڻهن مان گهٽا ماڻهو (جيئن تہ اها اڪثر مردائي لڏپلاڻ هوندي هئي، تنهنڪري اُها حقيقت ۾ پرڏيھ پهچندي پيچيدگين سان پرپور ٿي ويندي هئي) هندستان ۾ ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪيل معاهدي کان پوءِ پنهنجو وطن ڇڏيندا هئا. جنهن ماڻهو سان اهي معاهدو ڪندا هئا، سو جيڪڏهن پاڻ پگهاردار ملازم ٿيندا هئا، تہ اهو سنڌن مالڪ هوندو هو، يا وري جيڪڏهن اُهي گماشتا يا ڪنهن ٻئي قسم جا غيرپگهاردار ملازم ٿيندا هئا، تہ اهو سنڌن سيٺ هوندو هو. سرمايدار پاڻ ورلي ڊگهي عرصي کان پوءِ هندستان مان روانو ٿيندو هو، ڪجھ وڏا پارسي سرمايدار هندستان ڇڏڻ 1842ع کانپوءِ چيني بندرگاهن تي وڃي وسيا هئا، ۽ اُهي وڏا واپاري ورلي ويندا هئا، جن مارڪيٽ موقعن جي خاص قسمن کي بهتر انداز سان واپرائڻ جي خيال کان هندستان کان ٻاهر پنهنجي واپاري سرگرمين کي منتقل ڪيو هو. (18)

واپارين جي هندستان کان ٻاهر، برطانوي شهنشاهيت جي حدن ۾ واقع انيڪ ملڪن ڏانهن وڃڻ جي وڏي پيماني تي حرڪت جي تشريح عالمي سرشتي وسيلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالادستي رهي آهي، ۽ اُن کي يورپي- بالادستيءَ واري عالمي معيشيت منجهه هندستان جي نيم- دائري رُتبي جي بنيادي اظهارن مان هڪ جي حيثيت سان ڏٺو ويو آهي. هن مثال جي ڪنهن قدر سُڌريل مؤقف جي تجويز تازو رجحات راءِ ڏني آهي، (19) جيڪو يورپي- بالادستي واريءَ عالمي معيشيت منجهه خاص ايشيائي بازار جي معاشيات بابت ڳالهائي ٿو. هن جو تجزيو، جيڪو هندستاني ۽ چيني واپارين وچ ۾ تمام واضح تفاوت جي چوڏاري ويڙهيل آهي، سو سندس خامين کان آجو نه آهي. هن جڏهن پيائيءَ وارن خيالن تي تنقيد ڪئي، ته منجهانئس جديد يورپي بالادستي واري عالمي معيشيت ۽ ايشيائي بازاري معاشيت وچ ۾ سادي مخالفت ظاهر ٿي. بهرحال هن منجهانئس نتيجو ڪڍندي چيو، ته عالمي سرمايدار معاشيات منجهه خاص 'جزوي- جوڙجڪ' ظاهر هئي، جنهن کي هو پان- ايشيائي بازار سڏي ٿو، ۽ جنهن کي هو عالمي سرمايدار معاشيات ۾ واضح ماتحت سمجهي ٿو. تنهنڪري هي اهڙو خيال آهي، جيڪو 'دوئي' کي ٽوڙي ۽ پيچي ٿو چڏي. هو پان- ايشيائي بازاري معيشيت ۾ هندستاني ياڳيدارن منجهه، ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾ ناٽوڪوٽائي چيٽيارن جيان ڪجهه امتياز متعارف ڪرائي ٿو، جنهن کي يورپي سامراجيت جي مقصدن لاءِ وڏي پيماني تي ماتحت سمجهي ٿو، ۽ بين کي اوڀر آفريڪا ۾ گجراتين جيان، جن کي هو 'دلال' يا نمائندو سمجهي ٿو. بهرحال، امتياز چڱيءَ ريت هترادو آهي، ۽ دليل گهٽي پروسي جوڳا نه آهن. برما ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ چيٽيار بينڪارن کي نمائندو نه مڃڻ اجايو ٿيندو: هي اهي واپاري هئا، جن لاڙ برما کي تجارتي زراعت ڏانهن 'ڪوليو' ۽ برطانوي بينڪون خاص ڪري مقامي هارين تائين پهچ لاءِ مٿن ڀاڙينديون هيون. جيڪا ڳالهه سمجهڻ لاءِ رهيل آهي سا هيءَ ته ڪيئن ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتو، يورپي موڙيءَ وسيلي عالمي واپار تي بالادست طور چانئجڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انهيءَ مقصد لاءِ، پنهنجي پاڻ کي دوئيءَ واري نموني کان بچائڻ ۽ ڇڏائڻ ضروري آهي. ايشيائي واپاري- سرشتي اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي اوائلي ايشيا جي يورپي بالادستيءَ واري عالمي معيشيت منجهه عالمي جزوي- جوڙجڪ ڪئي هئي. حقيقت ۾، هرهڪ واپاري- سرشتي کي عالمي سرشتي ۾ پنهنجا پير کوڙڻ لاءِ پيچيدو ۽ ڊگهي عرصو لڳو، جنهن ۾ سهڪار ۽ تضاد هڪبئي سان اُٽيل هوندا هئا.

جيتوڻيڪ هندستاني واپارين ۽ تجارتي ملازمن جون اهم وسنديون اوڻيهين صديءَ کان وٺي دنيا جي مختلف ڀاڱن ۾ موجود هيون، تنهن هوندي به ٿورڙي اچرج ۾ وجهندڙ حقيقت هيءَ آهي، ته اُهي وسنديون انهن دانشورن جو ڌيان ابتن پاڻ ڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڪرائي نه سگهيون، جيئن چيني، لبناني، آرمينيائي يا يهودي واپارين جي پکڙيل برادرين پاڻ ڏي سندن ڌيان ڇڪايو هو. هندستاني واپارين جي رڳو ٻن ڌرين ڌيان ڇڪرايو هو، جن هندستان کان ٻاهر پنهنجون ڪاروبار پئي ڪيو: انهن ۾ اوڀر آفريڪا ۾ گجراتي ۽ برما ۾ ناتوڪوٽائي چيٽيار شامل هئا. انهن ٻنهي برادرين کي 'دلال اقليتن' جي خاص نمائندن جي حيثيت سان سمجهيو وڃي ٿو، ۽ هنن کي جن ڏکيائين سان مُنهن ڏيڻو پيو، جن ڏکيائين جي نتيجي ۾ اُهي برما سميت يوگنڊا مان آخرڪار تڙيا ويا هئا، سو ڪجھ اپياسن ۾ ڌيان جو مرڪز رهيو آهي. انهيءَ جو سبب هي آهي، ته 'دلال اقليت' وارو مثال واپارين جي پکڙيل برادرين جي سماجياتي اپياسن ۾ خاص ڪري گهڻو اثرائتو رهيو آهي. هڪ واسطيدار نقطي نظر 'واپاري طبقي' جي خيال تي جَميل يا تِڪيل آهي. هينين حصن ۾ آءٌ انهن بالادست مثالن تي تنقيد پيش ڪندس.

## واپاري طبقا ۽ دلال اقليتون: ٻن مثالن جي تنقيد

پکڙيل واپارين ڌرين ۾ سماجياتي دلچسپي سڀ کان پهرين ميڪس ويبر ورتي هئي ۽ هُن يهودين کي اڇوت واپارين جي حيثيت سان ليکيو هو. جيتوڻيڪ هن جي رابي خلاف، ٻين سماجي ماهرن جهڙوڪ سومبارٽ (20) يا سِميل (21) پنهنجي اپياسي جائزي ۾ چنڊڇاڻ ڪندي، جزوي طور لاڳاريو هو. هنن پنهنجي جائزن ۾ 'ڌارئي' جي ان مفاد تي زور ڏنو هو، جيڪو 'معروضيتي' اصطلاح ۾ تجارتي ڪاروهنوار هوندو هو. ويهين صديءَ جا اوائلي سمورا ليکڪ، آڳاٽي ۽ جديد يورپ جي معاشيات ۾ يهودين جي ڪردار بابت، وڏي پيماني تي اڳوات طئي ٿيل خيالن ۾ غلطان هئڻ واريءَ سوچ ۾ ورهايل هوندا هئا. ۽ هنن منجهه غير- يورپي واپارين کي، ايستائين جو سيفارڊڪ يهودين کي پڻ نظرانداز ڪرڻ جو لاڙو موجود هو. 1960ع کان پوءِ سماجي ماهرن پنهنجي طور ان خيال ۾ سُڌارو آندو. بلالاڪ (22) اهو پهريون ليکڪ هو، جنهن اقليتي رُتبي ۽ دلال واري ڌنڌي وچ ۾ هڪجهڙائيءَ واري مسئلي ڏانهن وڌيڪ وضاحت سان ڌيان ڇڪرايو. هن جي تجرباتي ۽ مشاهداتي جاچ جا ميدان جديد يورپ جا معاشرا هئا. هن قربانيءَ جي ٻڪريءَ واري مثال تي زور ڏيندي چيو، ته ڪڙمين سان ڪاروهنوار ۾ دلال جي حيثيت سان 'ڌارئي اقليت' جو بالادست زميندار ٽولو شعوري طور، بحران مهل ڪڙمين جي ڪاوڙ کي انهن اقليتي ڌرين ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪندو هو، جيئن سترهين صديءَ ۾ يوڪرين ۾ 'بوگدان خيملنتسڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغاوت' دؤران ڪيو ويو هو، جڏهن پولش زميندارن يوڪريني ڪڙمين جي ڪاوڙ کي پنهنجي يهودي شاهوڪار مئنيجرن ڏانهن موڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا ۽ ائين وڏي پيماني تي موت ۽ تباهيءَ کان اُهي بچي ويا هئا. هُن پنهنجي تجزيي ۾ سياسي نقطي نظر سميت شاهوڪار يا مراعتون ماڻيل طبقي طرفان عوام کي استعمال ڪرڻ واري مامري تي وڌيڪ زور ڏنو. 1970ع ۾ بلالاڪ جي دلال اقليتن واري نظريي ۾ عوامي سوچ هيث، (23) ايڊنا بوناسخ يورپ کان ٻاهرين علائقن ڏانهن جاچ جي ميدان کي وڌايو ۽ مهمان سماج ۽ دلال اقليتن جي ياتين يعني ٻنهي عاملن کي وڌيڪ محفوظ رُخ ۾ موڙ جي اجازت ڏني. بوناسخ جا بلالاڪ سان ٻه وڏا اختلاف هئا، جن مان هڪڙو هي هو، ته هن اقليتن جي ياتين منجهه ٿوري عرصي لاءِ ترسڻ يا وسرام وٺندڙ ذهنيت جي اهميت تي زور ڏنو هو، جيڪا معاشيات ۽ سياسي ڪردار جي خاص طريقن ڏانهن وٺي ويندڙ هئي، پر مهمان سماج سان ڀائيچاري لاءِ سازگار نه هئي، ۽ ٻئي پاسي هن مهمان معاشري جي موٽ کي، مراعت يافتا طبقي جي هنرمندي يا هوشياريءَ کي مڪمل شفاف نتيجو نه، پر معقوليت سمجهيو. هن جو 'دلال اقليتن' واريءَ صورتحال جو قنوطيت پسند تجزيو، جيڪو ڪيس معاشي واقعن جي سببن ڏانهن، عيدي امين حڪومت ۾ يوگنڊا مان ايشيائي ماڻهن جي بيدخليءَ جيان، نسلي تڪرارن جي واڌاري وارين پيشنگوئين ڏانهن وٺي ويو، سو همعصر واقعن کان گهڻو متاثر ٿيل هو. هن جي دليل ۾ گردش جو خاص حصو رهيو: هن ڪٿي به اهو واضح نه ڪيو، ته ڪيئن ڪجهه اقليتي ڏُريون ٻين جي ڀيٽ ۾، 'دلال' سرگرمين کي، ڪجهه ثقافتي 'لاڙن' کان سواءِ جيڪي مختصر طور سوال کي اڳيان ڪن ٿا، پورو ڪرڻ کان وڌيڪ ڪامياب ڀانئجن ٿيون (جنهن ڳالهه جي ڪڏهن به ايڏي وضاحت نه ڪئي وئي).

1970ع ۾ هڪڙو ٻيو مثال آفريڪي سماجي علمن جي ماهرن ظاهر ڪيو، جيڪو 'واپاري طبقو' هو، جنهن جو ڀهريون محرڪ ايبنر ڪوهين هو. (24) اها ڳالهه 1980ع ۾ فلپ ڪرٽين جي لکيل مشهور ڪتاب ۾ وڌيڪ منظم طريقي سان بُڌائي وئي، (25) جنهن ۾ ميسوپوٽاميائي تهذيب جي اُڀار کان وٺي انساني تاريخ جي سموريءَ سطح تائين مواد تي بحث ڪيل هو. ڪرٽين واپاري طبقي کي 'واپاري آبادڪاري' کان اڀرندڙ تاريخي حيثيت سان ڏنو، جنهن جو پولاڻيءَ تجزيو ڪيو هو. جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ وچي اُتي وسندڙ واپارين ۽ اچ وڃ جو سلسلو جاري رکندڙن وچ ۾ تميز ظاهر ڪئي وئي هئي. اچ ۽ وڃ جو سلسلو رکندڙ واپاري، جيڪي شايد پرڏيهه ۾ اڪيلي وسنديءَ سان شروعات ڪندا هئا، سي آهستي آهستي ڌارين شهرن ۾ واپاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسندين جو مجموعي سلسلو جوڙڻ جو لاڙو رکندا هئا. جنهن جو تجارتي برادرين جو پاڻ ۾، واپاري- سرشتي يا واپاري طبقي جي جوڙيل، لاڳاپيل ٽولي جي صورت ۾ نتيجو نڪرندو هو. ڪرتين جو اصرار گهٽو ڪري انهن واپاري طبقن جي ثقافتي تياڪڙن يا دلالن جي نيايل ڪردار تي هوندو هو. پاڻ ۾ ڳنڍيل تشخصن جي 'ثقافتن' بابت هڪ واضح مفروضو هوندو هو، پر اُهي هڪبئي کان واضح طور ڌار ٿيل هوندا هئا. ڪرتين واپاري طبقي کي 'وقت جي ڊگهي عرصي کان وٺي سمورن انساني ادارن کان وڌيڪ مشهور ۽ ڦهليل' ڪوٺيو، پر اهڙو جيڪو 'زراعت جي تخليق سان شروع ٿيندڙ انساني تاريخ سبب محدود ٿيو هو ۽ صنعتي دؤر جي اچڻ سان پڄاڻيءَ تي پهتو هو،' هن جي خيال ۾ صنعتي انقلاب جي ابتدا. بنيادي طور فالتو ۽ اجائي واپاري طبقي وسيلي پوري ٿيندڙ ثقافتي دلاليءَ جي سرگرميءَ سان منسوب سرمايداريءَ جي مغربي تصورن واريءَ سوچ سان ڳنڍيل هيڪڙائيءَ جيان، پنهجي پاڻ سان گڏ 'واپاري طبقي جو جهانورو يا شفق' پڻ آندي هئي.

دلال اقليت ۽ واپاري طبقن جا مثال، سندن مختلف اصرارن هوندي به، مڪمل طور عالمي- سرشتي جي نقطي نظر سان نهڪجندڙ آهن. اهو واضح طور دليل ڏئي سگهجي ٿو، ته جيئن مغربي سرمايداريءَ جي سوچ مجموعي طور دائري يا نيم- دائمي رتبي جي سمورين غير- اولهندي معيشيتن کي سوڙهو ڪري کين گهٽايو هو، تنهنڪري پراڻو 'واپاري طبقو 'دلال اقليتن' منجهه تبديل ٿي ويو. هڪڙي تازي ڪتاب ۾، ڪرسٽائين ڊوبن انهيءَ قسم جو، عالمي معيشيت جوڙڻ ۾ ايشيائي واپاري اقليتن جي نيايل ڪردار بابت، دليل اڳتي آندو آهي. (26) بهرحال، اسان وارو هي اپياس انهيءَ مڪتبہ فڪر جي وضاحت کان پاڻ کي مفاصلي تي رکي ٿو. جنهن ۾ هيءَ چيل آهي، ته ايشيائي واپارين جي مختلف ڌرين ايشيائي ملڪن تي، يورپي حاڪميت واري سموري عرصي دؤران، آزاد تجارتي ڪردار برقرار رکيو آهي.

ڪيترن ئي ڏاهن تائين، 1750-1905ع دوران ايشيا ۾ يورپي سامراجيت جو وڏي پيماني تي ٿيندڙ ڦهلاءُ (1905ع واري سال کي اڪثر ايشيائي سجاڳيءَ جي شروعاتي اهڃاڻ طور ڏٺو وڃي ٿو، جنهن ۾ فاتح جاپان مشعل کڻندڙ هو)، معاشي تاريخدانن جي ذهنن ۾ اهڙي طاقتور سوچ پيدا ڪئي، جو اُهي ايشيائي تجارتي واپاري سرشتن، ملڪي مارڪيٽن جي انيڪ سطحن سميت عالمي واپاري ميدان ۾ وڌيڪ واضح خاص ڪري ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ واپار منجهه جيڪا قوت ۽ طاقت ڏيکاري هئي، تنهن کي نظرانداز ڪندا رهيا هئا، هڪ 'نظرثاني' وارو لاڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'اوڀر ايشيائي معجزو' جي ڏس ۾ ادراڪ جوڳو آهي، ۽ ڪيترائي ليکڪ ايشيائي تجارتي واپاري- سرشتن جي ڊگهي عرصي ۾ قوت سان اُڀرڻ تي زور ڏين ٿا. بهرحال، اُهي ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتن کان وڌيڪ چينين تي ڌيان ڏيڻ جو لاڙو رکن ٿا. (27) اهو سچ آهي، ته ننڍو کنڊ سندس اُڀرندڙ پاڙيسرين جيان ساڳيءَ معاشيُ قوت جي نمائش کان ڪوهين ڏور آهي، ۽ اهو ته سندس واپاري طبقن جو ڪردار ثابتيءَ ۾ گهٽو گهٽ به آهي. بهرحال، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جهڙن واپاري بندرگاهن جي تازي معاشي ڪاميابين کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ مان انڪشاف ٿيندو، ته توڙي اُهي پنهنجي انيڪ طاقت جي ڏس ۾ طاقتور چيني واپاري سرشتن جي سرگرمين جا تورائتا آهن، پر پوءِ به اُتي ڏکڻ ايشيائي عنصر موجود نه-آهي. حقيقت ۾ هڪڙو اندازو هي آهي، ته هندستاني، جيڪي هانگ ڪانگ جي آباديءَ جو 0.3 کان به گهٽ حصو آهن، سي سندس مجموعي پرڏيهي واپار جو اٽڪل ڏهه سيڪڙو تي ضابطو رکن ٿا. (28) جيتوڻيڪ تجرباتي انگن اکرن جون ثابتيون ملڻ ڏاڍيون ڏکيون آهن، ۽ اهڙو تخمينو مجموعي ڪاٿن تي لڳائڻو آهي. تنهنڪري هيءَ حقيقت آهي، ته هندستاني واپاري اڪثر سنڌي واپاري، هانگ ڪانگ جي برآمد اهڙن علائقن: اولهه آفريڪا جيان (خاص ڪري نائيجيريا) ۽ وچ اوڀر ڏانهن وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن ٻنهي مٿين علائقن م اهو نٿو معلوم ٿئي، ته اُتي چيني واپاري- سرشتو ڪنهن به حالت ۾ سرگرم آهي. هيءَ معلوم ٿيندو، ته چيني ۽ هندستاني واپارين وچ ۾ پورهئي جي ورڇ موجود آهي. هندستاني خاص ڪري سنڌين، اٿين لاپائتو لاڳاپو ڏنو ۽ دنيا جي مختلف علائقن ڏانهن اوڀر ايشيائي شين جي برآمد مان شاندار وڌندڙ فائدا وٺڻ ۾ اهل رهيا. هيءَ ڳالهه 'عالمي دلال' جي ڪردار کي ثابت ڪري ٿي ته ڏکڻ ايشيائي واپاري، جيئن اڳيئي ڄاڻايل آهي ته عالمي معيشيت ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين اڪثر اڻ لکيل طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن.

اڪثر واضح ۽ پڪو مفروضو هيءَ آهي، ته هندستاني واپارين جي عالمي ڪردار م تهدار زوال جو طريقو ان چوٽيءَ يا انتها کان ٿيو، جيڪو پاٿمرادو هندستاني عالمي معيشيت وسيلي نمائندگي ڪندڙ هو، جيڪو اوائلي بينڪيتي دنيا کان اڳ م 'دلال اقليتن'، چيٽيارن جيان جاري هو، جيڪي ايڏو گهرائيءَ سان جائزو نٽا لهڻ. عالمي واپار ۽ سيڙپڪاريءَ جي مکيه رستن تي يورپي حاڪميت، ڏکڻ ايشيائي واپارين کي سنڌن واپاري جوڙجڪ مختلف ۽ بهتر طريقن سان ڪرڻ تي مجبور ڪيو. نتين ورهاست م اُهي پنهنجي پاڻ کي نين حالتن سان نهڪائڻ م بيشڪ هرگز ڪامياب نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيا هئا. جهازن جا مالڪ عام طور مسلمان هئا. جيڪي درجي ۾ اڪيلا واپاري هوندا هئا. تن 'ڪيڏ' جي نون اصولن سان پاڻ کي نهڪائڻ ۾ خاص ڪري ڏکيائي ڏني، پر اُهي جيڪڏهن ان راند ۾ وڃائيندڙ هئا، ته ساڳئيءَ ريت کٽيندڙ به هئا. هندستان جي وڏن پٽن تي تجارتي زراعت جي واڌ، ملڪ جي چاڙهو ۾ موڙيدار واپارين ڏُرين کي تمام گهڻي نفعي ماڻڻ جا موقعا ڏنا. هنن پرڏيهي واپار ۾ هڪ نئون رستو ڪڍندي، ڪڙمين ۽ آبادگارن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لڳا ۽ نتيجي ۾ سٺي ۽ ڪپهه جهڙن تجارتي فصلن جي برآمد ڪندي، ڏيهي واپاري طريقيڪار کان آهستي آهستي اڳتي ترقي ڪري اڳتي وڌيا. مختلف طريقا واپرائڻ ۾ 'مارواڙي' مشهور آهن، جن طريقن کي 'اڻ سڌي' وات چٽي سگهجي ٿو. بيون ڌُريون، ڀهراڙيءَ جي معيشيت ۾ گهٽ ملوث ٿيندي، واپار جي مروج رستن تي سمنڊ يا زميني وسيلا اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيون، ۽ منجهانئن ڪجهه وري ايشيا ۽ آفريڪا جي نون علائقن ۾ يورپي معاشي داخلا مان فائدو وٺڻ جي حيثيت ۾ هئا. هيءَ حالت ڪجهه گجراتي مسلمان برادرين، خواجن ۽ بوهرين جهڙن لاءِ خاص هئي.

ٽين درجي ۾ اهي ماڻهو شامل ٿيندا، جن وٽ پرڏيهي واپار منجهه اڳي صف بندي نه هئي، پر اُهي بينڪيتي حڪومت جي ٻاهرين واپاري سرگرمين وسيلي مليل موقعن کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. سڀ کان وڌيڪ واضح ۽ چٽو مثال پارسين جو آهي، ۽ انهن چين سان گڏ واپار لاءِ اڳتي وڌي جيڪو ڪردار ادا ڪيو، سو واپار جو بلڪل نئون قسم هو. اهو واپار برطانيا طرفان چين ڏانهن چانهه جي درآمد جي ادائيگي ۾ ويندڙ قيمتي موتين جي وهڪري جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ خاص طور وڏايو ويجهايو ويو هو.

چوٿين درجي ۾ اهي واپاري شامل ٿيندا، جيڪي عالمي واپار ۾، جيڪو دنيا جي وڌندڙ 'مغربيت' سبب واضح طور وهڪري ۽ 'ذائقي ۽ پسند' ۾ تبديليءَ جو ٿورائتو هو، خاص لاڳاپا رکڻ ۽ جوڙڻ ۾ ڪافي چالاڪ ۽ هوشيار هئا. هيءَ ڳالهه سمجهڻي آهي، ته ايشيائي واپارين لاءِ 'مغربيت' مڪمل طور، منفي مظهر هجڻ کان پري ٿي ڏسندي، خاص ڪري 'مشرقي' شين جي مارڪيٽنگ ۾ ايشيائي ڪارخانن ۾ ٺهندڙ مختلف هٿ جي هنرن ۽ غاليچن جيان، نوان موقعا پيدا ڪيا. ثقافتي طور خاص شين لاءِ وڏي مارڪيٽ جي اڀُسر، سڄي دنيا ۾ ڪپجندڙ شين جي ذائقي ۾ شايد غير ارادي وڌندڙ معيار جو نتيجو آهي. جيتوڻيڪ سنڌن پيداواري حربا تيزيءَ سان وڌندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'مغرب' جهڙين شين جو واهيات روپ هئا. تنهن هوندي به انهن خاص ڪري شين سان تعلق پيدا ڪيو، جنهن جو 'مختلف' جيان ادراڪ ڪري سگهجي ٿو.

انهن مختلف درجابندين کي گڏيل طور هڪبئي سان ڳتيل هئڻ جيان نه ڏسڻ گهرجي: اُهي حقيقت ۾ اڪثر هڪبئي مٿان چڙهيل يا وريل آهن. پر گڏوگڏ اُهي هڪ خال جو نقشو چٽين ٿا، جنهن ۾ ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتو، يورپين موڙي جيان، جيڪا سندن مخالف نه هئي، آزاديءَ جي هڪ خاص سطح سان ڪاروباري سرگرمي ڪري سگهيو هو. هندستاني واپارين جي، عالمي معيشيت ۾ يورپي سرمايداريءَ جي حاڪميت واري عرصي دؤران، ادا ڪيل ڪردار جي اپياس کي سهيڙيندي چئبو، ته انهن واپارين بابت پختن ۽ واضح مفروضن، جنهن هيٺ ڪين "ماتحت" ڪردار تائين گهٽائڻ يا سُسائڻ سبب، اهو اپياس جو نظرانداز ڪيل ميدان آهي. ايشيائي معاشي نمائندن جيئن واپارين، جي انتظامي ۽ مددگار اداري کي سڀ کان اڳ بحال ڪرڻ جي ڪوشش وسيلي پختگي يا واضح طور دوئيءَ واري وضاحت کان پري وڃڻ ضروري پائنجي ٿو. انهيءَ کي ڳردار فلسفياڻي انداز واري بيان کان وڌيڪ انڪشافي ۽ تحقيقي اوزار جي حيثيت سان ضرور ڏسڻ گهرجي. بهرحال، هن ڪتاب ۾ اسان ڪجهه مروج مثالن منجهه، ڪين بيهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان وڌيڪ سندن واپاري سرگرمين جي اندروني مَنطق کي بيهر جوڙڻ جي ڪوشش وسيلي ڏکڻ ايشيا جي پن عالمي واپاري- سرشتن جي تاريخ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

هن ڏاڪي تي 'واپاري سرشتي' جي خيالاتي تجزيي جي ضرورت آهي:

## ڏکڻ ايشيائي واپاري سرشتا ۽ سندن معنائون

هن ڪتاب جو بنيادي دليل هيءَ آهي، ته واپاري- سرشتن جو خيال، جيڪو ننڍڙي ملڪ يا علائقي تي مرڪوز آهي، سو ننڍي ڪنڊ کان ٻاهر هندستاني واپارين جي اپياس لاءِ مناسب تجزيي جي تمام گهٽي درجابندي مهيا ڪري ٿو. واپاري- سرشتن جي 'واپاري طبقن' کان تميز ڪرڻ گهرجي، جيتوڻيڪ سندن خاصيتون ساڳيون هونديون آهن. ڪرٽين مطابق: واپاري طبقا، واپاري- سرشتن جي چوڌاري قِرن ٿا، پر واپاري- سرشتو مڪمل طور معاشي آهي، جڏهن ته واپاري طبقي ۾ ثقافتي رُخ شامل هوندو آهي. جيڪا ڳالهه واپاري- سرشتي جي جوڙجڪ ڪري ٿي، تنهن جي واقعي ادب ۾ ڪابه تسلي بخش وصف موجود نه آهي. (٢٩) هيءَ ڳالهه واضح آهي، ته قطعي معاشي وصف نامناسب آهي. هڪ خاص واپاري- سرشتي جي اٿليو مروج موضوعاتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جي اڀياس وارو هڪ ليکڪ چوي ٿو، ته هوڪيئن واپاري سرشتو اموئي واري شهر ۾ مرڪوز هو، (30) سو 'واپاري- سرشتي' جي 'پاڻ ۾ ڳنڍيل واپاري سرگرمين جي اُتت، جنهن ۾ ڏکڻ فُڪائينسي ملوث هئا' جيان سنڌن وضاحت ڪري ٿو، جنهن مان هن جو مطلب تعلقاتن جي ڪامليت آهي، جنهن ۾ واپاري پاڻ ۾ ملوث يا ڳنڍيل هوندا هئا. (31) گردش جي خيال کان وڌيڪ شانائتي وصف واپرائيندي، آءٌ هڪ واپاري- سرشتي کي اهڙي جوڙجڪ جيان منسوب ڪندس، جنهن وسيلي شيون، قرض، موڙي ۽ ماڻهو چاٽايل عزصي دؤران يا هنڌ، جيڪو ايراضي ۽ پهچ ٻنهي جي خيالن کان گهٽي حد تائين مختلف ۽ جدا ٿي سگهي ٿو، باقاعدگيءَ سان گردش ڪن ٿا. هڪ واپاري- سرشتو عام طور هڪ مرڪز، هڪ علائقي يا علائقن جي ميڙ تي، ۽ واپارين ۽ تجارتي ملازمن جي پکڙيل پر واپاري مرڪز سان ويجهو ناتو رکندڙ وسندين تي مشتمل هوندو آهي، جن وسندين ۾ موڙي رکي وڃي ٿي ۽ مالڪ يا سيٺيي کي پنهنجي رهڻ جي مکيہ جاءِ هوندي آهي.

هڪڙي پاسي، واپاري- سرشتي جي مرڪز ۽ ٻئي پاسي پکڙيل وسندين وچ ۾، شين سميت ماڻهو بہ (۽ ورلي عورتون)، قرض ۽ جاڻ بہ گردش ڪري ٿي. جڏهن تہ شيون بہ وڏي پيماني تي واپاري- سرشتي کان ٻاهر (ٻي صورت ۾ ڪنهن بہ قسم جي متاستا نہ ٿيندي)، ماڻهو، قرض ۽ جاڻ اڪثر خصوصي طور منجهن گردش ڪري ٿي. سڀ کان اهم ڳالهہ بيشڪ معلومات جي گردش آهي. اها واپارين جي واپاري- سرشتي ۾، جيڪا سندس ڪاميابيءَ کي پڪ ڏياري ٿي، معلومات جي مستقل وهڪري کي برقرار رکڻ جي گنجائش ۽ صلاحيت هوندي آهي. انهيءَ مان بہ ڳالهيون نڪرن ٿيون: سڀ کان پهرين هيءَ تہ 'واپاري ڳُجهي ڳالهہ ظاهر ٿيڻ' کان مڪمل حد تائين ٻاهرين دنيا ڏانهن پڌري ٿيڻ کان بچيٺو پوندو هو؛ ٻيو هيءَ تہ جاڻ، فضائي ۽ عارضي طور واپاري سرشتي منجهہ سڌو ۽ سولائيءَ سان گردش ڪرڻ گهرجي، جو اها هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهي ٿي. جيتوڻيڪ تعليمي ماهر عام طور واپاري سرگرميءَ جي عقلي رُخ کان مايوس هوندا آهن، تنهنڪري سندن سوچ مطابق واپاري سرگرمي 'بہ پئسي جي فائدي' کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ تي آڌاريل نہ هوندي آهي، ڊگهي مُدي تائين سڀ کان وڌيڪ ڪامياب واپاري- سرشتا اهي رهيا آهن، جيڪي جاڻ واري طريقي کي مستقل طور ٻيهر سڌاري ڏانهن قبول ڪندڙ معلوماتي جسم ۾ داخل ڪندا رهن ٿا. عقلي نوعيت جو معلوماتي جسم، جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو ڪري مارڪيٽن سان لاڳاپيل هوندو آهي، سو گهٽ وڌ انهن سان نهڪجندڙ هوندو آهي، جنهن کي اڪثر 'واپار جا ڳُجهه' چيو ويندو آهي.

قرض جي گردش وارو سوال پيچيدگيءَ سان ڀرپور هوندو آهي. سمورا واپاري-سرشتا عملي طور ڪنهن هڪ موقعي يا ٻئي موقعي تي ٻاهرين اوڌر يا قرض واپرائيندا آهن. بهرحال، واپاري- سرشتن جي ضروري خاصيت هيءَ آهي، ته واپاري-سرشتي منجهه قرض، ملڪيت ضبط ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ مارڪيٽ اڳهن کان گهٽ جيان، عام اڳهه سان گردش ڪندو آهي. هيءَ ڳالهه ڀروسي جي نازڪ سوال کي کولي ٿي. هيءَ عام طور قرض ڪجي ٿو، ته واپاري- سرشتا گهڻو ڪري جن بنياد تي پنهنجو واپار ڪن ٿا، تن ۾ غيرمواڌي ۽ اهو وکر شامل هوندو آهي، جنهن جي معنيٰ ٻُڌائڻ ڏاڍي ڏکي آهي، سو ڀروسو هوندو آهي. اسان کي چيو وڃي ٿو، ته اوليتي شرح ۽ ملڪيت جي ضبطگيءَ جي، قرض ڏيندڙ ۽ قرض وٺندڙ وچ ۾ ڀروسي وارن ناتن جي موجودگيءَ وسيلي وضاحت ڪئي وڃي ٿي. ڀروسي جي هن ناتي جي موجودگي عام طور رشتيداري، ذات ۽ ڀرادريءَ سان ڳنڍيل هوندي آهي، جنهن نُقطي تي اڳتي هلي بحث ڪيو ويندو. قرض واري سوال بابت، هڪ ٻيو نقطي نظر 'سرڪاري' يا 'رسمي' قرض واري سرشتي جي اُسرندڙ حالت وچ ۾ لاڳاپي تي اصرار ڪرڻ جو لاڙو رکندڙ هو، ۽ واپاري- سرشتي تي بَدل قرض ڏيڻ جي سرشتن جي 'غير رسمي' استعمال جو لاڙو رکندو هو. ٻين لفظن ۾، گهٽ اُسريل ۽ 'سرڪاري' بينڪنگ سرشتي تائين پهچ جوڳا واپاري، پنهنجي واپاري- سرشتي منجهان ئي پئسا قرض وٺڻ جو لاڙو رکندا هئا.

واپاري- سرشتي واري مرڪز ۽ مختلف پکڙيل علائقن وچ ۾ ماڻهن جي گردش، سيني واپاري سرشتن ۾ خاص ڪري ڏورانهين هنڌن تي واقع هئڻ وارن لاءِ جياپي واري خون جيان آهي. اهو انيڪ روپ وٺي سگهي ٿو، ۽ تفصيلي تجرباتي ۽ مشاهداتي تجزيو اڳتي هلي پيش ڪيو ويندو. مکيه سوالن مان هڪ سوال واپارين جي واپاري-سرشتي ۽ رشتيداريءَ واري واپاري- سرشتي وچ ۾ لاڳاپي بابت آهي. رشتيداري واضح طور سمورن واپاري- سرشتن ۾ مکيه جزو هوندي آهي، پر ان جي اهميت وڌاءُ تي سگهي ٿي. ويجهڙائي واري مشاهداتي ۽ تجرباتي تجزئي مان پتو پيو ٿو، ته واپاري ڀائيواري اڪثر انهن ماڻهن وچ ۾ ٿيندي آهي، جيڪي پاڻ ۾ رشتن ۾ ڳنڍيل نه هوندا آهن.

ڏکڻ ايشيائي سماجن ۾ ذات جي اهميت واري حوالي مان پتو پوندو، ته ڏکڻ ايشيائي واپارين جي پائيدار واپاري- سرشتن ۾ ذات کي مرڪزي ڪردار هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ناتوڪوتاءِ چيتيارن واپارين تي لکيل ڪتاب ۾ ڊيوڊ رَڊنر دليل ڏنو آهي، ته ڏکڻ هندستاني بينڪارن جي هن ڏُرجي تنظيم ۾ ذات کي مکيه حيثيت مليل هئي، ۽ هن پنهنجي تجزيي جي حمايت لاءِ متاثر ڪندڙ دليل ڏنا آهن. هن مطابق اهي 'سنڌن ذات جي تنظيم جا معيار' آهن، جن چيتياري واپارين کي 'بدلجندڙ بينڪيتي معاشيات مان فائدا وٺڻ ۽ ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۽ ڏکڻ هندستان جي مکيه واپاري- بينڪار بنجڻ' لاءِ قابل بڻايو هو. (32) بهرحال، هي پڪ نه آهي ته سنڌن تجزئي کي عموميت طور وٺي سگهجي ٿو. چيتيارن جي حالت ۾، ذات ۽ علائقي وچ ۾ مڪمل هم آهنگي مناسب هئي، جو اُهي تامل ناڊو جي چيٽي نند جي نالي سان مشهور ننڍڙي علائقي جا رهواسي هئا. پر موافقت جو هي قسم هندستان ۾ اڻلڀ هو. اڪثر واپاري ذاتيون خاص علائقي سبب پاڻ ۾ ڳنڊيل نه هونديون هيون، جيتوڻيڪ سنڌن نسل بابت ڏندڪٿائن ۾ اڪثر ڪنهن ساڳئي علائقي جو حوالو ڏنل هوندو هو. بهرحال، اڪثر علائقن ۾ رهندڙ واپاري مختلف ذاتين يا نُکن سان تعلق رکندڙ هوندا هئا.

واپاري طبقن تي مواد اڪثر انهن لاڳاپن جي اهميت تي زور ڏئي ٿو، جيڪي ساڳئي مذهب وسيلي قائم ٿيل هئا. بهرحال، نه هندو ۽ نه ئي مسلمان واپاري ڪنهن به جاءِ تي پنهنجي پاڻ کي ساڳئي نسل جي تشخص طور پيش ڪندا هئا. ناتوڪوتاءِ چيتيار بينڪارن جو مضبوطيءَ سان ادارن جي حيثيت ماٺيندڙ مذهب، جنهن جا سائيوئيت مندر ڪنهن قدر واپاري مرڪز طور ڪم ايندا هئا. جڏهن ته سنڌي هندو واپارين جي ڪافي قدر پَنڙي ڪائناتي مذهب وچ ۾ تمام توريون ڳالهيون ساڳيون هيون، ان حقيقت هوندي به، ته ٻئي ڌُريون پاڻ کي 'هندو' ظاهر ڪنديون هيون. هي ساڳيو فرق مسلمان واپارين ۾ پڻ ادراڪ جوڳو آهي: شيعن واپارين جي سماجي ادارن ۽ مذهبي رسمن رواجن سميت خواجن ۽ بوهرين ۽ سُني واپارين وچ ۾ تمام وسيع وڇوٽي پڻ هوندي هئي. گڏوگڏ سُنين منجهه پڻ ويڇو هوندو هو، جو ميمڻ واضح طور پنهنجي پاڻ کي ٻين ڌُرين کان ڌار سمجهندا هئا. بهرحال، هڪڙو اهڙو به ميدان هو، جنهن ۾ هندو/ مسلمان تفاوت اهم هوندو هو. پاڪائي ۽ ناپاڪائيءَ جا بدلجندڙ تصور، هندو واپارين کي پنهنجون زالون هندستان کان ٻاهر وٺي وڃڻ کان روڪيندا هئا، جڏهن ته مسلمان واپاري عام طور پنهنجي خاندان سان گڏ خاص ڪري مسلمان ملڪن ڏانهن سفر ڪندا هئا. انهيءَ ڏاڪي تي، هندوئن لاءِ ڪارو پاڻي اُڪرڻ تي مذهبي روڪ واري چِيندڙ مسئلي تي بحث ڪرڻ به ضروري آهي. حقيقت ۾ انهيءَ طريقي بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي، جنهن هيٺ هندو واپاري برادرين ۾ مذهبي روڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌن ذهنن ۾ وبهاري وڻندي هئي ۽ اها روڪ مڙهي وينديءَ هئي. اهڙيون ڪافي ثابتيون موجود آهن، ته هندو ڪنهن روڪ کان سواءِ ڪيترن ئي صدين کان سمنڊ وسيلي واپار ڪندا رهيا آهن. پر جيڪا ڳالهه نسبتي طور مُنجهيل آهي، سا مذهبي ڪفارو آهي، جيڪا ڪين سنڌن واپسيءَ ڪانپوءِ ادا ڪرڻو پوندو هو. ڪجهه برادرين ۾ گانڌيءَ واري وقت پوربندر جي گجراتي واڻين جيان، اسان ڄاڻون ٿا ته اهي مذهبي رسمون حقيقي طور واقع ٿينديون هيون، پر اسان وٽ ٻين برادرين بابت ڄاڻ جي کوٽ آهي. بهرحال، هڪڙو مفروضو جيڪو ظاهري ۽ ساراهه جوڳو لڳي ٿو، سو عورتن جي مسافريءَ تي عمومي روڪ آهي، جيڪا ٿوري مختلف قسم جي هوندي هئي. حقيقت هيءَ آهي، ته گهريتڙيون عورتون سمنڊ کان پري سفر نه ڪنديون هيون (يا وچ ايشيا ڏانهن وينديڙ لَڪ نه لتاڙينديون هيون). معلوم ٿئي ٿو، ته گهريتڙين عورتن جي لڳاتار پاڪائيءَ جي يقين ڏهانيءَ مناسب رهي آهي.

ڪجهه تجزئي نگار ساڳئي نسل ۽ ساڳي ٻوليءَ ڪي، ساڳئي مذهب جي پيٺ ۾ وڌيڪ سهنڌڙ لاڳاپن جي حيثيت سان ڏسن ٿا. بهرحال، ننڍي کنڊ ۾ نسلي گروهن وچ ۾ سرحدون اڪثر نامناسب ۽ ناموافق رهيون آهن. مثال طور 'گجراتي واپاري' اصطلاح مختلف علائقن جي واپارين (ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات)، مختلف مذهبن جي واپارين (هندوئن، جين، پارسين، شيعن ۽ سُني مسلمانن) تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو، ۽ اهو ڪنهن مروج واپاري 'برادري' سان نهڪجندڙ نه آهي. گڏوگڏ 'واپاري برادريءَ' جو خيال ڪنهن حد تائين مُنجهيل آهي، جو منجهس نسل جي عنصر سميت ذات ۽ علائقيت پڻ شامل آهي. سُنو مثال 'مارواڙي' برادريءَ جو آهي، جنهن تي گهڻو اختياراتي ماخذ ٽمبيرگ جو اپياسي جائزو آهي. (33) جيئن اُن ليکڪ استعمال ڪيو، ته هو ٻنهي ذاتين جي پيچيده ميڙ (تي اهم پاڳا اگروال، مهيشوري ۽ اوسوال) ۽ علائقي ڏُريون (جيئن شيخاوتي يا بيڪانيري) ڏانهن حوالو ڏئي ٿو، جنهن جي مُنجهيل ساڳئي علائقائي نسل وسيلي وضاحت ڪئي وئي (راجستان جو هڪ حصو)، پر منجهن هندوئن سميت جين به شامل آهن. معلوم ٿئي ٿو، ته حقيقت ۾ هي اصطلاح اوپر هندستان جي 'ڏيهي' شهرين جو تخليق ڪيل آهي، جيڪو اوڻيهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ بنگال ۾ اچي جمع ٿيندڙ اتر- اولهه جي سمورن واپارين لاءِ نامزد ڪيو ويو هو. ۽ اهو ترت ئي 1901 ۽ 1911ع جي آدمشماريءَ واري وقت برطانوي انتظامي ٻوليءَ ۾ شامل ڪيو ويو. پر ڪا واضح ثابتي نه آهي، ته مشهور 'مارواڙي' پاڻ اهو محسوس ڪندا هجن، ته اُهي ڪنهن خاص برادريءَ سان لاڳاپو رکن ٿا. اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿئي ٿو، ته اها سجاتي ڪافي عرصي تائين ذات ۽ علائقي سان لاڳاپيل رهي، ۽ اهو ته مارواڙي ڏر وارو تشخص چڱي دير واري ڏاڪي تي اُنهن انيڪ سببن ڪري اُسريو، جيڪي گهڻو ڪري سياسي هئا، ۽ جن ڪي گهرو ويڙهه واري عرصي دؤران بنگالي سياسي جوڙجڪ ۾ تبديليءَ مان گذرڻو پيو.

هندستاني واپارين تي سماجي علمن واري ادب ۾ تمام گهڻ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ علائقن جي اهميت تي ان حقيقت هوندي به گهڻو زور نه ڏنو ويو آهي، ته تاريخدانن انيڪ واپاري ڏرين جي نمائندگي ڪندڙ خاص ادارن جي عطا ڪيل تجارتي شهرن، جن کي ڪڏهن 'تجارتي شهر' سڏيو ويندو هو، تنهن جي اُڀرڻ جا واضح اشارا ڏنا آهن. سي. اي. بائلي ارڙهين صديءَ واري بنارس جي نئوپتي سويا (34) ۽ اتر هندستان ۽ گجرات جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ موجود ادارن تي تفصيل سان لکيو آهي، جنهن ۾ مختلف 'ذاتين' ۽ 'برادرين' سان لاڳاپيل واپارين منجهه، مضبوط مقامي طور ٻڌل تعلقاتن جي موجودگيءَ جي شاهدي ڏني وئي آهي. واپاري ڪيترن ئي شهرن ۽ واهڻن ۾، شهري سياست ۾ مکيه پاڳيدار هوندا هئا، (35) ۽ انهن مان واپاري شهري ثقافت جو قسم ظاهر ٿيو، جنهن ذات ۽ برادريءَ ۾ ٻيج ٻاهه ڪئي. سُورت (36) يا ٻڙوچ جهڙا شهر پائيدار واپاري- حاڪميت واري شهري ثقافت جو مکيه مثال آهن، ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي شهر وسيع واپاري- سرشتن جو مرڪز رهيا آهن، ته اهو ڪو حادثو نه آهي. اها مزيدار ڳالهه ٿيندي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو علائقن جو عام اصطلاح جوڙي سگهي، جيڪي ڏوراهين ماڳن جي واپاري- سرشتن جا مرڪز هئا. هڪ اڻچرج ۾ وجهندڙ حقيقت هيءَ آهي، ته اهڙا واپاري- سرشتا اڪثر انهن علائقن مان ڦُٽي اُسريا، جيڪي وڏن علائقن جي پيٽ ۾ ننڍي آباديءَ وارا علائقا هئا، ۽ اُهي سامونڊي شهرن کان به ڪافي اندرئين پاسي موجود هئا. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن بمبئي، سُورت، ٻڙوچ، مانڊوي يا پُوربندر جهڙا سامونڊي بندرگاهه ڪيترن ئي سرگرم واپاري- سرشتن جا مرڪز هئا، ته هوشيارپور، ڪيمبيل پور يا ڪوئيٽا جهڙين اندرين علائقن ۾ موجود شهرن پڻ اهم ڪردار ادا تي ڪيو. بهرحال، واپاري- سرشتن کي مضبوط شهري مرڪزن ۽ روايتن جي گهڻو ويجهو ڳولڻ جي ڪوشش غلطي ٿيندي. گجرات ۾ ننڍڙي شاهاڻي رياست ڪَڇ ڀرواڙيءَ جي علائقي جو هڪ مثال آهي، جتان انيڪ ڏورانهين علائقن ۾ واپار ڪندڙ واپاري- سرشتو اُسريو. اڪثر ڪڇي واپاري، پوءِ ڀلي منجهن هندو (لوهاڻا يا ڀاٽيا) يا مسلمان (اسماعيلي خواجا ۽ بوهرين سميت سُني ميمڻ) هجن، اوڀر آفريڪا ۽ ڏور- اوڀر جي ملڪن وچ ۾ هرجاءِ تي واپار ڪندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ۽ جيڪي مجموعي ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي وڏي انگ جي نمائندگي ڪندڙ هئا. سي ڪچ جي ننڍڙن ڳوٺن جا اصل رهواسي هئا. (37) جتي ڪنهن به حالت ۾ بلڪل ٿورڙيون شهري سهولتون موجود هونديون هيون.

ڏوراهن ملڪن ۾ واقع واپاري سرشتن تي ٻڌل علائقا. مقامي ۽ عالمي طور سڌن ناتن جي مزيدار حالت پيش ڪن ٿا. جن ۾ 'قومي' طور واضح طريقي سان واپاري مالَ جي متاستا يا تياڪڙي نه ڪئي وئي هئي. (38) بينڪيتي رياست جي ابتدا کان اڳ موجود انهن واپاري- سرشتن ڏانهن. بينڪيتي رياست اوستائين اپياسي لاپرواهي جو لاڙو برقرار رکيو. جيستائين انهن سرشتن. طاقتور برطانوي مفادن سان مداخلت نه ڪئي ۽ سياسي ڏکيائون پيدا نه ڪيون. انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو. ته ڪهڙن سبب ڪري انهن واپاري- سرشتن جي موجودگيءَ ڏانهن معاشي تاريخدانن گهٽو ڌيان نه ڏنو. جيڪي غيرشعوري طور بينڪيتي رياست جي تعصب کي جيارڻ جو لاڙو رکندڙ هئا ۽ جن جي اهي اڪثر مذمت ڪن ٿا. درجابندي جوڙڻ لاءِ هاٺوڪن مختلف ڪتابن ۾ اها طاقت. جيڪا بينڪيتي بحثن ۽ ڳالهين پولهين ڏانهن منسوب ڪئي وئي. سا پائيدار حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ ڏانهن ڪيترن کي وٺي ويندڙ سماجي سچائيءَ ۾ موجود نه هوندي هئي. ته بينڪيتي انتظاميا وٽ معاشي ۽ سماجي حقيقتن هوندي به معلومات بلڪل جزوي هوندي هئي. نتيجو هي ٿو نڪري. ته جيڪا ڳالهه بينڪيتي بحثن ۾ نه ايندي آهي. سا غيراهم يا غير- وجودي سمجهي ويندي هئي. جيئن ته برطانيا هندستاني واپاري طبقي. جنهن بابت اُهي گهٽ ڄاڻندا هئا ۽ سندن گهٽ سار لهندا هئا. ڪنهن خاص تناظر ڪانسواءِ لاڳاپيل بحث نه پيدا ڪيو. تنهن هوندي به انهن واپاري طبقن کي تاريخي مواد مان اتڪل ميساريو ويو آهي. انهن واپاري- سرشتن جي تاريخي اپياس مان واپاري- سرشتن. قومن ۽ شهنشاهي راڄ وچ ۾. جنهن مامري کي ڪيترن ئي ماڻهن وٽ اسان جي حال کي سمجهڻ جي اهميت جي حيثيت سان ڏنو وڃي ٿو. تعلقاتن جي سوال تي نئين روشني وجهي سگهجي ٿي.

اوڻيهه ۽ ويهين صدين ۾ هندستان کان وڏندڙ ويجهندڙ واپاري سرشتا. ڪلاسيڪل فهم ۾ لڏپلاڻ ڪندڙن جا واپاري- سرشتا نه هئا. جيتوڻيڪ سندن واپاري سرگرمين جو نتيجو ورلي لڏپلاڻ ڪندڙن جي وهڪري جي جوڙجڪ ۾ نڪرندو هو. واپاري- سرشتن جي مرڪزن ۽ واپار جي پکڙيل علائقن وچ ۾ ماڻهن جي گردش ٿيندي رهندي هئي. انهيءَ حالت ۾ 'لڏپلاڻ ڪندڙن' جو اپياس. ڪين سندن اباڻي شهرن کان ڌار ڪري نٿو ڪري سگهجي. مثال طور هن جو مطلب هيءَ آهي. ته مرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپارين (ڪنهن حد تائين خاص ڪري) جي اپياس ڪي، شهرن ۾ ترسندڙ عورتن جي ڪردار کي سمجهڻ کان، ڌار ڪري نٿو ڪري سگهجي، ڇوته اُهي ڪيترن ئي طريقن سان واپاري- سرشتن جي جوڙجڪ تي اثرانداز ٿيندڙيون هيون. واپاري- سرشتن ۾ ’شهوتي معاشيات‘ جو اپياس سنڌن مجموعي اپياس جو اهم حصو آهي. اهو خاص ڪري شڪارپور ۽ حيدرآباد جي واپارين جي حالت ۾ اهم آهي.

سنڌ جا اهي ننڍي آباديءَ وارا ٻہ ميداني شهر مختلف نمونن جي ٻن واپاري- سرشتن جا اباڻا شهر هئا، جيڪي عالمي واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ ملوث هئا. شڪارپور سيڙپڪاري واري واپاري- سرشتي جو مرڪز هوندو هو، جيڪو دراني شهنشاهيت جي اُپار سان سڌي لاڳاپي سبب ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ وڌيو ويجهيو. شڪارپور اُتر سنڌ جو مشهور شهر هوندو هو، جيڪو قنڌار سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هو. جيتوڻيڪ هن شهر اوڻيهن صديءَ جي پهرين ٻن ڏهاڪن ۾ دراني رياست جي زوال سبب گهٽو پوڳيو ۽ ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري پنهنجي چمڪ ۽ ڪشش موٽائي نہ سگهيو، جيستائين وچي شڪارپوري بينڪارن ۽ واپارين جيڪا ملڪيت، موڙي ۽ تجربو گڏ ڪيو هو، تنهن مان 1840ع تائين هندو- وچ ايشيائي واپار ۾ نئين اُڀري آيل اُپار مان فائدو نہ ورتو، ۽ ائين اڳتي هلي هنن وچ ايشيائي ملڪن سان قافلن واري تجارت ۽ ويجهن لاڳاپن تي ٻَڌل سرگرم واپاري- سرشتو نہ جوڙيو. سنڌ تي برطانوي والار سان شڪارپوري بينڪارن جي ٻاهرين نماءُ ۽ مظهر ۾ واضح طور تبديلي نہ آئي، جو تڏهن سنڌ ۾ هڪدم ايڏا وڌيل واپاري موقعا پيدا نہ ٿيا. اسان وٽ اهڙي واپاري- سرشتي جو مامرو موجود آهي، جيڪو برطانوي لاڳاپي کان آزاد اُسريو ۽ وڌيو ويجهو هو ۽ اهو روسي انقلاب واري وقت تائين پنهنجو نسبتي آزاد واپار برقرار رکڻ لاءِ اهل هو.

حيدرآباد جي سنڌورڪي واپارين جو مامرو بلڪل مختلف هو. حيدرآباد، بينڪارن ۽ واپارين جي ان برادريءَ جو شهر هو، جن جا ٽالپر اميرن جي حڪومت سان ويجها ناتا هوندا هئا، جنهن جي حڪومت جو تختو 1843ع ۾ انگريزن اونڌو ڪيو هو. رياست جي بينڪار ۽ هٽ جي هنرن جي پيدائش جي سيڙپڪار جي حيثيت سان، جيڪي دربار جي مارڪيٽ لاءِ خاص ڪري ڪم ڪندا هئا، ۽ پنهنجي حيثيت واري ڪردار فنا ٿيڻ ڪانپوءِ، هنن پنهنجي واپار لاءِ روزگار جي وسيلن لاءِ نوان گس ڳولڻ شروع ڪيا. هنن سنڌ ۽ بمبئي وچ ۾ تجارتي ناتن جي مضبوطيءَ واري رعايت مان فائدو ورتو، بلڪل مڪمل طور نئين ڌنڌي يا واپار کي جاري ڪندي، جنهن هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقامي طور هٿ جي ٺهيل پيداوار يورپي گراهڪن کي وڪڻي ويندي هئي، جيڪا پهرين بمبئي پوءِ مصر ۽ ان کان پوءِ اها عالمي سطح تي وڪرو ڪئي ويندي هئي. اُهي ٻه واپاري سرشتا ابتڙ اهڙيا جائزو مهيا ڪن ٿا: جنهن مان هڪڙو زمين تي ٻَڌل ۽ ٻيو سمنڊ تي ٻَڌل هوندو هو: هڪڙو گهڻو ڪري مالياتي هو، جڏهن ته ٻيو اڪثر تجارتي هوندو هو: هڪڙو بيبنڪيت کان اڳ وارو هو، ته ٻيو وري بينڪيت جي ابتدا سان ڳنڍيل ۽ بدليل معاشي ۽ سياسي حالتن جي پيداوار هو. ساڳئي وقت، هنن ۾ ڪيترين ئي ساڳين خوبين موجود هيون: ٻئي واپاري تنظيم جا 'روايتي' روپ ۽ ليکي چوکي جي مهارت استعمال ڪندا هئا، جيتوڻيڪ سنڌورڪي واپاري، عالمي سامونڊي واپاري دنيا ۾ واپار ڪندا هئا، جتي ٽيليگراف ۽ ٻاڦ جي جهازن واپار جي طريقن ۾ حقيقي انقلاب آندو هو، جڏهن ته شڪارپوري واپاري اجا به مال توڙي وکر جي آڻ نيڻ ۽ جاڻ جي متاستا لاءِ اُٺن ۽ مال گاڏين تي پروسو ڪرڻ جاري رکيو پئي آيا.

جيتوڻيڪ اُهي واپاري- سرشتا مختلف طريقن ۾ بلڪل چِٽا واضح هئا، تنهن هوندي به اُهي ڪنهن به صورت ۾ منفرد نه هئا. انهن ڏانهن منسوب ڪيل اڪثر خاصيتن مان ڪيترين هندستاني واپارين جي بين ڏرين، جيڪي سڄي دنيا ۾ هندوئن سکن ۽ مسلمان ۾ پکڙيل هئا، منجهه به ڏسڻ ۾ ايندڀون هيون. آءُ هن اهڙياس کي نه رڳو ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتن، پر عمومي طور عالمي واپاري- سرشتن سان به لاڳاپيل حيثيت سان ڏسان ٿو. ساڳئي وقت، انهن ٻنهي واپاري- سرشتن جون پنهنجي مقامي تناظر ۾ گهڻو پاڙون کُتل هيون. جيئن ته سنڌ جي معاشي ۽ سماجي تاريخ بابت بلڪل تورڙي جاڻ جو پتو آهي، تنهنڪري هن اهڙياسي ڪتاب جو، ڏکڻ ايشيا جي علائقائي اهڙياسن جي گهٽ ترقي ڪيل ميدان ۾ بحث کولڻ جي ڪوشش به آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ايندڙ باب ۾ وضاحت سان سنڌ تي ڌيان ڏنو ويندو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. A. Wink, Al Hind: The Making of the Indo-Islamic World, vol. I, Early Medieval India and the expansion of Islam 7-11th centuries, Leiden, 1990, p. 65.
2. See Chèn Dasheng and D. Lombard, 'Le role des etrangers dans le siecles', in D. !et 14 !commerce maritime de Quanzhou (Zaitun) aux 13 Lombard and J. Aubin (eds.), Marchands et hommes d'affaires


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12. On the role of the Parsis in the China opium trade. see D. F. Karaka. History of the Parsis. Including their Manners. Customs. Religion and Present Position. London. 1884. vol. II pp. 4-43 and J. K. fairbank. Trade and Diplomacy on the China Coast: The opening of the Treaty Ports, 1842-1854, Cambridge. MA. 1964. pp. 7-63. 155, 160. 173.
13. See M. Mamdaní, Politics and Class Formation in Uganda. London. 1976, pp. 86-109.
14. Calculated by me on the basis of data provided in census of India. 1931, vol. I, India Report, by J. H. Hutton, Delhi, 1933, Subsidiary Table IV. 'statement showing details of persons of Indian origin enumerated in various parts of the British Empire for the period 1926-32'. pp. 78 ff., and various colonial censues.
15. K. S. Sandhu, Indian in Malaya: Some Aspects of their Immigration and Settlement (1786-1957). Cambridge. 1969, Appendix 3. pp. 312-15.
16. Davis, The Population of India, p. 99.
17. See M. Banks, 'Jain wyas of Being', in R. Ballard (ed.). Desh Pardesh: the South Asian Presence in Britain. London. 1994. pp. 231-50.
18. جيئن وڏو تامل واپاري وي. ايم. پلاءِ، جيڪو ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ هندستان کان فجي لڏپلاڻ ڪئي، ۽ هن پيسيفڪ آرڪيپيلاگو ۾ ريزڪي دڪانن جو چار وڇايو هو. هن جو ڪي. اي. گليان جي ڪتاب ”فجيءَ جا هندستاني واپاري“ ميلبورن، 1964ع، صفحي 134 تي حوالو ڏنل آهي.
19. See R. K. Ray. 'Asian cpital in the Age of European Domination: the Rise of the Bazar, 1800-1914'. Modern Asian Studies; vol. 29. no. 3. pp. 449-554.
20. W. Sombart. The Jews and Modern Capitalism. New Brunswick and London. 1982.
21. G. Simmel. 'The Stranger'. in K. H. Wolff (ed.). The Sociology of Georg Simmel. New Yourk. 1950. pp. 402-8.
22. H. M. Blalock, Jr., Toward a Theory of Minority Group Relations. New Yourk. 1967.
23. See E. Bonacich. 'A Theory of Middleman Minorities'. Americal Socialogical Review. vol. 38. October 1973. pp. 583-94.
24. Cohen. 'Cultural Strategies in the Organization of Trading Diasporas'.
25. P. D. Curtin. Cross-Cultural Trade in World History. Cambridge. 1984.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26. C. Dobbin. Asian Entrepreneurial Minorities: Conjoint Communities in the Making of the World-Economy. 1570-1940, London. 1996.

27. An Exception is R. Brown. Capital and Entrepreneurship in Southeast Asia. London. 1994. which devotes an entire chapter to the role of Indian traders in the textile trade of Southeast Asia.

28. Quoted in B. Sue-White. Turbans and Traders: Hong Kong's Indian communities. Hong Kong. 1994.

29. جيتوڻيڪ مطمئن ڪندڙ نہ آهي، تنهن هوندي بہ ڪوشش لاءِ ڏسو:

F. Braudel. Civilization and Capitalism 15th-18th Century. vol. II. The Wheels of Commerce. London. 1982. p. 149.

براڊيل "واپاري طريقي ڪار" ۽ "چار" ۾ تفاوت ڪري ٿو. هو لکي ٿو: ڪوبہ واپاري طريقو جيڪو گهڻن فردن يا گماشتن کي پاڻ ۾ ويجهو آڻي ٿو، پوءِ ڀلي اُهي ساڳي فرم سان لاڳاپيل هجن يا نہ، سي ڪنهن چار يا چارن جي ميڙ سان گهڻن رُخن کان مليل آهن." ۽ هو "واپاري سرشتي" کي، سچ تي ٻَڌل، واپاري "استحڪام" واري صورت جي حيثيت سان سمجهي ٿو.

30. Ng Chin-Keong. Trade and Society: the Amoy Network on the China Coast 1683-1735. Singapore. 1983.

31. Ibid.. pp. 3-4.

32. See D. W. Rudnet. Caste and Capitalism in Colonial India: The Nattukottai Chettiars. Berkeley. CA. 1994.

33. See T. A. Timberg. The Marwaris: from Traders to Industrialists. Delhi. 1978.

34. See Bayly. Rulers. Townsmen and Bazzars. pp. 109-177.

35. On the case of Bombay. see C. Dobbin. Urban Leadership in Western India: Politics and Communities in Bombay City. 1840-1885. Oxford. 1972.

36. See D. Haynes. Rhetoric and Ritual in Colonial India: the Shaping of a Public Culture in Surat City. 1852-2928. Berkeley. CA. 1991. in Particular pp. 8-60 on the role of Mohajans and Shetias.

37. See the interesting memoirs of a prominent Kutchi Khoja merchant of Singapore. R. Jumabhoy. Multiracial Singapore. Singapore. 1970.

38. In a short paper. Sugata Bose drew attention to the existence of direct linkages between the world economy and South Asian regional economies. See S. Bose. 'The World Economy and Regional Economies in South Asia: Some Comments on Linkages'. in S. Bose (ed.). South Asia and World Capitalism. Delhi. 1990. pp. 357-362. I would stress here that these linkages extended even to certain localities. independently of their insertion into 'regional' economies.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيون

# سنڌ جي معشيت ۽ سماج
# علائقائي لاڳاپي سان 1750ع کان 1950ع تائين

سنڌ ڏورانهين سرحد تي موجود هئڻ سبب ڏکڻ ايشيائي تاريخ ۾ وساريل ۽ نظرانداز ڪيل علائقو رهيو آهي. سنڌ، هندستان ۽ خراسان جي وسيع علائقن، جن ۾ ڏاکڻو افغانستان، بلوچستان ۽ ڏکڻ- اوڀر ايران شامل هئا، تن کي پاڻ ۾ ملائڻ جو ڪم ڪندي هئي. انهن علائقن ۾ ايراني ثقافت جو گهڻو اثر هوندو هو. سنڌ ڏار ڏار موقعن تي اُتر هندستان ۾ نهندڙ سلطنتن جي هٿ وس پئي رهندي آئي آهي. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپر حڪمران گهراڻن جي عهد ۾، سنڌ رياست ۾ مقامي سياسي نظام جي جوڙجڪ ٿي، جنهن کي 'قبائلي ڪنفيڊريشن' چئي سگهجي ٿو. اُها رياست ايڏو ته قابل هئي، جو اُن ايشيا جي سڀ کان وڏي نهري نظام کي، لاڙ سنڌ ۾ نه رڳو ترقي ڏني، پر سندس جتاءُ به ڪري سگهي هئي. برطانوي حڪومت، سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان اڳ ان خلاف ڀرپور منفي پرچارڪ مهم هلائي، ڪيس بدنام ڪيو ويو ۽ هي چيو ويو: سنڌ هڪ پُٺتي پيل رياست هئي، جنهن جا حڪمران جابر ۽ ظالم هئا. پر تاريخي شاهديون ٻُڌائين ٿيون، ته ايئن بلڪل نه هو. (1) انهيءَ ڏس ۾ چارلس نيپيئر ۽ سندس ساٿين خاص ڪري سنڌي هندوئن تي مبينه ٿيندڙ ظلمن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي، ته جيئن اُن ڳالهه کي اُهي پنهنجي 'حملي ۽ سنڌ تي قبضي' جو بهانو ڏيئي سگهن. جيتوڻيڪ پوءِ چارلس نيپيئر پاڻ سنڌ تي قبضي واري عمل کي 'بدمعاشيءَ جو هڪ قدم' چيو هو. (2) تنهنڪري، سنڌي واپارين (واڻين) جي سنڌ جي تجارتي زندگيءَ تي حاڪميت، بينڪيت کان پهرين ۽ پوءِ، رهڻ وارو سوال ڏاڍو اهم آهي، ڇوته ان موضوع جي اڀياس کان پوءِ ئي سنڌ جي تاريخ اسان جي آڏو چٽائيءَ سان اچي بيهندي.

## سنڌ ۽ سندس واپار واپار: 1750ع کان اڳ جو جائزو

سنڌ جا، نندي ڪنڌ جي ساموندي علائقي هئڻ سبب، ايراني نار سان ابتداء کان ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري ناتا رهيا آهن. سنڌ جو وچ ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي واپاري طور مکيه تجارتي دروازي جي حيثيت سان اهم ڪردار رهيو آهي. اهڙيءَ ريت، ميداني ۽ سامونڊي ٻئي رستا ان جي واپاري اهميت جو تعين ڪندا هئا. (3) هڙپا جي تهذيبي دؤر ۾ موهن جو دڙو ۽ ميسوپوٽاميا وچ ۾ موجود واپاري ناتن ڏانهن پوئتي موٽڻ ڪانسواءِ، هتي هي ٻڌائڻ ضروري آهي ته انين صديءَ ۾ اُميه دؤر ۾ عربن طرفان سنڌ جي فتح جو ڪارڻ به واپار هو. (4) عربن جي فتح جو هڪڙو ڪارڻ سنڌوءَ جي چوڙ وارن علائقن ۾ موجود ديبل بندرگاهه يا بندرگاهن تي قبضو ڪرڻ هو. ديبل جي بندرگاهه پنجين صديءَ عيسويءَ ۾ اهميت ورتي، جڏهن مٿس ايران جي ساسانين جو قبضو هوندو هو ۽ 632ع (5) ۾ هتي عربن جا جهاز پهريون ڀيرو آيا. 711ع ۾ محمد بن قاسم جو قبضو عرب فتح جي ابتداء هئي. تڏهن سنڌ بابت هڪ ليکڪ جو رايو هو: هُنڌي سمنڊ جي واپار جو آڌار سنڌ تي آهي، جنهن جا ميداني رستا واپاري قافلن جو لنگهه آهن. (6) عربن طرفان سنڌ جي فتح ڪانپوءِ سنڌ، عرب شهنشاهيت جو هڪ ڀاڱو بڻجي وئي ۽ ايراني نار توڙي وچ اوڀر وارن ملڪن سان سنڌس واپاري سرگرميون اجان به وڌي ويون. ديبل بندرگاهه جي ٻارهين صديءَ تائين انتهائي اهم حيثيت هئي. (7) جڏهن ديبل بندرگاهه جو زوال ٿيو، ته متوازي طور لاهري بندر جوڙيو ويو، جيڪو ٺٽي شهر جي واپاري ۽ ڪاروباري مرڪز هئڻ ڪارڻ اهميت وٺي ويو. 1130ع جي ڏهاڪي ۾ ابنِ بطوطا ان بندرگاهه تي پنهنجا پير پاتا هئا. (8) اسان کي تنهن دؤر جي واپاري ماڻهن بابت وڌيڪ ڪا ڄاڻ نه آهي، پوءِ به هيءَ ڳالهه ضرور آهي، ته ان دؤر ۾ عرب واپاري ۽ سنڌي واپاري ٻن ڏار ڏار ڌرين ۾ ورهايل هئا. (9) خاص طور، هن ڳالهه جي ڄاڻ نه آهي، ته هندو واڻيا پندرهين صديءَ کان پهرين به واپاري سرگرمين ۾ رُڌل هئا؟

سنڌي واپارين بابت پهريون ذڪر عرب ۽ پورچوگيزي ڪتابن ۽ دستاويزن، جيڪي مسقط سان لاڳاپيل آهن، ۾ آيل آهي. اهو ذڪر پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ آيو آهي. ٺٽي بابت چيل آهي: اهو 'مسقط جو سڀني کان اهم ساٿي' آهي ۽ وڌيڪ چيل آهي: 'ٻاتيا، سنڌ ۽ عربستان جي وچ ۾ واپار ڪندڙ ماڻهو آهن.' (10) اهي سنڌي واپاري، پورچوگيزي جهاز واپرائيندا هئا ۽ سندن مسقط ۾ واپاري گودام ۽ ڪوٺيون هونديون هيون. جڏهن پورچوگيزن هرمز جي بندرگاهه تي قبضو ڪري ورتو، ته انهن جي لکتن مطابق: سنڌ سان واپار جي نتيجي ۾ ڏهه سيڪڙو سُنگ ملندو هو. ڊيگو دا ڪوتوا مطابق: ٺٽي جو شهر اوڀر جي شاهوڪار شهرن منجهان هو. (11) ٺٽي جي شاهوڪاريءَ جو هڪڙو ڪارڻ سندس ڪپڙي جي صنعت هئي، جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچي قسم جي هئي. شهر ۾ اوني ڪپڙي جا مختلف قسم اُڻندا هئا، جن ۾ سادو ڪپڙو، بافتو، ململ، ڇينٽ ۽ ريشم جو نهيل اوچي قسم جو ڪپڙو شامل هوندو هو. (12) ٺٽي ۾ پنجاب ۽ اُترين هندستان کان واپاري قافلا دريائي رستن وسيلي پنهنجو واپاري وکر آڻيندا هئا. سورهين صديءَ ۾ جڏهن لاڙ سنڌ تي مغل سلطنت جي حاڪميت ٿي، تڏهن ٺٽي جي شاهوڪاريءَ ۾ گهٽتائي اچي وئي، ڇوته پوءِ ايراني نار جو واپار بين مغل بندرگاهن سان ٿيڻ لڳو هو. 1640ع جي ڏهاڪي ۾، جڏهن هتي ايسٽ انڊيا ڪمپني، پورچوگيزن کي ڪڍي ڇڏيو هو، ٺٽي کي هڪڙو پيرو وري ٿورڙي وقت لاءِ اهميت ملي. سترهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ سنڌو درياهه جي مکيه وهڪري ۾ تيزيءَ سان واريءَ جي واڌاري سبب لاهري بندر تي مٽي گڏ ٿيڻ لڳي، جنهنڪري اهو استعمال جوڳو نه رهيو، ايئن ٺٽو ۽ لاهري بندرگاهه ٻئي زوال ڏانهن وڌيا. جيتوڻيڪ مغلن هڪڙي ٻئي بندرگاهه 'اورنگ بندر' کي ترقي ڏيارڻ جي جاکوڙ ڪئي، پر واپار شاهه بندر ۽ ڪڙڪ بندر ڏانهن منتقل ٿي ويو. پر اهي ٻئي بندر شاهوڪاريءَ جي ان ڏاڪي تي نه پهچي سگهيا، جيڪا ٺٽي ۽ لاهري بندر کي ملي هئي. هتي ڪجهه اهڙيون شاهديون به ملن ٿيون، جو سترهين صديءَ ۾ هڪڙي پاسي ساموندي واپار زوالجندڙ هو، ته ٻئي پاسي مقامي سنڌي وڻجارا، واپار ۾ اڳتي پئي وڌيا. هنن پورچوگيزي جهازن تي ڀاڙڻ جي ڀيٽ ۾، پنهنجي جهازن ۾ واپاري وکر موڪلڻ شروع ڪري ڏنو هو. 1699ع ۾ سنڌ ۾ ايندڙ سياح اليگزينڊر هيملٽن لکيو آهي: هتي جو واپار واڻين جي هٿ ۾ آهي. (13) جيتوڻيڪ ٺٽو زوالجندڙ هو، پر سندس ڀاتيا واپاري تنهن وقت به مسقط ۾ واپار ۾ رُڌل هئا، جتي هنن شهر ۾ ڀهريون مندر جوڙايو هو. (14) اهڙيون شاهديون به آهن، جو هنن واپارين پنهنجي واپاري سرگرمين کي نار جي بين علائقن ڏانهن، جيئن بحرين جي ڀيٽن ۾، پڻ ڦهلائي ڇڏيو هو. پر سنڌي ڀاتيا اڪيلا واپاري نه هئا، جيڪي واپار ۾ رُڌل هئا. اوڻيهين صديءَ ۾ ڪراچيءَ جو اهم واپاري سيٺ ناؤمل، پنهنجي ساروڻين ۾ لکيو آهي: هن جا وڏڙا-سيٺ ڀوجومل ۽ سندس ڪٽنب، جن جو ناتو سيوهڻ شريف سان هو، 1720ع ۾ ڪڙڪ بندر ۾ اچي وسيا، هتي هنن پنهنجو واپاري فرم جوڙيو. اُن فرم جا گماشتا مسقط ۾ هوندا هئا ۽ وري انهن جا نمائندا بوشهر، شيراز ۽ بحرين ۾ هوندا هئا. (15) 1720ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ڪڙڪ بندر جو زوال ٿيو، ته سيٺ ڀوجومل ڪراچيءَ جي نئين بندرگاهه جوڙائڻ ۾ ڀاڱيوار ٿيو. ان جي اڏاوت ۽ بچائيندڙ ديوارن جي ٺهڻ کانپوءِ ان تي ڪلهوڙن حڪمرانن قبضو ڪري ورتو، پر ترت هنن ان کي قلات جي خان کي ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




1 Sind in the colonial period
*Source:* Ansari, *Sufi Saints and State Power*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو، جيڪو تنهن وقت بلوچستان جو هڪ اهم حڪمران هوندو هو. اهڙيءَ ريت، پاڪستان جي هن وڏي شهر، هندو واڻين لاءِ تجارتي بندرگاهه جي حيثيت سان، پنهنجي وجود جي شروعات ڪئي. ۽ هي ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جي ڳالهه هئي، جو هن بندرگاهه ۾ سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي.

سنڌ جي ارڙهين صديءَ جي اڌ تائين ساموندي، دريائي ۽ خشڪي جي انيڪ واپاري رستن، جيڪي اُتر هندستان ۽ ايراني نار ۽ عرب ملڪن سان ڳنڍيل هئا، سبب اهم حيثيت رهي. سنڌ جي واپارين جي شاهوڪاريءَ جو آڌار ملڪ ۾ نهنڊڙ پنهنجي پيداوار ۽ صنعت تي هوندو هو. نتو پنهنجي بندرگاهه جي زوال ڪانپوءِ به ڪپڙي جي صنعت ڪارڻ مشهور شهر رهيو. سنڌي واپارين ۾ واڻيا سيني کان وڏيڪ ڪامياب واپاري هئا. جيتوڻيڪ مسلمان به واپاري هوندا هئا، پر واپار ۾ واڻين جي هاڪ هوندي هئي. ڇو هڪ اهڙي ملڪ ۾، جيڪو مسلمان حڪمرانن جي حاڪميت هيٺ هو ۽ جتان جي آبادي پندرهين کان ارڙهين صديءَ دؤران، ڪنهن حد تائين گهٽائي ۾ مسلمان بڻجي وئي هئي، اُتي واپار ۽ معيشت تي هندوئن جو تسلط هو، واري اهم سوال تي بحث ٿيندا رهن ٿا. پر اسان کي هتي بحث ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. سنڌ جي، اصل ۾ ارڙهين صديءَ کان اڳ، سماجي ۽ معاشي تاريخ بابت گهٽي ڄاڻ نه آهي، تنهنڪري اسان ان بابت ڪو حتمي فيصلو نٿا مڙهي سگهون. هندوئن جو واپار تي ايڏي وڏي پيماني تي حاڪميت وارو عام نظريو، قرآن شريف ۾ وياج کي حرام ڪونجڻ واري ڳالهه سان تعلق رکي ٿو. بهرحال ايم رابنسن دليل ڏيندي چيو: قرآن ۾ وياج کي حرام ڪونجندي به مسلمان وياج جي ڪاروبار ۾ ملوث رهيا آهن. (16) ٻي صورت ۾ اسان ڏسون ٿا، ته اڪثر مسلمان رياستن ۾ محصول (سُنگ) وٺندڙ ۽ مالياتي نظام ۾ غير مسلم عملدار ملازم رهيا آهن. شايد ان جو ڪارڻ هي هجي ته اُهي سياسي طور تي هيٺا ۽ عدم تحفظ ۾ گهيريل هئا ۽ کين سولائيءَ سان قابو ۾ رکي سگهجي پيو. سنڌ ۾ مالي مامرن جي نظام لاءِ هندوئن جي خاص برادريءَ کي هي ڪم سونپيل هو، جيڪي عامل سڏرائيندا هئا. انهيءَ عمل جي ابتدا سنڌ ۾ مغل قبضي ڪانپوءِ ٿي. هنن هتي به اهو ئي ڪردار ادا ڪيو، جيڪو اُتر هندستان ۾ ڪائيسٿن مغل دربار ۾ ڪيو هو. هي ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته عاملن جو اوڄ ۽ واڻين جي واپار ۾ ترقي ٻئي متوازي طور گڏ نظر اچن ٿا. اهڙي ماحول ۾ جڏهن عامل روينيو جي نظام ۾ رُڌل هئا، ته واڻيا وري واپار ۾ اڳتي پئي وڌيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ واپار ۽ سماج، 1750ع کان 1843ع: وڻجارن جو ڪردار

ارڙهين صديءَ جي اڌ ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ ڦيرو آيو. جيڪڏهن ان کان پوئين دؤر جي حالتن کي ڏٺو وڃي ته ڦيري جي انهن لاڙن بابت پتو پوندو. ته هي اُهي اهم سياسي ڦيرا هئا، جن واپاري مامرن تي گهاٽو اثر وڌو. پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان ارڙهين صديءَ جي اڌ تائين لاڙ سنڌ ۽ سندس شهر ٺٽو اهم واپاري مرڪز هوندو هو. جڏهن ته ان صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪراچيءَ هڪ متبادل بندرگاهه جي حيثيت سان اُڀريو پئي. انهيءَ دوران اتر سنڌ ۾ ان جا شهر ماتحتيءَ جو ڪردار ادا ڪندي پنجاب، اتر هندستان ۽ وچ ايشيا جي واپاري قافلن کي لاڙ جي بندرگاهن تائين آڻيندا هئا. وچ ايشيا ۽ اتر هندستان جو واپار، اتر سنڌ کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو هو، جوته ملتان تڏهن واپاري قافلن لاءِ واپار ۽ معيشت جو وڏو مرڪز هوندو هو.

پر ارڙهين صديءَ جي اڌ ۾ واپار ڏکڻ ڏانهن رُخ موڙيو، جنهن ڪارڻ اتر سنڌ کي فائدو رَسيو. انهيءَ جا ڪارڻ سياسي هئا. ٻن اهم ڳالهين سبب اتر سنڌ جي اهميت وڌي وئي، منجهائن هڪ ڪارڻ ملتاني گروينديءَ جو زوال هو، جنهن سترهين صديءَ ۾ اُتر هندستان، روس ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ واپار جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. اسٽيفن ڊيل، ملتاني واپار جي زوال جو ڪارڻ روسي رياست جي ان فيصلي کي ڪوٺيو آهي، جنهن هيٺ هندستاني واپارين کي روس جي اندروني واپار سميت روس ۽ ايران وچ ۾ واپار جي منع ڪئي وئي هئي. (17) گڏوگڏ ٻيون سياسي حالتون به ان کان وڌيڪ مؤثر ثابت ٿيون. مثال طور، انهن حالتن کي جي گومنس هند-افغاني شهنشات جو اوُج ڪوٺي ٿو. (18) پشتو قبيلي دراني، جيڪا دراني سلطنت جوڙي هئي، تنهن جو مرڪز قنڌار هوندو هو، جنهن ڪارڻ هن جو شهر ۽ اتر هندستاني علائقن وچ ۾ واپاري لاڳاپو هوندو هو. اتر هندستاني علائقن ۽ قنڌار جي وچ ۾ سڀ کان مختصر ننڍڙو رستو بلوچستان ۽ بولان لَڪُ هوندو هو. هي رستو ڪوئيٽا کي اتر سنڌ سان ملائيندو هو ۽ اڳتي هلي ٿر جي ريگستان مان ٿيندو، جيسلمير ۽ بيڪانير تائين هليو ويندو هو. هي رستو، جيڪو هيستائين نظرانداز هو، تنهن جي دراني سلطنت جي جُڙڻ کانپوءِ اوچتو اهميت وڌي وئي. انهيءَ ڪارڻ اتر سنڌ ۾ موجود شهر شڪارپور، ملتان جي اهميت کي گهٽائي، واپاري شهر جي اهميت ماڻي ورتي. جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ ڪيترن ئي حالتن جي حيثيت ڳُجهن رازن واري آهي، پر بهرحال اهو چِٽو آهي ته ارڙهين صديءَ جي اڌ ۾ شڪارپور دراني سلطنت جو اهم مالي شهر بڻجي اُڀريو ۽ ان شهر جا اُهي ڪٽنب، جيڪي هُنڊيءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا، تن نه رڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افغانستان، بلڪ ايران ۽ وچ ايشيائي ملڪن تائين بہ پنهنجي ڪاروبار کي ڦهلائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هيءَ واپاري مرڪز هوندو هو، پر ان جي مالي حيثيت کان وڌيڪ واپاري اهميت نہ هوندي هئي. هي سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هو، جو اتر سنڌ جي ڪنهن شهر معاشي طور، لاڙ سنڌ جي شهرن تي، فوقيت ماڻي ڪين هڪ لحاظ کان پوئتي ڌڪي ڇڏيو.

انهيءَ دوران لاڙ سنڌ ۾ پڻ تبديليون پئي آيون. ٺٽي جي زوال ڪانپوءِ ڪراچي جو بندرگاهہ اُڀريو پئي. حيدرآباد هڪ اهم شهر جي حيثيت سان منظر تي پئي آيو، جيڪو اڳتي هلي سياست ۽ ڪاروبار ۾ مؤثر ڀاڱيوار ٿيو. ٺٽي جو شهر لاهري بندر جي زوالجڻ ڪانپوءِ ويران ٿي ويو هو ۽ پنهنجي واپاري ۽ اقتصادي حيثيت وڃائي ويٺو هو، جنهن جي نتيجي ۾ شهر جي ڀاٽيا واپارين کي، جن جو 1785ع ڪانپوءِ پنهنجي حريف کجي ڀاٽي واپارين سان واسطو پيو هو، تن هڪدم ئي مسقط جي واپار تي قبضو ڪري ڪين پوئتي ڌڪي ڇڏيو. (19) ٺٽو هاڻي رڳو صنعت توڙي حرفت جي پيداوار جو شهر رهجي ويو، جيڪو رڳو مقامي گهُرج مطابق ڪپجنڌڙ شيون پيدا ڪندو هو، ۽ عالمي واپار کان سندس ناتو ڇجي ويو. جيتوڻيڪ ڀاٽيا واپاري ايراني نار ۾ اهم واپاري برادريءَ جي حيثيت سان باقي رهيا ۽ پوءِ اُهي بحرين ۾ موتين جي واپار کي وڌائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيا، پر 1850ع ڪانپوءِ ڪراچي، سنڌ جو اهم بندرگاهہ بڻجي ويو. جڏهن سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن ڪراچيءَ کي قلات جي خان کان واپس ورتو، تہ هنن بندرگاهہ جي ترقيءَ ۾ دلچسپي ورتي. ان نئين بندرگاهہ تي نہ رڳو سنڌ جا واپاري آيا، بلڪ ڪَڇ ۽ ڪاٺياواڙ کان هندو مسلم واپارين جون برادريون هتي اچي وسڻ شروع ٿيون، جنهن سبب شهر 'ڪاسموپوليٽن' جو درجو ماڻي ورتو. هڪڙو ٻيو شهر، جنهن تيزيءَ سان ترقيءَ ڪئي، سو حيدرآباد هو، (20) جنهن کي 1769ع ۾ ڪلهوڙي حڪمران ٿليليءَ لڳ نيرون ڪوٽ ڳوٺ واري ماڳ تي وسايو هو. جيتوڻيڪ ڪلهوڙا ان کي پنهنجي راڄڌاني ٺاهڻ پيا چاهين، پر ان رٿا کي پورو ڪندڙ سندن مريدن مان ڦري دشمن بڻجندڙ ٽالپر هئا. جن 1782ع ۾ ڪلهوڙن کي مات ڏني ۽ انهن جي سيوهڻ ويجهو راڄڌاني خداآباد کي ڍاهي حيدرآباد کي پنهنجو مرڪزي ماڳ چونڊيو. هي پتو نہ پئجي سگهيو تہ نيٺ اُهي ڪهڙا ڪارڻ هئا، جن هيٺ هنن هي فيصلو ڪيو. پر ظاهر ائين ٿئي ٿو تہ انهن پنهنجي ۽ پنهنجي نام نهاد هٿرادو افغان حڪمران جي وچ ۾، جن کي اُهي ڏنُ ڏيندا هئا، ڊگهو فاصلو رکڻ پئي چاهيو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪراچي جي ابرندڙ بندرگاهہ جي ويجهڙائيءَ ۾ راڄڌانيءَ سبب هنن ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيو ۽ ڪاتو لڳايو هجي. جيتوڻيڪ حيدرآباد سياسي ۽ فوجي سرگرمين جو مرڪز هوندو هو، پر هتي دربار هئڻ ڪارڻ واپاري ۽ بينڪار، صنعت ۽ هنرمند ساڻس گهاتو ۽ گهرو ناتو رکندا هئا. گڏوگڏ هي شهر سنڌ ۽ اتر هندستان جي اهڙي واپاري رستي تي موجود هو، جتان واپاري قافلا ٿر جي ريگستان مان ٿيندا عمرڪوٽ، باڙمير کان ٿيندي جوڌپور تائين پهچندا هئا.

ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تي لاڙ سنڌ جي واپاري نظام ۾ مڪمل ڦيرو اچي چڪو هو. هيستائين جيڪي ڪم ٺٽو شهر پورا ڪندو هو، هاڻي ان جي جاءِ ڪراچيءَ والاري ڇڏي هئي، ۽ حيدرآباد پڻ ان ۾ پنهنجو پائيواري پئي ڪئي. انهي دوران شڪارپور معيشت ۽ واپار جو مرڪزي بڻجي پئي اُڀريو، جنهن سبب اتر سنڌ جي اهميت وڌي پئي. انهيءَ جو اِهو اُپار افغانستان ۾ دراني سلطنت جو محتاج هو، جيتوڻيڪ شڪارپور جي رستي وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن واپاري قافلا ويندا هئا، ۽ ان جا حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ سان پڻ ناتا هوندا هئا، جيڪي ايڏا ويجهڙائيءَ وارا ۽ گهاٽا نه هئا، پر اهو چوڻ درست نه آهي ته ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ، هندستان، وچ ايشيائي ملڪن ۽ ايراني نار جي وچ ۾ اهم تجارتي ۽ معاشي مرڪز هوندو هو. بهرحال، لاڙ سنڌ ۽ اتر سنڌ وچ ۾ ويڇو موجود رهيو. شڪارپور 1824ع تائين افغانستان جي هٿ وس هوندي هئي، پر پوءِ هي ٽالپر حڪمرانن جي تسلط هيٺ آئي.

اوڻيهين صديءَ جي اوائلي ڏهاڪن ۾ جيڪا اهم تبديلي سنڌ جي واپار ۾ آئي، اها مالوا جي آفيم جو واپار هو، جنهن سبب سنڌ جو هندستان ۽ چين وچ ۾ ٿيندڙ آفيم جي واپار وسيلي لاڳاپو ٿيو. جيتوڻيڪ هي ان واپار جو ڪو تجارتي رستو ته نه هو، پر هي تبديلي آفيم جي واپار جي سلسلي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مقامي هندستاني واپارين ۾ ڏڦيڙ ۽ جهيڙو ٿيڻ سبب آئي، جنهن سنڌ رستي چين لاءِ آفيم جي واپار جا رستا کولي ڇڏيا. جيتوڻيڪ مالوا آفيم جي واپار بابت پوري ڄاڻ موجود نه آهي، پر هي حقيقت آهي ته 1770ع کان 1870ع تائين ٿيندڙ مالوا آفيم جو واپار، هندستان ۾ ناڻي جي واڌاري ۾ اهم عنصر هو. ۽ بيو هي ته هندستان ۾ مختلف واپاري جماعتن ان واپار مان ٿيندڙ نفعي مان چڱو ناڻو ڪَنو ڪيو، جنهن جي ثبوت ۾ هتي ڪجھ انگ اکر ڏنا وڃن ٿا. اسان جو واسطو هن پوري داستان ۾ رڳو ايترو آهي، جنهن ۾ 1820ع جي ڏهاڪي کان 1830ع جي ڏهاڪي تائين، سنڌ ۽ سنڌس واپار ۽ معيشت ڪانئس متاثر ٿي، جنهن عرصي ڪي مناسب طور تي ڇنڊجي، ته هي زمانو 1843ع ۾ سنڌ تي برطانوي قبضي کان پهرين جو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي 1821ع جي ڳالهه آهي، جو برطانوي- هندستاني حڪومت کي سنڌ جي مالوا جي آفيم لاءِ استعمال ٿيندڙ ان ڦيريدار رستي بابت ڄاڻ پئي، پر هي ممڪن آهي ته هي رستو اڳ ۾ به استعمال ٿيندو هجي. هي واپار تڏهن شروع ٿيو، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني مالوا جي سموري آفيم وٺي ان تي پنهنجي هڪ- هٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان جي واپار لاءِ رڳو برطانوي علائقن ۾ سنڌن رستن کي مخصوص ڪري ڇڏيو. انهيءَ تي هندستان جي مقامي واپارين، برطانوي پاليسيءَ جي مخالفت ۾ آفيم جي واپار لاءِ سنڌ واري رستي کي چونڊيو. سرڪاري لکيتن ۾ ڄاڻايل آهي، ته هي رستو جوڌپور جي راجا جي علائقي پالي کان شروع ٿيندو هو، جتي مالوا جي مختلف منڊين مان آفيم وٺي، ڪٺي، آندو ويندو هو، جن ۾ سڀ کان اهم اُجين جي منڊي هوندي هئي، هتان اُن تي آفيم لڏي ٿر ريگستان اُڪري جيسلمير ۾ وري اُتان عمرڪوٽ جي رستي سنڌ ۾ ڪراچيءَ جي بندرگاهه تي آندو ويندو هو، جتان ٻيڙين تي لَڏي هندستان جي پورچوگيزي علائقي جي بندرگاهه دماؤ ۾ وري مڪاؤ جي بندرگاهه تي چين جي منڊين لاءِ ڪٽي وڃبو هو. (21)

فيبروري 1822ع ۾ ممبئي جي روينيو کاتي فورٽ وليم جي عملدارن کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ برطانوي عهديدارن کي ان ڳجهي واپار کي روڪڻ جي سلسلي ۾ حُڪم ۾ ڪين انهن اُپائن کان آگاهه ڪيل هو، جيڪي برطانوي علائقي ۾ ان جي حمايتي رياستن ۾ واپار کي روڪڻ واري مامري سان لاڳاپيل هئا. خط ۾ عملدارن کي حُڪم ڪيل هو، ته واپار تي ايڏي سختي ڪئي وڃي ۽ ڪيس ايڏو ڏکيو بڻايو وڃي جو آفيم جي واپارين لاءِ هي واپار اڻ لاڀائتو ٿي وڃي. وڌيڪ چيو ويو، ته جيڪڏهن جيسلمير ۾ پاليءَ جي رستن کي بند ۾ سنڌ جي حڪمرانن کي مجبور ڪيو وڃي، ته اُهي سنڌ جي علائقي مان آفيم جي ٿيندڙ واپار جي اجازت نه ڏين، خاص ڪري ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي استعمال نه ڪرڻ ڏين. گڏوگڏ هي پڻ چيو ويو، ته ڪمپني جي حڪومت ڪنهن اهڙي حڪومت سان ڪنهن به قسم جي سهڪار يا واُهر جو ڪوبه آسرو نٿي رکي سگهي، جنهن جي پاليسيءَ سان ڪمپني سهمت نه آهي ۽ جنهن تي اُها شڪ ٿي ڪري. پوءِ انن سالن اندر واپار ۾ لاٿ واڌ ايندي رهي. (22) پر انهيءَ دوران برطانوي حڪومت جي هيءَ ڪوشش رهي، ته جن رياستن مان جتان به اهي رستا لنگهن ٿا، تن رياستن سان ٺيل معاهدن ڪانپوءِ ان واپار کي روڪي ڇڏين. پر انهن جي اها جاکوڙ پوريءَ ريت ناڪام ٿي.

1830ع ۾ هندستاني حڪومت آفيم جي واپار تي پابندين واري ان پاليسيءَ تان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ڪٽي وئي، ۽ ان ڳالھ جي ڪوشش ڪئي تہ مالوا آفيم جو واپار داماؤ جي پيٽ ۾ انھن رستن وسيلي ڪري، جن سان ممبئي کي لاڀ ملي، پر انھيءَ عمل سان بہ ڪين ڪا ڪاميابي نہ ٿي. مالوا جو آفيم داماؤ ۽ ڪراچيءَ وسيلي 1838ع تائين چيني علائقن ۾ پھچندو رهيو. هڪڙي برطانوي عهديدار جي 1837ع واري رپورٽ مطابق: ڪراچي وسيلي ٿيندڙ واپار پرڏيهي واپار جو هڪ وڏو ڀاڱو هوندو هو. واپار جي ان اهميت سنڌ کي اُن هندستاني واپاري سرشتي سان ملائي ڇڏيو، جيڪو چين، ڏکڻ اولھ ايشيا ۽ وچ هندستان جي وچ ۾ ٿيندو هو. ڇا برطانيا طرفان سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي فيصلي جو اهو ڪارڻ تہ نہ هو، تہ جيئن واپار جي انھيءَ رستي کي بند ڪيو وڃي. انھيءَ موضوع تي تازو هاڻي هڪڙي مقالي ۾ انھيءَ ڳالھ جو تجزيو ڪيو ويو آهي. (23) آءٌ ان موضوع تي وڌيڪ تہ نہ چوندس، پر ان ڏانھن اشارو ضرور ڪندس، تہ 1839ع ۾ جڏهن برطانوي فوجن ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو هو، تہ هنن مؤثر طريقي سان پاليءَ کان ڪراچيءَ جي رستي کي بند ڪري ڇڏيو هو ۽ آفيم جو واپار ممبئي وسيلي ٿيڻ لڳو هو. هي اها ڳالھ هئي، جنھن جي ڪاميابيءَ لاءِ هنن ويھن سالن تائين جاکوڙ ڪئي هئي.

مختلف لکتن جي شاهدين مان هي ڳالھ ثابت ٿئي ٿي، تہ انھيءَ واپار ۾ واڻيا سڌو سنئون شريڪ نہ هوندا هئا، نہ هنن مالوا جو آفيم پيئي ورتو، ۽ نہ ئي هنن ان کي جهازن وسيلي ڪراچيءَ کان داماؤ پيئي موڪليو. ان ڏنڌي ۾ هڪڙي پاسي تہ مالوا جا شاهوڪار شامل هئا، جن جي اڪثريت مالوا ۾ آباد ٿيل گجراتين ۽ مارواڙين تي مشتمل هئي، جن جا ان علائقي جي مقامي رياستن،، خاص طور سان گواليار ۽ اندور سان گھرا ناتا هوندا هئا. گواليار ۽ اندور اهي علائقا هئا، جتي آفيم پوکيو ويندو هو، ٻئي پاسي ساڻن گڏ ممبئي، احمد آباد ۽ سُورت سميت ڪَڇ، پُور بندر ۽ ڪَڇ جي مقامي رياستن جا رهواسي پارسي ۽ گجراتي سيٺ شامل هئا. هن آفيم جي واپار جي نتيجي ۾ سنڌي وڻجارن کي جيڪو لاڀ پيو، انھن جا تفصيل مختلف ماخذن مان گڏ ڪيا ويا آهن. اُهي وڻجارا هڪ قسم سان 'دلال' جو ڪردار ادا ڪندي قافلن جي سار سنڀال لهندا هئا ۽ مختلف سُنگن جي ادائيگين ۾ سندن مدد ڪندا هئا. جيتوڻيڪ واپاري قافلا پاليءَ ۾ مارواڙي واپارين جي مدد سان منظم ٿيندا هئا، پر جيئن برنز اسان کي ٻُڌائي ٿو، تہ مارواڙي اُت ڪنھن حد تائين ٿر جي ريگستان ۾ سفر ڪري سگھندا هئا، پوءِ سامان کي سنڌ جي اُٺن تي لَڏيو ويندو هو، انھيءَ ڪم ۾ واڻين جي مدد گھربل هوندي هئي. پر نفعي جو خاص وسيلو سُنگن جي ادائيگي هوندو هو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ان پوري سامان تي ڏنو ويندو هو، جيڪو مالوا کان داماڻ ويندو هو. (24) سنڌي واپاري ان ادائيگيءَ تي پنهنجي ڪميشن وٺندا هئا. جيتوڻيڪ سنڌ سرڪار جيڪي محصول لڳائيندي هئي، تن جا مختلف اَڱ هوندا هئا. ۽ اهي هر سال بدلجندا به رهندا هئا، پر انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته ڪجھ سالن ۾ آفيم جي سُنگ وسيلي سنڌ کي چڱي رقم ملي ويندي هئي. نومبر 1830ع ۾ هينري پاٽنجر پنهنجي سنڌ جي گماشتي ڏانهن هڪ خط ممبئي مان روانو ڪيو، جنهن ۾ لکيل هو: 1830ع ۾ سنڌ جي سرحدن مان گذرندڙ به هزار چار سؤ اُٺن جي سامان تي، سنڌ جي حڪمران ٽالپر اميرن کي جيڪو سُنگ ڏنو ويو، سو پنج لک چاليھ هزار روپيا هو. (225 رپيا هر اُٺ کان ورتا ويا، جن مان هر اُٺ تي اَٺ سورتي مڻ سامان لڏيل هو.) (25) مارچ 1839ع ۾ اليگزينڊر برنس ان سُنگ جو وچور ڏنو آهي، جيڪو سنڌ حڪومت 1838ع ۾ آفيم جي واپار تي لڳايو هو. (26) سنڌ سرڪار کي ملندڙ محصول ۾، 234 ڪوڏيون يا ڪاشاني رپيا (اهي ٻئي ڪرنسيون، تنهن وقت سنڌ ۾ واهپي ۾ هيون) هڪ اُٺ (هر اُٺ تي به صندوق هوندا هئا) جي سامان تي ورتل شامل هئا. جيڪا رقم ڪمپني جي به سؤ رپين برابر هئي. هيءَ رقم ان جي مقابلي ۾ گهٽ هئي، جيڪا ڪمپني هڪ صندوق تي محصول طور وٺندي هئي، ۽ اها ڪمپنيءَ جي روپي جي حساب سان 125 رپيا ٿيندي هئي. سُنگ ڪراچيءَ ۾ وٺبو هو، پر ڪجھ سُنگ ميرپورخاص ۾ به ڏنو ويندو هو، ڇوته ميرپورخاص جي حڪومت، حيدرآباد جي حڪمرانن کان ڌار هئي. 1838ع جي هڪ برطانوي دستاويز ۾، حيدرآباد جي واپارين کي آفيم جي واپار مان جيڪي فائدا ٿيندا هئا، تن بابت هڪ جاءِ تي ذڪر آيل آهي. (27) هڪڙي ٻي رپورٽ ۾ اشارو ڏنل آهي، ته شڪارپور جا واپاري به ان نفعي ۾ شريڪ هئا. ليفٽيننٽ ليچ پالي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ موجود واپار بابت پنهنجي هڪ رپورٽ ۾، جنهن ۾ آفيم جي واپار جو ذڪر ڪيل نه آهي، پر ان ناڻي جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪو شڪارپور جي واپارين واپار ۾ لڳايو هو ۽ ان واپار مان مليل نفعي جي شرح مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته آفيم جي واپار ۾ بيشڪ هنن جو ڪافي ناڻو سيڙايل هوندو. (28) 1839ع ۾ مالوا آفيم جي واپار کي جڏهن مڪمل بند ڪيو ويو، ته ان سبب شڪارپور، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي واپارين کي ڏاڍو گهاٽو پيو.

سنڌ تي برطانوي قبضي کان پهرين آيل برطانوي سياح، ان تضاد کي ڏسي ڏاڍو اچرج ۾ پيا هئا، جنهن ۾ هندو معاشي طور سماج ۾ برتري رکندڙ هئا، جڏهن ته مسلمان حڪمران سياسي طور بااقتدار هئا. پر هنن ان تضاد جي ڇنڊڇاڻ ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبردست غلطي ڪئي. هندو اصل ۾ سياسي مامرن ۾ سهڪاريءَ جي حيثيت سان شريڪ هوندا هئا. ٽالپر حڪومتي دؤر ۾ سنڌ جا عامل، روينيو، انتظاميا ۽ ٻين سياسي مامرن ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندا هئا، جنهنڪري اُهي سنڌ ۾ هڪ سياسي طاقت بہ رکندڙ هئا. سنڌ ۾ هندو جاگيردار بہ موجود هئا، پر هنن جو انگ گهٽ گهٽ هو. عاملن ۽ واپارين کي هٿيار رکڻ جي اجازت هئي. هيءَ ڳالهہ مزيدار آهي تہ 1790ع جي اوائل ۾ ٽالپرن خلاف ڪراچيءَ جو بچاءُ ڪندڙ اُتان جا هندو واڻيا هئا، جيڪي خان قلات جي ماتحت هوندا هئا، ۽ پوءِ، پڇاڙيءَ ۾ هنن ٽالپر حڪمرانن جي حق ۾ هٿ کنيو هو. (29) هندوئن جي پاڙيائپ بابت جيڪي پهاڪا ۽ اصطلاح مشهور آهن، سي غير رواجي، مسلمان اشرافيہ (حڪمران، جاگير ۽ ٻي اهڙا طبقا) ۽ برطانوي عهديدارن جي ذهن جي پيداوار آهن.

برطانوي حڪومت جو سنڌ جي هندوئن بابت متضاد قسم جو رويو هوندو هو. هڪڙي پاسي اهي هنن سان شفقت ڀريو سلوڪ ۽ ورتاءُ ڪندا هئا، جوتہ هنن جي ويچار ۾ اهي مسلمانن جي مذهبي تعصبات ۽ تنگ نظري جا ستايل ماڻهو هئا. ٻئي پاسي اُهي کين چالاڪ، لوڀي ۽ هيچي واپاري سمجهندا هئا، جيڪي لالچ، لوڀ ۽ هيچ ۾ غريب هارين ڪُڙمين جي ڦرلت ڪندڙ هئا ۽ فضول خرچ زميندارن کي قرض ڏئي کين ڦريندا هئا. هنن جي ان ڪردار سبب اُهي ڪانئن نفرت ڪندا ۽ کين ڌڪاريندا هئا. سنڌ جي هندوئن جو مسلمانن جي تعصب جو شڪار هجڻ وارو نظريو، سنڌ تي برطانوي قبضي کان پهرين هتي ايندڙ برطانوي جاسوسن، خاص ڪري جيمس برنز جهڙن جوڙي ورتو هو. پر هو اهو بہ لکي ٿو: 'روينيو جي انتظام تي هندوئن جو تسلط هوندو هو.' هن ان بابت لکيو: 'طبقي جي حيثيت سان دربار ۾ هندوئن کي پسند نٿو ڪيو وڃي ۽ نہ ئي ملڪ ۾ سندن ڪو اثر ۽ احترام آهي، جڏهن تہ اُهي دولتمند شاهوڪار بہ آهن.' (30) هن هڪ واقعو بہ ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ مير مرادعلي هندوئن خلاف سخت ڳُتا لفظ واپرايا هئا. (31) 1843ع جي واقعن کان هڪدم پوءِ چارلس نيپيئر ۽ سندس ساٿين هندوئن کي هي تاثر ڏنو، تہ سنڌ تي برطانوي قبضو اصل ۾ مسلمانن جي حاڪميت کان سندن ڇوٽڪارو آهي. هيءَ ڳالهہ ڪري برطانوي حملي ۽ فتح کي هڪ اخلاقي بهانو ڏيٺو هو، پر حقيقت ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ جا اصل معاشي سبب هئا. نيپيئر جي هڪ تنقيد نگار ايسٽ وِڪ انهيءَ سلسلي ۾ چيو آهي: جيڪڏهن هندو، مسلمانن هٿان ايذي ڪاوڙ ۽ ڌِڪار جو شڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، ته پوءِ اُهي هتان پيجي رواداريءَ فيض پهچائيندڙ برطانوي علائقي ۾ چوڻ نه ٿي وڃا، جيڪو ڪين گهٽو ويجهو به هو. (32)

اهڙيءَ ريت اهو سوچڻ به غلط آهي، ته ٽالپرن جي حڪومت ۾ هندو- مسلمانن جا ناتا مثالي هوندا هئا. هي دليل ڏنو وڃي ٿو، ته نوآبادياتي دؤر کان اڳ سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي هڪ خاص ڏاڪي تي پاڻ کي ڏار ڏار برادري سمجهندا هئا. سيٺ ناؤمل هوتچند جي يادداشتن ۾، 1831ع جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن ۾ هندو- مسلم جهيڙي پوري علائقي کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو. سيٺ ناؤمل جو پيءُ سيٺ هوتچند تنهن وقت سنڌ جو سڀ کان وڏو شاهوڪار شخص هو. جڏهن هُو فرقيوارانه فساد ۾ ملوث ٿيو ته هن کي مسلمان جي هڪ ڌُر جهلي ورتو ۽ ڪيس مجبور ڪيو ته هُو مسلمان ٿي وڃي. تنهن وقت اهي افواهه به هئا، ته هُن جو زبردستيءَ طُهر ڪرايو ويو آهي، جيڪا ڳالهه صحيح نه هئي. نيٺ مير مرادعلي ان مامري ۾ دخل ڏيندي هوتچند کي آزاد ڪرايو، پر سيٺ ان واقعي کان ايڏو مايوس ٿيو، جو هو سنڌ ڇڏي ڪَڇ جي راڄ وٽ هليو ويو. انهيءَ واقعي مان اندازو ٿئي ٿو، ته هندوئن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪي اختلاف لڪيل هئا، اهي ڪيئن اوچتو اُڀري سامهون آيا ۽ وڃي فساد جو روپ ورتائون. ٽالپر حڪمرانن ان واقعي ۾ جيڪا وائڙائپ ڏيکاري، تنهن جي قيمت ترت ئي ڪين پرڻي پوي، چوته نوجوان سيٺ ناؤمل ان ذلت کي وساري نه سگهيو ۽ هن سنڌ تي برطانوي قبضي ۾ برطانوي فوج جو ڀرپور ساٿ ڏنو. پر ناؤمل جي يادداشتن ۾ هڪڙو بيو به واقعو جاڳايل آهي، جيڪو هندو- مسلمان ناتن تي بلڪل هڪڙي ٻئي انداز ۾ روشني وجهي ٿو. جڏهن سيٺ هوتچند کي آزاد ڪيو ويو، ته هن ماڻهن ۾ هي اعلان ڪيو: هاڻي هو سڀ ڪجهه ڇڏي صوفي فقير بنجڻ چاهي ٿو. (33)

انهن يادداشتن جو سنواريندڙ ۽ سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر ڪتاب جي حاشيي ۾، سيٺ جي ديهانت کانپوءِ اسان جي جاڻ لاءِ لکيو: 'شايد سيٺ هوتچند جو مطلب هي هوندو، ته هُن سنياسي بنجڻ پئي چاهيو.' اسان کي ويساهه آهي، ته سيٺ ناؤمل کي سنياسي ۽ مسلمان فقيرن وچ ۾ ويڇي جي جاڻ هوندي. تنهنڪري سيٺ هوتچند جيڪو اعلان ڪيو، سو ڪيس پوري طرح معلوم هو، ته هو ڇا پيو چوي. ۽ ڏٺو وڃي ته ان ۾ گهٽي اچرج جي ڳالهه به نه آهي، چوته سنڌ ۽ هندستان جي ٻين علائقن ۾ هي روايت هئي، ته مسلمان صوفي ۽ پير، مذهب مٽائڻ بنا ماڻهن کي مريد ڪندا هئا.

مون انهيءَ واقعي جو ذڪر ان لاءِ ڪيو آهي، ته جيئن سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمانن وچ ۾ ناتن جي پيچيدگين کي سمجهي سگهجي. هي انهيءَ قسم جا ناتا هئا، جن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفت ۽ تصادم سميت باهمي دوستي ۽ مذهبي يڳانگت جا رويا موجود هئا. انهن بنهي مذهبي برادرين جي ناتن ۾ هي رويا ۽ لاڙا ايئن پاڻ ۾ مليل هئا. جو ٽالپر حڪومت ۾ سنڌ جي هندوئن بابت ڪا هڪڙي راءِ جوڙڻ سخت غلطي ٿيندي. (34) انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ هندو واپاري سماجي طور تي مٿين طبقي سان واسطو رکندڙ هئا ۽ اُهي ٽالپر حڪومت جي حڪمران طبقي جو هڪڙو ڀاڱو هئا. تنهن هوندي به شايد اهي انهن وڏيرن، سيدن ۽ پِيرن جي برابر نه هجن، جيڪي ملڪ جي ڪُڙمين ۽ هارين تي حڪومت ڪندا هئا. هندوئن جو اهو مٿيون طبقو حڪمران طبقن سان ويجها ناتا رکندو هو. عامل طبقي بابت اهو چوڻ صحيح نه آهي، ته سنڌن ڪو سياسي اثر رسوخ نه هوندو هو. پر هي ضرور آهي، ته اُهي پنهنجي طاقت جو اُهو اظهار نه ڪندا هئا. واپاري برادريءَ جا ٻيا ماڻهو، جن ۾ دوڪاندار، شاهوڪار وغيره شامل هئا، تن جو ناتو سنڌ جي وچين طبقن سان هوندو هو، ۽ سماجي طور تي هارين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهم هئا. سنڌ جي هندوئن جي انهن مختلف طبقن کي سامهون رکندي ڏسبو، ته هتي نوآبادياتي نظام جو اثر پڻ ان قسم سان اڻ برابر ۽ وريچيل هو. تنهنڪري مناسب آهي ته هتي نوآبادياتي دؤر جي هندو سماج جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي.

## بيٺڪيتي سنڌ ۾ هندو سماج: ڪجهه عام لاڙا

پندرهين صديءَ کان ارڙهين صديءَ جي وچ ۾ ڪجهه موقعن تي، جڏهن سنڌ ۾ اسلام ڦهليو ۽ هتي جي هارين ان کي قبولڻ شروع ڪيو، ته نتيجي ۾ هندو تورائيءَ ۾ تي ويا. پر هنن جو ايڏو انگ ضرور رهيو، جو هنن پنهنجي سڃاڻپ کي برقرار رکيو. هن برادريءَ جي اپياس جي ڏس ۾ اهم تاريخي ماخذن جي ڏاڍي کوٽ آهي، جيتوڻيڪ انهن بابت عام قسم جو سهيوڳي مواد ضرور موجود آهي. سنڌ تي برطانوي قبضي کان پهرين، سنڌ جي هندوئن مذهب کانسواءِ ٻيو ڪوبه لکيل مواد نه ڇڏيو آهي. مذهبي ادب ۾ اُهي ڀڄن شامل آهن، جيڪي نانڪ- پنٿي عقيدي طور لکيل آهن. عاملن ۽ وڻجارن به مختلف وقتن تي سنڌ جي صوفي ادب ۾ پنهنجي لکڻين سان واڌارو ڪيو. سنڌ جون صوفياڻيون روايتون شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ پنهنجي اوچائيءَ کي ڇهندي نظر اچن ٿيون. برطانوي حڪومتي دؤر ۾ منجهن تعليم جي شرح وڌيل هئي، خاص ڪري عامل طبقي ۾ تعليم جو وڌيڪ رواج هوندو هو. انهيءَ وقت به هنن هندو ثقافت ۽ سماج بابت ڪجهه نه لکيو. (35) برطانوي واسين پڻ سنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوئن تي ڪو چڱو ڌيان نہ ڏنو. اُهي هندوئن کي سنڌي سماج ۾ 'پرڏيهي' سمجهندا رهيا. جڏهن تہ بينڪيتي دانشورَ جن جي تحقيق اوچي درجي جي هئي، تن مسلمان سماج ۽ ثقافت تي گهڻو ڌيان ڏنو. جيتوڻيڪ نوآبادياتي انتظاميا ڪجهہ بنيادي ڄاڻ ميڙي گزيٽيئرز ڇاپيا، خاص طور سان 1907ع جي ايڊيشن ۾ اها ڄاڻ جهجهي آهي. (36) جيئن تہ ايا سنڌ تي ڪا گهڻي کوجنا ۽ اڀياس نہ ٿيا آهن، تنهنڪري جڏهن ورهاڱي کان اڳ وارن سنڌي وڻجارن بابت لکيو وڃي ٿو، تہ انهيءَ مواد تي ئي آڌارڻو پوي ٿو. 1947ع جي ورهاڱي کانپوءِ، سنڌ ۾ هندوئن جو انگ گهٽجي بلڪل ٿورڙو رهجي ويو. تنهنڪري هاڻي ڪنهن کي ڪا دلچسپي نہ آهي، تہ تاريخ ۾ هندو واپارين جي ڪردار جو جائزو ورتو وڃي. ورهاڱي کانپوءِ اڪثر هندو آبادي هندستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري وئي. هندستان ۾ 1950ع جي ڏهاڪي ۾ هڪ سروي ڪرايو ويو، جنهن جي بنياد تي سنڌي- هندو ثقافت ۽ سماج تي پهريون پيپرو يو. ٽي. ٺاڪر جو ڪتاب 'سنڌي ثقافت' ڇپيو. (37) جيتوڻيڪ انهيءَ ڪتاب ۾ ڪافي فني ڪمزوريون ۽ چُڪون آهن، پوءِ بہ ليکڪ سنڌي شرنارٿين سان ملاقاتون ڪري، سنڌ ۾ رهڻ دوران سندن سنڌي سماج ۽ ثقافت بابت مواد ڪَٺو ڪيو. اهڙيءَ ريت هُن ان ورثي کي بچائي ورتو، جيڪو ٻيءَ صورت ۾ گُم ٿي وڃي ها. گڏوگڏ هندستان ۾ سنڌين تي تخليق ٿيندڙ بِئي ادب ۾ گهڻو ڌيان پنهنجي بَڌي ۽ پائيچاري تي ڏيڻ ۽ ورهاڱي کان اڳ وارن سندن بُنيادن جي اڀياس کان پاڻ کي پري رکڻ جو لاڙو موجود آهي.

اڳتي سنڌ ۾ هندو سماج بابت جيڪا ڄاڻ ڏنل آهي، سا وڪريل ۽ اڻپوري موادَ کي سهيڙي پاڻ ۾ ملائي وئي آهي، تہ جيئن ڪا عام تصوير جوڙجي. 1947ع جي ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ مان ڪَٺي ڪيل معلومات هاڻوڪي هندستان جي هندو سماج کان مختلف آهي. مثال طور: سنڌ جي هندو سماج جي هڪ خاصيت هيءَ هئي، تہ اُتي ذات پات جون ٻيون سختيون ۽ مت ڀيد نہ هوندو هو. انهيءَ جو سبب هي هو تہ سندن سماج ۾ لوهاڻي قبيلي جو تسلط هوندو هو، ۽ هي سمجهيو ويندو هو، تہ پوري هندو سماج جو ناتو ان هڪ قبيلي سان آهي. جڏهن تہ مختلف وقتن ۾ جيڪي آدمشماريون ٿيون آهن، تن مطابق سنڌ ۾ لوهاڻي قبيلي جو انگ اڌواڌ هوندو هو. (38) پر اهي انگ اکر رڳو اڌوري ڪهاڻي ٻڌائين ٿا. 1947ع ۾ غير لوهاڻا ماڻهن جو تعلق ٿر ۽ پارڪر جي انهن قبيلن سان هو، جيڪي هندو سماج ۾ هيٺين ڏاڪي تي هئا. جيئن تہ انهن قبيلن کي هندو سماج ۾ شامل نہ ڪيو ويو هو، تنهنڪري لوهاڻن اڪثريتي حيثيت ماڻي ورتي. هندوئن جون ٻيون ذاتيون، جن کي پاتيا ۽ کتري چئبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سي لوهاڻن جي گهڻو ويجهو هونديون هيون ۽ اُهي پنهنجي پاڻ ۾ شادي وهانءُ ڪندا هئا. رڳو برهمڻن جو اڪيلو طبقو لوهاڻا ذات کان ڌار هوندو هو، جن جون به ذاتيون هيون: سرسوت ۽ پشڪرڻ. پر برهمڻن جو انگ ايڏو گهٽ هو، جو سندن نمائندگي پوري ريت نه ٿيندي هئي، تنهنڪري لوهاڻن جي مقابلي ۾ اهي هندو سماج ۾ اوچو مقام نه ماڻي سگهيا. هاڻي، هي چئي سگهجي ٿو، ته سنڌ ۾ برهمڻ برتر ذات جي پيٽ ۾ رڳو مذهبي پوڄا پاٺ ڪندڙ هئا.

سنڌي- هندو سماج ۽ لوهاڻا ذات وچ ۾ ان مناسبت ڪانپوءِ هي ٻڌائڻ ضروري آهي، ته لوهاڻا ذات منجهه درجابندي هئي. هيءَ درجابندي ٽن قسمن جي هئي: سيني کان اوچي درجي جا ماڻهو پاڻ کي عامل ۽ هيٺين درجي جا ماڻهو ڀائيبند سڏرائيندا هئا. پوءِ عاملن ۽ ڀائيبندن ۾ پڻ وڌيڪ درجابندي هئي. اصل ۾ عاملن ۽ ڀائيبندن وچ ۾ ويڇو ڏاڍو گهٽ هوندو هو. هي ويڇو لوهاڻا ذات جي انهن ماڻهن ۾ تڏهن ٿيو جڏهن هنن حڪومت ۾ سرڪاري نوڪريون ورتيون ۽ پاڻ کي واپار ۾ ملوث بين ساٿين کان ڌار ڪري ورتو. اوڻيهين صديءَ ۾ عاملن ۽ ڀائيبندن وچ ۾ اهو ويڇو ذات جي عليحدگي جيان ٿي ويو. فرق هي هو ته عامل، ڀائيبندن ۾ شادي ڪندا هئا، پر ڪين پنهنجون ڇوڪريون نه ڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت سماج جا اهي به طبقا هڪٻئي سان ڳنڍيل پڻ هئا. اهو ويڇو خداآبادي عامل (هي ڪلهوڙن جي آڳاٽي راڄڌاني سان واسطو رکندڙ هئا) جيڪي سماج جي سڀ کان اوچي پرت مان سمجهيا ويندا هئا ۽ غير خداآبادي عامل، جن جو درجو سندن مقابلي ۾ گهٽ هو، سي پاڻ ۾ شادي ونواهه کان پاسو ڪندا هئا. حيدرآباد کان ٻاهر انهن وچ ۾ ناتن جي نوعيت ڌار هوندي هئي. مثال طور: لاڙڪاڻي ۾ چانڊوڪا جي عاملن جو سماجي رتبو، ٻين جي ڀيٽ ۾ مٿانهون هوندو هو.

لوهاڻن ۾ عاملن جو انگ، شرح جي لحاظ کان، ڏهه کان پندرهن سيڪڙو کان مٿي نه هو. جڏهن ته غير عامل، جن جو انگ وڌيڪ هو، سي ٻين نالن سان سڏيا ويندا هئا: جيئن چيل آهي ته انهن ۾ سيني کان وڌيڪ هاڪارا ڀائيبند هئا. ڀائيبند اصطلاح جو مطلب 'ڀائرن جو سَٿ' آهي. سنڌي خاندان جون واپاري فرمون پڻ ڀائيبند فرم جي نالي سان سڏبيون هيون. سماج ۾ 'ڀائيبند' جو رُتبو ڪنهن ذات پات سان نه، بلڪ سندن ڌنڌي ۽ دولت سان متعين ٿيندو هو. تنهنڪري، معلوم ٿئي ٿو، ته جن ماڻهن جو اناج ۽ ٻين ڪاڌي پيتي جي شين جي رسائيءَ جو واپار هوندو هو، تن کي 'ڪونيءَ' جي مالڪ جو رُتبو سونپيو ويندو هو. ڪونيءَ جي مالڪ جو رُتبو ٻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپارين جي پيٽ ۾، جن ۾ ڳوٺ جا دڪاندار ۽ شاهوڪار شامل هئا، جن کي ’هٽ واڻيو‘ چوندا هئا، تن جو رتبو اوچو هوندو هو. شڪارپور جي سونارن ۽ حيدرآباد جي سنڌورڪي واپارين جون ڌريون به سماج ۾ احترام سان ڏٺيون وينديون هيون.

ذات پات جي سرشتي جي غيرموجودگيءَ سميت سنڌي- هندو سماج جي ٻي اهم خاصيت سندن مذهبي سجاڳي ۽ وابستگيءَ کان ڇڏو هجڻ به هو. سنڌ ۾ هندوئن جي گهڻائي نانڪ- پنٿي يعني غير- خالصا يا سهجاداري سک هئا، پر سندن نانڪ- پنٿي عقيدو شِومت ۽ وِشنو مت سان گڏجي ويو هو. غير- خالصن جي سنڌ ۾ گهڻائي هوندي هئي، تنهنڪري سنڌ، پنجاب جيان سنگهه سڀا تحريڪ، جنهن پنجاب ۾ هندوئن ۽ سکن وچ ۾ ويڇا ۽ سَنڌا ڳاهي ڇڏيا هئا، تنهن کان متاثر نه ٿي، ۽ هتي پنجاب جيان ويڇو نه هوندو هو. (39) تنهنڪري هي چوڻ ڏکيو آهي، ته نانڪ- پنٿي پاڻ کي سک چوندا هئا يا هندو. 1881ع واري آدمشماريءَ ۾ شڪارپور ۽ حيدرآباد جي لوهاڻن پاڻ کي سِک لکرايو هو. پر 1889ع جي گزيٽيئر ۾ ظاهر ٿيل انگ مطابق سنڌ ۾ رهندڙ سمورا لوهاڻا هندو هئا. (40) سنڌ ۾ برهمڻن جي ذات ايڏي اثرائتي نه هوندي هئي، جو سندن انگ گهٽ هو. سنڌ ۾ اڪثريتي طور مذهبي پنڊت يا پروهت، برهمڻ نه هوندا هئا، پر شهرن ۾ رهندڙ ’باوا‘ يعني نانڪ- پنٿي ديروانت هوندا هئا، جيڪي هر ڳوٺ ۽ واهڻ شهرن جي گهٽي ۾ ڏنا ويندا هئا ۽ اهي مندر- گردوارا، جن کي ’ٽڪاڻو‘ سڏيو ويندو هو، تنهن جي سنڀال ڪندا هئا. انهن ٽِڪاڻن ۾ هندو مت جي ٻُتن سميت گرنٿ صاحب ۽ بابا نانڪ جو مجسمو به رکيل هوندو هو. انهيءَ مذهبي هم آهنگيءَ ۾ وٽن ’اُڏيرو لال‘، جيڪو ’جهولي لال‘ به سڏجي ٿو، تنهن سان عقيدتمندي جو اظهار ٿيندو هو. (41) صدين تائين ’جهولي، جهولي لال‘ اهو نعرو هو، جنهن جي چوڌاري مصيبت جي گهڙيءَ ۾ سنڌي هندو مِڙي اچي گڏ ٿيندا هئا. هيءَ اها علامت هئي، جنهن وسيلي اهي گڏجي، پنهنجي مسلمان حريفن جي مقابلي ۾، پنهنجي سجاڳي کي برقرار رکندا هئا.

پر سنڌ ۾ هندوئن ۽ مسلمانن ٻنهي ڌرين وچ ۾، مذهبي يڳانت جو جيڪو عنصر هو، تنهن هيٺ پاڻ ۾ گڏجي، انهن صوفين ۽ پيرن سان عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪندا هئا، جن جو ناتو ٻنهي مذهبي ڌرين سان هوندو هو. ان قسم جون شاهديون آهن، ته هندوئن جي گهڻائي مسلمان پيرن جي پوئلڳ هوندي هئي، جن سنڌي- اسلام ۾ ڦهلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. (42) ننڍي کنڊ ۾ صوفي مت جي ڪنهن صوفيءَ جا هندو ماڻهو پوئلڳ هجڻ واري رسم ڪنهن حد تائين عام آهي، پر سنڌ ۾ خاص ڪري هندستان جي ٻين علائقن جي پيٽ ۾، هي رسم عام آهي. ڪنهن طاقتور پِير جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مريد بنجڻ مان رڳو روحاني فائدا ئي نه ٿيندا هئا، پر ان قسم سان معاشي فائدا به لاڀ پوندا هئا، ۽ خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾ ڪين سماجي توڙي سياسي طور تحفظ ملي ويندو هو، جو اُهي ڏورانهين علائقن ۽ مسلمانن جي گهڻائيءَ واري علائقي ۾ گهيريل رهندا هجن. هنن کي پهچندڙ دنياوي فائدا پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌن ان سچائيءَ تي شڪ نٿو ڪري سگهجي، جيڪو هڪ پوئلڳ کي پنهنجي پِير سان هوندو هو. انهيءَ جو واضح ۽ چِٽو مثال هندوئن جي شاهه عبداللطيف ۽ ٻين صوفين جي صوفياڻي شاعريءَ سان عقيدت آهي، جنهن جو اظهار وٽن هر پيري ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت، سنڌ جا مسلمان به هندو جوڳين ۽ سنياسين سان عقيدت رکندا هئا، ۽ انهن جي سماڌين تي حاضري ڏيندا هئا. هڪ هندو مذهبي ساڌوءَ اشارو ڪيو آهي ته، ”سنڌ جا هندو ڪيڏي نه ذوق ۽ شوق سان محرم جي تقريبن ۾ ڀاڱيوار ٿيندا هئا.“ (43)

بهرحال مذهبي ميلاپ، انهن برادرين ۾ جهيڙي ۽ ڇڪتاڻ کي ختم نه ڪري سگهيو، جيتوڻيڪ اهو اتر هندستان جي ڀيٽ ۾ گهٽ گهٽ هو. 1920ع کان سنڌ جي سياست ۾ هوريان هوريان فرقيواريت وڌندي وئي، ۽ مذهبي ڏڦيڙ ڪَر کڻڻ لڳو. هندو پاڻ کي ڪانگريس سان جوڙڻ لڳا، جڏهن ته مسلمان ڪانگريس کان پري رهيا ۽ 1930ع ۽ 1940ع جي ڏهاڪن ۾ اُهي وڃي مسلم ليگ سان ڳنڍيا (44) پر هن ڳالهه تي عام اتفاق آهي، ته 48-1947ع ۾ سنڌ مان هندوئن جي وڏي انگ ۾ لڏپلاڻ، سنڌ جا اندروني فرقيوار جهيڙا ۽ سنڌ جي هندو- مسلمانن وچ ۾ تضاد نه هئا، بلڪ ورهاڱي جي مجموعي هاڃي ۽ پنجاب ۾ ٿيندڙ رتوڇاڻ جو منطقي نتيجو هو. (45) جيتوڻيڪ هي چوڻ صحيح نه آهي، ته سنڌ ۾ مڪمل مذهبي هم آهنگي يا رواداري هئي، پر اهو چئي سگهجي ٿو، ته هندستان جي ٻين صوبن يعني پنجاب، بنگال ۽ اتر پرديش جي مقابلي ۾، هتي سنڌ ۾ مذهبي اختلاف ۽ تضاد بلڪل گهٽ هئا. (46) بهرحال، علائقائي هندو مَت جي ميلاپ ۽ هم آهنگيءَ واري ڪردار سميت علائقائي اسلام تي صوفي مت جي اثر هتان جي حالتن تي اثرائتو ڪردار ادا ڪيو.

## هندو وڻجارا ۽ نوآبادياتي دؤر ۾ سياسي ۽ معاشي حالت

ان ويچار کي عام طور تي مڃيو وڃي ٿو، ته سنڌ ۾ برطانوي قبضي ڪانپوءِ ايندڙ سماجي ۽ معاشي تبديلي ۽ سماجي ساخت جي ٿيندڙ نئين جوڙجڪ مان سڀ کان وڏيڪ فائدو هندو واپارين کي ٿيو. گهُرج ان ڳالهه جي آهي، ته ان خيال جي به اجا ڇِنائي ڪئي وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ان برطانوي ذهنيت کي سامهون رکڻ ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ سنڌ جا هندو ابتداءَ ۾ سنڌن لاءِ واپاري مامرن ۾ رُڳو آڙهتي هئا ۽ مفت ۾ منافعو ڪمائيندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي اڌ تائين هي برطانوي نقطي نظر برطانوي ليکڪن وٽ ڏنو وڃي ٿو، جنهن جو بهترين مثال رچرڊ برٽن آهي. سنڌ بابت 1851ع (47) ۾ ڇپجندڙ هن جي ڪتاب ۾ سنڌ جي هندوئن بابت جيڪي خيال ڄاڻايل آهن، تن ۾ جيتوڻيڪ تعصب ته ڀرپور آهي، پر وري به مجموعي طور اهو معروضي آهي. 1877ع ۾ لکجندڙ ڪتاب، جيڪو هن سنڌ جي دوري ۽ هتان جي حالتن جي مشاهدي ڪانپوءِ لکيو، تنهن ۾ سنڌ جي هندوئن خلاف گهڻو زهر ڀريل مواد آهي. (48) جنهن ڪان برطانوي عهديدار ۽ غير عهديدار ٻئي متاثر ٿيا ۽ هندوئن بابت مٿئين بنياد تي پنهنجي رايا جوڙيا. جيئن ته هي ڪتاب نوآبادياتي بحث ۾ نئتو اچي، تنهنڪري آءٌ مٿس روشني نه وجهندس. پر آءٌ هيءَ ضرور چوندس، ته انهيءَ ڪتاب هڪ اهڙي لاڙي کي پيدا ڪيو، جنهن جا اثر پائيدار ۽ جٽادار ثابت ٿيا ۽ هندوئن بابت سطحي خيالن کي جوڙڻ ۾ مدد ڏني.

هندوئن خلاف سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ ڪئي وڃي ٿي، ته هندو واڻين پنهنجي هٽ- ناٽن ۽ کيڏن وسيلي زرعي زمينون پنهنجي نالي ڪرائي ورتيون هيون. جيتوڻيڪ زمينن جي متاسنا جون ڪجهه شاهديون ته موجود آهن، پر هيءَ ڳالهه ڏکي آهي ته ان بابت ڪو حتمي رايو ڏنو وڃي. پهرين ڳالهه ته ان بابت ڪا وڏيڪ ڄاڻ نه آهي، ته سنڌ تي برطانوي قبضي وقت هتي هندوئن وٽ ڪيتري زمين هئي. برطانوي عهديدارن جو طريقو هي رهيو آهي، ته اهي انهن مامرن ۾، خاص طور جڏهن مامرو شاهوڪارن ۽ سودخورن جو هجي، جيڪي سندن سوچ ۾ مفت جو نفعي- خور هئا، اڳوڻن ۽ پوئين واقعن کي گڏائي پيش ڪن ٿا. تنهنڪري هنن مختلف قانون منظور ڪرايا ته جيئن زمينن جي متاسنا نه ٿي سگهي. انهيءَ جي ابتداء 1896ع ۾ "Sind Encumbered Estate Act" وسيلي ٿي. 1896ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر ايوان جونسر دعويٰ ڪئي، ته ٻائيتاليهه سيڪڙو زمين هندوئن وٽ گروي رکيل آهي. (49) پوءِ ٻيا قانون منظور ڪرايا ويا، ته جيئن ڪڙمي ۽ زميندار قرض عيوض پنهنجون زمينون گروي نه رکي سگهن. ڏٺو وڃي ته سنڌ جي زرعي تاريخ جا هي به نمايان دؤر آهن اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾، هندو واڻين، سڌي يا اڻ سڌي ٻنهي طريقن سان گهڻي انگ ۾ زرعي زمينون ورتيون هيون، پر اهو لاڙو ويهين صديءَ ۾ ٻيهجي ويو.

ڊيوڊ چيس مين (50) جنهن سنڌ ۾ وياجي ڪاروبار تي تفصيل سان لکيو آهي، پر هُن بدقسمتيءَ سان پنهنجي تحقيق جو دائرو اوڻيهين صديءَ تائين رکيو آهي :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي تحقيق کي ويهين صديءَ جي اڌ تائين نہ آندو اٿس. چيس مين جو دليل هي آهي، تہ واڻيا بنيادي طور تي واپاري هئا، ۽ ماڻهن کي قرض تي روپيا ڏئي، ڪانئن زراعتي پيداوار ڪسي وٺندا هئا. اُهي وياج وسيلي رقم وٺڻ ۾ دلچسپي نہ رکندا هئا. هنن کي وڌيڪ فائدو ان زرعي پيداوار مان ٿيندو هو، جيڪو هُو زميندارن ۽ ڪڙمين کان قرض عيوض وٺندا هئا ۽ ان کي منڊيءَ ۾ وڪڻيْ منجهانئس جهجهو منافعو ڪمائيندا هئا. هُو نہ چاهيندا هئا، تہ ڦڏا ڦرڙا ۽ چڪتاڻ وارا مامرا عدالت تائين پهچن. هُو اهڙو قدم تڏهن کڻندا هئا تہ جڏهن وٽن ڪا ٻي واٽ نہ بچندي هئي. هتي هي ٻڌائڻ ضروري آهي، تہ هنن لاءِ زميندار ٿيڻ يا زمينن تي قبضو ڪرڻ ڪو فائديمند ڪاروبار نہ هو. هنن لاءِ ڪڙمت واسطي هارين کان ڪم ڪرائڻ ڏکيو هوندو هو. چيس مين جي هيءَ ڇنڊڇاڻ، نيلادري ڀٽاچاريا طرفان پنجاب جي صورتحال بابت ڪيل تحقيق سان ٺهڪجندڙ آهي، جيڪو شاهوڪارن کي ٻن جماعتن ۾ورڇي منجهن موجود فرق ٻُڌائي ٿو. هُو منجهانئن هڪ ڌُر کي سُودخور چوي ٿو، جن ۾ اڪثريت پٺاڻن جي هئي، جيڪي مختلف عرصي لاءِ ورتل قرضي تي وڌيڪ سُودي اگهہ تي پيسا وٺندا هئا. اُهي پنهنجي سود جي وصوليءَ لاءِ ساندهہ ڌمڪيون ڏيندا رهندا هئا. ٻي ڌُر کي هو واپاري- سُودخور چوي ٿو، جيڪي گهٽ شرح تي قرضَ ڏيندا هئا ۽ ان جي عيوض زرعي پيداوار وٺندا هئا. (51) جيتوڻيڪ هي چوڻ ڏکيو آهي، تہ ان قسم جو فرق هميشہ رهيو، پر سنڌ ۾ واڻين جو ناتو ٻيءَ ڌُر سان هو، جيڪي سود عيوض زرعي پيداوار ماڻيندا هئا، يعني اهي واپاري- سُودخور يا شاهوڪار هئا.

چيس مين اوڻيهين صديءَ جي سنڌ بابت جيڪا تحقيق ڪئي آهي، تنهن جو بنياد تاريخي سرڪاري دستاويزن تي آهي، پر سندس خيال سرڪاري عهديدارن جي ڏنل خيالن کان ڌار آهن. هن ثابت ڪيو آهي، تہ سنڌ جي زرعي زمين وڏي پيماني تي واڻين جي نالن تي منتقل ٿيندي ٿي رهي، وڏيري طبقي سنڌ جي ڳوٺن ۾ پنهنجو اثر برقرار رکيو. تنهنڪري زرعي زمينن تان وڏيري طبقي جي ٻي دخليءَ بابت برطانوي عهديدارن جي وسوسن جا حقيقت ۾ ڪي اصلي بنياد نہ هئا، ۽ انهيءَ مقصد لاءِ هنن جيڪي مختلف قانون منظور ڪرايا، سي رڳو رسمي ثابت ٿيا. هنن قرض وٺندڙ عادت جي بنيادي مرض واريءَ پاڙ تي ڪو حملو نہ ڪيو، پر موٽ ۾ هنن وڏيري طبقي کي هي تاثر ڏنو، تہ سرڪار سندن ڀلائي ۽ سهنجائي جو اونو رکي ٿي. تنهنڪري هنن جو هي فرض آهي، تہ اهي ڪنهن ڳڻتيءَ بنا برطانوي حڪومت سان پنهنجي وفاداريءَ کي برقرار رکن. برطانوي دؤر ۾ سنڌ جي سماجي جوڙجڪ ۾ ڪي اهم تبديليون نہ آيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ شبهو ڪونهي، تہ واڻيا زمين وٺندا هئا، ۽ سندن سنڀال ۽ انتظام پڻ پيلي ۽ سُني ڍنگ سان ڪندا هئا. (52) پر گهڻن مامرن ۾، خاص ڪري جڏهن هارين جي ڳالهہ نڪرندي هئي، تہ اهي وڏيري طبقي تي ئي ڀاڙيندا هئا. جيئن تہ واڻين جو اهڙي طبقي سان تعلق هو، جيڪو سماجي طور وڏيرن، پيرن ۽ سيدن سان ڪو مقابلو نہ پيو ڪري سگهي، تنهنڪري اُهي آسروند نہ هوندا هئا تہ هاري ساڻن وفادار رهندا يا ڪانئن ڊڄندا ۽ سندن اطاعت ڪندا. هُو ڳوٺن ۾ رڳو ان ڪري ايندا ويندا هئا، جو وڏيرن کي سندن قرض ڏنل هوندو هو ۽ وڏيرو موٽ ۾ هارين تي ضابطو رکندو هو. پوءِ بہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ سُودخورن جا قتل ٿيندا رهندا هئا. هنن جا قاتل ورلي جهليا ويندا هئا ۽ کين سزا ملندي هئي. (53) مليل شاهدين مان هي ثابت ٿئي ٿو، تہ هاري اوچتو ڪاوڙجي پلاند ۾ قتل نہ ڪندو هو، بلڪ سندس پوياں وڏيرو هوندو هو، جيڪو ان قسم جي واقعن ۾ ملوث هوندو هو ۽ سوچيل سمجهيل رٿا هيٺ اهي قتل ڪرايا ويندا هئا. تنهنڪري واڻيو پنهنجي دولت جي هوندي بہ، جيڪا وٽس چڱي چوکي هوندي هئي، ان قابل نہ هو جو سنڌ ۾ اهڙو ڪردار نڀائي سگهي، جيڪو سندس برتريءَ کي برقرار رکي.

انهيءَ ڳالهہ مان هيءَ بہ چِٽائي ٿئي ٿي، تہ ڪهڙين ڳالهين سبب سنڌي هندو واڻيي، اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾، سنڌ کان ٻاهر پرڏيهہ ۾ واپار جون راهون ڳولهيون. هي ڪارڻ چِٽو آهي، تہ کين پنهنجي دولت جي هوندي بہ، ڳوٺن ۾ موجود عدم تحفظ واري حالت ۾ اهي پوريءَ طرح پنهنجو ڪاروبار نہ ڪري سگهندا هئا. تنهنڪري سنڌ کان ٻاهر سندن دلچسپي وڌي. انهيءَ سلسلي ۾ اناج جي قيمتن جو بہ وڏو دخل آهي، ڇوتہ هنن جي واپار جو وسيلو اهائي زراعت هئي. انگن اکرن مان اهو ثابت ٿئي ٿو، تہ اناج جون قيمتون اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾ تيزيءَ سان وڌيون پئي، (54) ۽ ان سان واڻين جي نفعي ۾ واڌارو پئي ٿيو. پر ڳوٺن ۾ موجود عدم تحفظ سبب اهو نفعو بہ ڪاروبار کي وڌيڪ ڦهلائڻ ۾ رڪاوٽ هو. جيتوڻيڪ واڻين بابت چيو وڃي ٿو، تہ اُهي هر قسم جو جوکو مٿي تي کڻندا هئا، پر بهرحال انهن جوکن کڻڻ جو بہ هڪ دنگ هوندو آهي. هنن ۾ ناٿو ساڳئي قسم جي واپار ۾ نہ سيڙائڻ جو بہ لاڙو هوندو هو. پر برطانوي حڪومت دؤر جي شروعاتي ڏهاڪن ۾، هنن لاءِ غير- ڀهراڙيءَ شعبي ۾ سيڙپڪاري جا موقعا بلڪل ٿورڙا هئا، جو اُهي پنهنجي واپاري صلاحيتن کي آزمائين.

جڏهن برطانيا، سنڌ تي قبضو ڪيو، تہ اُن کي چئن مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو: رياست جو مالي انتظام، ڪرنسيءَ جي متاسنا، صنعتي پيداوار ۽ سنڌ جي رستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگهندڙ واپاري شيون. جيستائين رياستي مالياتي انتظام جو واسطو هو، ته ان ۾ برطانيا کي ڪابه ڏکيائي سامهون نه آئي، ڇوته سنڌ تي قبضي کان پهرين هندستاني والاريل رياستن ۾ سنڌن مالي انتظامي ڍانچو موجود هو، تنهنڪري ڪين مقامي بينڪارن کان قرض وٺڻ جي گهرج نه ٿي. جڏهن ته ان کان پهرين بينڪار، خاص ڪري حيدرآباد جا بينڪار، رياست کي قرض ڏيندا هئا ۽ اهو ئي سندن خاص واپار هوندو هو. هاڻي جيئن ته اهو واپار نه رهيو، تنهنڪري هنن لاءِ ان جي پيٽ ۾، ڪو ٻيو رستو ڳولهڻ ضروري هو. ڪرنسيءَ جي متاسنا واري تجارت جي به پڄاڻي ٿي وئي، ڇوته ڪمپنيءَ جو روپيو قانوني طور ڪرنسي بڻجي ويو ۽ مقامي ڪرنسيون ختم ٿي ويون. جيستائين سنڌ مان لنگهندڙ واپاري شين جو مسئلو هو، جيڪي پاڙيسري ملڪن ڏانهن وينديون هيون، تن جي رسائيءَ ۾ پڻ گهٽتائي آئي، خاص ڪري مالوا-آفيم جو واپار ته بلڪل بند ٿي ويو. قلات ۽ افغانستان ۾ حالتون بگڙجڻ سان وچ ايشيائي ملڪن جي واپار جا رستا غيرمحفوظ ٿي ويا. سنڌو درياهه وسيلي پنجاب ۽ وچ ايشيا جو واپار به ڪو گهڻو فائدېمند نه رهيو. دستڪاريءَ جي شين ۽ ٻيءَ صنعتي پيداوار ۾ زوال آيو، ڇوته هاڻي دربار ۽ فوج، جيڪي سندن سيني ڪان سنا خريدار هوندا هئا، ۾ انهن شين جو ڪاپو نه رهيو. گڏوگڏ دستڪاريءَ ۽ صنعت ۾ جيڪي واپاري سيڙپڪاري ڪندا هئا، سي هاڻي ان قابل نه رهيا، جو ان ۾ وڏيڪ سيڙپڪاري ڪري سگهن. تنهنڪري، سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ واري حالتن ۾ ڪجهه واڻيا، پنهنجي موڙيءَ کي سيڙائڻ لاءِ نون موقعي جي ڳولها ۾ هئا.

1843-1875ع دؤران سنڌي واڻين ۾ اهڙا واپاري موجود هئا، جن واپار جي نون رستن ۽ سيڙپڪاريءَ جي نون طريقن بابت سوچيو پئي. شڪارپور ۽ ٺٽي جي پاڻين پنهنجي اڳوات جوڙيل واپاري رشتن کي سگهارو پئي ڪيو، جڏهن ته حيدرآباد جي واپارين بلڪل نون وسيلن کي ڳولهڻ جي شروعات ڪئي.

سنڌ، برطانوي هندستان جي معيشت ۾ جيڪو پاڳو ورتو، تنهن ڪارڻ پڻ حالتن ۾ ڦيرو آيو. برطانوي والار هيٺ اچڻ کان پهرين سنڌ جو عالمي ۽ علائقائي واپار ۾ حصو هوندو هو، پر برطانوي اقتدار ڪانپوءِ کيس پنجاب جي زرعي پيداوار لاءِ رستو ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. انهيءَ مقصد سان اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾ برطانوي حڪومت، سنڌ ۾ سيني کان وڏيڪ سيڙپڪاري ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي سڌارڻ ۽ ريلوي لائون وڇائڻ ۾ ڪئي، ته جيئن پنجاب سان بندرگاهه جو رابطو جوڙجي. (55) 1847ع ۾ سنڌ کي ممبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍڻ جو فيصلو، اثرائتو ثابت ٿيو، ڇوته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو ممبئي سان معاشي ۽ ثقافتي طور گهڻو هيٺو ناتو هوندو هو، هي ممبئي طرفان پنجاب کي ڏنل هڪ اڻ- سڌي سهولت هئي. (56) اهڙيءَ ريت، سنڌ جي پنجاب کي سامونڊي گذرگاهه ڏيڻ واريءَ تبديلي سان ڪراچيءَ، جيڪو سنڌ جو اڪيلو جديد سامونڊي بندرگاهه هو، تنهن کي گهڻو فائدو ٿيو. گڏوگڏ ڪراچي ۽ پنجاب وچ ۾ ريلوي آمدرفت جي ترقي انهن شهرن جي معاشيات کي تحرڪ ڏنو، جيڪي ريلوي لائينن پرسان موجود هئا.

هن ڳالهه تي هي ضروري ٿو ڀانئجي، ته انهن ڪارڻن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي، جن سبب سنڌ جا واپاري صوبائي واپار تي پنهنجو روايتي تسلط قائم نه رکي سگهيا، ۽ هنن غير مقامي پرڏيهين کي ڪراچيءَ جي معيشت ۽ واپار کي پنهنجي ضابطي ۾ وٺڻ جو موقعو ڏنو. منجهائنن ڪجهه ڪارڻن جو واسطو سنڌ تي برطانوي قبضي سان آهي. 1839ع کانپوءِ ۽ وري 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي کانپوءِ ممبئي ۾ موجود برطانوي واپاري فرمن، پنهنجي وڏي انگ ۾ موڙيءَ ۽ تجربي جي بنياد تي، جيڪو ڪين پرڏيهي منڊين خاص ڪري ڪيهه جي واپار بابت هو، ڪراچي جي واپار ۾ سيڙپڪاري ڪري اُتي پنهنجو تسلط قائم ڪري ورتو. انهيءَ ڳالهه جو اهڃاڻ 1860ع ۾ ڪراچيءَ ۾ چيمبر آف ڪامرس جو جُڙڻ آهي، جيڪو انهن واپاري فرمن جي سهڪار سان ٺاهيو ويو هو. (57)

گڏوگڏ ٻيون واپاري برادريون، جيڪي برطانويءَ هندستان ۽ خاص ڪري ممبئي کان ڪراچي آيون هيون ۽ هتي اچي شهري منڊين ۾ پنهنجو اثر قائم ڪيو هو، تن ۾ سڀني کان وڏيڪ اهم پارسي ٺيڪيدار هئا. هنن ترت ئي برطانوي فوج ۽ عهديدارن لاءِ کاڌي پيتي جي پهچائيندڙ شين جا ٺيڪا ڪٽي، پنهنجي اجاريداري جوڙي ورتي. پر ترت ئي هنن ٻين ڪاروباري ڌنڌن ۾ پڻ پاڳو وٺڻ شروع ڪيو. نتيجو هي ٿيو، جو اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾، ڪراچي ۾ سڀني کان وڏيڪ طاقتور واپاري برادري پارسي هئي. (58) ممبئي کان ايندڙ ٻين واپارين ۾ يهودي ۽ گجراتي وڻجارا به شامل هئا. گڏوگڏ سنڌ تي قبضي کان پهرين ٻين اهم واپاري ڌرين ۾ اسماعيلي خواجا ۽ ڪڇي ميمڻ به شامل هئا، سنڌ تي قبضي کانپوءِ، هنن کي وڏيڪ سگهه تڏهن ملي، جڏهن سنڌن برادرين جا وڏيڪ واپاري ڪراچي اچڻ شروع ٿيا. ايندڙ واپارين ۾ گهڻائي ممبئي ۽ ڪڇ جي رهواسين جي هئي. ٻئي پاسي، ڪراچي بندرگاهه جو پنجاب سان ناتو جُڙڻ ۽ اُتر هندستان جي علائقن جي ويجهڙائيءَ سبب هتي پنجابي ۽ مارواڙي سيٺيا به آيا. اچرج جي ڳالهه هيءَ آهي، ته برطانوي قبضي کان پهرين به سنڌي واپارين جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري فرم، سيٺ ناؤمل ۽ وشنداس کيمچند جيان موجود هئا، پر انهن جو ڏاڍو تيزيءَ سان زوال ٿيو. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪي واڻيا برادريون ڪراچي ۾ موجود رهيون، سي شڪارپورين جون برادريون هيون. هنن ڪراچيءَ جي وڏن واپاري فرمن ۽ سنڌ جي شهرن توڙي واهڻن وچ ۾ 'دلال' جو ڪردار ادا ڪندي پنهنجي حيثيت کي مستحڪم رکيو. (59) گڏوگڏ هنن پنهنجي وچ ايشيائي ملڪن جي ناتن کي برقرار رکندي، برطانوي صنعتي پيداوار کي ڏکڻ- اوڀر ايران جي منڊين ۾ وڪرو ڪيو. پر مجموعي طور هي صحيح آهي، تہ انهيءَ عرصي دوران سنڌي واڻين پنهنجي ئي صوبي ۾ واپاري اجاريداري ۽ تسلط وڃائي ڇڏيو. جنهن جو وڏو سبب صوبي جي مکيہ مرڪزي تجارتي شهر ڪراچيءَ ۾ ٻين واپاري ڌرين طرفان متن برتري ماڻڻ هئي. انهن حالتن ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپوري واڻين پنهنجي لاءِ ٻين واپاري علائقن جي ڳولها ڪئي، ۽ پنهنجي واپار لاءِ نين واٽن تي پيرڙا رکيا. شڪارپورين پنهنجي ئي وطن ۾ ڪو رستو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ حيدرآبادين پنهنجي وطن مان نڪري ممبئي جي واٽ ورتي، جيڪو قدم اڳتي هلي سندن لاءِ فائدبمند ٿيو.

هن چنڊڇاڻ ڪانپوءِ هيءَ ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي، تہ ڪيئن سنڌ جي واپارين اهڙو واپاري- ڄار وڇايو، جنهن ۾ هڪ پاسي وچ ايشيائي ملڪ، ڏکڻ- اوڀر ايران ۽ ڏکڻ- اولھ سنڪيانگ هو، تہ ٻئي پاسي سامونڊي رستن تي ڦهليل دنيا هئي، جنهن ۾ جاپان جي ڪوبي ڪان وٺي وچين لاطيني آمريڪا جو پاناما بہ شامل هو. اهڙيءَ ريت، اڳتي ڄاڻايل ٻن بابن ۾ شڪارپوري ۽ حيدرآبادي واپارين جي واپاري- ڄارن تي ڏار ڏار روشني وڌي ويندي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. سي. اي. بيلي "امپيريئل ميريڊين، دي برٽش ايمپائر اينڊ دي ورلڊ 1780-1830ع، لنڊن 1989ع جي صفحي 48 تي لکي ٿو، تہ درانين جي مختصر افغان سلطنت جي ڪُک مان طاقتور سنڌي قبيلا (يعني ٽالپر امير) منظر تي اُڀري نروار ٿيا. هنن 1790ع تائين هڪ عمل جوڳو سياسي نظام جوڙيو هو ۽ ايٿن بينڪيٽي دؤر کان اڳ سنڌ جي همعصر تاريخي نقطي نظر ۾ چِٽي ترقيءَ جو رُخ پيدا ٿي ويو هو.

2. For an altogether favourable account of Napier, see H. T. Lambrick, Sir Charles Napier and Sindh, Oxford, 1952.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

25. Native agent in Sind to Colonel H. Pottinger, 27 November 1830, trans. by A. Burnes, assistant resident, 20 December 1830, Bombay Revenue Proceedings, December 1830, no. 135.

26. A. burnes, 'On the Commerce of Hyderabad and Lower Sind', in Reports and Papers, Political, Geographical and Commercial Submitted to Government by Sir Alexander Burnes, Lieutenant Leech, Dr. Lord and Lieutenant Wood Employed on Missions in the years 1835-37 in Scinde, Afghanistan and Adjacent Countries, Calcutta, 1839, p. 21.

27. 1848ع ۾ حيدرآباد جي مئجسٽريٽ ڪئپٽن رٿبورن حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ آفيم جي ٿيندڙ واپار بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ لکيو ته، ”سنڌ جي فتح جي ٻن سالن تائين حيدرآبادي واپاري پاليءَ رستي آفيم جو ڪاروبار ڪندا هئا، جنهن تي سپريم سرڪار جي حڪم تي پابندي لڳائي وئي آهي.“ گڏوگڏ ڏسو 24 اپريل 1848ع تي سر جارج ڪلرڪ جي رپورٽ، پارليامينٽري پيپرز (هائوس آف ڪامنز) 1854ع، ايسٽ انڊيا (سنڌ)، ص 293.

28. ڪيپٽن ليچ جي ”شڪارپور ۽ مارواڙ وچ ۾ واپار“ تي جوڙيل رپورٽ جي صفحي 68-70: ڇهن شڪارپوري واپارين تي لک چاليهه هزار رپين جي سيڙپڪاري واپار ۾ ڪئي هئي. ليچ انهن جا نالا به ڄاڻايا آهن. هن موجب گذريل ورهين جي پيٽ ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جو واپار گهٽو گهٽجي ويو هو، جنهن سبب راجپوتانا جي منڊين ۽ بازارن ۾ برطانوي مالَ جي وڌندڙ کپت هئي.

29. See Memoirs of Seth Naomal Hothchand, pp. 41-45.

30. J. Burnes, A Narrative of a Visit to the Court of Sinde, Edinburgh, 1831, 2nd edn. (1st edn, Bombay, 1829), p. 76.

31. اهو فانئيو ويو، ته ان ٽالپر امير تڏو شوڪارو پريو هو، جڏهن هڪ هندو ملازم ڪيس دوکو ڏنو هو. توهان سنڌ جي هندوئن کي نتا ڄاڻو، جيڪي اٽيروسي جو ڳا محافظ ۽ بدمعاش ٿين ٿا. ڏسو جيمس برنس، ص 28.

32. F. B. Eastwick, A Glance at Sind before Napier or Dry Leaves from Young Egypt, Karachi.

33. Memoirs of Seth Naomal, p. 68.

34. See L. M. M. Thakurdas, 'Hindus and Talpurs of Sind', Modern Review, vol. 51, 1932, pp. 265-72.

35. See, however, B. M. Advani, Sindh-je-Hindus-je Tarikh (History of Sindhi Hindus) in Sindhi, Hyderabad.

36. Gazetteer of the Province of Sind, compiled by E. H. Aitken, Karachi, 1907.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

37. U. T. Thakur, Sindhi Culture, Bombay, 1959.

38. Calculated from Appendix A, 'Comparative Tables showing the number and distribution of various Hindu castes (1891 to 1931) in sind', in ibid, pp. 207-33.

39. For an interesting although controversial analysis of this question, centred on the Punjab, see H. Oberoi, The construction of Religious Boundaries: Culture, Identity and Diversity in the Sikh Tradition, Delhi, 1994. To the best of my knowledge, no study has been done of the history of Sikhism in Sind.

40. 1881ع جي آدمشماريءَ موجب سنڌ ۾ هڪ لک چوويهه هزار 976 سک هئا، جن منجهان انهٺ هزار 655 شڪارپور ۾ ۽ ٻائيتاليهه هزار 940 حيدرآباد ۾ رهندڙ هئا. جڏهن ته هندوئن جو انگ ٽي لک پنج هزار اوڻاسي هو، (شڪارپور ۾ ٽيانوي هزار 341 ۽ حيدرآباد ۾ اوڻانوي هزار 114). 1891ع جي آدمشماريءَ وقت متئين صورت بدلجي چڪي هئي ۽ سڄي سنڌ ۾ رڳو 720 سک ڳڻپ ۾ آيا، جڏهن ته هندو پنج لک ستهٺ هزار 530 هئا. اهو ايئن ٿيو هو، جو 1891ع جي آدمشماري ۾ سکن پنهنجو ڌرم هندو لکرايو هو ۽ فرقي ۾ سک لکرايو هو، تنهنڪري سرڪاري طور انهن جي ڳڻپ هندو طور ڪئي وئي. ڏسو هندستان جي آدمشماري 1891، جلد اٺون، حصو پهريون، رپورٽ ڊبليو ڊبليو ڊريو، بمبئي 1892ع، ص 46.

41. On Oderolal or Lal Udero, see 'Something about Lal Udero', in Sigma (Dayaram Gidumal), Something about Sind, Karachi, 1882, pp. 27-31.

42. سنڌي اسلام ۾ صوفي پيرن جي ڪردار لاءِ ڏسو ايس. ايف. ڊي. انصاري "صوفي درويش ۽ رياستي طاقت: سنڌ جا پير، 1843-1947ع" ڪيمبرج، 1992ع، ص 35-19. انصاري صفحي 20 تي ڄاڻائي ٿي ته، سنڌ ۾ سڀ کان پهرين سرگرم ٿيندڙ سهروردي صوفين، هندو پوئلڳن ۽ مريدن کي 'وحدت الوجود جي متي سبب سندن اعتقاد ۾ مذهبي سهپ جي نتيجي طور' ڪيو هو. جيتوڻيڪ ان متي تي پوءِ نقشبندين حملا ڪيا هئا، پر سنڌ ۾ صوفين هندوئن کي مريد ڪندا هئا. پيرن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثر وارو پير پاڳارو صبغت الله شاهه پيو (1921-43ع) باضابطا طور انهن هندوئن کي شُڌي تقريب ڪرنائڻ جي اشاري وسيلي مقامي هندوئن جو ويساهه کٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جن مذهب مٽائي اسلامي مذهب اختيار ڪيو هو ۽ وري پنهنجي اصل مذهب ڏانهن موٽڻ جي خواهش پئي ڪئي. ڏسو ساڳئي ڪتاب جو صفحو 138-137.

43. هري پرشاد واسواڻي پنهنجي پيءُ ساڌو ٽانورداس ايل. واسواڻيءَ جي حياتيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب لکيو هو. ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ويهين صديءَ ۾ سنڌي هندوئن جو وڏو روحاني سرواڻ هو. سنڌ جي هندوئن جو ذڪر ڪندي هن لکيو ته: اُهي مسلمانن جي محرم واري تهوار ۾ ڏاڍي جوش سان شريڪ ٿيندا هئا. تابوت کي انتهائي پوتر سمجهندا هئا ۽ پنهنجي ننڍن ٻارن کي تابوت کي ڇُهڻ لاءِ آڻيندا هئا. هندو تابوت تي پاڻ سان گڏ آندل پوتيون وجهندا هئا. ۽ ايئن عقيدت جو اظهار ڪندا هئا. ڏسو، ايچ. پي واسواڻي "جديد هندستان جو صوفي" پونا، 1975. ص 4.

44. See N. Boreham, 'Decolonisaton and Provincial Muslim Politics: Sind, 1937-47', South Asia, new series, vol. 16, no. I, 1993, pp. 53-72.

45. See S. Anand, Nation Integration of Sindhis, Delhi, 1996, in particular, ch. 2, 'Partition and Mas Exodus', pp. 22-60.

46. 1939-40ع ڌاري سنڌ ۾ سڀ کان وڏو مذهبي فرقيوارانو فساد ٿيو هو، جنهن جو مرڪز منزل گاهه سکر ۾ ٿيندڙ مظاهرا هئا. ڏسو حميده کهڙو، "مسجد منزل گاهه، 1939-40ع: سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمانن وچ ۾ ناتن جو آزمائشي باب، جديد ايشيائي اڀياس، جلد 32، نمبر پهريون، 1998ع، ص 48-49.

47. R. F. burton, Sindh and the Races that inhabit the Valley of the Indus, with Notices of the Topography and History of the Province, London, 1851, in particular chapter 12, 'The Hindoos of Sindh', pp. 309-337.

48. ڏسو سر رچرڊ فرانسس برٽن، "سنڌ جو ٻيهر مشاهدو" لنڊن، 1877ع، خاص جلد پهريون، باب چوڏهون. ص 269-95 ۽ ص 283-84.

49. See R. D. Choksey, The Story of Sind (An Economic Survey), 1843-1933, Poona, 1983, pp. 130-131.

50. D. Cheesman, Landlord Power and Rural Indebtedness in Colonial Sind 1865-1901, London, 1997. See also H. Khuhro, The Making of Modern Sind: British Policy and Social Change in the Ninteenth Century, Karachi, 1978.

51. See N. Bhattacharya, 'Lenders and Debtors: Punjab Countryside, 1880-1940', Studies in History, new series, vol. I, no. 2, 1985, pp. 305-42.

52. See Cheesman, Landlord Power, p. 164.

53. For some instances, see ibid., pp. 186-188.

54. "سنڌ صوبي جي گزيٽيئر" موجب، ص 331، ٻاجهريءَ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت هڪ رپيو هڪ آنو ڏهه پائين مان وڌي 1844ع ۾ ٻه رپيا ست آنا ٿي وئي، جيڪا قيمت 1899-1905ع تائين رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

55. On the growth of the port of Karachi and its connections with the Punjab, see A. F. Bailie. Kurrachee (Karachi), Past. Present and Future, London, 1890, and I. Banga, 'Karachi and its Hinterland under Colonial Rule', in I. Banga (ed.). Ports and their Hinterlands in India (1700-1950), Delhi, 1992, pp. 337-58.

56. اوڻيهين صديءَ جي پٺيءَ ڏهاڪي ۾ ڪراچي بندرگاهه جي اڏاوت تي ايندڙ خرچ بمبئي صوبي (سنڌ ان صوبي ۾ شامل هو) جي آمدنيءَ مان پورو ڪيو ويو هو، جنهن سبب اصل ۾ پنجاب کي فائدو پهتو هو. پنجاب ۾ جيئن ته مالي حالت گهٽي سُٺي هئي، تنهنڪري پنجاب جي عملدارن سنڌ کي پنجاب صوبي ۾ ضم ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي. 1903ع ۾ جڏهن پنجاب جو گورنر ڊينزل ايبيٽسن مقرر ٿيو، ته هُن سنڌ کي پنجابَ سان شامل ڪري پنهنجو علائقو وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇوته 1901ع ۾ پنجاب کان صوبو سرحد ڌار ٿيڻ سان سندن علائقو گهٽجي ويو هو. لارڊ ڪرزن ان تجويز کي نه مڃيو. ڏسو پي. مهتا، بمبئي پريزيڊنسيءَ کان سنڌ جو ڌار ٿيڻ، جو مواد محمد يعقوب مغل، (سڏاريل)، سنڌ مر اپياسَ، ڄامشورو، 1989ع.

57. See H. Feldman, One Hundred Years of Karachi. Karachi, 1960.

58. On the Parsis in Karachi, see T. R. Metcalf and S. B. Freitag, 'Karachi's Early Merchant Families: entrepreneurship and community', in D. K. Basu, The rise and Growth of the Colonial Port Cities in Asia, Berkeley, CA, 1985, pp. 55-59.

59. ڪراچيءَ ۾ شڪارپوري واپارين جي ڪردار تي ڏسو بنگا جو ڪتاب ”ڪراچي ۽ سندس هنٽرلينڊ“ ص 58-257: ”شڪارپوري واپاري ڪراچيءَ ۾ لڏپلاڻ ڪري آيا هئا، هنن اُتي اناج ۽ ڪپهه جي ڪاروبار تي ضابطو آندو هو، ۽ دلال جي ڪردار ادا ڪرڻ سبب هنن جي برآمد ٿيندڙ واپاري شين تي هڪهٽي واريءَ حيثيت بڻجي وئي هئي. هنن جي فرمن يا پائيبندن تجارتي واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جيڪي گهڻو ڪري سامونڊي تجارت ۾ ملوث هيون. اُهي 1902ع ۾ جڙندڙ ڪراچي انڊين مرچنٽس ايسوسيئيشن ۾ اڪثريت ۾ هئا، ۽ 1933ع ۾ ٺهندڙ ڪراچي ڪاٽن ائسوسيئيشن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# خراسان جو دروازو: شڪارپوري واپاري- سرشتو 1750ع کان 1947ع تائين

مئي 1837ع ۾ ڪابل ڏانهن 'تجارتي مهم' تي ويندڙ اليگزينڊر برنس، بهاولپور مان 'شڪارپور ۾ اُتر سنڌ جي معاشي تجارت' بابت هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن شڪارپور شهر، ان جي تجارت ۽ اُتي جي واپارين بابت تفصيل ڏنا هئا. (1) هُو لکي ٿو ته: 'شڪارپور شهر جي اهميت سنڌوءَ وسيلي ٿيندڙ واپار سبب آهي، ۽ هي به چئي سگهجي ٿو، ته شڪارپور جي ايشيائي تجارت ۾ گهڻي اهميت آهي،' جنهن ڳالهه پوءِ ڏندڪٿا جو روپ ورتو، ۽ اُن جو برطانوي پاليسيون ٺاهيندڙن تي گهرو اثر ٿيو. هو پنهنجي خط ۾ قنڌار ڏانهن وڃڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ بولان لڪ واري تجارتي رستي جي، شڪارپور شهر سان ويجهڙائيءَ تي زور ڏيندي چاٽائي ٿو، ته واپاري عام طور شڪارپور ۾ ڊيراغازي خان کي 'خراسان جو تجارتي رستو' ڪوٺين ٿا، جنهن مان سندن مطلب ڪابل جي بادشاهت هوندو آهي.' هُو شڪارپور شهر جي آباديءَ جو ڪاٿو ٽيهه هزار رهواسين کان وڌيڪ لڳائي ٿو. شهر جي نوي سيڪڙو آبادي هندوئن تي مشتمل هئي، جنهن ۾ 'واڻيا' لوهاڻا ۽ ڀاٽيا قبيلا اچي ٿي ويا، جنهن ۾ اڌ کان وڌيڪ بابا گُرو نانڪ سِک (يعني نانڪشاهي، يا نانڪ پنٿي، سهجادري سک) هئا. واڻين مان هن جو مطلب کتري آهي. هُو شهر جي بازار کي 'سونهن يا صفائيءَ کان وانجهيل' ۽ گهرن کي 'اُتاهان ۽ سَهنجا، پر سدورائپ کان پالها' ڏسندي، شهر جي طبعي حالت جي ساراهه نٿو ڪري. جنهن ڳالهه هن کي بيشڪ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو، سا شڪارپوري واپارين جو واپاري سرشتو هو. هن لکيو ته: 'هتي رُڳو انهن شهرن جا نالا ڳڻائڻ ضروري ٿيندو، جتي شڪارپوري واپارين جي فيصلائتي اثر لاءِ سندن گماشتا مقرر ٿيل آهن، جن تي سندن پورو ضابطو هوندو آهي.' انهيءَ کان پوءِ انهن علائقن تي روشني وڌل آهي، جن جي اولهه ۾ شهر استراخان ۽ اوڀر ۾ ڪلڪتو هو، جتي شڪارپوري واپارين جا پنهنجا گماشتا مقرر ٿيل هئا. هن فهرست ۾ جاٽايل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيع علائقا ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهن، جن ۾ عربيا، مسقط، افغانستان جا سمورا اهم شهر، ايران ۽ هندستان جا ڪجهه اهم شهر، وچ ايشيائي ملڪ ازبڪستان جي ٽن مکيه شهرن يعني بخارا، سمرقند ۽ ڪوقند سميت سنڪيانگ ۽ يارقند شامل آهن. هن وڏيڪ لکيو ته: انهن سمورن شهرن ۾ هُنديءَ جي ڪاروبار سميت ٻئي سامان بابت متاسنا ٿيندي هئي ۽ ٻيو هي ته انهن شهرن ۾ شڪارپور يا اُن جي ڪنهن ٻئي ماتحت دڪان يا ڪوٺيءَ وسيلي سڌو واپار ٿيندو هو. هُن، شهر جي طبعي صورتحال تي وضاحت سان روشني نه وڌي آهي، ۽ 1786ع کان تيمور شاهه جي حڪمرانيءَ واري دؤر کان وٺي شهر جي خوشحالي جاڳائيندي ٻه، تاريخي حوالا بلڪل رواجي ۽ لاپرواهي سان ڏنا اٿس.

جيتوڻيڪ اليگزينڊر برنس جي 1830ع جي پڇاڙيءَ واري شڪارپور جي تصويرڪشيءَ ۾، ڪيترن ئي خالن سميت اٽپورائي آهي، تنهن هوندي به هُو انهن اوائلي شخصن مان هو، جن شڪارپوري واپارين جو وچ ايشيائي ملڪن ۾ وڏي پيماني تي ڦهليل واپاري سرشتي جي موجودگيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. شڪارپور شهر، برطانيا طرفان شڪارپور تي 1839ع ۾ قبضو ۽ وري سنڌ کي 1843ع ۾ برطانوي شهنشاهيت سان ملائڻ واري وقت، مڪمل فراموش ٿيڻ کان اڳ ناماچاري ماڻي هئي. بهرحال، شڪارپور شهر جي وچ ايشيائي ملڪن ۾ تجارتي مرڪز جي حيثيت سان مشهوري ماڻڻ واري ڪهاڻي غيريقينيءَ سان گهُنجريل آهي.

## شڪارپوري واپاري سرشتي جو ڦهلجڻ ۽ بُنياد

شڪارپور ۽ ملتان وچ ۾، اصل لاڳاپي ۽ صحيح ترتيبوار تاريخي سلسلي جي ڏس ۾، انيڪ سوال اڃا باقي رهن ٿا. 'ملتاني' اصطلاح مختلف موقعن تي، اُتر-اولهه هندستاني واپارين جي مختلف ڌرين لاءِ لاڳو ٿيندو رهيو آهي. هي اصطلاح تيرهين صديءَ ۾ ضياءُ برني، دهليءَ ۾ موجود شاهوڪار واپاري- صرافن لاءِ لاڳو ڪيو هو، جن بابت چيو ٻئي ويو ته اُهي ملتان سان واسطو رکندڙ هئا. (2) ظاهري طور اُن اصطلاح جي عام نه ٿيڻ ڪانپوءِ، شاهدي ملي ٿي ته هي اصطلاح سترهين صديءَ ۾ مڪمل طور انهن اُتر هندستاني واپارين لاءِ واپرايو ويو، جيڪي روس ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾، ۽ خاص ڪري ڪيسپين سمنڊ پرسان استراخان ۾ جوڙيل وسندين ۾، رهندي واپار ڪندا هئا. (3) منجهانئن گهڻا واپاري کتري هئا، پر هي ڳالهه سامهون آئي آهي، ته انهن واپارين ۾ گجرات ۽ راجستان جا واڻيا پڻ شامل هئا. اُهي وچ




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشيائي ملڪن ۽ ايران وسيلي، اُتر هندستان کان روس تائين ڦهليل وسيع واپار جي نگراني ڪندا هئا. انهن واپارين جي موجودگيءَ جي شاهدي بخارا ۾ بہ ملي ٿي، جتي اُهي سورهين صديءَ جي وچ ڌاري موجود هئا. (4) معلوم ٿئي ٿو، تہ ارڙهين صديءَ ۾ روس ۾ سنڌن واپاري سرگرمين تي پابنديءَ ۽ ايران ۾ واپاري ڏکيائين ڪري سنڌن واپار زوالجندڙ هو. هوڏانهن دراني شهنشاهيت ۾، جنهن 1750ع ڌاري هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ قافلن رستي ٿيندڙ واپار تي ضابطا لاڳو ڪيا هئا، شڪارپوري واپار ۽ تجارت ۾ واڌارو ٿيو. شڪارپور جي واپاري- صرافن جو عام طور ڪتريءَ طور حوالو ڏنل آهي. اهڙيءَ ريت، انهيءَ ڏس ۾ عام طور مڃيل نظريو هي آهي، تہ ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ ملتان کان شڪارپور ڏانهن وڏي پيماني تي ناڻي ۽ ماڻهن جي لڏپلاڻ ٿي هئي. بهرحال، هي نظريو گهٽ مضبوط دستاويزن تي ٻَڌل آهي، ۽ مٿن ٿورڙو احتياط ڪرڻو پوندو. ملتان سان لاڳاپيل ذريعا، مکيہ تجارتي واپاري شهر جي حيثيت سان ملتان جي زوال جو ڪارڻ 1750ع ۾ ٿيندڙ طوفاني مرهٽا- حملي کي قرار ڏين ٿا. (5) ٻئي پاسي ٿورڙي غيريقيني ڳالهہ هي آهي، تہ شڪارپور ڪهڙي دؤر ۾ اهم شهر جي حيثيت سان مٿي اُڀريو. اليگزينڊر برنس 1837ع ۾ هي مؤقف اختيار ڪيو، تہ شڪارپور جي 'خوشحالي وارو دؤر' 1786ع ۾ تيمور شاهہ، جنهن سڀ کان پهرين شڪارپور شهر ۾ هندن کي آڻي رهايو هو، تنهن جي حڪمرانيءَ واري دؤر کي چئي سگهجي ٿو. (6) جيڪا ڳالهہ ڪنهن قدر بحث جوڳي آهي، ڇوتہ برنس جي مؤقف جي ثابتيءَ لاءِ، تيمور شاهہ طرفان جاري ٿيل فرمان يا ڪو ٻيو دستاويز اڃا سامهون نہ آيو آهي. بهرحال، انهيءَ ڏس ۾ افغانستان ۾ ڇپجندڙ پشتو لُغت ۾ هڪ ٻيو مؤقف ورتايو ويو آهي. (7) لغت جي مواد ۾، اوڻيهہ صديءَ ۾ افغانستان ۾ ٿيندڙ تجارت ۽ سيڙپڪاري تورڙي هندوئن ۽ سِکن جي ادا ڪيل برتريءَ واري ڪردار سميت، ويهين صديءَ جي اوائل ۾ اُن افغاني تاريخ جو ذڪر ٿيل آهي، جڏهن شڪارپور جي واپارين احمد شاهہ طرفان پنجاب ۽ اُترين هندستان ڏانهن ڪيل ڪيترن ئي چڙهائين ۾ مالياتي حصو ورتو هو يا سيڙپڪاري ڪئي هئي، ۽ موٽ ۾ هنن کي ڦريل مال مان ڀاڱو بہ مليو هو، جيڪو ناڻو پوءِ هنن وري واپار ۾ سيڙايو هو. روسي تاريخدان گنگوفسڪي جاڻائي ٿو: 'شڪارپور جي واپارين ۽ پلاوٽن' احمد شاهہ جي فوجي ڪاهن ۾ مالي سيڙپ ڪئي هئي، (8) هي مؤقف پڪ سان، چارلس ميسن جي سفري يادگيرين تي آڌاريل ۽ 1842ع ۾ ڇپيل ڪتاب مان ڪنيل هوندو. يا جيڪڏهن هن ڳالهہ کي مڃجي (9) تہ پوءِ، ملتان جي زوال ۽ شڪارپور جي اُڀار وچ ۾ لاڳاپو ڳنڍڻ




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




2 The Shikarpuri network, c. 1900.

*Source: Base Mondiale* ESRI (DWC), C. Markovits, M. Legrand and F. Pirot, 1998

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي بحث ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو ٿيندو. انهيءَ ڏس ۾ اسٽيفن ڊيل جي ڏنل مؤقف جي اُبتڙ، هڪڙو جزوي تائيدي دليل هي آهي، تہ اوڻيهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين بہ ملتاني واپاري استراخان ۾ واپاري سرگرمين ۾ سرگرم رهيا، ۽ پنجاب سان پنهنجو ناتو ۽ ڳانڍاپو برقرار رکيائون. هن ڳالهہ جي برطانوي اختيارين جي ڇاڻ ۾ ايندڙ ٻن وڏن وراثتن جي شاهدين وسيلي تائيد ٿيل آهي. (10) اوڻيهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين ملتاني واپاري- سرشتو روس ۾ موجود هو، جيڪو وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپار ڪندڙ شڪارپوري واپاري- سرشتي کان واضح طور انوکو هو.

هاڻي هن ڳالهہ جو گهٽ امڪان آهي، تہ هندو واڻيا شڪارپور ۾ تنهن وقت بہ موجود هئا، جڏهن 1617ع ۾ شڪارگاهہ واري هنڌ هي شهر ٺاهيو ويو هو (جتان شهر تي نالو پيو). هي شهر دائودپوٽا گهراڻي جي هڪ فرد جوڙايو هو، جنهن پوءِ بهاولپور تي حڪمراني ڪئي هئي. بهرحال، شڪارپوري واپارين جي مشهوري، دراني شهنشاهيت جي دؤر ۾ شهر جي مالياتي راڄڌانيءَ ۾ مَتجڻ سان نهڪجندڙ آهي. جنهن تبديليءَ جو ڪارڻ هي آهي، جنهن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ دراني شهنشاهيت جي پهرين راڄڌاني قنڌار سان ويجهڙائي سبب، شڪارپور شهر بولان لڪ واري اُن رستي سان ڳنڍيل تجارتي سهوليت مان فائدو ورتو هو، جيڪو رستو اُتر سنڌ ۽ اُتر هندستان کان افغانستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندڙ تجارتي قافلا استعمال ڪندا هئا. شڪارپوري واپارين جو رُتبو لڳاتار ٻاهران ٿيندڙ لڏپلاڻ ڪارڻ وڌيڪ مستحڪم ٿيو. انهيءَ ڏس ۾ اليگزينڊر برنس جا حوالا ۽ برطانيا طرفان 1840ع ۾ ڪيل آدمشماريءَ جي انگن ڪي ڏسڻ مان شاهدي ملي ٿي، جنهن موجب شهر ۾ هندوئن جي گهڻائي هئي. هن تصور ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، تہ ڇا سمورا ٻاهران لڏي آيل واڻيا ملتان جا رهواسي هئا؟ 1854ع ۾ ڪيپٽن ايف. جي. گولڊسمڊ (11) پنهنجي سهيڙيل 'شڪارپور جي تاريخ' ۾، هندستان جي سمورن علائقن مان ڪَهي ايندڙ هندوئن جي يلغار سبب، پاڻ ڪي آباديءَ ۾ گهٽجندي ڏسندڙ ۽ خاموشيءَ سان پوئڳيندڙ مسلمانن جي ساراهہ ڪري ٿو. (12) پوءِ ٿيندڙ آدمشماري ۽ نسلي انگن اکرن ڪي پيٽائڻ مان پتو پوندو، تہ شڪارپوري واڻين جو بُڻ بنياد واقعي مختلف نسلن تي آڌاريل هو. شڪارپور ۾ ڪجهہ واپارين جو نمونو، جن اوڻهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ويهين صديءَ ۾ وچ ايشيائي ملڪن ۾ جائيدادون ڇڏيون هيون، تن جي ڪُل انگ ۾ ڪترين جو انگ پنج سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هو. جڏهن تہ لوهاڻا وڏي اڪثريت جي نمائندگي ڪندڙ هئا. بهرحال، ڪجهہ لوهاڻن جا اهڙا بہ نالا هئا، جن مان سندن نسل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارواڙي هئڻ جو اشارو ملي ٿو. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين اُتي رهندڙ واڻين مان ڪجهه بيشڪ ملتان ۽ پنجاب جي ٻين علائقن سان واسطو رکندڙ هئا، پر منجهن ايران (جتي اسٽيفن ڊيل موجب سترهين صديءَ ۾ هندو واپاري برادري گهٽ ۾ گهٽ انگ ۾ موجود هئي، جن مان گهڻا اصفهان ۾ رهندا هئا،) افغانستان، راجستان، گجرات سميت سنڌ جي ٻين علائقن جا آيل واڻيا به شامل هئا. پاڻنجي ٿو ته ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شڪارپور، واڻين لاءِ وڏندڙ شهر هو. جتي مختلف علائقن کان آيل ۽ نسلن سان تعلق رکندڙ واپارين اچي پنهنجا گهر جوڙيا هئا ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ منجهن خاص سُڃاڻپ واري سوچ جي اُوسر ٿي هئي.

اهڙيءَ ريت، جيڪي هندو واپاري وچ ايشيائي ملڪن جي اسلامي رياستن ۾ مختلف پڪڙيل وسندين ۾ رهندا هئا، سي ملتانيءَ جي نالي سان سُڃاتا ويندا هئا. جيتوڻيڪ اُهي سڀيئي پنجاب جي شهر ملتان جا رهواسي نه هوندا هئا، پر پوءِ هوريان هوريان اُهي شڪارپورين جي حيثيت سان سُڃاڻجڻ لڳا. ٽيهن سالن جي عرصي تي ٻَڌل مختلف سفرنامن جي احوالن جو سرسري جائزو وٺڻ سان، ملتاني ۽ شڪارپوري واپارين وچ ۾ واپاري سرشتي جي متاستا جو تصور واضح طور سامهون اچي ٿو. مدراس شهر جي رهواسي جارج فورسٽر، ايران ۽ ڪيسپيئن علائقن وسيلي هندستان کان روس ڏانهن ويندي، پنهنجي 83-1782 جي سفري حوالن ۾، ملتاني واپاري سرشتي جي ڏاڍي وڌندڙ تصوير چِٽي آهي، ۽ هن جي مشاهدي ۾ هي ڳالهه آئي، ته ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ به اُتي اهو سرشتو رائج هو. (13) هن مطابق، ملتاني ۽ جيسلميري واپارين جي واپاري- سرشتي جي حد ايران سميت ترشش جي شهر تائين ڦهليل هئي، جتي هُن اٽڪل هڪ سؤ ڪُٽنبن کي برطانوي ڪپڙي وڪڻڻ ۾ ملوث ڏٺو هو، جيڪي اُهو ڪپڙو يزد شهر وسيلي وٺندا هئا. (14) هن باڪو ۾ ملتانين جي هڪ ڏُر کي به واپار ۾ سرگرم ڏٺو، جتي هنن جو آرمينين واپارين سان گڏ مقامي واپار تي دسترس هو. هُن هڪ ٻيڙيءَ ۾ ٻن ملتاني واپارين سان گڏ استراخان وڃڻ لاءِ ڪيسپيئن سمنڊ پار ڪيو، جيڪي اوڏانهن 'تجارتي مهم' لاءِ پئي ويا. (15) جنهن مان هي واضح اشارو ملي ٿو، ته ملتاني واپاري 1780ع ۾ به استراخان ۾ سرگرم هئا.

سنڌ تي برطانوي قبضي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هينري پاٽنجر، پنهنجي 1810ع واري بلوچستان جي سفري حوالن ۾ ملتان ۽ شڪارپور ٻنهي شهرن جو اُن حيثيت سان ذڪر ڪري ٿو، ته هو بيلي (لس بيلو) قلات ۽ ٻين علائقن ۾ جن به هندو واپارين سان مليو هو، تن جو مٿين ٻنهي شهرن سان تعلق هو. (16) ايئن هو ٻنهي ڏُرين وچ ۾ تميز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خاص ڪوٽ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. شڪارپورين جو، ملتانين کان بلڪل ڌار حيثيت سان اوائلي ذڪر، سڀ کان پهرين مير عزت الله طرفان وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن 13-1812ع ڌاري ويندي مهل سندس لکيل هٿ اکرن جي شاهديءَ مان ملي ٿو. (17) هي هندستاني سياح اسان کي ٻڌائي ٿو: 'شڪارپور جا هندو بخارا ۾ چڱي انگ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا: اُهي اُتي رڳو واپار لاءِ وڃن ٿا ۽ اُتي هڪ يا ٻه سالن رهن ٿا ۽ پوءِ، اُن ملڪ ۾ ڪڏهن به مستقل رهڻ جي ڪوشش نه ڪندي، پنهنجي وطن ڏانهن موٽن ٿا. (18) هن جي حوالن ۾ ملتاني واپارين جو ڪوبه ذڪر ٿيل نه آهي، ۽ لڳت ۾ گهٽو ڪري شڪارپوري انهن هندو واپارين کي سڏيو ويو آهي، جيڪي افغانستان، ايران ۽ سموري وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپار ڪندا هئا. بهرحال، 'ملتاني' اصطلاح مڪمل طور تي متروڪ نه ٿيو هو، ۽ جارج ناٿينيئل ڪرزن، جيڪو پوءِ هندستان جو وائسراءِ ٿيو، سو 1880ع ۾ پنهنجي روسي وچ ايشيائي ملڪن جي سفر ۾ ٻڌائي ٿو، ته اُتي تنهن دؤر ۾ به اُهو اصطلاح مروج هو. (19) 1920ع ڌاري هندستان ۾ موجود شڪارپوري صراف عام طور ملتانين جي حيثيت سان مشهور هوندا هئا.

جيتوڻيڪ 'ملتاني' کان 'شڪارپوري' واپاري- سرشتي جي هڪبئي کان ترتيبوار متاسنا جي تُز تاريخ جي ڏس ۾ حتمي نتيجو نٿو ڪڍي سگهجي، پر نيٺ 1830ع ۾ برطانوي حڪومت، تنهن دؤر ۾ گهٽڻ وچ ايشيائي ملڪن تائين ڦهليل واپاري سرشتي سبب واضح طور واپاري مرڪز شڪارپور شهر ۾ خاص دلچسپي ڏيکاري. برطانيا، شڪارپور تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ اُتي جي جامع آدمشماري ڪرائي، ۽ جڏهن اُن کي افغانستان ڏانهن فوجي پيش قدمي لاءِ مرڪز ناهيو، تڏهن شهر جي واٽين جي آبادي بابت مزيدار اشارا ملن ٿا. آدمشماريءَ موجب شڪارپور ۾ 903 واٽين جا دڪان هئا. انهن دڪاندارن جي اناج وڪڻندڙن، ڪپڙي جي واپارين، لوڻ جي دلالن، ڪاڌي پيتي واري وکر جي واپارين جي حيثيت سان درجابندي ڪئي وئي. شهر جي واپاري- اشرافيه ٻن طبقن يعني شاهوڪارن ۽ سرافن ۾ ورهيل هئي، جن جو انگ ترتيبوار پنجتيهه ۽ چاهٺ ڏنل آهي. حقيقت ۾ انهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ تميز ڪرڻ ڏکيو آهي: سراف عام طور تي ناڻي جي متاسنا، هُنڊيءَ جي وارقير ۽ موڙيءَ جي سيڙپ ڪندا هئا. جڏهن ته شاهوڪار وڏا واپاري هئا. آدمشماري ۾ ڄاڻايل انگن اکرن مان پتو پوندو، ته اهڙا ڪيترائي هندو هئا، جيڪي شاهوڪارن طرفان مختلف ملڪن ۾ گماشتن طور نوڪريون ڪندا هئا ۽ مختلف موقعن تي شڪارپور ۾ پويان ڇڏيل پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا هئا. (20) شاهوڪارن سميت شڪارپور جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي امير واپارين جو به ذڪر ملي ٿو. انهن مان ڪجهه نالا اسان کي معلوم ٿيا آهن، تن ۾ جيوت سنگهه، رام داس، دوارڪا داس، چمن داس، ڏيارام لوهاڻا، ۽ نارائڻ داس ياتيا شامل آهن. ڪيپٽن گولڊسمڊ، جيوت رام بابت چوي ٿو: 'هو ڏيڪاءُ ۽ ورتاءُ ۾ شاهوڪار سراف ۽ نُنهن کان چوٽيءَ تائين واپاري لڳي ٿو،' جڏهن ته هُو رام داس کي 'هوشيار ۽ ڪارائتو شاهوڪار' سڏي ٿو. (21)

بهرحال، جڏهن شڪارپوري واپارين جو، اُتر هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾، تجارتي متاستا جي نظام ۾ ادا ڪيل ڪردار جو صحيح جائزو ونجي ٿو، ته اسان کي بيهر پنهنجي جاڻ ۾ ڪيترن ئي خامين جي موجودگيءَ سان مُنهن ڏيڻو پوي ٿو. سمورن سهيوڳي سياحن سميت پوءِ وارا ليڪڪ (جيڪي ٿورڙا آهن) سهمت آهن ته شڪارپور جي وچ ايشيائي ملڪن جي تجارت ۾ اهميت، تجارتي ۽ واپاري مرڪز جي پيت ۾، مالياتي مرڪز جي حيثيت سان وڌيڪ هئي. سڀيئي هن ڳالهه تي سهمت ٿيندي چون ٿا، ته شڪارپور مڪمل طور تجارتي شهر جي حيثيت طور ڊيرا غازي خان، ملتان يا بهاولپور سان، جن جي شڪارپور جي ننڍڙن يا هيٺن ڪارخانن ۽ سندس زراعت جي مقامي سطح تائين پيداوار جي پيت ۾، وچ ايشيائي ملڪن سان تجارت ۾ پيداواري شراڪت وڌيڪ هئي، چٽاپيٽي نه ڪري سگهيو. هن حقيقت تي به اتفاق راءِ آهي ته پاڙيسري شهرن جا ماڻهو يا واپاري نه، پر هندستان کان خراسان ۽ ترڪستان تائين قافلن وسيلي ٿيندڙ تجارت کي منظم ۽ سيڙپڪاريءَ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪندڙ شڪارپوري سراف هئا. تنهنڪري 'شڪارپور: خراسان جو دروازو' واريءَ دعويٰ ۾ غلطي يا ڀُل نه هئي. تنهن هوندي به، شڪارپوري صراف وچ ايشيائي ملڪن جي تجارت ۾ جنهن طريقي سان سيڙپڪاري ڪندا هئا تنهن جي، شڪارپوري هُنڊيءَ جي موجودگيءَ ڪانسواءِ، تمام گهٽ جاڻ آهي. انهيءَ ڏس ۾ چيو وڃي ٿو، ته اڪثر واپاري وچ ايشيائي ملڪن جي جوکائتن رستن تي وکر ڪٺڻ جي جوکم کان بچڻ لاءِ هُنڊي واپرائيندا هئا. اليگزينڊر برنس شايد انهن واپارين کان چڱيءَ ريت واقف هو تنهنڪري اسان کي ٻُڌائي ٿو، ته هُو جڏهن ڪابل ۾ هو، ته اُتي جي شڪارپوري سراف ڪيس هُنڊي ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي، جيڪا بخارا، استراخان يا سينٽ ميڪائير (ننجي نووگروڊ) ۾ به ادائيگي جوڳي هئي. ۽ هن پنهنجي مڪمل تسليءَ لاءِ بخارا لاءِ هُنڊي پڻ ورتي هئي. (22)

پر هُو اسان کي هُنڊي جي متاستا واري رقم يا اُن جي اصل موڙيءَ بابت ڪجهه به نٿو ٻُڌائي. اليگزينڊر برنس کان ويهه سال اڳ، مير عزت الله بخارا بابت لکندي رايو

تو ڏئي: 'هُنڊي، شڪارپوري هندو واپارين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به قبوليت جوڳي نه آهي. شڪارپوري واپاري ٻين ماڻهن کي پنهنجي فرمن جي ڪوٺين يا مقامي گماشتن جي نالي لکيل هُنڊي ڏيڻ لاءِ هرڪائين ٿا، ۽ اُهي ان سهولت واسطي اڪثر ويهه ڪان پنجويهه سيڪڙو رقم وٺن ٿا.' (23) هن مواد مان ٽي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا: (الف) شڪارپوري واپارين کي هُنڊيءَ جي متاستا تي بخارا ۾ اجاريداري هئي؛ (ب) اُهي شڪارپوري واپاري سرشتي ڪان ٻاهر هُنڊي عام طور تي جاري نه ڪندا هئا؛ ۽ (ت) هُنڊي واپرائيندڙ ٻين ماڻهن کي ٿورڙو وڌيڪ منافعو ڏيڻو پوندو هو.

هي ڳالهه ٿورڙي غير يقيني آهي، ته شڪارپوري واپاري تجارتي قافلن سان گڏ ڪيئن وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن سفر ڪندا هئا. انيڪ ذريعن موجب، جيڪي تجارتي قافلا اُتر هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾، 1880ع تائين اوليتي افغانستان واري رستي وسيلي (جڏهن ايران وارو رستو وڌيڪ مشهور ٿيو) وکر کڻي ويندا هئا، تنهن رستي تي پوءِ عام طور تي لوهاڻن جي حيثيت سان مشهور افغاني واپارين (جن کي پوءِ برطانوي ذريعن پاوندا سڏيو) طرفان رنڊڪ وڌي وئي. لوهاڻن ۽ شڪارپورين وچ ۾ واضح طور امتيازي لاڳاپو هو، پر سندن وچ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ بابت بلڪل گهٽ ڄاڻ آهي. انهيءَ ڳالهه جو امڪان آهي، ته شڪارپوري واپارين اڳس لوهاڻن جي مالي مدد ڪئي هوندي، پر هنن وٽ پنهنجو به ناڻو هوندو هو، ۽ تنهنڪري اُهي صرافن ڪان ورتل اوڌرن تي مڪمل ڀاڙيندڙ نه هئا. لوهاڻن جي مڪيه ملڪيت، اُٺن جي وسيع وڳرن تي ضابطي ڪانسواءِ، انهن پشتو قبيلن سان سندن ماڻيٿيون هيون، جن جي علائقن مان پنجاب ۽ سنڌ ٿورڙي ڪابل وچ ۾ موجود رستن تان تجارتي قافلن کي لنگهڻو پوندو هو. هنن جي وڏي انگ ۾ موجودگيءَ ڪنهن قدر حفاظت سان تجارتي قافلن جي لنگهڻ جي ضمانت هئي، جوته قافلن ڪان مليل نت محصول) ڪيترن ئي قبيلائي سردارن کي ڏني ويندي هئي. بهرحال، لوهاڻين جي تجارتي قافلن سميت ٻيا ڪيترائي تجارتي قافلا به سفر ڪندا هئا، جن ۾ شڪارپوري تجارتي قافلا ضرور شامل هوندا.

اُتر هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ تجارتي سفر ڪندڙ قافلن بابت بهترين تفصيل موهن لال ڏنا آهن، جيڪو اليگزينڊر برنس جو ڪشميري نائب هو. هو 1832ع ۾ بخارا ڏانهن ٿيندڙ مشهور سفر ۾ ساڻس گڏ هو، ۽ هُن جا تفصيل پنهنجي مالڪ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڀروسي جوڳا آهن. (24) هن اسان کي بخارا ۽ ملتان وچ ۾ ٿيندڙ ريشم جي واپار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني آهي، جنهن بابت هو دعويٰ ٿو ڪري:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'اُهو واپار عام طور تي شڪارپوري ۽ لوهاڻي ڪن ٿا.' (25) بهرحال، هو ٻنهي ڌرين وچ ۾ جُزيل تعلقاتن بابت مُنجهيل آهي. ٽن قسمن جو ريشم مختلف قيمتن تي ورتو ويندو هو، ۽ پوءِ بخارا ۾ اُٺن تي لڏي وينديون هيون، جنهن مان هرهڪ اُٺ تي ساڍا ڇهه مڻ (شايد سورتي مڻ) بار لَڏيو ويندو هو. اُهي اُٺ ٻن هفتن ۾ خولم (افغان ترڪستان) ۾ پهچندا هئا، جتان اُهو ريشم هندوڪش کان ڪابل وڃڻ لاءِ خچرن تي مَٿائي لَڏيو ويندو هو. اُتي ڪجهه شيون گهٽو ڪري روسي ڪپڙو وڪٽيو هو. سفر جي جنهن ٻئي حصي بابت شاهدي ملي ٿي، تنهن موجب اُهو بار وري اُٺن تي لَڏيو ويندو هو، جيڪو سليمان جبلن جي قطارن مان ٿيندو داڙيند ڏانهن ويندو هو، جتي اُهو ٽن حصن ۾ ورهائبو هو: هڪڙو قافلو ڊيراغازي خان ۽ بهاولپور رستي هندستان: ٻيو قافلو ملتان ۽ ٽيون قافلو امرتسر ڏانهن سفر جاري رکندو هو. انهيءَ قافلي ۾ موجود اُٺن تي لَڏيل سامان تي ونجندڙ مختلف محصولن جا تفصيل ڄاڻايا ويا آهن. مزيدار اشارو هي آهي، ته اهڙن قافلن جي ويمي جو ڪوبه رواج نه هوندو هو، جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿي سگهي ٿي، ته ويمي ڪي اجايو سمجهيو ويندو هو، يا وڌيڪ امڪان هي آهي، ته وڪر تي نفعي کان وڌيڪ لاڳت اچڻ جو جوکو گهٽو هوندو هو.

پتو پوي ٿو، ته بخارا کان هندستان ڏانهن ويندڙ شين ۾ ريشم مکيه وکر هوندو هو، جتي ڪيس پاڻ ۽ پرت وارن ڪمن واسطي واپرايو ويندو هو. هن ڳالهه جي ڪا ڄاڻ نه آهي، ته شڪارپوري واپاري ريشم جي ڏاڳن، تَندن ۽ ڪپڙو جوڙيندڙ هنرمندن ۾ سيڙپ ڪرڻ ۾ ملوث هئا يا نه. هيءَ پڪ آهي ته اُهي واپاري پنهنجي پلاوٽن وسيلي، بخارا جي واپارين کان ريشم وٺندا هئا ۽ ڪين وکر جي مَتاستا تي ايندڙ لاڳت ڏيندا هئا. پر اسان هي نٿا ڄاڻون، ته هندستاني علائقن مان ريشم جا خريدار ڪير هئا. اهڙيءَ ريت، شڪارپورين جي ڪردار بابت هيءَ ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته اُهي بخارا جي واپارين ۽ اُتر هندستاني واپارين جي وچ ۾، بخارا يا انهن شهرن ۾ جتان ريشم وٺندا هئا، اُتي پنهنجي موجود پلاوٽن وسيلي دلال جو ڪردار ادا ڪري سگهندا هئا.

موهن لال اسان کي واپاري سرشتي جي سلسلي ۾ ڪجهه ضمني ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو، ته ڊيراغازي خان ۾ ٿي شڪارپوري واپاري رهندڙ هئا، جيڪي ملتان سميت ٽن ٻين علائقن سان ڳنڍيل هئا. هو اسان کي ڄاڻ ڏئي ٿو: "ڪابل ۽ قنڌار جي شڪارپوري واپارين سميت انهن علائقن جا ڪجهه افغاني واپاري، جيڪي شڪارپوري واپارين جيان گهٽا شاهوڪار نه آهن، سي ڊيراغازي خان ۾ متين ملڪن کان پيداوار ۽ مال درآمد ڪن ٿا." (26)

هندستان کان بخارا ڏانهن موٽندڙ تجارتي قافلن ۾ مقامي سطح تي نهيل شيون شامل هونديون هيون. موهن لال موجب: '1831ع ۾ شڪارپوري ۽ لوهاڻن واپارين طرفان ملتان ۽ ڊيرا غازي خان علائقن ۾ تيار ٿيل مال سان لڏيل پندرهن سؤ اٺ خراسان ڏانهن موڪليا ويا، جنهن تي سنڌن لاڳت پنجهتر هزار رپيا آئي هئي.' (27) هنن اهو مال في مڻ پنجونجاهه رپين ۾ ورتو هو ۽ اُن کي سٺ رپيا في مڻ طور سفر تي ايندڙ خرچ سميت وڪرو ڪيو هو، جيڪو بلڪل معمولي نفعو هو. موهن لال هڪ ڏاڍي سُني ڳالهه نروار ڪري ٿو، جنهن هيٺ شڪارپوري واپارين کي هندو- سِک هجڻ جي حيثيت سان، سِک حڪمرانيءَ هيٺ آيل علائقن جهڙوڪ: ڊيراغازي خان جهڙن علائقن ۾، مسلمان برادريءَ تي برتري مليل هئي. اُهي ريشم جي درآمد تي جيڪو سُنگ ادا ڪندا هئا، سو افغانن طرفان ادا ٿيندڙ سُنگ کان اڌ هوندو هو ۽ وڪر جي وڪريءَ جو محصول رڳو چوٿون پاڱو ادا ڪندا هئا. (28) هن مان هيءَ ڳالهه واضح ٿئي ٿي، ته اُهي ڪهڙا ڪارڻ هئا، جو واپارين جون اُهي به ڌريون پاڻ ۾ ايڏو ويجهو سهڪاري حيثيت سان واپار ڪنديون هيون: منجهانئن هرهڪ ڌر پنهنجي پاسي 'امتيازي تحفظ' مان فائدو ڪڻندي هئي.

موهن لال شڪارپور جي واپار ڏانهن موٽ ڪائيندي ٻڌائي ٿو، ته واپار گهٽو ڪري قنڌار ۽ هرات سان ڪيو ويندو هو ۽ واپار بنيادي طور تي شڪارپور ۾ کپجندڙ ريشم تي ٻڌل هوندو هو، جنهن جي قيمت بخارا ۽ ملتان وچ ۾ ٿيندڙ واپار جي ٿورڙي پتيءَ جيتري هوندي هئي. هن تفصيل مان هيءَ ڳالهه چِٽي ٿئي ٿي، ته شڪارپوري واپارين، شڪارپور مان ٿيندڙ سڌي واپار جي ڀيٽ ۾، بخارا ۽ بمبئي جهڙن ڏورانهن علائقن وچ ۾ ٿيندڙ واپار مان، دلال جي حيثيت سان گهڻو ناڻو ڪمايو هو.

شڪارپوري واپاري سرشتي بابت تمام گهڻي ڄاڻ ڪيترن ئي سهيوڳي ذريعن وچ ۾ پکڙيل آهي، پر منجهانئس تجارتي معيشت جي ڀيٽ ۾، سماجي رُخن بابت وڌيڪ ڄاڻ ملي ٿي. شڪارپوري واپارين بابت خاص ڄاڻ اليگزينڊر برنس ڏني آهي، جنهن جي بخارا ڏانهن ويندي مهل شڪارپوري واپارين سان ملاقات ٿي هئي. هن شڪارپوري واپارين جو تجارتي ڪردار بيشڪ وڏاءُ سان پيش ڪندي لکيو: 'سمورن وچ ايشيائي ملڪن جو واپار هنن واپارين جي هٿن ۾ آهي، جن جون استراخان کان مشهد ۽ ڪلڪتي تائين واپاري ڪوٺيون جُڙيل آهن.' هن سندن ذڪر ڪندي چيو ته، 'هي محنتي نسل آهي، جيڪي پنهنجي نفعي تي ڏيان ڏيڻ ڪانسواءِ، ڪنهن ٻئي جي ڳامري ۾ ٽنگ نتا اڙائين.' ۽ هن مشاهدي کانپوءِ ڄاڻايو ته: 'هنن جا چهرا ۽ سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل صورت جي خاصيت نرالي آهي، ۽ سنڌن نڪ ڊگها آهن.' ۽ پنهنجي ڳالهه کي وڌائيندي هن چيو، ته اُهي 'قاتل پراڻا' ڪپڙا پائين ٿا. وڌيڪ اهميت واري ڳالهه هي آهي، ته هُن جي مشاهدي ۾ هي ڳالهه به آئي، ته اُهي 'واپاري پنهنجي ملڪ مان پنهنجي زالن کي نتا آڻين، ۽ لڳاتار اوڏانهن ايندا ويندا رهن ٿا؛ جنهنڪري منجهن قومي جذبو برقرار رهي ٿو.' هن دعويٰ ڪئي، ته انهن واپارين وٽ ڪابل ۾ 'اَٺ وڏيون واپاريون ڪوٺيون' آهن، ۽ پاڻ کي 'بين هندو آبادين کان ڌار' رکن ٿا، جنهن بابت هن جو ڪاٿو آهي، ته اُتي ڪُل ٽي سؤ ڪُٽنب رهندا هئا. (29)

1830ع جي برطانوي لکڻين ۾ شڪارپور بابت هڪ ڌنڌڪتا جُڙي وئي، ۽ اجوڪي تاريخدانن لاءِ ان ڌنڌڪتا کي سُلجهائڻ ۽ ان جي پويان لڪل حقيقتن کي واڪو ڪرڻ ڪا ايڏي سولي ڳالهه نه آهي. شڪارپور جي 'زوال' بابت هڪ خاص سوال اڃان به برقرار آهي، جنهن بابت سهيوڳي مشاهدو ڪندڙن پنهنجي لکڻين ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت، جيڪڏهن شڪارپور شهر زوال جي نظريي جي سگهاري حمايتي چارلس ميسن تي مڪمل ڀروسو نه ڪجي، تڏهن به هو عام طور وڌيڪ باخبر آهي. هو دعويٰ ڪري ٿو، ته دراني شهنشاهيت جو زوال شڪارپور جي زوالڻ سان ڳنڍ ٿيو آهي، انهيءَ جو سبب دراني شهنشاهيت ۽ شڪارپور جو پنهنجي نفعي جي وڏي موڙيءَ کان محروم ٿيڻ سميت پاڙيسري ملڪن ۾ بگڙيل غير يقيني حالتن جو عمل پڻ هو. ۽ هو وڌيڪ چوي ٿو، ته شڪارپور جا ڪيترائي صراف، رنجيت سنگهه جي حڪمرانيءَ ۾ پنجاب جي معاشي اُڀار مان فائدو وٺڻ لاءِ ملتان ۽ امرتسر ڏانهن هليا ويا هئا. (30) بهرحال، هي شڪارپوري واپاري سرشتي جي زوال جو ثبوت نه آهي. جيڪڏهن شڪارپوري صراف پنهنجي ڪٽنب جا ڀاتي شڪارپور ۾ ڇڏي پنجاب هليا ويا هئا، ته اُن جو هي مطلب آهي، ته اُهي پنهنجي منافعي جو حصو اَباڻي شهر ڏانهن موڪليندا هئا. هنن جي شڪارپور سان اُڪير جا ڪيترائي اشارا ملن ٿا، ته شڪارپوري واٽيا ڏورانهن ماڳن تي واپار ڪندي به، پنهنجي شهر ڏانهن باقاعدگيءَ سان پيرو پَريندا هئا. هوڏانهن، واپارين جو ايئن مختلف علائقن ڏانهن ڦهلجڻ زوال جو ثبوت نه هو، پر انهيءَ جي ابتڙ ان جو مطلب هي هو، ته واپاري سرشتو نون علائقن ڏانهن وڌيو پئي. شڪارپور مان ٿيندڙ تجارت جي مقدار ۾ گهٽتائيءَ جون جهجهيون شاهديون آهن، پر انيڪ ڏورانهن ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ تجارتي واپار ۾ شڪارپوري واپارين جو دلال جي حيثيت سان بنيادي ڪردار جاٽائيندي پتو پوندو، ته واپارين جي نفعي ۾ گهٽتائيءَ جي واضح ۽ مضبوط شاهدي نه آهي. وڌيڪ سڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت هن سوال جي آهي، تہ ڇا واقعي اُتر هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ تجارت مجموعي طور تي زوالجندڙ هئي؟ انهيءَ سوال جو ڪو پُختو جواب تجارت بابت پروسي جوڳن انگن اکرن جي غيرموجودگيءَ ۾ نٿو ڏئي سگهجي. بهرحال، اسان آڏو هي چيڙائيندڙ تاثر موجود آهي، تہ اوڻهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾، 1809ع ڌاري دراني شهنشاهيت جي خانمي ڪانپوءِ، قافلن وسيلي ٿيندڙ تجارت غير مستحڪم سياسي صورتحال ڪارڻ، نسبتي زوالجندڙ ڏاڪي مان گذري پئي. هي زوال ايڏو شاندار نہ هو ۽ نہ ئي ايڏو اَلڪ ۽ هلڪو هو، پر اهڙا اشارا مليا آهن، تہ شڪارپوري واپارين پنهنجو واپار وچ ايشيائي ملڪن منجهان بين ملڪن ڏانهن تبديل پئي ڪيو. هنن جي نئين واپاري مهم بابت اهم شاهدي سندن مالوا آفيم تجارت ۾ ملوث هجڻ آهي. ۽ برطانيا طرفان ڪراچي بندرگاهہ تي قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ، اُتي شڪارپوري واپارين جي وڏي انگ ۾ موجودگيءَ جي شاهدي بہ ملي ٿي. هارٽ طرفان ڪيل سروي (31) ۾ واپاري برادريءَ ۾ ڪترين جو انگ سڀني کان وڌيڪ ڏيکاريل آهي، ۽ ان ڳالهہ جو گهڻو امڪان آهي تہ سندن واسطو شڪارپور سان هجي.

## شڪارپوري ۽ وچ ايشيائي ملڪن جي تجارت: 1843ع کان 1890ع تائين

افغانستان ۾ 42-1839ع وارين خطرناڪ فوجي مهمن ڪانپوءِ، شڪارپور کي مڪمل طور وساريو ويو. جڏهن تہ شڪارپور شهر 1830ع ۽ 1840ع ڌاري گهڻن ئي ليکڪن جي ڌيان ۾ آيو ۽ هُنن شهر جو ذڪر ڪيو، پر پوءِ وارن سالن ۾ بلڪل ٿورا ليکڪ شهر ۾ آيا يا سندس حوالو ڏنو. شڪارپور تي سڀ کان شاندار ڌيان سر رچرڊ برٽن 1877ع ۾ سنڌ ۾ ٻيهر اچڻ کان پوءِ، پنهنجي ڇپيل ڪتاب 'سنڌ جو ٻيهر مشاهدو' ۾ ڏنو آهي. جيتوڻيڪ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ واپار ۾ ڪيڏي ڪيڏي مهل نفعي ۾ پيُونچال پئي آيو، پر اُهو ايڏو وڌو نہ هو، جو پاليسي ناهيندڙن جو شڪارپور ڏانهن ڌيان ڇڪجي ها، جيڪو بهرحال برطانوي هندستان جو رُڳو هڪ مفصل شهر يعني برطانوي هندستان جي صوبائي راڄڌانيءَ کان پري وارو علائقو هو.

چارٽ 3.1: پنجاب جو ڪابل ۽ بُخارا سان 1860ع کان 1890ع تائين ٿيندڙ واپار

| سال | درآمد | برآمد |
|---|---|---|
| 1860-61ع | 286.513 پائونڊ | 284.643 پائونڊ |
| 1870-71ع | 2.388.099 رپيا | 1.493.698 رپيا |
| 1875-76ع | 9.143.712 رپيا | 8.166.555 رپيا |
| 1890-91ع | 2,073.790 رپيا | 4.598.704 رپيا |

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو آر ايچ ڊيوس جي وچ ايشيائي ملڪن جي واپار بابت 15 فيبروري 1862ع تي لکيل رپورٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور خاص ڪري گهڻ رُخو مفصل شهر هرگز نه هو. هي شهر برطانوي تسلط هيٺ اچڻ کانپوءِ پهرين ڏڍر ۾ آهستي آهستي وڌيو ويجهيو. 40-1839ع ۾ شهر جي آباديءَ جو ڪاٿو تيهه هزار لڳايو ويو، جيڪو 1872ع جي آدمشماريءَ ۾ وڌي وڃي اٺتيهه هزار هڪ سؤ ست ماڻهن تي پهتو ۽ وري 1881ع کان 1891ع جي وچ واري عرصي ۾ شهر جي آباديءَ ۾ ٿورڙي گهٽتائي ٿي. (32) جنهن مان وڌندڙ ويجهندڙ معشيت کان وانجهيل صورتحال جي عڪاسي ٿئي ٿي، جيڪا گهڻو ڪري هندو واڻين جي نئين لڏپلاڻ سبب ٿي.

اوڻيهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واڻين جي ڦهلاءُ تي، عدالتي - قانوني نوعيت جي پيدا ٿيندڙ مسئلن تائين، جنهن مامري تي اڳتي وڌيڪ بحث ڪيو ويندو، ايڏو ڌيان نه ڏنو ويو. انهيءَ مامري جي ڏس ۾ اوائلي حڪومتي ماخذ ڪجهه نتا ٻڌائين، جوته هي مامرو هندستاني حڪومت لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو نه هو، ۽ ٻيو ته ثانوي ماخذ به ٿورڙا ۽ اڻپورا آهن. تنهن هوندي به ٻن قسمن جون شاهديون موجود آهن. برطانوي اختيارين ۽ 1865ع کانپوءِ روسي اختيارين طرفان ٿيندڙ زميني تجارت بابت گڏ ڪيل انگن اکرن مان پتو پوي ٿو، ته وچ ايشيائي ملڪن ۽ هندستاني شهرن وچ ۾ واپار، جيڪو 50-1820ع واري عرصي دوران گهٽجي ويو هو، تنهن ۾ 1850ع ۽ 1890ع ۾ واڌ جو لاڙو هو. انهيءَ ڏس ۾ ٽيبل 3.1 مان 1860ع ۽ 1890ع جي وچ ۾ پنجاب ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ واپاري انگن اکرن جو پتو پوي ٿو.

ٽيبل مان افغانستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ پشاور وسيلي ٿيندڙ واپار ۾ (1850ع کانپوءِ، جڏهن خيبر لڪ وارو رستو هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ واپار جو مکيه رستو سمجهيو ويندو هو)، 1870ع جي وچ ڌاري گهٽي واڌ آئي. بخارا سان ٿيندڙ تجارت جي حصي بابت ڪي پروسي جوڳا ڪاٿا موجود نه آهن. بهرحال، 61-1860ع جي عرصي دوران ٽيل واپار جي قيمت اڌ کان وڌيڪ لڳائي سگهجي ٿي، يعني اٽڪل 285.000 پائونڊ. ٻئي پاسي، روسي اختيارين وٽان هندستان ۽ بخارا وچ ۾ ٿيندڙ واپار جي مليل ڄاڻ مان واپار جي مُلهه جو ڪاٿو 5.500.000 روبل لڳايو ويو (يعني اٽڪل 550.000 پائونڊ)، جنهن مان فرض ڪجي ٿو ته واپار جي انگ ۾ پنجويهه سالن جي عرصي دوران ٻيڻو اضافو ٿي ويو هو، پوءِ به هن ڪاٿي مان ٿورڙو احتياط سان ڪم وٺڻو آهي.

مختلف ترتيل پکڙيل ماخذن ۽ ڪنهن قدر پروسي جوڳن ذريعن مان، وچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشيائي ملڪن وچ ۾ واپار ڪندڙ شڪارپوري واپارين جيَ انگ ۾ شاندار واڌ جو اشارو ملي ٿو. 1860ع کان اڳ، بخارا ۾ واپار ڪندڙ شڪارپورين جي انگ اڪرن جو ڪاٿو رِکو جي. وولف طرفان ڏنل آهي، جيڪو 1840ع ۾ شڪارپور ۾ آيو هو. هو ڄاڻائي ٿو: 'بخارا ۾ سنڌ جا ٽي سؤ واپاري واپار ۾ رُڌل آهن.' (34) 1863-64ع ۾ هنگرين سياح آرٽيس ويمبري ڄاڻايو، تہ بخارا رياست جي راڄڌاني ۽ بين صوبن وچ ۾ اٽڪل پنج سؤ هندو پڪڙيل آهن. (35) 1868ع ۾ روسي اختيارين طرفان تحويل ۾ ورتل نون علائقن جي ٿيل آدمشماري ۾، تاشقند جي جهوني شهر ۾ ٽيانوي هندوئن ۽ زرتشان ماٿريءَ ۾ ٻہ سؤ چوڏهن هندوئن جي موجودگيءَ جو انڪشاف ڪيل آهي. جنهن مان اٽڪل هڪ سؤ هندو واپاري سمرقند شهر ۾ واپار سانگي رهيل هئا. (36) پنجن سالن کانپوءِ آمريڪي رياستي قونصلر يوجين شيلر تاشقند ۾ شڪارپور جي هڪ سؤ چاليهہ هندو واپارين جي موجودگيءَ جي ڄاڻ ڏني آهي، (37) جتي سنڌن قافلن جي ڊاپي لاءِ ٽي سرايون قائم هيون.

انهن پکڙيل شاهدين منجهان، روسي فتح واري وقت کان وٺي هيءَ ڳالهہ واضح آهي، تہ شڪارپوري واپارين جي انگ ۾ وچ ايشيائي ملڪن ۾ واڌارو پئي ٿيو، ۽ اُهي نون علائقن ڏانهن تيزيءَ سان پئي ڦهليا. پوءِ لڳايل ڪاٿن جي بنياد تي اُهو جزوي طور پانيان ٿو، تہ خوقند ۽ 1865ع ۽ 1870ع جي وچ ڌاري روسي اختيارين جي ضابطي ۾ آيل بخارا ۾ (جتي ظاهري طور ڪوبہ شڪارپوري نہ هو)، اُتي 1850ع ۾ شڪارپوري واپارين جو انگ پنج سؤ ۽ 1890ع ۾ اٽڪل ٽي هزار ٽائين وچي پهتو هو. اُهي انگ شايد ايڏو متاثر ڪندڙ نہ پائنجن، پر هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارجي تہ وچ ايشيائي ملڪن ۾ موجود سمورن شڪارپوري واپارين جي آبادي هندو مردن تي مشتمل هئي. 1891ع ۾ شڪارپور جي ٿيندڙ آدمشماري موجب، هندو ساماڻيل مردن جو انگ ست يا اٺ هزار کان وڌيڪ نہ هو (38)، جنهن جي هيءَ معنيٰ آهي، تہ وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپار ڪندڙ واپاري، شهر جي هندو ساماڻيل مرد آباديءَ جي چاليهہ سيڪڙو نمائندگي ڪندڙ هئا. بمبئي سياسي ڪاروائين جي گڏ ڪيل دستاويزن مان انڪشاف ٿئي ٿو، تہ 1890ع ڌاري روسي وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن سفر ڪندڙ مرد هندو شڪارپورين کي ساليانو ڏيڍ سؤ پاسپورٽ ڏنا ويا. بيشڪ، انهيءَ مان پرڏيهہ ويندڙن جي ڪُل انگ جو پتو نٿو پوي، جو تہ شڪارپور ڏانهن ساليانو موٽندڙ واپارين جي انگ جا تفصيل موجود نہ آهن. بهرحال، ان جي هي معنيٰ آهي تہ هندو شڪارپورين جي پنجاهہ مردن مان اٽڪل هڪ جڻو ساليانو واپار سانگي وچ ايشيائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪن ڏانهن سفر ڪندو هو. هي حقيقت ڄاڻائي ٿي، ته اُهي واپاري وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڊگهي عرصي تائين ترسندا هئا، جنهن جو هي مطلب آهي، ته اُتي اهي وڏو نفعو ڪمائيندا هئا. شڪارپور جي مرد هندو آباديءَ جو اهم حصو وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ ڀيرو اوس سفر ڪندو هو.

روسي سلطنت جي سڌي يا اڻ سڌي حڪمرانيءَ ڪارڻ علائقي ۾ ايندڙ سياسي تبديلين سبب، شڪارپوري واپارين جي آمدنيءَ تي پوندڙ منفي اثرن واري ڳالهه سامهون نٿي اچي. جيتوڻيڪ انهن واپارين کي ڏيهه نيڪالي به ڏني ويندي هئي، جيئن 1878ع ۾ روسي اختيارين سمرقند، خوقند، خاجند ۽ تاشقند مان ٿيهن واپارين کي تَڙيو هو. (39) ڪجهه اهڙيون به شاهديون مليون آهن، جو وچ ايشيائي علائقن تي روسي فتح، ڪجهه سالن تائين واپارين جي لوڏ اچڻ لاءِ هرڪائيندڙ عمل ثابت ٿيو، ڇوته روسي فوجي ڇانوڻين ۾ زندگيءَ جي گهُرج ۽ عام واهپي جون شيون پهچائڻ لاءِ عام طور وڏا واپاري موقعا پيدا ٿيا هئا. اوائل ۾ روسي اختيارين جي پاليسي، وچ ايشيائي ملڪن ۽ هندستان وچ ۾ واپار جي ڏس ۾ مُنجهيل ۽ تضادن واري رهي. (40) 1881ع کانپوءِ روسي اختيارين هيٺ آيل علائقن توڙي ترڪستان ۾ هندستاني وڪر جي داخلا کي محدود ڪرڻ لاءِ اُپاءُ ورتا ويا. بهرحال، خيوا ۽ بخارا رياستون اهڙن اُپائن لاءِ پابند نه هيون، ۽ جيتوڻيڪ بخارا سان ٿيندڙ واپار ڪنهن به رنڊڪ بنا جاري رهيو، تنهن هوندي به بخارا کان روسي تسلط هيٺ آيل علائقن ڏانهن وڪر جي ٻيهر برآمد وڏيڪ ڌڪي تي پئي. هندستان ۽ بخارا وچ ۾ ٿيندڙ واپار تي شديد رنڊڪون 1894-95ع ۾ مڙهيون ويون، جڏهن روسي محصولي سرحد بخارا تائين ڦهلجي وئي هئي. (41)

وچ ايشيا ۾ واپار ڪندڙ شڪارپوري برادريءَ بابت تفصيلي شاهديون، روسي علائقن ۾ فوتي واپارين جي ملڪيتن جي ڏس ۾ اُڀرجندڙ قانوني مامرن وسيلي، ضمني طور سامهون آيون. هي قانوني دستاويز مکيه ماخذ آهن، جن جي مدد سان مون 1881ع ۽ 1917ع جي وچ واري عرصي ۾ وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ ۽ جاکوڙيندڙ شڪارپوري واپاري برادريءَ بابت مضمون جوڙيو آهي.

## شڪارپوري واپاري وچ ايشيائي ملڪن ۾: 1880ع کان 1917ع تائين

مغربي ٻولين جي هاڻوڪي ادب ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن بابت، شڪارپور جي هندو برادريءَ جي موجودگيءَ جا اُتاچرا اشارا ملن ٿا، جن ۾ شڪارپوري واپارين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ذڪر خاص طور ’هيچي ۽ وياج خور‘ جي حيثيت سان ڪيل آهي. (42) پر هي اشارا هنن جي زندگي ۽ علائقي ۾ ٿيندڙ سندن سرگرمين بابت ايڏا معلوماتي نه آهن. انهيءَ ڏس ۾ بهترين تفصيل شيلر ڏنا آهن، پر پوءِ وارن سياحن هن جي شاهدين ۾ بلڪل ٿورڙو واڌارو ڪيو آهي. وسيع پيماني تي لکيل روسي ۽ سوويت ادب ۾ پڻ هن واپاري برادريءَ ڏانهن ايڏو گهٽو ڌيان نه ڏنو ويو. (43) بهرحال، تاريخي فوٽوئن تي ٻڌل هاٽوڪي روسي سهيڙيل ڪتاب ۾، بخارا رياست ۾ رهندڙ هندستاني واپارين جون ڪجهه تصويرون شامل آهن. (44) بهرحال، انڊيا آفيس رڪارڊ مان چڱو ۽ ڪنهن قدر تفصيلي تاريخي مواد جو انڪشاف به اهم ڪاميابي آهي، تنهن هوندي به ان جو استعمال مسئلن کان آجو نه آهي.

برطانوي اختيارين طرفان تاريخي مواد کي عارضي بنيادن تي هوريان هوريان جوڙي سهيڙيو ويو، چوته هنن جي آڏو 1880ع جي اوائل کان ئي وچ ايشيائي ملڪن ۾، پنهنجي وارث جي موجودگيءَ ۽ وصيت بنا مرندڙ واپارين جي ملڪيت ۽ ورثي بابت ٿيندڙ نازڪ مامرن سان ڪين منهن ڏيڻو پئي پيو. هيءَ ڳالهه چٽي سگهجي ٿي، ته جيئن ته ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان وٺي شڪارپوري واپاري اُتي موجود هئا، تنهنڪري منجهانئن گهڻا 1880ع کان اڳ مري چڪا هوندا. بهرحال، 1880ع کان اڳ سرڪاري عملدارن آڏو انهن فوتي واپارين جي جائيداد جي متاستا بابت ڪي مامرا سامهون نه آيا هئا. انهيءَ جو ڪارڻ هي هو، ته 1876ع کان اڳ اُهي جائيدادون، ڏار سياسي منظرنامي هيٺ سامهون پئي آيون، جبڪو هاٽوڪي سرشتي کان ڌار هو: وچ ايشيائي ملڪن جي خيوا، خوقند ۽ بخارا رياستن تي ازبڪ سلطانن جي رسمي حڪمراني هوندي هئي، ۽ هي ڳالهه مشاهدي ۾ آئي آهي، ته جڏهن به هنن اسلامي رياستن ۾ ڪو هندو پنهنجي وارث جي موجودگيءَ بنا ديهانت ڪري ويندو هو، ته سندس ملڪيت رياست ضبط ڪري ڇڏيندي هئي، جيڪا رسم ظاهري طور مڪمل رواجي سمجهي ويندي هئي. هندو واپارين لاءِ جائيداد پنهنجي وارثن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو اڪيلو هي رستو هوندو هو، ته مقرر وقت تي مرڻ لاءِ پنهنجي اباڻي شهر ڏانهن موٽن، يا جيڪڏهن اَگهائي يا ڪنهن ٻئي سبب سفر ناممڪن هو، ته اُهي مڪمل جائيداد ءَ ناڻي جي منتقلي، مروج سرشتي يعني شڪارپوري هُنڊيءَ وسيلي تبديليءَ جو انتظام ڪري؛ تنهنڪري، انهن رياستن ۾ واپار ڪرڻ جوا ڪيڏڻ جهڙو عمل هو، ۽ هي طريقو وچ ايشيائي ملڪن ۾ ٿيندڙ واپار جي فائدن ۽ موڙيءَ جي واپاري نفعي توڙي لاڳت سبب، واپارين ۾ گهڻو پائيدار هوندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1870ع ۾ روسي حڪمرانيءَ جي ابتدا سان، ۽ ترڪستان جي سلطان جي سڌي انتظام هيٺ علائقن، خوقند جي اڳوڻي رياست ۽ بخارا رياست جي ڪجھ حصي سميت بخارا توڙي خيوا جي سلطانن جي علائقن جي وچ سان، جيڪي روسي انتظام هيٺ 'مقامي رياستون' بڻجي ويون هيون، تنهن ۾ برطانوي شهرين جي وراثت واري سوال نئون رُخ ورتو. 1880ع جي اوائل ۾، وچ ايشيائي ملڪن ۾ برطانوي- روسي لاڳاپن ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي حوالي مان ڏسبو، ته روسي اختياريون، برطانوي اختيارين طرفان وچ ايشيائي رياستن جي مامرن ۾ اجائي تنگ اڙائڻ جي بهاني سبب محتاط ٿيون هيون. هنن برطانيا کي وراثتي سوال جي بهاني واريءَ حيثيت جي استعمال کان روڪيندي، ممڪن حد تائين قانوني ڪارروائين کي ميڄتا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو 1883ع کانپوءِ وچ ايشيائي رياستن ۾ روسي اختيارين کي، جنهن به مهل برطانوي شهريءَ جي وارثن جي موجودگيءَ کانسواءِ وفات جي جاڻ ڏني وئي، ته هنن هندستان ۾ فوتيءَ جي موجود وارثن جا نالا داخل ڪرائڻ ۾ برطانوي اختيارين سان مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (45) اهڙيءَ ريت، بمبئي سرڪار ۽ انڊيا آفيس، وچ ايشيائي ملڪن ۾ هندستاني فوتي شهرين جي وراثت جي مقدمن جا فائيل جوڙڻ شروع ڪيا، جن مان گھڻا شڪارپوري واپار هئا. اهڙيءَ ريت 1880ع جي پڇاڙيءَ کان بخارا رياست ۾ فوتي شڪارپورين جا مقدما گڏ ٿيندا رهيا. بهرحال، قانوني مسئلا پيچيدگين سان ڀرپور هئا، ۽ انهيءَ ڏس ۾ ٻن حڪومتن کي ڪنهن مناسب قسم جي اُپاءَ تي پهچڻ ۾ ويهن سالن کان وڌيڪ عرصو لڳي ويو، جيڪو عمل ڪجھ مقدمن ۾ ٿيندڙ تڪرارن کي روڪي نه سگھيو. سڀ کان پهرين ڏکيائيون هن حقيقت طور سامهون آيون، ته شڪارپوري واپارين ۾ بين هندوئن جيان، پنهنجي پويان وصيت ڇڏڻ جي عادت يا رواج نه هو، ۽ اُهي وصيت بنا ديهانت ڪري ويندا هئا. ٻيو مسئلو هي هو، ته اڪثر مقدمن ۾ واپارين جا وارث سندن موت مهل شڪارپور ۾ هوندا هئا، ۽ اُهي وچ ايشيائي ملڪن جو سفر ڪري ذاتي طور پنهنجي دعوي ثابت ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه هوندا هئا. روسي اختيارين لاءِ هي به مسئلو هو، جو اُهي برطانوي- هندستان ۽ خاص ڪري بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هندو مذهبي قانونن جي پيچيدگين کان اڻڄاڻ هئا، جتي مِتڪَسر (هندو مَت جي سمورن فرقن جو مڃيل خانداني قانون) نظام مروج هو، جنهن هيٺ هي طئي ڪيو ويندو هو، ته قانوني وارث ڪير آهي، ۽ پوءِ ايئن ڪندي روسي اختياريون انهن مقدمن تي مروج قانون لاڳو ڪندي هئي. هنن برطانوي اختيارين کي پهرين نقطي جي ڏس ۾ مدد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ چيو ۽ فوتيءَ جي وارثن کي پنهنجو دستاويز يعني ، اِثت جي سَند کي ، فوتي واپاريءَ جي قانوني وارث جي حيثيت سان مجرائڻ لاءِ موڪلڻ رسم بڻجي وئي. هڪ ٻيو مسئلو نمائندگي بابت پڻ اُٿيو هو. روسي اختيارين قانوني ڪارروائي دوران، واپارين جي وارثن يا سندن اتارنيءَ جي موجودگيءَ جي گهُر به ڪئي. اڪثر مُدعين لاءِ مختصر اطلاع تي روسي علائقن ڏانهن سفر ڪرڻ ناممڪن هوندو هو: اڪثر مقدمن ۾ شڪارپوري عورتون مدعي هونديون هيون، تن ويچارين جو وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ڪڏهن به سفر ڪيل نه هوندو هو (هن نقطي تي آءُ پوءِ ايندس)، ۽ ايستائين جو مردن لاءِ به ڪنهن وڏي ملڪيت ملڻ جي آسري ڪانسواءِ، اهڙي سفر تي اُسهڻ ڏکيو هوندو هو. اتارني مقرر ڪرڻ به ڪو ايڏو سولو طريقو نه هو، چو ته سڀ ڪان پهرين هن کي روسي قانونن کي سمجهڻو پوندو هو، جنهن کي سڄي هندستان توڙي شڪارپور ۾ به بلڪل ٿورڙا ماڻهو سمجهندڙ هئا. تنهنڪري، انهيءَ جو هي حل ڪڍيو ويو ته قانوني وارث، روسي عدالت اڳيان نمائندي ثابت ڪرڻ لاءِ، برطانوي قونصلر عملدار طرفان تصديق ٿيل پاور آف اتارني پيش ڪن. پوءِ به مسئلو جيئن جو تيئن رهيو، چو ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪو به برطانوي قونصلر يا نمائندو نه هوندو هو: سڀ کان ويجهو برطانوي قونصليت تفلس ۾ هوندو هو، جيڪو ننڍو ۽ گهٽ ملازمن تي ٻَڌل قونصل خانو هو، تنهنڪري اُهو اهڙن مامرن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اهل نه هو. بمبئي، لنڊن ۽ سينٽ پيٽرس برگ وچ ۾ لکپڙهه ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويو، ته پيٽرس برگ ۾ برطانوي جنرل قونصلر جي حيثيت، وچ ايشيائي ملڪن ۾ برطانوي فوتي شهرين جي وراثت واري نازڪ سوال بابت انتظامي عملدار واري هوندي. هاڻي، هيءَ اچرج جي ڳالهه نه آهي، ته اپريل 1894ع ۾ پيٽرس برگ جي سفير پرڏيهي آفيس ڏانهن لکيو: 'روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ برطانوي فوتي شهرين جي ڇڏيل ملڪيت جي وراثتي دعوائن وارن مقدمن ڪانسواءِ، اسان وٽ وڏيڪ پريشان ڪندڙ ۽ دير ٿيڻ جهڙا ڪي به مقدما نه آهن.' (46) ڪيترن ئي مقدمَن ۾، مڪمل طور قانوني پيچيدگين ڪانسواءِ، مناسب طور ترجمو ٿيل صَحيح دستاويزن جي تياري ڪري وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن موڪلڻ سميت روسي وڪيلن کي پاڙي تي مقرر ڪرڻ جي گهُرج پورڻ ڪري پڻ پيچيدگيون ۽ دير ٿيندي هئي. 1880ع جي پڇاڙي ۽ 1890ع جي اوائل واري وقت تائين هي ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته ان سرشتي مناسب طريقي سان ڪم پئي ڪيو، چو ته تڏهن برطانوي هندستاني عدالتن جي دستاويزن کي، روسي عدالتن طرفان وراثت جي قانوني ثبوت طور مڃيو پئي ويو، پر 1890ع جي پڇاڙيءَ ۾ تڏهن روسي سينيٽ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلن ڪانپوءِ بحران پيدا ٿي پيو. جڏهن روسي ڪورٽن، برطانوي ڪورٽن طرفان جاري ٿيل دستاويزن کي قانوني طور ڪارائتو مڃڻ کان انڪار ڪيو هو. (47)

وچ ايشيائي ملڪن ۾ فوتي شڪارپوري واپارين جي وراثت جي ڏس ۾ تعطل پيدا ٿي پيو، جيڪو پانڇجي ٿو تہ ڪجھ سالن تائين جاري رهيو. جنهن دوران روسي بينڪن منجهان وراثت جي ڏس ۾ عملي طور، برطانوي اختيارين وٽ ڪابہ چاڻ نہ پهتي هئي. برطانيا ۽ روس وچ ۾ 1907ع ۾ مفاهمت ٿيندي بہ ڏکيائيون برقرار رهيون، ۽ هن سوال کي پرڏيهي مامرن جي رياستي سيڪريٽري سر ايڊورڊ گري 1912ع ۾ پنهنجي روسي هم منصب سوزانوف آڏو کنيو هو. (48)

هوڏانهن بخارا جي رياستن ۾ صورتحال بلڪل مختلف هئي. اُتي روسي قانون، روسي شهرين ۽ جذب ٿيندڙ عيسائي پرڏيهين ڪانسواءِ، ٻين ماڻهن تي لاڳو نہ هوندو هو. غير عيسائي پرڏيهين يعني مسلمانن توڙي هندوئن سان مقامي قانون، جيڪو روايتي ۽ شرعي قانونن جو ميڙاڪو هوندو هو، تنهن هيٺ ورتاءُ ڪيو ويندو هو، (49). بهرحال، مقامي قاضي هن قانون تي تياڪڙيءَ واري مناسب رواج هيٺ عمل ڪندا هئا. (50)۽ هي پانڇجي ٿو، تہ جيستائين هندو واپارين جي وراثت جو واسطو آهي، تہ قاضي مقامي هندو پنچائت کي هي اجازت ڏيندو هو، تہ اُهي مقامي هندو قانونن يا پنهنجي تشريح موجب فيصلو ڪن. تنهنڪري، رياستن جي سيڪريٽري لارڊ جارج هيملٽن 1900ع ۾ (51) بخارا ۾ مشاهدي ڪانپوءِ مڃيو، تہ هتي برطانوي-هندو شڪارپوري شهرين جي جائيداد جي وراثتي تبديليءَ سان لاڳاپيل ڪي بہ قانوني ڏکيائيون نہ هيون. وچ ايشيائي رياستن ۾ مکيہ مسئلو، وارثن طرفان پنهنجي دعوائن مهل موجودگيءَ لاءِ رٿيل وقت هوندو هو. اختيارين وقتي حد هڪ سال رٿي هئي، جنهن ڪانپوءِ ملڪيت رياست ڏانهن منتقل ٿي ويندي هئي. هندستان ۾ گهربل قانوني دستاويزن جي وصوليءَ سان لاڳاپيل وقت، يعني دستاويزن کي روسي ۽ فارسي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائڻ، ۽ ان کي وري سموري بخارا ۾ پهچائڻ تي خرچ ٿيندڙ وقت، تي ڌيان ڏيڻ مان پتو پوندو، تہ ان مقرر ٿيل وقتي حد دوران وارثن لاءِ رٿيل وقت اندر پنهنجون دعوائون داخل ڪرڻ عملي طور ناممڪن ڳالھ هئي. برطانوي نمائندن ۽ روسي اختيارين طرفان ڪَنَ مَهت ڪرڻ ڪانپوءِ بخارا حڪومت اهو عرصو ٻن سالن تائين وڌائڻ تي قائل ٿي، پر ان هوندي بہ رٿيل وقت ۾ ضروري دستاويز ونڻ لاءِ حقيقي پيچ ڏِڪ ڪرڻي پوندي هئي، ۽ ان عمل تي ٿيندڙ خرچ ڪو ايڏو غيراهم نہ هوندو هو.

عالمي نجي قانون جي تاريخدانن لاءِ، تنهن دؤر جي هي ڪهاڻي بيشڪ قانوني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن جي نامناسبيءَ جو هڪ چٽو مثال آهي. (52) بهرحال، قانوني ڏڪيائون مکيه ڪارڻ آهن، جنهنڪري رياستي دستاويزن کي پهرين ڏاڪي ۾ محفوظ ڪيو ويو، ۽ شڪارپوري برادريءَ جي انگن اکرن جي ڳولها ڪندڙ معاشي ۽ سماجي تاريخدان کي وٽندڙ مواد جي ڳولها ڪندي، منتقل نه ٿيندڙ جائيدادن جي دعويٰ جي ڏس ۾ تيل گهٽي ۽ ضخيم لکپڙهه جي دستاويزن سان مُنهن ڏيڻو پوي ٿو. هن لکپڙهه ۾ ڪيترائي ته ملوث هوندا هئا، جن ۾ بيشڪ پنهنجي دؤر ۾ دنيا جي سيني ڪان گهڻو پيچيده ٻن ڪاموراشاهين يعني روس ۽ برطانوي هندستان جي ڪاموراشاهي ملوث هئي. (53) تنهنڪري 1881ع ۽ 1917ع جي وچ واري عرصي ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ مثل شڪارپوري واپارين جي ملڪيت بابت سرڪاري لکپڙهه گهڻ رُخو تاريخي دستاويز آهي، جنهن ۾ شڪارپورين طرفان پيش ڪيل ڪيترائي دستاويز به شامل آهن، جنهن جو ٻئي ڪنهن هنڌ ڪوبه نشان نتو ملي. اُهي دستاويز تنهن دؤر ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ شڪارپوري برادريءَ جي زندگيءَ جي حالتن جو خاڪو پيهر جوڙڻ لاءِ مليل ذخيرو آهن.

مجموعي طور تي 1883ع ۽ 1917ع جي وچ واري عرصي ۾، روسي وچ ايشيا ۾ فوتي شڪارپوري واپارين جا 131 مقدما داخل ٿيا، تن ۾ روس جي ڪجھ بين ياڱن، ايران يا افغانستان ۾ فوت ٿيندڙن سميت وچ ايشيائي ملڪن کان شڪارپور ڏانهن موٽندي رستي ۾ مرندڙن جا مقدما به شامل هئا، جيڪي برطانوي اختيارين جي جاچ ۾ آيا هئا. تنهن دؤر ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ مرندڙ شڪارپورين جي ڪُل انگ کي، برطانوي اختيارين جي جاچ ۾ ايندڙ فوتين جي انگ وچ ۾ ڀيٽ ڪرڻ سان، نموني جي نمائندگيءَ جو ڪاميابيءَ سان ڪاٿو لڳائڻ واري ڳالھ بيشڪ ڏاڍي مزيدار ٿيندي. بهرحال، اهڙي قسم جو عمل، وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري آباديءَ جي طبعي انگن جي ڪوت ڪارڻ ناممڪن آهي. هنن جا 1890ع ڌاري سندن ڪتيل انگ پيش ڪيل آهن، ۽ اهي اشارا ملن ٿا ته 1890ع ۽ 1917ع جي وچ ۾ شڪارپوري واپارين جي انگ ۾ گهٽتائيءَ ڏانهن لاڙو هو. هي ڪاٿو روسي وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ساليانو سفر ڪندڙ شڪارپورين کي، شڪارپور جي ڪليڪٽر طرفان ساليانو ڏنل پاسپورٽ جي ثابتين تي ٻَڌل آهي. (1863ع جي هڪ نوٽيفڪيشن وسيلي (54)، سنڌ جي ڪليڪٽرن کي سنڌو درياءَ جي اولھ وارن ملڪن ڏانهن سفر ڪندڙ برطانوي شهرين کي پاسپورٽ جي جاءِ تي قوميت جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جا اختيار ڏنا ويا هئا.) 92-1890ع واري عرصي دوران، ساليانو جاري ٿيل پاسپورٽن انگ جو تناسب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڍ سؤ هو. (55) جڏهن ته 02-1900ع ۾ رڳو هڪ سؤ پاسپورٽ جاري ڪيا ويا، جن جي ساڳي حد پهرين مهاڀاري جنگ تائين برقرار رهي. (56) بيشڪ، ساليانو شڪارپور ڏانهن موٽندڙ شڪارپورين جا پيٽائڻ جوڳا انگ اکر موجود نه آهن، پر امڪان آهي ته اُهي انگ شايد ٿورڙو وڌيل هوندا. 1890ع ڪانپوءِ شڪارپوري واپاري برادريءَ جو ڦهلجڻ بند ٿي ويو. 1917ع وارو عقل جوڳو ڪاٿو هي آهي، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ اٽڪل ٻه هزار شڪارپوري موجود هئا. (57) وچ ايشيائي ملڪن ۾ موجود هندستاني شهري واپارين مر، رڳو شڪارپوري واپاري شامل نه هوندا هئا، پر اُتي پشاوري مسلمان واپاري برادري به موجود هئي، جن جو انگ اٽڪل پنج سؤ هو. (58) ۽ گڏوگڏ پنجاب جي هندوئن، سکن ۽ مسلمان واپارين سميت ڪشميري (جيڪي شالن جي تجارت ۾ ملوث هئا)، واپاري به موجود هئا، ۽ ورلي اُتي واپار سانگي مارواڙي، گجراتي ۽ اُتر هندستان جا ٻيا واپاري به ايندا رهندا هئا. بهرحال، شڪارپوري واپارين جي ڪَتيل انگ جو ذڪر ڪندي (جيڪي سڀيئي پندرهن کان پنجونجاهه سالن جي ڄمار جا ساماڻل مرد هئا)، اسان فوتين جي تُز انگ جو نتيجو ڪڍي نه سگهنداسين. جنهنڪري پهرين هي ڳالهه ڄاڻائجي ته هنن جي آباديءَ جي صحيح ڪتيل ڄمار جي ڄاڻ نه آهي، ۽ ٻيو هي ته سنڌ ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ فوت ٿيندڙن جا تفصيلي انگ اکر به موجود نه آهن. آءُ ڏُکو لڳائيندي هيءَ چوندس، ته 1881ع ۽ 1917ع جي سالن دوران فوتين جو انگ پنج سؤ کان هڪ هزار تائين جي وچ ۾ ضرور رهيو هوندو. جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي، ته محفوظ ٿيل تاريخي دستاويزن ۾، وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪُل فوتين جو انگ هڪ پاڱي چار سُني اثر ۽ هڪ پاڱي اٺ خراب اثرن جي نمائندگي ڪري ٿو. تنهنڪري هي نمونو نمائندگي ڪندڙ معلوم ٿئي ٿو: هيءَ اجائي ڳالهه نه آهي، ڇوته اُن مر فوتين جا اُهي سڀيئي انگ موجود آهن، جن بابت برطانوي اختيارين کي پتو پيو ۽ هنن انهن سان مُنهن ڏنو. بهرحال، هي ڪتيل سوچ آهي، جنهن نُڪتي تي اڳتي بحث ڪيو ويندو.

روسي وچ ايشيائي ملڪن مر شڪارپوري واپارين جي تُز جاگرافيائي هيئت کي ٻيهر جوڙڻ لاءِ هن نموني کي استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڏيان مر آڻڻ جو پهريون نُڪتو هي آهي، ته 131 وراٿتن وارن مقدمن مان ايڪاسي بخارا رياست ۽ پنجاهه ترڪستان رياست ۾ داخل ٿيا، جن مان شڪارپوري واپارين جو بخارا لاءِ وڌندڙ اوليت جي حقيقت جو ڪارڻ هي هو، ته اُتي هنن کي سرڪاري طور گهٽ دشمنيءَ کي مُنهن ڏيڻو پوندو هو. بخارا رياست ۾ ٿيندڙ ايڪاسي وراٿتن مان باويهه وراٿتون بخارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ تيون، ۽ ٻيون اوڻهٺ وراثتون بخارا جي ڀاوِيهه مختلف علائقن جون هيون، جنهن مان رڳو نَون کي شهري علائقن (گهٽو ڪري ننڍڙن شهرن جون) جو سمجهي سگهجي ٿو. اهڙن شڪارپوري واپارين جو بخارا رياست ۾ وسيع پيماني تي ڦهلجڻ جي ماهيت ۽ ڀهراڙيءَ وارن علائقن ۾ داخلا جو پتو پوي ٿو. ترڪستان جي پنجاهه وراثتن مان پنجتيهه وراثتون فرغانا صوبي ۾ تيون، جنهن مان چوويهه ڇهن مکيه شهرن ۽ يارهن وراثتون ننڍن ڀهراڙيءَ جي علائقن جون هيون؛ نَوَ وراثتون سمرقند صوبي ۾ تيون، جنهن مان هڪ سمرقند شهر ۾، پنج شهرن جي ننڍڙن علائقن ۾؛ ۽ آخري ڳالهه هيءَ ته ڇهه وراثتون سائبر واري صوبي ۾ تيون، جنهن مان چار تاشقند ۽ ٻه ننڍن علائقن ۾ تيون. سرڪاري دستاويزن مان پتو پوي ٿو، ته ڪيترن ئي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين جون پئنچائتون موجود هيون، جنهن مان شڪارپوري واپارين جي چڱين وسندين جي موجودگيءَ جو اشارو ملي ٿو. بخارا رياست جي ڪجهه ننڍڙن صوبن ۾، شڪارپوري واپارين جون ڏهه کان ويهه واپاري وسنديون قائم هيون، جنهن جو مقامي واپار تي اؤس ضابطو هوندو. هوڏانهن، ٻين وڏن علائقن ۾ شڪارپوري واپارين جو ٻين ڪيترن ئي واپاري ڌرين سان ڇتاڇيتي هلندڙ هئي، ۽ اها شاهدي نٿي ملي ته واقعي اُهي واضح طور تي برتر حيثيت ۾ هئا يا نه. 1910ع جي 'انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا' واري 1910ع جي ڇاپي ۾ هي ڳالهه ڄاڻايل آهي: 'بخارا ۾ تيندڙ واپار شڪارپوري واپاري ڌرين جي هٿ ۾ هوندو هو.' (59) تنهن ڳالهه ۾ ڪنهن قدر وڏائي پيو ڀانئجي.

نقشي ۾ واپاري- سرشتي جي ڦهلاءُ کي ڏسڻ سان هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ ايندي، ته انهيءَ واپاري- سرشتي اڪثر وچ ايشيائي ملڪن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو. شڪارپوري واپارين جو بخارا جي اولهه ۾ اولهندو ماڳ ڪُراڪول هو، ۽ فرغانا ماتريءَ جي ڇيڙي تي اوڀر ۾ وري اوش هو، جيڪو سنڪيانگ سرحد جي بلڪل ويجهو هو، جنهن جو مفاصلو هڪ هزار ڪلوميٽرن کان به گهٽ هو؛ اُن جي اُتر- ڏکڻ وسعت گهٽ هئي؛ ڀانئجي ٿو ته شڪارپوري واپاري جن اُترين ماڳن تي پهتا هئا، تن ۾ چمڪينت (هاڻوڪي قازقستان جي بلڪل ڏکڻ ۾)، ۽ اُن جي ڏکڻ ۾ بخارا رياست جي وچئين علائقي ۾ ڏاڪڻو گُوزر وارو ماڳ هو. هن سروي ۾ رڳو اُهي علائقا شامل آهن، جتي شڪارپوري واپارين جون وسنديون جُڙيل هيون. پر هي به شاهديون مليون آهن، ته تجارتي خيال کان جيڪي شڪارپوري واپاري وچ ايشيائي ملڪن جي ٻين علائقن، جيئن خيوا رياست وغيره ۾ ويا هئا، ته اُتي هنن بهرحال ٿورڙي عرصي لاءِ به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجون رهائشي وسنديون نه جوڙيون هيون. جيڪڏهن سنڌورڪي حيدرآبادي واپاري خاص طور جن علائقن ۾ واپار ڪندا هئا، تن علائقن جي انهن علائقن سان ڀيٽ ڪبي، ته هي علائقو شايد ايڏو وسيع نه لڳندو، پر هي تاثر ٿورڙو مُنجهائيندڙ ۽ غلط راهه ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. اوڻيهه صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هندستان ۽ دنيا جي ٻين علائقن وچ ۾ سامونڊي سفر، شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ميداني سفر کان گهڻو سولو هوندو هو. ميداني سفر ۾ نه رڳو وسيع بيابان ۽ اُتانهان جبل اُڪرڻا پوندا هئا، پر افغانستان ۽ ڏکڻ- اوڀر ايران وچان سفر جو جوکو به ڪٽڻو پوندو هو، جتي عدم تحفظ سميت ڌاڙيلن جي ڦُرمار جو جوکو به هروقت رهندو هو.

وراثتي دستاويزن سميت ٻين ضمني ذريعن مان، شڪارپوري واپارين طرفان پنهنجي اباڻي شهر ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ سفر لاءِ واپرائجندڙ رستن بابت مزيدار ڄاڻ ملي ٿي. بخارا ڏانهن بولان لڪ وسيلي ڪوئيٽا، خوجڪ لڪ، قنڌار، ڪابل، بلخ ۽ قريش وارو روايتي رستو اوڻيهه صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين به واپرائجندڙ هو، پر پوءِ ٻيا رستا انهن تي چڙهت ڪري ويا. لڳي ٿو ته اڪثر شڪارپوري واپاري ڪابل ۽ پوءِ بخارا وڃڻ لاءِ پشاور کان خيبر لڪ وارو گس وٺندا هئا، پر گڏوگڏ ٻيا رستا به گهڻو واپرائجندڙ هئا. منجهانئن به رستا ايران مان ويندا هئا: پهريون رستو ڪراچي کان بندر عباس ڏانهن سامونڊي سفر سان لاڳاپيل هو (ڪراچي کان نار وارن بندرگاهن تائين ٻاڦ جا ٻيڙا باقاعدي 1860ع ۾ شروع ٿيا هئا)، ٻيو رستو مشهد وارو ميداني رستو هوندو هو: ڪجهه شڪارپوري واپاري ڪوئيٽا مان ريل رستي ايراني سرحد، نوشڪي ۽ زاهدان ويندا هئا ۽ پوءِ اُتان قافلن رستي پنهنجي ماڳ ڏانهن اُسهندا هئا. بهرحال، ايران رستي واپاري رستا به محفوظ نه هئا: 1889ع ۾ تاشقند کان شڪارپور ڏانهن سفر ڪندڙ هڪ شاهوڪار شڪارپوري واپاريءَ کي مشهد ويجهو قتل ڪيو ويو ۽ سندس سموري پونجي ڦُري وئي. روسي اختيارين جي همت افزائيءَ سان جيڪو ٽيون رستو واپاري سرشتي ۾ شامل ٿيو، سو گهڻو ڦيريدار هوندي به ڪنهن قدر محفوظ هوندو هو. جنهن جو مطلب هي هو، ته بمبئي کان جهاز وسيلي سفر ڪري، ڪاري سمنڊ جي روسي ڪناري باطوم تائين پهچبو هو، جتان هڪ ٻيرو وري ڪانسٽينٽائن پول يا روڊيشيا وٽان جهاز مَٽائي، وکر کي باطوم کان باڪو تائين هلندڙ ريل ۾ سَٽيو ويندو هو. باڪو ۽ ڪرازنوووڊسڪ وچان ڪيسپيئن سمنڊ پار ڪري، بخارا ۽ ٻين علائقن تائين نئين ٽرانس ڪيسپيئن ريلوي استعمال ڪندي پهچبو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور کان بخارا وچ ۾ مٿين سيني رستن وسيلي سفر جو عرصو گهٽ ۾ گهٽ ٻه مهينا لڳندو هو. گڏوگڏ مکيه واريءَ ڦيريءَ هوندي ٻه، وچ ايشيائي ملڪن ۾ سفر ڏاڍو سُست ۽ ڪنهن قدر ابڏو محفوظ به نه هوندو هو. شڪارپور مان ويندڙ مال جي سرشتي جو، شڪارپوري واپاري وسيلن جي حدن کان ٻاهر ڦهلجڻ، بيشڪ انتظام رکڻ ذهني پيڙا وارو عمل هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ سولائيءَ سان سفر نه پيو ڪري سگهي، ته هيءَ ڳالهه واپارين لاءِ اهم ۽ قيمتي ڄاڻ بابت پڻ سچي هئي. بخارا ۾ ٽيليگراف 1880ع جي پڇاڙيءَ ۾ پهتي هئي، (60) ۽ روسي انقلاب کانپوءِ، وچ ايشيا جي رياستن جا ڪجهه علائقا ٽيليگراف سان ڳنڍيجي ويا. انهيءَ وسيلي ڪانسواءِ، هندستان ۽ بخارا وچ ۾ ڪوبه سستو ڏور- تار رابطو نه هوندو هو: ٽيليگرام ماسڪو، تهران ۽ ڪراچي وسيلي پهچندو هو، ۽ اُهو مهانگو به هوندو هو. جنهن مان هن ڳالهه جي چٽائي ٿئي ٿي، ته شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين جي پکڙيل وسندين وچ ۾، خط يا 'مظهر' رابطي جو اوليتي طريقو هوندو هو.

هاڻي سوال هي آهي، ته هنن ماڻهن وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڇا پئي ڪيو؟ هن نُڪتي تي وراثتي دستاويزن مان، گهڻن سهيوڳي سياحن ۽ ليکڪن جي شڪارپوري واپارين بابت، ماتحت تجارت ۾ ملوث هئڻ ۽ سُودي- واپار ڪندڙ برادريءَ جي حيثيت سان، ڪنهن قدر هڪ طرفي ڏنل راءِ ڪي سُڌارڻ ۾ مدد ملي ٿي. پنجونجاهه ملڪيتن جي ڇنڊڇاڻ (جنهن لاءِ موادي فهرست ڏنل آهي) مان انڪشاف ٿئي ٿو ته اناج جا ذخيرا، جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪڻڪ ۽ ريشم جهڙيون ٻيون ڪپجندڙ شيون شامل هيون، تن کي سندن ڪُل قدر جو ڏهه- پنڌرهن سيڪڙو حصو سمجهيو وڃي. روڪڙ جو ڀاڱو، جيڪو ڪُل موڙيءَ جو ٽيهه سيڪڙو سمجهجي، جيڪو ضروري شين جي وڪري مان ماڻيو ويو هو: گڏوگڏ بازارن ۾ دُڪانن جي فهرست پڻ ڇاڻايل آهي. شڪارپوري واڻين جي تجارتي ڪاروهنوار بابت تفصيلي شاهدين تي ٻين دستاويزن ۾ روشني وڌل آهي، جن مان هي ڪاتو لڳائجي ٿو، ته شڪارپورين جو خاص ڪري بخارا رياستن ۾، واپار مکيه واپاري سرگرمي هئي. بيشڪ، اناج جي واپار ۽ ڀهراڙين ۾ قرض ڏيندڙ عمل وچ ۾ ويجهو ناتو اڳيني سنڌ جي مقدمي واري صورتحال ۾ بيان ٿي چڪو آهي. هي ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپار ڪندڙ ڪجهه شڪارپوري، گهٽ يا وڌ 'واپاري- وياج تي قرض ڏيندڙ' جي نموني ۾ ڄاڻايل هئا، جيڪي ناڻو ڏيڻ واري طريقي کي گهٽ اگهه تي اناج وٺڻ واري طريقي طور واپرائيندا هئا ۽ پنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائدو اناج وڪڻڻ مان ماڻيندا هئا. بهرحال، چندچاڻ مان انڪشاف ٿو ٿئي، ته وچ ايشيائي ملڪن جون حالتون سنڌ ۾ مروج حالتن کان مختلف هيون. چيس مين پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻائي ٿو ته: سنڌ ۾ واڻيا، وڏيرن يا هارين کي جيڪو قرض ڏيندا هئا، تن جي اصل موڙي يا وياج به اڪثر نه وٺندا هئا. هوڏانهن، وچ ايشيائي ملڪن ۾ مقامي آباديءَ عام طور جوکي ۾ سمجهي ويندي هئي.

شڪارپورين ۾ هڪ مشهور چوڻي عام هوندي هئي: 'تُرڪ پنهنجي بقايائون پنجاهه سالن کانپوءِ به موٽائي ڏين ٿا.' (61) اِهي بقايائون يا ته مقامي اختيارين ۽ قاضيءَ جي موجودگيءَ ۾ طاقت وسيلي يا هاريءَ کي پنهنجي قرض موٽائڻ لاءِ مٿن جبر ڪندي، يا ڪن ٻين طريقن سان ورتيون وينديون هيون. بهرحال، حقيقت هيءَ آهي ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ قرض ڏيڻ وارو ڌنڌو، عام طور سنڌ جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ فائديمند هوندو هو. بهرحال، شڪارپورين کي 'سُودخور' ۽ 'واپاري- قرض ڏيندڙ' جي ٻن مختلف درجن وچ ۾ صفائيءَ سان درجابنديءَ ۾ ورهائڻ ممڪن نه آهي. امڪان آهي ته وچ ايشيا ۾ تجارت ڪندڙ شڪارپوري ٻنهي قسمن جي ڌنڌن ۾ ملوث هئا.

واپاري- سرشتي منجهه وياج تي قرض ڏيندڙ مختلف شجرن ۽ ڏاڪن ۾ ورڇيل هئا. جنهن جو مٿيون تهه وڏن شهرن ۾، جهڙوڪ: بخارا ۽ خوقند (فرغانا ماتريءَ) ۾ واپار ڪندڙ ٻنڪارن تي مشتمل هوندو هو، جيڪي چڱي وڏي پيماني تي ٻنڪاري ڪندا هئا. جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل نموني ۾ شامل ڪوبه ماڻهو ان درجي سان ناتو نٿو رکي. تنهن هوندي به وکريل شاهدين سان سندن وهنوار جو تصور سهيڙي سگهجي ٿو. اصل ۾، شايد اُهي شڪارپوري ٻنڪارن جا گماشتا رهيا هوندا جن جو مکيه ڪم هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ تجارتي سهوليت مهيا ڪرڻ هوندو هو: اُهي هندستاني واپارين کي، وچ ايشيائي ملڪن ۾ شيون وڻڻ ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ قافلن وسيلي آندل هندستاني شين جي خريداريءَ لاءِ واپارين کي قرض ڏيندا هئا. گڏوگڏ اُهي صراف به هئا، يعني ناڻي جي مٽاسٽا جو ڪاروبار به ڪندا هئا. اُهي پنهنجي موڙي شڪارپور ۾ وينل سينيي ٻنڪار کان وٺندا هئا، ۽ اُهي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪاروباري وهنوار مان ماڻيل نفعو رکي، واپس پئسا موٽائي ڇڏيندا هئا. بهرحال، هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپار ۾، خاص ڪري 1890ع کانپوءِ زوال آيو، ۽ جيئن ئي روسي ٻنڪون 1870ع کانپوءِ وچ ايشيا ۾ ڦهليون، ته سندن ڪاروباري ماهيت بدلجي وئي. هنن تيزيءَ سان روسي ٻنڪن کان قرض وٺڻ شروع ڪيو، جيڪو ورتل قرض وري ٻين شڪارپوري سُودي- واپارين کي وڏي اگهه تي اُڌار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا هئا. بيو ته مختصر طور انهن قرض ڏيندڙن تي مشتمل هو، جيڪي وڏين بئنڪن کان قرض وٺندا هئا ۽ وري ٻين شڪارپوري واپارين ۽ مقامي آباديءَ کي وڏي وياج تي قرض طور رقمون ڏيندا هئا. اهي ماڻهو گهڻو ڪري شهرن ۾ رهندا هئا، ۽ پر پاڙيسري شهرن ۾ پڻ سندن وهنوار هوندو هو. اهي گهڻو ڪري گڏيل واپار ڪندا هئا، جنهن ۾ خاص ڪري اناج جو واپار ۽ وياج تي قرض ڏيڻ وارو طريقو شامل هوندو. جڏهن ته واپاري سرشتي جي سيني کان هيٺين تهه ۾ ننڍڙا ٻهراڙيءَ ۾ وياج تي قرض ڏيندڙ واپاري شامل هئا، جيڪي گهڻو ڪري پهرين ڏريا ته وارن واپارين کان قرض طور ڪنيل ناڻي مان مقامي هارين کي وياج تي پئسا ڏيندا هئا. وياج تي قرض ڏيندڙ واپارين جي اهڙي سرشتي جي موجودگي، روسي بئنڪن طرفان قرضن جي مختلف شرح، جيڪا ساليانو ڇهه سيڪڙو هوندي هئي، وٺڻ سبب ئي ممڪن ٿي هئي. جڏهن ته حقيقت ۾ هاري ورتل قرض تي جيڪو سُود ڏيندا هئا، تنهن جي شرح چاليهن کان سٺ سيڪڙو هوندي هئي. (62)

شڪارپورين جيان دلال يا ٽياڪڙيءَ وارو ڪردار استعمال ڪندي، روسي بئنڪن پاڻ کي لکين ننڍڙن قرضدارن، جيڪي پنهنجي زمينن جي ننڍڙن ٽُڪرن کانسواءِ ڪوبه تائيد ڪندڙ پيش نه ڪري سگهندا هئا، تن جي فهرستي جوڙجڪ ۽ سندن بابت معلومات کي وڌائڻ تي ايندڙ خرچ کان پاسيرو رکيو. هنن ڏيوالپڻي واري صورتحال ۾ به پنهنجي جوکي کي محدود رکيو. ٻئي پاسي، شڪارپورين کي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح (پنچائت وسيلي) قرضن وٺندڙن جي سموري گهربل ڄاڻ تائين پهچ هئي ۽ آخرڪار، قرض نه موٽائيندڙ جي ملڪيت به ضبط ڪرائيندا هئا. متين نموني ۾ ڄاڻايل ڪجهه شڪارپورين وٽ ڪجهه زرعي زمين به موجود هئي، جيڪا زمين هنن ضبطگيءَ جي صورت ۾ ماڻي هئي، جيتوڻيڪ هنن کي قانوني طور ترڪستان ۾ زمين وٺڻ جي اجازت نه هوندي هئي.

اسان کي انهن طريقن جي تفصيلي ڄاڻ نه آهي، جن وسيلي شڪارپورين جو اوڻيهه صديءَ جي اوائلي ماخذن عالمي بئنڪار- واپارين جي حيثيت سان ذڪر ڪيو ويو هو. شڪارپورين پنهنجي پاڻ کي ان برادريءَ ۾ تبديل ڪيو، جيڪا ٻهراڙيءَ ۾ اڪثر ڪري وياج تي قرض ڏيڻ ۾ ملوث هئي. جنهن طريقيڪار کي اسان شايد چيٽيارز واپارين جي برطانوي برما، ملايا ۽ فرينچ ڪوچين چين جي ٻهراڙين ۾ وياج تي قرض ڏيندڙ طور نڀايل ڪردار سان ڀيٽ ڪندي، 'چيٽيارائيزيشن' چئي سگهون ٿا. شڪارپورين جي سرگرمين جي ٻيهر اُڀار ۾ اهم عنصر بيشڪ 1870ع ۽ 1880ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري عرصي دوران رُبئي جي مُلهه ۾، سون جي لاڳاپي هيٺ چانديءَ جي قيمت ۾ گهٽتائيءَ سان ڳنڍيل ڊرامائي لاٿ هئي. جنهنڪري امڪاني طور ان عمل سان روسي وچ ايشيائي ملڪن ۽ هندستان وچ ۾ ٿيندڙ واپاري وهنوار سڌي ريت متاثر ٿيو هوندو، جو پوءِ نيٺ اُهي نفعي جا نوان ذريعا ڳولهڻ تي مجبور ٿيا. هي پڪ آهي، ته شڪارپورين جو ٻهراڙيءَ ۾ وياج تي قرض ڏيڻ وارو قدم روسي اختيارين جي سياسي همت افزائيءَ جو نتيجو نه هو، پر روسي اختيارين شڪارپورين جي وياج تيَ قرض ڏيڻ واري وهنوار ڏانهن ٿورڙو دشمنيءَ واري درجي جو مظاهرو ڪيو، ڇوته اُهي ان عمل کي پنهنجي شهري يهودين منجهه سُودخوريءَ جي مروج رسم جيان نامناسب عمل سمجهندا هئا. ترڪستان رياست ۾ سُودخوري سزا جوڳو ڏوهه هوندو هو، ۽ ڪجهه شڪارپوري روسي قانون جي ور به چڙهيا؛ منجهائنس ڪجهه واپارين کي سزا ڏيئي سائبيريا ڏانهن به موڪليو ويو. (63) بهرحال، اختيارين جي خواهش کان آزاد طور تي ڏٺو وڃي، ته حقيقت معاشيات ئي هئي؛ يعني خاص ڪري فرغانا ۾ زراعت جو تيزيءَ سان تجارت ۾ بدلجندڙ واري لاڙي ۽ هارين لاءِ ٻج، ڍڳن ۽ ٻين زرعي وسيلن جي وڌندڙ گهُرجن لاءِ قرض جي وڌندڙ ضرورت. شڪارپورين لاءِ ٻهراڙين ۾ وياج تي قرض ڏيندڙ طور وڌڻ ويجهڻ جون حالتون پيدا ڪيون. جيتوڻيڪ اُهي وياج خورن ۾ اڪيلا وياج خور نه هئا. بهرحال معلوم ٿئي ٿو، ته بخارا اختيارين جو وياج خورن بابت رويو وڏيڪ نرم هوندو هو، ۽ جيتوڻيڪ ان ڳالهه جي گهٽ مشهوري ڪئي وئي، پر بخارا رياست ۾ معاشي لاڙا وڌندڙ تجارت ۽ ناڻي جي هڪ هنڌ گڏجڻ ڏانهن وڌندڙ هئا. (64) وراثتي دستاويزن مان گهٽيون تفصيلي شاهديون ٻهراڙيءَ ۾ وياج تي قرض ڏيڻ بابت آهن، پر شهرن ۾ به شڪارپوري وياج تي قرض ڏيڻ ۾ سرگرم هئا. اُهي بخارا جي فوجي سپاهين کي به وياج تي قرض ڏيڻ کان نه مُڙندا هئا. (65)

شڪارپوري قرض ڏيندڙن جي مختلف درجن جي وچ ۾ لاڳاپن جي، شڪارپور ۾ شاهه- گماشتا طور مشهور پائيواري سرشتي وسيلي، وڏي پيماني تي ضمانت مليل هوندي هئي. هن نظام هيٺ سرمايدار پائيوار يعني شاهه، هڪ يا انيڪ ڪم ڪندڙ پائيوارن يعني ڀلاوڻن کي، وقت جي محدود عرصي لاءِ خاص قسم جي ڪاروباري وهنوار لاءِ موڙي قرض طور ڏيندو هو، ۽ ڪين نفعي جي ڀاڱي طور اُجورو ڏيندو هو. شڪارپورين جا ڪي به پائيواريءَ جا ڪاروباري دستاويز تاريخي دستاويزن ۾ ڏسڻ ۾ نه آيا آهن، جيتوڻيڪ ڪجهه دستاويز حيدرآبادي واپارين جا موجود آهن. تنهنڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ جاڻ نہ آهي، تہ پائيواري معاهدا عام طور لکت ۾ ڪيا ويندا هئا، يا وري اُهي زباني هوندا هئا. هن سرشتي بابت وڌيڪ تفصيلي بحث اڳتي ڪيو ويندو.

وراثتي دستاويزن ۾ جاڳايل اهم رُخ بيشڪ ڳُڻو ڏن دولت ئي آهي. وچ ايشيائي ملڪن ۾ فوتي شڪارپوري واپارين جي ڇڏيل ملڪيتي ماليت بابت مليل جاڻ وسيلي، ڪو ماڻهو انهن طرفان اُتي ماڻيل نفعي ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ ٿيندڙ واپار جي، شڪارپور جي معيشت ۾ حصيداريءَ بابت ڪجھ تاثر ويچار جوڙي سگھي ٿو.

هن ڏاڪي تي، جنهن سرڪاري طريقي سان جائيدادي بقاياڻون وارثن ڏانهن منتقل ڪيون ويون، تن جو مختصر باترتيب تفصيل موجود آهي. اسان بخارا رياست ۾ هڪ جائيداد جو مثال وٺنداسين، جوتہ اُتي وراثتن جا اتڪل سڀ سيڪڙو مامرا ٿيا. جنهن علائقي ۾ شڪارپوري واپاري ديهانت ڪندو هو، تنهن علائقي جو رهواسي قاضي ڪارروائي هلائي بقايا رهيل قرض جو ڪاٿو لڳائيندو هو، ۽ گودام ۾ پيل مال وڪڻي، قرضدار سان حساب ڪتاب چُڪتو يا نبيرو ڪندو هو، ۽ ايئن رقم بخارا جي ڪرنسي تنگا ۾ پيدا ٿيندي هئي، جيڪا رقم پوءِ رياستي خزاني ۾ منتقل ڪئي ويندي هئي. اُها رقم مروج بازاري اگھ تي روسي روبل ۾ مٽائڻ ڪانپوءِ (اِهو ڳُڻو 1901ع ۾ ٿيو، جڏهن پندرهن ڪوپيڪن لاءِ قانون موجب هڪ تنگا متعارف ڪرايو ويو)، بخارا جي روسي سياسي ايجنٽ ڏانهن منتقل ڪئي ويندي هئي، جيڪو وري اُن کي سينٽ پيٽرسبرگ ۾ روسي شاهي خزاني ڏانهن موڪلي ڇڏيندو هو. شاهي خزانو اُن رقم کي اسٽرلنگ ۾ مٽائي، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ موجود برطانوي سفارتخاني جي نالي تي رقم جو چيڪ موڪليندو هو. اُهو چيڪ پوءِ پرڏيهي آفيس موڪلبو هو، وري هز مئجسٽي ٽريزري وسيلي انڊيا آفيس ڏانهن موڪليو ويندو هو ۽ هندستاني حڪومت ۽ رياستي سيڪريٽريءَ جي مکيہ اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايو ويندو هو. هندستاني حڪومت اُن رقم کي وري روپين ۾ مٽائي بمبئي حڪومت ڏانهن روانو ڪندي هئي، جيڪا سنڌ جي ڪمشنر وسيلي اُها رقم ڪليڪٽر سکر جي نالي تي سندس اختياري ۾ ڏيندي هئي. تنهنڪري ايئن اُها رقم سکر ۾ شاهي خزاني ۾ سندن وارثن لاءِ خواهش موجب واپرائڻ لاءِ جمع ٿيندي هئي. بهرحال، سکر ۽ شڪارپور جي وچ ۾، خاص ڪري ايڏي وڏي رقم روڪڙ جي حيثيت ۾ کڻي سفر ڪرڻ محفوظ نہ هوندو هو، تنهنڪري وارث اُها رقم شڪارپور ۾ موجود مختيارڪار جي نالي منتقل ڪرڻ جي گھُر ڪندا هئا، جتي نيٺ وارث اُن رقم تي هٿ ڪوسو ڪري سگھندا هئا. بخارا کان شڪارپور تائين اِها سموري ڪارروائي، جنهن تي اتڪل ٻارهن مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخارا، روسي ۽ برطانوي عملدارن جون صحيحون هجڻ سميت رقم جي متاستا جا ٽي طريقا بہ متس واپرايل هوندا هئا. تن کي مڪمل ٿيڻ ۾، جڏهن سموري ڪارروائي ڪنهن رنڊڪ بنا جاري رهندي هئي، تہ هڪ ڪان ٻن سالن جو عرصو لڳي ويندو هو.

هوڏانهن، ٻيو متوازي سرشتو پڻ رائج هو، جنهن وسيلي اڪثر ملڪيتون شڪارپور منتقل ڪيون ويندڻيون هيون. انهيءَ مامري ۾، بخارا رياست ۽ سلطان وچ ۾ اختلاف موجود هو. بخارا سلطنت ۾، هندوئن جي مامرن کي قاضي نہ، پر روسي ججن کي نبيرڻو پوندو هو، جيڪي ڪنهن قدر شايد راشي هوندا هئا. سي هندو واپارين جي مامرن جا عادي يا ڄاڻو نہ هوندا هئا. ۽ امڪان آهي تہ اُهي ساڳي ريت بخارا سلطنت جي حد تائين هندو پنچائتن سان سهڪار ڪرڻ لاءِ بہ رضامند هوندا هئا. تنهنڪري، بخارا سلطنت ۾ چيڙائيندڙ سرڪاري طريقن کان بچڻ جو اڪيلو طريقو هي هوندو هو، تہ قانوني وارث پاڻ خود وچ ايشيائي ملڪن جو سفر ڪري يا ڪنهن اتارني، خاص ڪري مقامي هندستاني کي پنهنجا مالي مفاد ڏئي، ۽ پاڻ اُها رقم شڪارپور منتقل ڪرڻ جي ذميواري پوري ڪري. بخارا ۾ مکيہ ڪردار قاضي ۽ شڪارپوري پنچائتون پورو ڪنديون هيون. هڪ 'غير سرڪاري' سرشتي جا تفصيل، 1904ع ۾ ڪليڪٽر سکر طرفان ڪمشنر سنڌ ڏانهن موڪليل هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهن. (66) بخارا ۾ ڪيترن ئي شڪارپوري واپارين جي ملڪيتي ورثي ۾ بدديانتين ۽ خيانتن جي رائج ۽ ڦهليل الزامن ڪانپوءِ، سنڌيءَ ٻوليءَ جو ڄاڻو ڪليڪٽر جين لوئيس رِيو بخارا ۾ واپار ڪندڙ واپارين جي، شڪارپور ۾ غير سرڪاري تحقيقات شروع ڪئي، جن مان ڪجهہ چرڪائيندڙ حقيقتون سامهون آيون. هن واضح ڪيو، تہ جڏهن ڪو شڪارپوري واپاري ديهانت ڪندو هو، تہ قاضي هن جي ڇڏيندڙ توڙي اَٽل جائيداد پنهنجي ذميواريءَ ۾ وٺندو هو ۽ سندس لک پڙهہ جا ڪاغذ ضبط ڪري ڇڏيندو هو. هن وڌيڪ چيو تہ: 'مقامي شڪارپوري پنچائت عام طور ملڪيت جو انتظام سنڀالڻ لاءِ مداخلت ڪري ٿي. جائيداد جي ڪنهن سچي يا ڪوڙي وارث کي اڳيان آڻجي ٿو، ۽ پنچائت وارا، بخارا اختيارين طرفان گهُربل موت جي ٽئڪس ۽ ٻين مالياتي واجباتن جي ادائيگي، ملڪيت مان ڏيڻ جي ذميواري قبولين ٿا.' پوءِ قاضي اُها ملڪيت پنچائت حوالي ڪندو هو، جيڪي سموري جائيداد کي مملو يا نيلام لاءِ رکندا هئا. هو پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ: 'پنچائتي تہ انهن ملڪيتن جي نيلامي وسيلي خريداري، ڪاروبار جو پَلو ۽ مجيل نفعي وارو طريقو آهي.' اهڙيءَ ريت، ٻنيءَ متاستا (واپار) جو قسم جاري رهي ٿو: هڪ پاسي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور ۾ موجود وارثن سان رابطو ڪيو ويندو هو، ۽ ڪين نيلامي مان متوقع ملندڙ رقم جي ڪاٽي تي بَدَل رقم جي آڇ ڪئي ويندي هئي. اُهي گهٽو ڪري اُها آڇ قبولي وٺندا هئا، ڇوته انهيءَ سان هنن جو ان ملڪيت تي، ڪنهن اڻتر تڪليف ۽ دير ۾ پورڻ بنا، سڌو سنئون حق مڃيو ويندو هو.' جيتوڻيڪ هنن کي جيڪا رقم آڇي ويندي هئي، سا نيلام مان متوقع ملندڙ رقم کان اڪثر گهٽ هوندي هئي. پوءِ جائيداد جو نيلام ڪيو ويندو هو، ۽ نتيجي طور پنچائت ۾ بوليءَ ڏيندڙ وچ ۾ ميلاپ هئڻ ڪارڻ، ملڪيت پنهنجي اصلي قيمت کان ڪافي گهٽ مُلهه ۾ وڪرو ڪئي ويندي هئي. رِيو هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته: 'هن طريقي سان 'ٻِتو منافعو' ماڻي وارثن کي نقصان پهچايو ويندو هو.' هو وڌي چوي ٿو:

'جائيدادن جا نسبتي طور بلڪل ٿورڙا اهڙا مقدما آهن، جن جو سرڪاري انتظام هيٺ نيڪال ڪيو ويو ۽ وارثن کي سندن رهتون سرڪار وسيلي ڏنيون ويون. ڪجهه مقدما اهڙا به ٿيا، جو پنچائت هڪ نه ٻئي سبب ڪي قدم يا اُپاءَ نه ورتا هئا، يا جڏهن پنچائت بخارا اختيارين کي اُها جائيداد سندن انتظام هيٺ ڏيڻ واسطي هِرڪائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي هئي، يا وري ملڪيتن جي وارثن پنچائت سبب متاثر ٿيڻ سبب نبيري کي نه قبوليو هو، يا نيلامي مان متوقع رقم جو مطالبو ڪيو هو.

جيتوڻيڪ رِيو جي بيان مان اخلاقي ڪاوڙيل لهجي جو تاثر ملي ٿو، پر هُو انهيءَ حقيقت تي زور ٿو ڏئي، ته واپاري پنهنجي ٻُڌايل مؤقف جي مامري مان مطمئن ٿيڻ جو اعلان ڪندا هئا. 'هنن جي وضاحت هوندي هئي ته آڳاٽي زماني ۾، بخارا رياست روسي اختيارين جي اثر ۾ اچڻ کان اڳ، اختياريون سندن حدن ۾ فوتي برطانوي شهرين جون سموريون ملڪيتون ضبط ڪندي هئي، تنهنڪري مامرن جي هاڻوڪن حالتن ۾، اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽو سُڌارو آيو هو.'

رِيو واري معلومات جي ڪيترن ئي مثالن مان تائيد ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت هڪ مقدمي ۾ بخارا جي هڪ علائقي گُوذر جي پنچائت پاڻ، وارثن کي سرڪاري وسيلو واپرائڻ جي صلاح ڏني تي، جو اُهي قاضيءَ سان ناهه تي پهچڻ ۾ ناڪام ٿيا هئا. (67) برطانوي اختيارين جي جاچ ۾ بخارا جا جيڪي مقدما آيا، تن ۾ پنچائت تي تهمت مڙهيل آهي ۽ اُن کي گهٽ وڌ ڳالهايل آهي، ۽ ڪجهه ماڻهن تي انفرادي فائدن لاءِ پنچائت کي واپرائڻ جو شڪ ڏيکاريل هو. تنهنڪري، هي ڳالهه سامهون ايندي ته شڪارپور ۾ موجود وارث سرڪاري طريقي کي، جڏهن ٻيا سمورا وسيلا ناڪام ٿي ويندا هئا، تڏهن آخري حربي طور استعمال ڪندا هئا. هي ڀانئجي ٿو ته هن ڪم ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلائتي ڪردار جي ادائيگيءَ لاءِ، استعمال ٿيندڙ سرڪاري طريقو، هڪ قسم جو ڪارائتو طريقو هوندو هو. 'سرڪاري' وراثت ۾ ملوث گهٽڻ وارثن جي عام خاصيت واري حقيقت هيءَ آهي، ته سنڌن گهر جا ڀاتي گهٽ هئا يا بلڪل ئي ڪونه هئا: منجهانئن اڪثر بيواهون يا فوتيءَ جون ڌيئرون هونديون هيون، اُهي پنچائت سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ دوران پاڻ کي نقصان ۾ پائينديون هيون. جڏهن ته ڪو ماڻهو هي گُمان ڪري سگهي ٿو، ته جن وارثن جو گهٽڻ ڀاتين وارو وڏو ڪٽنب هوندو هو، منجهانئن ڪجهه شايد موقعي تي موجود هوندا هئا، تن کي پنچائت سان مطمئن جوڳي ناهه تي پهچڻ جو سُنو موقعو ملندو هو. ڀاتين جي انگ ۽ سرڪاري وراثت جي نموني ۾ شامل هجڻ جي وچ ۾ ابتڙ لاڳاپو هوندو هو. ٻئي پاسي، اهڙي ڪا شاهدي نه آهي ته سرڪاري دستاويزن ۾ جاٽايل وراثتون ٻين کان گهٽ هونديون هيون. تنهنڪري هي امڪان آهي، ته ملڪيت جي مُلهه کان ڪٽنبي ڀاتين جي انگ کي وڏيڪ اهميت مليل هوندي هئي. گڏوگڏ سرڪاري سرشتو، جيتوڻيڪ گهٽو چيڙائيندڙ ۽ نامناسب هوندو هو، تڏهن به ملڪيت جي ڪُل ماليت جي واپسيءَ جو سنو موقعو ڏيندو هو. جيڪڏهن وارث پئسا وٺڻ لاءِ تڪڙ نه ڪندا هئا، تنهن هوندي به پنهنجي پاڻ کي پنچائتي ڀائرن جي هٿن ۾ ڏيڻ جي ڀيٽ ۾، سرڪاري سرشتي وسيلي امڪاني طور، انهيءَ مامري کي سُلجهائڻ جو عقلي فيصلو ڪندا هئا. بخارا ۾ غيرسرڪاري سرشتو واپرائڻ جي چونڊ ڪندڙ وارثن جي ڏس ۾، پهرين ڳالهه طور تي ان حقيقت جي چِٽائي ڪري سگهجي ٿي، ته منجهانئن گهٽن کي تُرت پئسن جي گهُرج هوندي هئي، ۽ ٻي ڳالهه هي ته شڪارپوري واپاري، واپار ۾ پئسو سيڙائڻ ۾ 'ثقافتي اوليت ڏيڻ' ڪارڻ ائين ڪندا هئا، ته جيئن سرڪار جي جهاتيندڙ اکين کان بچاءُ ڪجي. بهرحال، سرڪاري طريقو واپرائيندڙ هندو اقليتن لاءِ هي دليل ڏئي سگهجي ٿو، ته بينڪي رياست، نامناسب يا غيرحاضر ڀاتين ۽ مائٽن لاءِ متبادل هوندي، مضبوط سگهاري مروج اصطلاح ۾ 'مائي باپ' (جنهن هيٺ حڪومت 'ماءُ ۽ پيءُ' جيان هئي) طور مشهور هئي.

نموني ۾ موجود 131 وراثتي جائيدادن مان 113 وراثتي جائيدادن جي ماليت بابت انگ اکر موجود آهن. عقلي طريقيڪار موجب، فوتين طرفان شڪارپور ۾ ڇڏيل وراثتي جائيداد جي ماليت کي گڏائڻ سمجهه جوڳو پائنبو، جو اُها جائيداد گهٽو ڪري واپارين جي پنهنجي حياتيءَ دوران وچ ايشيائي ملڪن کان موڪليل ناڻي تي ٻَڌل هوندي هئي، جيڪا شڪارپور جي بئنڪن ۾ جمع ڪرائي ويندي هئي. جائيداد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماليت ۾ فوتين طرفان وچ ايشيائي ملڪن مان موڪليل رقم ۽ ٻئنڪن ۾ جمع ڪرايل ملڪيتي رقم شامل آهي. اُها سموري رقم رپين ۾ متائي وئي آهي.

1881ع ۽ 1917ع جي وچ واري عرصي ۾، وچ ايشيائي ملڪن ۾ 113 فوتي شڪارپوري واپارين جي جائيداد ڪي، ماليت جي حساب سان چئن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پنجن مقدمن ۾ ڪابہ وراثتي جائيداد نہ هئي، جنهن جو مطلب هي آهي، تہ اُهي فوتي فقيراڻي حالت ۾ ديهانت ڪري ويا هئا. منجهن ستيتاليهہ 'ننڍيون' جائيدادون هيون، يعني هڪ لک اوڻونجاهہ رپين جون جائيدادون 'اهم' ملڪيتن کان گهٽ هيون، جن جي ماليت هڪ هزار کان ڏهن هزارن تائين هئي، ۽ منجهانئن ٻارهن وڏيون جائيدادون هيون، جنهن مان وڏي جائيداد ڏهہ هزار رپيا ماليت جي هئي. آخري ٻن درجن کي سامهون رکندي ڪو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، تہ اڪثر فوتي واپاري پنهنجي 'اهم' يا 'ننڍي' ملڪيت وارثن لاءِ ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. بهرحال، نموني ۾ ڪابہ وڏي جائيداد لکيل نہ آهي، جنهن مان وڏيءَ جائيداد جو چاليهہ هزار رپيا ڪاٿو لڳايو ويو. هيءَ ويهين صديءَ جي اوائل واري سنڌ ۾ ڏاڍي سٺي رقم هئي (جتي هڪ هزار رپيا بہ 'شاهوڪاري' ليکبي هئي)، پر مثال طور انهيءَ ملڪيت جي، شنگهائي ۽ ڪينٽن جي پارسي واپارين طرفان، اوڻويهہ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ويهين صديءَ جي اوائل ۾، لکين رپين جي ڇڏيل جائيدادن سان ڀيٽائڻ جهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي. (68) بهرحال هتي اعتراض وارڻ گهرجي. وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن سفر ڪندڙ شڪارپوري واپاري، شهر جا شاهوڪار واپاري نہ هوندا هئا، پر عام طور شڪارپور جي وڏي واپاري شاهہ- واپاري لاءِ ڪم ڪندڙ ڀلاوٽا هوندا هئا. نموني ۾ هڪڙي اهڙي شڪارپور جي 'شاهہ' جو واضح اشارو ملي ٿو، جنهن بخارا ۾ رهندڙ پنهنجي ڀلاوٽي سان ملڪيتي مامرا نبيرڻ لاءِ وچ ايشيائي ملڪن جو سفر ڪيو هو. پر هُو اُتي بدقسمتيءَ سان واپس موٽڻ جي تياريءَ ڪندي ديهانت ڪري ويو. (69) هن وچ ايشيائي ملڪن ۾ پنهنجي مرڻ پڄاڻان ٻارهن هزار رپين جي جائيداد ڇڏي هئي، پر هن جي شڪارپور ۾ ڇڏيل ملڪيت ايڏي وڏي نہ هئي، ۽ اهو امڪان آهي تہ هُن کي مجموعي طور 'شاهہ' نہ چئي سگهجي. نموني ۾ شامل واپارين کي ڏسندي هيءَ ڳالهہ سامهون اچي ٿي، تہ هنن پنهنجو واپار گماشتي جي حيثيت سان شروع ڪيو هو ۽ پوءِ واپار منجهان ڪجهہ ناڻو ڪمائي 'شاهہ' بڻجي ويا هئا. تنهنڪري، اهڙن ماڻهن جو ميڙ بہ موجود هو، جيڪي پنهنجي موڙيءَ ڪانسواءِ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن روانا ٿيا هئا، ۽ اُتي هنن ڪي پنهنجو ڀاڳ آزمائي ڪک مان لک ناهڻا پيا. انهيءَ ڳالهہ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندي هي ڳالهه ڏيان ۾ ايندي، ته اها اڪثر واپارين لاءِ ڪا گهڻ حاصلات نه هئي، جو هنن مٿي پڇاڻان وڏيون جائيدادون ڇڏيون. هي ڳالهه ڏيان ۾ آڻجي، ته وچ ايشيائي ملڪن کان شڪارپور ڏانهن موڪلجندڙ اڪثر رقم، رڳو ملڪيتي مُلهه جي هڪ حصي جي نمائندگي ڪندي هئي؛ ڪجهه مقدمن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، ته اختيارين طرفان جائيدادن جي سموري رقم ضبط يا خردبرد ڪئي ويندي هئي. تنهنڪري جائيداد جي ڪٿيل ماليت عام طور وارثن کي گهٽ ملندي هئي. وارثن طرفان اختيارين آڏو ظاهر ڪيل ماليت کي ڏيان ۾ آڻبو، ته اُن جو نتيجو مختلف ڏسڻ ۾ ايندو؛ مسئلو هي آهي ته اهڙو ڪوبه طريقو نه آهي، جنهن مان پتو پوي ته اُهي تخمينا صحيح آهن، جو ته اُهي تخمينا عام طور بُدسُد تي لڳايل هوندا هئا.

113 جائيدادن جي ڪُل ماليت 3,88,138 ربيا هئي. انهيءَ ماليت مان 1,98,864 ربيا وچ ايشيائي ملڪن مان سرڪاري ذريعي وسيلي چاهتر جائيدادن جي وارثن ڏانهن منتقل ڪيا ويا، جڏهن ته بقايا خرچ ۽ ليکي چوکي ڪانپوءِ وراثتي دستاويزن موجب، شڪارپور ۾ انهتر جائيدادون هيون، جيڪي گهڻن واپاري جي ديهانت کان اڳ وچ ايشيائي ملڪن مان شڪارپور ڏانهن موڪليل رقمن تي مشتمل هيون، ۽ ڪجهه رقمون وري شڪارپوري صرافن جي فرمن ۾ جمع ٿيل هيون (وڏاءَ ڪارڻ هتي رقم نٽي ڄاڻائجي).

ڪجهه انفرادي جائدادن تي ڏيان ڏيڻ سان ويچار کي سُڌارڻ ۾ مدد ملندي. نموني ۾ سڀ کان وڏي جائيداد موهن داس پُٽ جنجي مل جي ڄاڻايل هئي (70)، جيڪو بخارا رياست جي وچئين علائقي جي شهر ڪِتب ۾ 1907ع ۾ ديهانت ڪري ويو هو، جتي هو اٺتيهه سال رهيو، جنهن مان هي معنيٰ ٿي نڪري، ته هو ديهانت وقت پنجاهه يا سٺ جي وهيءَ ۾ اوُس هوندو. شڪارپور ۾ هن جي وارث پاڻتيي طرفان ڄاڻايل ملڪيت بيشڪ جهجهي ماليت جي هئي. هُن جي هڪ لک ويهه هزار بخارا تنگا اوڌر يعني ٽيهه هزار ربين تي مشتمل هئي 'ڪِتب' جي واٽي شايد شڪارپوريءَ تي اوڌر، 'ترڪَن ۽ پناڻن' شايد زميندار، جن جون ڪتب جي ڀرپاسي زميني ملڪيتون هيون، تن تي رهيل پئسن سميت تن گماشتن ڏانهن رهيل اوڌر به شامل هئي. تنگا ۽ طلا (بخارا جو سونو سِڪو) جي صورت ۾ چگُي رقم به هئي. هن جي پلاوٽن وٽ 'هيرا جواهر ۽ ريشمي ڪپڙو'، هُنڊيون ۽ رسيدون، جن جي ماليت جي ڄاڻ نه آهي، متي ڄاڻايل علائقي ۾ وڏي ماليت جون ڀرپاسي واريون 'زمينون، باغ ۽ سرائين سميت اُنّ ۽ ريشمي وکر' شامل هو. هي جائيداد شهري واپاري- صراف جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجموعي ملڪيت هئي، جيڪا هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ڪمائي هئي. مزي جي ڳالهه هيءَ آهي، ته هن جي شڪارپور ۾ موجود ملڪيت به، ٻن مقامي ٻئنڪن ۾ جمع ڪرايل گهٽي رقم تي مشتمل هئي، جنهن مان ڪيس وڏو نفعو ملندو هو، جنهن جي هيءَ معنيٰ ٿي، ته اها رقم گهٽو عرصو اڳ موڪلي وئي هئي. هندستان ڏانهن موڪليل اصل رقم جي ماليت 1885 پائونڊ يعني 28500 رپيا هئي، جيڪا رقم وارثن طرفان دعويٰ ڪيل رقم سان گهٽ يا وڌ ٺهڪجندڙ آهي. جنهن جو هي مطلب آهي، ته هن مقدمي ۾ سرڪاري سرشتي ڪافي مناسب اهليت سان ڪم ڪيو، يا ڪردار نڀايو. هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻ جي قابل آهي، ته ان شخص پنهنجي سڄي ڄمار وچ ايشيائي ملڪن ۾ گهاري ۽ هُو اولاد بنا گذاري ويو ۽ پنهنجي ڏاڏاڻي آڪهه ۾ پاڻتيي لاءِ وڏي جائيداد ڇڏي ويو. شاندار ڳالهه هيءَ آهي، ته وچ ايشيائي ملڪن مان شڪارپور ڏانهن باقاعدي رقم موڪلڻ سميت، هُن جي شڪارپور ۾ موجود به سؤ رپين تي مشتمل ڏاڏاڻي ملڪيت به هئي. هن ڳالهه جو گهٽو امڪان آهي، ته موهن داس 1860ع ڌاري پنهنجي موڙيءَ بنا، ڪنهن شڪارپوري واپاريءَ جي گماشتي جي حيثيت سان، شڪارپور مان ڪهي وچ ايشيائي ملڪن ۾ آيو هوندو: گهٽو امڪان آهي ته هُو نسبتي طور غريب گهراڻي جو ننڍو پُٽ هو. تنهنڪري، هن جي آکاڻي ڪنهن به ورجاءُ بنا ڪامياب مثالي ڪهاڻي آهي.

ساڳئي سال 1907ع ۾ بخارا رياست جي هڪبئي علائقي جي ڳوٺ ڪسلڪ قازان ۾، هيمراج پُٽ پوڄراج نالي شخص ديهانت ڪري ويو ۽ پنهنجي پويان وڏي دولت ڇڏي ويو. هو اُن ڳوٺ ۾ رهندڙ پهريون هندو هو، جيڪو اُتي ٽيهه ورهين تائين رهيو، ۽ هن کي مقامي مسلمانن پئسن جي ڏيتي ليتي تي ٿيل تڪرار تي (يا ڪنهن عورت بہ) جي بنياد تي قتل ڪري ڇڏيو. هن جي جائيداد ستهٺ هزار تنگن تي مشتمل هئي، جنهن جو اڌ روڪڙ جي شڪل ۾ اڌ اناج ۽ ٻئي وکر جي روپ ۾ هو، جنهن جي امڪاني معنيٰ هيءَ آهي، ته اُها جائيدار زرعي زمين ۽ رهائشي جاءِ تي ٻَڌل هئي. هن جي اناج جو وڏو حصو ڪڻڪ، جَوَ ۽ ٻين جنسن تي آڌاريل هو. هُو واضح طور تي ٻهراڙيءَ ۾ وياج تي قرض ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندڙ هو ۽ ڏورانهن ڳوٺڙي ۾ رهندو هو، جيڪا صورتحال ڪنهن به جوکي کان آجي نہ هئي. اڳوڻي شخص جيان هيءُ پڻ ڇڙو گذاري ويو ۽ شڪارپور ۾ موجود پنهنجي وڏي ڀاءُ لاءِ پندرهن هزار تنگن جي ملڪيت ڇڏي، ڇڙو ء لاولد ديهانت ڪري ويو. هن جي شڪارپور ۾ ملڪيت ٿورڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جيڪا رُڳو جمع ڪرايل چار سؤ رپين تي مشتمل هئي، هو واضح طور باقاعدگيءَ سان پنهنجي ڪمائيءَ جو ياڳو نہ موڪليندو هو.

اِهي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ’گهڻو عرصو ترسڻ‘ ۽ اُتي سچي حياتي گهارڻ ۽ پنهنجي وڏي ملڪيت هوندي گذاري وڃڻ جا بہ مثال آهن. منجهانئن ٻئي واپاريءَ کي تڏهن قتل ڪيو ويو، جڏهن هُن امڪاني طور شڪارپور ڏانهن ورڻ جي تياري پئي ڪئي، جنهن حقيقت مان اندازو لڳائجي ٿو، تہ هُن جو ڪنهن تي بہ رهيل قرض نہ هو.

بين واپارين ٿورڙي وقت ۾ ئي وڏي رقم ميڙي ورتي. اهڙيءَ ريت، 1902ع ۾ ديهانت ڪندڙ ڏيپوسنگهہ ولد جيناسنگهہ نالي شخص بخارا رياست جي شهر چراڪچي جو رهواسي هو، سو ديهانت تائين اُتي رُڳو ڇهہ سال رهيو هو. هن جو اصل ڌنڌو واپار- صرافڪو هو، ۽ هن جي جائيداد جي ماليت ستٽيهہ هزار ٽينگا هئي، جيڪا اڌ ڪٽڪ ۽ جَوَ ۽ باقي رهيل قرض تي مشتمل هئي.

هُن جو اُتي ٿورو عرصو رهڻ جي سولائيءَ سان وضاحت هن حقيقت سان ڪري سگهجي ٿي، تہ هن شادي ڪئي هئي ۽ سندس سمورا ست پُٽ ساماڻل هئا، جنهن جو هي واضح اشارو آهي، تہ هو وچ ايشيائي ملڪن ۾ هڪدم شاهوڪار بنجڻ جو آسروند ٿيندي، ساماڻجڻ ڪانپوءِ ئي آيو هو. هن جي شڪارپور ۾ جائيداد جي ماليت رُڳو هڪ هزار رپيا هئي ۽ جيتوڻيڪ هُن جي چيراڪچي ۾ ڇڏيل جائيداد جي ماليت ست هزار رپيا هئي، تنهن هوندي بہ اُها وڏي ڪٽنب لاءِ ايڏي گهڻي ملڪيت نہ هئي. ڪجهہ اهڙا بہ واپاري هئا، جيڪي اُتي گهڻو عرصو رهندي بہ ايڏي دولت نہ ماڻي سگهيا هئا. اهڙيءَ ريت، بخارا جي شهر ڪاترجي ۾ چاليهہ سالن تائين رهندڙ نارائڻداس پُٽ مورجمل 1908ع ۾ (نموني مر گهڻو عرصو رهندڙ) ۾ گذاري ويو، تنهن پنهنجي پاڻتيي لاءِ رُڳو پنج هزار رپين جي ملڪيت ڇڏي. هن جي جائيداد گهڻو ڪري ’ڪيترن هندوئن‘ ڏانهن رهتن سميت روڪڙ، هيرن جواهرن ۽ سونن زيورن تي مشتمل هئي. هن جو ڌنڌو خاص ڪري صرافڪو نمونو هو.

اهڙا بہ واپاري هئا، جن مُئي پڇاڙان پنهنجي پويان ڪابہ جائيداد (بلڪل ٿورا مقدما) نہ ڇڏي هئي، يا هنن پويان ايتري تہ ٿورڙي جائيداد ڇڏي هئي، جو سندس وارثن ان کي وٺڻ لاءِ جيڪو خرچ ڪيو، تنهن مان خرچ جو پوراءُ بہ نہ ٿيو. ڪجهہ مقدمن ۾ وارث مختلف ڪارڻن ڪري دعوائون ڪندي بہ جائيداد جو ٿورڙو حصو وٺي سگهندا هئا. روسي ذريعن وٽان مليل ڄاڻ هيٺ، هڪ شخص بي سوپيا بي ڊجوبا نالي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو، جيڪو 1882ع ۾ فرغانا رياست جي شهر خوقند ۾ قتل ڪيو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، ۽ هن جي مختلف دستاويزن تي بَدَل جائيداد سندس واجبات کان به گهٽ هئي. امڪان هي آهي ته هو گماشتو هو ۽ هن جي 'شاهه' حقيقت ۾ متس رهت هجڻ واري دعويٰ ان لاءِ ڪئي هئي، ته جيئن هُو سندس جائيداد ڦٻائي. ڪجهه ذاتي واهپي جي شين جا تفصيل به دستاويزن ۾ شامل ڪيا ويندا هئا. جنهن مان سندن ڏاڍي رحم جوڳي حالت نروار ٿئي ٿي، جو منجهائن بلڪل ٿورڙين ذاتي استعمال جي شين سان رهندڙ ماڻهوءَ جي دنيا تي روشني پوي ٿي. سا هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن بابت ڪو شخص نتو چاهي ته هنن کي نقيقي غربت چئجي يا ذاتي انڪار جاتائجي.

هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ آڻجي، ته سرڪاري ذريعن وسيلي بخارا ۾ وراثتي جائيدادن جي ماليت جو اندازو ڪرڻ رُڳو ڪَنّ جو پٽڪو هوندو هو. ڪو ماڻهو رڳو هي قياس ڪري سگهندو هو، ته ڪيتري رقم منتقل ٿي سگهندي. اصل ۾ وچ ايشيائي ملڪن کان شڪارپور ڏانهن بيشڪ هر سال ڪيتروئي ناڻو موڪليو ويندو هو، يا فوتي واپارين جي جائيدادن جي منتقليءَ جي ڪاتن وسيلي يا واپارين طرفان پنهنجي ڪمائيءَ جو حصو، پنهنجي ڪٽنب يا شاهه- واپاري ڏانهن گهٽي رقم هنڊيءَ وسيلي موڪلي ويندي هئي، جيڪا وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري ٻنڪار- صراف پنهنجي شڪارپور جي شاهه- صراف جي نالي تي جاري ڪندا هئا. پر اٽڪل 1890ع کان اڳ واپاري سونَ به واپس کڻي ايندا هئا؛ بخارا جو طلا غيرمعمولي طور نج سون جو سڪو هوندو هو، جنهن تي شڪارپور ۾ نفعو به ملي ويندو هو. ٻئي پاسي شڪارپور کان وچ ايشيا ڏانهن امڪاني رقمون، هُنڊين وسيلي موڪلڻ بابت ڪجهه به چاڻ نه آهي. جيڪي پلاوٽا وچ ايشيائي ملڪن لاءِ روانا ٿيندا هئا، تن وٽ رُڳو پنهنجي سفري خرچ لاءِ رقم هوندي هئي؛ اُهي پنهنجي شاهه- صراف کان هُنڊين وسيلي اُهي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ قرض وٺندا هئا. هن ڳالهه جو اشارو ملي ٿو، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري گهڻو ڪري پنهنجي سيڙايل ناڻي مان ئي نفعو، روسي ٻئنڪن کان ورتل قرضي ناڻي ڪانسواءِ ڪمائيندا رهيا آهن، ۽ مقامي طور ڪمايل نفعي مان اصل رقم جي ادائيگي ڪندا هئا. انهيءَ جو پتو نٿو پوي، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپورين جو ڪاروباري وهنوار سرحدي علائقن ۾ سونَ جي 'لڳاتار زيان' ڪارڻ ٿيو، جيئن 1913ع ۾ ڪينز چاتايو هو. (75) جيئو وجي ٿو، ته هندستان کان برآمد ٿيندڙ سون وسيلي هڪ سرحد کان ٻي سرحد تائين تجارت جي کوٽ ۾ سيڙپ ڪئي وئي، جنهن جو 12-1911ع ۾ ڪاٿو ٽيهه لک ربيا لڳايو ويو. ٻئي پاسي انهيءَ ڳالهه جو به گهڻو امڪان آهي، ته پشاور ۾ رهندڙ شڪارپوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئنڪار- صراف. ڪابل ۽ قنڌار سان لاڳاپي سبب، افغانستان کان هندستان درآمد ٿيندڙ مال جي ادائيگي لاءِ، سون جي برآمد ۾ گهڻو ملوث هئا. بهرحال، درآمد ڪندڙ گهڻو ڪري پشاور جا مسلمان واپاري هوندا هئا. جيڪي وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن چاءِ برآمد ڪندا هئا. هي ڳالهه هڪڙي پاسي وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ شڪارپوري واپاري- سرشتي ۾ ڪجهه خاص حصن پنين ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جيڪو شڪارپور جي ويجهڙائيءَ کان ضابطي ۾ رهيو، ۽ ٻئي پاسي هندستان ۽ افغانستان وچ ۾ واپاري سيڙپڪاري رهي، جنهن جو شڪارپوري نسل جي مقامي صرافن طرفان پشاور کان انتظام ڪيو ويندو هو.

وراثتي دستاويزن مان رڳو واپار جي حقيقي وهنوار جي جهلڪ جو پتو پوي ٿو، پر منجهائڻ هن ڳالهه جو انڪشاف ٿئي، ته اُهو روسي انقلاب وارن ڏينهن ۾ به مڪمل عمل هيٺ هو. انقلاب وارو عرصو پاڻ ٽنين قسمن جي دستاويزن کي سامهون آڻڻ جو نتيجو ثابت ٿيو، جيڪي شڪارپوري واپارين، برطانوي اختيارين وٽ اُن اُميد سان دعوي ڪندي جمع ڪرايا هئا، ته پوءِ روسي اختياريون کين معاوضو ڏينديون. جيتوڻيڪ اهڙين دعوائن کي خاص احتياط سان ڏسڻو آهي، ڇوته سندن صداقت جي پرک جو ڪو طريقو نه آهي. تنهن هوندي به اُهي دستاويز شڪارپوري واپار جي گهڻ- رُخي ماهيت تي جهاتي وجهن ٿا، ته انقلابي مشڪلاتن هوندي به واپار جاري هو. اهڙيءَ ريت، ١٩-١٩١٨ع ۾ بخارا ۾ ڪرمانيا لڳ، جيڪو ڪنهن وقت ريڊ آرميءَ ۽ وائيٽ آرمي' جي اتحادي بخارا فوج وچ ۾ ٿيندڙ ويڙهه جو مکيه محاذ هو، ويڙهه ۾ گهيرجي ويل واپارين لڳاتار دعوائون داخل ڪيون. پتو پوي ٿو، ته ڪجهه شڪارپوري واپارين گهٽي مال وکر سان گڏ سفر پئي ڪيو. هرجاڻي لاءِ ١٩١٨ع ۾ اختيارين وٽ ڇهه دعوائون جمع ڪرايون ويون (76)، جنهن مان پنجن لکن.کان به وڌيڪ ماليت جي پنجن دعوائن جو واسطو ڪرمانيا علائقي سان هو: دعوائن ۾ گودام ۾ پيل وکر جي ماليت جو ڪاٿو ساڍا ٽي لک روپيا لڳايو ويو. ١٩١٨ع ۾ بگڙيل حالتن کي ڏيان ۾ آڻيندي، خيال ڪبو ته واپاري وکر جي ماليت عام حالتن ۾ وڏي به سگهي پئي. شڪارپوري جن شين جو واپار ڪندا هئا، سي جنس ۾ مختلف ۽ گهڻن جاين تي ڦهليل هونديون هيون. هڪ ٻئي دستاويز مان ضمني ڄاڻ ملندي پتو ٿو پوي، ته سمرقند ويجهو جيزاڪ شهر ۾ هڪ شڪارپوري تجارتي فرم موجود هئي. انهيءَ مان پڌرو ٿو ٿئي، ته اُها فرم 1860ع ۾ جوڙي وئي هئي ۽ اُها اناج ۽ ڪپهه جي واپار ۾ 1914ع تائين سرگرم هئي، جڏهن روسي اختيارين ان خلاف قدم کنيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنھنڪري فرم جي سينيي لنڊن ۾ پرائيوي ڪونسل آڏو ان عمل خلاف شڪايت ڪئي. (77) شڪارپوري واپارين طرفان وياج تي قرض ڏيڻ ۽ اناج جي واپار سميت، بخارا رياست ۽ ترڪستان رياست ۾ وڏي سطح تي واپاري سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جا به اشارا ملن ٿا. 1900ع ۾ ڪليڪٽر شڪارپور ڪاٿو لڳايو(78)، ته شڪارپوري واپارين جي وچ ايشيائي ملڪن ۾ سالياني ڪُل آمدني ڏيڍ لک روپيا هئي. بهرحال، شڪارپوري واپاري روسي وچ ايشيائي ملڪن تائين محدود نه هئا. پر اُهي افغانستان، ڏکڻ- اوڀر ايران ۽ ڏاکڻي سنڪيانگ (ڪاشغر) ۾ به سرگرم هئا.

## شڪارپورين جون ايران، افغانستان ۽ سنڪيانگ ۾ واپاري سرگرميون

شڪارپوري واپارين جي مٿئين علائقن ۾ سرگرمين بابت، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ وراثتي دستاويزن جي ڀيٽ ۾، ڪي دستاويزي ثبوت سامهون نه آيا آهن. روسي وچ ايشيائي ملڪن کان ٻاهر شڪارپوري واپارين جي سرگرمين بابت ڪارائتو ذريعو ڪاشغر ايجنسيءَ جون ڊائريون آهن، جيڪي ڪاشغر قونصليٽ ۾ لکيون ويون. اُهي ڊائريون ٿورڙو تفصيلي چاڻ مهيا ڪن ٿيون، جيتوڻيڪ منجهن شڪارپوري واپارين جو ڏاکڻي سنڪيانگ، يا ڪاشغر (اُتي ايڏي وڏي علائقي ۾ شڪارپوري واپارين جي موجودگيءَ جي ڪا به شاهدي نه ملي آهي،) ۾ شڪارپوري وياج تي ناڻو ڏيندڙن جي سرگرمين جو انتهائي مخالفاڻو ذڪر ڪيل آهي، تنهن هوندي به 1890ع کان 1940ع تائين اُتي شڪارپوري واپاري رهيا، ۽ پوءِ اُتي ڪو به واپاري نه رهيو.

جيتوڻيڪ برنس 1837ع ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ يارقند جو اهڙي علائقي جي حيثيت سان ذڪر ڪيو آهي، جتي شڪارپوري واپارين جا گماشتا هئا، پر پوءِ وارن برطانوي دستاويزن جهڙوڪ: 1873ع ۾ (79) يارقند واري مهم جي تفصيل ۾ اهڙو ڪو به ذڪر ٿيل نه آهي. اهو 1890ع وارو سال آهي، جڏهن شڪارپوري واپارين جو 'نون والاريل علائقن جي ڏاکڻن علائقن ۾ موجودگيءَ' جو چڱو پتو پوي ٿو. رڳو اهي انهن علائقن ۾ اڪيلا واپاري نه هئا، پر اُتي ٻيا مکيه هندستاني واپاري به هئا. هندستان ۽ سنڪيانگ وچ ۾ ڪراڪورم لڪ (80) وسيلي ٿيندڙ واپار تي حقيقي طور هوشيارپور شهر جي پنجابي هندو واپارين جو ضابطو هوندو هو. ڪشميري واپاري به باقاعدگيءَ سان سنڪيانگ ڏانهن سفر ڪندا هئا. انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ نه آهي، ته ڇا 1890ع ۾ جيڪي شڪارپوري واپاري سنڪيانگ ۾ آيا هئا، سي پاڙيسري روسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترڪستان کان فرغانا جي اوڀرندي شهر اوش واري رستي کان ٿيندي، ڪاشغر ۽ يارقند آيا هئا. يا وري اُهي شڪارپور کان ڪشمير وسيلي، برطانوي اختيارين طرفان چيني شهنشاهيت جي ان اولهندي علائقي ۾ آچيل موقعن کان متاثر ٿي، سڌو اُتي آيا هئا. جڏهن 1900ع ۾ ميڪارٽني ڪشمير ۾ قائم ريزيڊنٽ جي ماتحت ڪاشغر ۾ چيني مامرن لاءِ اسپيشل اسسٽنٽ طور پنهنجي عهدي جو انتظام سنڀاليو، ته هن پنهنجي مکيه عملدارن ڏانهن ان علائقي ۾ برطانوي مفادن بابت هڪ تفصيلي رپورٽ اُماڻي، جنهن ۾ هُن اُتي 130 شڪارپوري صرافن جي موجودگي ڄاڻائي آهي (81). پنجن سالن کان پوءِ هنن جو انگ چار سؤ تائين پهچي ويو، ۽ 1907ع ۾ اُهي پنج سؤ چڙهيا ٿي ويا. (82) ميڪارٽني جي اسسٽنٽ شٽل ورٿ جي ڏنل ڄاڻ موجب، انهن واپارين مان ست سيڪڙو پلاوٽا هئا، جيڪي قرض اوڳاڙڻ لاءِ مقرر ٿيل هئا، ۽ وٽن پنهنجي ڪابه موڙي نه هئي. (83) انهن پلاوٽن مان ڪن جو 'خراب ڪردار' جي حيثيت سان ذڪر ڪيو ويو آهي، جن تي شڪارپور جي مقامي ڪورٽ ۾ 'گهرن کي ڪاٽ هٽڻ' جا مقدما هلندڙ هئا. هنن جو مقامي آبادين سان قرض اوڳاڙڻ جي ڏس ۾ جبر، خاص ڪري سندن عورتن ۽ ٻارن کي ضمانت طور جهلي پاڻ وٽ گروي رکڻ، ايگهُور هارين جي شديد احتجاج جو ڪارڻ بڻيو. (84) جيڪا ڳالهه چيني اختيارين، برطانوي قونصليت اختيارين جي ڌيان ۾ آندي هئي. شڪارپوري واپارين جي مسئلن کي مُنهن ڏيڻ، مقامي برطانوي نمائندن جي روزانو سرگرميءَ جو حصو بڻجي ويو. شٽل ورٿ ڇڙ ۾ لکيو: 'شڪارپوري واپاري، ديواني تڪرارن کي نبيرڻ لاءِ مقرر مقامي چيني مئجسٽريٽ سان ڪوبه سهڪار نٽا ڪن ۽ اُهي مئجسٽريٽ کي جيڪا تڪليف رسائين پيا، سا سهپ کان ٻاهر آهي. آءٌ ۽ مئجسٽريٽ سندن قرضن جي اوڳاڙيءَ ۾ واهر لاءِ بلڪل تيار آهيون، پر هنن 'ڳجهن' کي آئت ملڻ ڏکيو آهي. آءٌ ڪنهن اهڙي نسل سان ورلي مليو آهيان، جن ۾ ايڏا گهٽ چڱا نُڪتا يا خاصيتون هجن: هيءَ حقيقت ۾ ڏڪار جوڳو نسل آهي.' (85) هنن جي لوڏ کي روڪڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، ۽ منجهائن ڪجهه واپارين کي هندستان پڻ موٽايو ويو. ايئن 09-1908ع تائين منجهائن اڌ کي واپس موڪليو ويو، ۽ پوءِ به منجهائن ڪجهه واپس موٽي آيا. تنهن هوندي به هي اشارو ملي ٿو، ته ڪاشغر ۾ شڪارپوري برادريءَ جو سلسلو وڌڻ بند ٿي ويو. بهرحال، اُهي اُتي 1930ع تائين سرگرم رهيا، پر جڏهن 1933ع ۾ چيني - مخالف بغاوت ڪيترن ئي شڪارپورين جي موت ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ بڻي. تاريخ جي ان باب جي اٽڪل پڄاڻي ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1890-1933ع ۾ شڪارپوري واپار سنڪيانگ ۾ مڪمل طور موقعي پرستيءَ واري واپار جو مزيدار مثال پيانئجي ٿو. هي ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ شڪارپوري واپاري سنڪيانگ ۾ قرضن. ظاهري طور جوا جي مقصدن لاءِ. جي طلب جي گهُرج سبب ڇڪجي آيا هئا. جيڪا ڳالهه مقامي مسلمان واپارين ۽ پرڏيهي افغانين ۽ ڪشميري مسلمان واپارين لاءِ مشروط معاهدي وسيلي پرڏيهي شهرين کي ملندڙ قانوني حفاظت سبب مڪمل طور مطمئن ڪندڙ نہ هئي. اُهي ننڍڙن انيڪ قرضدارن کي خاص ڪري وڏي وياج تي قرض ڏيڻ ۾ خاص مقام رکندا هئا. جيڪو وڌندڙ جوکي جو طريقو هو. برطانوي سياح (86) جي ذڪر موجب، جنهن سندن مروج طريقي تي رواجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو، پر هُن اُن ڳالهه جو ڏاڍي ويجهڙائيءَ کان مشاهدو ڪندي چيو، تہ اُهي سڄي ملڪ ۾ لڳندڙ عارضي بازارن ۽ ميلن جي موقعي کي استعمال ڪندا هئا. ۽ واپاري چار آني کان وٺي پنجن روپين تائين قرض ڏيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهه ڇِتي ٿيندي، تہ اُهي واپاري سڄي ڏاکڻي سنڪيانگ ۾ ڪيئن ڦهليا: شڪارپوري واپاري نہ رڳو يانگي حسار، يارقند، ڪارغلڪ، پوسگام ۽ گوما وسيلي اُن نخلستان جي مکيہ رستي وسيلي ڪاشغر کان ڪيريا وڃڻ سان گڏوگڏ مرڪيت ۽ مارال باشي وسيلي اڪسو کان يارقند سان ڳنڍيل غيراهم رستي وسيلي سميت خانرڪ جهڙن جابلو علائقن ۾ پڻ ويندا هئا. اُهي مختلف علائقن ۾ قرضين کي ڏنل قرض وٺڻ لاءِ هروقت گردش ڪندا رهندا هئا. جيتوڻيڪ مقامي هاري ڏاڍا غريب هوندا هئا. ۽ پنهنجو قرض واپس ڪرڻ ۾ گهڻي دير ڪندا هئا. پر شڪارپوري واپاري، مقامي قاضين ۽ چيني اختيارين کي رشوت ڏيئي ۽ مقامي برطانوي نمائندن تي دٻاءَ آڻي، قرضن جي ادائيگي جي رقم واپس وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. شڪارپوري واپارين جي سنڪيانگ ۾ ننڍي مُدي وارن قرضن جي موڙي واپس وٺڻ لاءِ جبر جي استعمال واري ڪردار تي نظر وجهبي، تہ اسان کي اُهي مڪمل طور تي وياج خور ڏسڻ ۾ ايندا. بهرحال، ڪجهہ واپاري وڪر وڪڻڻ جو ڌنڌو بہ ڪندا هئا، جو اُهي هندستاني وڪر جي پيٽ ۾ روسي ۽ مقامي مال جي وهنوار ۾ سرگرم هئا. (87) جائيدادي دستاويز، جيڪي روسي وچ ايشيائي ملڪن سان لاڳاپيل دستاويزن سان پيٽ جوڳا آهن، تن جي غيرموجودگيءَ (جنهن جو ڪارڻ هي هو، تہ ظاهري طور اُتي فوتي شڪارپوري واپارين جي ڇڏيل جائدادن جي هندستان ڏانهن منتقليءَ جو ڪو خاص مسئلو نہ هو،) سبب شڪارپوري واپارين جي سنڪيانگ ۾ هلندڙ واپار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متوازن فهرست جو ڪاٿو ڏکيو آهي. ڪجهه اهڙيون شاهديون مليون آهن، ته گورنر يانگ تزينگ- هزن (28-1911ع) جي دؤر ۾ سنڪيانگ کان قيمتي ڌاتوئن جي واپار ۾ شڪارپورين جو به وڏو حصو هوندو هو. (88)

وڌيڪ وضاحتي اشارا ڏاکڻي سنڪيانگ ۾ 1933ع ۾ ٿيل بغاوت، جيڪا اويغرندي ترڪستان جي عارضي جمهوريت جي اعلان جو ڪارڻ بڻي، تنهن سان لاڳاپيل دستاويزن مان ملن ٿا. (89) بغاوت دوران، جيڪا گهڻو ڪري چيني اختيارين خلاف هئي، شڪارپوري مختلف علائقن ۾ ميجريل ماڻهن جو شڪار ٿيا: منجهائن ڪي قتل ڪيا ويا ۽ ٻين جي ملڪيتن کي لُٽيو ڦُريو ويو. جڏهن ٻيهر امن بحال ٿيو، ته برطانوي قونصليٽ اختيارين برطانوي- شهري واپارين کي ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳائي، رپورٽ چيني اختيارين حوالي ڪئي. (90) مجموعي طور پنجويهه شڪارپورين جي ملڪيت کي نقصان پهتو، جنهن جو ڪاٿو به لک رپيا لڳايو ويو. لُٽيل ملڪيت ۾ روڪڙ ۽ ڪجهه حصو اناج، گهر ۽ ذاتي واهپي جون شيون شامل هيون. هن ڳالهه مان 1909ع کانپوءِ مقامي برطانوي نمائندن جي دٻاءُ هيٺ 'نج' وياجي وهنوار کان 'واپار- صراف' ڏانهن عڪاسي ٿئي ٿي. انهيءَ ڏس ۾ وڌيڪ اثرائتيون شاهديون ڪارگلڪ شهر مان ملن ٿيون. (91) اتي اَٺ شڪارپوري قتل ڪيا ويا ۽ ميجريل ماڻهن سندن مڪمل ملڪيتن کي ڦُريو ۽ لُٽيو. انهن ملڪيتن جو ڪاٿو 1,32,000 رپيا لڳايو ويو، يعني في واپاري سورهن هزار رپيا، جيڪا لنوائجڻ واري ملڪيت نه آهي. هن ڳالهه جي ڄاڻ ڪونهي، ته هنن اُها ملڪيت ڪيترن سالن جي جاکوڙ کانپوءِ ميڙي هئي، يا شڪارپور ڏانهن هُنڊين وسيلي ڪيتري رقم موڪلي هئي.

روسي وچ ايشيائي اختياريءَ هيٺ آيل ڪاشغر ڊائرين مان شاهدي ملي ٿي، ته سنڪيانگ ۾ شڪارپوري واپاري پنهنجين ننڍڙين وسندين، خاص ڪري سراين ۾ رهندا هئا، ۽ سندن ساڳي پنچائتي تنظيم هوندي هئي، جن ۾ شڪارپوري واپاري سموريءَ برطانوي- شهري آباديءَ جي نمائندگي ڪندا هئا. هندستاني اڪسڪال (مُکي) شڪارپوري هوندو هو، پر ڪجهه خاص علائقن ۾ مُکي عام طور ڪشميري مسلمان يا هوشيارپوري واپاري هوندو هو. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ فرق هي آهي، ته سنڪيانگ ۾ رهندڙ شڪارپورين وٽ 'مقامي قانون' هيٺ ڏالون هونديون هيون. (تنهنڪري هي قياس آهي ته سندن ٻار به هوندا). سنڪيانگ ۾ هيستائين رڳو هڪ وراثتي دستاويز سامهون آيو آهي، جنهن ۾ هڪ مزيدار ڳالهه شامل آهي. يارقند جي هڪ شڪارپوري واپاري، پنهنجي ياٺيوار جي نالي تي هڪ وصيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلي هئي، جنهن ۾ هُن ڄاڻايو هو، ته وتس سُريت عورت کي پيائيوار کي رقم ڏيڻي هئي. (92) سنڪيانگ ۾ رهندڙ شڪارپوري واپارين ۾ 'شهوتي معاشيات'، روسي وچ ايشيائي ملڪن سان پيٽ جي حيثيت سان، واري موضوع تي اڳتي لکبو.

سنڪيانگ ۾ واپار ڪندڙ شڪارپوري واپارين جي آڪاٽي مان پتو پوي ٿو، ته ڪيئن واپاري چاڙ سندن واپاري سرشتي ۾ گردش ڪندي هئي. معلوم ٿئي ٿو، ته جڏهن ڪاشغر ۾ برطانوي ايجنسي جوڙي وئي تڏهن شڪارپورين جو علائقي سان لاڳاپو بلڪل گهٽ هو. اهو نٿو معلوم ٿئي، ته سفر جون ڏکيائيون ۽ پريشانيون، جنهن ۾ ڪيترائي اُتانهان لڪ لنگهڻا پوندا هئا يا ٽيليگراف وسيلي رابطي جي غير موجودگيءَ به مايوس ڪندڙ عنصر رهيو آهي. هيءَ ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته هنن جي واپاري موڙي گهڻو ڪري، يا شڪارپور کان يا وري روسي علائقن مان ايندي هئي، پر پوءِ اُهي واپاري تيزيءَ سان پنهنجي پيرن تي بيهي ويندا هئا، جو اُهي ڪمايل نفعي جي حصي مان ڪجهه وري نَون فرمن ۾ سيڙائي ڇڏيندا هئا. اڪثر قرضن جي نندي حيثيت کي ڏسندي هي چئبو، ته اوائلي سيڙپڪاريءَ جي پرڏيهي ڳُرج ايڏي گهڻي نه رهي هوندي. سنڪيانگ ۾ شڪارپوري واپاري ڦهلاءُ کي سهولت ملڻ جي حقيقت هيءَ هئي، ته اُتي روسي ترڪستان جيان ڪرنسي سرشتو ساڳيو هو، جو روسي روبل ۽ مقامي تِنگا قانوني واهپي ۾ هوندا هئا. جڏهن ته پتو پوي ٿو، ته چيني ٽئيل رُڳو ڳڻجندڙ ڪرنسيءَ طور واپرائبو هو. سنڪيانگ ۾ شڪارپوري واپاري مهم جي ڏس ۾ ڪو شخص هي نتيجو ڪڍي سگهي ٿو، ته برطانوي اختيارين طرفان واپار کي هٿيءَ ڏيارڻ جي ڪوشش لاءِنمائندا رکڻ موقعي پرستي هئي، ته جيئن اُتي روسي چُرپر تي ويجهڙائيءَ کان جائزو وٺي سگهجي.

هي برطانوي اختيارين جي ان علائقي ۾ پير رکڻ جي موقعي پرستاڻي چال هئي، ته ان جو مقامي سطح تي ڪو پائيدار اثر نه ٿيو (شڪارپوري واپارين ۽ مقامي ٻُوگهر عورتن، جنهن ڏِر جي مشهور ادب ۾ پنهنجو ڏيان نه ڇڪايو آهي، وچ ۾ عارضي سُنبنڌ جي پيداوار هينئين طبقي يا اڇوت طبقي جي اُيرڻ کانسواءِ).

شڪارپوري واپارين جي افغانستان ۽ ايران ۾ ملوث هجڻ جي ڊگهي تاريخ آهي. حقيقت ۾ هي ڳالهه اڳيئي ڄاڻايل آهي، ته شڪارپوري واپارين جو واپاري سرشتو، دراني شهنشاهت واري وقت کان 'افغان واپار' جي حيثيت سان شروع ٿيو هو ۽ هي ڳالهه نروار آهي، ته افغانستان سان ويجها لاڳاپا سڄي اوڻيهه صديءَ دوران ۽ ويهين صديءَ جي اڌ تائين برقرار رهيا. بهرحال، شڪارپوري واپارين جي افغانستان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگرمين بابت رڳو ضمني شاهديون سامهون آيون آهن. هي ڄاڻ ملي ٿي ته سمورن مکيه افغان شهرن ۽ گهڻت آباديءَ وارن ننڍڙن واهڻن وستين ۾ به شڪارپوري واپارين جون بازارون، هٽ يا دڪان هوندا هئا. پاڻنجي ٿو ته شڪارپور کي ويجهو هئڻ ڪارڻ قنڌار، وڏن شاهوڪارن ۽ گهڻو سرگرم شڪارپوري واپارين کي افغانستان ۾ پناهه ڏني آهي. ڪابل ۾ برطانيا جي مقرر گماشتي امير حبيب الله خان (93)، 1907ع ۾ لکيل افغانستان جي سفر واري بيان ۾ ڪجهه مزيدار ڄاڻ ڏئي ٿو. قنڌار جي هندوئن ۾ 'چهه مکيه ماڻهو' ڄاڻايل آهن، جن مان پنجن ڄڻن جا نالا ڏسندي، پتو پوي ٿو ته اُهي شڪارپوري واپاري هئا. سيني کان شاهوڪار فقيرچند بابت چيو وڃي ٿو ته هن وٽ، بئنڪار جي حيثيت ۾ ڪارونهوار سميت ڇهه لک رپين جي روڪڙ ماليت هئي. ويهين صديءَ جي اوائل ۾ گريگورين موجب، هندو (جنهن ۾ شڪارپوري خاص طور تي بيان ٿيل آهن، جيتوڻيڪ هي ڳالهه پنجابي سِکن ۽ هندوئن تي به لاڳو ڪري سگهجي ٿي)، هرات، ڪابل ۽ قنڌار ۾ سڀ کان وڌيڪ، گهڻا ۽ شاهوڪار واپاري طبقو هئا (اٽڪل ست سؤ هندو،) ۽ هنن جون بلخ، غزني، سبزوار، تشغرگان ۽ مائيمان ۾ واپاري وسنديون هيون، جيڪي گهڻو ڪري برآمدي واپار ڪندا هئا. (94). پر هيءَ ڳالهه واضح نه آهي، ته افغانستان ۽ شڪارپور وچ ۾ ڦرندڙ گهرندڙ اصلي موڙيءَ جو انگ ڪيترو هو، خاص ڪري جڏهن شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ٻيا رستا وڌيڪ مشهور ٿيا. شڪارپوري واپاري عبدالرحمان جي حڪومت ۾، رياست طرفان محصولن جي واڌاري ۽ واپارين تي ضابطي وارن ورتل اُپائن سان ضرور متاثر ٿيا هوندا. بهرحال، روسي انقلاب کانپوءِ روسي وچ ايشيائي ملڪن مان شڪارپورين جي ٽڙڻ وارين ڪجهه شاهدين مان هي اشارو ملي ٿو، ته شڪارپوري واپاري- سرشتو 1930ع تائين به انهن علائقن ۾ سرگرم هو.

گڏوگڏ شڪارپوري واپارين وارو واپاري- ڄار ڏکڻ اوڀرندي ايران ۾ ڦهلجڻ هڪ ٻي ڏار ڪهاڻي آهي. اسٽيفن ڊيل اوڻيهه صديءَ ۾ ايران، جتي خاص ڪري اصفهان واپاري مرڪز هو، ۾ وڏي پيماني تي ملتاني واپارين جي سرگرمين جو ذڪر ڪري ٿو. جارج فورسٽر موجب ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، اُهي سرگرميون گهڻو ڪري ملڪ جي اوڀرندي علائقن تائين محدود هيون، ۽ ترشش ملتاني واپارين جو مکيه اولهندو واپاري مرڪز هو، ۽ جن جون ٻيون وسنديون مرشد، يزد، ڪاچان، ڪاسبن ۽ ڪيسپيئن سامونڊي ڪنارن جي ڪجهه ڀاڱن ۾ قائم ڪيون. هوڏانهن، ڏسجي ٿو ته ايران ۾ شڪارپوري واپارين جون سرگرميون، اوڻيهه صديءَ جي پڇاڙيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ء ويهين صديءَ جي اوائل ۾، جاگرافيائي خيال کان ٿورڙو محدود هيون، ء گهڻو ڪري بندر عباس ۽ ڪرمان ۾ پرپاسي زور هيون. بندر عباس ۾ هندو برادريءَ جو 1900ع ڌاري انگ اٽڪل چاهٺ هو. (95) لڳي ٿو تہ منجهانئن گهڻا شڪارپوري هئا، جيڪي شڪارپوري فرمن جا گماشتا هئا، ء 1902ع وچ عرصي ۾ مقامي برطانوي قونصل جي بي. ايم. اسڪاءِ، ڪرمان ۾ جن ويهہ برطانوي هندستاني واپارين جو ذڪر ڪيو آهي، سي سمورا شڪارپوري هئا. (96) آءٌ هي ڳالهہ پڌري ڪرڻ ۾ اهل ٿي نہ سگهيو آهيان، تہ شڪارپورين هن ماڳ تان واپار ڪڏهن شروع ڪيو هو. هڪ عدالتي دستاويز (97) ۾ شڪارپور جي هڪ 'ڪروڙپتي' فرم، جيڪو شايد هڪ صديءَ کان وٺي واپار ڪندڙ هو، جي موجودگيءَ جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن مان هي اشارو ملي ٿو، تہ اُهو فرم 1830ع ڌاري ٺهيو هو. هن ڳالهہ جي شاهدي ملي ٿي، تہ ويهين صديءَ جي اوائل ۾ شڪارپوري واپاري جي هن خاص شاخ ڪراچي ء بمبئي جي وڏين برطانوي فرمن (جيئن فوربس، فوربس ڪيمبيل) جي مکيہ نمائندي جي حيثيت سان، ڏاکڻي ايران جي مارڪيٽ ۾ برطانوي ۽ هندستاني ڪپڙي جو وکر وڪڻڻ لاءِ پاڳو پئي ورتو. شڪارپور ۾ واپارين جو هڪ خاص گروپ هوندو هو، جن کي ايراني نار جا واپاري سڏيو ويندو هو، جيڪي خاص ڪري بندر عباس ء ڪرمان ۾ موجود پنهنجي گماشتن وسيلي واپار ۾ ملوث هئا. (98) هي ڳالهہ سامهون اچي ٿي، تہ اُهو واپار چڱيءَ پيماني تي ٿيندو هو. (99) جيڪو بهرحال برطانوي فرمن جي ضابطي ۾ هوندو هو. (100) شڪارپوري واپارين سان لاڳاپو ڪراچي وسيلي هوندو هو، جتي شڪارپوري چالاڪيءَ ۾ مشهور هوندا هئا، ء اُهي ڪراچيءَ ۾ موجود برطانوي فرمن وسيلي مال جو حُڪم ڏيندا هئا، جيڪو وکر يورپ کان سڌو بندر عباس ڏانهن موڪليو ويندو هو. ڪهڙن سببن ڪارڻ برطانوي فرمَ سڌيءَ ريت واپار بجاءِ شڪارپوري واپارين وسيلي تجارت ڪندا هئا، تنهن جو امڪاني جواب خرچ سميت ان حقيقت سان لاڳاپيل آهي، تہ برطانوي شهرين يا واپارين کي بندر عباس يا ڪرمان، جيڪي بندر نہ محفوظ هئا ء نہ ايذا وٽندڙ هئا، جهڙن ڏورانهين هنڌن تي رهڻ لاءِ پنيلائڻ ڏکيو هوندو هو. 1906ع ۾ سرڪاري رپورٽ ۾ چيل آهي تہ: 'اسان جو مکيہ خواهش هندستاني واپارين کي ايران ۾ رهڻ لاءِ هرڪائڻ آهي....' (101) 1907ع کانپوءِ واپار ۾ ڦهلاءَ جي نتيجي ۾ شڪارپوري واپارين جي وڏيڪ لڏپلاڻ ٿي: هي برادري بندر عباس ۾ 1913ع ۾ وڌي هڪ سؤ ٽائين ٿي وئي ء ڪرمان ۾ سندن انگ پنجاهہ ٽائين پهچي ويو. (102) هيءَ ڳالهہ ان حقيقت هوندي بہ ٿي، جو بندر عباس ء ڪرمان وچ ۾ تجارتي قافلن تي اڪثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڙيل حملا ڪندا هئا. جنهن سبب شڪارپوري واپارين طرفان ايراني اختيارين وٽ پنهنجي ڦريل سامان جي دعوائن بابت درخواستن جا ڍگ گڏ ٿي ويندا هئا. جنهن مان سنڌن واپاري سطح جو اندازو ٿئي ٿو. (103)

ايران ۾ اوڻيهه صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ويهين صديءَ جي اوائل ۾، تجارت ۽ سياست پاڻ ۾ ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هيون. چوته برطانيا، جي روس سان چٽاپيٽي جاري هئي، جنهن جو نتيجو 1907ع ۾ معاهدي جي صورت ۾ نڪتو، جنهن ڪارڻ مُلڪ ٻن 'قطبي اثرن' ۾ ورهائجي ويو ۽ ڏاکڻو ايران برطانوي حصي ۾ آيو. تجارت ۽ سياست ۾ ويجها لاڳاپا ۽ جنهن طريقي سان شڪارپوري واپارين کي برطانيا طرفان ڏاکڻي ايران ۾ برطانوي ۽ هندستاني تجارت کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو، (۽ موٽ ۾ شڪارپوري واپارين برطانوي لاڳاپن کي پنهنجي نفعي کي وڌائڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو) سو هندستان ۽ ايران وچ ۾ ويهين صديءَ جي اوائل ۾ زميني رستي جي سڌرڻ واري ڪهاڻي ڪانپوءِ اچا وڌيڪ واضح طور سامهون آيو. حڪمت عمليءَ هيٺ تجارتي مقصدن ڪيِ وڌائڻ لاءِ بلوچستان ۾ نوشڪي ۽ ايراني سرحد تي دزدپ (زاهدان) وچ ۾ ريل جون پَٽڙيون وڇايون ويون. پوءِ برطانوي اختيارين ڪوئيٽا ۽ ايراني سرحدي صوبي سيستان وچ ۾، جيڪو ڏورانهون ۽ غريب علائقو هو، تجارتي ترقيءَ کي همٿائيندي وڌيڪ نفعو ڪمائڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ته برطانوي واپاري اهڙي غيريقيني اُميد سان اُتي واپار ڪرڻ لاءِ مجبور هئا، تنهنڪري برطانوي اختيارين هندستاني واپارين کي اڳتي اچڻ لاءِ هرڪايو، پر اُهي پڻ ايئن ڪرڻ کان لاچار هئا. واپارين جي انيڪ واپاري ڌُرين ڪوئيٽا جي مسلمانن، راولپنڊي ۽ ڪيمبل پور جي پنجابي سِکن کي راضي ڪيو ويو، ۽ برطانيا ان نئين واپاري مهم ۾ شڪارپوري واپارين کي شامل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي. 1901ع ۾ هندستاني حڪومت، هڪ شڪارپوري فرم کي سيستان ۾ واپار وڌائڻ واسطي همٿائڻ لاءِ هڪ لک روپين جو قرض (جيڪا رقم لنوائڻ جهڙي نه آهي) ڏني. (104) هيءَ واپاري مهم مايوس ڪندڙ ثابت ٿي، پر انهيءَ ڏس ۾ ڪجهه مزيدار دستاويز سامهون آيا، جيڪي ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ڏاکڻي ايران ۾ رياستي- سهڪار سان ٿيندڙ تجارت تي ڌُنڌلي روشني وجهن ٿا.

ميسرز چمن سنگهه رام سنگهه اينڊ ڪمپنيءَ جي نالي واري مشهور فرم، جنهن ۾ ٻه ڀائر ڀاڱيوار هئا. سا ساڪائتي هئي، ۽ وٽس سنڌ ۾ آفيم جا فارم به هئا. تنهن 1901ع ۾ سيستان ۾ واپار شروع ڪيو، پر برطانوي قونصل کي ڏيکاريل واپاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَندين ۽ هندستاني حڪومت جي پرڏيهي ڪاتي (105) سان تيل لکپڙهه مان پتو پوي ٿو، ته فرم هندستان مان 2,60,000 ايراني ڪرنسي يعني اسي هزار رپين کان به گهٽ ماليت جو وکر ورتو هو. جنهن جي معني اها آهي، ته سمورو ورتل قرض واپرايو نه ويو، ۽ فرم واپار منجهه پنهنجي موڙي سيڙائڻ کان بلڪل پاسو ڪيو هو. 1900ع کان جولاءِ 1902ع تائين لِيکِي چوڪي جي بَندين مان پنجويهه هزار ڪرانس جي ڪُل تيل نقصان جو اشارو ملي ٿو، جيڪو اڪثر اُنَّ ۽ مقامي وکر جي سامان جي وکري سميت متاستا ۽ اڻ موٽايل قرضن جي مَد ۾ ٿيو هو. پوءِ، اڳتي جولاءِ 1902ع ۽ اپريل 1904ع دوران، خالتون ٽورڙيون سُڌريون، جوته ويهه هزار ڪرانس جو ڪُل نفعو ڏيکاريو ويو هو، جيتوڻيڪ اهو نفعو اڳ ۾ تيل نقصان جو پوراءُ ڪرڻ لاءِ مناسب نه هو. تنهن هوندي به، انهيءَ ڳالهه تي ويچارڻ جو جواز آهي ته قونصل آڏو پيش ٿيندڙ ليکي چوڪي جي بَندين ۾ سچ جي رڳو جزوي تصوير پيش ڪئي وئي هئي. سيستان جي سرڪاري قونصل ڊسمبر 1903ع ۾ (106) لکيو، ته هن جي جاڇ موجب: فرم اڳوڻن ٻن مهينن دوران ويهه هزار روپيا هُنديءَ هيٺ شڪارپور موڪليا هئا. 'جيڪا رقم بيشڪ ان وقت ڏُڪان تي وڪڻيل مال جو نفعو نه هئي.' هنن مضبوطيءَ سان شڪ ڏيکاريو، ته گماشتي اُهو نفعو وياج تي ڏنل ناڻي مان ڪمايو هو، جيتوڻيڪ حڪومت سان تيل ناهه ۾ واضح طور جاٽايل هو، ته انهيءَ قرض کي واپاري مقصدن لاءِ واپرايو ويندو. اهڙو ساڳيو الزام خراسان جي قونصل مشهد ۾ ان فرم جي گماشتي خلاف پڻ مڙهيو هو. (107) هيءَ ڳالهه سامهون آئي آهي، ته فرم پنهنجي پائيوار سان تيل تڪرار ڪانپوءِ 1906ع ۾ پنهنجو ڪاروبار سيستان ۾ بند ڪري ڇڏيو هو.

رياستي- سهڪار سان ٿيندڙ واپار ڏکڻ- اوڀر ايران سميت بينڪي رياستن لاءِ پڻ مايوس ڪندڙ تجربو ثابت ٿيو، جيڪو نه رڳو برطانوي ۽ هندستاني شين جي وکري کي توقع مطابق وڌائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو، پر جن واپارين واپار ۾ مناسب طور فائدو نه ڏسندي، پنهنجي خساري کي مُنهن ڏيڻ لاءِ وياج تي پئسا ڏيڻ واري ڌنڌي ڏانهن لاڙو رکيو هو، تن کي به روڪڻ ۾ سوبيارو نه ٿيو. هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي، ته شڪارپوري واپارين جا ڪرمان ۾ رکيل پلاوٽا، جيڪي بندر عباس وسيلي آيل شيون اُتي ڪاميابيءَ سان وڪڻندا هئا، تن تي پڻ برطانوي عملدارن طرفان وياجي وهنوار ۾ ملوث هجڻ جو الزام مڙهيو ويو. (108) هيءَ ڳالهه ظاهر آهي، ته ايران ۾ قرضن واري مارڪيٽ جي غير ترقياتي حالت کي ڏسبو، ته اُتي واپار کان وياجي وهنوار ۾، ناڻو واپس نه ملڻ جي وڏي جوکي هوندي به وڏيڪ نفعو ٿيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپوري واپارين جي ايران ۾ هڪ ٻي غير تحريري سرگرمي، جنهن مان چڱو فائدو ماڻي سگهبو هو، خراسان جي شهر نيشاپور ۾ جڙندڙ فيروزي موتين جي تجارت پڻ هئي: (109) جنهن بابت ٻڌائجي ٿو، تہ شڪارپورين جي ان تجارت تي هڪ - هٽي هئي. ويهين صديءَ ۾، شڪارپور اهڙي شهر جي حيثيت سان مشهور هوندو هو، جتي اعليٰ قسم جا موتي مهانگن اگهن تي وٺي سگهبا هئا. (110)

ايران ۾ شڪارپوري واپارين گهڻي عرصي تائين تجارت ڪئي، ۽ اُتي سمورن وڏن شڪارپوري واپارين جي پنهنجي ناڻي جي شروعات ٿي. اُتي ايئن ڇو هو، تنهن جا ڪارڻ چِٽا نہ آهن، پر اُهو شايد ثقافتي - هيڪڙائيءَ ڪري ٿيو هوندو. شڪارپوري هندو اهڙي ثقافتي دنيا ۾ رهندا هئا، جن تي ايراني ثقافت جو وڏو اثر هوندو هو. تنهن هوندي بہ منجهائنئن بلڪل ٿورڙا ماڻهو سُٺي فارسي ٻولي ڳالهائي سگهندا هئا. هنن جا تجارتي اصطلاح فارسي ٻوليءَ ۾ هوندا هئا، ۽ شايد اصل ۾ اُهي اتان ئي درآمد ٿيا هوندا. سياسي عدم استحڪام جي خاص سطح هوندي بہ، ايران ويهين صديءَ ۾ وڏي تجارتي اُٿل پٿل کان بچي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ سنڪيانگ مان شڪارپوري واپارين جي پاڙ پٽجي وئي ۽ اُهي افغانستان مان هوريان هوريان ميسارجي ويا.

ويهين صديءَ ۾ شڪارپوري هندو واڻين جي تاريخ ۾ بہ واضح گهڙيون آيون، جن مان پهريون روسي انقلاب هو، جيڪو سنڌن وچ ايشيائي ملڪن مان نيڪاليءَ جو نتيجو بڻيو، ۽ ٻيو 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو هو. 1917ع ۽ 1947ع جي وچ ۾، شڪارپوري واپاري - سرشتو ٻيهر سجاڳپ جي نئين سوچ مان لنگهيو، جنهن 1947ع کانپوءِ ڪنهن قدر ترقيءَ جا بنياد رکيا.

### 1917ع ۽ 1947ع جي وچ ۾ شڪارپوري واپاري - سرشتو

روسي انقلاب ۽ خاص ڪري سيپٽمبر 1920ع ۾ بخارا رياست ريڊ آرميءَ جي ماتحت اچڻ ۽ بخارا سوويت ريپبلڪ جو اعلان (جيڪو پوءِ سوويت ريپبلڪ آف ازبڪستان ۽ تاجڪستان ۾ ورهائجي ويو)، وچ ايشيائي ملڪن مان شڪارپورين جي وڏي پياچ يا لڏپلاڻ جو نتيجو بڻيا. انهيءَ جي تفصيل بابت گهٽ ڄاڻ آهي، ۽ ٻيو هي تہ سمورا شڪارپوري هڪدم سوويت علائقن مان نہ نڪتا هئا. منجهائنئن ڪجهہ اُتي ڦاسي پيا ۽ ڪين ڏاڍين ڏکين حالتن کي مُنهن ڏيڻو پيو. سرڪاري دستاويزن ۾ ڪجهہ انفرادي وارتائون محفوظ ٿيل آهن، جن مان انهن واپارين جو مخالفاڻي حالتن

آڏو جهُڪڻ جو پتو پوي ٿو. پشاور جي هڪ مسلمان شاهوڪار واپاري خانبهادر حاجي ڪريم بخش اپريل 1921ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر پشاور آڏو هڪ پٽيشن داخل ڪئي، (111) جنهن ۾ بخارا ۾ ريڊآرميءَ جي داخلا جا تفصيلي اشارا ۽ معلومات ڄاڻايل آهي، جيڪا هتي ڄاڻائڻ جوڳي آهي:

'هنن جو حملو رات جو ٻه وڳي ڌاري شروع ٿيو. حملي آورن پنهنجي دلي سڪون ڏيڻ لاءِ هرميجسٽيءَ جي برطانوي شهرين تي ڄُلهه ڪري، پيچ ڊاهه ڪئي ۽ ڪين مارڪُٽ ڪئي. هنن نه برطانوي شهرين جي مال ۽ نه ئي سندن جان کي بخشيو ۽ سموري ڪارروائي مخالفت ۾ ڪئي وئي. حملو ڪندي سراءِ قاضي ڪلان تي چڙهائي ڪئي وئي، جيڪو هز ميجسٽيءَ جي شهري- هندستانين جي تجارتي جاءِ هئي. هوائي جهازن وسيلي انڌاڌنڌ بمباري ڪئي وئي ۽ اُن جاءِ کي باهه ڏئي رک جو ڍير ڪيو ويو.'

پانئجي ٿو ته هتي جيڪا سراءِ ڄاڻائي وئي آهي، سا شڪارپوري واپارين جي ڪانچي سراءِ جي نالي سان مشهور سراءِ نه، پر پشاوري مسلمان واپارين جي سراءِ هئي. انهيءَ ڳالهه جو گهڻو امڪان آهي، ته شڪارپوري سراءِ سان به ساڳي جٺ ٿي هوندي. جنگ دوران شڪارپوري برادريءَ جي ٿيندڙ جاني نقصان بابت ڪو ڪاٿو هيستائين سامهون نه آيو آهي، پر هي امڪان آهي، ته ايڏو نقصان ٿيو هوندو جو اُهو لنوائڻ جوڳو نه هوندو. بهرحال، گهڻا شڪارپوري واپاري ظاهري طور ريڊآرميءَ طرفان علائقو فتح ٿيڻ ڪانپوءِ افغانستان رستي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا، جن رستي تان هزارين بخارا واسين سميت بخارا جو امير پڻ ڀڳو هو. شڪارپوري 1930ع تائين افغانستان ۾ منظرِ عام تي رهيا. اُهي اڪثر ڏاڍ جون ڊيڄاريندڙ آڪاڻيون ٻڌائيندا هئا ۽ اختيارين ڏانهن لکت ۾، هڪ ڏينهن ڪين معاوضو ملڻ جي آسري ۾، ڄاڻايل وڏي نقصانن جي واپسيءَ جي دعويٰ ڪندا هئا. انهن لکتن ۾ سڀ ڪان مزيدار درخواست لالا ۽ نچا نالي ٻن ڀائرن ڊسمبر 1931ع ۾ ڪابل جي برطانوي قونصل ۾ داخل ڪئي، جيڪي قنڌار پهتا هئا. (112) اُهي 1905ع ۾ بخارا ويا هئا، ۽ ظاهري طور مالدار ٿيا هئا. هنن لکيو ته:

'1920ع ۾ ڪجهه بالشيوڪن زبردستي اسان جي سموري روڪڙ ۽ واپاري وکر ڦري ورتو، جنهن جي ماليت جو ڪاٿو هڪ لک چوويهه هزار سُمبس يعني سٺ ڪان سترهزار هندستاني رپين جيترو آهي. پوءِ اسان جي اکين آڏو دڪانن کي باهه ڏئي چڙهيائون. اسان جون مُشڪلاتون اُتي ختم نه ٿيون، پر هنن اسان کي قيد ڪيو ۽ سمرقند وٺي ويا، جتي اسان کي هڪ مهينو لڳاتار تشدد ڪانپوءِ آزاد ڪيو ويو، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو انساني زبان بيان نٿي ڪري سگهي ۽ نه ئي ڪو ڪنور دل انسان ٻُڌڻ جي همت ئي ڪري سگهي ٿو. پوءِ اسان مفلسيءَ ۾ بخارا ۾ ڦٿاسين ۽ اختيارين تائين رسائي ڪئيسون، پر ڪو داد فرياد نه ٿيو.... جيئن ته اسان وٽ ڪجهه به نه هو، تنهنڪري اسان متبادل طور ڪجهه قرض ورتو، ۽ اسان ٻيهر مُنڊي ڪان واپار شروع ڪيو، جو پنهنجو قرض واپس ڪيون، ۽ مناسب پئسو ڪمايون، جو اسان هندستان واپس ٿيون. نيٺ، اسان واپار ڪندي گذريل مهيني اپريل تائين نَوَ هزار سُمس ڪمائي ورتا، ۽ پوءِ اسان هندستان ڏانهن موٽڻ جو فيصلو ڪيو.'

هنن دعوائي شڪايت ڪئي ته سندن سموري ملڪيت افغان سرحد تي مقرر سوويت سرحدي محافظن ضبط ڪري ورتي. نيٺ، اُهي 1932ع ۾ جنوري ۾ شڪارپور روانا ٿيا. هنن واپارين پنهنجي بيان ۾ شايد ٿورڙو وڌاءُ ڪيو هجي، ته جيئن اُهي برطانوي نمائندن جو ڌيان ڇڪائي همدردي وٺن. بهرحال، انهن ڳالهين کان هٽي ڌسنداسين، ته هن بيان مان اسان کي انهن شڪارپورين جي حياتيءَ ۾ جهاتي پائڻ جي اجازت ملي ٿي، جيڪي 1920ع ۾ پوئتي رهجي ويا هئا ۽ کين ٻيهر مفلسي ۽ تنگدستيءَ ۾ واپار شروع ڪرڻو پيو هو. هن بيان مان هيءَ ڄاڻ ملي ٿي ته سوويت حڪمرانيءَ هيٺ نئين دؤر جي سياست ڪانپوءِ (پر وچ ايشيائي ملڪن ۾ مڪمل طور اجتماعي معيشت 1936ع کانپوءِ شروع ٿي) اُهي ننڍڙيون تجارتي سرگرميون جاري رکڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿيا، جن کين جيئرو رهڻ جي اجازت ڏيڻ سميت ننڍي سطح تي دولت گڏ ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏني. شڪارپورين کي 1930ع جي پڇاڙيءَ تائين سوويت يونين مان نيڪالي ملندي رهي. هي امڪان آهي، ته جن واپارين مقامي عورتن سان شادي ڪئي هئي، سي ازبڪ آباديءَ ۾ بلڪل ضم ٿي ويا ۽ پر شڪارپوري ڌار امتيازي گروپ جي حيثيت سان 1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ ظاهري طور بلڪل غائب ٿي ويا. اهڙيءَ ريت اُها واپاري مهم، جيڪا ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شروع ٿي هئي، ۽ جنهن ڏيڍ صديءَ تائين علائقي جي معيشت ۾ اهم ڪردار نڀايو هو، سا ختم ٿي وئي.

گهڻو عرصو ٻاهر رهندڙ ماڻهن جي اوچتو ايڏي وڏي پيماني تي واپسي، هُنڊين وسيلي ايندڙ رقمن جي وسيلي بند ٿيڻ سبب، شڪارپوري معيشت تي ناڪاري اثر وڌا. 1920ع کانپوءِ، شڪارپور جي وچ ايشيائي ملڪن کان موٽندڙ واڌو مرد آباديءَ بابت شاهدي ملي ٿي، ته انهن هندستان جي ٻين علائقن ڏانهن واپار سانگي رُخ رکيو هو. ڪراچي بيشڪ شڪارپورين جي خاص منزل هئي: اُهي اُتي اڳيئي مضبوط ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهاري واپاري برادريءَ جي حيثيت سان موجود هئا، ۽ انهيءَ ڳالهه جون ثابتيون آهن، ته 1920ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هنن جي پسارڪي وکر وڪڻندڙ ڪردار ۾ واڌارو آيو. شڪارپوري صرافن جو هندستان جي ٻين واپاري سرگرمين وارن علائقن ۾ بمبئي شامل هو، جتي سندن موجودگيءَ گهٽي عرصي کان هئي، پر اُهي 1920ع ۾ اُتي 'مقامي صراف' جي مکيه ڏرجي خيثيت سان نروار ٿيا. (113) ۽ انهن ڏکڻ هندستان ۾ ملتانيءَ جي لقب سان مقامي بئنڪاري ۽ ننڍين صنعتن کي قرض ڏيڻ وارين سرگرمين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي مواد مان ڇتو پتو ٿو پوي، ته 1920ع ۾ ڏکڻ ايشيائي ملڪن ۾ ملتاني لقب وارا واپاري نوان آيل هئا. (114) اُهي ٻوليءَ ۽ سماج کان به واقف نه هئا. جنهن ڳالهه مان ڪجهه شڪارپوري فرمن طرفان پنهنجي ملازمن کي وچ ايشيائي ملڪن مان ڏکڻ هندستان ڏانهن منتقل ڪرڻ جي مفروضي کي سگهه ملي ٿي. ساڳئي وقت هي جاڻ پڻ ملي ٿي، ته شڪارپوري برما ۾ به پهچي چڪا هئا. جو اُهي هندستان ۽ سيلون ۾ بئنڪن سان ناٽي جي مثاسنا ۾ ماهر هئا. (115) هنن جي ملايا ۾ موجودگيءَ جو ذڪر پڻ ڪجهه آيل آهي. جنگ واري وقت دوران، شڪارپورين وچ ايشيائي ملڪن کان ڏکڻ ايشيا ڏانهن ڪاميابيءَ سان پنهنجي سرگرمين جي ٻيهرجوڙجڪ جو ڪاميابيءَ سان انتظام ڪيو. هيءَ ثابتي ملي ٿي، ته جنگ دؤران شڪارپوري واپارين جي سرگرمين جو هندستان کان ٻاهر سڀ کان اهم علائقو ايران هو. انهن واپارين ۾ سيٺي کان مکيه واپاري شريچند هندوجا هو، جنهن 1919ع ۾ ڪاروبار شروع ڪيو هو. هُن شڪارپور ۾ ٽيڪسٽائيل واپاري هوندي به ايران ۾ مختلف پيداواري شيون وڪڻڻ وارو طريقو شروع ڪيو (جن ۾ ڪارا مرچ، گرم مصالحا، ميوا ۽ ڀاڄيون، ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ وغيره شامل هو) هئا. هُن اُتان وڏو ناڻو ڪمايو ۽ صنعتڪاريءَ ۾ سيڙپ ڪندي، ويهين صديءَ جي عظيم ڏکڻ ايشيائي واپاري فرم جا بنياد رکيائين (116)، جيتوڻيڪ هُن جو اصل 'اُڀار' 1960ع ۾ ٿيو. 1930ع کانپوءِ، پهلوي حڪومت طرفان واپاري حدبنديون ۽ ڪرنسي ضابطا لاڳو ڪرڻ سان هندستاني واپارين جي حياتي ڏکي ٿي پئي، پر ايران ۾ هندستاني تجارت جي موجودگيءَ سان، برطانيا جي 1941ع ۾ ملڪ جي ڏاکڻي علائقي تي والار کانپوءِ واپار ۾ نئون جذبو جاڳيو ۽ واپار ۾ واڌ آئي. (117) جيتوڻيڪ شڪارپوري واپاري 1940ع جي ڇيڙيءَ ۾، ايران ۾ ڪنهن به صورت ۾ اڪيلا هندستاني واپاري نه هئا، تنهن هوندي به هنن کي سيٺي کان چُست ۽ ڦُڙت واپارين ۾ ڳڻيو ويندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڳالهه واضح آهي، تہ 1930ع دوران شڪارپور بيشڪ ڪنهن قدر زوالجي چڪو هو ۽ سنڌس جاءِ پاڙيسري شهر سکر پئي والاري، جنهن کي 1883ع ۾ ضلعي جي هيڊڪوارٽر جو درجو ڏنو ويو، ۽ ڪيس سنڌوءَ تي ٻڌل وڏي زرعي بئراج جي تياريءَ مان فائدو مليو، جنهن جو 1930ع ۾ افتتاح ڪيو ويو هو.

چارٽ 3.2: شڪارپور ۽ سکر جي 1891ع کان 1931ع تائين آدمشماري

| سال | شڪارپور | سکر |
|---|---|---|
| 1891 ع | 42,004 | 29,302 |
| 1901 ع | 49,491 | 31,316 |
| 1911 ع | 53,944 | 35,294 |
| 1921 ع | 55,503 | 42,759 |
| 1931 ع | 62,505 | 69,277 |

ذريعو: هندستان جي آدمشماري، 1931ع، جلد اٺون، ڀاڱو پهريون، بمبئي پريزيڊنسي، جنرل رپورٽ، بمبئي، 1933ع، ص، 45.

مٿي ڄاڻايل ٽيبل نمبر 3.2 مان، 1891ع ۽ 1931ع دوران شڪارپور ۽ سکر ٻنهي شهرن وچ ۾ وڌندڙ آباديءَ جو پتو پوي ٿو. 1901ع کانپوءِ سکر ڏاڍو تيزيءَ سان وڌيو ۽ 1920ع ۾ واضح طور شڪارپور تي چڙهت ڪئي. بهرحال، شڪارپور ۾ انهيءَ عرصي دؤران باقاعدگيءَ سان آباديءَ ۾ واڌارو ٿيو، جنهن مان زراعت سان ڳانڍاپيل معاشي رخن جو پتو پوي ٿو. وڌندڙ هيڪلائپ ۽ وچ ايشيائي ملڪن، جتان هنن اٽڪل ٻن صدين تائين نفعو ڪمايو هو، سان لاڳاپا ختم ٿيندي بہ شڪارپور اهم ٻئنڪاري فرمن، جن جو دبئي کان سنگاپور تائين ڦهليل واپاري- سرشتو موجود هو، جو مکيہ ماڳ ضرور رهيو ۽ خاص طور مهاراشٽر ۽ مدراس پريزيڊنسيءَ جي معاشي زندگيءَ ۾ ڏاڍو اهم ڪردار ادا ڪيو. شڪارپورين جو مامرو هي آهي، تہ اُهي هندستاني- افغان جي ’سرحدي‘ برادري هئا، جن دراني شهنشاهت دوران شان شوڪت ۾ ڀلا ڏينهن ڏٺا هئا. پر انهن دراني شهنشاهت جي ڀڄڻ کانپوءِ ڀاڙ کي جيئرو رکيو ۽ 1917ع تائين وچ ايشيائي ملڪن جي تجارت ۽ سيڙپڪاريءَ ۾، ڪنهن حد تائين محدود هوندي بہ، اهم ڪردار ادا ڪيو. هنن رڳو روسي طوفاني انقلاب دؤران واپاري وهنوار کي گهٽايو، جيڪو هن وسيع علائقي جي معاشي جيوت جو مستحڪم ڀاڱو هو. پر نہ روسي انقلاب ۽ نہ ئي 1947ع وارو ننڍي کنڊ جو ورهاڱو، جيڪر شڪارپوري هندوئن جو بمبئي ۽ هندستان جي ٻين علائقن ڏانهن پاڇ جو ڪارڻ بڻيو هو، واپاري برادريءَ جي تباهيءَ پانئجي ٿو. سنڌي واپارين جي تاريخ گردشن ۽ انقلابن سان ڀرپور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جن تي ويچارڻ سان سدائين هيءَ ڳالهه سامهون اچي ٿي، ته هنن واپارين پنهنجي واپار جي بيهر جوڙجڪ ۽ ڪيس وري جيارڻ جي صلاحيت ڏيکاري آهي.

شڪارپوري واپارين جي تاريخ جو هن وسيع منظرنامي بيشڪ پنهنجي پويان ڪجهه سوال بنا جواب ڇڏيا آهن، جنهن مان سيني کان ڇرڪائيندڙ سوال واپار جو ايڏي وڏي پيماني تي ڦهلاءُ آهي. هاڻي سوال هي آهي، ته ڪيئن ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ گهٽي ڦهلاءُ وقت، شڪارپوري واپاري- سرشتي جون، اوڀرندي ايران ۾ سندس اولهندي ڪرمان، ۽ اوڀرندي ڪاشغر جي ڪليريا ۾، ترڪستان جي اُتر ۾ چيمڪنيت ۽ عربستان جي ڏاکڻي شهر عدن ۾ واپاري ڪوٺيون هيون؟ اهڙو خال ڪنهن به سياسي ايڪائي، ماضي يا حال يا ڪنهن معاشي پاٽيري علائقي يا علائقن سان نٿو نهڪي. بهرحال، انهيءَ ڳالهه جي سڀ کان اهم ڪُنجي شڪارپورين جي پنهنجي ڏاهپ يا ذهانت واري تصور ۾ ڏسڻي آهي. هنن لاءِ سندن دنيا ٽن حصن ۾ ورهايل هئي: هندستان، خراسان ۽ ترڪستان. شڪارپور، هندستان ۽ خراسان جي وچ واري علائقائي سرحد هئي. خراسان وارن علائقن مان مطلب بلوچستان، ڏکڻ- اوڀر ايران ۽ ڏاکڻو افغانستان هو. ترڪستان جي معنيٰ افغاني ترڪستان، ۽ فرضي طور ازبڪ سلطنت هئي، جيتوڻيڪ اهو مڪمل طور تي واضح نه آهي، يا اوپر ترڪستان يا گهٽ ۾ گهٽ سندس اهو حصو، جيڪو آلتي شهارر جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته اهڙي قسم جو تصور، 1810ع ۾ دراني شهنشاهيت جي خاتمي ۽ 1880ع جي اوائل ۾ سموري ترڪستان تي روسي ۽ چيني حاڪميت مضبوط ٿيڻ جي وچ ۾، علائقي ۾ ٿيندڙ متحرڪ سياسي ۽ معاشي تبديلين کان بچڻ ۾ قابليت هئي.

اسان وٽ هتي واپاري- سرشتي جي منطق ۽ عارضيت توڙي شهنشاهيت جي منطق ۽ عارضيت/ دنياوي جائيداد وچ ۾ فرق جا مزيدار مثال موجود آهن. شڪارپوري واپار- سرشتي مان مطابقت جي شاندار گنجائش ۽ انيڪ شهنشاهيتن، جن افغانستان کي روس ۽ برطانوي هندستان وچ ۾ نيم- خودمختيار حد فاصل رياست جي حيثيت سان اڪيلو ڪندي، پنهنجي پاڻ ۾ علائقا ورهائي ڇڏيا هئا، جي خزاني مان ملڪيت يا ناڻو ڪمائڻ واري لاڳاپي جي جوڙجڪ ۽ مطابقت رکڻ جي شاندار گنجائش جو پتو پوي ٿو. جڏهن ته 50-1810ع وارو دؤر رڳو ڇڙوڇڙ ۽ نسبتي زوال وارو دؤر هو، تنهن هوندي به شڪارپوري واپارين برطانوي شهنشاهيت جي ابتدا کي استعمال ڪيو ۽ تجارتي رستا جوڙيندي وچ ايشيائي ملڪن سان پنهنجا واپاري ناتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏايا ۽ پنهنجو واپار وچ ايشيائي ملڪن جي مرڪزي شهرن تائين ڦهلايو. 1864-1876ع ۾ روسي فتح پڻ جزوي طور موقعا مهيا ڪيا، جن مان هنن فائدو وٺندي پنهنجي حيثيت کي مستحڪم ڪيو. تنهنڪري جڏهن 1880ع ۾ روس جو سموري علائقي تي مڪمل معاشي قبضو ٿي ويو ۽ هنن سمورن برطانوي هندستاني واپارين، جن کي اُهي خطرناڪ تجارتي دشمن سميت سگهارن برطانوي جاسوسن جي حيثيت سان ڏسندا هئا، تن سان مخالفاڻو ورتاءُ ڪيو، سو انهيءَ ڏس ۾ شڪارپوري اڳيئي تباهه ٿيڻ جي حد تائين گهيرجي چڪا هئا. هنن روسي حڪام جي هندستان سان واپار گهٽائڻ واري اُپاءَ جي ردعمل ۾ ڀهراڙين ۾ وڏي پيماني تي قرض ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو، اها تبديلي روس جي تجارتي زرعي پاليسيءَ جي همٿائڻ سان ممڪن ٿي هئي. ٻيو شڪارپوري واپارين ان حقيقت مان به فائدو ورتو، جو بخارا اختياريون ساڻن روسي اختيارين کان گهٽ دشمني ۽ حسد ڪندڙ هيون. جنهن مان چِٽائي ٿئي ٿي، ته کهڙي ڪارڻ بخارا سلطنت ۾ واپاري سرگرمين ۾ واڌارو آيو.

جڏهن ته افغانستان ۾ شڪارپوري واپارين جي موجودگيءَ کي عارضي رهائش جي حيثيت سان ڏسي سگهجي ٿو. شڪارپوري واپارين وڌندڙ روسي اثر جي دٻاءُ کان، ايران ۾ پنهنجي تجارتي حيثيت کي مستحڪم ڪرڻ واسطي، برطانيا سان ويجها لاڳاپا رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ٻئي پاسي سنڪيانگ ۾ يا ڪنهن قدر ڪاشغر ۾، شڪارپوري واپارين جي موجودگي، ڪاشغر ۾ برطانوي ايجنسيءَ جي کُلڻ جو مڪمل طور غيرارادي انجام هو، جيڪو 1884ع ۾ 'نئين رياستن جي حڪومتن' جي نالي هيٺ علائقو چين جي سرڪاري تحويل ۾ اچڻ جو نتيجو بڻيو هو.

سياسي سوچ ويچار کي پاسيرو رکندي، واپاري سرشتي جي مٽاچري جوڙجڪ ۽ استحڪام کي طبعي عنصر جي ناتي سان پڻ سمجهي سگهجي ٿو. شڪارپور جهڙي شهر جي محدود هندو آبادي، مجموعي طور جاٽايل علائقي ۾ رابطي جي اوائلي حالت کي ڏسبو، ته اهڙي وڏي پيماني جي واپاري سرشتي تي ضابطو رکڻ لاءِ اڳيئي ڦهليل هئي. واپاري سرشتي ۾ ڪا وڏيڪ مٽاچري وسعت آڻڻ جو مطلب، "ڏارين" کي واپاري سرشتي ۾ داخل ڪرڻ ٿئي ها، جنهن قدم بابت اهو ڪڏهن به معلوم نه ٿيندو، ته شڪارپوري فرمن جا سيٺ ان تي سوچين ها. پنهنجي پاڻ تي ڀروسو ۽ پاٽيپرائيءَ، شڪارپوري واپاري سرشتي جي اهم ناهوڪي خاصيت آهي، جيڪا حيدرآباد جي واپاري سرشتي ۾ پڻ ڏٺي ويندي. بهرحال حيدرآباد جو واپاري سرشتو پنهنجي پاڻ کي، 1850-1914ع واري عرصي جي عالمي معيشيت يعني سامونڊي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچ- وڃ ۽ سفر جي گهڻ رُخي عنصرن سان سنڌس ويجهن لاڳاپن کان امتيازي طور ڌار ڪري ٿو. جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ حيدرآبادي واپاري سرشتو، خاص ايشيائي علائقن يا ملڪن سان واپار ۾ محدود رهندڙ شڪارپوري واپاري سرشتي جي ابتڙ، عالمي سطح تي واپاري سرشتو بڻجي ويو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. A. Burnes, 'On the Commerce of Shikarpoor and Upper Sinde', Reports and Papers, Political, Commercial and Geographical submitted to the Government...., Bombay, 1839, commercial, pp. 23-31.
2. Zia Barni, Tarikh-i-Firuz Shahi, Sayid Ahmad Khan (ed.), Calcutta, 1862, pp. 305-307, quoted in I. Habib, 'Merchant Communities in Pre-colonial India', in J. Tracy (ed.), The Rise of Merchant Empire: Long-distance Trade in the Early Modern World, Cambridge, 1990, p. 373.
3. According to S. Dale, the name was used in Iran and Turan in reference to all the merchants from the Punjab. Dale, Indian Merchants and Eurasian Trade, p. 55.
4. A. Burton, The Bukharans, London, p. 5.
5. See Dale, Indian Merchants and Eurasian Trade, pp. 130-131.
6. A. Burnes, 'On the Commerce of Shikarpoor and Upper Sinde' p. 24.
7. Didgah Kotah ba Pustonha-i-ansui-marz (A Short glance of the Pushtuns on the other side), Kabul, AH 1374, p. 11, quoted in Z. A. Golzad, External Influneces and the Development of the Afghan State in the Nineteenth Century, New York, 1994, p. 38, n. 28.
8. See Yu. Gankovsky, 'The Durrani Empire', in USSR Academy of Sciences, Afghanistan: Past and Present, Moscow, 1981, pp. 84-85.
9. چارلس ميسن: بلوچستان، افغانستان جي مختلف سفرن ۽ پنجاب سميت انهن ملڪن ۾ 1826ع کان 1838ع تائين ريزيڊنسيءَ رهندڙ جون يادگيريون، لنڊن، 1842ع، ص 355: "دراني تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن جو ان ڳالھ ڏانهن ڌيان ڇڪائجي، تہ شڪارپور مان ناڻو موڪليو ويندو هو، جيڪو لُٽ مار جي چڙهائين ۽ پرپاسي جي ملڪن تي فوجي ڪاهُن لاءِ خرچ ڪيو ويندو هو، اهڙا مثال هر جاءِ تي موجود آهن." ميسن جو اصل نالو جيمس ليوس هو، جيڪو برطانوي فوج جو ڀاڄوڪڙ هو، تنهن سنڌس ڏوھ معاف ڪرڻ کان اڳ مهم جوُ جي حياتي گذاري هئي، ۽ ان کي پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري طور برطانوي جاسوس مقرر ڪيو ويو هو. انهيءَ ڄاڻ لاءِ ڏسو جي. وائيٽ رِج جو ڪتاب ”افغانستان جو چارلس ميسن“ وارمنسٽر، 1985ع. مزيدار ڳالهه اها آهي، تہ ميسن جي خيالن تي ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سر ٿامس هولڊچ تنقيد ڪئي هئي، جنهن لکيو هو: ”جيڪڏهن چارلس ميسن انهن فنڊن جي تخميني بابت صحيح بہ هجي، جيڪي چالاڪ شڪارپور يواپارين شڪارپور کان وڏي مقدار ۾ افغانستان جي حڪمران اميرن کي موڪليا هئا، تڏهن بہ اها ڳالهه آءُ پانيان ٿو، تہ شڪ جوڳي آهي. افغان فوجي چڙهائين لاءِ ڪڏهن بہ ناڻي جي کوٽ نہ رهي هئي، تنهنڪري اهو ناڻو ڪين رڳو پڙڪائيندو هوندو، بيو ڪجهہ بہ نہ.“ اهڙيءَ ريت قبيلائي جنگين واري طريقيڪار کان اڻڄاڻائيءَ جو اظهار ڪيو ويو.

10. استراخان جو وڏو ملڪيتي ورثو، جنهن جي ملڪيت بابت روسي عملدارن، بہ لک روبل (اٺاويهہ هزار پائونڊ) جو ڪاٿو لڳايو هو. ان وراثتي ملڪيت جو 1861ع ۾ پتو پيو، تہ اها ملڪيت پنجاب جي ضلع جهنگ سان واسطو رکندڙ هڪڙي واپاري جي هئي. ان ورثي جو وڏو حصو ان رقم تي ٻڌل هو، جيڪا 1828ع جي روسي ايراني ويڙهہ دوران ٿيندڙ بربادي عيوض معاشي طور ڏني وئي هئي. ان بربادي ۾ اُهي واپاري شامل هئا، جن جو واپار ملتانين جي پائيواري ۾ ٿيندو هو. ڏسو هندستان موڪلجندڙ عوامي مراسلو نمبر 101، تاريخ 17 آگسٽ 1861ع، in selections from Despaches Addressed to the Several Governments in India by the Secretary of State in Council between the 1 January and the 31 December 1861, London, 1862, pp. 362-67. Another succession, the Vokatria succession, worth 5,000 pound, was traced to a family in Multan. Public Despatch to India no. 19 of Sir Charles Wood, 17 February 1963u, IOR, Public & Judicial Department Records, Public Despatches to Bengal and India 1830-79.

11. 'Shikarpoor- An Historical Memoir, by Captain F. G. Goldsmid', in Selections from the Records of the Bombay Government, new series, XVII, Memoirs on Shikarpoor: the Syuds of Roree and Bukkur: the Khyrepoor State; etc., Bombay, 1855, pp. 1-70.

12. Ibid., part II, p. 24.

13. G. Gorster, A Journey from Bengal to England, London, 1808, 3rd edn. (reprint Patiala, 1970).

14. Ibid., vol. II, pp. 186-187.

15. Ibid., p. 291.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. H. Pottinger, Travels in Beloochistan and Sinde, London. 1816, pp. 19-20, 36-37, 77-78.

17. Mir Izzatullah, Masir-i-Bukhara, written for William Moorcroft. There are several versions of this manuscript, which was translated for the first time into English by H. H. Wilson in 1825. See M. Szuppe, 'En quete de chevaux turkmenės: le journal de voyage de Mir Izzatullah de Delhy a Boukhara en 1812-1813', Cahiers d'Asie Cenrale, no. 1-2, 1996, pp. 91-111. A more recent, though slightly abridged translation, was published as Travels in Central Asia by Meer Izzut Oollah in the years 1812-1813. Translated by Captain Henderson, Calcutta, 1872.

18. Travels in Central Asia by Meer Izzut Oollah, pp. 64-65.

19. G. N. Curzon, Russia in Central Asia in 1889 and the Anglo-Russian Question, London, 1889, p. 172.

20. 'Miscellaneous Information Connected with the Town of Shikarpoor, by the Late Lieutenant T. Postans;, in Selections from the Bombay Records, new series, no. XVII, Bombay, 1855, pp. 85-93.

21. Goldsmid. 'Shikarpoor- An Historical Memoir....' p. 45.

22. ڊسو اليگزينڊر برنس: "بخارا ڏانهن سفرَ ۽ سنڌو ماٿريءَ ڏانهن مسافريءَ جون ساروڻيون"، لنڊن، 1834ع، پهريون ايڊيشن (ڪراچيءَ ۾ ٻيهر ڇپيل) 1973ع، جلد پهريون، ص (169-170)

23. Travels in Central Asia by Meer Izzut Oollah....., p. 65.

24. Mohan Lal, Travels in the Panjab, Afghanistan and Turkestan to Balk, Bokhara and Herat.... London, 1846 (1st edn., calcutta, 1834). On Mohan Lal, see C. A. Bayly, empire and Information: Intelligence Gathering and Social Communication in India, 1780-1870, Cambridge, 1996, pp. 230-232, who calls him 'India's first modern anti-imperialist'.

25. Mohan Lal, Travels, p. 393.

26. Ibid., pp. 403-404.

27. Ibid., pp. 404.

28. Ibid., pp. 405.

29. Burnes, Travels, vol. I, p. 168.

30. Mason, Narrative, p. 354.

31. See 'Report on the town and port of Kurachee, accompanied by information relative to its inhabitants, trade, revenues, imports and exports, etc., by the late Captain S. V. W. Hart, submitted to Government on 28 January 1840', in Selections from the Bombay Records, new series, no. XVII, pp. 211-245. Hart estimated there were 1400 'Khatree Mahajuns' in Karachi.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

32. آدمشماري ٻائيتاليهه هزار 496 کان گهٽجي ٻائيتاليهه هزار چار ٽي وئي هئي، جيڪو بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ سورت سان گڏ اڪيلو اهم شهر هو. جتي آدمشماري دؤران گهٽتائي آئي هئي. ڏسو هندستان جي آدمشماري 1891ع، جلد ستون، بمبئي ۽ سندس ضمني شهر، ڀاڱو پهريون، رپورٽ ڊبليو. ڊبليو. ڊريو، بمبئي 1892ع، ص 33. ان جمود جو سبب پورهيتن جي لڏپلاڻ ٻڌايو ويو آهي، جيڪي روزگار لاءِ اڱوڻن وقتن ۾ بمبئي کان آيا هئا. لڏپلاڻ جي ٿينڌڙ اثرن بابت رپورٽ ۾ ڪوبه ذڪر نه آهي.

33. Quoted in S. Becker. Russia's Protectorates in Central Asia: Bukhara and Khiva, 1865-1924. Cambridge. MA, 1968, p. 276.

34. J. Wolff, A Mission to Bokhara. ed. G. wint, London, 1909 (1st edn. London, 1853. p. 150.

35. A. vambery, Travels in Central Asia, Being the Account of a journey from Bokhara across the Turkoman Desert on the Eastern Shore of the Caspain to Khiva, Bokhara and Samarcand, London, 1864, p. 372.

36. Quoted in H. Lansdell, Russian Central Asia, including Kuldja. Bokhara, Khiva and Merv, London. 1885, vol. I, pp. 440, 541.

37. E. Schuyler, Turkistan, Notes of a Voyage in Russain Turkistan. Khokand, Bokhora and Kuldja. London. 1876, p. 184.

38. ڪُل مرد هندو آباديءَ جو شهر ۾ انگ ٻارهن هزار 550 هو. ڏسو هندستان جي آدمشماري، 1891ع جلد ستون، چارٽ پنجون.

39. See confidential Newsletter, 29 October 1878, Political & Secret Correspondence with India 1875-1911. L/P&S/7/20.

40. 1872ع ۾ هندستاني سرڪار جي پرڏيهي کاتي طرفان سهيڙيل ڪاغذن منجهان ان جي ڇنڊ ڇاڻ ملي ٿي. ڏسو باب ٽيون، 'هندستان ۽ اولهندي ترڪستان وچ ۾ ٿينڌڙ واپار بابت لکپڙهه ۽ دستاويز'. روسي اختيارين جي ان عمل سان روڪجندڙ حد واري سوال بابت تفصيل 'وچ ايشيا جي مامرن بابت لکپڙهه، 1867-1872ع' مان ملن ٿا، جنهن کي ايچ. لي پوئر وائين سهيڙيو هو، جيڪو 1872ع ۾ هندستان سرڪار جي پرڏيهي کاتي جو انڊر سيڪريٽري هو. جنهن جي مرڪزي آفيس شملا ۾ هئي، ص 94-75. مختلف ڳجهين نمائندن وسيلي پشاور موڪلجندڙ رپورٽ، جنهن ۾ روسي اختيارين جي هندستان کان ٿينڌڙ واپار بابت متضاد تفصيلَ ڄاڻايل آهن.

41. Becker. Russia's Protectorates, p. 152.

42. See for instance A. M. B. Meakin. In Russian Turkestan. A Garden of Asia and its People, London. 1903, p. 191.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

43. see, however, P. N. Rasulzade, Is Istorii Sredne-Indiisiskh svyazei, Tashkent, 1966, where the role played by Indian moneylenders in the Ferghana Valley is mentioned.

44. A. G. Nedvetsky (comp.), Bukhara: Caught in Time, Reading, 1993.

45. روسي علائقي ۾ ڪنهن شڪارپوري جي ديهانت بابت پهرين ڄاڻ ان خط مان ملي ٿي، جيڪو مقامي پرڏيهي کاتي 10 اپريل 1883ع تي انڊيا آفيس موڪليو هو. جنهن ۾ سينٽ پيٽرس برگ ۾ برطانوي سفير وٽان پرڏيهي کاتي جي روسي وزارت کان لنڊن ۾ روسي سفير ڏانهن موڪلجندڙ خط به شامل هو، ان خط ۾ ياٺي تليجا ناڪر نالي شڪارپوري واپاريءَ جي نوو مارگيلانسڪ شهر جي قيدَ ۾ ديهانت بابت ڄاڻ ڏنل هئي. ڏسو IOR, Public & Judicial Department Records, Papers: Annual Files 1880-1930, File J&P 631/1883, Departmental L/P&J/6/96.

46. St. Petersburg despatch no. 78, 9 April 1894, to Foreign Office enclosed in Foreign Office to India Office, 19 April 1894, enclosed in public despatch to India no. 46 of 17 May 1894, in Selections from Despatches to India January-June 1894, London, 1894, pp. 319-322.

47. A Russian memorandum dated 2/15 January 1901 stated the legal position as it stood from the Russian point of view. Annex 4 in Foreign Office to India Office, 29 Janaury 1901, enclosure no. 3 in public despatchno. 34 of 1901, in Selections from Despatches to India January- Jne 1901, London, 1901, pp. 453-459.

48. ڏسو ڪابينا جي ڪاغذن جا نقل، جن ۾ روسي پرڏيهي کاتي سان بال مورال واري هنڌ ڳالهه ٻولهه جا تفصيلَ شامل آهن. ڏسو سر ايڊورڊ گري جي ڳالهه ٻولهه سرگئي بچنان سان، جيڪا سينٽ پيٽرس برگ ۾ برطانيا جو سفير هو. 4 آڪٽوبر 1912ع، روس ۽ وچ ايشيا جو ڳجهو دستاويزَ، 8 آڪٽوبر جيڪو آءِ. او. آر سياسي ۽ ڳجهو کاتو ريڪارڊ، سياسي ۽ ڳجهو موادَ، ساليانو فائيل 1930-1912ع، ايل. پي ۽ ايس 11/36. جنهن ۾ بال مورل جي ماڳ تي ايم. سازونوف ۽ سر ايڊورڊ گري وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه جو موادَ شامل آهي.

49. جيئن مٿي حوالو ڏنو ويو آهي، يعني روسي يادداشت ۾ لکيو ويو هو: "پرڏيهي، غيرعيسائي ۽ هندو، روسي عدالتن جي ڪاروائين جي حدن ۾ نٿا اچن، تنهنڪري هنن جا سمورا مقدما بخارا جون اختياريون طئي ڪن ٿيون.

50. On the judicial powers of the kazis in matters of inheritance in the emirate of Bukhara, see D. I. Logofet, The Land of Wrong: the Khanate



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

of Bokhara and its Present Condition, Simla, 1910 (translated from Russian edn, St. Petersburg, 1909), p. 29.

51. انڊيا آفيس 24 جولاءِ 1900ع جي خط ۾ پرڏيهي کاتي کي لکيو هو. ڏسو جي. ۽ پي نمبر 1209، 1901ع. ان سان گڏ پبلڪ ڊسپيچ به شامل آهي، جنهن جو نمبر 34 آهي. ڊسپيچ جي چوند ص 462-453. لارڊ جارج هئملٽن جو رايو آهي، ته سيڙپ ۽ جائيداد جي ماليت کي واپس وٺڻ ۾ ڪابه قانوني ڏکيائي نه ٿي. اهو ناڻو ۽ جائيداد بخارا سلطنت جي خان واري علائقي ۾ هئي. جيڪڏهن ديهانت ڪانپوءِ پڻ ورهين اندر ئي دعوائون ڪيون وينديون هيون ۽ ساڻن وراثت جو هندستاني سرٽيفڪيٽ شامل هوندو هو، ته بخارا اختياريون انهن شاهدين کي مڃينديون هيون ۽ دعوائن تي عملَ ڪيو ويندو هو.

52. 1870ع ۾ قانوني ماهرن عالمي نجي قانون ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ هيگ ۾ پهرين ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جيڪا 1893ع ۾ منقعد ٿي هئي. ڏسو ٽي. اي. سي. سي. ايسر انسٽيٽيوٽ "هيگ ڪانفرنس جو نجي عالمي قانون تي اثر" ڊورڊريخت، 1993ع.

53. روس طرفان جيڪي ايجنسيون سرگرم هيون، تن ۾ ترڪستان جي علائقي جي فوجي عملدارن سميت بخارا ۾ روس جا سياسي گماشتا به شامل هئا. پنهي جو ناتو روسي پرڏيهي کاتي جي ايشيائي شعبي سان هو. ايشيائي شعبو، برطانوي پرڏيهي کاتي سان لنڊن جي روسي سفارتخاني وسيلي لکپڙهه ڪندو هو.

54. ڏسو نوٽيفڪيشن نمبر 71، ڪيمپ دهلي، تاريخ 3 مارچ 1863ع. "جيئن ته برطانوي رعيت، ايران ڏانهن سفر ڪندي هئي يا اُتي ۽ ٻين علائقن ۾ رهندڙ هئي، تنهن کي ڏاڍين ڏکيائين سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو. اُهي برطانوي قونصل کي پنهنجون دعوائون پيش ڪرڻ کان به لاچار هئا. تنهنڪري حُڪم جاري ٿيو، ته پرڏيهي ملڪن ڏانهن سفر ڪندڙ سموري برطانوي رعيت کي پاسپورٽ وٺڻو پوندو. سنڌ ۽ پنجاب جي سرحدي ضلعي مئجسٽريٽن کي پاسپورٽ ڏيڻ جا خاص اختيارَ مليل هئا. نوٽيفڪيشن جو متن انڊيا پروسيڊنگز ۾ شامل آهي.

55. See 'Statement of Indian british Subjects proceeding to Central Asia to whompassports were granted during years 1890, 1891 and 1892', enclosed in Political Despatch from bombay no. 7, 17 February 1894, IOR, Political & Secret Correspondence with India 1875-1911, L/P&S/7/305. According to this statement, 125 passports were delivered in 1890, all to Shikarpuri Hindus, excepting one to a Muslim



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

resident of Sukkur, 157 in 1891, all to Shikarpuri Hindus, except 2 to Hindu residents of Sukkur taluka, and 147 in 1892, all to Shikarpuri Hindus.

56. In 1898, 1899 and 1900, the respective number of passports delivered was 94,127 and 95, according to memorandum no. P/OI, 16 November 1900 from commissioner in Sind to secretary to government in Political Department, Bombay, enclosed in bombay Political Proceedings (henceforth BPP), December 1900, Serial no. A 72. During 1912-14 an average of 100 passports a year was delivered, according to letter no. 803, 21 September 1914, commissioner in Sind to secretary to government in the Political Department, Bombay enclosed in BPP, December 1914, Serial no. A 53.

57. انهيءَ جو بنياد آرڪائيوَ ۾ پيل شڪارپور جو ماخذ آهي. پهريون ماخذ 1903ع ۾ ڪاشغر جي برطانوي ايجنسيءَ جي منشيءَ جي ڊائريءَ ۾ لکيو ويو. ڏهن ڏينهن جي اها ڊائري، جيڪا 10 جولاءِ 1903ع تي ختم ٿئي ٿي ۽ جنهن جو نقل آءِ. او. آر ڳجهي ليٽرهه انڊيا، 1875-1911ع ۾ موجود آهي. 1909ع جي وراثتي دستاويزن جي ڳجهي چاڻ موجب، بخارا ۽ ان جي ويجهي پرپاسي وارن علائقن ۾ پنج سؤ شڪارپوري واپاري موجود هئا. ڏسو 6 فيبروري 1903ع تي ڪليڪٽر سکر کي موڪليل يادداشت، جنهن ۾ پيوچ ٻائي پنهنجي ديهانت ڪيل پٽيءَ ڏرمر داس عرف شيردل پٽ پريم چند جي ناٺي ۽ جائيداد ڪيس ڏيڻ لاءِ درخواست ڪئي هئي. هن جو مڙس بخارا جي شهر بهاءُالدين ۾ ديهانت ڪري ويو هو. بي. پي. پي، اپريل 1909ع، نمبر 217.

58. ڏسو 18 آڪٽوبر تي پشاور ۾ ڏني ويندڙ درخواست، جنهن ۾ ضلع پشاور جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي عرض ڪيو ويو هو. اها درخواست پشاور جي تيرهن وڏن واپارين ڏني هئي. جنهن جا وچ ايشيائي ملڪن سان واپاري ناتا هئا. هنن جي دعويٰ هئي، ته اُهي سٺ ورهين کان ترڪستان ۾ واپار پيا ڪن.

59. 'Bokhara', in Encyclopaedia britannica, 11th edn, 1910-11, vol. IV, Cambridge, 1910, pp. 1567.

60. Becker, Russia's Protectorates, pp. 162-3.

61. Quoted in a statement submitted by Mussamat Rukmanbai, a Shikarpuri widow whose husband had died in Central Asia, to the collector of Sukkur, 15 March 1915, enclosed in BPP, July 1915, Serial no. A 304.

62. On the question of the actual rates of interest paid by agriculturists in Russian Turkestan,see R. A Pierce (ed.), Mission to turkestan, Being



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

the Memoirs of count K. K. Pahlen 1908-1909, London, 1964, pp. 101-2. and A. woiekof, Le Turkestan Russe, Paris, 1914, p. 145.

63. ڏسو وڌيڪ تفصيل لاءِ مٿيون حوالو: ڪاشغر ڊائري، تاريخ 8 جولاءِ 1903ع، مينگهراج جو بيان: گدريل پندرهن ورهين دؤران تن شڪارپوري هندوئن کي سائيبيريا ۾ جنم ٽيپ جي سزا ڏني وئي هئي. هنن کي وياجي ڏي- وٺ جي واپار سبب جهليو ويو هو.

64. See Becker, Russia's Protectorates, pp. 180-6.

65. Nedvetsky, Bukhara, p. 59.

66. Collector of Sukkur to commissioner in Sind, no. 3,600, 5 June 1904, enclosed in BPP, June 1905, Serial no. A 102.

67. شڪارپور ۾ رهندڙ ڪيترن ئي واپارين کي اهو مظهر موڪليو ويو هو، جنهن جو صحيح ترجمو يادداشت نمبر 294، تاريخ 4 اپريل 1900ع ۾ شامل آهي. اهو سنڌ جي ڪمشنر، هندستان سرڪار جي سياسي شعبي جي سيڪريٽري کي موڪليو هو. ڏسو بي. پي. پي. جولاءِ 1900ع، نمبر 937.

68. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ شنگهائي جي تن پارسين جي جائيداد، جنهن جي ماليت ترتيبوار چويهه هزار 750 پائونڊ، ڏهه هزار 900 پائونڊ ۽ 8903 پائونڊ هئي. See Public Records Office (PRO), Foreign and Office Records, Embassy and Consular Archives: China, Shangai Supreme court probate Records, FO 917/278 (estate of Dorabjee Nusserwanjee camajee, 1882), FO 917/370 (estate of Hormusjee Dorabjee Camajee, 1886), FO 917/1199 (estate of Jwanbai Boamnji Bomanjee Pallanji Karanjia, 1906). Karanjia, widow of

69. ڏسو 26 جون 1901ع جي يادداشت نمبر 26، جنهن ۾ 10 جون 1900ع تي بخارا ۾ ديهانت ڪندڙ نوتن داس پُٽ جمناداس جي بيواهه، ڪليڪٽر شڪارپور کي درخواست موڪلي هئي. بي. پي. پي. مارچ 1902ع نمبر 177. بخارا جي علائقي ۾ نوتن داس جا ٽي گماشتا هئا، جن ۾ ڪراڪول ۾ گوبند مل پُٽ نوتن داس، گرديوان ۾ حشمت پُٽ نوتن داس ۽ بخارا- خوجين ۾ مورج مل پُٽ سوپراج شامل هئا.

70. ڏسو ٽيڪمداس پُٽ پرمانند جي درخواست، جيڪا سندس چاچي موهن داس پُٽ جهنجهي مل جي جائيداد بابت هئي. موهن داس ضلع سرسبز، بخارا ۾ آگسٽ 1907ع ۾ ديهانت ڪري ويو هو. بي. پي. پي. اپريل 1909ع، نمبر 8271.

71. ڏسو هيمراج عرف ٽُلو پُٽ پوجراج پشاوري، جي جائيداد بابت بي. پي. پي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪٽوبر 1908ع، نمبر 7871. هيمراج کي بخارا جي ضلع ڪاسان يا ڪاسڪان ۾ قتل ڪيو ويو هو.

72. ڏسو 1902ع ۾ بخارا ۾ ٽپ وگهي ڏيهان ڪنڌڙ شڪارپور جي ڏيپو سنگهه عرف سوپيو ولد چيناسنگ جي جائيداد جي واپسيءَ لاءِ سنڌس پاءُ مول سنگهه پٽ چيٺاسنگهه طرفان داخل ڪيل دعوي، بي. پي. پي. مارچ 1905ع، نمبر 1571.

73. ڏسو بي. پي. پي، جنوري 1900ع، نمبر اي. 42، بخارا جي علائقي ۾ ڏيهانت ڪنڌڙ برطانوي هندستاني شهري نارائڻ عرف شامي پٽ مورج مل، عرف مورک جي ملڪيت واپس وٺڻ لاءِ درخواست.

74. Letter from Russian Ministry f Foreign Affairs enclosed in despatch no. 156 from St Petersburg to Foreign Office, 20 June 1883. enclosed in Foreign Office to India Office. 3 July 1883, IOR ,Public and Judicial Annual Files 1880-1930. File J&P 1127/1883, L/P&J/6/101.

75. J. M. Keynes. Indian Currency and Finance. London. 1913. p. 75.

76. ٻن واپارين طرفان چاهتر هزار روبل (يعني هڪ لک روپين) جي ڪين ٽيندڙ نقصان لاءِ دعوي، جن ۾ چاليهه هزار رپين جي ڪنڊ، چاءِ، صابڻ ۽ اٽي جي ماليت شامل هئي. ڏسو شڪارپور جي ميسرز ڏالومل ۽ راڌومل طرفان 14 آگسٽ 1918ع تي هندستان سرڪار جي سياسي کاتي جي انڊر سيڪريٽري ڏانهن موڪليل بي. پي. پي. آڪٽوبر 1918ع، نمبر 385 جي درخواست. ٻئي پاسي 29 آگسٽ 1918ع تي شڪارپور جي واپاري ڪيمچند اوڌوداس طرفان ساڳئي انڊرسيڪريٽري جي نالي درخواست، بي. پي. پي. ڊسمبر 1918ع نمبر اي. 498. ٽئين واپاريءَ جي 12 نومبر 1918ع تي شڪارپور جي دولاب مل نيوندام طرفان انڊر سيڪريٽريءَ کي موڪليل درخواست.

77. Petition by Ramdas alias Dilaram, Shikarpur 3 June 1914. enclosed in Privy council to under-secretary of state for foreign affairs, 23 June 1914, IOR. Political and Secret Annual Files 1912-1930,File P 2785/1912, L/P&S/11/24.

78. Memorandum no. P/01, 16 November 1900. See above, note 56.

79. See Report on a Mission to Yarkand in 1873, with the comment of Sir T. D. Forsyth with historical and geographical information regarding the possessions of the Ameer of Yarkand, Calcutta. 1875. in particular Apendices. pp. 496 ff.. giving list of principal merchants. No mention of the Shikarpuris occurs either in James A. Millward. Beyond the Pass: Economy. Ethnicity and Empire in Quing Central Asia 1759-1864. Stanford, 1998, a detailed study of the Sinkiang economy.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

80. See J. Rizvi, 'The Trans-Karakoram Trade in the Nineteenth and Twentieth Centuries', The Indian Economic and Social History Review (IESHR), vol. 31, no. 1, 1994, pp. 27-64.

81. See C. P. Skrine and P. Nightingale, Macartney at Kashgar: New Light on British, Chinese and Russian Activities in Sinkiang, 1890-1918, London, 1973, p. 116.

82. Ibid., p. 148.

83. Ibid., pp. 158-9.

84. In the Kashgar diary, under the entry for 5 November 1908, copy in IOR, Political & Secret Correspondence with India 1875-1911, Political & Secret Letters from India 1908, L/P&S/7/224, Macarney's deputy, Shuttleworth wrote from Karghalik, a locality in Kashgaria.

85. Kashgar dairy, entry for 15 February 1909, copy IOR, Political and Secret Letters from India, 1909, L/P&S/7/227.

86. D. Fraser, The Marches of Hindustan, the Record of a Journey in Thibet, Trans-Himalayan India, chinese Turkestan, Russian Turkestan and Persia, Edinburgh and London, 1907, pp. 272-3.

87. See Kashgar diary entry for 17 August 1903, IOR, Political & Secret Letters from India 1903, L/P&S/7 157: 'Meng Raj (a prominent local Shikarpuri) says he used to buy 200 maunds per week of wheat flour in Yarkand for export to Fyzabad (a neighbouring town).'

88. L. E. Nyman, Great Britain and Chinese, Russian and Japanese Interest in Sinkiang, 1918-1934, Lund, 1977, p. 30.

89. On the events of 1933-34 in southern Sinkiang, see A. K. Wu, Turkistan Tumult, London, 1940, pp. 240-53 and A. D. W. Forbes, Warlords and Muslims in Chinese Central Asia: a Political History of Republican Sinkiang 1911-1949, Cambridge, 1986, pp. 63-96.

90. See British consul, Kashgar to foreign secretary, Government of India,in the Foreign & Political Department, 23 January 1936, enclosed in F 1439/2/10, PRO, Foreign Office Records, Foreign Office general (Political) Correspondence, Far East 1936, FO 371/20 200.

91. Appendix 'C', 'List of losses of British subjects murdered in Kargalik', in ibid.

92. See consul at Kashgar to resident in Kashmir, enclosed in resident in Kashmir no. 422- G, 23 May 1917, to foreign secretary to the Governenment of India in the Foreign and Political Department, BPP, October 1917, Serial no. A 572.

93. Report on the Tour in Afghanistan of His Majestry Amir Habib-Ullah



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Khan in 1907 by Fakir Sayid Iftikhar-ud-Din, British Agent at Kabul, Simla, 1908, pp. 16-17, enclosed in Secret Letter from India no. 511, 4 February 1909, IOR, Politcal & Secret Letters from India 1909 L/P&S/225.

94. V.Gregorian. The Emergence of Modern Afghanistan: Policies of Reform and Modernisation, 1880-1946, Stanford, 1969, pp. 62-63.

95. Lorrimer's Gazetter of the Persian Gulf, Oman and Central Arabia, vol. II, Geographical and Statistical, Calcutta,1908, p. 10.

96. P. M. Sykes, Ten Thousand Miles in Persia or Eight Years in Iran, London, 1902.

97. شڪارپور ڪان 18 جنوري 1928ع تي گنگارام شيوارام جي درخواست، جيڪا دزداب جي شهر مان برطانيا جي وائيس قونصل کي موڪلي وئي هئي. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ اينيول فائليز 1930-1912ع، فائل پي 840/ 1925، ايل. پي اينڊ ايس 11/288. انهن تفصيلن ۾ گنگارام جو هڪڙو بيان به موجود آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته دزداب ۾ پين علائقن ۾ هن جو ڪاروبار ڦهليل آهي. ۽ هو شاهوڪار ٺارومل رامداس ڪيمچند جو هڪ پائيوار گماشتو به آهي، جنهن جو ايران جي مختلف علائقن ۾ گذريل سؤ ورهين کان ڪاروبار ڦهليل آهي، ۽ اهو ڪاروبار هن جي وڏڙن کان هلندو پيو اچي.

98. ڊسو 9 آڪٽوبر 1914ع تي شڪارپور مان هندستاني سرڪار جي پرڏيهي کاتي ڏانهن لکيل يادداشت نامو. اهو خط شڪارپور جي اٺن واپارين، شڪارپور جي واپاري سيٺ ڏيارام مينگھراج جي معرفت پنهنجو پتو ڄاڻائيندي، خليج ايران ۾ واپار ڪندڙ واپارين جي خيثيت سان لکيو هو. هنن خط ۾ شڪايت ڪئي هئي، ته ڪرمان کان بمبئي رقم موڪلڻ لاءِ تيليگراف جي سهولت موجود نه آهي. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ فائلز، فائل 283/1912، پي اينڊ ايس 10/214.

99. 16 سيپٽمبر 1912ع جي خط ۾ شڪارپور جي ڪمشنر انڊرسيڪريٽري پوليٽيڪل سرڪار هندستان کي لکيو هو، ته ايران ۾ واپار ڪندڙ شڪارپوري واپارين پنهنجي واپار ۾ ناڻو سيڙائڻ لاءِ تيهه لک رپيا اُڌارا گھريا آهن.

100. ڊسو 1912ع تي ايم. ڊي. ويب چيئرمين ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو هندستان سرڪار جي پرڏيهي سيڪريٽريءَ ڏانهن لکيل خط. هن بندر عباس کان ڪرمان ويندڙ شڪارپوري واپارين جي اُن گھُرَ جي حمايت ڪئي، ته ڪين سفر ۾ هٿياربند رکڻ جي موڪل ڏني وڃي، ڇوته ان رستي تي عام طور ڌاڙيل قافلن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦريندا هئا. هن اهو به لکيو، ته اهي واپاري درآمد ۽ برآمد ۽ مالي معاملن ۾ سڌو سنئون چيمبر جي ميمبرن سان رابطي ۾ رهن ٿا.

101. Report on the British Indian Commercial Mission to South-Eastern Persia during 1904-05, A. H. Glendowe-Newcomen,Calcutta, 1906.

102. As mentioned in the 'Report on the trade and commerce of Bandar Abbas for 1912-13', enclosed in H. V. Biscoe, consul,to the secretary to the Government of India in the Foreign Department, 20 December 1913, India foreign Proceedings, External. February 1914, Pro No. 5.

103. برطانوي اختيارين 1933ع ۾، برطانوي هندستان طرفان پنجهتر دعويدارن جي هڪڙي فهرست ايراني اختيارين کي موڪلي هئي.

104. ڏسو گهُربل سامان جي فهرست، 23 سيپٽمبر 1901ع.

105. Letter no. 293, 9 June 1904 from Captain A. D. Macpherson, His Britannic Majesty's consul at Seistan and Kain to Louis W.Dane,secretary tothe Government of India in he Foreign department, enclosed in Serial no. A 84, BPP, July 1904.

106. Letter no. 717, 15 December 1903, from Captain A. D. G. Ramsay, officiating consul in Seistan to Louis W. Dane, enclosed in letter no. 1997, 17 May 1904, from E. H. S Clarke, assistant secretary to the Government of India, Foreign Department, to S. W. Edgerley, acting chief secretary to government.Political Department, Bombay, Serial no. A 83, BPP, May 1904.

107. Letter no. 149, 12 March 1904, from Lt. Col. C. F. Minchin, HBM's consul-general and agent of the Government of India in Khorrassan to Louis W. Dane, ibid.

108. P. M. Sykes, Ten Thousand Miles, p. 198.

109. مشهد ۾ فرم جو ايجنٽ چوهڙ سنگهه هو.

110. 1919ع ۾ لکجنڌڙ هڪ سرڪاري جائزي موجب: ايراني نارَ وارن علائقن مان موتي، برما کان هيرا ۽ ٻئي قسم جا قيمتي پٿر شڪارپور ۾ وڪيا ويندا هئا. ڏسو سنڌ صوبي جو گزيٽيئر، بي، جلد ٽيون، ضلع سکر، بمبئي 1919.

111. Petition, 23 April 1921, enclosed in chief commissioner North West Frontier Province to foreign secretary, government of India, Foreign & Political Department, memo no. 193/D. W.. 18 May 1921, IOR, Political and Secret Annual Files 1912-1930, File P 2696/1922, L/P&S/11/216.

112. Petition 27 December 1931 enclosed in memo no. 531, 28 December 1931, from HBM consul Kandahar to counsellor, British



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Legation, kabul, enclosed in counsellor, British Legation, Kabul, memo no. 194, 9 January 1932, to deputy secretary to the Government of India, Foreign & political Department, copy in IOR, Political * Secret External Files and Collection, Collection 32/5. 'Position of british subjects in Russia and their protection' L/P&S/12/4007.

113. See L. C. Jain, Indigenous Banking in India, London, 1928, p. 45, where the Multanis are mentioned as one of the two examples of 'bankers qua bankers' (the others being the Chettiars), as opposed to 'bankers-cum-traders'.

114. ڏسو سي. جي. بيڪر، هندستاني ٻهراڙيءَ جي معيشت، 1880ع کان 1955ع تائين: تاملي ٻهراڙي، دهلي، 1984ع، ص 291. 1930ع جي شروع تائين صوبي ۾ پنجيتاليهه ملتاني فرمون هيون، جن جون 110 ڪوٺيون ڪم پئي ڪيو. ڏکڻ هندستان ۾ واپار ڪندڙ ملتانين لاءِ ڏسو: دي مدراس بينڪنگ انڪوائري ڪميٽي، 1929-30ع، جلد پهريون، رپورٽ، مدراس 1930ع، ص 192-190.

115. See Report of the Burma Provincial Banking Enquiry Committee 1929-30, vol. I, Banking and Credit in Burma, Rangoon, 1930, pp. 187-88.

116. On the origins of the fortune of the Hindujas, see C. Cragg, The New Maharajahs: The commercial Princes of India, Pakistan and Bangladesh, London 1996, pp. 33-4.

117. هندوجا آڪهه جي هڪڙي ڀاتيءَ طرفان 1948ع تي هندستان سرڪار ڏانهن لکيل خط جي شهادت. خط جو موضوع هندستاني واپارين کي محدود ڪرڻ لاءِ ايران سرڪار طرفان پابندين خلاف احتجاج هو. ڏسو 29 جون 1948ع تي لکيل خط، جيڪو نهرو ميموريل ميوزيم اينڊ لائبريري، نئين دهليءَ ۾ محفوظ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

# پناما کان ڪوبي تائين: حيدرآباد جا سنڌورڪي

جيئن ته شڪارپوري واپارين جو واپاري- سرشتو، دراني شهنشاهيت جي ڦهلاءُ واري وقت ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن اُنن جي قافلن وسيلي ٿيندڙ واپار سبب وڌيو ويجهيو، جڏهن ته سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد جي واپارين جو اوڻيهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ عالمي واپاري- سرشتو، عالمي سامونڊي واپار ۽ بينڪيتي والار جي ڏس ۾ لاڳاپي سان وڌي ويجهي ترقي ڪئي. ٻاڦ جي انجڻ جي نئين ٽيڪنالاجي ۽ اليڪٽرڪ ٽيليگراف جي نتيجن تي پروسي سبب 1860ع کانپوءِ، سنڌ ورڪي واپارين طور مشهور حيدرآباد واپارين، پنهنجو واپاري- سرشتو اوڻهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڦهلايو، جيڪو بينڪيت ۽ ان کان اڳ واري دؤر جي دنيا تي ڦهليل آهي. واپاري- سرشتو، شڪارپور واري حالت جيان ڪنهن قدر مُنجهيل آهي، پر حيدرآباد تي برطانوي قبضي کان اڳ سندس سماجي- معاشي تناظر ۾ جائزي ۽ ڇنڊڇاڻ سان ڪجهه اشارا ملي سگهن ٿا.

## برطانوي قبضي کان اڳ حيدرآباد جو مشاهدو

جڏهن سر چارلس نيپيئر 1843ع ۾ ٽالپر حڪمرانن کي مياڻيءَ جي جنگ ۾ شڪست ڏني ۽ سنڌ کي برطانوي راڄ سان ڳنڍي ڇڏيو، تڏهن ڪلهوڙن طرفان ٻَڌايل شهر حيدرآباد ۾، سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ ٽالپرن جي مکيه آکهه جي سٺ سالن تائين دربار رهي هئي. هن شهر جي تنهن دؤر ۾ ويهه هزار آدمشماري هئي، جنهن بابت سهيوڳي مسافرن (1) حوالا ڏنا آهن، جن ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته شهر جو وڏندڙ قلعو ۽ سندس ويجهڙائيءَ ۾ ميرن جا قبا به آهن. شهر جو ٽالپرن جي مُکيه انتظامي جوڙجڪ ۽ گاديءَ جي هنڌ هئڻ سبب بنيادي ڪم سياسي هوندو هو، پر هي فوجي نقطي نگاهه کان اهم شهر به هو، جتي سنڌي فوج ۾ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي حيثيت رکندڙ بلوچ فوجين جي رهڻ جون جايون پڻ هيون. مسلمان آباديءَ جي ٻين عنصرن ۾ هڪڙيءَ خوجا واپاري برادريءَ سميت ڪيترن ئي هنرمندن ۽ پورهيتن جون ڏريون پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامل هيون. بهرحال هيءَ شاهدي ملي ٿي ته شهر جي اڪثر عام آبادي هندوئن تي مشتمل هئي، جنهن ۾ بيشڪ لوهاڻا گهڻا هوندا هئا. حيدرآباد، سنڌ جي گاديءَ جو سياسي هنڌ هئڻ ڪري صوبي جي انتظامي ڪاروهنوار هلائيندڙ عاملن جي وڏي گهڻائي هتي رهندي هئي. عامل ٻن مُکيه آکهين ۾ ورهايل هئا: جنهن مان خداآبادي عاملن بابت چئبو هو، ته اهي ڪلهوڙن جي اوائلي راڄڌانيءَ خدا آبادي جا رهندڙ هئا. جڏهن ته ٻيا غير خداآبادي هئا، جن جو رُتبو ڪانئن سماجي طور ٿورڙو گهٽ هوندو هو. سماجي ڏِر جي حيثيت سان هندوئن، سرسوت ۽ پشڪرڻ برهمڻن ۾ واضح طور برتر حيثيت وارن عاملن ڪانسواءِ، شهر ۾ گهڻو ڪري واڻيا يا ڀائيبند پڻ رهندا هئا، جيڪي مختلف آکهين ۾ ورهايل هئا، منجهانئن سيٺي ڪان مکيه يا اوچو رُتبو بينڪارن جي اشرافيه جو هوندو هو، جيڪي رياست کي خاص ڪري بلوچي درٻارين کي وياج تي ناڻو ڏيندا هئا، جيڪي حڪمراني ڪندڙ ٽالپرن جا ملازم يا درٻار جو اهم حصو هوندا هئا. ٻيا واپاري- بينڪار، هٿ جي ٺهيل پيداوار ۽ واپار ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ ملوث هئا. جڏهن ته هيٺين ٿهه يا طبقي ۾ اُهي ننڍڙا واپاري ۽ دڪاندار شامل هئا، جيڪي ٻاهران گهرايل شين توڙي مقامي طور ٺهيل شيون ڪپائيندا هئا. هي ئي اُهو ٻئي درجي جو طبقو آهي، جتان سنڌورڪي واپاري ارتقا ڪري متي اُڀريا.

برطانوي حڪومت طرفان سنڌ تي قبضي سبب، ٻين گهڻين ڳالهين سميت حيدرآباد جي رائج سماجي ۽ معاشي جوڙجڪ توڙي طبقن کي ڏاڍو ڌڪ رسيو. اهڙن قدمن مان خاص ڪري سر چارلس نيپيئر جو 1843ع ۾ ڪنيل اهو فيصلو هو، جنهن هيٺ هن راڄڌانيءَ جو هنڌ حيدرآباد مان ڦيرائي ڪراچي کي انهيءَ خيال ڪان ڪيو، ته اُن شهر جي آبهوا صحتمند ۽ اهو حيدرآباد جي ڀيٽ ۾ بمبئي کي ويجهو هو. انهيءَ جي هيءَ معنيٰ آهي ته ٽالپر حڪومت جي درٻار ۽ انتظامي ڪاروهنوار جي غائب ٿيڻ سان، نئين انتظام يا حڪومت جوڙيندي شهر کي ڪا متبادل سهولت يا اجورو نه ڏنو ويو. فوجي نقطي نگاهه ڪان حيدرآباد، سنڌ ۾ فوجي ڇانوڻيءَ طور مشهور رهيو، پر جيڪي برطانوي ۽ هندستاني فوجون شهر ۾ رهنديون هيون، تن کي گهڻو ڪري کاڌو خوراڪ ڪراچي ۽ بمبئي ڪان آيل پارسي ٺيڪيدار مهيا ڪندا هئا. شهر جي سياسي ڪاروهنوار ۾ نقصان سبب شهر جي واپار تي گهڻ رُخا نقصان ٿيا. رياست کي اوڌر تي ناڻو ڏيندڙ بينڪار سنڌ ۾ برطانيا جي اچڻ سان پنهنجو سڄو ڪاروبار وڃائي ويٺا، ڇوته برطانيا وٽ ناڻي جو پنهنجو نظام هو ۽ کيس مقامي بينڪارن ڪان اوڌر وٺڻ جي ضرورت نه هئي. 1830ع ۾ اهڙي هڪڙي بينڪ جوڙي وئي هئي، جيڪا 1930ع ڌاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ موجود ۽ سرگرم هئي، پر سندس ڪم محدود هوندو هو ۽ اُن ۾ سندس ويجها پائيوار ناٽو سيڙائيندا هئا ۽ اُها بينڪ قرض بہ ڏيندي هئي. گڏوگڏ بينڪ جي سرگرمي سون ۽ دلاليءَ جو ڪاروبار پڻ هوندو هو. (2) واپاري بينڪارن بہ، جيڪي گهٽ ڪري هٽ جي نهيل هنرن ۽ واپار ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ ملوث هئا، مالوا آفيم واپار مان پنهنجو فائديمند وهنوار وڃائڻ ۽ اتر هندستان سان قافلن وسيلي ٿيندڙ واپار جي نون رستن، جيڪو اڳي تر واري علائقي کان ٿيندو ڪراچي وسيلي ويندو هو، مقرر ٿيڻ سبب بہ پنهنجا فائدا ڪوئجڻ سبب متاثر ٿيا. جيستائين هٽ جي نهيل مقامي هنرن جي پيداوار جو تعلق آهي، جيڪا گهڻو ڪري ڪپڙي جي صنعت، پرت (3)، جنڊيءَ جو ڪم، ۽ هٿيارن تي مشتمل هوندي هئي، جنهن جي شاهي دربار ۽ فوج ۾ وڏي کپت هوندي هئي، تنهن کي ڪراچيءَ کان صوبي ۾ داخل ٿيندڙ برطانوي ۽ هندستاني شين سان ڏاڍي چٽاپيٽي ڪرڻي تي پئي، جنهنڪري انهن واپارين کي بہ ڌڪيا ڏينهن ڏسڻا پيا. اهڙيءَ ريت، سنڌ تي برطانوي قبضي ڪارڻ حيدرآباد جي واپارين ۽ بينڪارن تي منفي اثر پيا، ۽ اُهي پنهنجي واپار لاءِ نوان گس ڳولهڻ تي مجبور ٿيا.

ٻهراڙيءَ واري علائقن ۾ واپار جا موقعا محدود هئا. جيتوڻيڪ حيدرآباد، سنڌو درياهہ سان لڳولڳ ٿليلي واهہ تي آباد ٿيندڙ سنڌ جي سڀ کان زرخيز علائقي ۾ موجود هو، تنهن هوندي بہ ٽالپرن جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ ۽ برطانوي عهد جي پهرين ڏهاڪي ۾، غلط رٿابندي ۽ واهن جي ڪاتيءَ نہ ڪرائڻ سبب زراعت جي ترقيءَ واري رفتار سُست رهي. گڏوگڏ حيدرآباد ضلعو ڌاڙن ۽ ٻهراڙين ۾ چورين جي ڏوهن ڪري مٿانهين درجي تي رهيو، (4) جن جو خاص نشانو هندو واپاري هوندا هئا. شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ چورن جو آزار هوندو هو، (5) جنهن جو مطلب هي آهي، تہ واپارين جون ملڪيتون مسلسل جوکي ۾ هونديون هيون.

سنڌ تي قبضي جي شروعاتي دؤر ۾ مقامي واپار، سيڙپڪاريءَ ۽ زراعت ۾ پابنديءَ مڙهيل موقعن مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ حيدرآباد جي واپارين پنهنجي اباڻي شهر سميت ملڪ کان ٻاهر واپاري موقعا ڳولهڻ شروع ڪيا. نئين ۽ شڪارپور جي سنڌن واپاري پائرن جي اُبتڙ، جيڪي عالمي واپار ۽ سيڙپڪاريءَ ۾ تاريخ جي ڊگهي عرصي کان ملوث رهيا هئا، حيدرآباد جي هندو واپارين بابت هي شاهدي نٿي ملي، تہ منجهن بينڪيت واري دؤر کان اڳ اهي روايتون نہ وڏيون ويجهيون هيون. حيدرآباد جي جن واپارين جي عالمي واپار ۾ ملوث هجڻ جي روايت رهي هئي، سي مقامي خواجا هئا، جيڪي خاص ڪري ارڙهين صديءَ جي پڇاڙي کان مسقط ڏي واپار ۾ سرگرم هئا. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھ جو گھڻو امڪان آھي، تہ حيدرآباد ۾ ٻاھرين واپار بابت ڄاڻ ھنن واپارين وسيلي آئي ھوندي. بھرحال، حيدرآبادي واپاري جي اھم ڳالھ ھيءَ ھئي، جو ھنن حيدرآباد ۽ بمبئي وچ ۾، خاص ڪري 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو ڪوٺڻ کانپوءِ واپاري لاڳاپا جوڙڻ ڏي خاص ڌيان ڏنو. حيدرآباد ۽ بمبئي وچ ۾ واپاري لاڳاپا برطانوي قبضي کان اڳ بہ موجود ھئا. ۽ اليگزينڊر برنس 1837ع ۾ پنھنجي دوري دؤران، حيدرآباد کان بمبئي ڏي ايندڙ واپارين جو ذڪر ڪيو آھي. (6) حيدرآباد جو مالوا آفيم واپاري وسيلي پڻ ھندستان سان ناتو موجود ھو. منجھائن مُک شاھدي ھيءَ آھي، تہ 1850ع ۾ حيدرآباد جا ڪجھ واپاري، مقامي پورھيتن کان ورتل شين جو واپار ڪندڙ، مقامي شين کي وڪڻڻ لاءِ بمبئي ڏانھن باقاعدي سان وڃڻ لڳا ھئا، جوتہ ڪين پتو پيو، تہ اوپرندي ھندستان جي وڏن شھرن جي يورپي ماڻھن ۾ انھن نھيل شين جي کپت جو وڏو رواج موجود ھو. پانئجي تو تہ 1840ع (7) ڌاري سنڌ ۾ ھٿ جي نھيل ڪجھ شين جو يورپي ذوق وتان ھجڻ واري ڳالھ سامھون آئي، جو تڏھن يورپي آفيسر ۽ انتظام سنڀاليندڙن سنڌ جي مقامي طور نھيل شين ۾ دلچسپي پئي ڏيکاري، جنھن جو شايد سبب ھي ھو، تہ سنڌ جون نھيل شيون، بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ٻين صوبن جي ورڪشاپن ۾ نھيل شين کان وڌيڪ پائيدار ھونديون ھيون. حيدرآبادي واپاري بمبئي ۾ جن قسمن جون شيون وڪڻندا ھئا، سي 'سنڌ ورڪ' جي نالي سان مشھور ھونديون ھيون. ۽ انھن شين کي وڪڻندڙ واپاري 'سنڌورڪ والا' يا 'سنڌ ورڪي' طور مشھور ٿيا. انھن نھيل شين ۾ ھالا ۽ لقمان ڳوٺ ۾ ڪاٺ تي ٿيل جنڊيءَ جي ڪم، مٽيءَ جي پڪل ٿانوَن تي ٿيل گلڪاريءَ وارا ٿانوَ يعني ڪاشيءَ جا ٿانوَ، جگ ۽ پاٽون، گُگھيون، جيڪي پڻ ھالا جون نھيل ھونديون ھيون، نٽي جون لُنگيون، دادوءَ جا اجرڪَ، نوابشاھ جو پرت پريل ڪپڙو، لاڙڪاڻي مان ٿامي ۽ پتل جون نھيل شيون گھڻيون مشھور ڄاڻايون ويون آھن. (8) اوڻھين صديءَ ۾ لکيل رپورٽن مان حيدرآباد ۾ نھيل جنڊيءَ جي ڪم ۽ پرت جي مسلسل پيداواري ڄاڻ سميت زريءَ جي ڪم جي ڄاڻ ملي ٿي، پر سڀيئي رپورٽون سنڌ ۾ روايتي ھنرن جي تيزيءَ سان زوال تي وڌيڪ زور ڏين ٿيون. (9) پانئجي تو تہ جنڊيءَ جي فن ٻين ھنرن کان وڌيڪ عرصي تائين جٽاءُ ڪيو ھو، تنھن بابت 1907ع ۾ گزيٽيئر ۾ ڇپيل آھي تہ، 'ھن قسم جو مال 'سنڌورڪي وڪر' جي حيثيت سان سڄي ھندستان ۾ وڪرو ڪيو ويجي ٿو، خاص ڪري ڏابليون يا ننڍيون پيٽيون، جن تي جنڊيءَ ۽ مٿن پيلي، ڪاري، ڳاڙھي ۽ سائي رنگ جو ڏاڍي خوبصورتيءَ سان ڪم ٿيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي.' رپورٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايل آهي ته، 'منجهن سيني کان مکيه مقامي طور ٺهيل اجرڪَ، بسترن جون چادرون، لڏنديڙ پينگها ۽ ڪتون شامل آهن، جيڪي هرڪنهن خوشحال سنڌيءَ جي گهر ۾ موجود هونديون آهن.' (10)

جيڪڏهن حيدرآباد جا گهوڙيا واپاري پاڻ کي رڳو بمبئي ۽ هندستان جي ٻين شهرن تائين محدود رکن ها، ته پوءِ هيءَ پڪ هئي، ته اهي ننڍي ڪنڊ ۾ صدين کان واپار ڪندڙ ٻين انيڪ واپاري- گهورڙين جيان تباهه ٿي، وڃي ڪڏ ۾ ڪِرن ها. بهرحال 1860ع ڌاري حيدرآباد جي ڪجهه واپارين مُحرڪ طور ڪوشش ڪندي هندستان کان ٻاهر شيون وڪڻڻ واري ڪم کي ڦهلايو. هنن جو پهرين ماڳ مصر ڏيهه هو، ۽ اتي هنن جي واپاري- سرشتي ائين خاص انداز سان پنهنجو روپ ورتو ۽ ڦهليو، جو مصر جديد سمجهدار اصطلاح موجب 'سياحن' جي پهرين ماڳ طور نروار ٿيو. پوءِ پنجن ڏهاڪن تائين، اهو واپاري- سرشتو، جيڪو سنڌ ۾ ابتدا ۾ مقامي طور ٺهيل ننڍڙين شين جي واپار سان شروع ٿيو هو، سو عالمي واپاري- سرشتي ۾ مڪمل طور تبديل ٿي ويو، جنهن تي سيڙپڪاري ۽ ضابطو حيدرآباد مان رکيو ويندو هو.


## پهرين مهاڀاري جنگ تائين واپاري- سرشتي جو ڦهلاءُ

1860ع ۽ 1914ع جي وچ ڌاري، حيدرآباد جي سنڌورڪي واپارين هوريان هوريان دنيا جي وڏي حصي تائين پنهنجي واپاري وهنوار کي ڦهلايو. وقت سان گڏوگڏ اُن واپاري- سرشتي ۾ ڪرداري طور ماهيت ۾ گهڻي تبديلي آئي. واپارين ابتدا ۾ سنڌ ۾ مقامي طور ٺهيل شين جي وڪري کي عالمي واپار جو درجو ڏنو، پر جيئن هنن پنهنجي واپار کي وڌايو، ته سنڌ ۾ ننڍي سطح جا ڪارخانا مسلسل وڌندڙ واپاري- سرشتي جي طلب ۽ رسائيءَ جي پُورت کان لاچار ۽ نااهل ٿيندا ويا. اهو ئي سبب آهي جو 1870ع کانپوءِ، سنڌورڪي واپارين ٻين ذريعن ڏانهن ڌيان ڏيندي هندستان ۾ پنجاب، ڪشمير ۽ بنارس مان ۽ پرڏيهه مان گهڻو ڪري ڏور- اوڀر وارن ملڪن، چين ۽ جاپان مان شيون وٺڻ شروع ڪيون. واپار جي ڦهلاءَ ۽ واڌ کي، بنيادي طور شين جي کپت ۽ دستيابي عنصرن سبب تحرڪ مليو هو، جنهن جي موٽ ۾ سندن متاچري نوعيت جي جوڙجڪ ڪيائين.

شين جي گهرج جي سطح تي مُک عنصر، 1860ع ۽ 1914ع دوران عالمي سفر جي وسعت ۾ گهڻي واڌ هئي، جيڪا ٻاڦ واري انجڻ ٺهڻ ۽ سوئيز ۽ پناما ڪئنال جي کُلڻ سان، واپاري مقصدن سميت ٻين وندرن ۽ تفريحن لاءِ سامونڊي سفر تي ايندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




3 The Sindworkie network, *c.* 1890–1940


*Source: Base Mondiale* ESRI (DWC), C. Markovits, M. Legrand and F. Pirot, 1998

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




All localities on the map had branches of Hyderabadi firms between 1890 and 1940

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


NORTH WEST AFRICA
SPAIN
Algiers
Gibraltar
Ceuta
Tangier
Tetouan
Melilla
Larache
SPANISH MOROCCO
Oujda
ALGERIA
Kenitra
Fes
Rabat
Meknes
Casablanca
MOROCCO
MEDITERRANEAN
Naples
Palermo
Algiers
Catania
Tunis
Valetta
Tripoli
Benghazi
Derna
Alexandria
Port Said
Ismailia
Cairo
Suez
WEST AFRICA
NIGERIA
Kumasi
Lagos
Onitsha
Koforidua
Sapele
Tarkwa
Accra
Warri
Aba
Cape Coast
Sekondi
Port Harcourt
GOLD COAST
JAVA
Batavia
Buitenzorg
Tjirebon
Pekalongan
Semarang
Surabaja
Bandung
Tegal
Magelang
Madium
Tjepu
Purwokerto
Pasuruan
Situbondo
Kediri
Probolinggo
Jogjakarta
Malang
Djember
Lumadjang

غيرمعمولي خرچن ۾ اضافي سبب ٿي هئي. جيتوڻيڪ اهو ڦهلاءُ گهڻو ڪري اتر آمريڪا ۽ يورپ تائين محدود هو، تنهنڪري ڪجهه خاص قسمن جي شين جي طلب ۾ واڌارو ٿيو، جن ۾ 'نوادرات' طور مشهور شين سميت مشرقي مزاج رکندڙ ڪجهه خاص قسم جا ڪپڙا ۽ ريشمي لباس شامل هئا. 'نوادرات' واري رواج جي اصليت يا بُنياد ڪي دائري ۾ وسعت ۽ لڳاتار سفري اضافي سميت يورپي سرمائيداريت جي واڌاري ڪي مُنهن ڏيڻو پيو. 'مشرقيت' پڻ مارڪيٽ ۾ موجود هئي، ڇوته اهڙين نهيل شين ۾ وڏيڪ فائدو هوندو هو، جن ڪي اولهه جي فيڪٽرين جي نهيل شين کان 'مختلف' تصور ڪري سگهجي پيو.

اوڻيهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾، اتر آمريڪا ۽ يورپ جي ذهني سوچ ۾ تبديلين ڪري صارفين جي ذوق تي سڌو اثر ٿيو. جيئن جان ميڪنزي لکي ٿو ته: 'سامراجيت جي اُڀار، اوير جي ماتحت ماڻهن جي فن کي گهٽ حيثيت ڏئي نهڪاءُ ڪان پري رکندي، اِصل ۾ واڪاڻ سان نئين تِشبيهه ڏني هئي.' (11) برطانيا ۾ خاص ڪري ليکڪن ۽ تنقيد نگارن جو اهو ميڙ، جن ۾ گهڻا مشهور ليکڪ آوين جونز، ڪرسٽوفر ڊريسر ۽ جارج برڊووڊ شامل آهن، تن ايشيا جي نهيل هنرن خاص ڪري هندستان، چين ۽ جاپان جي نهيل شين جي ساراهه جا ڍڪ پريا آهن. (12) جڏهن ته هندستاني ڪپڙي جي صنعت ۽ ٻين پيداواري شين جي ميحتا جي اڳيئي اولهه ۾ ڊگهي تاريخ موجود هئي، 'جپان پرستي' هڪڙو بلڪل نئون ڏيک هو، جنهن 1860ع ۽ 1920ع جي وچ ڌاري اتر آمريڪا ۽ يورپ کي باقاعدي وقفي وقفي سان گهيري ۾ آندو هو. جپانين 1862ع ۽ 1893ع تائين مختلف ملڪن ۾ عالمي نمائشون ڪيون، جن کي ڏاڍي ميحتا ملي ۽ ان سان جپان جي هرهڪ نهيل شيءِ ماڻهوءَ منجهه لهر ٿي اُڀاري. (13) فوٽوگرافرن جپان جا سفر ڪيا، ۽ ڪرسٽوفر ڊريسر جو ڏاڍو سُٺو لکيل جپان جو سفرنامو، جيڪو 1882ع ۾ ڇپيو هو (14) تنهن جو سُٺو اثر ٿيو. 'جپان پرستي' جمالياتي ذوق رکندڙ ۽ اشرافيه اميرن تائين محدود نه رهي، پر اُها ترت ئي وچين طبقي تائين ڦهلجي وئي. جپان ۾ نهيل شيون برطانيا، يورپ کنڊ ۽ آمريڪي رياستن جي وچين طبقي وارن ماڻهن جي گهرن جو تيزيءَ سان حصو بڻجي ويون. جپان مان سڌو شيون گهرائڻ لاءِ فرم ڪوليو ويو ۽ لنڊن ۾ خاص دڪان کوليا ويا، جنهن مان گهڻو مشهور لائبرير جو دڪان هوندو هو، جيڪو 1875ع ۾ شروع ٿيو هو، جتي ريشم، پرت پريل وڳا، ڪاٺ مان نهيل شيون، غاليچا، ململ ۽ ٻيون اشتياق وڌائيندڙ مشرقي شيون رکيون وينديون ويون ۽ انهن شين جمالياتي ذوق رکندڙ ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميت وچين طبقي جي عورتن ۾ گهڻو ناماچاري ماڻي. (15) مشرقي شين جو اوپر وارن ملڪن ۾ گهڻي واهپي ڦهلجڻ جو هڪ اهم سبب هي هو، جو مشرقي شين جا سستي پيماني تي نقل جوڙي، گهڻ اگهه واري وچين طبقي جي مارڪيٽ ۾ وڪڻيا ويندا هئا، جنهن سان مشرقي شين جو صحيح سگهارو مارڪيٽ پئي نهيو. مشرقي هنري شيون، اوپر وارن ملڪن ۾ درآمد ڪندڙن کي مڪمل طور آڻت ڏئي نه سگهنديون هيون. مٿين طبقي جي فردن وٽ ڪنهن سستي نقل کان وڌيڪ 'اصلي شيءِ' جي اهميت هوندي هئي، تنهنڪري هنن لاءِ اها ڳالهه سماجي امتياز جو مامرو بڻجي ويندي هئي. معلوم ٿئي ٿو، ته ايئن سفري خرچ جي واڌ سان 'پختگي' جي وڏي ضمانت پئي پيش ڪئي. مشرقي ملڪن ڏانهن گهڻو سفر ڪندڙ اولهه جي واپارين اصلي مشرقي شين جي حاصلات کي سفر تي ايندڙ ڪُل لاڳت جي حيثيت سان ڏسندا هئا. انهيءَ ڳالهه مارڪيٽ ۾ سني ساک ۽ لاڳاپو قائم ڪيو، جن ۾ حيدرآباد جي واپارين ڪاميابيءَ سان خاص مهارت ماڻي ورتي. ٻاڦ جي انجڻ وسيلي عالمي بندرگاهي شهرن ڏانهن سفر ڪندڙ عالمي مسافرن سان سولائيءَ سان لاڳاپو رکي پيو سگهجي، تنهنڪري سنڌورڪي واپارين انهن رستن جي پوئواريءَ ڪندي وڏن بندرگاهن تي واپاري- سرشتو جوڙڻ جو لاڙو رکيو. هنن ابتدا ۾ عام طور گهورڙئي جي حيثيت سان ڌنڌو شروع ڪيو هو، پر هنن جڏهن هڪ پيرو پاڻي جهاڳي ماپي ڏٺو، ته پنهنجي شين جي لڳاتار وڪري جو نتيجو ڪڍيو ۽ پنهنجا نوان دڪان کوليا. هن ڳالهه جو پتو پوي ٿو، ته هنن پنهنجا مشرقي دڪان يورپي ڍنگ تي لنڊن ۽ اُتر آمريڪي شهرن ۽ يورپي جي مکيه وڏن شهرن ۾ کوليا هئا، ته جيئن مسافرن کي منجهانئن پنهنجائپ جو تاثر ملي سگهي. ثقافتي طور اهو مشرقي واپارين جو ڏاڍو سُنو مثال آهي، جيڪو هنن اولهه جي واپارين کان مشرقي شين جي واپار بابت سکيو.

شين جي دستيابيءَ جي سطح تي ڏسبو، ته واپاري- سرشتي جي ڦهلاءَ پويان مکيه عنصر، يورپي گراهڪن ۾ ايشيائي هنرن جي ٺهيل شين جي وڌندڙ طلب جي پورائيءَ جي خيال کان، شين جا نوان ذريعا ڳولهڻ جي ضرورت هئي. مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته سنڌ جي هنري پيداوار جي تيزيءَ سان ٿيندڙ زوال کي جاٽائيندي ڏسبو، (16) ته اُهي وسيلا هندستان سميت ڏور- اوپر جي ڪنهن ٻئي هنڌ هئڻ سميت ڏور- اوپر يا ڪجهه وڌيڪ وضاحت سان چئبو ته جپان ۾ ۽ ٿورڙي گهٽ انداز ۾ چين ۾ موجود هئا. هندستاني نوادرات جو اهم ذريعو برقرار رهيو، پر سنڌس ريشم جي صنعت جو سهڻي انداز اٽتر طور واپارين کي ڏور- اوپر ۾ ريشمي شين جا وسيلا ڳولهڻ تي مجبور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو، جتي ريشمي صنعت تيزيءَ سان پئي ڦهلي. تنهنڪري، سنڌورڪي واپارين 1870ع کان وٺي شين جي خريداريءَ جي مقصد سان ڏور- اوڀر ۾ پنهنجون ڪوٺيون کولڻ شروع ڪيون، جتي هنن بينڪيتي ۽ نيم بينڪيتي ملڪن جي انهن سمورن بندرگاهن ۽ واپاري توڙي تجارتي مرڪزن ۾ پنهنجو مارڪيٽ قائم ڪيو، جتي ٻاڦ وارا ٻيڙا ايندا ويندا هئا.

سنڌورڪي واپاري، هندستان ۾ سڀ کان مشهور هنري پيداوار جي مشهور مرڪزن ڪشمير، پنجاب ۽ بنارس مان سامان وٺڻ سميت رولاڪ هندستاني هنرمندن کان پڻ شيون وٺندا هئا. جيڪي خاص واپارين کي پنهنجي پيداوار وڪرو ڪندي سڄي دنيا جو سفر ڪندا هئا. انهيءَ قسم جي رولاڪ ڪاريگرن جي موجودگيءَ بابت، ڪنهن رولاڪ ڪاريگر طرفان بينڪيتن جي رياستي سيڪريٽري ڏانهن، آسٽريلوي اميگريشن رڪاوٽن بابت لکيل هڪ خط ۾ انڪشاف ڪيو ويو. (17) اهو خط لڌيانا جي هڪ پنجابيءَ طرفان لکيل هو، جنهن پاڻ کي عاج، ڪچونءَ جي کوپي، سنگ مرمر، هڏن ۽ ڪاٺ جي جنڊيءَ ۽ جڙاوتي ڪم جو ماهر سڏايو هو، ۽ هن دعويٰ ڪئي، ته هن پنهنجون شيون ٿوڪ واري واپاريءَ کي وڪيون، جنهن اُهي دڪاندارن ۽ گهورڙين کي کُلي اگهه تي وڪيون هيون. هن سفر جي ڪارگذاري گهڻو ڪري سنڌورڪ واپارين جي واپاري- سرشتي سان ٺهڪجندڙ آهي. (18)

اهڙيءَ ريت اُهي واپاري ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۽ هندستان وچ ۾ تيزيءَ سان ’عالمي دلال‘ بڻجندا پئي ويا، جتي اُهي گهڻو ڪري ريشم ۽ نادر شيون وٺندا هئا، ۽ آفريڪا، ڏکڻ- اوڀر ايشيا، ميڊيٽرينين ۽ وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي بينڪيتي ۽ نيم بينڪيتي ملڪن ۾ اُهي شيون گهڻو ڪري عالمي سياحن سميت يورپي گراهڪن توڙي مقامي ماڻهن کي وڪڻندا هئا. اُهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جو برطانوي هندستان جي ماتحت هڪ ننڍي صوبي جي ميداني علائقن ۾ ننڍن بنيادن تي واپار ڪندڙ واپارين پاڻ کي ايڏي وڏي پَد تي پهچايو، جو اُتي هنن اُهي واپار جا موقعا استعمال ڪيا، سا ڳالهه ڪنهن قدر ڳُجهه ۾ ئي رهندي. هتي هاڻي هي ٻه سوال خاص ڪري موجود رهندو، ته اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جو ڏور- اوڀر وارن ملڪن، چين ۽ جاپان جا واپاري انهن موقعن کي استعمال ڪري منجهانئن فائدو وٺڻ ۽ اُهي پنهنجي شين کي عالمي سياحن وٽ سڌو سنئون وڪڻڻ جي حيثيت ۾ نه هئا. هن ڳالهه جو جواب گهڻو ڪري سياسي آهي: جڏهن چيني ۽ جاپاني واپاري پنهنجي واپاري سرگرميءَ جي روايتي علائقن (چيني واپارين لاءِ نينيانگ، ۽ جپاني واپارين لاءِ ڏور ايشيائي ملڪ) کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر پرڏيهه ويندا هئا، ته ڪين سياسي رڪاوٽن سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو. جڏهن ته سنڌورڪي واپارين، برطانوي- هندستان جا شهري هوندي رُتبي هيٺ ملندڙ تحفظ مان فائدو ورتو، ۽ اُهي هرڪنهن ماڳ يا ملڪ ڏانهن آزاديءَ سان گهٽ وڌ اچي وڃي سگهندا هئا.

بهرحال، واپار جي عالمي ڦهلاءَ جي مکيه ڏاکڻ جي ٻيهر جوڙجڪ ڏکيو مامرو ثابت ٿيو آهي، ڇوته پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ واپارين جي چرپر تي برطانوي اختيارن جو ڌيان گهٽو نه هوندو هو، ۽ ايئن انهيءَ ڏس ۾ وٽن ڪي به شمارياتي انگ اکر به موجود نه هئا. ايڏي وڏي پيماني تي پکڙيل واپارين واري ڳالهه کان لنوائڻ حيرت جوڳي ڳالهه پائنجي ٿي، پر هن ڳالهه مان حقيقت واضح ٿي سگهي ٿي، ته سنڌورڪي واپاري عام طور پنهنجي واپاري جاين تي 'بمبئي واپارين' جي نالي سان سڃاتا ويندا هئا، ۽ گڏوگڏ اوپر هندستان مان ڪهي آيل واپارين سان گهٽو ڪري سنڌن تميز به ٿي نه سگهندي هئي. بهرحال، 1907ع ڌاري حيدرآباد جي واپارين جو مصر ڏانهن اوچتو گهٽي ڊُڪ ڊوڙ ۽ قاهرا جي مشاورتي ڪورٽ اڳيان مقدمن جي وڌڻ سبب، برطانوي مشاورتي اختياريون انهيءَ ڏس ۾ هندستاني حڪومت کان انهن ڪارڻن بابت پڇا ڪرڻ ۽ ڪين محدود رکڻ جي طريقن بابت پڇڻ تي مجبور ٿيون. (19) اهڙيءَ ريت ان خاص واپاري لڏپلاڻ بابت هندستاني اختيارين جو ڌيان ڇڪجي ويو. ساڳي وقت، 1907ع ۾ ڏاڍي ڏاهي ۽ ڄاڻو شخص اِي. ايچ. ايٽڪن جي جوڙيل سنڌ صوبي جي گزيٽيئر ۾ حيدرآبادي واپارين جو سڀ کان اڳ ڪاٿو لڳايل آهي، جنهن ۾ انهن واپارين جو انگ پنج هزار ڄاڻايل آهي. (20) تفصيلي ڪهاڻي ۾ ڪيترائي جهول يا خال رهيل آهن، تن کي ٻين گهٽن ذريعن وسيلي ڳنڍي ٽوپو ڪري ٿاهڻو پوندو: مختلف آدمشمارين جا طبعي پکڙيل انگ اکر، واپاري ڊائريڪٽريون، ڪمپنين جي تاريخ ۽ برادريءَ جي تاريخ، جيڪا معلوماتي هوندي به ايڏو سُنو ذريعو نه آهي. (21) پهرين مهاڀاري جنگ دوران، واپارين جي هن پکڙيل برادريءَ تي برطانيا ۽ هندستاني مشاهديڪارن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. سِي. ايف. اينڊريو خاص ڪري، جنهن جي 1920ع ۽ 1930ع جي وچ واري عرصي دوران پنهنجي سفرَ دوران هندو واپارين سان ملاقات ٿي هئي، تنهن پنهنجي 'انڊيا ۽ پيسفڪ' (22) ڪتاب جي ڪجهه صفحن ۾ هنن واپارين جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌورڪ واپارين ٻن مکيه رستن جي پوئواري ڪئي: هڪڙو رستو بمبئي کان اولهه ڏانهن ويو ٿي: جڏهن ته ٻي واٽ اوپر ڏانهن ٿي ويئي، يا بمبئي کان ڪولمبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ويندڙ رستو ورتو، جتي جهازن ۾ مال جي منتقلي ٿيندي هئي، ۽ اُتي ڏور- اوڀر جي ملڪن کان ٻاڦ جي انجڻ وارا جهاز ايندا هئا يا وري متبادل طور ڪلڪتي کان ايندا هئا. بمبئي جي اولهه وارو مڪيه رستو سنڌورڪي واپارين کي مصر ڏانهن وٺي ويو. اُهي مصر ۾ تڏهن پهتا هئا، جڏهن ان ملڪ ۾ عالمي يا جديد 'سياحت' جو نئون دؤر شروع ٿيڻ سميت سياحن جو ماڳ بڻجندو پئي ويو. اُهي واپاري مصر ۾ سياحتي شيون وڪڻندڙ پهريان واپاري نه هئا يا چئبو ته مکيه واپاريءَ طور حصو وٺندڙ نه هئا: آرمينيائي، ليونتائين ۽ يهودي واپاري ڪانئن اڳيئي اتي پهچي چڪا هئا، ۽ هنن جو سياحتي واپار تي ڏاڪو هوندو هو. پر 1860ع ۽ پهرين مهاڀاري جنگ (23) دؤران مصر ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ سياحت، هندستان جي ننڍن واپارين کي اهو مناسب موقعو فراهم ڪيو، ته اُهي ان قسم جي واپار سان پنهنجو تعلق ڳنڍيين ۽ ان ۾ مهارت ماڻي ناڻو ڪمائين، جيڪا ڳالهه ٻين ملڪن يا ماڳن ڏانهن سنڌن واپار کي وڌائڻ ۾ سهڪاري ثابت ٿي.

مصر ۾ برطانوي مشاورتي عدالت ۾ سنڌي واپارين سان لاڳاپيل مقدمن مان مليل شاهدين مان پتو پوي ٿو، ته سنڌورڪي واپار 1860ع ۽ 1870ع ڌاري تڏهن ننڍي پيماني تي شروع ٿيو هو، جڏهن حيدرآباد جا واپاري واپاريءَ مُند دوران مصر آيا هئا ۽ اُهي پاڻ سان گڏ هندستان مان ورتل شيون گهورڙئي طور وڪڻڻ ۾ ملوث هئا. اهو 1880ع وارو سال هو جڏهن واپارين پنهنجون مستقل ڪوٺيون قائم ڪيون، جن ۾ هنن پنهنجو واپاري سامان سَٿڻ شروع ڪيو، جيڪو گهڻو ڪري هندسستاني شين تي آڌاريل هو، پر انهيءَ سامان ۾ ڏور- اوڀر جي ملڪن جي وڌندڙ درآمدي مال جو وڌندڙ حصو به شامل هو. هي ڏهاڪو مصر تي برطانوي والار سان ٺهڪجندڙ آهي، ۽ اها اتفاقي يا قدرتي هم آهنگي نه آهي: برطانوي حڪومت سنڌورڪي واپارين کي تحفظ مهيا ڪيو، جيڪي برطانوي شهري به هئا. پوءِ هنن واپارين بيشڪ مصر ۾ پنهنجا مسقل دڪان کولڻ ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ اڳتي اچڻ ۾ ڪو ننڍڙو ڪردار ادا نه ڪيو. برطانيا جي اهم فوجي ڇانوڻيءَ جي موجودگي ۽ برطانوي شهرين جي آباديءَ ۾ واڌارو، جنهن جو پگهارون به گهٽيون هيون، سي پڻ اهم مُحرڪ هو. اسڪندريا ۾ 1888ع ۾ ديهانت ڪري ويندڙ حيدرآباد جي واپاري نانڪرام گيهيمل تولارام جي واپاري سامان جي ابتدائي جاچ مان معلوم ٿيو، ته هن وٽ قاهرا ۽ اسڪندريا (24) ۾ واپاري سامان سان سَٽيل به ٽاهوڪيون ڪوٺيون يا دڪان هئا، جن مان سنڌورڪي واپارين جي واپاري مال ۽ سندن واپاري ساک جو پتو پوي ٿو. اسڪندريا جي لومبارڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽيءَ ۾ واقع دڪان ۾ رکيل شين ۽ وکرو ٿيندڙ سامان جي گهٽائي بابت تفصيلي چاڻ ملي ٿي. واپاري سامان جو ڪُل ڪاٿو 637 پائونڊ يعني ڏهه هزار رپيا لڳايو ويو، جيڪو 1888ع جي دؤر ۾ ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ گهڻو ڪري ريشم جي ڪپڙي ۽ ٻين قسمن جي ڪپڙي سميت پتل جا ٿانوَ، ٽامي جا ٿانوَ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون شامل هيون. سرڳواسي واپاري واضح طور شاهوڪار واپاري هو، جيڪو بمبئي وسيلي حيدرآباد ڏانهن هر هفتي پنهنجو ناڻو موڪليندو هو ۽ هن پنهنجي وصيت ۾ پنهنجي سڄي ملڪيت پنهنجي ٻن ننڍڙن سئوٽن حوالي ڪئي هئي. نانڪرام جي مقدمي مان ثابت ٿئي ٿو، ته 1880ع ۾ سنڌورڪي واپارين مصر ۾ مضبوط واپارين واري حيثيت اختيار ڪئي. 1890ع ۽ 1900ع جي شروعاتي سالن ۾ مصر ڏانهن ايندڙ سنڌورڪي واپارين ۽ تجارتي ملازمن جو چڱو انگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُهي واپاري ۽ ملازم گهورڙئي طور ٻڌو مال وڪڻندا هئا. 1890ع ۾ حيدرآباد ۾ آيل مونتمار ڪالرا پڻ واپارين جي لڏپلاڻ جو سبب بڻي، ۽ سنڌن هندستان کان مصر ڏانهن سولائيءَ سان پهچڻ مان پائنجي ٿو، ته اُتي سياحتي واپار ۾ تيزيءَ سان ڦهلاءُ پيدا ٿيو. معلوم ٿئي ٿو، ته اڳوڻي آيل واپارين جي پيٽ ۾ نون آيل واپارين ۽ ٻين ماڻهن وٽ محدود وسيلا هوندا هئا ۽ وٽن پنهنجو ناڻو به نه هوندو هو، ۽ نه ئي ڪنهن واپاريءَ طرفان وٽن ڪو پروانو هوندو هو، تنهنڪري اُهي پنهنجو گذران رڳو گهورڙئي طور مال وڪڻي ڪندا هئا.

مصر مان جن واپاري فرمن گهڻو ناڻو ڪمايو، تن 1890ع ۾ ميڊيٽرينين واري علائقي مالٽا، الجزائر ۽ جبرالٽر ملڪن ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون جوڙيون، ۽ پوءِ وري ڪجهه سالن ۾ نيپلز، سسلي، تيونس، تنجائر، ٽيٽان، سيئوٽو ۽ ميليلا ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون. جبرالٽر کان ٻاهر ڪجهه سنڌورڪي واپاري ٻاڦ وارين انجڻن وسيلي ڏکڻ آفريڪا پهتا، ۽ پوءِ اُهي 1890ع ڌاري سيراليون (25) ۽ گولڊ ڪوسٽ پهتا، ۽ ٿورڙو پوءِ نائيجريا وڃي پهتا. ٻين واپارين وري اوڀر آفريڪا (26) وسيلي ڏکڻ آفريڪا ۽ اولهه آفريڪا ڏانهن پهچڻ لاءِ ڪيپ ٽائون وارو رستو ورتو، جتي هنن 1890ع (27) ۾ پنهنجون عملي واپاري ڪوٺيون جوڙيون. انهن ملڪن جو واپاري رستو ڪينري ٻيٽن ڏانهن به ويندو هو، جتي ڪجهه واپارين 1890ع ڌاري ٽينرائيف ۽ لاس پاماس ڏانهن به لڳاتار ڦيرا ڏيڻ شروع ڪيا. انهن واپارين ڪينري ٻيٽن کانپوءِ اهو رستو ورتو جيڪو ڪين ڏکڻ آمريڪا ڏانهن وٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو، جتي اُهي 1890ع جي پڇاڙيءَ ۾ رِيو، بيونس آئرس، چليءَ ۽ پناما ۾ پهتا، جتي 1905ع ڌاري هنن پنهنجو واپار شروع ڪيو.

اوڀر جي ملڪن ڏانهن تيزيءَ سان پکيڙ ڪولمبو يا ڪلڪتي ڪان سنگاپور وسيلي ٿيو، جتي سڀ ڪان پهرين سنڌورڪي واپاري 1873ع ۾ پهتا هئا، ۽ اُتان پوءِ ڏچ اوڀر- ايسٽ انڊيز ملڪن ۾ پهتا. اُتي ڪُلنڌڙ مُک فرم وسايومل آسومل جي هئي، جيڪا سنگاپور ۾ 1873ع ۾ ٺاهيل پهرين واپاري فرم هئي، ۽ ساڳئي وقت هن سورابايا ۾ به پنهنجي ڪوٺي قائم ڪئي. (28) 1880ع ۾ ڪجهه بيا وڏيڪ واپاري جاوا پهتا: جتي انڊيز ۾ مشهور ملڪ هوميدان ويجهو سوماترا جو اوست قوائست هو. اُتي سنڌورڪي واپارين جي سڀ ڪان پهرين قائم ٿيندڙ اهم فرم، جيڪا هينئر به موجود آهي، سا جهمتمل گُربمل جي هئي، جيڪو 1880ع ۾ پنهنجي قسمت جي ڳولها ۾ ميدان ڪان سنگارپور آيو هو، انهيءَ واپاري جو نالو جهمتمل گرپمل ميلواڻي هو، جنهن ڪپڙي جي واپار مان پنهنجو ناڻو ڪمايو ۽ ميدانَ جي سڀ ڪانَ وڏي فرم قائم ڪئي. (29) هڪ ٻي مشهور فرم ڪيمچند اينڊ سنز (جيڪا پوءِ هوندومل ۽ سنز جي نالي سان مشهور ٿي) سا پڻ 1880ع ڌاري هڪ واپاري ڀائي ڪيمچند هوندومل مهتاڻي طرفان ميدانَ ۾ جوڙي وئي، جنهن پوءِ ڪوبي ۾ هڪ ڪوٺي کولي، ۽ هوجاپان ۽ ڏچ ايسٽ انڊيز وچ ۾ ٿيندڙ واپار ۾ ماهر هوندو هو. (30) سنڌورڪي واپار آرچي پيلاگو جي آئوٽر بيٽن ڏانهن پڻ سفر ڪيو: 1887ع ۾ حيدرآباد جو هڪ واپاري اُتر سيليبيس ۾ ماناڊو ۾ ديهانت ڪري ويو، جنهن پنهنجي پويان ماڪاسر ۾ ورثو ڇڏيو هو. (31)

سنڌورڪي واپاري چين ۾ 1870ع جي پڇاڙي يا 1880ع جي اوائل ۾ پهتا، ۽ جپان، سيام، فلپائن ۽ فرينچ انڊو- چائنا ۾ 1890ع ڌاري پهتا. سنڌورڪي واپارين جي هڪ واپاري فرم، پهرين مهاڀاري جنگ ڪان پهرين هونولولو جي هوائي ٻيٽ تي پڻ قائم هئي. (32) هڪ ٻي فرم پنهنجي ڪوٺي 1876ع جي اوائل ۾ ميلبورن ۾ کولي ۽ وري ٻي 1892ع ۾ سڊني ۾ کولي. اهڙيءَ ريت پهرينْ مهاڀاري جنگ دؤران، سنڌورڪي واپاري بينڪيتي ۽ نيم بينڪيتي سمورن ملڪن ۾ ڦهلجي ويا هئا. بهرحال، اُهي واپاري اولهه يورپ يا اتر آمريڪا ڪنڊ جي ملڪن ۾، گهورڙئي طور پهنجو مال وڪڻندڙ واپارين ڪانسواءِ نه پهتا، جنهنڪري مستقل بنيادن تي پنهنجي فرمن جي ڪوٺين کولڻ جو نتيجو نه نڪتو.

انهن واپارين سامونڊي رستن پرسان موجود ڪيترن ئي ملڪن جي بندرگاهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجون فرمون قائم ڪيون. اُهي اهو ڪاروبار پائيواري نظام وسيلي ڪندا هئا، جيڪو طريقو شڪارپور جي شاهه- گماشتي نظام جي بدليل شڪل هوندي هئي، جيتوڻيڪ اهو ساڳيو اصطلاح سدائين نہ واپرايو ويندو هو. واپار جي ڏس ۾، حيدرآباد ۾ موجود مکيہ واپاري يا سيٺ وچ ۾، جيڪو مکيہ موڙيدار يا شاهه سڏبو هو، عام طور هڪ ٺاهہ ٿيندو هو، ۽ ڪو هڪ يا ٻيا ڪمي- پائيوار يا گماشتا سڏبا هئا. جيڪي پنهنجي مکيہ مالڪ طرفان مهيا ڪيل شيون ڪٺي پرڏيهہ وڪڻڻ ويندا هئا، ۽ يا اهي ساڳئي مالڪ طرفان مهيا ڪيل شيون وياج تي وٺي وڪڻندا هئا. وقت گذرندي هنن پائيوارن پاڻ کي مضبوط ۽ سگهارو ڪندي واپاريءَ جي حيثيت سان مڃايو. انهيءَ ڏس ۾ هڪ اهم ترقي يا ڳالهہ هوريان هوريان پگهاردار ملازمن جو ٿيندڙ اُپار هو.

واپاري فرم جي وريجڻ ڪارڻ، يا گڏيل ڪٽنب جي ورهاست، جيڪو هندستاني واپارين جو روايتي مامرو هوندو هو، يا فرم جو مينيجر جو مکيہ واپاريءَ کان ڌار ٿيڻ ۽ پنهنجي فرم جوڙڻ ڪارڻ، اهو واپاري- سرشتو ننڍڙي واپار مان تيزيءَ سان وڏي ويجهي گهڻ رُخو ٿيندو ويندو هو. ڪجهہ 'مکيہ فرمون' بہ جوڙيل هيون، جن مان ٻيون ننڍيون واپاري فرمون نڪتيون. انهن ۾ مکيہ 'مادراڻين فرمن' مان اهم فرم پوهومل پائرن جي فرم هئي، جيڪا 1858ع ۾ قائم ٿي هئي، جنهن مان واپاري- سرشتي جي ڪامياب مغربي شاخ ڦُٽي نڪتي، ۽ 1866ع ۾ جوڙيل وسايومل آسومل فرم هئي، جنهن اوير وارن ملڪن ۾ واپار کي وڌائڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

حيدرآباد مان ٻاهرين ملڪن ڏانهن ٿيل لڏپلاڻ جي ڏس ۾ ٿورڙا انگ اکر ملن ٿا، جوتہ ڏهن سالن جي ٿيل آدمشمارين منجهان لڏپلاڻ جي ڏس ۾ انگ اکر نٽا ملن. حيدرآباد جي آباديءَ جي عمر، جنس، ۽ شاديءَ واري رُتبي جي ڏس ۾ تفصيلي انگ اکر رڳو 1901ع واري آدمشماري ۾ ئي ملن ٿا، جنهن مان حيدرآباد جي هندوئن ۾، سَگهرن مردن کان سَگهرين عورتن جو انگ وڌيڪ هئڻ جو انڪشاف ٿئي ٿو، جنهن انگ ۾ اٽڪل 1500 عورتون شامل آهن. (33) جيئن تہ گهٽين شادين جو رواج (عاملن کانسواءِ) اٿلپ هو، تنهنڪري 'مڙسن جي غيرحاضريءَ' جو هي طريقو، سندن مڙسن جي حيدرآباد توڙي هندستان سميت ڪنهن ٻئي پرڏيهي ملڪ کان ٻاهر پنهنجي گهروارين کان سواءِ ويندڙن لاءِ منسوب ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ اٽڪل 1500 سَگهرا مرد شامل هئا. اها حقيقت جاڻائيندي ڏسبو، تہ شادي شده مرد حيدرآباد جي واپارين جي رڳو ننڍي انگ جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪي گهٽو ڪري ننڍا غيرشادي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شده مرد واپاري آهن. تنهنڪري اينڪين جي واپارين واري انگ جو ڪاٿو لڳائيندڙ لاڙي کي داد ڏيڻي سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ 1930ع جي پڇاڙيءَ کان اڳ، پرڏيهه واپار سانگي ساليانو واپاري مقصدن تحت لڏپلاڻ ڪندڙن جا ڪي سرڪاري انگ اکر موجود نه آهن. تنهن هوندي به انهيءَ چرپر کي ڀيهر جوڙي سگهڻ ممڪن آهي، ڇوته انڊيا آفيس جي جوڊيشل کاتي ۽ پبلڪ ۽ عدالتي کاتي ۾ ڀيهر جاري ٿيل سرٽيفڪيٽ موجود آهن. جيڪي حيدرآباد جي ضلعي مئجسٽريٽ طرفان پاسپورٽ بجاءِ سڃاڻپ سرٽيفڪيٽ جي ڀيهر ڪاپيءَ جي بدلي ۾ ڏنا ويا هئا. جنوري 1915ع ۽ جنوري 1916ع جي وقت جا ٻئا سرٽيفڪيٽ موجود آهن. انهيءَ هڪ سال جي عرصي دؤران، حيدرآباد جي ضلعي مئجسٽريٽ طرفان واپار سانگي پرڏيهه ويندڙن کي 572 سڃاڻپ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا. (34) اُهو ڇڙوڇڙ نمونو نه آهي، پر جيستائين انهيءَ تي پروسو ڪري سگهجهي، ته اهو مڪمل سلسلو آهي. هي ڳالهه ڌيان ۾ ويهارڻ گهرجي، ته انهن واپارين ۾ برما ۽ سيلون ويندڙ شامل نه آهن، ڇوته انهن لاءِ دستاويزن جي ڪا به گهرج نه هئي. پهرين مهاپاري جنگ ڪارڻ، بيشڪ جن ملڪن سان برطانوي شهنشاهيت جي جنگ هلندڙ هئي، جيئن جرمني، آسٽريا- هنگري ۽ عثمانيه سلطنت وغيره، تن ملڪن ڏانهن وڃڻ جي اجازت نه هئي. ٻين ذريعن وٽان مليل ڄاڻ مان پتو پوي ٿو، ته اُهي سنڌورڪي واپارين لاءِ ڪڏهن به اهميت وارا مُلڪ نه هئا (جيتوڻيڪ ڪجهه ماڻهن بابت پتو پيو آهي، ته اُهي جنگ کان اڳ بوڊاپيسٽ ۽ ڪاريسباد، ۽ آسٽريا- هنگري، عثمانيه شهنشاهيت ۽ جرمن اوڀر آفريڪا ۾ رهندڙ هئا). تنهنڪري 16-1915ع وارا انگ اکرن کي جنگ کان اڳ وارن سالن دوران موجود صورتحال جو چڱو نمائندو چئي سگهجي ٿو.

اُهي سرٽيفڪيٽ (جن جون پيون ٻئيون ڪاپيون انڊيا آفيس رڪارڊ ۾ موجود آهن، پر هيءَ ڄاڻ نه آهي ته سندن اصل اڃا موجود به آهن يا نه) مختلف رخن تي ڄاڻ مهيا ڪن ٿا. انهن سرٽيفڪيٽن تي اُن درخواست گذار جو نالو، سندس پيءُ جو نالو، ڄمار، سندس 'سماجي رتبو' (يعني جنهن صورت ۾ جو درخواست گذار کي حڪومتي خرچ تي ملڪ مان تڙيو وڃي، تنهن صورت ۾ ويجهي مائٽ جو ڏنڌو، جيڪو ضمانت ڏيندڙ هجي)، جنهن ملڪ ڏانهن ويندڙ هجي، ۽ سفر جو مقصد (جن درخواست ڏيندڙن جو اعلانيل مقصد واپار هو، تن کي شامل ڪيو ويو هو: تنهن هوندي به وندر ۽ تفريح لاءِ سفر ڪندڙن جيئن عامل، تن کي به سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 4.1: حيدرآباد ضلعي ۾ 16-1915ع ۾ پرڏيهي مُلڪن ڏانهن وڃڻ واسطي سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ درخواست ڏيندڙن جا تفصيلَ

| مُلڪ جو نالو | درخواستون ڏيندڙن جو تعداد |
|---|---|
| ميڊيٽرينين ۽ اٽلانٽڪ | 222 |
| جبرالٽر | 104 |
| نيپلز | 7 |
| سسلي، ڪاٽانيا | 3 |
| مصر | 69 |
| ٽريپولي | 2 |
| تيونس | 2 |
| الجزائر | 9 |
| سينوٽا، ميليلا ۽ ٽيٽنان | 4 |
| ڪاسابلانڪ | 2 |
| ڪينري پيٽز | 8 |
| وگو | 1 |
| مالٽا | 11 |
| ڏور- اوڀر جا ملڪَ | 293 |
| ڊچ ايسٽ انڊيز | 108 |
| فلپائين | 51 |
| اسٽريٽ سيٽلمينٽ | 79 |
| جپان | 23 |
| چين | 18 |
| چين ۽ جپان | 2 |
| سائيگون | 8 |
| بئنڪاڪ | 4 |
| اوڀر ۽ ڏکڻ آفريڪي ملڪَ | 28 |
| ايريٽيريا | 2 |
| جبوتي | 1 |
| مومباسا | 1 |
| پورچوگيز اوڀر آفريڪا | 10 |
| ڏکڻ آفريڪا | 10 |
| سالسبري | 4 |
| اولهه آفريڪا | 10 |
| سيراليون | 8 |
| لاگوس | 2 |
| وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا | 15 |
| پناما | 7 |
| چلي | 6 |
| ٽرنيڊاڊ | 2 |
| ايراني نار | 3 |
| آسٽريليا | 1 |
| ڪل تعداد | 572 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ ۾ صحيحن بابت هڪ ٻيو مزيدار اشارو آهي. اڪثر درخواستون ڏيندڙ صحيحون ڪرڻ جي اهل هئا، ۽ انهن کي ٽن ڏرين ۾ ورهائجي سگهجي ٿو: هڪڙا اُهي جن انگريزيءَ ۾ صحيحون ڪيون، ٻيا اُهي جن سنڌيءَ ۾ صحيحون ڪيون، ۽ ٽين ٻنهي لکتن ۾ صحيحون ڪيون. انهيءَ سلسلي جي هڪ ٻي مزيدار خوبي هيءَ آهي، ته درخواستون ڏيندڙن جو انتظام گهڻو ڪري سنڌن فرمن ئي ڪيو هو. اهڙيءَ ريت، 572 درخواستون ڏيندڙن مان 492 ڄڻا ڪُل اٺونجاهه فرمن جا ملازم هئا. جڏهن ته منجهائنئن اسي ڄڻا، جن مان ڪجهه شايد ڪنهن فرم جا ملازم هجن، پر منجهائنئن اڪثر ڪنهن ٺاهه ڪان سواءِ حيدرآباد ڇڏيو هو، تنهن جي هيءَ معنيٰ نه آهي، ته سنڌن ڪنهن به فرم سان ڪو تعلق نه هو.

مٿي درخواستون ڏيندڙن جي ملڪن واري فهرست کي ڏسندي هيءَ ڳالهه نمايان ٿي بيٺي، ته درخواستون ڏيندڙن پنهنجي درخواستن ۾ وڏن جاگرافيائي علائقن کي چونڊيو آهي، جنهن جي پويان سنڌن مقصد رڳو واپاري ڦهلاءُ ئي ٿي سگهي ٿو.

مٿيان انگ اکر ڏسڻ سان پتو پوي ٿو، ته ٻن علائقن: ميڊيٽرينن (ڪينري ٻيٽن ۽ ايٽلانٽڪ مراڪش سميت) ۽ ڏور- اوڀر وارن ملڪن ڏانهن گهڻا سنڌورڪي واپاري ڇڪجي ويا هئا. هن ڳالهه منجهان سنڌن دلال يا وچين ماڻهوءَ جي حيثيت واري ڪردار تي روشني پوي ٿي، جيڪو واپاري- چار وسيلي انهن ٻنهي علائقن سان ڳنڍيل هوندو هو، جيتوڻيڪ تفصيل ۾ اهو طريقو ٿورڙو مُنجهيل هوندو هو.

ويهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن ۾، هندستاني واپارين جي واپاري ماهيت بابت مروج تصورن جي ڇيد ڪندي ڏسبو، ته اڌ کان ٿورڙا وڌيڪ درخواستون ڏيندڙ (572 ڄڻن مان 302 ڄڻا) انهن ملڪن ۽ علائقن ڏانهن ويندڙ هئا، جيڪي برطانوي شهنشاهيت جو حصو هئا. جڏهن ته ٻيا 270 ڄڻا مختلف حڪومتن جي ماتحت علائقن، خاص ڪري ڊچ ايسٽ انڊيز سميت آمريڪا، اسپين، فرانس، اٽلي، پورچوگال، چين، جپان ۽ سيام ڏانهن پئي ويا. جيڪڏهن هن ڳالهه جو اضافو ڪجي، ته جن درخواستون ڏيندڙن پنهنجي منزل جبرالٽر ڄاڻائي هئي، تن منجهان اڪثر پوءِ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جيئن- اتر آفريڪا، ڪينري ٻيٽن ۽ اولهه آفريڪا ڏانهن هليا ويا هئا. تنهنڪري هن ڳالهه منجهان هي پتو پوندو، ته حيدرآباد واپاري- سرشتو، برطانوي شهنشاهيت جو روايتي واپاري- سرشتو نه هو. هيءَ اها خاصيت آهي، جيڪا شڪارپوري واپارين جي واپاري- سرشتي سان حصيدار هئي.

واپاري- سرشتي جو جاگرافيائي ڦهلاءُ يا پکيڙ وڌيڪ تفصيل سان ڏسندي، هيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه معلوم ٿيندي، ته واپار سانگي وينڊڙ سنڌورڪي واپارين لاءِ پنج علائقا خاص اهميت رکندڙ هئا: جن ۾ جبرالٽر ۽ اتر آفريڪا، مصر، جاوا، اسٽريٽ نوآباديات ۽ پاڙيسري سوماترا، ۽ فلپائين وارا علائقا شامل هئا. سنڌورڪي واپاري جن علائقن ۾ شين جو گهورڙئي يا ريزڪي طور واپار ڪندا هئا، اُتي انهن شين جي ڪافي حد تائين گهرج موجود هئي. پٽي پاسي، شيون وڪڻڻ جو اهم ذريعو جپان ۽ چين هو، جن علائقن ڏانهن حيدرآباد کان پرڏيهه واپار سانگي وينڊڙ واپاري عملي جي ڪُل ڏهه سيڪڙو ماڻهن جو ڏيان ڇڪجي سگهيو هو. هن حقيقت کي ڏسندي هيءَ ڳالهه عجب ۾ وجهندڙ نه پائبي، ته واپاري ملازمن بابت ٿوڪ واپار کان ريزڪي واپار ۾ واپاري عملي جي وڌيڪ گهُرج هوندي هئي.

چارٽ نمبر 402: ڪراچيءَ ۾ رجسٽر ٿيل ڪاريگر پورهيتن جي ساليانيءِ لڏپلاڻ

| سال | ڪاريگر پورهيتن جو تعداد | تجارتي ملازم |
|---|---|---|
| 1928ع | 456 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1929ع | 536 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1930ع | 425 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1931ع | 320 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1932ع | 368 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1933ع | 440 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1934ع | 429 ڪاريگر پورهيت | 401 ملازم |
| 1935ع | 401 ڪاريگر پورهيت | 382 ملازم |
| 1936ع | 460 ڪاريگر پورهيت | 438 ملازم |
| 1937ع | 439 ڪاريگر پورهيت | 417 ملازم |
| 1938ع | 710 ڪاريگر پورهيت | 549 ملازم |
| 1939ع | 574 ڪاريگر پورهيت | 501 ملازم |
| 1940ع | 419 ڪاريگر پورهيت | 383 ملازم |
| 1941ع | 407 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1942ع | 110 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1943ع | 145 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1944ع | 251 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1945ع | 247 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |
| 1946ع | 448 ڪاريگر پورهيت | انگ موجود نه آهن |

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو آءِ. او. آر. پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڪليڪشن، ڪليڪشن 108 آءِ، اي، ايل/پي اينڊ جي/ 8/185؛ 31 ڊسمبر 1934ع تي ختم ٿيندڙ سال لاءِ انڊين ايميگريشن ائڪٽ جي ڪم ڪندڙ پورهيتن جي جوڙيل ساليانيءِ رپورٽ، نئين دهلي، 1935ع، ۽ 1936ع، 1937ع، 1938ع، 1939ع ۽ 1940ع جون رپورٽون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٽي مقامي سطح تي ڏسڻ سان پتو پوندو، ته اٽڪل پنجاهه چٺا خاص طور وضاحت سان سرٽيفڪيٽ ۾ جاٽايل آهن. جبرالٽر واري صورتحال کي هڪ پاسي رکندي ڏسبو، جتان سنڌورڪي واپارين پنهنجا مرڪز بدلائي مراڪش، ڪينري ٻيٽن ۽ اولهه آفريڪا ڏانهن منتقل ڪيا هئا. تن مان سنگاپور ڏانهن پنجونجاهه چٺن، سُورابايا ڏانهن ٽيونجاهه چٺن، منيلا ڏانهن اوڻونجاهه چٺن، ۽ قاهره ڏانهن چوونجاهه چٺن درخواست ڏيندڙن جو ڏيان ڇڪجي ويو هو. ٻين اهم منزلن ۾ پينانگ ڏانهن چوويهه چٺا، يوڪوهاما ڏانهن ارڙهن چٺا، پورٽ سعيد ڏانهن چوڏهن چٺا، هانگ ڪانگ ڏانهن ٻارهن چٺا ۽ مالٽا ڏانهن ٻارهن چٺا ويندڙ شامل هئا. اهڙيءَ ريت حيدرآبادي واپاري- سرشتي مان واضح طور عالمي سطح جي واپار جي شاهدي ملي ٿي. ساڳي وقت، واپارين فرمن لاءِ گهٽ ڪري حيدرآباد مان ۽ ڪجهه ورري ٻاڙيسري علائقن جيئن حيدرآباد تعلقي مان ماڻهو ڀرتي ڪيا ويندا هئا. درخواستون ڏيندڙ 572 چٺن مان رڳو سترهن چٺا حيدرآباد جي ٻاهرين علائقن جا رهندڙ هئا، جن ۾ هڪڙو چٺو ڪراچيءَ جو ۽ ٻه چٺا ڪوٽڙيءَ جا رهاڪو هئا. جڏهن ته باقي ٻيا سمورا ملازم 555 چٺا حيدرآباد شهر مان ئي ڀرتي ڪيا ويا هئا. ڀرتي ٿيل سمورا مرد ۽ هندو هئا ۽ سندن ڄمارون ايڪويهه چٺن ڪانسواءِ ايڪيهه ورهين کان پنجيتاليهه سالن جي وچ ۾ هيون. تنهنڪري، سالياني لڏپلاڻ جي طبعي حالت جي اهميت جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ حيدرآباد جي پندرهن سالن کان پنجيتاليهه سالن جي ڄمار واري مرد هندو آباديءَ سان ڀيٽ ڪرڻي پوندي. 1901ع جي آدمشماريءَ ۾ شهر جي هندو آباديءَ جو انگ 10,092 چٺا ڄاڻايل آهي. 1911ع جي آدمشماريءَ بابت تفصيل سان ڪي به انگ اکر شامل ڪيل نه آهن، پر هيءَ ڄاڻايو ويو آهي، ته شهر جي هندو مرد آبادي ۾ مجموعي طور رڳو ڏهن سالن دوران ڏهه سيڪڙو واڌارو ٿيو هو، سو اهو انگ ٻارهن هزارن کان وڌيڪ ڪنهن به صورت ۾ ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ ريت پندرهن کان پنجيتاليهه سالن جي عمر جي 534 درخواست ڏيندڙن جو انگ، ساڳي وهيءَ واريءَ ڏر جي هندو مرد آباديءَ جي رڳو پنج سيڪڙو جي نمائندگي ڪري ٿو. جيئن ته عملي طور جيڪي ماڻهو پرڏيهه ويا هئا، تن ۾ گهڻا پائيبند هئا (جيتوڻيڪ منجهن هڪ يا ٻه برهمڻ ۽ ڪجهه عامل پڻ شامل هئا)، جڏهن ته پائيبند گهٽ ڪري شهر جي هندو آباديءَ جي پنجاهه سيڪڙي جي لڳ ڀڳ هئا. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو، ته سنڌورڪي واپار لاءِ سالياني پرڏيهي واپاري منزلن ڏانهن ويندڙن جو، پندرهن سالن کان پنجيتاليهه سالن جي حيدرآبادي پائيبند بالغ مرد آباديءَ جو انگ ڏهه سيڪڙو مس هو. بهرحال، جيئن ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ ان ساڳئي وقت حيدرآباد موٽندڙ واپارين جي تعداد جا انگ اکر موجود نه آهن، تنهنڪري اسان رڳو ڏڪو لڳائيندي چئون ٿا، ته حيدرآباد مان پرڏيهه ويندڙن جو انگ گهٽبو هوندو هو. مختلف وقتن تي ٿيل آدمشماريءَ جا انگ اکر پيٽ ڪرڻ ڪانپوءِ اسان اُن نتيجي تي نتا پهچون. تنهنڪري، هن مفروضي لاءِ چڱي شاهدي آهي، ته پهرين مهاڀاري جنگ دؤران واپاري- سرشتو گهٽبو نه پئي ڦهليو ۽ پيو هي ته جيڪي به ماڻهو واپس پئي ٿيا، تن جي واپسيءَ جي گردش جو مطلب رڳو موٽندڙ عملي جي جاءِ تي پيو عملو رکڻ هوندو هو. هيءَ ڳالهه پڪ سان معلوم ٿئي ٿي، ته جيڪي ماڻهو پنهنجي فرمن مان معاهدن ڪانپوءِ روانا ٿيندا هئا، تن ۾ گهٽا بدلي ٿيل ملازم هوندا هئا، ۽ پيو هيءَ ته نون پرڏيهه ويندڙن ۾ گهٽو ڪري اهي شخص شامل هوندا هئا، جيڪي ڪنهن ناهن ڪانسواءِ ڏيهه ڇڏيندا هئا، يعني 572 مان 80 ڄڻا.

حيدرآباد کان سالیانو ويندڙ ماڻهن جي چرپر جي انگ کي ڏسندي، ماهر مزدورن جو پرڏيهه وڃڻ جو جائزو وٺندي 1922ع جي انڊين اميگريشن ايڪٽ جي منظوري ڪانپوءِ، پرڏيهه ويندڙن جي ڳٽپ وارن انگن اکرن مان ڪجهه اشارا ملندا، ته منجهن تجارتي عملو به شامل هو. 1928ع کان 1946ع جي عرصي تائين، ڪراچيءَ ۾ رجسٽرڊ ٿيل ماهر مزدورن مان پرڏيهه ويندڙ مزدورن جا ساليانى انگ اکر موجود آهن. 1930ع جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ وارن سالن ۾، سنڌورڪي واپارين جي پرڏيهه ويندڙ تجارتي عملي جا تفصيلي انگ اکرن ملن ٿا. ٽيبل 4.2 ۾ 1928ع کان 1946ع جي وچ وارن سالن تائين ڪراچيءَ ۾ رجسٽرڊ ٿيل تجارتي عملي سميت پرڏيهه ويندڙ ماهر ملازمن جا انگ اکرن موجود آهن.

1928-40ع واري عرصي دوران، حيدرآباد کان پرڏيهي ملڪن ڏانهن ويندڙ تجارتي عملي جو انگ چار سؤ کان پنج سؤ تائين هو، يعني پهرين مهاڀاري جنگ جي ابتدائي سالن ۽ جنگ کان ترت اڳ وارن سالن کان به اهو انگ گهٽ هو، جنهن منجهان حيدرآباد جي پرڏيهه ويندڙ پائيبند برادريءَ جي انگ ۾ گهٽتائي نظر اچي ٿي. پرڏيهه مان موٽندڙ واپاري ملازمن جي انگن اکرن جي غيرموجودگيءَ ڪارڻ، سنڌن چرپر جي طبعي توازن جو ڪاٿو لڳائڻ ناممڪن آهي.

سنڌورڪي واپارين جي واپاري- سرشتي جا 1907ع واري عرصي جا عالمي انگ اکر رڳو 1937ع ۾، سنڌورڪي مرچنٽ ايسوسيئيشن اسپيني گهرو جنگ دؤران هڪ دستاويز ۾ ڏنا هئا (37)، جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي، ته واپار جي ڏس ۾ ڪُل رکيل ملازمن جو انگ پنجويهه هزار هو. جنهن مان هي فرض ڪيو ويو، ته انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 4.3: 16-1915ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڇهن وڏين فرمن جي ملازمن جي منزل

| فرم جو هنڌ | دي. چيلارام | ايم. ڏينلداس | پوهومل | جي. ٽي. چنتراء | ڊبليو. آسومل | چوٿري مل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| نيپلز | 4 | | | | 1 | |
| جبرالٽر | 32 | 23 | 24 | 4 | | |
| قاهره | 9 | | 17 | 1 | | |
| الجزائر | 3 | | 1 | | | |
| يوڪوهاما | 1 | | 2 | | 4 | |
| سنگاپور | 6 | | 1 | | 2 | 13 |
| منيلا | 21 | | 7 | | 12 | |
| سائيگون | 4 | | 2 | | | |
| اليگزينڊريا | 4 | | 3 | | | |
| ڪاٽانيا | 2 | | | | | |
| چين | 4 | | | | | |
| مصر | 3 | | | | | |
| هانگ ڪانگ | 1 | 2 | | | 3 | |
| سيراليون | | 3 | | 5 | | |
| پورٽ سعيد | | 2 | | | | |
| جاوا (اڻ واضح) | | 3 | | | | |
| ڪولون | | 1 | 2 | 3 | | |
| ٽينيرائيف | | 1 | 3 | 1 | | |
| پئيرا | | | 6 | | | |
| تيونس | | | 2 | | | |
| مالٽا | | | 3 | | | |
| پاناما | | | 1 | | | |
| سالس بري | | | 3 | | | |
| ٽرينڊاڊ | | | 2 | | | |
| شنگهائي | | | 1 | | | |
| ڪينٽن | | | 1 | | | |
| ميليلا | | | | 2 | | |
| لاگوس | | | | 2 | | |
| ڪاسابلانڪا | | | | 2 | | |
| وگو | | | | 1 | | |
| سيئوٽا | | | | 1 | | |
| لاس پاماس | | | | 1 | | |
| ٽيٽيوئان | | | | 1 | | |
| پنٽا آريناس | | | | 2 | | |
| چلي (اڻ واضح) | | | | 1 | | |
| جپان (اڻ واضح) | | | | 1 | | |
| پينانگ | | | | | 6 | |
| باٽاويا | | | | | 4 | |
| بئنڪاڪ | | | | | 3 | |
| سورابايا | | | | | 3 | |
| منڪاسر | | | | | 1 | |
| ڪل تعداد | 94 | 35 | 81 | 28 | 39 | 13 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملازمن جو اڌ حصو رڳو حيدرآباد ۽ هندستان جي ٻين ماڳن جي ملازمت ڪندڙ هو، جنهن ڳالهه مان پتو پوندو، ته حيدرآباد واپارين جو عالمي طور ملازمن جو انگ اٽڪل ٻارهن کان تيرهن هزار ملازمن تي مشتمل هوندو هو. يعني 1907ع ۾ ايٽيڪين جي ڏنل انگ کان اٽڪل ٻيڻو هو. واپاري- سرشتي جو ڦهلاءُ گهٽ ڪري 1907-27ع واري عرصي دوران ٿي ٿيو هوندو، پر صحيح تاريخ ۽ تخمينو لڳائڻ جي ڪوشش اجائي ٿيندي.

ٻئي قسم جي معلومات فرمن جي وسعت سان لاڳاپيل دستاويزن ۾ جاٽايل آهي. درخواستون ڏيندڙ 492 ملازم برابر طور 58 فرمن ۾ ملازمت ڪندڙ نه هئا: منجهائن 290 ملازم ڇهن وڏين فرمن جا ملازم هئا، جڏهن ته باقي رهيل ٻيا 202 ملازم باونجاهه فرمن جا ملازم هئا. اهڙيءَ ريت هيءَ ڳالهه معلوم ٿئي ٿي، ته پهرين ڏُر جي ڇهن فرمن ماڻهن کي انيتاليهه جي تناسب سان، جڏهن ته ٻي ڏُر ۾ شامل باونجاهه فرمن چار ماڻهن جي تناسب سان شخصن کي ملازمت ۾ رکيو. اهي انگ اکر، مختلف فرمن جي وسعت بابت ملازم واري اصطلاح جي حيثيت سان، ملازمن جي انگ جي گهربل عڪاسي نٿا ڪن، جيڪا ڳالهه ان ڳالهه تي آڌاريل آهي، ته انهن فرمن خاص سالن دوران ڪهڙن ملازمن کي رکيو يا تبديل ڪيو. بهرحال، انهن ٻن قسمن جي فرمن وچ ۾ ورڇ واضح آهي ۽ اڳتي هلي انهيءَ ڏس ۾ روشني وڌي ويندي. ٽيبل 4.3 مان انهن ڇهن وڏين فرمن جي ملازمن جي منزل تي روشني پوي ٿي.

انهن ڇهن وڏين فرمن منجهه جزوي طور واضح تميز به هئي: منجهائن ڪجهه فرمون 'عالمي' هيون، جن جون سڄي دنيا ۾ واپاري ڪوٺيون هيون، جنهن مان ڀي. چيلارام ۽ پوهومل برادرز به نمايان مثال هئا. جيتوڻيڪ ايم. ڏيٺلداس انهيءَ وصف ۾ اچي ٿي، ۽ جن فرمن جو علائقائي سطح تي واپاري- سرشتو ڦهليل هو، تن مان جي. ٽي. چينراءِ، گهٽ ڪري 'مغربي' فرم هئي، جڏهن ته به ٻيون فرمون، وسايومل آسومل ۽ ڪي. اي. جي چوتري مل 'مشرقي' فرمون هيون.

وڏين فرمن وچ ۾ وسيع فرق جاٽائيندي به، هيءَ سوال ته اُڀري ته ڪهڙيءَ سطح سان سنڌورڪي واپارين جي واپاري- سرشتي کي ڏسي سگهجي ٿو. سنڌورڪي فرمن، معاشي ۽ سماجي طور ٻنهي سطحن تي پنهنجو واپاري- سرشتو ڦهلايو هو، جوته اُهي سيئي فرمون، ساڳيو تجارتي فن واپرائينديون، جاڻ جي ورڇ ڪنديون، ۽ ساڳئي مقامي حصي مان ملازمن کي ڀرتي ڪنديون، ساڳئي قسم جو واپار ڪنديون هيون. واپاري اتحاد يا اتفاق، حيدرآباد ۾ قائم سنڌن انتهائي مرڪزيت مان ئي اُڀريو هو. سيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمن جا مکيہ مرڪزي دفتر بازار جي سوڙهين گهٽين ۾ واقع هئا، ۽ سڄي دنيا ۾ ڦهليل ڪوٺين جي وچ ۾ ٽيليگراف وسيلي ڄاڻ گردش ڪندي رهندي هئي. اهو حيدرآباد شهر ئي هو، جتي سمورين واپاري ڪوٺين جو سالياني ليکو چوکو جوڙيو، ٺاهيو ۽ رکيو ويندو هو، ۽ سڀني فرمن جا مکيہ مالڪ ساڳئي علائقي هيراآباد ۾ رهندڙ هئا.

ساڳيءَ طرح، واپاري- سرشتي منجهہ ئي ناڻو گردش ڪندو رهندو هو. جيتوڻيڪ سنڌورڪي، شڪارپورين جي اينتڙ بينڪاري برادريءَ نہ هئا، ۽ تنهن هوندي بہ منجهن واپاري رسد پهچائيندڙن جي سَنگهہ موجود هئي. ساڳئي وقت، انفرادي طور قائم فرمن شڪارپور کان حيدرآباد ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. وڏين فرمن منجهان گهٽيون 1858ع ۽ 1875ع جي وچ واري عرصي دؤران جوڙيون ويون هيون، ۽ رڳو هڪڙي وڏي فرم پوءِ واري دؤر ۾ ٺاهي وئي.

1915ع جي ڇهن وڏين فرمن جو تاريخي سرسري جائزو هتي ترتيبوار ڏجي ٿو. سڀني کان آڳاٽي فرم پوهومل برادرز هئي، جيڪا 1858ع ۾ جوڙي وئي هئي، جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ ڏکي آهي، تہ واقعي انهيءَ سنڌورڪي فرم اوائلي دؤر واري وقت ۾ واپار شروع ڪيو هو يا نہ. هي فرم ڪياٽي آکهہ جي ڇئن ڀائرن جوڙي هئي، جن منجهان هڪڙو ڀاءُ پوهومل ايڏو گهڻو ڦڙت نہ هوندو هو، پر خانداني پنڊت- جوتشيءَ جي صلاح سان سنڌس نالي تي اها فرم ٺاهي وئي. (36) معلوم ٿئي ٿو، تہ هن فرم 1870ع ڌاري مصر ۾ واپاري سرگرمي ڏيکاري، ۽ ڏاڍي ڪامياب ٿي ۽ اُتان هن گهڻو نفعو ڪمايو، جنهن ڪارڻ سندس ڪاروبار ۾ وسعت آئي. 1890ع ڌاري هي فرم ميڊيٽرينن جي سمورن ملڪن- پورٽ سعيد ۽ جبرالٽر ۾ واپار ڪندي هئي، ۽ چين، جپان ۽ فلپائين ۾ پنهنجون ڪوٺيون کوليندي ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ پنهنجو ڪاروبار ڦهلائڻ شروع ڪيو هو. 1911ع جي ڇپيل ڊائريڪٽريءَ ۾ هندستان کان ٻاهر ٻاويهہ ڪوٺين جي ڄاڻ ملي ٿي: جن ۾ قاهره، اسڪندريا، الجزائر، ٽينيرائيف، لاس پاماس، بُڊاپيسٽ، ڪارلسباد، جبرالٽر، ماليجا (مالٽا)، بائيرا، سالسبري، ڊربن، جوهانسبرگ، ڪيپ ٽائون، هانگ ڪانگ، ڪينٽن، چين، منيلا، آئيلو، يوڪوهاما، ڪوبي ۽ ڪؤلا لمپور شامل آهن. (37) هي فرم شايد پنهنجي نفعي جي حساب سان سڀني سنڌورڪي واپاري فرمن کان وڏي هئي، جيتوڻيڪ ڊي. چيلارام فرم جو ڪوٺين جي حساب سان وسيع سرشتو ڦهليل هو. هن فرم جو واپاري طريقو گهڻو ڪري 'ڪلاسيڪل' هوندو هو، چوتہ هي فرم پنهنجي بمبئي ۾ ٺاهيل ڪوٺي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلڪتي ۽ مدراس ۾ جوڙيل ڪوٺين، ۽ ڏور- اوڀر جي ملڪن ۾ چين ۽ جپان ۾ جوڙيل پنجن ڪوٺين وسيلي، سڄي هندستان مان وڏي پيماني تي ريشمي ڪپڙا ۽ نوادرات جي مختلف قسمن جو واپاري سامان وٺندي هئي، جيڪو فلپائين، ڏکڻ آفريڪا، مصر (جتي سندس وڏي ڪوٺي هوندي هئي)، سڄي ميڊيٽرينن ۾ ۽ وچ يورپ ۾ پنهنجي دڪانن تي ريزڪي وڪڻندي هئي.

ساڳيءَ قسم جي هڪڙي ٻي فرم ڏنومل چيلارام فرم هوندي هئي: جيڪا 1860ع ۾ جوڙي وئي هئي، جنهن جي باني سيٺ ڏنومل چيلارام چولاٽيءَ بابت چيو وڃي ٿو، ته هي پهريون حيدرآبادي واپاري هو، جنهن 1860ع ۾ اوڀرندي ملڪن مصر ڏانهن سفر ڪيو هو. (38) 1860ع ۾ جوڙيل فرم جي، تي چينراءِ وري وڏيڪ 'مغربي' انداز جي فرم هئي، جنهن گهٽو پوءِ ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون کوليون. فرم جي 1916ع واري دستاويز (39) ۾ هندستان کان ٻاهر ارڙهن واپاري ڪوٺين جي فهرست ڏنل آهي، جن مان ڇهه ڪوٺيون مراڪش، هڪ جبرالٽر ۾، ٻه ڪينري ٻيٽن ۾، چار اولهه آفريڪا ۾، ٻه ڏکڻ آمريڪا ۾، ٻه پناما ۾ ۽ هڪ يوڪوهاما (جپان) ۾ قائم هيون. هن فرم بابت شاهدي ملي ٿي، ته هن پنهنجي واپاري- سرشتي ۾ ڦهلاءُ جبرالٽر کان اوڀر وارن ملڪن ڏانهن، 1890ع جي پڇاڙيءَ ۾ ڪينري ٻيٽن ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ڏانهن، 1905ع ۾ پناما ڏانهن ۽ پهرين مهاڀاري جنگ جي موقعي تي مراڪش ۾ ڪيو هو.

وسيومل آسومل فرم جو باني وسايومل آسومل مهتاڻي هو، جنهن هي فرم 1866ع ۾ جوڙي هئي، ۽ هن بلڪل مختلف واپاري انداز جي پوئواري ڪئي هئي. هن ڏور- اوڀر جي ملڪن ۾، 1873ع کانپوءِ سنگاپور ۾ سڀ کان پهرين ۽ پوءِ هن ڏچ ايسٽ انڊيز ڏانهن واپار ڪندي، پنهنجي واپاري- سرشتي جي ڦهلاءُ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو. هن فرم بابت پتو پوي ٿو، ته هي فرم سيني کان اوائلي فرمن ۾ شامل آهي، جنهن جپان ۽ چين ۾ پنهنجون ڪوٺيون قائم ڪيون هيون. هن 1876ع ڌاري آسٽريليا جي شهر ميلبورن ۾ پنهنجي هڪ ڪوٺي کولي هئي، ۽ ڪجهه عرصو ڪوٺي بند رهڻ کانپوءِ وري اها 1892ع ۾ ٻيهر کولي وئي. (40) اوائلي ڏاڪي ۾ هن فرم جون ميڊيٽرينن، مصر ۽ الجزائر ۾ ڪوٺيون هونديون هيون، پر لڳي ٿو، ته هن فرم پنهنجو واپاري ڌيان ڏور- اوڀر جي ملڪن ۾ ڏيندي، 1890ع جي پڇاڙيءَ ۾ اهي ڪوٺيون وڪڻي ڇڏيون هيون.

مولچند ڏيئلداس اينڊ سنز فرم، 1870ع ۾ سيٺ مولچند ڏيئلداس نندواڻي جوڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جيڪا پوهومل برادرز ۽ ٻي. چيلارام فرمن جيان پنهنجي پڪيڙ ۾ ساڳي حيثيت رکندڙ هئي. 'ڇهن وڏين' فرمن ۾ تازي شامل ٿيل فرم ڪي. اي. جي. چوتربيمل (41) هئي، جا اڪيلي سنڌوَرڪي فرم هئي، جيڪا اصل ۾ حيدرآباد کان ٻاهر 1875ع ۾، پنجن ڀائرن منجهان هڪ ڀاءُ، جيڪو سنگاپور ۾ وسايومل آسومل فرم جو ملازم هوندو هو، تنهن باٽاويا ۾ جوڙي هئي. شروع ۾ هي فرم ناڪام رهي، ۽ پوءِ مختلف انقلابن کانپوءِ 1887ع ۾ ڀائيواريءَ طور کولي وئي، جنهن جون باٽاويا، سيمارنگ ۽ سورابايا ۾ ڪوٺيون قائم ڪيون ويون. (42) پوءِ، فرم اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سائيگون، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ، يوڪوهاما، شنگهائي، تزنگتائو ۽ پورٽ آرٿر ۾ پنهنجون ڪوٺيون کوليندي، سمورن ڏور- اوڀر جي ملڪن تائين ڦهلجي وئي. بهرحال، هن فرم تي چوتربيمل آڪهه جا ڀاتي حيدرآباد مان ئي ضابطو رکندا هئا.

هن ڳالهه جي وضاحت ايڏي سولي نه آهي، ته برطانوي هندستان جي ماتحت هڪڙي صوبي جي ننڍڙي ميداني شهر مان، ايڏي وڏي پيماني تي اوچتو ايڏيون وڏيون واپاري فرمون ڪيئن اوچتو اُڀرڪا ڏيئي مٿي اُڀري آيون. خاص ڪري ناٽي جي ڏس ۾ سوال اُڀري ٿو، جيڪو مٿئين اُڀرندڙ واپاري فرمن وٽ موجود هو، جنهن سنڌن واپار کي وڌائڻ ۾ واهر ڪئي. ناٽي جو سڀ کان پهريون وسيلو ضرور ڀائيبند آڪهين جي خانداني دولت ئي رهيو هوندو. جڏهن ته هنن جي سنڌوَرڪي واپاري ٽيڻ کان اڳ سنڌن واپاري طريقن جي ڏس ۾ تفصيلي جاچ موجود نه آهي، تنهن هوندي به 1930ع ۾ بمبئي بينڪنگ انڪوائري ڪميٽيءَ آڏو هڪ سنڌوَرڪي واپاريءَ جي ڏنل شاهديءَ مان پتو پوي ٿو، ته گهٽ سنڌوَرڪي واپاري فرمن وٽ بينڪاري (سرافڪو واپار) سنڌن واپاري ماتحتي سرگرميءَ جي حيثيت سان موجود هئي. (43) تنهنڪري هيءَ پڪ آهي، ته ڪجهه آڪهيون بينڪاريءَ واري ڌنڌي ۾ ملوث هيون ۽ ايئن اُهي پنهنجي گڏ ڪيل موڙي واپاري فرمن ۾ سيڙائي سگهيا هئا. هي به شاهدي پڻ ملي آهي، ته هنن ۾ حيدرآباد جي وچئين طبقي جي هندو عاملن توڙي ڀائيبندن کان اوڌرون وٺڻ جي عادت هوندي هئي، جيڪو پڻ سنڌن ناٽي جو هڪ ٻيو وسيلو هوندو هو. هڪڙي پيري جڏهن اهو واپار پنهنجي پيرن تي ڪاميابي سان بيهي ويندو هو، ته پوءِ اهو وياج تي ورتل ناٽي مان اڳتي وڌندو ترقي ڪندو ويندو هو، جنهن بابت پتو پوي ٿو، ته اهو واپار اڪثر ڪري اوائلي سالن ۾، جيئن خاص ڪري مصر ۾ نيڪ رهيو هو، جو ته فرمن کي پنهنجي ڀائيوارن کي سنڌن نفعي جو ڀاڱو ڏيڻ کان لنوائڻو نه پوندو هو. بهرحال، عالمي واپار ۾ شرڪت عام طور، متاستا جي بينڪاريءَ وارين خدمتن کي استعال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي ملوث هوندي هئي، ۽ هيءَ ڳالهه ڄاڻڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندي، ته جيڪي واپاري 1860ع کان اڳ دنيا ۾ عالمي واپاري سيڙپڪاريءَ کان اڻڄاڻ هئا، سي ڪيئن پنهنجي ايڏي ساک جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ته جيئن پنهنجي واپار کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ناڻي جون گهربل سهولتون حاصل ڪن. هنن جو بمبئي سان اوائل ۾ ناتو ڳنڍڻ واپاري پاليسيءَ لاءِ ضروري هو، جو سمورو عالمي واپاري سيڙپڪاريءَ جي طريقي جو انتظام بمبئي کان ڪيو ويندو هو، جتي متاستا لاءِ بينڪن جون پنهنجون ڪوٺيون هونديون هيون، ۽ جڏهن ته اُهي حيدرآباد ۾ نه هونديون هيون. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سمورين اهم سنڌورڪي فرمن جي بمبئي ۾ ڪوٺي هوندي هئي. بهرحال، سمورا واپاري پنهنجي ڪاروباري سلسلي کي هلائڻ لاءِ بينڪن کان قرض نه وٺندا هئا. ڪجهه واپاري فرمون دستاويزي لکپڙهه واري قرض تي رڳو ڪاروبار ڪنديون هيون، جيڪو نجي فرمن کي وڌائي سگهبو هو. اهڙيءَ ريت وڏين فرمن کان شيون وٺندڙ ننڍا واپاري ڪائنن قرض وٺندا هئا: اهو قرض هُنڊين وسيلي گردش ڪندو هو، (44) ۽ ايئن هُنڊين جو ڪاروهنوار وڏين فرمن جو پيو ڏنڌو بہ هوندو هو. رڳو وڏين فرمن جو متاستا وارين بينڪن سان وسيع ۽ سڌو رابطو هوندو هو. اُهي واپاري گهٽو ڪري غيربرطانوي متاستا وارين بئنڪن، خاص ڪري جپانيَ بينڪن سان واهپو رکندا هئا. 1920ع ۽ 1930ع ۾ جپاني بئنڪن جيئن بئنڪ آف ٽائيوان، سنڌورڪي واپارين جي عالمي واپاري سلسلي جي ڏس ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بهرحال، ڪجهه فرمن برطانوي بينڪن سان، خاص ڪري هانگ ڪانگ ۽ ڏور- اوڀر جي ملڪن ۾ شنگهائي بئنڪ ۽ بارسلي بئنڪ سان ويجهن لاڳاپن جو سلسلو برقرار رکيو، جن سنڌورڪي واپار ۾ مصر ۽ اولهه آفريڪا ۾ سيڙپڪاري ڪئي.

چارٽ 4.4: حيدرآباد جي 1872ع کان 1941ع تائين آدمشماري

| سال | ڪُل آدمشماري | هندو آدمشماري |
|---|---|---|
| 1872ع | 43.088 | 18.609 |
| 1881ع | 45.195 | Not available |
| 1891ع | 54.569 | 33.130 |
| 1901ع | 64.790 | 43.499 |
| 1911ع | 69,140 | 49.678 |
| 1921ع | 73,951 | 55.176 |
| 1931ع | 96,021 | 70.404 |
| 1941ع | 134.693 | 93.929 |

ذريعو: لاڳاپيل تاريخن لاءِ هندستان جي آدمشماري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1860ع کانپوءِ سنڌورڪي واپارين جو اوچتو اُڀرڻ ڪامياب 'سرگرم' واپار جو دلچسپ مثال آهي، جنهن جي معني هيءَ آهي، ته جن واپارين جي ميڙ کي عالمي واپار جو اڳي ڪو به تجربو نه هو، تن هڪ خاص قسم جي مارڪيٽ کي سامهون رکي خاص ضرورت کي استعمال ڪيو. تنهنڪري هن قسم جي واپاري ڏَر جي واپار ۾ ڪاميابي شاندار تخليقي صلاحيتن ۽ نون راهن ڳولڻ جي شاهدي آهي. گڏوگڏ هيءَ ڳالهه به اهميت جوڳي آهي، ته برطانوي- هندستان جي هڪ صوبائي شهر حيدرآباد جي نوجوان مرد هندوئن جو هڪ وڏو حصو، ڪيئن اوچتو سماجي روايتن ۽ مذهبي پابندين جي ابتڙ، واپار سانگي وڏي عرصي لاءِ ايڏو سفر ڪري سگهيو هو. بهرحال، اوڻهين صديءَ جي پٺي اڌ دؤران ڪجھ سماجي ۽ ثقافتي تبديلين، واپار سانگي انفرادي قوت جي پرڏيهه وڃڻ جي تياريءَ ۾ سهولت ڏيندي اهم حصو ورتو.

سنڌ تي برطانوي قبضي کانپوءِ حيدرآباد، سنڌ جي راڄڌانيءَ جي حيثيت وڃائيندي به ڇگُو خاص وڌيو ويجهيو. 1843ع ۾ شهر جي آباديءَ ويهه هزار هئي، تنهن جو 1872ع جي آدمشماريءَ ۾ چاليهه هزارن کان به وڌيڪ جو ڪاٿو لڳايو ويو هو. ٽيبل 4.4 ۾ آدمشمارين دؤران شهر جي وڌندڙ آباديءَ ڏانهن اشارو ٿيل آهي. 1891ع کانپوءِ، هندو عام طور شهر جي سٺ سيڪڙو آبادي سمجهيا ويندا هئا. آباديءَ ۾ 1921ع کانپوءِ تيزيءَ سان واڌ آئي، جنهن جو ڪارڻ پاڙيسري ملڪن سميت بمبئي پريزيڊنسيءَ ۽ راجستان کان ڏارين ماڻهن جو وڏي پيماني تي اچڻ هو. شهر جو واپار عام طور، سنڌوندي ۽ ڦليلي واهه وسيلي شاهوڪار زراعت جي پيداواري شين تي ٻَڌل هوندو هو.

پنجاب، ڪراچي ۽ راجستان وچ ۾ ريلوي لائين وڇائڻ سبب علائقائي واپار ۾ گهٽي واڌ آئي. ٻئي پاسي هتي جديد صنعت ڪافي گهٽ هئي، (45) جڏهن ته 1900ع کانپوءِ هٿ جي ٺهيل مقامي روايتي هنرن ۾ به لڳاتار زوال پئي آيو. سنڌورڪي واپار عام طور 1880ع کانپوءِ شهر جي شاهوڪاريءَ ۾ حصو پئي ونڊايو، پر شاهوڪار سنڌورڪي واپارين شهر جي ترقيءَ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو هو، سو سنڌن طرفان خيراتي ادارن جهڙوڪ اسپتالون قائم ڪندي به، ايڏو ڇِٽو نه آهي.

شهر جي آدمشماريءَ ۾ واڌ 1850ع واري ڏهاڪي کان شروع ٿي، جڏهن 1853ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽي جوڙي وئي هئي، جنهنڪري طبعي وسعت ۾ پڻ واڌ آئي. پنجويهه سالن جي غيرحاضريءَ کانپوءِ، رچرڊ برٽن 1876ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ جڏهن ٻيهر آيو هو، ته هُو نئين حيدرآباد جي نالي سان مشهور، (46) بلڪل نئين علائقي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپار کان چرڪجي ويو هو. شهر ۾ ڪيترن اسڪولن سميت پوسٽ آفيس، هڪ سول اسپتال، جديد فوجي ڇانوڻي ۽ فوجين جون ڪوٺيون قائم هيون. ويهين صديءَ جي شروعاتي شهر بابت تفصيل پڻ پنجاهه سالن جي عرصي دؤران آيل طبعي تبديليءَ جي وسعت تي روشني وجهن ٿا. (47) ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ شهر جي وڌڻ جو سلسلو جاري رهيو، جو نوان ناهيل علائقا خاص ڪري پراڻي شهر جي اُتر ۾ نئين نهرايل هيراآباد جا علائقا تيزيءَ سان وڌيا پئي، جيڪو علائقو سنڌورڪي گهٽين آڪهين جي رهائش هوندو هو. بهرحال، پراڻو شهر واپاري فرمن جو معياري ماڳ هو، ۽ ويهين صديءَ ۾ بجلي جي اچڻ ۽ ڪني پاڻيءَ جي نيڪال جي سهولت ۾ سڌارو ايندي به سندس سوڙهين گهٽين ۾ گهٽي تبديلي نه آئي.

حيدرآباد بابت عام طور 'ترقي پسند' شهر هئڻ جي هام هڻي ويندي هئي ۽ اُتي موجود ڪيترن ئي اسڪولن ڪارڻ هن شهر کي سنڌ جو 'دانشوراڻو شهر' سڏيو ويندو هو. رچرڊ برٽن پڻ چوي ٿو: 'مونکي اچرج ۾ نه پوڻ گهرجي.... جيڪڏهن ڪو شخص سنڌ ۾ نئين قدردانيءَ، جاڳرتا، ڪؤجنا جي مجتا ۽ جاڪوڙ جي دؤر جو اعلان ڪري، ته آءُ چوندس ته مٿيون سڀيئي ڳالهيون حيدرآباد ۾ موجود آهن.' (48) حيدرآباد ۾ تعليمي ترقي 1850ع ۾ شروع ٿي: 1858ع ۾ شهر جو دؤرو ڪندڙ بئريسٽر لانگلي اڳيئي شهر ۾ ٻارهن نجي اسڪولن جي موجودگي ڄاڻائي ٿو، جنهن مان هڪڙي اسڪول جي ميونسپالٽي مدد ڪري ٿي، جنهن ۾ اٽڪل 900 شاگرد پڙهن ٿا. (49) پوءِ وارن پنجاهه سالن ۾ تعليمي ادارن ۾ گهڻو ئي واڌارو ٿيو. 1920ع واري 'سنڌ گزيٽيئر' ۾ ڄاڻايل آهي، ته شهر ۾ ڇوڪرن لاءِ ٽي ۽ ڇوڪرين لاءِ هڪ هاءِ اسڪول آهي، جنهن ۾ 16-1915ع ۾ 1351 شاگرد ۽ 198 ڇوڪريون پڙهندڙ هيون. (50) هتي استادن جا به تربيتي ڪاليج ۽ هڪ ميڊيڪل اسڪول پڻ هوندو هو. ساڳئي وقت، حيدرآباد تعلقي جي پرائمري اسڪولن ۾ ڪُل پڙهندڙ شاگردن جو انگ ٻارهن هزار هو، جنهن ۾ به هزار ڇوڪريون شامل هيون. پڙهندڙ شاگردن ۾ گهڻائي شهر جي هئي، جن ۾ اڪثر شاگرد هندو هئا. (51) هي شاندار تعليمي سهولت جي جيڪا مجموعي ترقي هئي، سا ستر هزار ماڻهن جي مفصل شهر جي رڳو مقامي عامل برادريءَ جي خاص جاکوڙ ڪارڻ هئي. حيدرآباد ۾ بيشڪ ننڍي ڪنڊ جي غير برهمڻ ڏر ۾ سيني کان وڌيڪ تعليمي شرح هئي. پائيبندن بابت هيءَ پتو نٿو پوي، ته اهي سڏي ريت اسڪولن جوڙائڻ ۾ ملوث هئا يا نه، پر هنن منجهانئن فائدو ضرور ورتو. منجهن مردن ۾ تعليمي شرح، جيتوڻيڪ عاملن کان گهٽ هئي، تنهن ۾ 1920ع ۾ ٿورڙو واڌارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو. هوڏانهن، پائيبند برادريءَ ۾ ڇوڪرين جي تعليم بلڪل گهٽ، پر اها عاملن کان نسبتي طور وڌيڪ هئي. 1920ع ڌاري انهن ترقين جي نتيجي ۾ حيدرآبادي هندو مرد نوجوان وڏي انگ ۾ تعليم ماڻڻ لاءِ اڳتي وڌيا ۽ ڪين اڪثر انگريزيءَ جي چڱي ڄاڻ هوندي هئي، جنهنڪري شايد جزوي طور هنن کي پرڏيهه ۾ ملازمت تڪڙي ملي ويندي هئي. تنهن هوندي به پائيبند برادريءَ ۾ مجموعي طور ڪجهه ماڻهو انگريزي ڊاڍي رواني سان ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌي ٻولي سندن عام طور گهريلو، رواجي ۽ واپاري ٻولي هوندي هئي.

بهرحال، وقت گذرڻ سان سنڌورڪي واپارين ڌاريون ٻوليون سکڻ ۾ شاندار نماءُ جو مظاهرو ڪيو. منجهانئن هڪ شخص، آسٽريليائي پارليامينٽري ڪميشن (52) آڏو شاهدي ڏيندي ٻڌايو، ته جڏهن هُو ايريٽيريا جي شهر مساوا ۾ مقرر هو، تڏهن هُو اطالوي، عربي ۽ آمهراڪ ٻوليون ڄاڻندو هو. اُهو واپاري 1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ پناما ۾ هندوستان مرچنٽ ايسوسيئيشن جو چيئرمين ٿيو، تنهن بابت مقامي برطانوي قونصل ڄاڻايو ته، 'هُو اسپيني ٻوليءَ جوڏاڍو سٺو ماهر' هو. (53) اهڙا ڪيترائي اشارا ملن ٿا، ته سنڌورڪي واپاري ۽ سندن ملازم عام طور بنيادي ٻوليون ڳالهائڻ جو فن سکي وٺندا هئا، جيڪو ڪين سندن واپار جي سلسلي ۾ ڏاڍو ڪمائتو ثابت ٿيندو هو. بهرحال، ڪجهه اهڙن مثالن جو به پتو پيو آهي، جن حالتن ۾ انگريزيءَ ۾ نامناسب قابليت سبب گهربل معلومات وٺڻ لاءِ ڪين وڌيڪ پئسو خرچ ڪرڻو پيو هو. بدقسمتيءَ سان انهيءَ ڏس ۾ اهڙي ڪابه ڄاڻ نه آهي، ته هن ميداني ڏورانهين شهر جي واپارين وچ ۾، واپاري سامان جي منتقلي، محفوظ، گڏڪرڻ يا ورڇڻ ۽ وڪڻڻ جي ڏس ۾، پرڏيهه جي واپاري مارڪيٽن بابت پاڻ ۾ ڪيئن ڄاڻ جي ڏي- وٺ ڪندا هئا. هن ڳالهه جو پتو لڳائڻ ممڪن نه آهي، ته سنڌورڪي واپارين جي استعمال لاءِ روزانو جي ڪاروهنوار کي واضح طور لکيو ويندو هو يا نه. تنهنڪري ڪنهن شخص کي ڏکو هٿڻو پوندو، ته اُهي واپاري مڪمل طور پاڻ ۾ 'زباني' ڏي- وٺ ڪندا هوندا.

هندو واپاريءَ کي اڪثر قدامت پسند جي حيثيت سان، ڪنڌ هيٺ ڪري رڳو موڙيءَ ۾ مَنهن وڌل ۽ هندستان کان مختلف سماجي ۽ معاشي ماحول سان مطابقت نه ڌاريندڙ، سمجهيو ۽ تصور ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڏس ۾ شڪارپوري واپارين جي حالت مٿين ڳالهه جي ابتڙ نه آهي، جو اُهي وچ ايشيا جي سرائين ۾ پنهنجو شڪارپوري ماحول جوڙي وٺندا هئا، ۽ اُهي پاڻ کي مقامي ماڻهن کان وڏي پيماني تي، خاص ڪري شهوتي ميلاپ کان علحده رکندا هئا. جڏهن ته انهيءَ ڏس ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌورڪي حيدرآبادي واپاري نرالا هوندا هئا: اُهي مقامي ماڻهن کان، مختلف بندرگاهن ۽ بينڪي شهرن ۾ عام طور ٿورڙو عرصو رهندي، وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپورين جي پيٽ ۾، علحده رهڻ جي ساڳي سطح برقرار رکي نه سگهندا هئا. بهرحال، اُنهن واپارين کي عام مقامي آباديءَ سان ميلاپ نه، پر گهٽ ۾ گهٽ انهن وڏن واپاري شهرن ۾ واپار ڪندڙ ۽ رهندڙ واپاري برادريءَ سان لاڳاپا رکڻا پوندا هئا، جتي اُهي پاڻ پنهنجو ڌنڌو به ڪندا هئا. اُهي ڪڏهن به مڪمل طور شهوتي ميلاپ کان لنوائيندا نه هئا. انهيءَ قسم جي مواد جي ڏس ۾، جيئن ڊائرين جي کوٽ سبب تصور جوڙڻ ڏکيو آهي، ۽ اڪثر جنهن طريقي سان اُهي گهٽي عرصي تائين پرڏيهه ۾ رهڻ جي گهرج جو عقلي دليل ڏيندا هئا، خاص ڪري بلڪل اٽواقف ماڳن جيئن اُتر يا مغربي اولهه آفريڪا يا وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾، جتي هو پرياسي ۾ اڪيلا هندستاني هوندا هئا. پر حقيقت هيءَ آهي ته اُهي نه رڳو مامرن کي سُلجهائي ويندا هئا، پر اڪثر پنهنجي ڪاروهنوار ۾ سوڀارا به هوندا هئا. پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ، واپاري-سرشتو هڪ نئين رخ ۾ ڦهلجڻ لڳو.

## سنڌورڪي واپارين جي 1918ع -1947ع تائين ڦهلجڻ، گهٽجڻ ۽ وصولي

پهرين مهاڀاري جنگ جا، عالمي سفر ۽ واپار جي مالي خساري ۽ کوٽ کي ڏيان ۾ رکندي ڏسبو، ته سنڌ ورڪ واپارين جي مقدر تي حيرتناڪ حد تائين اثر ٿيا. هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته ڪاروبار چڱيءَ حد تائين گهٽجي ويو هو ۽ اهو ته مختلف ملڪن ۾ ڪاروباري ڪوٺين کي، سياسي ڪارڻن هيٺ (دشمن ملڪن ۾ واقع هجڻ ڪري) يا وڪري جي انگ ۾ خراب حد تائين ٻاڙائيءَ سبب بند ڪرڻو پيو هو. پر بيشڪ مجموعي طور ڏٺو ويندو ته جن فرمن، جنگ کان اڳ واري عرصي ۾ چڱو ناڻو ڪمايو هو، سي ان ناڻي جي ٿورائتي ڪارڻ بند ٿيڻ کان بچي ويون. غيرجانبدار ملڪن جهڙوڪ ڊچ ايست انڊيز، فلپائين (آمريڪا جي جنگ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ)، ڪينري ٻيٽن ۽ اسپيني مراڪش ۾ واپاري وهنوار ۾ اضافي جو پڻ گهٽو لاڙو وڌيل هو. انهيءَ ڳالهه سبب برطانوي اختيارين شڪ ڪرڻ شروع ڪيو، ته ڪجهه سنڌي فرمن دشمنن سان ڳڍجي غير جانبدار ملڪن ۾ واپار پئي ڪيو. خاص ڪري ڊچ ايست انڊيز ۾ سرگرميءَ سان ڪاروبار ڪندڙ ڪي. اي. جي. چوتربمل تي اعتراض واريو ويو ۽ فوجي اختيارين آڏو سندس خلاف تحقيقات شروع ٿي، جنهن ڳالهه کي نيٺ پوءِ شڪ کان آجو ڪونيو ويو. (54)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 4.5: 1930ع ۾ مکيه سنڌ ورڪي فرمون، سندن جُڙڻ جي تاريخ موجب

| فرم جو نالو | فرمَ جُڙڻ جي تاريخ | شاخن جو انگ، 1932ع- 1939ع |
|---|---|---|
| پوهومل برادرس (يورپ) | 1858ع (1932ع) | 17 |
| پوهومل برادرز (انڊيا) | 1858ع (1932ع) | 11 |
| ڊي. چيلارام | 1860ع | 19 |
| جي. ٽي. چتنراءِ | 1860ع | 21 |
| ڊبليو. آسومل | 1866ع | 13 |
| ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز | 1870ع | 21 |
| ڪي. اي. جي. چوتري مل | 1875ع | 5 |
| بي. ڪي. چوئٿرام | 1880ع | 5 |
| جهمٽمل گريمل | 1883ع | 2 |
| ڪي. هاسارام | 1885ع | 11 |
| ڪي. هوندومل اينڊ سنز | 1888ع | 9 |
| جي. رامچند | 1894ع | 8 |
| اي. نيچامل برادرز | 1896ع | 2 |
| ٽيڪمداس برادرز | 1897ع | 6 |
| وطڻ مل بولچند | 1908ع | 4 |
| واٽو مل برادرز | 1910ع | 4 |
| ڪي. چيلارام اينڊ سنز | 1915ع | 15 |
| ڍالومل اينڊ سنز | 1916ع | 5 |
| ڏيارام برادرز (جپان بازار) | 1918ع | 8 |
| ٽي. جهامنداس | 1920ع | 6 |
| ريولرام اينڊ بولچند | 1921ع | 3 |
| ورڪومل شيورڪرام | 1924ع | 3 |
| اوڪي گدومل اينڊ واٽومل | 1926ع | 4 |
| اوتومل اينڊ آسودومل | 1928ع | 3 |

ذريعو: دي جپان ٽائيمز ايئربُڪ 1933ع، ايس. آءِ.، 1933ع: ايس اي. ويز (سهيڙيل)، انڊينس ابراڊ ڊڪشنري، بمبئي، 1934ع: بزنس ڊائريڪٽري آف هانگ ڪانگ، ڪينٽن، مَڪائو، هانگ ڪانگ، 1938ع.

امن ٿيڻ ڪانپوءِ، سياحت ۽ سفري صنعت ۾ واڌ جو هڪڙو نئون اُڀار آيو، جنهن مان سنڌورڪي واپارين سڌو سنئون فائدو ورتو. 1920ع ۾ سنڌورڪي واپارين ڪيترن ئي ملڪن ۾ نيون ڪوٺيون کوليون، ۽ واپاري- سرشتي جي نقشي ۾ نوان علائقا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامل ڪيا. نون واپاري فرمن پڻ مشهوري ماڻي، جنهن ۾ سڀ کان اهم ڪشنچند چيلارام اينڊ سنز هئي، جيڪا ڪشنچند چيلارام درياڻيءَ 1915ع ۾ مدراس ۾ قائم ڪئي هئي، جيڪو پنهنجي پيءُ گيانچند ۽ مدراس جي مشهور سنڌي واپاريءَ کان ڪپڙي جي صنعت مان وڏو حصو وٺي ڏار ٿيو هو. (55) نئين جوڙيل فرم ڏکڻ انڊيا، ڏور- اوڀر جي ملڪن ۽ اولهه آفريڪي ملڪن وچ ۾، جنهن جو اوائلي ڏاڪي تي پانڊيچري فرمن فرينچ ويسٽ انڊيز ۾ پنهنجو پايو وڌو هو، وڏي سطح تي واپار کي اهم ترقي ڏياري. واپار جي اولهه آفريڪي شاخ جي واپاري- سرشتي ۾ واڌ، جيڪا ڊگهي مُدي لاءِ نهايت اهميت واري ثابت ٿي، سا 'ريشم ۽ نوادرات' تي خاص زور ڏيڻ جي پيٽ ۾، جيڪا ڳالهه 1914ع کان اڳ واري واپاري- سرشتي لاءِ نمايان ڳالهه هئي، گهٽڻ ئي قسمن جي شين جي وڪري واري تبديليءَ جي شروعات سان هم آهنگ هئي. 1920ع ۾ نهيل گهٽيون فرمون، جيڪي جاپان ۽ چين ۾ قائم پنهنجي ڪوٺين جي مدد سان مال برآمد ڪنديون هيون، تن جاپان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن خاص ڪري چين، ڊچ ايسٽ انڊيز ۽ اسٽريٽ سيٽلمنٽ وچ ۾ وڌندڙ واپار مان فائدو ورتو. ٽيبل 4.5 مان 1930ع ۾ نهيل مکيه سنڌورڪي فرمن جي فهرست، حيدرآباد کان ٻاهر موجود سندن ڪوٺين ۽ فرمن جي نهڻ جي تاريخ سميت ڏنل آهي.

هن ٽيبل مان اسان کي فرمن جي ٽن نسلن وچ ۾ وسيع پيماني تي ورڇڻ ۾ مدد ملي ٿي. پهرين نسل ۾ اُهي فرمون (اٺ) شامل هيون، جيڪي 1858ع ۽ 1883ع وچ ۾ نهيون هيون، جڏهن ته ٻئي نسل ۾ اُهي ست فرمون شامل هيون، جيڪي 1885ع ۽ 1910ع جي وچ ۾ نهيون هيون، ۽ وري ٽئين نسل ۾ 1914ع کان ٿورڙو اڳ نهيل اٺ فرمون شامل هيون. پهرين نسل ۾ 1930ع ۾ نهيل فرمن جون 114 ڪوٺيون هيون (جن مان گهٽيون ڪوٺيون مالي گهوٽالي وارن سالن دوران بند ٿيون، ۽ وري ڪڏهن به نه کُليون)، يعني هرهڪ فرم جي ڪوٺين جو تناسب ڇهه هو، ۽ تازي اُٿيل لهر جي فرمن جي ڪوٺين جو انگ ستيتاليهه هو: يعني هرهڪ فرم جي ڪوٺيءَ جو تناسب ڇهه هو. ڪوٺين جي انگ کي فرم جي ڪُل ماڻيل مالي نفعي جي اشاري جي حيثيت سان ڏسڻ سان پتو پوندو، ته پهرين نسل جي فرمن جي برتري واضح آهي. فرم جي داخل ٿيڻ واري تاريخ فرم جي مجموعي ڪاميابيءَ ۾ اهم عنصر هو، جنهن مان واپاري- سرشتي جي مضبوط موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو. وڏين فرمن ۾ جيڪا اڪيلي هڪ نئين فرم شامل ٿيڻ ۾ سوڀاري ٿي، سا ڪشنچند چيلارام اينڊ سنز هئي. ٻين فرمن به پنهنجي طور پاڻ ملهايو، جيئن ڀطڻمل بولچند يا اوٽومل ۽ آسودومل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برآمدي واپار ۾ پنهنجي خاص مهارت برقرار رکي ۽ پوءِ به وڏين ستن فرمن سان سنڌيءَ ريت مقابلو نه ڪيو.

باربيڊوس ۽ ڪراڪائوچ ۾ واپاري دڪان ڪولڻ سان ڪيريبين ملڪن ۾ واپاري- سرشتي جو جيڪو ڦهلاءُ ٿيو، سو علائقي ۾ سياحتي اچ وڃ ۾ واڌاري سبب ٿيو هو. ڏڄ ايسٽ انڊيز منجهه جنگ وسيلي واپاري واڌ ۾ جيڪو تُحرڪ آيو هو، تنهن منجهان سنڌي فرمن ۽ چيني واپارين وچ ۾ وڌندڙ لاڳاپن جي عڪاسي ٿئي ٿي، جيڪي خاص ڪري ايسٽ انڊيز ۾ چيني واپارين جي حب الوطنيءَ سبب جپاني واپار ڪي وڌائڻ لاءِ مجبور هئا. حيدرآباد جي هڪ واپاريءَ جو جپان ۽ جاوا ۾ واپار ڪندڙ هڪ فرم جي ڀائيوار سان ٿيندڙ تڪرار بابت لکت ۾ ڏنل هڪ بيان، جيڪو يوڪوهاما جي برطانوي قونصليت خاني جي قديم آثارن ۾ موجود آهي، (56) تنهن مان جنگ جي اوائلي سالن ۾ انڊيز ملڪن ۾ سنڌي فرمن جي ٿيندڙ ڦهلاءُ تي روشني پوي ٿي. انهيءَ بيان مطابق، فرم وٽ 1919ع جي پڇاڙيءَ تائين بانڊيوگ ۽ جاوا جي شهر سُوئيڪابوچيءَ ۾ هڪ هڪ دڪان هو ۽ وٽن يوڪوهاما ۾ هڪ برآمدي آفيس هئي؛ فرم جي ڪُل موڙي ٽي لک ايڪتيهه هزار گلڊر هئي ۽ مٿن بئنڪ جو ڪوبه قرض نه هو. پوءِ، ٻن سالن دؤران فرم کي 1920ع ۾ ٽي لک گلڊر ۽ 1921ع ۾ چار لک گلڊر جو شاندار نفعو ٿيو. پوءِ برآمدي آفيسون ڪوبي، هانگ ڪانگ ۽ ڪينٽن ۾ قائم ڪيون ويون ۽ جاوا ۾ ڪيترائي نوان دڪان کوليا ويا. ڪاروبار ۾ بوٽاوايا ۾ ٽوڪ ۽ ريزڪي ڪاروبار سميت سيمارنگ ۾ هڪ دڪان، بونيشنروگ ۾ هڪ دڪان ۽ فرچ ۾ ڪمايل نفعي مان هڪ وڏو ٽوڪ ۽ ريزڪيءَ جو دڪان، پانڊيوگ جي شهر پسر- بڙائو ۾ هڪ دڪان هوندو هو، جيڪو اڍائي لک گلڊرن ۾ وٺي ٺهرايو ويو؛ گڏوگڏ فرم پنهنجي نفعي جي خوشحاليءَ جي استحڪام کي ڏسندي رڳو بينڪ آف تائيوان ۾ ٽي لک ين اوڌر طور جمع ڪرايا. هن منظر مان بيشڪ جنگ کان اڳ وارن سالن ۾، جاوا ۾ واپار جي ڦهلاءَ، ۽ جپان ۽ انڊيز ملڪن وچ ۾ واپاري ناتن تي روشني پوي ٿي، ۽ انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ نه آهي، ته انهيءَ ڏس ۾ ٻين سنڌورڪي فرمن ڪيئن مُنهن ڏنو يا متبادل رستو اختيار ڪيو.

ڏڄ ايسٽ انڊيز ۽ عام طور ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾ سنڌورڪ فرمن جاپاني شين جي واپار ۾ مهارت ماڻڻ لاءِ تيزيءَ جو لاڙو رکيو. هڪڙو ليکڪ لکي ٿو، ته ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾، 'سنڌي واپارين جو واپاري- سرشتو، جپانين لاءِ هندستاني واپاري- سرشتي کان وڌيڪ اهميت وارو هوندو هو.' (57) آر. برائون موجب، سڄي علائقي ۾

'جاپاني گماشتا درآمد ڪندڙ مڪيه سنڌي واپارين کي هڪدم مال ڏيڻ لاءِ شيون گڏ ڪري رکندا هئا.' (58) جيڪي موٽ ۾، پنهنجي ڪوٺين جي علائقائي واپاري- سرشتي وسيلي مقامي مارڪيٽون ورهائي ڇڏيندا هئا. گڏوگڏ سنڌورڪي فرمن منجهه ڪوبي ۽ يوڪوهاما ۾ قائم پنهنجي ڪوٺين وسيلي جپان جي ملڪن مان سڌوسنئون مال وٺڻ جو به تيزيءَ سان لاڙو موجود رهيو. 1920ع ۾ ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾ سنڌورڪي فرمن جو علائقائي واپار تيزيءَ سان، بنيادي طور يورپي بينڪي علائقن ۽ جپان وچ ۾ دلال جو ڪردار ادا ڪرڻ سبب، ايشيائي- لاڳاپي واري واپار سان سلهاڙجي رهيو هو. تنهنڪري، واپار ۾ ڦيري يا تبديليءَ جو لاڙو به موجود هو، ۽ مقامي شين جو واپار گهٽجندو پئي ويو. ڊي. چيلارام، پوهومل برادرز، جي. ٽي. چينراءِ، ۽ مولچند ڏيئل داس جهڙيون سنڌورڪي فرمون، عالمي سطح تي ريشم ۽ ٻين نوادرات جي روايتي واپار سبب عالمي طور خاص اهميت جون حامل هيون. جيتوڻيڪ هنن پنهنجي واپاري- سرشتي کي اڃا به ڦهلايو هو، پر اهڙو ڪوبه ثبوت نٿو ملي، ته اُهي جنگ جي اوائلي سالن جيتريون خوشحال به هيون يا نه. منجهائنئن سڀ کان وڌيڪ ڪامياب فرمن ۾ ڪشنچند چيلارام، وسايومل آسومل، ڪي. اي. جي. چوتربمل يا بلڪل تازو 1908ع ۾ جوڙيل فرم وطنمل بولچند شامل هيون، جن اُهو لاڙو رکندي وسيع پيماني تي علائقائي واپار ۾ خاص مقام برقرار رکيو. بهرحال، ٻنهي قسمن جون فرمون سان1930ع ۾ ايندڙ عالمي مالي گهوٽالي وارن سالن دؤران متاثر ٿيون.

1930ع ۽ 1933ع وارن سالن دؤران، عالمي سطح تي سياحتي ۽ سفري صنعت لڳاتار وڌي جمود جو شڪار ٿيڻ سان، عملي طور ريشم ۽ نوادرات جي واپار ۾ پڻ مانار آئي. انهن ڳالهين هوندي به، سڀ کان وڌيڪ جيڪا مشهور فرم متاثر ٿي، سا 1857ع ۾ ٺهندڙ اوڌوداس اينڊ ڪمپني شامل هئي، جيڪا ميڊيٽرين ملڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ سرگرم واپاري فرم هئي. گهڻيون فرمون پنهنجون ڪوٺيون بند ڪري ۽ وڏو خرچ گهٽائي مالي گهوٽالي مان بچڻ ۾ سوڀاريون ٿيون، پر پتو پوي ٿو، ته ڪجهه فرمن تنهن وقت پنهنجي ملازمن کي نوڪريءَ مان به نيڪالي ڏني هئي. ڪجهه ملازمن کي شايد پنهنجي پگهارن ۾ گهٽتائيءَ کي به قبول ڪرڻو پيو هوندو، پر انهيءَ ڏس ۾ تمام گهٽ ثابتيون سامهون آيون آهن. 1920ع ۾ واپاري فرمن گهٽو نفعو ڪمايو، تنهنڪري واپاري جوڙجڪ ٿي، ۽ وڏين فرمن ڪيترن ئي علائقن جي واپار کي ورهڻ لاءِ پاڻ ۾ معاهدا ڪيا. بهرحال، ڪجهه آڳاٽين فرمن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا: مثال طور: پوهومل برادرز 1932ع ۾ ٻن ڀاڳن ۾ ورهائجي وئي، جن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ حصو پوهومل برادرز (انڊيا) وارن ڏور- اوپر جا ملڪ ۽ هندستاني علائقن ۾ واقع ڪوٺيون سنڀاليون، جڏهن ته پوهومل برادرز (يورپ) وارن سڄي يورپ ۾ واپار ڪرڻ کي اوليت ڏني. واپار ۾ آيل جمود يا گهوٽالي سبب نفعي ۾ موڙيءَ ۾ ته زوال ايندو هو، پر شهري ماڻهن ۾ برادريءَ جي مجموعي لاڳاپن جهڙن غيرمارڪيٽ جي عنصرن وچ ۾ اتحاد ۽ استحڪام ۾ لچڪ جي عڪاسي ٿيندي هئي.

اڳتي هلي، سنڌورڪي واپارين تي مالي گهوٽالي جو اثر اِهو ٿيو، جو هنن پنهنجي وڪري واري مال ۾ شامل سهڻي ريشم ۽ نسبتي مهانگا نوادرات، جن کي ڪنهن قدر ”نيم عياشي“ جون شيون ڇئي سگهجي ٿو، تن جي وڪري واري مشرقي انداز ۾ ڦيرو آندو ۽ وڏي پيماني تي ٻين شين جي وڪري تي زور ڏيڻ شروع ڪيو، جن ۾ سياحتي شيون ۽ سستي اڳهن واريون ٽيڪسٽائيل مصنوعات شامل هيون. ٻي ڳالهه هيءَ به ته، جو 1931ع ۾ ين جي مُلهه ۾ لاٿ آئي، جيڪا ڳالهه چيني شين جي وڪري ۾ خاص واڌاري جو سبب بڻي. سنڌي فرمون گهڻو ڪري جپان جو تجارتي مال ٻاهرين مارڪيٽن، خاص ڪري برطانوي بينڪي راڄ ۾ شامل ملڪن، ۾ وڪڻڻ ۾ گماشتي جو ڪردار ادا ڪرڻ لڳيون. اهڙيءَ ريت، سنڌي فرم ملايا ۽ اولهه آفريڪا سميت انهن ملڪن ۾ به جپاني شيون وڪڻڻ ۾ سرگرميءَ سان ملوث هيون، جيڪي گهڻو ڪري برطانوي واپارين لاءِ مخصوص ٿيل هئا. انهيءَ ڳالهه سبب ڪجهه موقعن تي برطانوي ڪسٽم اختيارين سان سِڌو ڦڏو به ٿيو هو، جو 1934ع کانپوءِ سنڌورڪي واپارين تي، برطانوي شهنشاهيت جي بينڪيتي راڄ جي مارڪيٽن ۾، جپاني ٽيڪسٽائيل مصنوعات وڪڻڻ تي سختيءَ سان ڪوٽا- سرشتو لاڳو ڪيو ويو، ته جيئن برطانوي واپارين جي حصي جو تحفظ ڪيو وڃي. جپانين سان وڌندڙ واپاري لاڳاپن ڪارڻ ڪيترن ئي سنڌورڪي فرمن، جپاني ڪارخانن مان سڌوسنئون مال وٺڻ لاءِ، ڪوبي ۽ يوڪوهاما ۾ پنهنجون ڪوٺيون کوليون. بهرحال، جپاني شين جي وڪري ۾ مهارت ڪڏهن به نمايان خاصيت نه رهي ۽ 1933ع کانپوءِ ڏکڻ ايشيا ۾ جڏهن سائنو- جپاني تڪرار جپاني شين جي وڪري ۾ لاٿ جو ڪارڻ بڻيو، ته سنڌورڪي واپارين، برطانوي ۽ هندستاني شين ڏانهن چڱي موٽ کاڌي. (59) واپاري ڪاروهنوار ۾ ڦهلاءَ کي وڏين فرمن ۽ بئنڪن وچ ۾ جڙيل سُنن لاڳاپن سان سهوليت مليل هئي. اهڙيءَ ريت، بئنڪاڪ ۾ ڪي. اي. جي. چوتريمل فرم ڪوبي ۽ بئنڪاڪ ٻنهي شهرن ۾، سيام بئنڪ طرفان ملندڙ خاص قرض واريءَ سهولت جي مدد سبب، جپان سان ٿيندڙ پنهنجي واپار ۾ سيڙپ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. هوڏانهن فرينچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڊو- چين ۾ هانگ ڪانگ بئنڪ جي مقامي ڪوٺيءَ طرفان ملندڙ قرض سائيگون ۽ بين ڏکڻ- اوڀر ايشيائي ملڪن سان ٿيندڙ واپار ۾ ساڳيو ڪردار ادا ڪيو. (60)

1930ع جي وچ واري ڏهاڪي کان وٺندڙ عالمي چڪتاڻ سنڌورڪي واپارين جي وهنوار ۾ مخالف اثر وڌو. اهڙيءَ ريت، اسپيني گهرو ويڙهه سڌوسنئون اهڙين ڪيترن ئي فرمن جي مفادن کي متاثر ڪيو، جن جون اسپيني مراڪش ۽ ڪينري ٻيٽن ۾ ڪوٺيون کُليل هيون، ۽ ڪجهه فرمن کي مالياتي ڏکيائين سان مُنهن ڏيڻو پيو. سائنو- جپان جنگ ڪارڻ چائنا ۾ واپار ڪندڙ سنڌورڪي واپارين جي سرگرمين جي پُڄاڻي ٿي. ٻي مهاڀاري جنگ سبب انهن سڀني ڏکيائين ۾ واضح طور واڌارو آيو، جنهنڪري عالمي واپار جي روايتي واپاري حدبندين ۾ جمود اچي ويو. 1941ع کانپوءِ ڪيترين ئي سنڌورڪي واپارين پاڻ کي چين جي تسلط هيٺ آيل علائقن ۾ ڦاٿل ڏٺو، ته وري ڪجهه جرمن يا اٽليءَ جي قبضي وارن ملڪن ۾ ٻه گهيريل هئا. پاڻئجي تو ته اُهي گهڻو ڪري 'ڪاري ڏنڏي' ڏانهن ڦيرو ڪائڻ ڪري بچي ويا، جنهنڪري اُهي مقامي آبادين، خاص ڪري فلپائين يا ڊچ ايسٽ انڊيز جي رهواسين جا لاڏلا نہ بڻجي سگهيا. انهيءَ ڏس ۾ شايد پنهنجي معاشي مفادن جي بچاءَ لاءِ، انيڪ ڏکڻ ايشيائي سنڌي واپاري سڀاش چندربوس ۽ انڊين نيشنل آرميءَ جي مالي سهڪار ۽ حمايت ڪندا هئا. انهيءَ مامري تي اڳتي وڌيڪ لکيو ويندو. مجموعي طور سنڌورڪي واپاري، ٻي عالمي مهاڀاري جنگ واري ڏکيڙ مان، نسبتي گهٽ نقصان سبب مالي طور مستحڪم رهيا. هنن واپارين لاءِ 1945ع جي ٻن سالن کانپوءِ فيصلائتي آزمائش هندستان جو ورهاڱو هو، جنهنڪري اُهي حيدرآباد مان چڙوچڙ ٿيڻ تي مجبور ٿيا. پر انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪرڻ کان اڳ، سنڌورڪي واپارين جي عالمي واپار جو جائزو پيش ڪيو ويندو.

## سنڌورڪي واپاري- سرشتي ۾ ڪاروهنوار ۽ گنجائش

هوڏانهن شڪارپوري واپاري- سرشتي ۾ علائقائي تسلسل وسيلي گهٽ يا وڌ باقاعدي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي خاصيت وارو روپ هوندو هو، پر سنڌورڪي واپاري- سرشتي جي متاچري جوڙجڪ ۽ بناوت ڪافي ڍري ۽ وڌيڪ بيقاعدي هئي. هنن جو واپاري روپ گهڻو ڪري سامونڊي رستن جي بناوت يا نقشن وسيلي طئي ٿيل هو. واپاري- سرشتي جو نقشو، گهڻو ڪري آگبوٽن ۽ بين برطانوي ٻاڦ جي انجڻن واري ڪمپنين جي واپرائجندڙ رستن جي نقشن سان هم آهنگ هو، جيڪي هندستان ۽ ڏور-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڀرندي ملڪن کي دنيا جي ٻين ملڪن سان ڳنڍيندا هئا. ان جو اولهه وارن ملڪن کان هندستان جي اُوڀر ڏانهن وڏيڪ جهُڪاءُ هوندو هو. مکيه محور، ڏور- ايشيائي ملڪن کي برطانيا سان ڳنڍيندڙ مکيه ساموندي رستن، سنگاپور وسيلي جپاني ۽ چيني بندرگاهن کان ڪولمبو، عدن، سوئيز ڪينال، مالٽا ۽ جبرالٽر سان ڳنڍيل هوندو هو. ٻيو محور اولهه آفريڪا جي چوڌاري ڪيپَ واري رستي، ۽ ڪينري ٻيٽن وسيلي ائٽلانٽڪ جي وچ واري ڏاڪڻي ساموندي رستي ۽ 1914ع کان اڳ ميلان جي ڪاريءَ وسيلي پيسفڪ، ۽ ان تاريخ کان وٺي پناما ڪينال واري رستن وسيلي گهيريل هوندو هو. حيدرآبادي واپارين جون وسنديون، انهن ساموندي رستن ۽ وڏن بندرگاهن سميت ميداني واپاري شهرن ۾ به موجود هيون. جيتوڻيڪ هنن جو واپاري- سرشتو بندرگاهن کان پري ورلي وڌيل هوندو هو. هنن جون وڏيون وسنديون انهن علائقن ۾ قائم هيون، جتي سنڌن واپار هلندڙ هوندو هو. ٻين وسندين جي اهميت، سنڌن يورپي آباديءَ جي رهواسين سان تعلقاتن ۽ سياحتي ۽ سفري ماڳهن سان سنڌس وهنوار جي خيال کان مختلف رهي آهي. ماڳن جي نسبتي اهميت وقت جي تبديليءَ سان سلهاڙيل آهي، جوته عالمي اقتصادي لاڙن جو واپاري- سرشتي تي سڌو اثر پوي ٿو. عملي طور مٿي مختلف قسمن جي وسندين وچ ۾ خريد ڪندڙ ۽ برآمدي مرڪز ۽ واپاري هنڌ ۽ ريزڪي شيون وڪڻندڙ مرڪز جي حيثيت سان تميز ڪري سگهجي ٿي. انهن ٽنهي قسمن جي ورڇ بلڪل ساڳي يا واضح نه هوندي هئي، ۽ سنڌن وچ ۾ هڪٻئي کان گوءِ ڪٽڻ جي خاص حد به اٽڪر هئي.

خريداري ۽ مال جي برآمدي سرگرمي گهڻو ڪري هندستان، چين ۽ جپان جي ڪجهه علائقن ۾ مرڪوز هئي. جڏهن ته سنڌورڪي واپارين جي هندستان ۾ ڪم جي طريقيڪار بابت تمام گهٽ ڄاڻ ملي ٿي، جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ جي سمورن وڏن بندرگاهن ۽ شهرن ۾ سنڌن وسنديون هونديون هيون، منجهانئن سڀ کان وڏيون وسنديون بمبئي، ڪلڪتي ۽ مدراس ۾ واقع هيون. ڪلڪتو ۽ مدراس خريداريءَ جا مرڪز نه هئا. بمبئي گهڻو ڪري اُهو شهر هو، جتي متاسنا جي ٻنڪن سان سنڌورڪي واپارين جي عالمي واپاري- سرشتي لاءِ ناڻي جو انتظام ڪيو ويندو هو، ۽ گڏوگڏ هن شهر کي پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ، ڏور- اوڀر وارن ملڪن کان درآمد ڪيل شين کي ٻين ملڪن ڏانهن موڪلڻ جي مرڪز طور پڻ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ هتان ئي اولهه هندستاني مارڪيٽن لاءِ سامان موڪليو ويندو هو. ڪلڪتو گهڻو ڪري اهو شهر هو، جتي سنڌورڪي واپارين وٽ اُتي رهندڙ يورپي آباديءَ لاءِ ريزڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري شيون هونديون هيون ۽ هي ماڳ ڏور- اوڀر وارن ملڪن لاءِ مال جي تبديليءَ جو مرڪز پڻ هو. ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ سنڌورڪي واپارين جي ڌرم.شالا به هوندي هئي، جتي ٻين علائقي ڏانهن روانو ٿيندڙ سنڌورڪي واپارين کي 'سهولتون ڏيڻ' جي مقصد سان سندن رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ڪيو ويندو هو. مدراس مختلف قسمن جي ڪپڙي جي مصنوعات ۽ سموري ڏکڻ هندستان جي هنرمندن جي ناهيل نادر شين ۽ ريشمي سامان جي خريداريءَ جو مرڪز هوندو هو. هي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي، ته سنڌورڪي واپاري گهڻي خريداري اُتر هندستان، خاص ڪري ڪشمير، پنجاب ۽ گڏيل صوبن (آگري، مراد آباد، لکنؤ، بنارس) جي علائقن مان ڪندا هئا، جيڪي مختلف قسمن جي هٿ جي ٺهيل شين جا پيداواري مرڪز هئا. هوڏانهن، ويهين صديءَ ۾ سنڌ مان تمام گهٽ شين جي خريداري ڪئي وئي. هي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي، ته سنڌورڪي واپاري گهڻو ڪري اُنهن واپارين کان شيون وٺندا هئا، جيڪي موٽ ۾ هنرمندن منجهه سيڙپڪاري ڪندا هئا. سنڌورڪي واپاري سامان يا شين جي تياريءَ لاءِ سڌي سيڙپڪاري رڳو ڪشمير ۾ ڪندا هئا.

ڏور- اوڀر ايشيائي ملڪ ويهين صديءَ جي پهرين چئن ڏهاڪن ۾ تيزيءَ سان سنڌورڪي واپارين جي مال جي دستيابيءَ جي مکيه وسيلي جي حيثيت سان تيزيءَ سان اُڀريا پئي. هنن جي خريداريءَ جا مرڪز ڪجهه بندرگاهي شهر هئا، جتي اڪثر پرڏيهي واپاري اچي گڏجندا هئا. جپان ۾ اوائلي سنڌورڪي واپارين جا ڪجهه ڏُنڌلا اشارا مليا آهن. انهن واپارين جي واضح طور اشارن تي روشني نه وڌي وئي آهي. (61) پر 1890ع جي تجارتي ڊائريڪٽرين ۾ ڪجهه سنڌورڪي واپارين جا نالا ڄاڻايل آهن، جن جون يوڪوهاما ۽ ڪوبي ۾ واپاري ڪوٺيون هونديون هيون. ويهين صديءَ جي پهرين ٻن ڏهاڪن ۾، واپارين جو واپاري- سرشتو تيزيءَ سان ڦهليو، ۽ 1920ع ۾ جپان ۾ ڪم ڪندڙ برطانوي فرمن جو جائزو ورتو ويو، جنهن تحت برطانوي قونصليت دستاويزن ۾ (62) اٽڪل ٽيهن سنڌورڪي واپاري فرمن جي موجودگيءَ جو انڪشاف ڪيل آهي، جن مان گهڻين بابت ڄاڻايو ويو، ته هنن جو رُڳو هندستان سان واپاري لاڳاپو آهي. جپان ۾ ڪم ڪندڙ سنڌورڪي فرمن جو مکيه ماڳ يوڪوهاما هوندو هو. حقيقت ۾ يوڪوهاما ۾ سنڌورڪي واپاري، هندستاني واپاري برادريءَ جي مجموعي طور نمائندگي ڪندڙ هئا. جڏهن ته ڪوبي ۾ هي اڪيلي برادري هئي، (ٻيون برادريون پارسي، گجراتي، هندو، بوهري، خواجا ۽ مارواڙين جي نمائندگي ڪنديون هيون) انهيءَ ماڳ جي خاص چونڊ جو ڪارڻ هيءَ هو، جو يوڪوهاما 1920ع واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصي ڪانسواءِ، جپان ۾ ريشم جي واپار جو مکيه مرڪز هوندو هو. ايستائين جو 1923ع ۾ يوڪوهاما ۾ زلزلو اچڻ ڪانپوءِ، جڏهن ڪوبي، جپان ۾ ڪجهه سالن لاءِ برآمد ڪندڙ بندرگاهه رهيو، هتان اعليٰ قسم جو ڻاهوڪو ريشم برآمد ڪيو ويندو هو. جڏهن ته يوڪوهاما ٿورڙي کُهري ريشم جي جنس طور انفراديت رکندو هو، جنهن کي ونڻ ۾ سنڌورڪي دلچسپي رکندا هئا. (63) گڏوگڏ يوڪوهاما، 'نادر' شين جي وڪري جي حيثيت سان سُنو ماڳ هوندو هو. سنڌورڪي فرمن کي جپان ۾ عام طور جاپاني ملازم رکڻا پوندا هئا، ۽ حيدرآباد جو عملو اڪثر مئنيجر ۽ ڪن ٻين ملازمن تائين محدود هوندو هو. جنهن مان انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ٿئي ٿي، ته ڪيئن جپان ۾ سنڌورڪي واپارين جو طبعي انگ، جيڪو 1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ ٻه سؤ کان به گهٽ هو، تنهن پنهنجي عالمي نفعي ۾ شراڪت جي خيال کان واپاري- سرشتي ۾ جپان جي حقيقي اهميت جي عڪاسي نه ڪئي. بهرحال، واپارين جو هيءَ ننڍڙو ميڙ، جپاني مال پهچائيندڙ جپانين سان ويجها ناتا جوڙڻ ۽ ڪين وقتائتو ڦهلائڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ ۾ پڻ ڦابل هو. ايلن ۽ ڊوني ٿارن، جاپان ۾ 'مغربي واپار' جي پنهنجي اڀياس ۾، (جن ۾ هنن هندستاني فرمن کي به شامل ڪيو آهي) مناسب حالتن تي زور ڏنو آهي، جن هيٺ 1931ع ۾ ين جي ملهه ۾ گهٽتائي ڪانپوءِ جاپان ۾ پرڏيهي واپارين پنهنجو ڏنڌو جاري رکيو هو: جنهن هيٺ مالَ جاپاني دلالن کان ورتو ويندو هو، ۽ جيئن ته مال جي خريداريءَ جي ڏس ۾ چناپيتي هئي، تنهنڪري واپاري گماشتا پنهنجي گهربل قيمتن تي سستيون شيون وٺي سگهندا هئا. (64) سنڌي واپارين لاءِ جاپان جي اهميت بابت وٽندڙ اشارو، سنڌ جي گورنر 1941ع ۾ ڏنو هو. 8 آگسٽ 1941ع تي وائسراءِ ڏانهن لکيل خط ۾ گورنر ڊائو، جاپان طرفان جنگ ۾ شامل ٿيڻ سبب سندس سنڌ ۾ امڪاني ردعمل بابت جاڻ ڏني آهي. هو لکي ٿو: 'سنڌ ۾ جاپان بابت سڀ کان وڌيل گهبرايل طبقو سنڌورڪي واپاري آهن، جن جي دعويٰ آهي ته سندن جاپان ۾ ڏيڍ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم ڦاٿل آهي، جنهنڪري اُهي اُتي موجود سندن ملازمن بابت وڌيڪ ڳڻتيءَ ۾ پيا گهيرجن.' (65) سنڌورڪي واپارين جي اُها ملڪيت (جنهن جو شايد وڌيڪ ڪاتو لڳايو ويو هجي) جاپان ۾ ورتل ڪوٺين ۾ پيل مال تي مشتمل آهي، ۽ منجهن ٿورو انگ هندستاني شين جو به آهي، جيڪي جاپان ۾ وڪڻڻ لاءِ موڪليون ويون هيون. جيتوڻيڪ اُهي انگ اڪر سنڌورڪي فرمن جي مجموعي واپار سان ٺهڪجندڙ نٿا ٿي سگهن، تنهن هوندي به اُهو سندن واپار جي ڦهلاءَ بابت اشارو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائنجي ٿو ته سنڌورڪي واپاري 1880ع ۾ چين ۾ وڃي پهتا هئا. اُتي هنن جو واپار اڪثر ’ترِيٽي بندرگاهن‘ تائين محدود هوندو هو. جتان هنن کي برطانوي شهريءَ جي حيثيت سان، علائقن کان ٻاهر ويندڙ مال سان جُڙيل قانوني ۽ عدالتي مراعتن مان فائدو ملندو هو. هي معلوم ٿئي ٿو، ته ڪينٽن خاص ڪري شامينَ ۽ فرينچ بينڪيٽون، سنڌورڪي واپارين جون پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ، چيني ٽريٽي بندرگاهه ۾ مکيه واپاري ماڳ رهيا آهن. گڏوگڏ سنڌورڪي فرمون پاڙيسري هانگ ڪانگ ۾ اٽڪل 1880ع جي پڇاڙيءَ ۾ به موجود هيون. (66) جڏهن ته ڪي. اي. جي. چوٽريمل فرم جي 1890ع کان وٺي تزنگ تائو ۽ پورٽ آرٿر ۾ موجودگيءَ جا ثبوت ملن ٿا. گڏوگڏ سنڌورڪي واپاري پهرين عالمي جنگ کان اڳ هينڪو ۾ به موجود هئا. معلوم ٿئي ٿو، ته جنگ کانپوءِ واپار شنگهائي ۾ گهٽبو ۽ ٽائينٽسن ۾ گهٽ سطح تي وڌيو. (67) شنگهائي ۾ 1934ع ۾ ريشم برآمد ڪندڙ واپارين جي جوڙيل فهرست ۾، ست سنڌورڪي فرمون (68) ريشم جي واپار ۾ ملوث چاليهه کان پنجاهه پرڏيهي فرمن ۾ (69) شامل هيون. پرڏيهي فرمن ۾ گهٽيون فرينچ ۽ برطانوي فرمون هيون. هن مان هيءَ به معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌورڪي واپارين جو شنگهائي وسيلي ريشم ۽ ريشم جي ٺهيل شين جي برآمد ۾ اهم حصو هوندو هو. شنگهائيءَ مان چين جي مجموعي واپار تي ان قسم جي واپار وسيلي ضابطو رکيو ويندو هو. (70) چين ۾ جيان جيان سنڌورڪي واپاري مقامي پلاوٽن وسيلي واپاري مال وٺندا هئا ۽ پيداوار سان سنڌن ڪو سڌو ناتو نه هوندو هو.

ٻئي طبقي جي علائقيت، واپاري مرڪز جي حيثيت سان استعمال ٿيندڙ تجارتي سامونڊي بندرگاهن تي مشتمل هئي، جتان وسيع علائقن ۾ مالَ موڪليو ويندو هو. اُهي واپاري سرشتي جا حقيقي مرڪزي نقطا هئا. مکيه واپاري مرڪز سنگاپور ۽ ڏور ايشيا ۾ سوراباپا، وچ اوير ۾ قاهره، ۽ اولهه يورپ ۾ جبرالٽر هوندا هئا.

سنگاپور ۾ 1873ع ۾ ننڍي پيماني تي وسايومل آسودومل فرم ننڍڙي ڪوٺي کولي هئي. انهيءَ شروعات کانپوءِ سنڌورڪي واپارين جي برادري ترقي ڪندي سترهن فرمن جو جهڳٽو ٿي وئي ۽ ٻي مهاڀاري جنگ وارن ڏينهن ۾ سنڌن ملازمن جو انگ اٽڪل ڏيڍ سؤ تائين پهچي ويو. (71) سنگاپور واپاري مرڪز هوندو هو، جتان هندستاني مال سڄي ڏور- اوير ايشيائي ملڪن، ۽ جاپان ۽ چين کان پاڙيسري ملڪن (ڊچ ايسٽ انڊيز، خاص ڪري سوماترا ۽ اولهه جاوا، باتاويا سميت) ڏانهن موڪليو ويندو هو. سنڌورڪي فرمن جا اُتي چڱا دڪان به هوندا هئا، جتي چيني، هندستاني ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يورپي گراهڪن کي مال وڪيو ويندو هو. سنڌورڪي واپارين 1930ع ڌاري پنهنجي حيثيت کي سگهارو ڪيو، جڏهن خاص ڪري چيني واپارين جاپاني مال جو بائيڪاٽ ڪيو هو، جنهن جي نتيجي هيٺ جپاني ڪارخانن ۾ ٺهيل ڪپڙي جي مال جا واپاري لائسنس چيني واپارين بجاءِ هندستاني واپارين کي مليا. (72)

سنگاپور ۾ سنڌورڪي برادري، ننڍي ڪنڊ سان واسطو رکندڙ ڪيترين ئي واپارين برادرين، جن ۾ تامل ناڊو جا چيٽريا ۽ ماراڪايار، بوهري، خواجا ۽ گجراتي هندوئن سميت پنجابي سِک ۽ مارواڙي شامل هئا، تن منجهان اڪيلي برادري هئي. پر 1921ع جي اوائل ۾ سنڌورڪي واپارين 'سنڌي مرچنٽ ايسوسيئيشن' جوڙي (73)، جنهن تنظيم جون 1939ع ۾ ايڪيهه فرمون ميمبر هيون ۽ سندس هڪڙي وڏي عمارت هئي، جتي سنڌي واپاري سنگاپور مان لنگهندي رهائش، کاڌي پيتي ۽ آرام ڪرڻ لاءِ ترسندا هئا. (74) سنڌي واپارين کي، جاپاني فرمن سان مراعتي ناتا هئڻ سبب 1930ع ۾ ٻين واپارين سان مقابلو ڪري اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو، ۽ انهن خاص برادريءَ جي حيثيت سان اُڀرڻ شروع ڪيو. 1900ع کان 1939ع جي سنگاپور واري لڳاتار ڇپيل ڊائريڪٽرين جو جائزو وٺندي، فهرست ۾ شامل هندستاني فرمن ۾ سنڌورڪي فرمن جي وڌندڙ انگ جو انڪشاف ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت، 1950ع ۽ 1960ع ۾ سنگاپور ۾ واپار ڪندڙ سنڌورڪي برادريءَ ۾ ڊرامائي طور واڌ ويجهه ٿي.

سنگاپور سان ويجهڙائيءَ ۾ ڳنڍيل سورابايا هڪ ٻيو اهم واپاري بندرگاهه هوندو هو، جتان سنڌورڪي فرمن جو واپاري مال اوپر ڄاوا ۽ انڊونيشيا جي اوپر ۾ موجود بورنيو ۽ سيلس ٻيٽن ڏانهن واپاري مال موڪليو ويندو هو. 1930ع جي وچ ڌاري سنڌورڪي فرمن جون اُتي ارڙهن ڪوٺيون هيون، ۽ هنن سُنو واپار ڪيو. 'سورابايا ۾، اوپر انڊونيشيا جي سمورن ٻيٽن جو واپاري بندرگاهه هئڻ سبب ڪيتريون ئي سنڌورڪي واپارين جون فرمون ڇڪجي آيون.' (75) سورابايا ۾ سنڌي واپارين جيڪو واپاري ڪردار ادا ڪيو هو، تنهن کي ڊچ اختيارين اوائل ۾ ئي مڃي ورتو هو، جنهنڪري هنن هڪڙي نامياري سنڌي واپاريءَ کي 'هندستان جو بادشاهه' جو خطاب ڏنو هو. ڪامياب واپاري اڪثر سورابايا ۾ واپار ڪندڙ وڏين فرمن ۾ مئنيجر جي حيثيت سان پنهنجو ڌنڌو شروع ڪندا هئا، ۽ پوءِ پنهنجي وقت ۾ ڄاوا جي مکيه بندرگاهه تي جوڙيل سنڌن ناتن کي استعمال ڪندي، مشرقي ڄاوا جي پاڙيسري شهرن ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪندا هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوٽيڪ ڪپڙي جي مصنوعات جو واپار، جنهن ۾ جپاني ڪارخانن ۾ جوڙيل ڪپڙي سميت هندستان کان درآمد ڪيل مال شامل هوندو هو. سنڌورڪي فرمن جي واپاري سرگرمين جو وڏو سهارو هوندو هو. تنهن هوندي بہ اُهي هندستان کان ڪيترين ئي شين جي درآمد بہ ڪندا هئا، جن ۾ پِتل جا ٿانوَ، گلڪاري، ڪشيده ڪاري، عاج ۽ ڪاٺ جون ٺهيل شيون، جنڊيءَ جو ڪم ٿيل ڪاٺ شامل هوندو هو. جيڪو سامان اُهي وري ڏيچ گراهڪن وٽ وڪڻندا هئا.

سنڌورڪي فرمن لاءِ مصر ۽ مشرقي ميڊيٽرين ۾ قاهرا مکيہ واپاري بندرگاهہ هوندو هو. هن شهر جو ڪردار، پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ عملي طور ڏاڍو اهم هوندو هو. تنهن هوندي بہ مصر کي سنڌورڪي فرمن جي تجارتي نفعي جي وڏي حصي طور مڃيو ويندو هو. پر انهيءَ جي اهميت 1918ع کانپوءِ گهٽجي وئي. قاهرا مان، هندستان ۽ ڏور- اوڀر وارن ملڪن کان درآمد ڪيل مال سڄي مصر، پاڙيسري ملڪ سوڊان ۽ لبيا سميت لبنان ڏانهن وڪري لاءِ ورڇيو ويندو هو. گڏوگڏ قاهرا ريزڪي واپار جو بہ اهم مرڪز ليکبو هو، ڇوتہ ان جو مصر ۾ سياحتي مرڪز جي حيثيت سان اهم حصو هوندو هو ۽ هتي عام يورپي شهري وڏي انگ ۾ رهڻ سميت برطانوي ڇانوٽي بہ واقع هئي. تنهنڪري، شهر جو واپاري نقطي نگاهہ کان واضح طور ٻٽو ڪردار هوندو هو.

جبرالٽر (76) سڄي مغربي واپار لاءِ مکيہ بندرگاهہ هوندو هو. اُتي قائم ڪوٺين وسيلي سنڌورڪي فرمون سڄي اُتر آفريڪا، ڪينري ٻيٽن ۽ اولهہ آفريڪا ۾ واقع پنهنجي ڪوٺين ڏانهن بہ مال موڪليندي هيون (77)، گڏوگڏ پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ وچئين ۽ ڏکڻ آمريڪا ڏانهن بہ مال موڪليو ويندو هو، جتي ڪيترين ئي واپاري ڪوٺيون قائم هيون. (78) پوءِ اُهي واپاري برطانيا ڏانهن ٻاڦ وارن جهازن وسيلي سفر ڪندڙ مسافرن کي شيون وڪڻندا هئا.

ٽينيرف، (79) جيڪو جبرالٽر سان ويجهو ۽ ڳنڍيل هوندو هو، تنهن اولهہ آفريڪا ۽ وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي وچ ۾ تجارتي بندرگاهہ جي حيثيت سان اهم ڪردار ادا ڪيو. برطانوي بينڪيت جي موجودگيءَ ۽ ٻيٽ جي وڻندڙ آبهوا ڪارڻ برطانيا کان روزانو ڪَهي اينڊڙن جي باقاعدي وهڪري سبب سنڌورڪي واپارين کي نادر شيون وڪڻڻ لاءِ ٺاهيل مارڪيٽ جون سهولتون مليون. اسپيني گهرو ويڙهہ کان اڳ، ڪينري ٻيٽن ۾ اٽڪل هڪ سؤ سنڌي واپارين جي وسندي هوندي هئي، جنهن مان سٺ واپاري ٽينيرف ۾، پنجٽيهہ لاس پاماس ۾، پنج ڇهہ پالما ٻيٽ ۾ رهندا هئا. (80)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿئي ٿو، تہ هنن جو واپار گهڻو ويڙهہ کان اڳ وڌندڙ هو، ۽ کين مُلهہ اڪثر اسٽرلنگ ۾ ڏنو ويندو هو، جيڪو هڪ ڪان وڌيڪ طريقن سان بيشڪ فائديمند هوندو هو. انهن واپارين جي وجود اُتي سنڌي وسنديءَ جي ترقيءَ جو بنياد رکيو، جتي هينئر سوين سنڌي رهن ٿا ۽ هاڻي اُها سنڌي وسندي اولهہ يورپ ۾ وڏي ۽ دنيا ۾ وڏين وسندين منجهان آهي، جن مان گهڻا ٽينيرف ۾ رهن ٿا.

مقاميت جو ٽيون پاڱو انهن تي مشتمل هو، جتي ريزڪي واپار ٿيندو هو. ڪوبي ۽ پاناما وچ ۾ ڦهليل اهڙيون ڪيتريون ئي مقامي وسنديون آهن. ڪجهہ وسنديون بينڪيتي بندرگاهن جي شهرن ۾ هيون، جيئن برما ۾ رنگون (81)، سيلون ۾ ڪولمبو (82)، فرينچ انڊو- چين ۾ سائيگون (83)، فرينچ اُتر آفريڪا ۾ الجزائر ۽ ڪاسابلانڪا، مصر ۾ اسڪندريا، ڊچ ايسٽ انڊيز ۾ بوٽاويا يا فلپائين ۾ منيلا (84) شامل هئا. انهن علائقن ۾ يورپي ۽ آمريڪي آباديءَ جو وڏو انگ رهندو هو، جيڪي سنڌورڪي واپارين جي دڪانن تي وڪامجندڙ شين جا پڪا گراهڪ هوندا هئا: گڏوگڏ جهازن تي سفر ڪندڙ بيا مسافر پڻ مختلف قسمن جون شيون وٺي سنڌن مجموعي واپاري نفعي جو پاڱو بڻجندا هئا. جڏهن تہ بين بندرگاهن ۾ اُتر آفريڪا ۾ ٽانجنيئر (85)، مالٽا ۾ ويلسيٽا، مصر ۾ سوئيز، اسماعيليا ۽ پورٽ سعيد يا پناما ڪينال واري ائٽلانٽڪ لنگهہ تي ڪولون شامل هئا، جتي ساموندي جهازن ۾ سفر ڪندڙ انيڪ مسافرن کي، جڏهن سنڌن جهاز بندرگاهہ جي گوديءَ ۾ هوندو هو، تہ کين خريداري لاءِ ڪجهہ وقت ملي ويندو هو، ۽ نيٺ اُهي وجي سنڌورڪي واپارين کان شيون وٺندا هئا.

سنڌورڪي واپارين جن ميداني علائقن ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪاميابيءَ سان جاري رکيو، تن ۾ ڪجهہ وڏا سياحتي مرڪز بہ شامل هئا، جيئن مصر ۾ اسوان ۽ لڪسر، موراڪو ۾ مراڪش هئا، وري جوهانسبرگ، سالسبري، نيروبي يا بانڊيوگ جهڙن بين شهرن ۾ چڱي انگ ۾ يورپي آبادي رهندڙ هئي.

ڪجهہ علائقن ۾ سنڌورڪي واپاري، يورپي عام شهرين يا سپاهين جي موجودگيءَ تي گهٽو پاڙڻ کان لنوائيندي، مقامي آبادين ۾ مناسب طور گهيرجي چڪا هئا. هيءَ حالت خاص ڪري مشرقي جاوا ۾ هئي، جتي اُهي انهن شهرن ۾ بہ واپار ڪندا هئا، جتي ڪابہ اهم يورپي وسندي نہ هئي. (87) ۽ مٿئين حالت اولهہ آفريڪا سميت گولڊڪوسٽ (88) ۽ نائجيريا ۾ بہ هئي، جتي 1940ع تائين ڪافي ڪاروبار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سنڌن گرفت هوندي هئي، ۽ اُتي جي سمورن اهم اندروني شهرن ۾ سنڌن واپاري ڪوٺيون کليل هيون. اسپيني موراڪو جي به خاص صورتحال هئي، جتي 1936ع جي اسپيني گهرو ويڙهه واري وقت هي ڳالهه سامهون آئي، ته اُتي به سؤ سنڌي واپاري رهندڙ هئا ۽ سنڌن ملڪيت جو ڪاٿو پنجاهه لک روپيا لڳايو ويو هو. (89) ۾ چئن مکيه شهرن سيئوٽا (90)، ميليلا، تيئوتان، ۽ لاراخ ۾ به سنڌي واپاري موجود هئا. اسپيني موراڪو ۾ سنڌي واپارين جي ملڪيت ڪي ڏسندي، جڏهن سياحتي واپار به ڪو خاص سُٺو نه هو، ۽ اڪثر تجارتي موقعن جي به کوٽ هئي، تنهن گهڙيءَ ايڏي وڏي پيماني تي سنڌي واپارين جي موجودگيءَ جو سبب، جبرالٽر ۾ خليج وسيلي اسپين سان قانوني طور سرگرم واپار جي منع هوندي به، اسپيني موراڪو ۾ درآمدي شين تي گهٽ محصولَ هئا. سنڌورڪ واپارين لاءِ اسپيني موراڪو، اسپيني مارڪيٽن ۾ داخل ٿيڻ جو سولو رستو هوندو هو، اُهي برطانوي علائقن ۽ اسپين جي وچ ۾ اصلي سرحد بند هئڻ سبب، اُتي جبرالٽر ڪان داخل نه پئي ٿي سگهيا.

واپاري- سرشتي جي فضائي واڌ مان عملي پيچيدگين جو خاص نتيجو نڪتو، جو جيڪي علائقا ريزڪي واپار لاءِ چونڊيا ويا هئا، سي وري ڪنهن قدر خريداريءَ جا مرڪز بڻجي ويا. مثال طور، سنڌورڪي واپارين مالٽا ۽ ٽينيئرف جي ڪجهه علائقن ۾ مقامي ٿهيل جهالرون وٺڻ شروع ڪيون، ۽ پوءِ ان شين جي مصر، اتر آفريڪا ۽ اولهه آفريڪا ۾ وڏي کپت پيدا ٿي پئي. سنڌورڪي واپاري مصر مان مصري ڪپڙو يعني عام طور مشهور 'آسيئٽ شال'، يورپ جي مارڪيٽ ڏانهن برآمد ڪرڻ لڳا.

سنڌورڪي واپارين جي واپاري حد ۾ گهورڙين کي وڏي پيماني تي استعمال ڪرڻ سان وڏي واڌ آئي. ڪجهه پرپاسي وارا علائقا گهورڙئي طور شيون وڪڻڻ جي مرڪزن جي حيثيت سان استعمال ٿيندا هئا. سنڌي واپاري اهڙو طريقو سيراليون ڪان پاڙيسري ملڪ لائبيريا (91) ڏانهن واپار ۾ به استعمال ڪندا هئا. جبرالٽر ڪان ايندڙ سنڌي گهورڙين جي موجودگي اتفاق سان آمريڪي لتتن ۽ دستاويزن ۾ به چاٽايل آهي. (92) اهڙا گهورڙيا، خاص ڪري پاناما ۽ چِليءَ ڪان واپار ڪندي، اڪثر ڏکڻ آمريڪا جي پيسفڪ سمنڊ، ڪولمبيا ۽ بيشڪ وينزوليا ڏانهن ايندا رهندا هئا.

وسيع پيماني تي ڦهليل انهن علائقن ۽ واپاري- سرشتي جي مرڪز حيدرآباد وچ ۾، ماڻهن جي اچ- وڃ جو لڳاتار سلسلو جاري رهندو هو. هي طريقو سنڌورڪين سميت شڪارپوري واپاري- سرشتي ۾ به باقاعدي گردش ۾ هو، جنهن تي هاڻي آءٌ موٽندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ”حيدرآباد راڄڌاني هوندي به غربت جي ور چڙهيل ۽ ڏاڍي خراب حالت ۾ آهي،“ ان بيان لاءِ ڏسو پوسٽنس جو ڪتاب ”سنڌ جو مشاهدو، رهواسين جا رسم ۽ رواج ۽ ان جي پيداواري اهليت“ لنڊن، 1843ع، ص، 27 ۽ 28. هڪڙي ٻئي برطانوي ڪيٽ ينگ لکيو: ”حيدرآباد جي شهر ڪي، ڪوبه ماڻهو شهر نٿو چئي سگهي، ڇوته هتي رڳو گاري ۽ مٽيءَ جا گهر ٺهيل آهن. شاهي بازار پنهنجي نالي سان هرگز ٺهڪندڙ نه آهي. اسان جي هندستان جا ٽئين درجي جا شهر به هن شهر تي لڄي ٿيندا.“

2. ڏسو حيدرآباد جي مُکي ڏيارام جي بمبئي پراونشل بئنڪنگ انڪوائري ڪميٽيءَ 1929ع، جلد چوٿون، شاهدي، ڪلڪتو 1930ع ص 229-235 ۾ ڇپيل گواهي. هو هيرانند تاراچند بيڪنگ فرم جو اڳواڻ هو، ۽ ٽالپر اميرن کي اُڌر تي رقمون ڏيندو هو.

3. ڏسو ممتاز مرزا جو مضمون ”پيرتَ جو زردوزي فن“ ۽ اين. اي. بلوچ (سڏاريل) ”حيدرآباد ريجن جا روايتي هنر ۽ دستڪاري“ حيدرآباد، 1966ع، ص 42-41.

4. بمبئي پريزيڊنسيءَ ڪان اينڊڙ انگن اکرن ۾، حيدرآباد ڌوهن جي سلسلي ۾، شڪارپور ضلعي ڪانسواءِ، سيٺي ڪان اڳيرو هوندو هو. ڏسو سنڌ ۾ پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڌوهن جي حالت تي ساليانِي رپورٽ“ 1893ع، جيڪا ڊسپيچ نمبر 22، بمبئي گورنمينٽ جوڊيشل کاتي ۾ موجود آهي، تاريخ 5 ڊسمبر 1896ع.

5. حيدرآباد جي ضلعي سپرٽينڊنٽ پوليس 8 مارچ 1870ع تي ڪمشنر پوليس کي لکيو: ”مونکي افسوس سان چوڻو ٿو پوي، ته حيدرآباد شهر ۾ چورن جي ٽولا جي ڏس ۾ خراب حالت آهي، انهيءَ جو سبب اهو آهي، جو شهر ڏاڍو سوڙهو آهي، گهٽيون سوڙهيون ۽ اونده ۾ وڪوڙيل رهن ٿيون. گڏوگڏ چور به ڏاڍا هوشيار پاڻئجن ٿا. چور به ساڳئي طبقي سان لاڳاپو رکن ٿا. تنهنڪري جيستائين شهر کي بيهر نه ٺاهيو وڃي ۽ مقامي ماڻهن جي اخلاق ۾ ڪو سڌارو نٿو اچي، تيستائين پوليس جي ڪيڏي به چوڪسي ڪارائتي نه ٿيندي.“ پبليڪيشن فرام دي ريڪارڊ آف بمبئي گورنمينٽ نمبر CXXII نيو سيريز بمبئي 1871، ص 31.

6. See Reports and Papers, Political, etc., p. 19.

7. سنڌ ۾ اينڊڙ سمورن سياحن، پَٽڪن، پڳن ۽ اجرڪن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جن جي ٽالپر امير پُنيرائي ڪندا هئا، ۽ اُهي جيڪي لُنگيون پائيندا هئا،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن کي اوچي معيار جو سمجهيو ويو هو. ڏسو اين. عسڪري ۽ آر. ڪرل، "سنڌ جا رنگ: پاڪستان جي پوشاڪ، سينگار ۽ ڪپڙي جي صنعت"، لنڊن، 1997ع، ص 55.

8. See P. Bharadwaj, Sindhis Through the Ages, Hong Kong, 1988, pp. 246-7. I am grateful to Mr. P. Lachman of Bombay for having kindly supplied me with a copy of this book.

9. See G. C. M. Birdwood, The Industrial Arts of India, London, 1880, pp. 226, 282; T. N. Mukherji, Art Manufactures of India, Calcutta, 1888, pp. 257-8, 363, 380; Sir George Watts, Indian Art at Delhi: Being the Official Catalogue of the Delhi Exhibition 1902-03, Calcutta, 1903, who writes about lacquer ware, p. 217: 'although this art attains its highest in fact the beautiful art of lac painting perfection in Hyderabad (Sind) has for years past been steadily disappearing from Sind'.

10. Gazetteer of the Province of Sind, p. 397.

11. J. M. Mackenzie, Orientalism, History, Theory and the Arts, Manchester, 1995, p. 107.

12. Ibid., p. 119.

13. See P. Greenhalgh, Ephemeral Vistas: the Expositions Universelles, Great Exhibitions and World's Fairs, 1851-1939, Manchester, 1988, p. 148.

14. C. Dresser, Japan, its Architecture, Art and Art Manufactures, London, 1882.

15. See A. Adburgham, Liberty's: A biography of a Shop, London, 1975.

16. See above, note 9. It is further documented in Gazetteer of the Province of Sindh, pp. 395-6. Instances of declining crafts are the embroidery known as Chikimdozi (which seems to be the same as Zardozi), the making of daggers and scabbards, that of inlaid gold and silver ornaments, etc.

17. Petition of J. Heera Sindh to Joseph Chamberlain, 29 March 1899, IOR, Public & Judicial Annual Files, File J&P 1004/99.

18. هن جي دعويٰ هئي، ته هو واپار لاءِ موزمبيق ۾ رهندو هو.

19. ڏسو 10 مئي 1907ع تي برطانوي قونصل جو قاهره کان موڪليل يادداشت نامو.

20. هن سنڌ صوبي جي گزيٽيئر ۾ صفحي 395 تي لکيو هو: پنجاهه ورهيه اڳي سنڌورڪي واپاري بمبئي ۾ مشهور واپاري هوندا هئا، جتان اُهي مصر ۽ مالٽا ۽ ٻين ملڪن ڏانهن سفر تي اُسهندا هئا ۽ اُتي هنن پنهنجا دڪان کوليا هئا... چيو وڃي ٿو، ته هن وقت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اٽڪل پنج هزار سنڌي واپاري پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگرمين ۾ رُڌل آهن. ۽ اُهي انهن ملڪن مان جيڪا رقم موڪلين ٿا، يا ڪٺي اچن ٿا، تنهن سبب حيدرآباد شهر، شاهوڪار شهر بڻجي ويو آهي، پر اُهي واپاري سنڌ ۾ ٿهيل سامان، جيڪو زوالجندڙ آهي، جي پيٽ ۾ چين ۽ جاپان جا نوادرات، بنارس، امرتسر ۽ مدراس جون ٺهيل شيون وڪڻن ٿا.“

21. Bharadwaj. Sindhis through the Ages.

22. هِن ”هندستان ۽ دي پيسفڪ“ لنڊن، 1937ع جي صفحي 159 تي لکيو هو: ”پيسفڪ ۾ واپار ڪندڙ اڪثر واپاري حيدرآباد سنڌڪان آيل آهن... اُهي واپاري پيسفڪ جي سامونڊي ڪنارن وارن وڏن شهرن سميت، ڪيپ ٽائون، پاناما، برمودا ۽ پورٽ سعيد ۾ واپار ڪن ٿا.“

23. ڏسو: جي. لي تارپينٽر، ”جديد مصر“، پيرس، 1920ع، ص 88.

24. 'Inventory of the effects of the late Gehimall Nanikram Tolleram contained in a shop situated in Lombard Street, Alexandria, taken on 7 September 1888', in 'Estate of Gehimall Nanikram Tolleram', PRO, Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: Egypt, Alexandria Consular Court Records, File no. 11 of 1888, FO 847/16.

25.. اولهه آفريڪي ملڪن ۾ سنڌين جي تاريخ جي ڏس ۾ وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ايڇ. وي. ميراڻي ۽ ايڇ. آءِ وان درلان جو ڪتاب ”سيرا ليون ۾ هندستاني واپاري“ آفريڪي مامرا، جلد 78، نمبر 311، 1979ع، ص 50-240.

26. اوڀر آفريڪا ۾ سنڌي واپارين جي موجودگي، سامونڊي علائقي تي اوماني برتريءَ واري عرصي ٽائين ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڏسو ”برطانوي هندستان جي رعيت جي زنجبار جي سلطان جي علائقن ۾ آدمشماري“ جيڪا 1887ع ۾ ڪئي وئي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو آر. جي. گريگوري ”هندستان ۽ اوڀر آفريڪا“ تاريخ 1939-1890ع، آڪسفورڊ، 1971، جلد هڪ، ص 37.

27. ڏسو ڏکڻ آفريڪي هندستاني، هو از هو ۽ تجارتي ڊائريڪٽري 37-1936ع، پيٽر ماريزبرگ، 1935ع.

28. A Mani. 'Indians in Jakarta'. in A. Mani and K. S. Sindhu (eds.) Indian Communities in South East Asia, Singapore, 1993. pp. 98-130.

29. Bharadwaj. Sindhis through the Ages. p. 367.

30. Ibid., pp. 372-3.

31. Letter from colonial secretary, Straits Settlements no. 2240-88, Consuls. 12 March 1888, forwarding copy of letter dated 29 February from vice-consul in charge of Netherlands consulate-general at



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Singapore regarding a native of India named Uthomal Rupomal who died in Monado (Celebes) on 24 August 1887; Memorandum from commissioner in Sind no. 403, dated 19 October 1888, forwarding letter from collector of Hyderabad, stating that deceased left heirs in Hyderabad district; letter from colonial secretary, Straits Settlements, no. 136-91, consuls, 8 January 1891, informing that a sum of Rs. 790.80 has been forwarded to commissioner in Sind for payment to the widow. Bombay General Proceedings, February 1891, Serail no. A 52.

32. Mentioned by british vice-consul at Honolulu in a letter, 2 July 1915, about british Indian subjects resident in Hawaiian islands, copy in IOR, Public & Judicial Department Annual Files, File J&P 3153/1915.

33. Census of India 1901, vol. IX A, Bombay, part II, Imperial Tables, R. E. Enthoven, bombay, 1902, Table VII, p. xv, Cities. Age, Sex and Civil Condition. In Hyderabad, among Hindus, there were 9081 married females and only 7.465 married males.

34. Duplicate certificates are in IOR, Public &Judicial Department Annual Files 1880-1930,Files J&P 1174/15, 1643/15, 2428/15, 2669/15, 3023/15, 3137/15, 3242/15, 3370/15, 3466/15, 3565/15, 3681/15, 3759/15, 4268/15, 4431/15, 4548/15, 4742/15, 5301/15, 958/16.

35. Telegram from Sindhwork Merchants Association, Hyderabad, Sind, to government of India, Foreign & Political Department, 9 February 1937, which said: 'Entire Sind Work business, worth 20 crores, affecting 25,000 men, nearly paralysed.' enclosed in PZ 1086 1937, telegram from Government of India, Foreign and Political Department to secretary of state for India, 15 February 1937, IOR, Political & Secret Department Records, Departmental Papers: Political External Files and Collection, c. 1931-1950, 'spanish Civil War: protection of British Indian lives and property in Spain, Spanish Morocco and Canary Islands 1936-40', L/P&S/12/210.

36. Interview with Mr. L. Khiani, gibraltar, 4 September 1992.

37. The Singapore and Straits Directory 1911, pp. 188-90.

38. Bharadwaj, Sindhis Through the Ages, p. 292.

39. Letter of J. T. Chanrai & Com., Gibraltar, 5 June 1916, to Pribhdas Roopchand, Cairo, enclosed in 'J. T.Chanrai vs. Pribhdas Rupchand', PRO, Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: Egypt, Cairo consular Court Records, civil case no. 38 of 1918, FO 841/170.

40. ميلبورن کان فيبروري 1899ع تي تيجومل گنگامل جو هندستاني سرڪار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪريٽري ڏانهن لکيل خط، جنهن جو نقل انڊيا روينيو اينڊ اگريڪلچر پروسيڊنگز، جون 1899ع سيريل نمبر اي. 1 ۾ موجود آهي.

41. See the history of the firm, privately printed, Chotrimall Group of Companies: A Century of Perseverance, 1875-1975, Jakarta, 1975.

42. Mani, 'Indians in Jakarta' pp. 100-101.

43. Evidence of K. Bulchand, chairman of the Khudabadi Bhaiband Cooperative Credit Bank, Hyderabad, Bombay Provincial Banking Enquiry Committee, vol. IV, pp. 268-74.

44. Oral interview of P. Lachman, Bombay, 22 December 1992.

45. See. Larj Industrial Establishments in India 1937, Delhi, 1939.

46. Sind Revisited, vol. 1, p. 261.

47. See Dayaram Gidumal, Hirannad. the Soul of Sindh, Karachi, 1932, 2nd edn. (Ist edn., 1903), pp. 22-3.

48. Burton, Sind Revisited, vol. 1, p. 262.

49. E. A. Langley,Narrative of a Residence at the Court of Meer Ali Moorad with Wild Sports in the Valley of the Indus, London, 1860, pp. 148-9.

50. Gazetteer of the Provice of Sind "B" vol. II, Hyderabad District, J. W. Smyth (comp.), Bombay, 1920, pp. 28-30.

51. Ibid, Table XXIX-B, pp. 94-6.

52. Testimony of Oderomull Tharamull, 31 August 1898, before Select Committee of the Legislative Council of the Colony of Victoria. Victoria, Minutes of the Proceedings of the Legislative Council, Series 1898, copy in PRO, Colonial Office Records, Victoria Sessional Papers, CO 311/210.

53. British vice-consul, Colon, to British Consulate, Panama, 17 October 1938.

54. ”چائنا ڪمانڊ سسپيڪٽ لسٽ“ هانگ ڪانگ ۾ مارچ 1917ع ۾ سهيڙي وئي. اها رپورٽ پي. آر. او فارين آفيس، جنرل ڪريسپانڊينس (پوليٽيڪل) يونائيٽيڊ اسٽيٽس 1917، فائل 1220، ايف. او 3065/171، نمبر 153 479 ۾ موجود آهي.

55. محترم لال ۽ محترم لوڪومل چيلارام سان ذاتي انٽرويو، لنڊن، آگسٽ 1996ع.

56. حيدرآباد سنڌ جي نارائڻ داس تيرٿ داس جو 22 آڪٽوبر 1923ع تي ڏنل قسم نامو، پي آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، ايمبيسي اينڊ قونصلر آرڪائيوز، جاپان.

57. Brown, Capital and Entrepreneurship, p. 207.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

58. Ibid.
59. Ibid., p. 206
60. Ibid., pp. 208-9.
61. هڪڙو سنڌي ليکڪ دعويٰ ڪري ٿو، تہ پهرين فرم 1872ع ۾ جوڙي وئي هئي، پر تجارتي ڊائريڪٽرين مان ان ڳالھ جي تصديق نٿي ٿئي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو، جي. اي. چندرا جو ڪتاب "جاپان ۾ هندستانين جي تاريخ" ۽ جي. ڪي. موٽواڻيءَ جو "عالمي هندستاني واپاري، ڪالھ، اڄ ۽ سڀاڻي" نيويارڪ، 1993ع، ص، 5-322.
62. See PRO Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: Japan. Japan Consulates Miscellaneous, FO 345/55.
63. Memorandum, 22 April 1926, PRO, Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: Japan, General, 'British subjects in Japan, 1931', FO 262/1795.
64. G. C. Allen and A. D. Donnithorne. Western Enterprise in Far Easern Economic Development: China and Japan. London, 1962. (2nd edn), p. 207.
65. Letter from governor of Sind to viceroy. 8 August 1941. Oriental and India Office Collections of the British Library. European Manuscripts, Dow Papers, MSS Eur E 372. File 5. letters to viceroy.
66. ٽن چٽن کي "هانگ ڪانگ ڊائريڪٽري" ۾ "1889ع جي ڏور اوپر لاءِ هانگ ڪانگ جي فهرست" ۾ شامل ڪيو ويو هو، هانگ ڪانگ، ص 28-512.
67. See PRO, Foreign Affice Records, Embassy and Consular Archives: China, China Consulates, Personal Estates Correspondence. FO 678/2946, FO 678/1233B, and FO 678/1938.
68. The Shngai Directory 1934, Shangai, 1934, pp. 311-30.
69. Mentioned in L. M. Li. China's Silk Trade: Traditional Industry in the Modern World 1842-1937, Cambridge, MA, 1981, p. 91.
70. Shangai's percentage of Chinese raw silk exports (in volume) was always superiour to 50 per cent in the 1870-1925 period. See ibid., Table 11, p. 78.
71. Bharadwaj, Sindhis Through the Ages, p. 355.
72. Brown, Capital and Entrepreneurship, p. 211.
73. Mentioned in message by T. R. Mulani, president, Sindhi Merchants Association Singapore. in Sindhi Merchants Association. Singapore. Trade and Telephone Directory 1994/95, Singapore. s.d., p. 11.
74. Bhardwaj, Sindhis Through the Ages. p. 353.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

75. Mani, 'Indians in Jakarta', p. 101.

76. سنڌورڪي واپارين جي فرم جي. ٽي. چئنراءِ اينڊ ڪمپني دعويٰ ڪئي ته هنن جبرالٽر ۾ 1860ع ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو هو، پر ان دعويٰ جي تصديق ڪرڻ ڏکيو آهي. ڏسو جبرالٽر جي گورنر جو بينڪيتن لاءِ رياستي سيڪريٽري ڏانهن 8 سيپٽمبر 1899ع تي موڪليل خط. ان خط جو نقل بمبئي جنرل پروسيڊنگز ايميگريشن فيبروري 1901ع، سيريل نمبر اي. 2 ۾ شامل آهي.

77. ڏسو: سنڌ مرچنٽس ايسوسيئيشن جو دستاويز.

78. ڏسو: سنڌ مرچنٽس ايسوسيئيشن حيدرآباد سنڌ جي بيان جو نقل، جيڪو خط نمبر ايف 123/45، او. ايس. 16 مئي 1946ع تي سيڪريٽري پوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ هندستان ۾ شامل آهي.

79. انهن جي موجودگيءَ جي شروعات جو پتو 1890ع کان پوي ٿو.

80. ڏسو: برطانوي قونصليٽ، ٽينرائيف، 15 مارچ 1918ع.

81. ڏسو: 1891ع ۾ ٽينڊڙ برما آدمشماري، 1891ع ۾ هندستاني آدمشماري، جلد ڏهون، برما، پاگو ٽيون، رنگون، 1893ع، ص 163.

82. ڏسو: سيلون جي آدمشماري 1921ع، جلد پهريون، حصو پهريون، ڪولمبو، 1923ع، ص 229 ۽ سيلون مرڪينٽائل ڊائريڪٽر 1933ع، ڪولمبو.

83. اُتي ابتدا ڪندڙ فرم ڪي. اي. جي. چوٿڙي مل هئي.

84. ڏسو: برٽش قونصليٽ جنرل جو 7 مئي 1912ع تي ايڊورڊ گري، سيڪريٽري پرڏيهي مامرا ڏانهن موڪليل خط، فارين آفيس ريڪارڊ، جنرل ڪريسپانڊينس (سياسي) يونائيٽيڊ اسٽيٽس فائيل، 259، 1912ع، نمبر 25188، ايف. او 371/1542. ۽ برٽش قونصليٽ جنرل منيلا جو 20 مارچ 1940ع تي پرڏيهي آفيس ڏانن موڪليل خط، جنهن جو نقل آءِ. او. آر پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڪليڪشن 108/29 ۾ موجود آهي.

85. A 'List of commercial establishments belonging to Indians', enclosed in PRO, Foreign Office Records, Embassy nd Consular Archives: Morocco, Tangier. FO 174/354, 'British interests and properties in Tangier', 1947, shows that there were eighteen branches of Sindwork firms there.

86. پيسومل مولچند، جيرامداس دولترام جو ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن 17 مئي 1927ع تي موڪليل خط، جنهن جو نقل آءِ. او. آر، پبلڪ جوڊيشل ڊپارٽمنٽ ڪليڪشن، ايل. پي اينڊ جي 278/8 ۾ موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

87. ڏسو نيدرلينڊ هندستانين جي آدمشماري 1930ع جا انگ اکر، جلد ستون، باتاوايا، 1935ع.

88. ڏسو. انڊين مرچنٽس ايسوسيئيشن آف گولڊڪوسٽ طرفان 8 مارچ 1948ع تي پرڏيهي مامرن واري هندستاني وزارت کي ڏنو ويندڙ يادداشت، پي. آر. او ڪالونيل آفيس ريڪارڊ، گولڊڪوسٽ، سي او، 96/796 فائيل 313/2.

89. See telegram, 3 August 1936, from Government of India, Foreign and Political Department, to secretary of stte for India, P.Z. 5730. 1936, IOR, Political External Files and Collections, 'Spanish Civil War', L/P&S/12/210.

90. The 1935 Census of Ceuta mentioned the presence of fifteen Indians from Hyderabad. M. Gordillo Osuna, Geografia Urbana de Ceuta, Madrid. 1972. pp. 138-9.

91. ڏسو پي. آر. او بينڪيتي آفيس رڪارڊس، سيرا اليون، فائل 34/718، 1912ع، سي او 267/543.

92. ڏسو آءِ. او. آر. پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڊپارٽمنيٽ، ساليانا فائيل، فائل، جي. اينڊ پي. 2250/98.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻن واپاري سرشتن ۾ واپاري جوڙجڪ ۽ ناڻي جي گردش جو طريقو

شڪارپوري ۽ حيدرآبادي واپاري- سرشتي گهڻي حد تائين ساڳئي فضائي هيئت يا ترتيب جو مظاهرو ڪيو، جنهن ۾ واپاري- سرشتي وارا مرڪز وسيع مفاصلي وسيلي واپار جي اصل واپاري هنڌن کان پري پري هئا. هن فضائي هيئت پنهنجي موٽ ۾، جنهن طريقي سان واپار منظم ٿيل هو، تنهن جي وڏي پيماني تي تشڪيل ڪئي. جيتوڻيڪ واپاري- سرشتي جي مرڪزن ۽ واپار جي اصل هنڌن وچ ۾ طبعي علحدگي انهن ٻنهي واپاري سرشتن جي انفرادي خاصيت نه هئي، تنهنڪري سنڌ جي واپارين جا مسئلن کي مُنهن ڏيڻ جي سلسلي ۾ کنيل قدم واقعي خاص ۽ جاڻائڻ جوڳا آهن. شڪارپوري واپارين جيڪو اهم طريقو واپرايو، سو ڀائيواريءَ جو سرشتو هو، جيڪو شاهه- گماشتا جي نالي سان مشهور هوندو هو؛ انهيءَ طريقي کي حيدرآبادي واپارين پهرين اختيار ڪيو هو، پر هنن ان طريقي ۾ آهستي آهستي تبديلي آندي. واپاري مرڪزن ۽ اصل واپاري هنڌن وچ ۾ گهڻو مفاصلو هئڻ سبب، انهن مرڪزن ۾ رکيو ڏوڪڙن جي جمع بنديءَ يا ليکيُ چوکي جون بَنديون رکيو ويندڀون هيون، جڏهن ته سمورا مالياتي عمل ۽ ڪجهه مالياتي متاستا اصل واپار واري هنڌ ئي طئي ڪئي ويندي هئي. انهيءَ طريقي مان لڳي ٿو، ته انهن ٻنهي هنڌن يا قُطبن وچ ۾ روزاني متاستا واري گردش جي انداز جو پتو پوي ٿو. هيءَ گهڻ- رُخي ۽ گهڻو تهه- دار گردش هئي، جنهن ۾ مالياتي ۽ افرادي قوت جي گردش ساڳئي نوع سان چرپر نه ڪندي هئي. جڏهن ته واپاري مرڪزن کان واپار جي اصل جاءِ ڏانهن ناڻي جو وهڪرو هڪ- طرفو جاري رهندو هو (موڪليل نفعي جي شڪل ۾ رکيو موٽندو هو)، افرادي قوت جي لڳاتار ٻنهي مرڪزن وچ ۾ گردش جاري رهندي هئي. بهرحال، اهو انساني وهڪرو سماجي طور گهڻ پاسائون هوندو هو: اصولي طور سيٺَ يا موڙيءَ جو مالڪ گهٽي چُرپر يا گردش نه ڪندو هو، پر هو پنهنجي رهائش واري واپاري مرڪز تان ويٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙيءَ مهيا ڪندي ۽ واپار جي نگراني ڪندي آسودو رهندو هو. ناڻي جي اصل گردش گهڻو ڪري سندن گماشتا ۽ ملازم ڪندا هئا. ناڻي جو بيو وهڪرو ٿوري وقت لاءِ قرض تي ڏنل پئسن سميت ڄاڻ ۽ معلومات سان لاڳاپيل هوندو هو (ڊگهي مدي واري موڙيءَ جي ابتڙ). هن باب ۾ اسان انهيءَ گردش ۽ ڦهلاءُ واري طريقي جو تفصيلي جائزو وٺنداسون، جيڪو بنهي واپاري- سرشتن جي جيون جو خون هو، ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ ان طريقي تي به ويچاريو، جنهن انداز سان اُهو واپاري جماعتن جي هيئتن تي اثر انداز ٿيندو هو. حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ سرمايدارن جو ننڍڙيون ڏريون، واپاري- سرشتي جي مرڪز ۾ وبني دنيا جي مختلف علائقن ۾ واقع ٿيندڙ واپاري سرگرمين ۽ مالياتي معاملن تي مڪمل ضابطو رکڻ ۾ ڪامياب ويندون هيون. هنن واپار تي ضابطو رکڻ لاءِ 'روايتي' واپاري طريقن سميت 'جديد' ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ مان پڻ فائدو وٺندي واپار م پاڻ ملهايو. هن باب ۾ اداراتي ميڪانيت جي گهڻن قسمن، جن وسيلي گهٽي عرصي تائين واپاري- سرشتي جي مرڪزن ۾ واپاري سرمايدارن ۽ سندن پائيوارن ۽ پکڙيل ملازمن وچ ناتا ڳنڍيا ۽ برقرار رکيا ويا، تنهن جي تجزئي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو.

گردش ڪندڙ موڙي ۽ ڏيهي سرمايدار:شاهہ- گماشتي سرشتي جو ڪردار

سنڌ ۾ جمي وينل سرمايدار جي گهڻ- فاصلاتي مالياتي ۽ واپاري- سرشتي ۾ ٿيندڙ ترقيءَ جو مکيہ ڪارڻ پائيواري سرشتي جو خاص وجود هو، جنهن طريقي کي شڪارپور ۾ عام طور 'شاهہ- گماشتو' چيو ويندو هو. هي طريقو بين ڏکڻ ايشيائي واپاري- سرشتن کان مختلف واپاري- سرشتو هو. اهڙيءَ ريت، ناٽوڪوٽائي چيٽيار واپارين منجهہ مالڪ روزانو جي واپاري سرگرمي پنهنجي پگهار تي رکيل نمائندن يا گماشتن (ميلال) ۽ بين ملازمن (ڪاٽو ڪاناڪوپلاءِ) کي سونپي ڇڏيندا هئا، جڏهن تہ اُهي پاڻ هندستان ۾ ئي رهندا هئا. (1) بهرحال، ناٽوڪوٽاءِ نمائندا ان ساڳئي انداز ۾ پائيوار نہ هوندا هئا، جيئن شڪارپوري 'گماشتا' پائيوار هوندا هئا. شڪارپوري سرشتو گهڻو اڳ ترقي ڪري چڪو هو، جيتوڻيڪ انهيءَ جي اصل وقت ۽ رواجي سلسلي بابت ڪا چٽي ڄاڻ نہ آهي: سوال هي آهي، تہ ڇا هي سرشتو گهڻي مفاصلي تان ٿيندڙ واپار جي ترقيءَ کان اڳ موجود هو يا جيئن چيو وڃي ٿو، تہ اهو واپارين پنهنجي واپاري مهم دؤران ايجاد ڪيو هو؟ پيائنجي ٿو، جنهن م ڪنهن حد تائين پڪ آهي، تہ هي طريقو عرب دنيا م موجود 'مودرابا' واري مشهور سرشتي مان ڦُٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتل آهي، پر سنڌ ۾ گهڻو ڪري ايران وسيلي پهتو هو. ڇوته 'گماشتا' لفظ مان ئي ظاهر ٿو ٿئي، ته هيءَ لفظ اصل فارسيءَ مان ورتل آهي. 'گماشتا' اصطلاح هندستاني نٿڌي ڪنڊ ۾ سترهين صديءَ کان وٺي گهڻي پيماني تي ڪنهن 'نمائندي' واسطي استعمال ۾ رهيو آهي؛ هوڏانهن 'مُکي يا سيٺ' لاءِ استعمال ٿيندڙ 'شاهه' لفظ جي اصطلاح مان پانئجي ٿو، ته هي مخصوص زبان جو ڍنگ آهي، ۽ ان جو اصل بُڙ بنياد جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. هيءَ ڳالهه مزيدار آهي، ته سنڌ ۾ هندو واپاري پائيواري سرشتو استعمال ڪندا هئا، جيڪو عرب دنيا کان آيو هو، ۽ واضح طور 'شرعيه' سان مطابقت رکي ٿو. (2) يورپ ۾، پائيواريءَ جو هي روپ گهڻو آڳاٽو اختيار ڪيو ويو هو ۽ آڳاٽي اٽليءَ ۾ 'ڪومينڊا' طور استعمال ٿيندو هو، ۽ اهو لفظ پوءِ نيٺ 'جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپني' (3) (گڏيل موڙيءَ وارن جي جماعت) ۾ بدلجي ويو. پر سنڌ ۾ اهڙي ارتقا بابت ڪا ڳالهه سامهون نه آئي آهي. هن ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو آهي، ته واپاري- سرشتي طرفان استعمال ٿيندڙ پائيواريءَ جو 'مودارابا' سرشتو خاص طور نفعو ڏيندڙ هو، جنهن ۾ جوڙجڪ ڪندڙ واپارين، جيڪي واپاري- سرشتي جي مرڪز ۾ رهندا هئا، ۽ سفر ڪندڙ واپارين وچ ۾ واضح حدبندي هوندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ آرمينيائي واپاري خاص ڪري مشهور آهن، جن پنهنجي نئين جلفا (4) واري مرڪز وٽان سڄي دنيا ۾ پنهنجي واپاري- سرشتي کي منظم ڪيو.

هي سرشتو شڪارپور ۾ پختگيءَ سان سگهارو ٿي چڪو هو، ڇوته انهيءَ ڏس ۾ اوڻيهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾، شڪارپوري واپارين بابت مختلف سياحن ان سرشتي جا حوالا ڏنا آهن. انهيءَ سرشتي سبب شڪارپور ۾ سرافن ۽ شاهوڪارن جو رهندڙ نٽڊڙو ميڙ، 1840ع جي آدمشماريءَ مطابق سؤ ماڻهن کان به مٿي نه هو، سو خراسان کان ترڪستان تائين ڦهليل علائقي ۾ موجود مالياتي ۽ واپاري معاملن تي مڪمل ضابطو رکندو هو. منجهانئن هرهڪ واپاريءَ وٽ ڪيترائي گماشتا هوندا هئا، جيڪي وسيع علائقن ۾ پکڙيل هوندا هئا. ڪو ماڻهو اچرج ۾ پئجي سگهي ٿو، ته ڪهڙين ڳالهين سبب سرمائيدارن جي طبعي گردش کان ناڻي يا موڙيءَ جي مستحڪم گردش جي علحدگي ايڏي ضروري هئي. انهيءَ ڏس ۾ ڪيترائي جواب ڏئي سگهجن ٿا. سڀ کان پهريون هي، ته واپارين کي اوڻيهين صديءَ جي بئي اڌ ۾، جديد آمدرفت جي اچڻ کان اڳ ناڻي جي ڦهلاءُ يا گردش جي مڪمل طبعي ڏکيائين يا رنڊڪن کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو هو. جنهن وقت هي سرشتو شڪارپور ۾ مستحڪم ٿي ويو هو، تنهن وقت وچ ايشيا ۾ مسافري جوکائتي ۽ ڏکي هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. شاندار 'هُنڊي' سرشتي جي موجودگيءَ سبب، سنڌ مان وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ناڻي يا وڏي پيماني تي وڪري واري شين جي آمدرفت کان بچڻ ممڪن بڻجي سگهيو هو ۽ اهڙيءَ ريت انهن علائقن ڏانهن واپارين يا شاهوڪارن جي سفري گهُرج محدود ٿي هئي. بهرحال، سرمايدارن کي واپاري ماڳن تي واپاري وکر جي متاستا ۽ وڪري کي ايمانداريءَ سان نباهڻ لاءِ سچار نمائندن جي گهُرج هئي، ۽ اهو ڪم بنيادي طور گماشتن جو هوندو هو. اهڙن ماڻهن جي دستيابي، جيڪي ڪنهن معاوضي سبب جوکائتي سفر جو طبعي جوکو ڀوڳڻ لاءِ تيار هجن، سا ڳالهه عام طور ڪنهن شڪ جوڳي نہ آهي، تنهن کي طبعي ۽ سماجي صورتحال وسيلي واضح ڪري سگهجي ٿو. ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ دوران مختلف علائقن کان شڪارپور ڏانهن ايندڙ هندو واپارين جي لوڏ سبب، نسبتي طور سستي واپاري افرادي قوت موجود هئي، جيڪا وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن مسافريءَ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار هوندي هئي.

سراف يا شاهوڪار واپاري، سرمايدار يا شاهه هوندا هئا: جيڪي پنهنجي گماشتن ڏانهن ناڻو موڪليندا هئا، ۽ موٽ ۾ ذميداريءَ هيٺ آيل مالياتي ۽ واپاري-سرشتي مان ٿيل فائدي منجهان، ڪين ڀائيواري جي صورت ۾ پگهار يا معاوضو ڏنو ويندو هو. موجود شاهدين جي گهٽتائيءَ سبب، هيءَ ڳالهه پڪ سان چوڻ ايڏي ممڪن نہ آهي، تہ برطانوي حڪمرانيءَ کان اڳ، شڪارپور ۾ شاهه ۽ گماشتي وچ ۾ معاهدي وارو انتظام يا بندوبست لکت ۾ يا زباني ڪيو ويندو هو يا نہ. پر برطانوي دؤر ۾ لکيل معاهدا مروج اصول بڻجي ويو هو ۽ اُهي لکتون عدالتي مقدمن ۾ شاهدين طور واپرايون ويندڙيون هيون. نفعي واري ڀاڱي جي صحيح طريقي بابت هي نٽو معلوم ٿئي، تہ اهو طريقو رسم رواج وسيلي مقرر ڪيو ويو هو، پر ڇڱيءَ حد تائين مختلف رهيو آهي. مودار يا معاهدن جي هيءَ خاصيت هوندي هئي، تہ ڌُرين وچ ۾ نفعي جي ورڇ جو، ڪُل ماليت ۾ نہ پر تناسب ۾ ڪاٿو لڳايو ويندو هو. هن گهُرجن کي واضح طور شڪارپور ۾ مڃتا ڏني ويندي هئي.

ايڏو وقت گذرندي بہ شڪارپور ۾ مروج سرشتي جو خاص ارتقائي لاڙو ڏيان ۾ نہ آيو آهي. ياڻنجي ٿو تہ اڪثر ڀائيواريون محدود عرصي لاءِ هونديون هيون. شڪارپورين جي واپاري- سرشتي جي هيءَ منفرد خاصيت آهي، خاص ڪري حيدرآبادي واپارين جي ابتڙ، تہ ڪجهہ واپاري فرمون گهٽي عرصي تائين پنهنجو بچاءُ ڪري سگهيون هيون. مثال طور هيءَ ڳالهه سامهون اچي ٿي، تہ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ رڳو بہ فرمون پنهنجي پاڻ کي حقيقي طور مستحڪم ڪري سگهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون: جنهن مان هڪڙي خوقند ۾ بينڪاري فرم هئي، ۽ ٻي جيزاڪ ۾ خاص ڪري اناج ۽ ڪپهه جو واپار ڪندي هئي. ٻئي فرمون ترڪستان سلطنت ۾ واپار ڪنديون هيون، جتي روسي تجارتي قانون مروج هئا. پر جيستائين بخارا سلطنت جو تعلق آهي، ته اُتي ڪنهن وڏي واپاري فرم جو پتو نه پيو آهي. ٻيائنجي ڻو، ته شڪارپوري واپارين، سنڌورڪي واپارين جيان ڪي گهڻ- شاخي فرمون نه ٺاهيون هيون. شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ رابطي جي ڏکيائي واپاري- تنظيم جو طريقو، جيڪو مکيه مرڪز ۽ ڪوٺين وچ ۾ تيزيءَ سان ۽ لڳاتار معلومات جي گردش تي وڏي حد تائين ڀاڙيندو هو، سو واپرائڻ ۾ مايوسيءَ وارو لاڙو رکندڙ هو. تنهنڪري، شڪارپوري شاهه- واپاري وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڀهتل پنهنجي گماشتن تي گهڻو ڀروسو ڪندا هئا، ۽ وري اُهي گماشتا ڪجهه عرصي کان پوءِ پنهنجي ڪاروبار يا ڏنڌي ڪولڻ ڏانهن لاڙو رکندا هئا. وچ ايشيائي ملڪن ۾، سرشتو پنهنجي پاڻ منجهان ٻيو واپاري پيدا ڪندو هو، يعني اهو ماڻهو جنهن پنهنجو روزگار گماشتي طور شروع ڪيو هو، سو موٽ ۾ شڪارپوري واپارين لاءِ شاهه بڻجي ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ڄاڻائجي، ته ڀائيوارين جي انگ جي ڏس ۾ قانون يا ڪا ٻي حد نه هوندي هئي، ته ڪو ماڻهو ڪيترن سان ڀائيواري ڪندو هو. هي سرشتو هيٺين طريقي تي ڪم ڪندو هو: وڏي شهر ۾ رهندڙ شڪارپوري سراف، جيڪو پاڻ به شايد ڪنهن شڪارپوري صراف جو گماشتو هوندو هو، سو ننڍڙي شهر ۾ رهندڙ ننڍڙي صراف سان لاڳاپي ۾ 'شاهه' هوندو هو: اهڙيءَ ريت ننڍڙي شهر ۾ رهندڙ شخص وري ٻهراڙيءَ جي ڳوٺ ۾ وياج تي ناڻو ڏيندڙ جو 'شاهه' هوندو هو. بهرحال، 'شاهه ۽ 'گماشتي' وچ واري تعلق ۾ مڪمل طور متناسب نه هوندو هو: ڪو انيڪ 'گماشتن' جو 'شاهه' ٿي سگهندو هو، پر ڪو مشڪل سان گهڻن 'شاهن' جو 'گماشتو' ٿي سگهندو هو.

شاهه- گماشتي سرشتي جو بنيادي ڪم، ڏکهي مفاصلي تي واپاري ۽ تجارتي واپار ڏانهن باقاعدگيءَ سان موڙيءَ جي دستيابيءَ جي پڪ ڏيارڻ جي پيٽ ۾، ماڻهن جي آمدرفت جي تنظيم ڪان به گهٽ هوندو هو. شڪارپور جي حالت ۾، ناڻو اڪثر ڳجهي طريقي سان هُنڊيءَ جي صورت ۾ گردش ڪندو هو. شڪارپوري شاهه جي ملازمت ۾ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندڙ گماشتن ڪي، يا اُتي اڳيئي موجود ڪنهن خاص گماشتي ڏانهن يا وري سندس اُتي اڳيئي ڪو گماشتو موجود نه هئڻ جي حيثيت ۾، وچ ايشيائي ملڪن ۾ موجود ڪنهن ٻئي شڪارپوري سراف جي نالي تي هُنڊي ڏني ويندي هئي. شڪارپوري واپاري- سرشتي ۾ هُنڊين ڪي ٽڏي تي مجتا ڏنيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي هئي، ۽ ڪڏهن بہ ڪو سوال نہ پُڇيو ويندو هو: هي ڳالهہ واضح آهي، تہ انهن بنهي تي ڪابہ تهمت نہ هنئي ويندي هئي يا ڪو ڀاڙو نہ ورتو ويندو هو. واڻڪي سنڌي لکت جي واهپي سميت ڪجهہ خاص علامتن ۽ نشانين، جنهن جو نقل ناهڻ ڏاڍو ڏکيو هو، سبب عملي طور دوکيبازي ناممڪن ڳالهہ هئي. (5) هُنڊيءَ ۾ ٺڳي يا دوکو واپاري اخلاقيات جي ڀيڪڙي ٿئي ها، جنهن ڳالهہ جو جوکو ڪوبہ شخص پنهنجي مٿي تي نہ کڻندو هو.

حيدرآباد ۾ وقت گذرڻ سان ڀِتي- سرشتي جي ارتقا ٿي، جيڪو قسم روايتي شاهہ- گماشتي جي خاصيتن ۽ يورپي تجارتي رسم جي اُڌارو ڪنيل خاصيتن جو ميلاپ هو. جيتوڻيڪ هي وضاحت عارضي آهي، تہ ڀائيواريءَ منجهان آهستي آهستي ڪيترين ئي فرمون اُڀريون، جن ڪيترن ئي نسلن تائين پاڻ کي دائمي سگهہ بخشي. وضاحت جي مقصد هيٺ ضروري آهي، تہ 'ڀائيواري' اصطلاح جي ٻن معنائن وچ ۾ تميز ڪئي وڃي. هڪ پاسي، هندوستان ۾ 'ڀائيواري' قانوني اصطلاح هوندو هو، جيڪو ڪنهن خاص واپاري ڌُر لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، جيڪا ڳالهہ مالڪيءَ واري فرم ۽ جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ کان مختلف هئي. عملي طور شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ سمورن واپارين، جن کي محصول ۽ عام جاچ پڙتال کان لنوائڻ جي حوالي کان گهڻا فائدا هئا، تن هن خاص قانوني روپ کي اختيار ڪيو. پر هتي ڀائيواري جو اصطلاح، ڪنهن سخت قانوني فهم ۾ نہ پر رڳو فني حوالي سان، هڪ يا وڌيڪ شاهہ يا موڙيدار- ڀائيوارن سان هڪ يا وڌيڪ گماشتن يا پورهيت- ڀائيوارن جي لاڳاپن واري معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. وري، ٻئي پاسي 'فرم' جو مطلب واپاري جماعتن جي هيئت آهي، جنهن ۾ انهن جون مکيہ آفيسون ۽ ڪوٺيون شامل هيون، پوءِ ڀلي ڪيڏو بہ سندن قانوني رتبو يا حيثيت هجي. سنڌ ۾ اڪثر 'فرمون' قانوني طور 'ڀائيوار' هيون، پر فني طور اهي 'فرمون' اصل شاهہ- گماشتي جي ڀائيوار- سرشتي جي بدليل صورت جي نمائندگي ڪنديون هيون. جيئن حيدرآباد ۾ فرمون مستحڪم ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيون، تنهن جا ڪارڻ شڪارپور وارين حالتن جي بلڪل ابتڙ آهن، جوتہ سنڌورڪي واپارين طرفان پنهنجي واپاري- سرشتي ۾ واپرايل ڪجهہ خاص حربن جو بيشڪ گهڻو حصو آهي. جڏهن تہ شڪارپوري واپاري- سرشتو بنيادي طور پاڻ- سيڙپڪاري تي ٻڌل هوندو هو (پوءِ اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان، شڪارپوري سراف- بينڪار، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ تيزيءَ سان روسي بينڪن لاءِ دلال يا ٺياڪڙيءَ طور ڪردار ادا ڪيو هو)، جڏهن تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌورڪي واپارين جڏهن هڪ پيرو عالمي ساموندي واپاري دنيا ۾ پير رکيا، جنهن تي يورپي واپاري ڇانيل هئا، ته هنن نيٺ متاستائي بينڪن مان پنهنجو نفعي جو حصو ورتو. متاستا واريون بينڪون رڳو انهن فرمن جا کاتا کوليندڙيون هيون، جن جي واپار يا بازار ۾ ساک هوندي هئي، ۽ هيءَ طريقو بيشڪ پنهنجي پاڻ کي مستحڪم ڪرڻ جو سگهارو محرڪ هو.

انهيءَ هوندي به سنڌورڪي واپارين جو 1920ع تائين عارضي پائيوارين، پائيواري- واپار جو خاص جزو هونديون هيون. هنن انهيءَ طريقي سان لڳاتار بين ننڍن واپارين کي به ترقيءَ جا موقعا ڏنا. هي سرشتو هوند گهٽجي ختم ٿي ويجي ها، پر هنن واپارين ننڍين ۽ وچين فرمن کي به اڳتي وڌائڻ ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو. پائيواري- سرشتي حيدرآباد جي ننڍن سرمايدارن کي پنهنجي شهر کي ڇڏڻ بنا به واپار ۾ گهربل سيڙپڪاريءَ ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهي پائيواريون عام طور لکيل معاهدن جي صورت ۾ ٿينديون هيون، جيڪي بنهي ڌرين واسطي قبوليت جوڳيون هونديون هيون. هن لاڙي مان پتو پوي ٿو، ته مختلف ڌرين وچ ۾ پروسي جو ناتو موجود هو، جنهن تي اسان اڳتي هلي لکنداسين. بهرحال، حيدرآباد واپاري جي ناتن کي ڏسندي، هي نتيجو ڪڍبو ته اُهي پاڻ ۾ محدود ۽ ويجهڙائيءَ کان جُڙيل هئا. تنهنڪري پائيوارين مان مختلف قسمن جو نماءُ ٿئي ٿو، جيڪا ڳالهه بلڪل اڄرچ ۾ وجهندڙ آهي. اهو نمونو واپارين جي شاناٿي پُراميديءَ ۽ ماحول جي مختلف قسمن ۽ بدلجندڙ حالتن کي ورتائڻ واري گنجائش جي شاهدي آهي.

هيٺيون بحث ڇئن پائيوارن جي نمونن تي ٻَڌل آهي. ٽيبل 5.1 مان انهن پائيوارن بابت بنيادي انگن اکرن جو پتو پوي ٿو.

هي مڪمل روايتي نمونو آهي، جيڪو محدود مواد جي بنياد تي ٺاهيو ويو آهي، پر منجهانئس واپارين وچ ۾ ٿيل بندوبست جي غيرمعمولي نمونن ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو. ڇئن پائيوارين مان هڪ پائيواريءَ جو معاهدو حيدرآباد ۾، هڪ ٽائينٽسن ۾، هڪ ڪولون ۾ ۽ هڪ لڪپڙهه وسيلي ٿيو هو. واپاري سرگرميءَ وارن علائقن مان سنڌورڪي واپارين جي قاهرا، چين، جاوا ۽ جاپان ۽ پناما ملڪن ڏانهن مسافريءَ جي سطح بابت پتو پوي ٿو. انهن سڀني معاهدن جي هڪ عام خاصيت هيءَ آهي، ته انهن ٻن درجابندين، سرمايدار پائيوارن ۽ پورهيت- پائيوارن وچ ۾ واضح طور تفاوت هوندو هو. معاهدن مان رڳو هڪڙي معاهدي ۾ شاهه- گماشتي وچ ۾ تميز ڪيل هئي، پر معلوم ٿئي ٿو، ته پراڻي فارسي ۽ نئين انگريزي اصطلاحن کي مڪمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور نظرانداز ڪيو ويو. سرمايدار- ڀائيوار فنڊ مهيا ڪندو هو (هڪ حالت ڪان سواءِ، جڏهن ڪو پورهيت- ڀائيوار به ڪجهه فنڊ ڏيندو هو). (6) جڏهن ته پورهيت- ڀائيوار پنهنجي محنت لڳائيندو هو، جيڪا مارڪيٽ جي ڄاڻ ۽ تجارتي تجربي کي واپرائيندي اصل ۾ گهڻي تجربيڪار پورهئي جو روپ هوندي هئي (جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه معاهدي ۾ نه ڄاڻايل هوندي هئي). معلوم ٿئي ٿو، ته معاهدي جي عرصي ۾ تفاوت ٿي سگهندو هو، پر پنج سالن جو عرصو معاهدي جي معياري حالت هوندي هئي. پورهيت- ڀائيوار لاءِ ٻن سالن تائين سختيءَ سان پرڏيهه ۾ رهڻ، ۽ پوءِ ڇهن مهينن يا هڪ سال جي عرصي لاءِ ڪيس حيدرآباد ۾ رهڻ ضروري هوندو هو. سرمايدار لاءِ هيءَ ڳالهه ضروري نه هوندي هئي، ته هو پرڏيهه وڃي. (7) پر هُو حيدرآباد منجهان واپار جي عام نگرانيءَ جو مُختيار هئڻ سميت خاص ڪري حيدرآباد، جتي ڇهن مهينن يا سال ۾ هڪ ڀيرو ليکو چوکو ڪيو ويندو هو، ۾ ڀائيواريءَ واري ڪاروبار جي لِک پڙهه رکندو هو.

نفعي جي ورڇ واري طريقي ۾ گهڻو تفاوت ڏسجي ٿو. سرمايدار ۽ پورهيت- ڀائيوار وچ ۾ اڌواڌ ورڇ واري اصول جو چئن معاهدن مان رڳو ٻن حالتن ۾ مشاهدو ڪيو ويو. ٽئين مامري ۾ غيررواجي ڳالهه هيءَ هئي ته هو ساڳئي وقت سرمايدار ۽ پورهيت- ڀائيوار به هو، ۽ ڪيس سنڌس سيڙپڪاريءَ جي تناسب سان، فائدي واري حصي سميت مکيه پورهيت- ڀائيوار جي حيثيت سان، بنيادي پگهار يا معاوضو به پيٽو ڏنو ويندو هو. چوٿين مامري ۾، سرمائيدار ۽ پورهيت- ڀائيوار جي مقرر ڪيل حصي جي معاهدي ۾ وضاحت نه ڪيل هئي، جنهنڪري تڪرار اُٿي ڪڙو ٿيو هو، ۽ پورهيت- ڀائيوار نفعي جي حصي مان رڳو اٺ سيڪڙو وٺندو هو، جيڪو حصو غيرمعمولي طور تمام گهٽ لڳي ٿو. چئن مان ٻن مامرن ۾، حساب ڪتاب ۾ روايتي طريقو استعمال ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ سمورو نفعو سورهن آنا يعني هڪ رپيو جي نمائندگي ڪندو هو، ۽ ٽي پايون خيراتي ڪمن لاءِ پاسيرو ڪري رکيون وينديون هيون. هيءَ طريقو عام طور هندو واپارين جي ٻين مامرن ۾ نه ڏنو ويو. هتي هڪ اهم ڳالهه هيءَ به ڌيان ۾ آڻڻ آهي، ته چئن مامرن مان رڳو هڪ معاهدي ۾ سرمايدار- ڀائيوار ۽ پورهيت- ڀائيوار پاڻ ۾ خوني رشتي ۾ ڳنڍيل هئا (هن خاص مامري ۾، پورهيت- ڀائيوار، سرمائيدار جا ڀاءُ، سالو ۽ سنڌس به پٽ هئا.)

هي ڀائيواريءَ وارو سرشتو گهڻو لچڪيدار به هوندو هو. عام طور، سنڌورڪي واپار جي انتهائي ڦيريدار هيئت کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو، ته ڊگهي مُدي واريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڙپڪاريءَ جي شرطن ۾ عهدن ڪان پاسو ڪيو ويندو هو. واپار ۾ پيل نقصانن يا جو ڪن جي ورڇ واري سوال بابت پتو پوي ٿو، تہ هي مامرو انيڪ طريقن سان سُلجهايو ويندو هو. آڳاٽن مودا ريا معاهدن ۾، سرمائيدار ڪي سمورو بار پنهنجي مٿي تي کڻڻو پوندو هو، ۽ مٿس ڪابہ محدود ذميداري نہ هوندي هئي. مشاهدي ۾ هيءَ ڳالھ آئي آهي، تہ هي طريقو حيدرآباد جي ڪجھ معاهدن ۾ پڻ موجود رهيو آهي. هوڏانهن پهرين معاهدي ۾ هن ڳالھ جي وضاحت ڪيل هئي، تہ واپار ۾ ٿيل نقصان، سرمايدار ۽ پورهيت- پائيوار جي وچ ۾ مناسب طور ورڇيو ويندو. سرمايدار جي مالي نفعي ڪي ڏسندي هي ڳالھ ذهن ۾ ويهارجي، تہ انهيءَ نفعي جي ٻٽي فطرت هوندي هئي: پورهيت- پائيوار (8) کي ڏنل موڙيءَ تي نفعي جي حيثيت سان مالياتي فطرت، ۽ وري واپاري سرگرميءَ مان ڪمايل نفعي جي حصي جي حيثيت سان تجارتي فطرت هوندي هئي. سرمايدار لاءِ مقرر ٿيل ٿوري عرصي اندر سندس شروعاتي سيڙپڪاريءَ ۾ نفعي جي شرح گهٽي هوندي هئي. هن حقيقت کي سامهون رکندي ڏسبو، تہ موڙيءَ عام طور ساليانو ڇھ سيڪڙو جي حساب سان ڏني ويندي هئي. بهرحال، اڪثر پائيوار معاهدي جي تجديد ڪرائيندا هئا ۽ نفعي جو ڪاٿو ڊگهي عرصي لاءِ لڳايو ويندو هو. ٿورڙي گهرائيءَ سان مشاهدي مان پتو پوندو، تہ ٿي معاهدا پورهيت- پائيوارن واسطي ٿورڙو ڦڏا آهن، جڏهن تہ جوٽون معاهدو واضح طور سرمايدار جي حق ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو پورهيت- پائيوار حيدرآباد ۾ افرادي قوت جي حالت کي سامهون رکندي، نسبتي حالتن مان فائدو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا: پروسي جوڳن ۽ ايماندار گماشتن جي وڏي گهُرج هوندي هئي ۽ ماڻهن جي نسبتي کوٽ هئڻ سبب اُهي پنهنجا مڙهيل شرط مڃرائي سگهندا هئا. انهيءَ ڳالھ مان حيدرآباد ۾ ناڻي جي واڌ جي موجودگيءَ جو اشارو ملي ٿو، جيڪي سنڌورڪي واپار ۾ سُٺي نفعي جي اُميد تي سيڙپڪاري ڪرڻ چاهيندا هئا. هيءَ ڳالھ معلوم ٿيندي تہ حيدرآباد ۾ موڙي يا ناڻو نسبتي طور گهٽو هوندو هو، ۽ پنهنجي مائٽن جي واپاري- سرشتي وسيلي پرڏيھ ويندڙن جي نسبت سان انتظامي عهدن وارا ماڻهو گهٽ هوندا هئا. اهڙيءَ ريت مزيدار شرطن سان انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ضرورت هئي.

حيدرآباد ۾ 'مستقل' فرمون، پائيواري سرشتي منجهان ترقي ڪري وڌيون ويجهيون، پر پوءِ وڌندي پاڻ کي ان ڪان ڇنڻ ۾ قابل ٿيون. اُهي فرمون انهن آڪهين يا ڪٽنبن ٺاهيون هيون، جن وٽ وڏي انگ ۾ مالياتي وسيلا ۽ وڏي انگ ۾ پنهنجا ويجها مائٽ انتظامي عهديدار بہ موجود هئا، جن منجهان ڪين پروسي جوڳا پائيوار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊڻ ۾ سولائي ٿي ۽ اهڙي ريت انهن کي پنهنجي ڪاروبار تي ويجهڙائيءَ کان نگرانيءَ ۾ سهوليت پيدا ٿي. بهرحال، جيئن فرمون وڏي ويجهي اڳتي ڦهليون، تہ مائٽاڻو واپاري- سرشتو نامناسب بڻجي پيو، ۽ واپار ۾ جوکن کي گھٽائڻ لاءِ غير مائٽ گماشتا ڀرتي ٿيڻ لڳا، ۽ ائين پگهار تي انتظامي عملدارن جي ڀرتيءَ ۾ واڌاري وارو لاڙو ٿيو. حيدرآبادي فرمن پنهنجي ڪوٺين وسيلي تنظيم سازيءَ جو اُهو فني سرشتو اختيار ڪيو، جيڪو يورپي عالمي واپاري فرمن سميت ٻيون ڏکڻ ايشيائي فرمون عالمي مارڪيٽ ۾ ڪاروبار دوران واپرائينديون هيون. ضابطہ پرستيءَ جي روح ۾، جيڪو واپاري سرشتي جي مڪمل تاريخ جي خاصيت مقرر ڪري ٿو، تنهن مان پائنجي ٿو، تہ انتظامي- ڀائيوار ۽ پگهار تي رکيل منتظم ٿورڙو لاپرواهيءَ سان ملازم رکيا ويندا هئا. ڪجھ ڪوٺيون ڪنهن هڪ يا انيڪ منتظم- ڀائيوارن کي سونپيون وينديون هيون، جن کي موٽ ۾ نفعي جو حصو معاوضي طور ڏنو ويندو هو، ۽ ٻيون ڪوٺيون پگهاردار ملازمن کي سونپيون وينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن منتظم- ڀائيوار سيٺ- واپاريءَ جي ماتحت، ۽ ورلي حيدرآباد ۾ واقع مُکيہ- مرڪز ڏانهن سڌيءَ ريت جوابدار هوندو هو.

هوڏانهن، هڪ پاسي حيدرآباد جي انيڪ فرمن جي غيرمعمولي ڊگھي ڄمار جي، وسيع ڪٽنبن جي گھڻن نسلن تائين پاڻ کي ٻيهر وڌائڻ توڙي جيارڻ جي گنجائش جي لاڳاپي سان ۽ ٻئي پاسي واپاري- سرشتي جي جوڙجڪ جي خاص خانداني مداخلت واريءَ حيثيت سان وضاحت ڪرڻي آهي. سنڌورڪي فرمون، گھڻين هندستاني واپاري فرمن جيان خانداني هونديون هيون، ۽ ڪامياب نسلن وچ ۾ ملڪيت سميت تجربيڪاريءَ جي متاستا ٿيندي هئي (جنهن جي سنڌ ۾ متاڪسر تي ٻَڌل مروج هندو وراثتي قانون وسيلي سهولت مليل هئي). جيڪا ڳالھ مستقل قائم رهڻ جي ڪُنجي هوندي هئي. وڏيون فرمون گھڻن نسلن تائين ساڳيءَ خاندان جي ضابطي هيٺ رهنديون هيون، جيتوڻيڪ ڪن خاص موقعن تي ملڪيت جي ورڇ بہ عام هوندي هئي. پر ضابطي جو طريقو مختلف هوندو هو، جيڪو ڪڏهن مرڪزيت تي يا عدم- مرڪزيت تي آڌاريل هوندو هو (جيئن وساپومل آسومل فرم وارو مامرو آهي، جيڪو حيدرآباد مان نرميءَ سان ضابطي هيٺ آيل ننڍين فرمن جي الحاق جو هڪ قسم هو): بهرحال معلوم ٿئي ٿو، تہ گھڻيون فرمون پنهنجو واپار ۽ ڪوٺيون مقامي طور رکيل منتظمن کي سونپينديون ٻہ، پنهنجي ڪاروبار تي مرڪزي اختيار رکڻ ۾ ڪامياب ويون هيون. پتو پوي ٿو، تہ وڏيون فرمون پگهاردار منتظمن کي، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر نفعي- ڀائيواري رٿائن جي ڪجهه قسمن جي واپار ۾ دلچسپي رکندا هئا. ٿن کي وڏي پيماني تي استعمال ڪرڻ جو لاڙو پڻ رکنديون هيون. هي طريقو ناٽيوڪوٽائي چيٽيار واپارين ۾ پڻ مروج هوندو هو: گماشتو پگهار وٺندو هو، ۽ سندس معاهدي ختم ٿيڻ سان، ڪيس واڌو رقم جي صورت ۾ نفعي جو حصو پڻ ڏنو ويندو هو. (9)

'پنهنجي شهر ۾ رهندڙ' سرمايدارَن پوءِ ڀلي اهو حيدرآباد جو هجي يا شڪارپور جو، سماجي ۽ ڪاروباري ڍَرَ جي ساڳي جنس يا ذات هجڻ ڪان پري هوندا هئا. شڪارپور ۾ ڪنهن قدر 'شاهوڪارن' ۽ 'سرافن' ۾ پيچيده يا گهڻو تفاوت هوندي به، اُهي پنهنجي دولت جي اصطلاحي شرطن ۽ پنهنجي ملڪيت جي ماهيت ۾ مختلف هئا. اسان ٻن وڏن شڪارپوري واپارين جي ملڪيت جي تفصيلي جائزي جا تفصيل ماٿڻ ۾ ڀاڳيرا آهيون، جن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڏکڻ- اوڀر ايران ۾ واپارَ لاءِ هندستاني حڪومت سان هڪ معاهدو ڪيو هو. هنن جي جيڪا ملڪيت (10) معاهدي ۾ جاٿائي وئي آهي، سا ٿن مختلف درجن تي مشتمل آهي: شهري ملڪيت ۾ چوڏهن جايون شڪارپور ۾ ۽ انهن جي ڀرپاسي موجود ملڪيت جي ماليت پنجاهه هزار روپين ڪان وڌيڪ هئي، زرعي زمين ۾ نَون مختلف ايراضين جي قيمت چاونجاهه هزار رپيا ۽ مختلف ڪارخانن ۾ ڀاڱن جي ڪُل ماليت ارڙهن هزار روپيا جاٿائي وئي هئي. جائزي ۾ روڪڙ ملڪيت نه جاٿائي وئي، جيڪا ضرور چڱي ماليت جي هوندي. هنن ٻنهي سرمايدارن ايران ۾ پنهنجي واپار کي ترقيءَ ڏيارڻ لاءِ گماشتا ڀرتي ڪيا، پر پاڻ سدائين شڪارپور ۾ ئي رهيا. هنن شڪارپوري واپارين جو عهدو ڇا رهيو هوندو، جنهن بابت بيشڪ چوڻ ڏکيو آهي. هڪ شڪارپوري 'شاهه'، جيڪو وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپاري مهم تي وڃڻ وقت لاڏاڻو ڪري ويو هو، تنهن جي ملڪيت پنهنجي اباڻي گهر مان ملندڙ حصي ڪان سواءِ، گهڻو ڪري وچ ايشيائي ملڪن مان ڪيس موڪلجندڙ روڪڙ رقم تي مشتمل هئي. (11)

سنڌورڪي واپار ڪندڙ گهڻا سرمايدار حيدرآباد ۾ رهڻ تي آسودا رهندا هئا ۽ سال جو گهڻو حصو پنهنجي واپار جي اصل ماڳ تي ئي گهاريندا هئا. بهرحال، ڪجهه سرمايدار پنهنجا گهر واپار واري مکيه هنڌ جوڙائيندا هئا، پر فرم جو مکيه- مرڪز اڪثر حيدرآباد ۾ ئي رهندو هو. 1909ع ۾ ڪراچيءَ ۾ويجهو ديهانت ڪندڙ ڀائي خانچند، کي. خانچند نالي فرم جو مکيه سرمايدار ۽ نسيٺ جو ڪاروباري هيڊڪوارٽر حيدرآباد ۾ واقع هو، ۽ ان جون واپاري ڪوٺيون بمبئي، قاهره، لگسر، آسوئان، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪندريا ۾ هونديون هيون. (12) ڀائي کانچند جي موت کان پوءِ ٽيندڙ ابتدائي جاچ ۾ قاهرا قونصلر کي ٻڌايو ويو، تہ 'هو قاهره ۾ رهندو هو.' هن ڳالهہ مان هي اشارو ملي ٿو، تہ هو پنهنجي اباڻي شهر حيدرآباد کان پوءِ قاهره ۾ رهڻ لڳو هو، تہ جيئن هو مصر جي راڄڌانيءَ ۾ پنهنجي ڪاروبار جي ويجهڙائيءَ کان نگرانيءَ ڪري سگهي. جهمٽمل گُربومل فرم جو اهم ۽ مُکيہ باني جهمٽمل گُربومل ميلواڻيءَ کي، 1911ع واري سنگاپور جي واپارين جي ڊائريڪٽريءَ ۾، (13) سوماترا جي اُوئسٽ ڪوائٽ جي شهر ميدان ديلي جو رهواسي ڄاڻايو ويو هو، جتيَ هن فرم جو وڏو واپار هلندڙ هو. هن ڳالهہ جو بہ پتو پوي ٿو، تہ ڏکڻ آفريڪا جي فرمن جا گهڻا مالڪ 1920ع کانپوءِ پنهنجي واپار وارن ماڳن تي پنهنجا گهر رهائش لاءِ جوڙائي چڪا هئا. (14) شايد سخت اميگريشن قانونن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ، جنهنڪري هندستان کان ڏکڻ آفريڪا تائين سفر ڏکيو بڻجي ويو هو. ڪجهہ سامهون ايندڙ واقعن مان پتو پوي ٿو، تہ ڪجهہ فرمن پنهنجا هيڊڪوارٽر پنهنجي واپار وارن ماڳن ڏانهن منتقل ڪيا هئا؛ اهڙيءَ ريت، 1911ع واري سنگاپور جي واپارين واري ڊائريڪٽريءَ مطابق (15)، ريلومل بالومل اينڊ ڪمپنيءَ فرم جي مکيہ آفيس سُراباپا ۾ هوندي هئي. وڏين فرمن جي اصل مالڪن منجهہ سڄي سال دؤران حيدرآباد ۾، ۽ سندن خاندان جي اُتي مستقل طور رهندي بہ، منجهن ڪنهن قدر باقاعدگيءَ سان پنهنجي واپاري ڪوٺين جي نگرانيءَ لاءِ سڄي دنيا جو سفر ڪرڻ جي عادت هوندي هئي. تنهن هوندي بہ، واپاري تنظيم يا جوڙجڪ جي نگراني گهڻو ڪري سندن گماشتا ۽ پگهاردار ملازم ئي ڪندا هئا.

## گردش ڪندڙ ماڻهو: گهورڙيا، گماشتا ۽ پگهاردار ملازم

1927ع ۾ حيدرآباد جي ضلعي منجسٽريٽ کي ڏنل هڪ درخواست ۾ (16)، سنڌورڪي واپاري جهانگيمل تيجومل ڪيمراڻي 1914ع ۽ 1925ع جي وچ واري عرصي دوران پنهنجي واپاري سفر متعلق ڄاڻ ڏني آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو، تہ هو پهريون ڀيرو 1914ع ۾، ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز فرم ۾ ڀائيوار جي حيثيت سان، هندستان کان روانو ٿيو هو، ۽ پهرين جبرالٽر ويو، پوءِ ٽينيرائيف، جتان وري بونيو ويو، ۽ پوءِ سال جي پڇاڙيءَ ۾ وري ڪولون پهتو هو. اُتي ڪجهہ مهينا گهارڻ کان پوءِ، هُو اپريل 1915ع ۾ هندستان موٽي آيو. هُو ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز جي ملازمت بابت پنهنجي سفر ۾ ڪجهہ بہ نٿو چوي، جنهنَ سان هو 1920ع تائين جڙيل رهيو. اسان پوءِ ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپريل 1925ع ۾ اسپين جي شهر مالاگاس ۾ ڏسون ٿا، جتي هُو ويرومل ليلارام فرم جي نوڪريءَ ۾ هو، جتان هُن ساڳئي سال جي جون مهيني ۾ پاناما ۾ ڪولن ڏانهن، جتي هُن پنهنجي ڪجهه مائٽن سان ڀائيواريءَ ۾ فرم جوڙي هئي، اُسهڻ کان اڳ ميليلا (اسپيني موراڪو) ۾ ڪانئن ڏار ٿيو هو. ايڏي وسيع مسافري سنڌورڪي واپارين جي بلڪل نياري ڳالهه آهي. هن خاص مامري ۾ پائنجي ٿو، تہ فضائي تحرڪ، سماجي تحرڪ سان جزوي ڳانڍاپو رکي ٿو، جو گماشتا نيٺ ترقي ڪري پاڻ 'شاهہ' ۾ بدلجي ويندا هئا.

شڪارپورين سميت سنڌورڪي واپاري، مجموعي طور پنهنجي 'شاهہ' يا فرم جي ملازمت دوران يا ڪنهن قدر پنهنجي ڪاروبار جي ڏس ۾ گهٽو سفر ڪندا هئا. هيءَ گردش ايڏي جوکائتي نہ هوندي هئي، پر ان جي ابتڙ گهٽو رواجي طريقو هوندو هو، جنهن ۾ زباني يا وري لکيل ٺاهہ جا معاهدا اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. هي سِڪيل افرادي قوت ۽ منتظمن جي گردش، بنيادي طور پورهئي جي گردش وارين ٻين صورتن کان مختلف نہ هئي، جيڪا دنيا ۽ هندستاني ننڍي کنڊ وچ ۾، خاص ڪري برما، سيلون ۽ مالايا ۾ ساڳي عرصي ۾ وڏي پيماني تي ٿيندي هئي. بهرحال، اهم فرق هي آهي، تہ 1922ع جي انڊين اميگريشن ايڪٽ جي منظوريءَ کان اڳ بينڪيتي رياست، منظم يا باقاعدي ايجنسيءَ جي حيثيت سان هن گردش جي ڪنهن بہ طريقي ۾ ملوث نہ هئي. هيءَ طريقو نجي مالياتي واپارين جي مڪمل منظم پورهئي جي گردش واري خاص روپ جي نمائندگي ڪندو هو. ساڳئي چرپر گجرات ۽ بمئي کان ايسٽ آفريڪا، ۽ تامل ناڊو کان ڏکڻ اوڀر ايشيا تائين موجود هئي. بهرحال، هي تجارتي افرادي قوت جي گردش ڪجهه هزار ماڻهن جي سالياني وهڪري جي نمائندگي ڪندي هئي، جيڪو گهٽي پيماني تي ساڳئي انگن جي واپسيءَ جو اجورو هو. جڏهن تہ انهيءَ مان هندستان کان ٿيندڙ ساليانو پورهئي جي وهڪري جي ننڍڙي سيڪڙي جو پتو پوي ٿو، پر هيءَ ڳالهہ سنڌس نجي فرمن جي تنظيم سازيءَ جي خاص طريقي، ۽ پرڏيهہ ويندڙ ماڻهن جي مهارت سبب ڌيان ڏيڻ لائق آهي.

جيئن تہ 'شاهہ' ۽ 'گماشتا' جي وچ ۾ ٿيندڙ معاهدي جي لکيت اسان کي نہ ملي آهي، تنهنڪري وچ ايشيائي ملڪن ۽ شڪارپور وچ ۾ ماڻهن جي گردش جي صحيح طريقيڪار بابت اسان کي گهٽ ڄاڻ آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندڙ اڪثر شڪارپوري سڀ کان پهرين اُتي شڪارپوري واپارين جي 'گماشتي' جي جاءِ تي ويا هئا. تنهن هوندي بہ هي سوال باقي رهي ٿو، تہ انهن جي سفر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ايندڙ خرچ سندن سيٺ پريندو هو يا مستقبل ۾ متوقع نفعي تي پيشگي رقم جي صورت ۾ اهو پاڙو ڏنو ويندو هو، جنهن تي اڳيا بحث ٿيڻو آهي. هن ڳالهه جي پڪ آهي، تہ شڪارپوري پنهنجي اباڻي رهائشي شهر ۽ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن خاص ڪري افغانستان ۽ ايران ڏانهن، تحفظ سبب ڪجهه ماڻهن جي ميڙ يا وڏن قافلن ۾ سفر ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت، اسان کي اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شڪارپورين جي هڪ قافلي بابت ٻُڌايو ويو آهي، جنهن ۾ اٽڪل پنجاهہ ماڻهو شامل هئا. تن کي روسي اختيارن افغانستان ۽ روسي شهنشاهيت جي سرحد تي روڪيو هو. (17)

ڪنهن شڪارپوري واپاري جو عام رواج يا طريقو هي هوندو هو، تہ هُو وچ ايشيا ڏانهن سفر ڪندو هو ۽ اُتي پنهنجو هڪ يا ڪيترائي گماشتا مقرر ڪندو هو. جڏهن هڪ پيرو وچ ايشيائي ملڪن ۾ گماشتا ويندا هئا، تہ اُهي شڪارپور ڏانهن ترت نہ موٽندا هئا، پر مختلف علائقن ڏانهن اڪثر سفر ۾ رهندا هئا. ۽ هنن جو اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ترڪستان کان بخارا امارات ڏانهن وڌندڙ رجحان هو. وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ شڪارپوري اڪثر 'ڊگهي مُدي تائين رهندڙ' بڻجي ويندا هئا. بهرحال، هنن مان تمام گهٽ ماڻهو انهن علائقن ۾ واپاري نفعي لاءِ رهائش اختيار ڪندا هئا، جيستائين منجهانئن ڪو وچي اسلام قبولي ۽ ڪنهن مقامي عورت سان شادي نہ ڪري، جيڪا بلڪل اٽلي ڳالهہ هوندي هئي. چڙا شڪارپوري ماڻهو پرڏيهہ لاءِ شڪارپور ڏانهن موٽندا هئا، ۽ سگهرا مائٽ سندس آڪهہ جو خيال رکندا هئا. شڪارپوري واپارين جي وچ ايشيائي ملڪن ۾ 'شهوتي معاشيات' (جنهن تي ڪنهن ٻئي هنڌ تفصيل سان بحث ڪيو ويندو) ائين شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ گردش جي انداز کي برقرار رکڻ جو فيصلائتو ڪردار نڀائيندي هئي.

حيدرآباد ۾ هي انداز ڪجهه وڌيڪ پَيڙو هوندو هو. ماڻهن منجهہ پيهر پرڏيهہ وڃڻ کان اڳ، وڃڻ ۽ موٽڻ جو سلسلو جاري رهندو هو، ۽ اُهي ڊگهي عرصي لاءِ ساڳي جاءِ تي ورلي رهندا هئا. ڪٽنبي تعلقات، شڪارپور جي پيٽ ۾ لڳاتار سفري انداز سان تمام سولائيءَ سان برقرار رهندا هئا. ٻنهي واپاري- سرشتن وچ ۾ تفاوت جو سبب سهنجائي ۽ سولائي هئي، جنهن هيٺ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن زميني سفر جي ڏکيائين کي ڏسندي، ڪو واپاري سمنڊ وسيلي بمبئي ۽ دنيا جي ڪنهن بہ بندرگاهہ ڏانهن عملي طور سفر ڪندو رهندو هو. حيدرآباد ۽ اصل ڪاروباري هنڌ وچ ۾ گردش جي ماهري ۾ پورهيت- پائيوار جون ذميواريون، تيل معاهدن ۾ واضح نموني جاڻايل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونديون هيون. ڇهن سالن جي معياري معاهدي ۾، مٿس هيءَ ذميواري فرض ٿيل هوندي هئي، تہ هُو واپار واري جاءِ تي لڳاتار ڇهن سالن تائين، ۽ موڪل تي اچڻ کانپوءِ هڪ سال حيدرآباد ۾ رهندو. سفري خرچ پائيوار کي برداشت ڪرڻا پوندا هئا.

گردش جو هڪ خاص روپ گهورڙيو آهي، جنهن بابت بلڪل گهٽ ڄاڻ آهي. سنڌورڪي واپار جي اوائلي ڏاڪي ۾، جنهن جا تاريخي نشان بلڪل ٿورا آهن، حيدرآباد کان پرڏيهہ ويندڙ ماڻهن جو جهجهو انگ گهورڙين تي ٻڌل هوندو هو. منجهانئن ڪجهہ فرمون ڪين ملازم رکنديون هيون، ۽ ڪجهہ وري پنهنجون ورتل شيون وڪڻندا هئا. ڪولمبو جهڙن ڪجهہ ماڳن تي سموري مقامي سنڌورڪي برادريءَ گهورڙين مان ترقي ڪئي هئي. معلوم ٿئي ٿو، تہ جن جاين تي گهورڙيا رڳو هڪ درجي جي نمائندگي ڪندڙ هئا، اُتي اُهي ويهين صديءَ دوران هوريان هوريان الوپ ٿي ويا. قاهره جي شاهدين مان ڄاڻ ملي ٿي، تہ اُتي پگهاردار گهورڙين جو طبقو هوندو هو. اسان هڪ حيدرآبادي واپاريءَ جي مقدمي بابت ٿيل سرڪاري لکپڙهہ منجهان گهورڙين جي اعلي طبقي جي جهلڪ ڏسي سگهون ٿا، جيڪو 1911ع ۾ لنڊن ۾ ڦاسي پيو هو، ۽ ڪيس هندستان لاءِ مقرر ٿيل رياستي سيڪريٽريءَ کان اٺ پائونڊ جي رقم اُڌار وٺڻي پئي هئي. (18) اُن شخص ٻڌايو، تہ هُن پنهنجي فرم (اين. شامداس اينڊ ڪمپني، جيڪا بمبئي ۾ ڪاروبار ڪندي هئي، پر مٿس حيدرآبادي واپاري ضابطو رکندو هو)، کپائيندڙ شين سان گڏ هندستان کان اٽلي روانو ٿيو هو، تہ جيئن هُو اُهي شيون اُتي رٿيل نمائش ۽ اٽليءَ ۾ کپائي سگهي. هن دعويٰ ڪئي، تہ هُو اطالوي ٻولي ڳالهائي سگهي ٿو، پر لکي نٿو سگهي. ميلان، ٽُران ۽ ٻين شهرن ۾ وڃڻ کانپوءِ، مٿس اٽليءَ ۾ نمائش جي اختيارين طرفان وڏيڪ اگهہ وٺڻ جي تهمت مڙهي وئي، ۽ هن لاس پاماس ڏانهن رواني ٿيڻ جو فيصلو ڪيو، جتي سندس فرم جي هڪڙي ڪوٺي هئي. هن اقرار ڪيو، تہ ڪيس ماهوار هڪ سؤ ڏهہ رپيا پگهار ڏنو ويندو هو، جنهن مان هُو سٺ رپيا بمبئي ۾ رهندڙ سندس آڪهہ کي موڪليندو هو. اها ڄاڻ نٿي ملي، تہ هي ڪيڏي وڏي درجي جو گهورڙيو هو.

بهرحال، هندستان کان ٻاهر سنڌورڪي فرمن جي پگهاردار ملازمن جي وڏي اڪثريت منتظمن، ڪلارڪن ۽ هيٺين ملازمن تي مشتمل هوندي هئي، جيڪي گودامن ۽ دڪانن تي مقرر ٿيل هوندا هئا. جيتوڻيڪ شڪارپوري فرمن جي ڪوٺين جي ايران ۾ پگهاردار منتظمن جا مثال پڻ موجود آهن، پر روسي انقلاب جي وقت تائين پگهار ڪنهن قدر جزوي عنصر هوندو هو. حيدرآباد ۾ پگهاردار ملازم رکڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام رواج بڻجي چڪو هو: هوريان هوريان واپاري- سرشتي ۾ پيرتي ٽيل مائٽاڻي ملازمن جي انگ کان پگھاردار ملازمن جو انگ وڏي چڪو هو. ڇوته پگھاردار ملازم ضابطي ۾ رکڻ آسان سمجھيا ويندا هئا. انهيءَ جو سبب هي آهي، ته معاهدا رسمي طور مختلف نوعيت جا هوندا هئا. جنهن ۾ پيشگي پگھار جو ڪجھ حصو ملازمن جي خاندان کي حيدرآباد ۾ ئي ڏنو ويندو هو. پگھار مقرر ڪرڻ مهل رقم جو ڪاٿو لڳائڻ ۾ سهولت ڏني ويندي هئي. مستقل ڪوليل دڪان آهستي آهستي اصل گهورڙئي جي جاءِ (مڪمل دبائڻ ڪانسواءِ) وٺندو هو. جيڪو پگھاردار مزدور جي استعمال ڏانهن محرڪ جي حيثيت سان ڪردار ادا ڪندو هو. انهن دڪانن تي نائب ملازمن جو وڏو انگ مقرر ٿيل هوندو هو (ويهين صديءَ جي اوائلي سالن ۾ مصر ۾ متناسب انگ ٻارهن هوندو هو) (19) ۽ اهي دڪان تنظيمي روپ ۾ وچٿري- صنعت جي نمائندگي ڪندڙ هئا. جن جو هندستان جي اڪثر ننڍڙن دڪانن جيان رڳو خانداني پورهئي سان انتظام سنڀالي نه سگھبو هو. هاڻي هتي به سوال اڀرن ٿا: دڪانن جا نائب ملازم خاص ڪري حيدرآباد کان ڇو گهرايا ويندا هئا. جڏهن ته اُهي مقامي طور يا هندستان (خاص ڪري بمبئي ۾) جي ڪنهن به حصي مان ڀرتي ٿي پيا سگھن. ۽ ڇا ڀرتي ٿيل ماڻهن کي حيدرآباد ۾ دڪان جي نائبن جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ جو تجربو هوندو هو؟ پهريون سوال اصل ڳالهه ڏانهن موٽڻ جهڙو هو. جيڪو مختلف ماڳن تي واپارين کان پڇيو ويندو هو. جڏهن تجارتي ملازمن جي گردش واري رستي ۾ رنڊڪون وڌيون ويون هيون. هن سوال واسطي به ساڳيو جواب مجبوريءَ هيٺ ڏئي سگھجي ٿو. مثال يعني رڳو ملازمت جي گهُرجاؤ حيدرآبادي نوجوان کي خاص مهارت هوندي هئي. ۽ هي ته رڳو انهن تي ئي ڀروسو ڪري سگھبو هو. جيئن اسان اڳتي ڏسنداسين، انهن سوالن مان ڪوبه سوال مڪمل طور قائل ڪندڙ نه آهي، ۽ هڪ ٻئي مفروضي، خاص ڪري حيدرآباد ۾ پائيبند برادريءَ منجھه وڏين سنڌورڪي واپارين جي واپرايل طرفداريءَ واري ڪردار تي ويچارڻو آهي، جنهن هڪڙي قسم جي برادريءَ جي نوجوان مرد رڪنن کي ڪم مهيا ڪري ڏيڻ جي ذميواريءَ جو قسم انهن لاءِ جوڙيو هو. ٻئي سوال جو ڪوبه ٺُز جواب مناسب انگن جي ڪوٽ ڪري نٿو ڏئي سگھجي. پر هن ڳالهه تي ويساهه ڪرڻ ۾ ڏکيائي پائنجي ٿي، ته حيدرآباد جهڙو ننڍي پيماني جو شهر، جيڪو ايڏو وڏو تجارتي مرڪز به نه هوندو هو ۽ مڪمل علائقائي واپاري مرڪز طور ڪم ڪندو هو، ايڏي وڏي پيماني تي 'هنرمند' تجارتي افرادي قوت پيدا ڪري سگھيو ٿي. هن ڳالهه جي پڪ آهي، ته حيدرآبادي فرمون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن نوجوان ماڻهن کي، پرڏيهه ۾ ڪم لاءِ ملازم طور ڀرتي ڪنديون هيون، تن کي 'نيم- عياشيءَ وارين شين جي دڪان ۾ نائب طور ڪم ڪرڻ جو ڪوبہ اڳواٽ تجربو نہ هوندو هو؛' انهن نوجوانن جو تعلق پائيبند آڪهين سان هوندو هو، جن جي تجارت ۽ حساب ڪتاب ۾ بنيادي تربيت بہ ٿيل نہ هوندي هئي، جنهن جو مطلب هي آهي، تہ اُهي مڪمل طور غيرهنرمند نہ هوندا هئا. هاڻي، هڪڙو پيرو وري تُز وقت جي ترتيب اسان کان گوءِ هٿي پچي وڃي ٿي، ۽ هي چوڻ ممڪن نہ آهي، تہ ڪڏهن پگهاردار ملازم، سنڌورڪي فرمن ۾ معياري خاصيت بڻيا. (20)

معاهدن ۽ ٻين موادن جي شاهديءَ مان هي نتيجو ڪڍڻ ممڪن آهي، تہ سنڌورڪي واپاري مقصدن لاءِ هندستان کان ٻاهر، حيدرآباد ۾ تہ- رُخي پورهئي جو مارڪيٽ موجود هو. پهريون طبقو يا رُخ گماشتن ۽ پگهاردار منتظمن جو سامهون اچي ٿو. ٻئي طبقي ۾ دڪانن تي ڪم ڪندڙن کي پورهيت- نائب، ۽ ٽين طبقي کي عام درجي ۾ 'نوڪر' چيو ويندو هو. ملازمن جي ورڇ جو بنيادي اصول 'ذات يا نک' نہ هوندو هو، جيتوڻيڪ لوهاڻا ء خاص ڪري پائيبند، انهن ٽنهي طبقن جي وڏي حصي سان واسطو رکندا هئا. معاشي ۽ سماجي رُتبو ضرور مکيہ عنصر رهيو هوندو، جو پائيبند پاڻ کي ٻين کان مٿانهون درجي تي رکندا هئا. هنن لاءِ رُتبو گهڻو ڪري دولت تي ٻَڌل هوندو هو. گماشتن جي خاص مهارت ۽ پس منظر بابت بلڪل گهٽ ڄاڻ موجود آهي، پر هي فرض ڪري سگهجي ٿو، تہ اهي عام طور مرد هوندا هئا، ۽ ڪين پراڻين ناياب شين ۽ ريشم جي ڪجهہ خاص ڄاڻ ۽ ٿورڙو تجارتي تجربو هوندو هو، جنهن منجهان آهستي آهستي 'سنڌورڪ' اصطلاح جي اصلي معنيٰ جُڙي. سنڌن لاءِ اهو اصطلاح خاص ڪري ڪيئن مروج ٿيو، سا ڳالهہ ايڏي واضح نہ آهي، ۽ هيءَ اصطلاح دڪان جي نائبن ۽ گماشتن وچ ۾ ضرور ڪنهن قدر تحرڪ ۾ رهيو هوندو. آهستي آهستي، دڪانن جي نائبن جي جاءِ پگهاردار- منتظمن والارڻ شروع ڪئي، جيتوڻيڪ اُهي درجي جي حيثيت سان مڪمل طور ڪڏهن بہ غائب نہ ٿيا. بدقسمتيءَ سان تاريخي دستاويزن ۾ پگهاردار منتظم جو ڪوبہ لکيل معاهدو نہ مليو آهي، ۽ رڳو اُڙي ٽُڙي ڄاڻ مون تائين پهتي آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن مئنيجرن جي ماهوار پگهار ڏيڍ سؤ رپين کان چار سؤ رپين جي وچ ۾ مقرر ٿيل هوندي هئي؛ ڄاڻ ملي ٿي، تہ منجهانئن گهڻن مئنيجرن جو ٿيل نفعي ۾ حصو پڻ هوندو هو، جيتوڻيڪ تفصيلي انتظامن بابت بلڪل گهٽ ڄاڻ آهي. تجارتي ڊائريڪٽرين مان شخصيتن جي ٻن ابتڙ قسمن جي موجودگيءَ جو انڪشاف ٿئي ٿو: ڪجهہ مئنيجر پنهنجي سڄي حياتي يا

پنهنجي ڪاروبار جو ڪجھ حصو هڪڙي فرم مرئي گڏاري ڇڏيندا هئا، جن جي هڪ ڪونيءَ کان ٻي ڪونيءَ تائين لڳاتار بدلي ٿيندي رهندي هئي. اهڙيءَ ريت، 1938ع واري هانگ ڪانگ جي واپارين جي ڊائريڪٽريءَ ۾ (21) هڪڙي مئنيجر جو نالو چاڻايل آهي، جيڪو پنهنجي سڄي زندگي، سورهن ورهين جي ڄمار کان وٺي وسايومل آسومل فرم سان گڏ ڪم ڪندو رهيو، جنهن کي ڏهن سالن لاءِ پينانگ ۽ اپوھ ۾ مقرر ڪيو ويو هو، پوءِ هڪ سال لاءِ بينڪاڪ ۾، سائيگون ۾ ٽن سالن تائين، سُورابا ۾ پنجن سالن، ۽ ٽيتاليھ ورهين جي ڄمار تي پهچڻ کان اڳ هانگ ڪانگ ۾ فرم جو مينيجر ٿيڻ کان اڳ، ڇهن سالن تائين سنگاپور ۾ ڪم ڪندو رهيو. ٻيا وري ڊگهي عرصي تائين هڪڙي فرم کان ٻي فرم بدلائيندي به، ساڳي جاءِ تي رهڻ جي خواهش ڪندا هئا. هڪڙو ٻيو مئنيجر به ساڳئي ڊائريڪٽريءَ (22) جي فهرست ۾ شامل آهي، جنهن پنهنجي سڄي ڪاروباري حياتي هانگ ڪانگ ۾ گذاري، جيڪو پهرين ڊي. چيلارام فرم وٽ پنجن سالن تائين مئنيجر رهيو، پوءِ ايم. ڏيئلداس ليند سنز وارن وٽ ڇهن سالن تائين انتظامي- ڀائيوار جي حيثيت سان، پوءِ پنجن سالن تائين پوهومل برادرز وٽ رهيو، جنهن کان پوءِ هن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. انهيءَ مان هن ڳالھ جو پتو پوي ٿو، تہ فرمون عام طور اهڙين پاليسين جي پوئواري نہ ڪنديون هيون، جنهن جو مطلب پنهنجي مئنيجرن جي ڊگهي مُدي تائين وفاداريءَ جي پڪ هجي. ڪنهن مئنيجر طرفان هڪ سنڌورڪي فرم کان ٻئي ڏانهن وڃڻ جي سهولت (جڏهن سدائين حيدرآبادي فرمن جو ملازم رهي) منجهان هي اشارو ملي ٿو، تہ 'ساڳي ڳوٺريءَ ۾ رهڻ' حدبندين کان ٻاهر نہ سمجهيو ويندو هو، ۽ اهي فرمون واقعي ٻين لاءِ ڳجهيون نہ هونديون هيون. هيءَ ڳالھ تمام ويجهڙائيءَ کان واپاري- سرشتي ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل هجڻ واري تاثر تي زور ڏئي ٿي، جنهن ۾ مختلف فرمن وچ ۾ ڇتاپيپتيءَ واري ڪيفيت موجود هئي.

پورهئي واري مارڪيٽ ۾ ٻيو طبقو 'دڪان جي نائبن' سان واسطو رکندو هو. دڪانن جا اُهي نائب، ويهين صديءَ ۾ سڄي دنيا ۾ سنڌورڪي برادريءَ جي ڦهليل واپار سان واسطو رکندا هئا. مثال طور تفصيلي انگن اکرن مان پتو پوي ٿو، تہ 1939ع ۾ جبرالٽر ۾، سنڌورڪي واپارين جا ايڪانوي نائب ملازم ۽ پنجويھ مئنيجر هوندا هئا. (23) جيڪا شرح هڪ مئنيجر جي ڇهن نائبن سان وڃي بيهي ٿي. معلوم ٿئي ٿو، تہ اڳوڻن سالن ۾ پرڏيهي ملڪن ۾ ملازمن جي داخلا تي پابندي يا رنڊڪ سنڌورڪي فرمن کي ملازمن ۾ گهٽتائي آڻڻ تي مجبور ڪيو هو. پرڏيهي ملڪن ۾ سنڌورڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمن جي ڪوٺين جي خاص تنظيم ڪي ڏسندي، جيئن اها تجارتي ڊائريڪٽرين ۾ بيان ٿيل آهي، ڪو ماڻهو ملازمن جي خاص انداز واري مهارت جي موجودگيءَ تي ڌيان ڏيندو. اهڙيءَ ريت، 1911ع جي سنگاپور جي ڊائريڪٽريءَ مطابق، ڪي. اي. جي. چوتريمل فرم جي مقامي طور ٿهيل آفيس ۾ ست ملازم ڪم ڪندڙ هئا، جن ۾ هڪ ريزيڊنٽ مئنيجنگ- پائيوار، هڪ نائب، هڪ سيلزمين، هڪ ڪلارڪ ۽ هڪ بل ڪليڪٽر، هڪ سنڌي ڪلارڪ، هڪ اسٽور ڪيپر ۽ هڪ 'گھورڙيو' شامل هو. سنگاپور جي هڪ سنڌورڪي فرم ۾ هڪ سنڌي ڪلارڪ ۽ هڪ انگريز ڪلارڪ ڪم ڪندو هو. هڪ ٻي فرم وٽ برآمد ۾ خاص ماهر ڪلرڪ هوندو هو. تجارتي ڊائريڪٽرن مان اسان دڪانن جي عام نائبن ۽ مئنيجرن وچ ۾، ملازمن جي وچين طبقي واري قسم جي موجودگيءَ جو ادراڪ ڪيون ٿا. پر سنڌن پگھارن ۽ ملازمت جي حالت بابت تفصيلي ڄاڻ ملڻ ممڪن نہ رهي آهي. هيءَ ڄاڻ نہ آهي، تہ ڪين حيدرآباد ۾ خاص مهارت واري ملازمت لاءِ ڀرتي ڪيو ويو هو يا نہ. يا جڏهن اُهي واپار واري جاءِ تي پهتا هئا، تہ ڪين اها خاص نوڪري ڏني وئي هئي. جيتوڻيڪ پوءِ وارين تاريخن ۾ اسان ڪي ڪجھ مسلمانن سميت چيني نالن وارا ملازم ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اهي حالتون بلڪل غيرمعمولي آهن. عملي طور دڪانن جا سمورا نائب، حيدرآباد ۽ سنڌس ڀرپاسي واري وسندين مان معاهدي تي ڀرتي ڪيل هئا. انهن معاهدن ۾ سنڌن واضح طور حق ۽ ذميوارين سميت ملازمت جي مالياتي حالت بہ ڄاڻايل هوندي هئي. 1922ع کان اڳ، اهي معاهدا حيدرآباد ۾ لکيت ۾ ڪيا ويندا هئا ۽ ڪين مقامي مئجسٽريٽ وٽ داخل ڪرايو ويندو هو: جيتوڻيڪ انهن معاهدن جي قانوني حيثيت هوندي هئي، پر اُهي مڪمل طور نجي معاهدا هوندا هئا. 1922ع ۾ نئين انڊين ايميگريشن ايڪٽ جي منظوريءَ کانپوءِ (1917ع ۾ ايميگريشن جي منسوخيءَ کان پوءِ)، جيڪو هندستان کان پرڏيهہ ويندڙ پورهئي جي سمورين حالتن سميت هنرمند ڪاريگرن تي لاڳو ٿيندو هو، جنهن ۾ تجارتي ملازمن جو خاص درجو ڄاڻايل هوندو هو، ۽ انهن معاهدن تي ڪراچيءَ ۾ پرڏيهہ ويندڙ ماڻهن واري شعبي جي پروٽيڪٽر اڳيان صحيحون ڪيون وينديون هيون.

1901ع ۾ حيدرآباد ۾ (24) تيل هڪڙي معاهدي جي، ڪراچيءَ (25) ۾ 1929ع ۾ ٿيندڙ معاهدي سان ڀيٽ ڪندي پتو پوي ٿو، تہ مکيہ شقن ۽ شرطن ۾ بلڪل ٿورڙي تبديلي آئي هئي. اهي شقون ملازمت جي عرصي سان لاڳاپيل هيون، جنهن جو عرصو ٻنهي معاهدن ۾ اڍائي سال ڄاڻايل هو: 1901ع واري معاهدي ۾ پگھار پنجيتاليهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپيا مقرر ٿيل هئي، جنهن ۾ واڌ آڻي پگهار پنجاهه رپيا ڪرڻي هئي، ۽ 1929ع واري معاهدي ۾ ابتدا ۾ پگهار پنجاهه روپيا مقرر ٿيل هو (جيڪو 1901ع ۾ پنجيتاليهه رپين کان گهٽ اثرائتو هو)؛ معاهدي ۾ ملازمن جي نيايل ذميوارين جي تُز ماهيت: ملازم رکندڙ جي خرچ تي واپار واري جاءِ تي ملازم کي ملندڙ رهائشي سهوليتن جو اندازو؛ معاهدي جي ڀڃڪڙيءَ جي صورت ۾ سنڌس برطرفيءَ جو مواد، وغيره ڄاڻايل هو. 1929ع واري معاهدي ۾ مالڪ ملازم کي مليل سهوليتن تي ايندڙ خرچن جون ضمني شقون (جڏهن ته 1901ع جي معاهدي ۾ رکو ڪاڏو شامل هو، ۽ 1929ع واري معاهدي ۾ 'رهائش، ڏاڙهي لهرائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ جي خرچن' کي پڻ شامل ڪيو ويو هو)، طبي خرچن جي سهوليت، معاهدي جي مُدو ختم ٿيڻ کان اڳ هندستان ڏانهن موٽڻ جي امڪان، ۽ مختصر طور ڪنهن اُتيل قڏي جي نبيري جون شقون (جن کي هندستان کان ٻاهر برطانوي قونصل ۽ هندستان ۾ سنڌورڪي واپارين جي پنچائت ڏانهن موڪلڻو هو)، شامل ڪيون ويون هيون. مجموعي طور ملازمن کي 1901ع کان 1929ع جي معاهدن ۾ وڌيڪ تحفظ ڏنل هو، تنهن هوندي به معاشي طور سندن حالت ۾ گهٽو سُڌارو نه آيو هو، پر حقيقت ۾ ٿوري مخالف صورتحال پيدا ٿي هئي، جنهن حالت مان بيشڪ پورهئي جي طلب ۾ ٻاڙائيءَ تي روشني پوي ٿي. هڪڙو سوال اُڀري ٿو، ته انهن معاهدن کي اقرارنامي جي روپ ۾ سمجهي سگهجي ٿو يا نه. جيئن انهن بابت 1907ع ۾ سنڌورڪي واپارين ڏکڻ آفريڪا جي ڪيپ ٽائون اختيارن آڏو داخل ڪيل درخواست ۾ دعويٰ ڪئي هئي (26). 1862ع (27) ۾ ٿيندڙ معياري اقرارنامن جي معاهدن سان ڀيٽ ڪندي پتو پوندو، ته دڪان جي نائبن سان ٿيل معاهدن ۾ سندن جزوي عرصي (پنجن سال بجاءِ اڍائي سال) ۽ انهيءَ حقيقت وسيلي تميز ڪئي وئي هئي، ته معاهدي جي مدي ختم ٿيڻ کانپوءِ کين غيرمشروط طور واپس سفر تي موڪليو ويو هو. گڏوگڏ انهن کي ملندڙ پگهارَ (ڇهن روپين جي تناسب سان)ماريشس ۾ زرعي پورهيتن کي ڏني ويندڙ پگهار کان وڌيڪ هوندي هئي. (28) سنڌ ۾ 1901ع ۾ پنجيتاليهه کان پنجاهه روپين تائين (ڪنهن زرعي مزدور جي مناسب مزدوري ڏهه روپيا) ماهوار سُني مزدوري هوندي هئي. (29) بهرحال انهيءَ ڳالهه جا اشارا آهن، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي، ته پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ دڪانن تي مقرر ٿيل نائبن جي نسبتي حالت ۾ ڏينهون ڏينهن بگاڙ آيو. 1929ع ۾ مصر ۾ دڪان جي نائب کي ملندڙ پگهار ۾، 1901ع جي ڀيٽ ۾، واڌ نه آئي هئي. 1930ع ۾ سنگاپور ۾ پگهارن جي ڏس ۾ (30) مقامي صحافين طرفان ڪيل جاچ هيٺ گڏ ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات مان اشارو ملي ٿو، تہ انھن کي ماھوار ٽيھہ رپيا پگھار ملندو ھو. ھڪ پوڙھو سنڌوَرڪي واپاري پنھنجون سارو ٽيون ٻُڌائيندي چوي ٿو، تہ ھن 1934ع ۾ ماھوار پنجويھہ روپيا پگھار سان رنگون ۾ دڪان جي نائب طور پنھنجو ڪاروبار شروع ڪيو ھو. (31) دڪانن جا نائب، خاص طور انھيءَ حقيقت کي سامھون رکندي ڏسبو، تہ ھنن جا عام رواجي خرچ سندن مالڪ ادا ڪندا ھئا. نسبتي طور سُٺي درجي جي چڱي- پگھار وٺندڙ پورھيت ھئا. پر اُھي اڪثر تجارتي جاين جي سوڙھين ۽ غير صحتمند ڪوٺين ۾ رھندا ھئا. انھيءَ مان پتو پوي ٿو، تہ اُھي ان طريقي سان پنھنجي پگھار جو وڏو حصو بچائڻ ۾ سوپارا ٿيندا ھئا: ڪجھہ صورتن ۾ اُھي پنھنجي پگھار جو ڪجھہ حصو حيدرآباد ۾ موجود پنھنجي ڪٽنب کي اڪثر موڪليندا رھندا ھئا، (32) ۽ گھڻو معاوضو باقاعدگيءَ سان موڪليندا ھئا. (33) دڪانن جي نائبن کي ملندڙ پگھارن سميت ننڍن واپارين جي ڪمايل نفعي سبب، حيدرآباد جا ڪيترائي نسبتي غريب خاندان پنھنجي پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا ھئا. (34) اھي تبديليون موڪليل رقمن واري معشيت جو اھم حصو ھيون، جيڪا سنڌوَرڪين جي ڇوڏاري شھرن ۾ وڌندي رھي.

پورھيتي واريءَ مارڪيٽ جي ٽئين طبقي ۾ اھي ملازم شامل ھئا، جن کي عام طور 'نوڪر' چيو ويندو ھو. 1905ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل ھڪ معاھدي مان، جيڪو قاھره قونصلر ڪورٽ (35) جي تاريخي دستاويزن مان مليو. دڪان تي ڪم ڪندڙ نائبن جي معاھدن سان ڪافي ٺھڪندڙ ڳالھين جو پتو پوي ٿو، پر منجھن ڪجھہ اھم تفاوت پڻ موجود ھئا. جنھن مان سڀ کان اھم ڳالھہ ھيءَ ھئي، تہ پگھار جي سطح تمام گھٽ ھئي (پھرين سال لاءِ ڏھہ رپيا، جيڪي ٻئي سال وڌي ٻارھن رپيا ۽ ٽئين سال پندرھن روپيا) ٿيڻا ھئا، ۽ ٻي ڳالھہ ھي تہ جيڪا رقم حيدرآباد ۾ ملازم ڪٽنب کي نہ ڏني وئي ھئي، سا رقم مالڪ ملازمت جي عرصي جي پورائيءَ تائين پاڻ وٽ رکي. ھيءَ بيشڪ اھڙي شق ھئي، جيڪا اقرارنامي جي پيچڪڙي ھئي. پر معاھدي ۾ جاٽايل ڪنھن بہ ڳالھہ ۾، جيڪو عام رواجي شرطن تي لکيل ھو، ڪنھن نوڪر کي سونپجندڙ ڪم، ڪنھن دڪان جي نائب کي ملندڙ ذميوارين کان واضح فرض رکندڙ ھو. بھرحال، عملي طور عدالت ۾ ھلندڙ مختلف مقدمن جي شاھدين جو جائزو وٺڻ مان پتو پوندو، تہ دڪان جي نائب جون ذميواريون، نوڪر جي ذميوارين کان وسيع سطح جون ھونديون ھيون. نوڪر کي مئنيجر جي گھر ۾ گھريلو مامرن جي ادائيگي لاءِ ڪاڏي پچائڻ سميت عام ھٽرادو ڪم ۽ دڪان تي گھُربل ڪم بہ ڪرڻا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندا هئا. گڏوگڏ منجهانئس دڪان جي اڳياڙي ڊوئڻ يا موتين کي چنڊڻ ڦوڪڻ واري ڪم جي بہ توقع ڪئي ويندي هئي.

معلوم ٿئي ٿو، تہ رڌپچاءَ جي ڏس ۾ وقت گذرندي مزيدار ارتقا ٿي آهي. 1890ع دوران آسٽريليا مان مليل شاهدين مطابق، (36) رواج موجب حيدرآباد ڪان اوچي- ذات جا (شرما) بورچي گهرايا ويندا هئا، جن جي انگ جي شرح ڇهن ملازمن ۾ هڪ هوندي هئي، ۽ بورچي 1920ع ۾ جبرالٽر جي ملازمن واري فهرست ۾ (37) نهايت وضاحت سان ڄاڻايل آهن. پتو پوي ٿو، تہ آهستي آهستي بورچيءَ جون ذميواريون عام- مقصد وارا 'نوڪر' ادا ڪندا هئا، جيڪي پڪ سان اوچي- ذات جا نہ هوندا هئا. خاص ڏر جا سُڌريل بورچي غائب ٿيڻ واريءَ ڳالھ ڪي، پرڏيھ ۾ رهندڙ هندو واپارين وچ ۾ پاڪائي ۽ گندگيءَ (فرقو لوئجڻ) بابت، مذهبي روايتن ۽ اصولن جي ڪمزوريءَ تي روشني وجهندڙ جي حيثيت سان ڏسي سگهجي ٿو. هيءَ ڳالھ بيشڪ گهٽي دنياوي سوچ ويچار جو نتيجو هئي، خاص ڪري پرڏيھ ويندڙ ملازمن جي انگ تي وڌندڙ پابندين مالڪ- واپارين کي مجبور ڪيو، تہ اُهي غير- ضروري ملازمن ۾ ڇانٽي ڪن، چوتہ هيءَ ڳالھ واضح آهي، تہ بورچين کي غير-ضروري ملازم سمجهيو ويندو هو.

سنڪيانگ مان مليل شاهدين منجهان، شڪارپورين منجھ مختلف 'نوڪرن' جي مختلف طبقن جي موجودگيءَ جو انڪشاف ٿئي ٿو، جن کي مقامي هارين کان طاقت وسيلي بہ قرض وٺڻ جي ذميواري سونپي ويندي هئي. (38) منجهانئن ڪجھ ماڻهن بابت ظاهر ٿئي ٿو، تہ مقامي ماڻهن منجهان 'بدمعاش'، جن ماڻهن جو ڏوهي رڪارڊ هوندو هو، تن کي بہ ڀرتي ڪيو ويندو هو. بهرحال اهو پتو نٿو پوي، تہ اهي پگهاردار ملازم هوندا هئا يا نہ. انهن کي واضح طور ڪميشن سرشتي هيٺ معاوضو ڏنو ويندو هو، ۽ انهن کي گماشتن جي خاص طبقن ۾ شامل ڪيو ويندو هو.

'دڪانن تي مقرر ٿيل نائبن' ۽ 'نوڪرن' جي ٻن طبقن وچ ۾، پورهئي جي مارڪيٽ ۾ ورڇ کي ڌيان ۾ رکندي ڏسبو، تہ مهارت جي مختلف سطحن بابت ساراھ جوڳو مفروضو خاص ڪري خواندگي آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ دڪانن جا نائب سنڌي پڙهيل هوندا هئا ۽ اُهي انگريزيءَ لکڻ سميت جڏي ڦڏي انگريزي ڳالهائيندا بہ هئا، جيڪا دڪان تي آيل ڪنهن عالمي سياح سان مامرا طئي ڪرڻ مهل واپرائيندا هئا. ٻئي پاسي نوڪرن بابت امڪان آهي، تہ اُهي اڻ پڙهيل هوندا هئا ۽ پڪ سان ڪين انگريزيءَ جي ڄاڻ نہ هوندي هئي. هيءَ بہ پڪ آهي، تہ 'دڪانن جي نائبن' جا امڪاني طور مالڪن سان خانداني تعلقات هوندا هئا، (39) پوءِ اهي رت جو رشتي يا مائٽيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا هئا يا نه. جڏهن ته نوڪر مڪمل طور مائٽيءَ ۽ رت جي رشتن کان ٻاهر ڀرتي ڪيا ويندا هئا. هن ڳالهه مان ايڏي ڏگهي مفاصلي تي واپاري- سرشتي جي ترقيءَ ۾، ويجهن مائٽن جي واپاري ڪردار جو اهم سوال اُڀري ٿو.

## واپاري- سرشتي ۾ مائٽ ملازمن جو ڪردار

جيئن ته مائٽاڻو واپاري- سرشتو، عالمي واپاري دنيا جي واڌ ۽ اُڀار ۾ مرڪز هوندو هو، سو ڪنهن قدر ظاهري ۽ نُڪتن موجب آهي، پر هيءَ پڪ آهي، ته سندس ڪردار ۾ وڌاءَ جو لاڙو آهي. هن مسئلي کي سُلجهائڻ لاءِ جاڪوڙيندڙ تاريخدان کي جنهن اهم ڏکيائيءَ کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو، سا ڀروسي جوڳن انگن اکرن جي کوٽ آهي. دستاويزن جو جيڪو قسم، جيئن واپاري لکتون يا تجارتي ڊائريڪٽريون وڏي پيماني تي موجود آهن، سي ورلي ان نُڪتي تي روشني وجهن ٿيون. وڌيڪ تفصيل سان شاهديون عدالتي مقدمن ۽ وراثتي دستاويزن مان ملن ٿيون، پر ڪين واپرائڻ مهل ڏاڍي خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. آءٌ محدود شاهدين جي آڌار تي رڳو هي چئي سگهان ٿو، ته واپاري- سرشتي ۾ مائٽاڻي واپاري- سرشتي وچ ۾ ڪا مڪمل موافقت نه هئي. مثال طور، تاريخي دستاويزن مان جيڪي صحيح ٺيل معاهدا مليا آهن، سي انهن ماڻهن وچ ۾ ٺيل هئا، جيڪي پاڻ ۾ مائٽاڻي- رشتي ۾ ڳنڍيل نه هئا. بيشڪ هي دليل ڏئي سگهجي ٿو، ته اُهي غير نمائندا هئا. ۽ ٻيو هيءَ ڳالهه واضح هئي، ته جڏهن مائٽاڻو سرشتو عمل نه ڪندو هو، تڏهن مائٽن کي پڻ قانون موجب لکيل معاهدا ڪرڻا پوندا هئا. شڪارپور جي ڏس ۾ جيڪو مواد موجود آهي، سو ان حقيقت کان متاثهون سوچيندي ته 'شاهه' ۽ 'گماشتا' عام طور پاڻ ۾ مائٽاڻي رشتي ۾ جُڙيل هوندا هئا، واپاري- سرشتي ۾ مائٽن جي نڀايل مختصر ڪردار جي تشخيص ۽ اندازي جي اجازت نٿو ڏئي. بهرحال، حيدرآباد واريءَ حالت ۾، 16-1915ع ۾ سنڌ جي ضلعي مئجسٽريٽ طرفان سنڌورڪي واپار جي خيال کان پرڏيهه ويندڙ ماڻهن کي جاري ٿيل سڃاڻپ سرٽيفڪيٽن مان مليل ڄاڻ جو جائزو وٺندي، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ممڪن آهي. پرڏيهه ويندڙ 572 ماڻهن منجهه 212 شخص سنڌورڪي واپارين جي پُٽن، ڀائرن، سئوٽن يا ڀائيٽين جي حيثيت سان ڄاڻايل آهن. ائين چاليهه سيڪڙو کان به گهٽ ماڻهو واپارين جي ويجهي مائٽاڻي واپاري- سرشتي وسيلي ڀرتي ڪيا ويا. ڪجهه خاص ماڻهن کي سنڌورڪي ملازمن جا مائٽ به ڄاڻايو ويو، پر اڪثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جو واپاري خاندانن سان ناتو هو، جيڪي سڄي طرح سنڌورڪي واپار سان لاڳاپيل نه هئا. منجهانئن ڪجهه شايد سنڌورڪي واپارين سان ڏورانهين مائٽيءَ جي ناتن سان ڳنڍيل هئا. بهرحال، دستاويزن مان مليل تفصيلي انگن اکرن منجهان واپاري- سرشتي ۽ مائٽاڻي واپاري- سرشتي وچ ۾ محدود موافقت جي موجودگيءَ کي ڏسڻ ممڪن آهي.

هن حقيقت کي واضح ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. هڪ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي، ته رشتيدارن کي ملازمت ۾ رکڻ کي اوليت ڏيڻ واري ڳالهه، جيئن اڪثر نتيجو ڪڍيو ويجي ٿو، واپارين وچ ۾ ثقافتي طور طئي ٿيل نه هوندي هئي، پر اهو موقعي جو معاملو وڌيڪ هوندو هو. جنهن صورت ۾ واپاري- سرشتو اجا چڱيءَ ريت مستحڪم نه هوندو هو، ته واپاري پنهنجي رشتيدارن کي ملازم طور رکندا هئا، ڇوته وٽن ٻيو ڪو چارو نه هوندو هو؛ پر هڪ ڀيرو جڏهن پورهئي جي مارڪيٽ وڏي کُلي ويندي هئي، ته رشتيدارن ۽ غير رشتيدار ملازمن جي ڀرتيءَ وچ ۾ تميز جو امڪان اُڀرندو هو، ۽ هنرمنديءَ جهڙا ٻيا معيار چونڊ ۾ ضروري عنصر ۽ معيار بڻجي ويندا هئا. ۽ انهيءَ طريقي سان واپاري- سرشتي ۾ چڱا نتيجا نڪرڻ لڳندا هئا. يا وري ڪو ماڻهو مختلف خيال به رکي سگهندو هو، ڇوته رشتيدارن جي ڀرتيءَ واري اوليت، ڪمزوريءَ جي حد تائين 'ثقافتي طور' گهيريل به هوندي هئي، پر واپاري- سرشتي جي ڦهلاءَ ۽ پکيڙ فرمن جي مُک مالڪن کي، پنهنجي رشتيدارن کي ملازم طور رکڻ جي اوليت جي هوندي به، پنهنجي واپار لاءِ رشتيداريءَ کان ٻاهر گماشتا ۽ ٻيو عملو ڀرتي ڪرڻ تي مجبور ڪيو. بهرحال، رشتيدارن کي ملازم طور رکڻ کي اوليت ڏيڻ 'ڀروسي ۽ ويساهه' واري سوال سان ڳنڍيل آهي، ڇوته رشتيدارن کي ملازم رکڻ واري اوليت عام طور انهيءَ حقيقت ڏانهن منسوب ڪئي ويندي هئي، ته رشتيدار، غير-رشتيدار ملازمن کان وڌيڪ ڀروسي جوڳا سمجهيا ويندا هئا. انهيءَ معاملي تي اڳتي وڌيڪ ڳالهايو ويندو.

بهرحال، واپاري- سرشتي ۽ واپار جي اصل ماڳن وچ ۾ گردش، رشتيداري واپاري- سرشتي وسيلي بنيادي طور منظم ٿيل نه هوندي هئي. جيستائين حيدرآباد جو واسطو آهي، اسان ڏٺو آهي ته 16-1915 ۾ سنڌورڪي واپار لاءِ پرڏيهه ويندڙ 572 ماڻهن مان اُسي ماڻهن وٽ هڪ فرم سان ٿيل معاهدا موجود هئا، جنهن کين سفري خرچ به ڏنو هو. انهن مان گهڻا ملازم ميڙ جي صورت ۾ سفر ڪندا هئا. اها حالت رڳو ننڍين فرمنّ جيَ آهي، جو رشتيدار واپاري- سرشتي ۽ فرمن وچ ۾ موافقت جي وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سطح موجود هوندي هئي. پر وڏين فرمن منجهه اها موافقت موجود نه هوندي هئي، جيتوڻيڪ هڪ وڏي فرم (40) جي مئنيجر انهيءَ ڏس ۾ ان جي ابتڙ دعويٰ ڪئي هئي. وڏيون فرمون اڪثر پنهنجي ملازمن جي ڀرتيءَ ۾ مکيه مالڪ يا سيٺ جي رشتيدارن کي واضح اوليت نه ڏينديون هيون. هيءَ ڳالهه شايد رڳو انهن منجهه هوندي هئي، جيڪي ڪنهن فرم جي جوڙجڪ کان ٻاهر گردش ڪندا هئا، جو رشتيداري، منظم گردش ۾ ڏاڍو اهم ڪردار ادا ڪندي هئي. ڪو شخص تصور ڪري سگهي ٿو، ته جيڪي ماڻهو ڪنهن فرم سان معاهدي ڪانسواءِ پرڏيهه ويا هئا، تن جي سندن رشتيدار مالڪن مالي مدد ڪئي هئي، ۽ اڪثر شخصن 'لڏپلاڻ جي سنگهر' جي خاص طريقيڪار ۾، محافظ جي حيثيت سان ڪردار ادا ڪيو هو.

حيدرآبادي واپارين جي واپاري- سرشتي ۾ ملازمن جي گردش واري طريقي کي، جيڪو ڏکڻ ايشيائي واپارين جي عام خاصيتن سان ٺهڪجندڙ هو، ۽ اهو طريقو وڌيڪ يورپي واپاري فرمن جي خاصيت هوندي هئي، گهڻ رُخي انداز سان ڏسي سگهجي ٿو. خاص ڪري وڏيون فرمون، تيزيءَ سان پنهنجي رشتيدارن کي ڇيڙڻ بنا پنهنجي گهُرج موجب ملازمن جي واري ڦيري ڪنديون رهنديون هيون. حيدرآباد جي پڪي پختي واپاري- سرشتي ۾، ڀرتي ۽ ملازمن جي گردش واري سطح تي رشتيداري وڏي پيماني تي باقياتي درجابندي جي حيثيت سان ڪردار ادا ڪندي، ۽ رشتيداري بيشڪ سرشتي جو منطقي بُڻ بنياد نه هوندي هئي.

## مالياتي وهڪرو

واپاري- سرشتي ۾ ماڻهن جي گردش، مالياتي گردش جي انيڪ صورتن سان ويجهڙائيءَ کان ڳنڍيل هوندي هئي. شاهه- گماشتا سرشتو، گردش جي انهن ٻنهي روپن کي واضح طور پاڻ ۾ جوڙڻ لاءِ ڪڍيو ويو هو. بهرحال، اهو سڀني مالياتي وهڪرن کي گهيري ۾ نٿو آڻي، جيڪي واپاري- سرشتي ۾ نئون روح ڦوڪيندا هئا. شاهه- گماشتي سرشتي وسيلي ٿيندڙ گردش بنيادي طور ڊگهي- مُدي يا وچ مُدي واري موڙيءَ جي هوندي هئي، ۽ اها واپاري- سرشتي جي مکيه مرڪزن کان واپار جي مکيه جاين ڏانهن گردش ڪندي هئي. ننڍي- مُدي وارن قرضن لاءِ واپاري ٻين مرڪزن تي ڀاڙيندڙ هئا، جيڪي وڌيڪ مقامي هوندا هئا. شڪارپوري وراثتي دستاويزن مان پتو پوي ٿو، ته رهتن منجهه، جيڪي گهٽين وراثتن جو ضروري حصو هونديون هيون، 'واڻين ڏانهن قرض' جو درجو به شامل هوندو هو، جيڪو 'گماشتن ڏانهن قرض'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري درجي کان مختلف هوندو هو. هي قرض ڏيڻ جو 'اُفقي' طريقو، 'عمودي' طريقي سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندو هو، جيڪا 'شاهه- گماشتا' سرشتي جي خاص ڳالهه هوندي هئي. وچ ايشيائي ملڪن ۾، وياج تي ناڻو ڏيڻ ۾ سمورن شڪارپورين جو مقصد مقامي هارين کي قرض ڏيڻ نه هوندو هو، جيتوڻيڪ هي سندن سرگرمين جو تيزيءَ سان وڌندڙ مکيه ڪارج يا مقصد هوندو هو. متوازي قرضن جو سرشتو، پنهنجي مکيه وياج تي پئسا ڏيڻ جي ڪاروبار کان ٻاهر برادريءَ جي ماڻهن کي وڏيڪ اُڌار ڏيندي، واپار ۽ ٻين سرگرمين ۾ ملوث شڪارپورين جي ننڍي- مُڏي وارين گهرجن جو پورائو ڪندو هو، پر انهي ڏس ۾ انگن اکرن جي کوٽ سبب ڪنهن شخص کي وڏيڪ ڪجهه چوڻ جي موڪل نٿي ملي. حيدرآبادي واپارين ۾ پڻ ننڍي- مُڏي جو قرض ڏيڻ وارو هي قسم، خاص ڪري شين جي خريداريءَ تي سندن گراهڪن کي مال پهچائيندڙ کان پيشگيءَ جي صورت ۾، وياج تي ڏيڻ وارو طريقو عام هوندو هو. ننڍن واپارين منجهه وڏين فرمن کان پيشگي رقم وٺڻ جو طريقو به رائج هو. حيدرآباد جا ننڍي ۽ وچئين درجي جا واپاري، وڏين فرمن کان قرض تي شيون وٺندا هئا. ۽ هن قرض جي سرشتي واري لاڳاپي جو وجود، واپاري- سرشتي جي جوڙجڪ ۾ اهم عنصر هوندو هو. هي قرض اڳوات ڏنو ويندو هو، جنهن جي شرح رواج موجب، مال جي ڏي- وٺ واري وقت مارڪيٽ رقم جي آزاداڻي شرح جي حساب سان، ساليانو ڇهه سيڪڙو رکي ويندي هئي. (41) 1914ع کان اڳ واري عرصي ۾، شرح جو اڳهه ڏاڍو وڏيڪ هوندو هو، پر جنگ وارن سالن ۾ اُن جي ٿورڙي گهٽ شرح هوندي هئي.

هڪ ٻئي تمام اهم مالياتي واپار جي روپ بابت پتو پوي ٿو، جيڪو شاهه- گماشتي واريءَ حد ٻاهران وڏي پيماني تي ڪيو ويندو هو، سو موڪلجندڙ رقمن يا معاوضي وارو ڪاروبار هوندو هو. معلوم ٿئي ٿو، ته شڪارپور ۾ ڪجهه بينڪار- فرمون انهيءَ قسم جي ڪاروبار ۾ خاص مهارت رکنديون هيون، ۽ اُهي وڏي پيماني تي سرگرم هيون. هي ڳالهه ڌيان ۾ رکجي، ته اُهي روسي بينڪن، خاص ڪري روسو- ايشياٽڪ بينڪ جون خدمتون، هندستان ڏانهن تيزيءَ سان پئسا موڪلڻ مهل وڏي پيماني تي واپرائينديون هيون. سنڌورڪي واپار ۾ گهٽيون رقمون يا معاوضا، يورپي بينڪن جي ڪوٺين وسيلي موڪليا ويندا هئا، جيتوڻيڪ 1930ع جي بمبئي پراونشل بينڪنگ انڪوائريءَ ۾ هڪ شاهديءَ ۾ چيل آهي، ته پوهومل برادرز جي فرم پڻ انهيءَ قسم جي واپار ۾ ملوث هئي. (42)

'رقم موڪلڻ' جي اصطلاح ۾ مختلف قسمن جي پئسن موڪلڻ جو طريقو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامل هوندو هو. فرم جا مئنيجرَ ۽ ملازمَ باقاعدگيءَ سان پنهنجي خاندانن ڏانهن 'رقمون' موڪليندا هئا. جيڪي حيدرآباد ۽ شڪارپور جي انيڪ هينين- وچين طبقي جي خاندانن لاءِ تمام اهم وسيلو هونديون هيون. اهي موڪليل رقمون عام طور روزاني ڪاروهنوار تي خرچ ڪيون وينديون هيون، پر تنهن هوندي به اُهي رقمون نياڻيءَ جي تيل شاديءَ ۾ ڏنل ڏاج جي ادائيگي، يا گهر جي مرمت لاءِ پڻ واپرائي سگهبيون هيون. موڪليل رقمن مان شايد شهر جي پرپاسي واري زمين پڻ ورتي ويندي هئي. پر مجموعي طور اهي رقمون، ناڻي جي جمع ٿيڻ واري ڪنهن مرڪز کان ٻاهر گردش ڪنديون رهنديون هيون. موڪليل رقمن جو هڪ ٻيو به قسم هوندو هو، جيڪو پرڏيهه مان ڪمايل واپاري نفعي تي مشتمل هوندو هو ۽ باقاعدگيءَ سان حيدرآباد ۾ واپاري فرم جي سيٺ ڏانهن موڪليو ويندو هو. موڪليل رقمون اول درجي ڪان مٿي هونديون هيون، پر سندن صحيح ڪاٿو نٿو لڳائي سگهجي. انهيءَ رقم جو ڪجهه حصو واپار ۾ ٻيهر سيڙايو ويندو هو، ۽ وري باقي رقم سرمايدار نفعي جي حيثيت سان پاڻ وٽ سنڀالي رکندو هو. اهي اڪثر ويچار جوڳيون ڳالهيون آهن، پر جنهن طريقي سان ملازم رکيا ويندا هئا، تنهن بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي. گهڻي رقم بيشڪ هيرآباد ۾، جتي سنڌورڪي واپار ڪندڙ سيٺ جو گهر به هوندو هو، محل نما شاندار جاءِ اڏائڻ تي خرچ ٿيندي هئي. ڪجهه رقم زمين جي خريداريءَ تي پڻ خرچ ٿيندي هئي. پر جنهن طريقي هيٺ پرڏيهه مان ڪمايل رقم مقامي معيشيت ۾ ٻيهر سيڙائي ويندي هئي، تنهن بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي. جيڪا ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي، سا هيءَ آهي ته ڊگهي مُدي ۾ ناڻي جي جمع ٿيڻ وارو طريقو واقع نه ٿيو، جنهن وسيلي ڪمايل نفعو مقامي معيشيت کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پيداواري سرگرمين ۾ سيڙهايو وڃي ها. حيدرآباد ۾ پڻ اڪثر پيداواري سيڙپڪاري، اوڻهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ڪپهه ڪاتڻ جي فيڪٽرين ۾ ڪئي وئي، ۽ انهيءَ ناڻي بابت هيءَ ڳالهه نٿي معلوم ٿئي، ته اهو ناڻو اڪثر سنڌورڪي واپارين جو ڪمايل هو. شڪارپور ۾ وري گهٽ پيداواري سيڙپڪاري ٿي. شڪارپور ڏانهن روسي انقلاب کان اڳ جيڪو به ناڻو موڪليو ويو هو، تنهن جو ڪجهه حصو 1920ع کانپوءِ برما ۽ هندستان ۾ شڪارپوري مالياتي واپاري- سرشتي جي واڌاري ۾ استعمال ٿيندو رهيو. سنڌورڪي واپارين جي ڪمايل نفعي حيدرآباد ۾ ڪپجندڙ صنعت کي هٿي ڏني، جتي دولتمند واپاري پنهنجي عاليشان ۽ شاهاڻي رهائشي انداز، (43) پنهنجي عورتن جي ڪپڙن ۽ هار سينگار ۽ ڪائڻ پيئڻ جي شين تي گهڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خرچڻ سبب مشهور هوندا هئا. حيدرآباد جهڙي ننڍڙي شهر ۾ 1930ع جي اوائل ۾ ولايتي شراب ۽ نشيدار (الڪوهل) شين جا ڏهه درآمدي واپاري هئا. (44) جنهن مان لڳي ٿو، تہ هنن منجهانئن تمام گهڻو ناڻو ڪمايو هوندو. هيءَ ڪا اچرج جي ڳالهہ نہ آهي، تہ حيدرآباد، سنڌ جو 'ننڍڙو پيرس' طور مشهور هوندو هو، ۽ سياحن ۽ سرڪاري عملدارن کي منجهانئس شاهوڪاريءَ جو تاثر ملندو هو. هي نتو پائنجي، تہ سنڌورڪي 'جمالياتي' نموني سان نهڪندڙ هئا، جنهن بابت فرض ڪجي ٿو، تہ هيءَ هندو واپارين جي خوبي رهي آهي، جڏهن تہ مجموعي طور شڪارپورين بلڪل ائين ئي ڪيو. انهن ٻنهي شهرن جي واپارين وچ ۾ ڪرداري تفاوت ڏاڍو چيڙائيندڙ آهي. ڇا حيدرآبادي واپاري، دنيا جي عظيم واپاري مرڪزن ۾، جتي رُتبو دولت جي ڪُليل نماءُ سان اڪثر رِيس ڪندو هو، پرڏيهہ ۾ گهڻو عرصو گهارڻ سبب ڪانئن متاثر ٿيا هئا؟ هي ساراهہ جوڳو مفروضو آهي، پر انهيءَ جي پُختگيءَ لاءِ سنڌورڪي واپارين جي واپاري- دنيا ۾ موجود وڌيڪ شاهدين جي ضرورت پوندي. ذهنيت جي اهڙي تبديليءَ مان ڪنهن قدر 'ڪليل' سماج جي موجودگيءَ جو مفروضو لڳائجي ٿو، جتي معلومات جو ٿورڙو آزادگيءَ سان وهڪرو جاري رهندو هو.

## چاڻ ۽ ڏاهپ جو ڦهلاءُ

واپار ۾ چاڻ ڏاڍو ڪارائتو 'سيڙايل وسيلو' رهيو هو، ۽ هينئر بہ آهي، جيڪو ڪنهن بہ چاڻايل ڪَپندڙ وکر کان ڏاڍو مُلهائتو رهيو آهي.

جنهن طريقن هيٺ اهو گردش ڪندو هو، سي مختلف رهيا آهن. شڪارپوري واپاري، اُترين هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾، تجارتي ناتن جي ڊگهي روايتن جا وارث هئا، ۽ ڪين خالي هٿين پنهنجي پاڻ کي ڻاهڻو نہ پيو هو. جڏهن برطانوي فوجون ۽ عملدار سنڌ ۾ آيا، تڏهن اهي وچ ايشيائي ملڪن بابت اُن چاڻ جي سگهارن وسيلن کي سمجهڻ ۾ سُست نہ هئا، جيڪي وٽن هوندا هئا. (45) هنن انهن جي اقتدار وارن ذريعن کي پنهنجي هٿ وس رکڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪيو. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ويهين صديءَ جي اوائل وارن وراثتي دستاويزن جي شاهدين مان پتو پوي ٿو، تہ شڪارپور ۾ لاڳاپيل پئنچائت ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري پئنچائت وچ ۾ مظهر (چاڻ) جي، جيڪو واپاري مرڪز ۽ پکڙيل برادريءَ وچ ۾ رابطي جو مکيہ وسيلو هوندو هو، باقاعدگيءَ سان ڏي- وٺ ٿيندي هئي. انهن مظهرن جي گردش واري تُز طريقي يا سندن باقاعدگيءَ بابت ڪابہ تفصيلي چاڻ نہ ملي آهي. انهن نياپن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهين ڪي ڪٽي ويندڙ ٽپالي هوندا هئا. جنهن جو مطلب هي آهي، ته ڪين بخارا امارات جي ڪنهن علائقي کان شڪارپور تائين سفر ۾ مهينا لڳي ويندا هئا. ٽيليگراف گهٽي اڳهه سبب، غيرمعمولي حالتن ۾ واپرائي ويندي هئي، ۽ علائقي ۾ اُن جي محدود پهچ هوندي هئي. وچ ايشيائي ملڪن ۽ شڪارپور وچ ۾ رابطي جي ڏکيائيءَ مان هيءَ معنيٰ نڪري ٿي، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ شڪارپوري گماشتي ڪي، شڪارپور ۾ رهندڙ سيٺ ڏانهن مامرا موڪلڻ يا ڪيس احوال ڏيڻ کانسواءِ، پاڻ ئي واپار جا مامرا اُڪلائڻا پوندا هئا. تنهنڪري هيءَ ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي، ته وچ ايشيائي ملڪن جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ شڪارپوري واپارين ۽ شڪارپور وچ ۾، باقاعدگيءَ سان گردش ڪندڙ چاڻ، تجارتي چاڻ کان وڌيڪ 'سماجي' چاڻ هوندي هئي. 'مظهر'، شڪارپوري برادريءَ جي اندرين مسئلن، جيئن ڪنهن واپاري جي موت يا ڪنهن مقدمي جي خبر سان، مارڪيٽ ۽ قيمتن سان لاڳاپيل چاڻ جي ڀيٽ ۾، اڪثر لاڳاپيل هوندو هو. واپاري- سرشتي واري مرڪز ۽ واپار واري هنڌ وچ ۾ چاڻ جو وهڪرو، شڪارپور جي حالت ۾ محدود هوندو هو. پانئجي تو ته شڪارپوري واپارين جون علائقي بابت اڳڪٿيون، نون انگن اکرن جي لڳاتار مستقل وهڪري جي ڀيٽ ۾، گهڻن نسلن جي گڏ تيل ڏاهپ تي ٻَڌل هونديون هيون. اهڙيءَ ريت، هن حقيقت بابت ڏاهپ ڏسو: 'ترڪ پنجاهه سالن کانپوءِ به پنهنجو قرض موٽائي ڏين ٿا.' جيڪا چوٽي واضح طور علائقي سان ناتن جي ڊگهي تجربي سان واسطو رکي ٿي، ۽ شڪارپوري واپاري، روسي انقلاب کان ته اجا به وڌيڪ متاثر ٿيا.

هوڏانهن، سنڌورڪي واپاري- سرشتي جي ترقي، واپاري مرڪز ۽ واپار جي وسيع علائقن ۾ پکڙيل جاين وچ ۾، گردش ڪندڙ چاڻ جي مستقل وهڪري تي ٻڌل هئي. حيدرآباد جهڙي واپاري- سرشتي جي استحڪام ۽ اُپار ۾ ٽيليگراف جو اهم ڪردار هو، جنهن وسيلي هي شهر دنيا جي اهم مکيه بندرگاهن سان ڳنڍيل هوندو هو. هيءَ ڳالهه مڪمل موافق يا نهڪندڙ نه آهي، ته 1880ع کانپوءِ گهڻو ڪري تڏهن واپاري- سرشتي ترقي ڪئي، جڏهن اٽڪل سڄي دنيا ٽيليگراف تارن وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍجي چڪي هئي. حيدرآبادي واپاري، بين ڏکڻ ايشيائي واپارين جيان مارڪيٽ ۽ قيمتن بابت چاڻ جي گردش لاءِ نئين ٽيڪنالاجيءَ جي مراعتن مان فائدو وٺڻ ۾ قُرت هوندا هئا. ٽيليگرام جي خامي هيءَ آهي، ته اُهي عام طور انگريزيءَ ۾ هوندا هئا، تنهنڪري ڪنهن ڳجهي نوعيت جي موڪليل چاڻ، جنهن طريقي سان موڪلي ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. سا غيرپيروسي جوڳي هوندي هئي. ۽ آهستي آهستي اهو ٿيو جو واپاري پنهنجي ڪنهن نيابي يا ڳالهه موڪلڻ ۾ 'خاص اکر' يا ڳُجهو نالو واپرائڻ لڳا. ٽيليگرام سميت سنڌي بوليءَ، جيڪا عربي لپيءَ يا 'واڻڪي' سنڌيءَ ۾ لکيل هوندي هئي، ۾ واپاري خطن جي ڪافي گردش ٿيندي هئي، جيڪا ٻولي ٻين لاءِ سمجهه جوڳي نہ هوندي هئي، پر اها ٻولي رڳو سنڌي واپاري ئي سمجهندا هئا.

هن ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ اچرج ٿيندو، تہ پهرين مهاڀاري جنگ دوران سيرالون ۾ سينسر آفيسر، جنگي آفيس وٽ سنڌيءَ ۽ گجراتيءَ (هن شايد ديوناگريءَ ۾ لکيل سنڌي خط مان اهو مطلب ورتو هوندو) ۾ لکيل انيڪ خطن بابت شڪايت ڪئي، جيڪي خط ڪيس فري ٽائون جي سنڌورڪي فرمن ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز ۽ جي. ٽي. چينراءِ اينڊ ڪمپنيءَ جي مقامي ٻن واپاري ڪوٺين وٽان مليا هئا. (46) هن افسوس ڪندي چيو، تہ حقيقت ۾ آفيس ۾ ڪوبہ ماڻهو انهن خطن کي پڙهي نٿو سگهي ۽ ٻيو هي تہ هن لاءِ سينشرپ قاعدا لاڳو ڪرڻ جو رڳو هڪڙو طريقو آهي، تہ هو انهن کي ٻئي خط اچڻ تائين روڪي ڇڏي! ٽيليگراف وسيلي سڄي دنيا ۾ پنهنجي واپاري ڪوٺين سان ڳنڍيل هئڻ سبب سنڌورڪي فرم جي مکيہ مالڪ يا سيٺ جي گهٽي ڄاڻ تائين پهچ هوندي هئي.

ڪالونيئل آفيس رڪارڊ جي فائيلن مان گڏ ڪيل مواد مان ان ڳالهه تائين پهچڻ ۾ سولائي ٿيندي. 1934ع ۾ لاگوس ۾ ڪسٽم عملدار کي شڪ پيو، تہ نائيجريا ۾ ڪجهہ شامي واپاري، برطانوي اولهہ آفريڪا ۾ جپاني شين جي داخلا کي روڪڻ لاءِ طئي ٿيل ڪوٽا يعني اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندي، نائيجيريا ۾ جپاني ڪارخانن ۾ ٺهيل ڪپڙو غيرقانوني طور درآمد ڪرڻ ۾ ملوث آهن. انهيءَ غيرقانوني درآمدي وسيلي جي جاچ ڪندي، هن سنڌورڪي فرم ڪي. چيلارام اينڊ سنز جي مقامي مئنيجر کي ڪوبي ۾ سندس فرم جي مئنيجر سان رابطو رکڻ جو چيو ۽ انهيءَ طريقي سان ذريعي جو پتو لڳايو ويو. (47) مزيدار ڳالهہ هيءَ آهي، تہ برطانوي بينڪيتي ڪسٽم عملدار، سڄي دنيا ۾ ڦهليل سنڌي فرم جي واپاري سرشتي جي غير رسمي ڄاڻ تي، سرڪاري وسيلي ڪان وڌيڪ ڀروسو ڪيو، جنهن جي سرگرم ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ها.

بيشڪ، هڪڙو سوال هي آهي تہ ڄاڻ جي واپاري- سرشتي منجهہ وڏي پيماني تي گردش ٿيندي هئي يا نہ، يا اُن جون فرمون، جيڪي بهرحال هڪٻئي سان چٽاڀيٽيءَ ۾ هونديون هيون، متعصباڻي طور بچاءُ ڪنديون هيون. هي ڳالهہ ڀرپائڻ ڪان ٿورڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانجهيل پانئجي ٿي، تہ سنڌورڪي واپارين فرمن جي جوڙيل اهڙي ننڍي برادريءَ منجهہ ڪنهن بہ قسم جو ڳجهہ برقرار رکي سگهجي ها. هيءَ ڳالهہ سارڻ گهرجي، تہ دنيا جي ڪنهن بہ جاءِ تي سنڌورڪي برادري، انگن اکرن موجب وڏي انگ ۾ موجود هئي: سنڌورڪي واپارين جا اڪثر ڪلب يا جماعتون هونديون هيون، جتي اهي باقاعديءَ سان پر ٿورڙو غير رسمي انداز سان گڏجندا هئا ۽ پاڻ ۾ هر قسم جي ڄاڻ جي متاستا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. اهي ماڻهو عام طور عورتن کانسواءِ رهندا هئا ۽ سماجي طور پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن سان ملاقات ئي سندن اڪيلو وسيلو هوندو هو. تنهن هوندي بہ واپاري- سرشتي وسيلي ڦهلجندڙ ڄاڻ جو مستقل وهڪرو جاري رهندو هو، ۽ اُن ڄاڻ جي ڏارين کي ورلي ڀُڻڪ پوندي هئي. سنڌورڪي واپاري اڪثر پنهنجي پاڻ تائين محدود رهندا هئا، ۽ هيءَ نتو معلوم ٿئي، تہ اُهي ٻين ڏکڻ ايشيائي واپاري برادريءَ سان سماجي طور ڳنڍيل هوندا هئا يا نہ. جيتوڻيڪ اُهي ٻين واپاري ڌرين سان وٽندڙ ڀائيچاري وارا لاڳاپا رکڻ سبب مشهور آهن، پر تنهن هوندي بہ اُهي ٻين برادرين سان بلڪل گهٽ ناتا رکندا هئا.

هوڏانهن دنيا جي هڪ ڇيڙي کان ٻيءَ ڪُنڊ تائين واپاري- سرشتي وچ ۾ تيزيءَ سان ڄاڻ جو وهڪرو جاري رهندو هو. 1930ع ڌاري پورٽ سعيد ۾ هڪ واقعو ٿيو، جنهن مثال منجهان اُن ڳالهہ تي وٽندڙ روشني پوي ٿي. هڪ ننڍي سنڌي واپاريءَ، هڪ مقامي سنڌورڪي فرم جي مالڪن تي، پورٽ سعيد قونصلر عدالت ۾ انهيءَ بنياد هيٺ بدناميءَ جو مقدمو داخل ڪيو هو، (48) تہ هنن ڪوبي ۽ هانگ ڪانگ ۾ واقع ٻين سنڌي فرمن ڏانهن تمام گهڻا خط لکيا، جنهنڪري ڪيس واپار ۾ تمام گهڻو مالي نقصان ۽ ايذاءُ سهڻو پيو ۽ ڪيس واپاريءَ جي حيثيت ۾ سندس ساک کي نقصان پهتو. هنن سندس واپار تي اجايا ۽ فضول الزام مڙهيا هئا ۽ عوامي طور سندس سچائيءَ تي تهمتون مڙهيندي سوال اُٿاريا هئا. اهي تهمتون واقعي دنيا جي ڪنهن ننڍڙي واپاريءَ لاءِ ڏاڍيون جوکائتيون ۽ خطرناڪ هيون. هن بہ هزار پائونڊ (مصري) هرجاڻي جي دعويٰ ڪئي ۽ عدالت سندس حق ۾ فيصلو ڏيندي ڪيس چار سؤ پائونڊ ڏيڻ جو حُڪم ڏنو. جيتوڻيڪ مقدمي ۾ ثابتي ايڏي واضح نہ آهي، تنهن هوندي بہ منجهانئس واپاري ساک ناهي سگهڻ واري طريقي سميت سڄي دنيا ۾ سنڌورڪي فرمن وچ ۾ لک پڙهہ جي مستقل وهڪري بابت ڄاڻ تي ڏاڍي مزيدار روشني پوي ٿي.

هندستاني واپارين تي لکيل ڪتاب عام طور، واپاري برادريءَ ۽ واپاري خاندان منجهہ نوجوان مردن جي، مختلف نسلن تائين روايتن ۽ مهارت جي ٽيندڙ ڪامياب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متاستا ڏانهن، خاص سماجي مهارت واري طريقي جي اهميت تي زور ڏين ٿا. هي معلوم نٿو ٿئي، تہ سنڌ جي واپاري برادري انهيءَ ڏس ۾ مختلف رهي آهي، فرم ۾ اصل سيڪڙات واري عرصي بابت معلوم ٿيندو، مثال طور مارواڙين سان ڀيٽ ڪرڻ ڪانسواءِ، تہ ٿورڙي عرصي تائين جاري رهندڙ مڪتب واري رسمي تعليم پرائڻ ڪانپوءِ، سکيا بلڪل ننڍي چمار ڪان شروع ٿيندي هئي. ڪنهن قدر معلوم ٿئي ٿو، تہ حيدرآباد ۾ بنيادي ادبي مهارت ماڻڻ تي زور ڏنو ويندو هو، جنهن ڳالهہ مان واضح ٿئي ٿو، تہ سنڌورڪي فرمن جي مئنيجرن ۽ سيٺن کي ڪجهہ نياوي ڏاهپ هوندي هئي، جيڪي شانائتي ڍنگ ۽ سليقي سان پنهنجا ويچار ماڻهن اڳيان رکندا هئا. وڏي سطح جي پرڏيهي مسافريءَ سبب پڻ سندن ذهني صلاحيتن ۾ واڌارو ٿيندو هو. بهرحال معلوم ٿئي ٿو، تہ اُهي مذهبي معاملن ۾ ٿورڙو قدامت پسند رهيا آهن، ۽ سڌارڪ مقصدن جي محدود پُنيرائي ڪندا هئا، ايستائين جو منجهانئن ڪجهہ واپاري، خاص ڪري ڏکڻ آفريڪا ۾، آريا سماجڪ سرگرمين ۾ وڏيڪ سرگرميءَ سان رُڌل هئا. جيتوڻيڪ ماڻهن، ناڻي ۽ مال جي وڏي پيماني تي سڄي دنيا ۾ پکڙيل واپاري-سرشتي ڏانهن گردش ٿيندي هئي، پر ضروري طور خيالن يا سوچ جي پوئلڳي نہ ڪئي ويندي هئي ۽ موٽندڙ سنڌورڪي واپارين جي پرامن ۽ خاموش مُلڪي زندگي، سنجيدگيءَ سان ڪنهن بہ نُڪتي تي متاثر نہ ٿيندي هئي، جنهن بابت پائنجي ٿو، تہ اُهي دنيا جي چئني ڪُنڊن ۽ پنهنجي اباڻي شهر وچ ۾ ڪنهن قدر سولائيءَ سان گردش ڪندا رهندا هئا.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. See Rudner, Caste and Capitalism, p. 114.
2. On mudaraba, see A. L. Udovich, Partnership and Profit in Medieval Islam, Princeton, NJ, 1970.
3. On the differenct offshoots of mudaraba in Europe and Asia, see M. Cizakca, A Comparative Evolution of Business Partnerships: the Islamic World and Europe, with Special Reference to the Ottoman Archives, Leiden, 1996, pp. 22.
4. See E. Gerzig, 'The Armenian Merchants of New Julfa Isfahan)', unpublished D. Phil. thesis, Oxford, 1991.
5. 1870ع ۾ شڪارپوري هُنڊين بابت وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو، رچرڊ برٽن جو ڪتاب "سنڌ ريوزيٽيڊ" ص، 253-252.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. ڏسو: اُدووخ، پارٽنرشپ ۽ پرافٽ.

7. ڏسو: معاهدي جي پهرين شق.

8. اهو واضح تفاوت موداراٻا معاهدن ۾ هو، جن ۾ شريعت موجب سود جو ڪوبه ذڪر نٿو هجي.

9. See Rudner, Caste and Capitalism, p. 116.

10. شڪارپور جي ڪليڪٽر ۽ سيٺ چمن سنگهه ۽ گلاب سنگهه وچ ۾ 23 سيپٽمبر 1901ع تي ٿيل معاهدو، سيريل نمبر اي. 58، بي. پي. پي، جولاءِ 1904.

11. ڏسو: سيريل نمبر اي. 17، بي. پي. پي، مارچ 1902ع.

12. ڏسو: ڪي. خانچند ۽ ڪمپنيءَ طرفان 7 جنوري 1908ع تي قاهرا کان موڪليل خط، پي. آر. او، فارين آفيس رڪارڊ، قاهره، قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، 1908ع، سُوٽ نمبر 3، ايف. او 84/96.

13. ڏسو: دي سنگاپور اينڊ اسٽريٽس ڊائريڪٽري 1911ع، "مرچنٽ پروفيشن"، ص، 215-128.

14. ڏسو: دي سائوٿ افريقن انڊين هو از هو، ڪمرشل ڊائريڪٽر، ص 59.

15. ڏسو: مٿيون حوالو نمبر 13، ص 191.

16. ڏسو: تيجومل جهانگياڻي کيمراڻي جي ڪليڪٽر حيدرآباد ڏانهن سيپٽمبر 1927ع تي موڪليل درخواست، جنهن جو نقل آءِ. او. آر پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڊپارٽمنٽ ڪليڪشنز، 108/28، اي. ايل. پي. اينڊ جي. 8، ص 278 تي موجود آهي.

17. ڏسو: ميمورنڊم نمبر پي 1/0-، 16 نومبر 1900ع، جيڪو بمبئي سرڪار جي سيڪريٽريءَ کي موڪليو ويو هو.

18. ڏسو: 30 نومبر 1911ع تي انڊيا آفيس کان موڪليل ميمورنڊم، آءِ. او. آر، پبلڪ اينڊ جوڊيسل ڊپارٽمنٽ اينوئل فائيلز، فائي جي اينڊ پي 4230/1911، ايل/ پي اينڊ جي 112/6//.

19. ڏسو: 10 مئي 1907ع تي قاهرا جي برٽش ڪائونسل جي خط جو حوالو.

20. اهو سڀ کان پراڻو معاهدو آهي، جيڪو قاهره قونصلر ڪورٽ جي آرڪائيوز مان 1901ع ۾ مليو.

21. ڏسو: دي بزنس ڊائريڪٽر آف هانگ ڪانگ، ڪينٽن، مڪائو، هانگ ڪانگ 1918، ص 59.

22. ساڳيو، ميلواڻي، فتح چند ٽانورداس جي داخلا، ص، ايم 90.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

23. ڏسو: سنڌورڪي مرچنٽس ائسوسيئيشن، حيدرآباد جي بيان جو نقل، آءِ. او. آر، ايل. پي. اينڊ جي 8/236. ڏسو باب چوٿون.

24. ڏسو: فتومل وڪيومل ۽ ميسرز پوهومل برادرز وچ ۾ 2 نومبر 1901ع تي ٿيل معاهدو. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، ڊوزريئر نمبر 25، 1902ع، ايف. او 841/72.

25. ڏسو: ميسرز ڏيئل داس اينڊ سنز ۽ سيتل داس ناؤمل وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ 20 نومبر 1929ع تي ٿيل معاهدي جي يادداشت. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، ايمبيسي اينڊ قونصلر آرڪائيوز، مصر پورٽ سعيد، قونصلر ريڪارڊس 1930ع جو ديواني مقدمو نمبر 6، ايف. او 846/90.

26. ڇهن سنڌي فرمن جو نئين هاڪرز ائڪٽ تي 1907ع ۾ ڪيپ گورنر سان ڪيل احتجاج جي يادداشت، ڏسو مٿيون نوٽ 39.

27. ڏسو: ايڇ. ٽنڪر جو ڪتاب "اي نيو سسٽم آف سليوري": دي ايڪسپورٽ آف انڊين ليبر اوورسيز، 1920-1830ع،، لنڊن، ص 85.

28. ساڳيو، ص 185.

29. "پرائيسز اينڊ ويجز ان انڊيا، اوٽيهيون رسالو، ڪلڪتو 1902ع ۾ ص 283 موجب، 1901ع ۾ سنڌ جي هڪ صحتمند پورهيت جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت نَوَ کان ٻارهن رپيا هئي، جڏهن ته هنرمند ڪاريگر جي اجرت پنج رپيا پنج آنا ۽ ٽيهه رپيا پنج آنا هئي.

30. اسٽريٽس ٽائمز جي تحقيقي رپورٽ موجب، 1938ع ۾ سنگاپور جا سنڌي واپاري پنهنجي ملازمن کي گهٽ ۾ گهٽ پگهار ٽيهه رپيا ماهوار ڏيندا هئا، جنهن ۾ پنج ۽ ڏهن رپين جي ٿيندڙ سالياني ترقيءَ واري رقم به شامل هوندي هئي. ڏسو: وي. ٿامپسن، ليبر پرابلمز ان سائوٿ ايسٽ ايشيا، نيو يون 1947، ص 90-89.

31. پي. ليڇمڻ کان بمبئي ۾ 22 ڊسمبر 1992ع تي ورتل انٽرويو.

32. ڏسو: فتومل وڪيومل ۽ پوهومل برادرس جي فرمن وچ ۾ 1901ع ۾ ٿيل معاهدو، جنهن جو مٿي به ذڪر ڪيو ويو آهي.

33. ڏسو: حيدرآباد جي واپارين جي اسپين واريءَ گهرو ويڙهه دوران دستاويز شاهدي. آ.٣. او. آر ۾ خط جو نقل، پوليٽيڪل اينڊ ايڪسٽرنل فائلز ۽ ڪليڪشنز، ايل. پي. اينڊ ايس. 12/210.

34. ڏسو: 2 جون 1942ع تي هندستان موڪلجندڙ خط جو نقل. ڊيفنس ڊپارٽمنٽ ليٽر نمبر بي /789 پي ڊبليو زيڊ، 19 آڪٽوبر 1942ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

35. ڏسو: چيلارام وسڻ مل ۽ ڀائي ڪيسومل سوڀراج وچ ۾ حيدرآباد ۾ 27 سيپٽمبر 1905ع تي ٿيل معاهدو، پي. آر. او. فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصل ڪورٽ ريڪارڊس، 1907ع جو ديواني مقدمو نمبر 7، ايف 841/91.

36. ڏسو: هندستاني سرڪاري جي سيڪريٽريءَ ڏانهن فيبروري 1899ع ڏانهن موڪليل يادداشت نامو.

37. ڏسو: پي. آر. او ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، جبرالٽر، اوريجنل ڪريسپانڊينس، سي. او 474/91.

38. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڪريسپانڊينس وڌ انڊيا 1875-1911ع.

39. ڏسو: وسيومل آسومل جي ميلبورن شاخ جي مئنيجر جو بيان.

40. ڏسو: ساڳيو بيان.

41. ڏسو: جي. ٽي. چئنراءِ فرم جي جبرالٽر شاخ جي مئنيجر جو قاهره قونصلر ڪورٽ ۾ بيان. پي. آر. او. فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، 1918ع جو ديواني مقدمو نمبر 38، ايف. او 841/170.

42. ڏسو: خداآبادي ڀائيبند ڪوآپريٽو ڪريڊٽ بئنڪ جي چيئرمين ڪي. بولچند جو بيان. بمبئي بينڪنگ انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ، جلد ڇهون، ص 272.

43. ايس. ڪي. ڪرپلاڻي ”برطانيا سان گڏ پنجاهه سال“ بمبئي، 1993ع، ص 45.

44. ڏسو: جڳتياڻي جي ”هينڊ بڪ اينڊ ڊائريڪٽري آف سنڌ فار 1934، ڪراچي، 1934ع، ص 22. بي.

45. ڏسو: سنڌ سان 1838-1843ع عرصي دوران لاڳاپيل لکپڙهه، لنڊن، 1843ع، نمبر 379، ص 6-362.

46. ڏسو: پوسٽل سينسر آفير سيرا اليون طرفان 11 اپريل 1916ع تي چيف پوسٽل سينسر، وار آفيس، لنڊن ڏانهن موڪليل خط.

47. ڏسو: جولاءِ 1939ع تي محترم بسٽ جا ڪالونيل آفيس ڪان موڪليل منٽس. گڏوگڏ ڏسو: پي. آر. او، ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، ڪالوني (جنرل) ايڪانمڪ اوريجنل طوريسپانڊينس، ٽيڪسٽائيل امپورٽ ڪوٽا، ويسٽ آفريڪا، گولڊ ڪوسٽ اينڊ نائجيريا 1939، سي. او 582/223/2.

48. ڏسو: مدعي ايس. بالومل مخالف رَتومل اينڊس سنز بچاءَ ڪندڙ، پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، پورٽ سعيد قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، ديواني مقدمو نمبر 13، 1931، ايف. او 846/97.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# سنڌي واپارين جو ڪاروبار

حيدرآباد ۽ شڪارپوري واپاري ٻن مختلف طريقن سان، جيڪو ڳانڍاپو هندستان ۾ مقامي مالياتي مارڪيٽ ۽ سنڌي ڪنڌ ڪان ٻاهر واقع مالياتي سرگرمين ۽ شين واري مارڪيٽ وچ ۾ موجود هوندو هو، هڪٻئي ڪان منفرد حيثيت جا حامل آهن. هندو واپارين ۾ موجود مالياتي وسيلن ۽ تجربيڪاريءَ جي سطح آسانيءَ سان واضح ڪري سگهجي ٿي، ته ڪيئن ڏکڻ ايشيا جا ننڍڙا شهر، سنڌي ڪنڌ ڪان ٻاهر وسيع علائقن تي معاشي ضابطي جا اُپاءُ استعمال ڪري سگهيا. هن باب ۾ اسان انهيءَ جوڙجڪ جو تفصيلي ٺيڪ صورت ۾ جائزو وٺنداسين، ته جيئن اسان واپارين جي ڪاروبار کي صحيح سوچ سان سمجهون. فرمن وٽان دستاويزن جي کوٽ ان عمل ۾ شديد محدود عنصر آهي، ۽ اسان انهن ٻنهي شهرن جي واپارين جي نيايل سرگرمين وارن اهڃاڻن جي رڳو جهلڪ اڳيان آڻڻ ۾ اهل ٿينداسين. انهن کي ٻن وسيع درجن، ناڻي ۽ واپار ۾ ورهائجي ٿو. شڪارپوري مختلف تناسبن ۾ ٻنهي طريقن کي ملائيندا هئا، پر بنيادي طور اُهي سيٽڙپڪار هئا، جڏهن ته سنڌوَرڪي، جيتوڻيڪ ناڻي ڪان پرهيز ڪندڙ يا لنوائيندڙ نه هئا، پر واپار ۾ ماهر هئا. واپارين جي انهن ٻنهي ڌرين ۾ سندن واپار واري طريقيڪار ۾ موجود تفاوت، مختلف لاڙن جي موجودگيءَ سبب نه، پر وقت جي ترتيب ۾ انتشار ۽ معاشي ماحول جي خاص نوعيت سبب ٿيو آهي، جنهن نوعيت ۾ هرهڪ ڌر کي پنهنجي واپاري سرگرمي ڪرڻي پوندي هئي.

## شڪارپوري صراف، سيٽڙپڪار جي حيثيت ۾

شڪارپوري صرافن جي 1800ع ۽ 1920 جي وچ واري عرصي ۾ وچ ايشيائي ملڪن سان لاڳاپي ۾ ادا ڪيل ڪردار، ۽ 1870ع ۽ 1940ع جي وچ واري عرصي ۾ ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾ ناٽوڪوٽاءِ چيٽيار واپارين جي پورو ڪيل ڪردار وچ ۾، وسيع پيماني تي هڪجهڙائي آهي. ٻئي ڌريون بينڪاري ۽ وياج تي پئسا ڏيندڙ ڌنڌي ۾ مهارت رکنديون هيون، پر منجهن مکيه فرق هي آهي، ته شڪارپوري واپارين تياڪڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا دلال ٿيڻ کان اڳ، مڪمل طور آزاداڻو واپار شروع ڪيو هو، جڏهن ته ڇيتيار واپارين شروع کان ئي برما، سيلون ۽ ملايا ۾ برطانوي بينڪن ۾ دلال يا ٺياڪڙ هوندا هئا. شڪارپوري واپارين ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾، دُراني بادشاهت واري مختصر عرصي دؤران، علائقي منجهه ٿيل سيڙپڪاريءَ ۾ پنهنجي برتريءَ واري حيثيت والاري ورتي هئي. انهيءَ عرصي ۾ سنڌن اُپرنڌڙ عمل، افغان رياست جي حڪمران طبقي سان مراعتي لاڳاپن سان سڌيءَ ريت ڳنڍيل هو. گونڪوفسڪي (1) مطابق شڪارپورين جي دُراني بادشاهت ۾ محصول وٺندڙ عملدارن منجهه اڪثريت هوندي هئي ۽ اُهي ماڻهن سان اصل حڪمرانن جي حيثيت وارو ورتاءُ ڪندا هئا. محصول وٺندڙ جي ڪردار ادا ڪرڻ سميت، اُهي فوج لاءِ سنڌن ضرورت جون شيون مهيا ڪرڻ ۽ فوجي چڙهائين مان مليل مال کي ٻيهر وڪڻڻ ۽ خريداريءَ جا نگران پڻ هوندا هئا. احمد شاهه جي هندستان ڏانهن چڙهائيءَ ۾ هنن جيڪو سيڙپڪاريءَ وارو ڪردار ادا ڪيو هو، سو اڳيئي ٻُڌايو ويو آهي. اُهي شاهي درٻارين ۽ اميرن کي، گهڻو ڪري شاهاڻيون ۽ عياشيءَ ۾ واپرائجندڙ جنسون ۽ شيون مهيا ڪندا هئا، ۽ افغان اميرن کي وياج جي وڏي شرح تي قرض ڏيندا هئا. اُهي حڪومت ۽ صوبائي گورنرن کي، اڪثر رضاڪاراڻي طور نه، پر قرض تي ناڻو ڏيندا هئا، ۽ وصول ٿيل محصول اڪثر انهن قرضن جي گرويءَ طور استعمال ڪيو ويندو هو. هنن جي آهستي آهستي رياست جي مکيه اهم عهدن ۽ مالياتي کاتن تي مرڪزي توڙي صوبائي سطح تي والار ٿي ويئي. معلوم ٿئي ٿو، ته احمد شاهه جي گادي نشين تيمور شاهه واري وقت ۾، سنڌن قبضي ۾ رياستي ماليات جو کاتو هوندو هو، ۽ اُهي حڪومت ۾ زرعي ۽ هٿ جي ناهيل پيداوار ۾ سيڙپڪاريءَ وسيلي حصيدار هوندا هئا. وقت گذرندي هنن وڏي دولت گڏ ڪري ورتي، جنهن جي ماليت هڪ ڪروڙ روپين تائين وڃي پهتي.

دُراني بادشاهت ڊهڻ کانپوءِ، هنن اترين هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾، قافلن وسيلي ٿيندڙ واپار ۾ موڙي سيڙائڻ شروع ڪئي. انهيءَ واپار تي اڳ ملتانين جو قبضو هوندو هو، پر هنن ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جاءِ خالي ڇڏي ڏني. شڪارپوري واپاري پنهنجي موڙي هُنڊين وسيلي سيڙائيندا هئا. هُنڊين جي ساک همعصر سياحن پڻ پري آهي، جن جو نيزني نوؤ گراد ۽ ڪلڪتي جي وچ واري سموري علائقي ۾ واهپو هوندو هو. شڪارپوري هُنڊي، جيڪا 'اڻ گهڙيل اوزار يا ذريعو هوندي هئي، وسيلي شڪارپوري پنهنجو ڪاروبار ڪندا هئا. (2) ڪنهن قدر هاڻوڪي دؤر ۾ بينڪن طرفان واپارين کي ملندڙ ناڻي جي متاستا يا قرض جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستاويز جو ڪردار نڀائيندڙ هيون. هُنڊيون بنيادي طور واپاريءَ ڪي، واپاري مال جي ڏي- وٺ ۽ مال جي وصوليءَ جي پڄاڻيءَ جي وچ واري عرصي تائين بَدل رکنديون هيون. انهيءَ حقيقت هوندي به، هن ڳالهه تي ايل. سي. جين هندستان ۾ مقامي بينڪاريءَ جي پنهنجي اڀياس ۾ زور ڏنو آهي، (3) ته هُنڊيءَ مان اهڙي ڪنهن به ڳالهه جو پتو نه پوندو هو، ته اها تجارتي مال يا وکر بابت ڪڍيل آهي. جيتوڻيڪ هُنڊي نامڪمل ذريعو هوندي هئي، پر شڪارپوري هُنڊيءَ جي ايڏي اهم ڪردار نڀائڻ واري سبب جو سولو جواب هيءَ آهي، ته واپاري قافلن ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ قرض جو ڪو بيو متبادل ذريعو نه هوندو هو. جيئن اڳيئي ڄاڻايل آهي، ته هُنڊين جي شڪارپوري برادريءَ وچ ۾ اڪثر گردش ٿيندي هئي؛ هيءَ هڪڙي قسم جو ذريعو هئي، جنهن وسيلي شڪارپوري صراف، خطرناڪ رستن تان لنگهندڙ واپاري قافلن وسيلي سون چانديءَ جي مَتاسَتا ڪانسواءِ وچ ايشيائي ملڪن ۾ پنهنجي گماشتن جي ايجنسيءَ هٿان، هندستاني واپارين طرفان وچ ايشيائي ملڪن ۾ شين جي خريداري ۽ وچ ايشيائي ملڪن جي واپارين طرفان هندستاني شين جي خريداريءَ ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهندا هئا. معاوضو باقاعدگيءَ سان پاڻمرادو شڪارپور ۾ پهچندو رهندو هو، جتي غيررسمي قسم جي واپاري ڪوٺي هوندي هئي. واپاري نفعو، سون چانديءَ جي صورت ۾ باقاعدگيءَ سان (رستن جي جوکن ڪان بچندي) شڪارپور ڏانهن پهچي ويندو هو، جتي وچ ايشيائي ملڪن جي سونن سڪن جي وڏندڙ مارڪيٽ هئي. صراف پرڏيهي ناڻي جي مَتاسَتا واري واپار ۾ پڻ ملوث هوندا هئا، جن مان تڏهن شڪارپور ۾ 1870ع کان اڳ چڱو نفعو ڪمائي سگهبو هو، جڏهن رپئي جي قدر ۾ زوال جي نتيجي ۾، هن قسم جو مَتاسَتا وارو واپار گهٽ نفعي جوڳو بڻجي ويو هو. هي پڻ معلوم ٿئي ٿو، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري گماشتا ناڻو پنهنجي تحويل ۾ رکڻ ۽ حڪمرانن ۽ مٿئين طبقي جي ماڻهن کي اوڌر تي اڳواٽ رقمون ڏيڻ واري ڌنڌي ۾ به ملوث هئا. هيءَ ڳالهه واضح نه آهي، ته اُهي انهيءَ عرصي ۾ زميندارن يا هارين کي وياج تي پئسن ڏيڻ ۾ ڪيتري قدر ملوث هئا.

1870ع کانپوءِ وچ ايشيائي ملڪن ۾، وياج تي پئسا ڏيڻ وارو ڌنڌو شڪارپوري واپارين جو مکيه ڌنڌو هوندو هو، جنهن طريقي ۾ 'چيٽياري واپاري' پڻ ملوث هئا. هيءَ ڌنڌي ۾ رضاڪاراڻي تبديلي نه هئي، پر نئين حدبندين جو نتيجو هو. وچ ايشيائي ملڪن ۽ هندستان وچ ۾ قافلن وسيلي ٿيندڙ واپار ۾ زوال 1880ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ اهو زوال 1890ع ڌاري اچا به وڌي ويو هو، تنهنڪري هُنڊيءَ جي واپار کي وڏو ڌڪ لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، جنهن سبب شڪارپوري واپاري، سرگرميءَ جي بين پاسن ڏانهن ڏسڻ تي مجبور ٿيا. هنن کي روسي بينڪن جي وڌندڙ چتاپيتي کي پڻ مُنهن ڏيڻو پيو، جن جي زار اختياريون مڪمل حمايت ڪنديون هيون. جنهن ڳالهه کين ناس ٿيڻ کان بچايو، سا خاص ڪري فرغانا ماٿريءَ ۽ بخارا امارات جي ڪجهه علائقن ۾ تجارتي زراعت جي ترقي هئي، جنهنڪري نيون مالياتي ضرورتون پيدا ٿيون. متئين گهُرجن ۾ روسي بينڪون علائقي جي ڄاڻ جي کوٽ سبب، مڪمل طور ماڻهن کي مطمئن نه ڪري سگهيون. روسي اختيارين جي مخالفت هوندي به، شڪارپوري واپاري روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ سيڙپڪار جي حيثيت سان پنهنجو ڪردار برقرار رکيو؛ ۽ گڏوگڏ هنن سنڪيانگ، افغانستان يا ايران جي بين علائقن تائين پنهنجي ڪاروبار کي پڻ وڌايو.

شڪارپوري واپارين جي وياج تي پئسا ڏيڻ واري ڳالهه اسان کي اڪثر مغربي ملڪن جي سياحن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿي. سڀ کان وڌيڪ چٽائيءَ سان تفصيل، جيتوڻيڪ مٿاڇري حد تائين آهن، 1870ع جي اوائل ۾ تاشقند ڏانهن ويندڙ شُلر جي بيان مان اسان کي اُهي نشان ملن ٿا. چڱي - معلومات واري هن شاهد مطابق، 'هندو عام طور چوويهن هفتن لاءِ وياج تي رقم ڏين ٿا، ۽ موٽ ۾ هڪ پاڳي نَوَ جي حساب سان هر هفتي قسط جي صورت ۾ هڪ ٽينگي کان ٽلا تائين ڏيڻا هوندا آهن، جنهن مٿاستا هيٺ وياج اتڪل چويهن هفتن لاءِ وجي چويهه سيڪڙو بيهي ٿو، جيڪو مڪمل طور ساليانو وجي چاونجاهه سيڪڙو ٿيندو.' (4) هو وڌيڪ چوي ٿو ته، 'جيئن ته رقم قسطن ۾ موٽائي وڃي ٿي، تنهنڪري اهو واضح آهي ته تمام ننڍڙي موڙيءَ وارو وياج خور به ساليانو چڱي رقم ڪمائي سگهي ٿو.' هي پئسا موٽائڻ وارو طريقو، هندستان ۾ مروج ماهوار سرشتي کان مختلف آهي، جنهن هيٺ اصل موڙي پهرين اوڻيهين هفتن ۾ ۽ وياج گڏرپل پنجن هفتن دوران موٽائڻو هوندو آهي. شُلر جو وياج تي پئسا ڏيڻ وارو بيان شهري علائقن بابت آهي، جتي شڪارپوري واپارين جي پنهنجي ڏنڌي ۾ هڪ - هٽي هوندي هئي. (5) معلوم ٿئي ٿو، ته اڪثر ڪري قرض، ننڍي پيماني تي سيڙپڪاريءَ جي پيٽ ۾، روزانو خرچ جي مقصد لاءِ ورتو ويندو هو، پر ورلي وڏي رقم پڻ ڏني ويندي هئي. شُلر هڪ وڏي فوجي ٺيڪيدار جو به حوالو ڏنو آهي، جيڪو شهر جي هندو صرافن جي وڏيءَ رقم جو قرضدار هوندو هو. (6)

وراثتي دستاويزن جي پڙهڻ سان ڀهراڙيءَ ۾ ڏنل چڱي موچاري قرض جو پتو پوي ٿو. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ اوڻٽيهه ملڪيتن جي جائزي مان هڪ لک ويهه هزار روبلس (ٻارهن هزار پائونڊن جي برابر) ڪُل ماليت جي رهيل قرض جو پتو پوي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا رقم نہ گھٽ آھي، ۽ نہ ئي ايڏي گھٽي آھي. انھيءَ ڏس ۾ صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ جوڙيل ھڪ سرڪاري رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو، تہ 1910ع ڌاري نامڱان ضلعي جي ويبجھڙائيءَ واري ھڪ ڳوٺ ۾، قاضيءَ وٽ ھڪڙي مھيني ۾ شھرين جي لکرايل قرض جي ماليت اٺ لک روبل ھئي. (7) روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڀھراڙيءَ ۾ وياج تي ڏنل قرض جي ماليت تمام وڏي ھئي، ۽ پانئجي تو تہ شڪارپوري واپارين جو ان قرض ۾ حصو ٿورڙو ھو. بھرحال، بخارا امارات جي ڪجھہ علائقن ۾ صورتحال مختلف ھئي ۽ شڪارپوري واپارين جي ڀھراڙيءَ جي قرض ڏيڻ واري مارڪيٽ ۾ سگھاري حيثيت ھئي، جيڪا شايد اوائلي وقت جي وراثت ھئي.

موجود انگ اکر ايڏا مناسب نہ آھن، جو شڪارپوري واپارين جي علائقي معاشيات تي مقداري شرطن واري اثر جو ڪاٿو لڳائي سگھجي. بھرحال، وياج تي پئسا ڏيندڙ شڪارپوري واپارين جي طريقيڪار وارن رُخن جي خيال بابت ڪا شڪل جوڙڻ ممڪن آھي. ملڪيت جوڙڻ ۾ دستاويزن جي مختلف قسمن جا انگ اکر ڄاڻايل آھن: جن ۾ ھُنڊيون، انجامي دستاويز، مقدما، وغيره شامل آھن. شڪارپوري واپارين جي سرگرمين جي بنيادي پِتائيءَ جو، 1912ع ۾ بخارا ۾ ديھانت ڪندڙ ھاسومل ولد ڪيمچند جي وارثن طرفان سکر جي ڪليڪٽر وٽ جمع ڪرايل ھڪ درخواست جي ھيٺ ڄاڻايل متن مان پتو پوي ٿو: 'سُرڳواسيءَ جو پنھنجي حياتي دؤران، بخارا ۾ پائيبندن سان ناٽي جي ڪاروھنوار ۽ بخارا جي رھواسين ۽ بين پرپاسي وارن ڳوٺن جي تُرڪن کي وياج تي پئسا ڏيڻ ھوندو ھو.' (8) پائيبندن يعني بين شڪارپورين سان ناٽي جي ڪاروھنوار واري سرگرمي، مقامي شھرين کي وياج تي ڏيندڙ ناٽي کان مختلف ھئي. ٻنھي قسمن جي ڪاروھنوار ۾ ڌار ڌار حساب رکيو ويندو ھو: شڪارپوري واٽيو اھا لکپڙھ سنڌيءَ ۾ لکندو ھو ۽ قرض وٺندڙ مقامي ٻوليءَ ۾ (ازبڪ جي پيٽ ۾ تاجڪ ۾). (9) انھيءَ مان آسانيءَ سان ھي نتيجو ڪڍجي ٿو، تہ انھن مختلف قسمن جي ڪاروھنوار ۾ وياج مختلف شرحن سان ورتو ويندو ھو. شڪارپوري برادريءَ ۾ ناٽي جي متاستا ھُنڊي واري طريقي وسيلي تيندي ھئي، پر روڪ متاستا بہ تيندي ھئي. غير- شڪارپوري واپارين سان بہ ورلي ناٽي جي متاستا 'مقامي لکت ۾ ھُنڊيءَ وسيلي' تيندي ھئي، پر ڪڏھن ڪڏھن روسي سرڪاري دستاويزن ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ بہ لکپڙھ تيندي ھئي ('مقامي رواج مطابق باقي')جيڪا عدالتي فيصلن جي جاري تيل حڪمن ۾ پڻ موجود ھوندي ھئي. انھن دستاويزن جي مختلف قسمن جي لاڳاپيل اھميت جو تصور يا خيال ٽيبل 6.1 ۾ ڏنل آھي، جنھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ 6.1: نامڻگان ۾ رهندڙ شڪارپوري صراف طوطومل پُٽ جيئومل جي قرض جو تفصيل

| دستاويز جو قسم | قرض يا رهيل رقم (روبل ۾) |
|---|---|
| هُنڊيون | 2,191 |
| مقامي رواج موجب قرض | 3,868 |
| عدالتي دعويٰ | 493 |
| هُنڊين تي ورتل رقم | 1,062 |
| ڪُل رقم | 7,624 |

ذريعو: پرڏيهي مامرن جي روسي وزارت ڪان سينٽ پيٽرس برگ ۾ برطانوي ايمبيسيءَ کي 31 مئي/13 جون 1912ع تي موڪليل نمبر 3529، جيڪو سينٽ پيٽرس برگ جي ايمبيسي قونصلر اوءِ بائيرني طرفان پرڏيهي مامرن جي رياستي سيڪريٽريءَ کي نمبر 182 هيٺ لکت ۾ دستاويز روانو ڪيو ويو، جنهن جو نقل بي پي پي، جولاءِ 1912ع، سيريل نمبر اي 54 ۾ موجود آهي.

مان نامڻگان (فرغانا ماتريءَ) جي 1907ع ۾ ديهانت ڪندڙ شڪارپوري صراف جي وياج تي ڏنل قرض جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو. هن ٽيبل مان شڪارپوري واپاري-سرشتي ۾ 'اندروني' ڪاروهنوار، متاستا جي رقم ۽ رقم جي وصولي ۾ 'ڏارين' سان ڪاروهنوار ('مقامي رواج ۽ قانون مطابق رهيل') وچ ۾ گهٽ وڌ متوازن شرح جو پتو پوي ٿو. بهرحال، بين قرضن جي جائزي مان مختلف نتيجا پڌرا ٿين ٿا، ۽ اهو معلوم ٿئي ٿو، ته صورتحال چڱي ريت هڪ علائقي ڪان ٻئي علائقي ۾ مختلف آهي. شڪارپوري واپاري بخارا ۽ ترڪستان سلطنت ڪان وڌيڪ هوندا هئا، سي اڪثر مقامي رهواسين جي پيٽ ۾ پنهنجي ساڳئي مذهب سان ناتي جي متاستا وڏي پيماني تي ڪندا هئا.

انهن وياج تي پئسا ڏيندڙن جي ڪجهه دستاويزن جي رڳو جائزي مان چڱيءَ ريت ٻڌائي سگهجي ٿو، ته اُهي ڪهڙن شخصن کي ۽ ڪهڙن مقصدن لاءِ وياج تي قرض ڏيندا هئا. وراثتي دستاويزن ۾ ڇڙوڇڙ اشارا نسبتي ننڍڙن قرضن ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جيڪي مشڪل سان ويهن روبلن ڪان ڪي وڌا يا ڪجهه سَوَ ٽينگاس ٽائين مشڪل سان هوندا آهن. (10) گڏوگڏ روسي ۽ مقامي مسلمان واپارين کي ڏنل وڏن قرضن جون شاهديون پڻ موجود آهن.

روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپاريءَ جي ڇڏيل چڱي موچاري ملڪيت مان فرض ڪجي ٿو، ته هنن کي وياج تي پئسا ڏيڻ واري ڌنڌي ۾ سُٺو نفعو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو هو. يورپي تجزئي نگارن سميت روسي اختيارن جو خيال هو، ته شڪارپوري واپاري ظالمائي شرح تي قرض ڏيندا هئا ۽ گهٽ نفعو وٺندا هئا. سمرقند ضلعي جي علائقي ڪاتاڪرگان ۾ شڪارپوري واپاري، نئين روسي انتظاميا جي طلب جو پوراءُ ڪندي، پنهنجو نفعو سٺ سيڪڙو مان ٽيهه سيڪڙو تائين گهٽائڻ تي راضي ٿيا هئا. (11) پر معلوم ٿئي ٿو، ته اهو قدم گهڻو ڪري نيڪاليءَ جي ڊپ کي ٽارڻ جو بهانو هو. روسي انقلاب تائين وچ ايشيائي ملڪن ۾ وياج جي شرح تمام گهڻو وڌيڪ رهي، ۽ گڏوگڏ وراثتي دستاويزن جي شاهدين کي سامهون رکندي چئبو، ته خاص ڪري بخارا امارات ۾، جتي هارين کي نيوڙن ۾ مقامي قاضي پڻ اگرا هوندا هئا، وصوليءَ جو اگهه پڻ رهيل قرضن تي وڌو هوندو هو. بهرحال وچ ايشيائي ملڪن ۾، خاص ڪري ان وقت سنڌ جي وياج واريءَ صورتحال سان ڀيٽ ڪندي ڏسبو، ته وياج تي قرض ڏيڻ جي جوکي واري مجموعي سطح نسبتي طور محدود هئي. ترڪستان جي اُزبڪ ۽ تاجڪ هاريءَ کي اڳوات رقم ڏيڻ مان ڪابه دولت ڪمائي نه پئي سگهجي، پر باقاعدگي ۽ اهم آمدني ڪنهن ڏکيائيءَ کان سواءِ ڪمائي سگهجي پئي، جيتوڻيڪ اهو طريقو مڪمل طور خطري کان خالي نه هوندو هو. وياج تي ناڻو ڏيندڙن جي قتل جا واقعا، سنڌ جيان وچ ايشيائي ملڪن ۾ به عام هوندا هئا، پر شڪارپورين ڊچي پنهنجا پير پوئتي نه ڪيا.

ياڙيسري علائقي سنڪيانگ ۾، ڪاشغر ڊائريءَ جي شاهديءَ مطابق شڪارپوري واپاري گِروي وياج تي قرض ڏيندا هئا، جيتوڻيڪ چيني اختيارين سرڪاري سطح تي وياج جي شرح ٽيٽيهه سيڪڙو ساليانو مقرر ڪئي هئي. (12) 1908ع ۾ ڏاڪٽي سنڪيانگ ۾ سفر دؤران برطانوي قونصلر نمائنديءَ، مقامي رهواسين طرفان شڪارپورين خلاف شڪايتن جو سلسلو ٻڌو، جن ۾ گِروي وياج وٺڻ، قرض واپس ڪندي به گروي رکيل شيون نه موٽائڻ، گروي شين کي هضم ڪرڻ ۽ قرضدارن کي قيد ڪرڻ ۽ سندن مال مڏي ضبط ڪرڻ جون تهمتون مڙهيل هيون. (13) اهڙي قسم جون شڪايتون تازو هاڻي هندستان ۾ پناهن بابت به ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون.

وياج تي پئسو ڏيندڙن کي سدائين ٻڇڙي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو، پر تاريخي ماخذن جي ڪجهه شاهدين ۽ ادبي خيال کان، شڪارپوري واپارين جي سرگرميءَ جي اخلاقيات واري سوال کان مڪمل طور لنوائڻ ڏکيو آهي. آءُ شڪارپوري واپارين جي مقصدن کي، خاص ڪري هيچي ۽ لوڀيءَ جي حيثيت سان ڏسڻ جي ڀيٽ ۾، لاپرواهيءَ طور موقعي پرست هجڻ جي حيثيت سان سمجهڻ جو لاڙو رکان ٿو: هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهي ماٺهو هئا، جيڪي پنهنجي واپاري اخلاقيات جي گهٽي گهبراهٽ ۽ ضعيفيءَ ڪانسواءِ، جيترو تي سگهي اوترو ماڻڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئا. گهٽين صورت ۾، انهن کي ارڙهين صديءَ جا شروعاتي گجراتي واپاري سڏيو وڃي ٿو، جنهن بابت آشين داس گپتا لکيو هو: 'هنن پنهنجي اڻتڪ سخت محنت، چالاڪيءَ، هوشياريءَ ۽ ڪم ۾ مهارت سبب جيڪو به نفعو حاصل ڪيو، سو 'موج' مان ڪمايو هو. بيشڪ، اُهي ايڏا وٽندڙ ماڻهو نه هئا...' (14) پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ۾، اُهي واپاري مسلمان هارين سان ڪارونهوار ۾ ماهر هوندا هئا، جيڪا صورتحال وچ ايشيائي ملڪن کان ايڏي مختلف نه هوندي هئي، پر پيرن ۽ وڏيرن جي طاقت سميت ڪجهه برطانوي انتظامي عملدارن جي مخالفت سندن سرگرمين کي محدود ڪيو هو، پر هي صورتحال وچ ايشيائي ملڪن ۾ بلڪل نه هئي.

شڪارپوري واپاري وياج تي ناڻو ڏيڻ سميت ٻين بئنڪاري سرگرمين، جيئن ناڻي جي مٽاسٽا، موڙي امانت رکڻ ۽ پئسن جي وصوليءَ جي ڪاروبار ۾ ملوث هوندا هئا، جيتوڻيڪ هنن جي ان پاسي واري سرگرميءَ بابت بلڪل گهٽ شاهدي سامهون آئي آهي. بهرحال، اُهي واپار ۾ سرگرم رهيا. پرڏيهي تجزئي نگارن عام طور هنن جي تجارت کي 'مکيه يا مُهاڙي' واري سرگرميءَ جي حيثيت سان ڏٺو هو، جنهن جو اڪيلو مطلب، سخت مخالف- وياج خور قاعدن ۽ ضابطن کي محدود ڪرڻ ۽ گهٽائڻ هو، جيڪي قاعدا ۽ ضابطا ترڪستان رياست ۾ مروج هئا، پر بخارا امارات ۾ اهڙو ڪو به قانون نه هو ۽ اُتي وياجي نفعو وٺندڙن جو رڪارڊ هوندو هو، جنهن تي محصول لڳايو ويندو هو، جيڪو رياستي اهلڪار پاڻ وٽ رکندا هئا، (15) اُهي واپار ۾ پڻ وڏيڪ سرگرم هئا. سندن موڙيءَ جي مکيه سيڙپڪاري، فرغانا ماٿريءَ ۾ ڪپهه جي واپار ۽ بخارا امارات ۾ اناج جي واپار ۾ هوندي هئي، جيئن هن حقيقت مان ڏسجي ٿو، ته انيڪ شڪارپوري واپارين جي ملڪيت ۾ اناج جي گودامن جا اثاثا به شامل هوندا هئا. اُهي ريشم جي واپار ۾ پڻ ملوث هئا، جيڪو روايتي طور هندستان ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ اهم واپاري ڪوئي هوندي هئي، جيتوڻيڪ اهو واپار 1890ع کانپوءِ زوالجندڙ هو، ۽ اُهي عام طور ڪپڙي جي -سنعت ۽ ڪپڙي جي واپار ۾ پڻ ملوث هئا. اُهي چاءِ جي واپار ۾ پڻ ملوث هئا، پر پشاوري واپارين جي ڀيٽ ۾ ننڍيءَ سطح تي. علائقي جي پرڏيهي واپار ۾ سندن شرڪت، هندستان ۽ ترڪستان وچ ۾ ٿيندڙ مٽاسٽا تائين محدود نه هوندي هئي، پر هنن جي روسي ترڪستان ۽ ايران، افغانستان، سنڪيانگ ۽ روس سان ٿيندڙ واپار ۾ پڻ موڙي سيڙاپيل هوندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهي سنڌي واپاري روسي انقلاب وارن ڏينهن ۾، جيتوڻيڪ 70-1800ع واري دؤر جي مالياتي بالادستي وڃائي چڪا هئا، پر علائقي معاشيات جا اهم ڪيڏاري هئا. روسي انقلاب جي ڌاڃي ڪانپوءِ، هنن هندستان ۾ پنهنجي ڪاروباري- سرشتي جي وڏي پيماني تي جوڙجڪ ڪئي، جيتوڻيڪ هنن برما، سيلون ۽ ملايا ۾ بہ پنهنجو واپار وڌايو هو. هنن هندستانين جي واپارين بابت گهڻو مواد 1930ع واري بينڪنگ انڪوائري ڪميٽيءَ جي رپورٽ واري وقت منظر عام تي آيو. انهيءَ وقت، مشهور 'ملتاني' فرمن جي انگ جو ڪاٿو هڪ سؤ تائين لڳايو ويو هو، ۽ سندن موڙيءَ جي ماليت پنجاهہ لک رپيا لڳائي وئي. (16) جيڪا تنهن دؤر ۾ چيتيار بينڪنگ فرمن جي پنجويهہ ڪروڙ رپين واري موڙيءَ جي ڀيٽ ۾، تمام گهٽ ڀانئجي ٿي. (17) پر هن موڙيءَ تيزيءَ سان ڦهلاءُ جاري رکيو: هروقت شڪارپوري واپارين وٽ پنج ڪروڙ رپيا بينڪن جي ڪاتن ۾ موجود هوندا هئا، جنهن جو اڌون حصو بينڪن سان ٻيهر ڊسڪائونٽ ڪيو ويندو هو، ۽ بقايا موڙي شڪارپور ۾ وڪي ويندي هئي، جتي هُنڊيءَ جي متاستا واري بازار هوندي هئي. اها ڦهلجندڙ موڙي گهڻو ڪري زرعي آبادگارن، واپارين، هٽ جو پورهيو ڪندڙن ۽ ننڍن صنعتڪارن کي قرض طور ڏني ويندي هئي. اُهي ڏکڻ هندستان ۾ خاص ڪري وڏيڪ سرگرم هئا، اُتي ڪين 'واپارين ۽ جوائنٽ اسٽاڪ بينڪن، جيڪي واپارين کي پيشگي قرض ڏيندڙ هيون، جيڪو قرض وري زرعي ۽ ٻين آبادگارن سميت ۽ متاستا وارين شين تي پڻ ڏنو ويندو هو، تنهن وچ ۾ دلال جي حيثيت سان' سمجهيو ويندو هو. (18) شڪارپوري واپارين جي واپاري سرگرمين جو مکيہ مرڪز بمبئي هوندو هو، جتي شڪارپوري واپارين اڪثر ننڍن واپارين ۽ صنعتڪارن (پريس جي مالڪن، ڏاڳو- ٺاهيندڙن، بوتلون- ٺاهيندڙن، وغيره) کي قرض تي ناڻو ڏيندا هئا. (19)

شڪارپوري صراف پنهنجي موڙي يا وري شڪارپور مان سستي وياج (چار ڪان ڇهہ سيڪڙو) تي ڪنيل، پيشگي قرض طور ڏيندا هئا. قرض لکت يا هُنڊيءَ تي ڏنو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ناڻو حفاظت سان موٽائي ڏيڻ جي ذاتي ڀروسي تي يا ورلي شيون گروي رکي قرض طور ڏنو ويندو هو. قرض عام طور ننڍي مدي لاءِ يعني ٻن ڪان ٽن مهينن لاءِ يا ڪڏهن ستن مهينن تائين بہ ڏنو ويندو هو. شڪارپوري واپاري، هندستان جي امپيريل بينڪ جي چٽاڀيٽيءَ سبب، موڙيءَ کي ڏراوت طور رکڻ جو گهٽ ڪاروبار ڪندا هئا ۽ رقمون موڪلڻ واري ڪاروبار جا تمام گهٽ هيراڪ هوندا هئا. هنن جي هڪ مکيہ سرگرمي هيءَ هئي، تہ اُهي اگهن جي تفاوت مان فائدي وٺڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينڪن ۾ هُنڊي مَٽائيندا هئا: اُهي رنگون ۾ هُنڊي مَٽائيندا هئا. جيڪا پوءِ ان حقيقت مان فائدي وٺڻ لاءِ ته بمبئي ۾ بينڪ جو اگهه عام طور رنگون جي اگهه کان ٻه سيڪڙو گهٽ هوندو هو، مَٽائڻ لاءِ بمبئي موڪلي ويندي هئي. (20) هُنڊيءَ تي نفعي جو جيڪو اگهه ورتو ويندو هو، تنهن جو دائرو ٽَو کان ٽيرهن سيڪڙو هوندو هو، جنهن اگهه تي اڪثر ڪاروبار، ٿورڙي احتياط سان ننڍڙن قرضن تي، وڏ ۾ وڏ چوويهه سيڪڙو تي ٿيندو هو. اهي انگ اکر وچ ايشيائي ملڪن ۾ جاٽايل اکرن کان گهٽا گهٽ آهن، جنهن مان هن ڳالهه جي پڪ ٿئي ٿي، ته ان علائقي ۾ اگهه عام طور وڏا هوندا هئا. شڪارپوري واپارين مطابق، پنهنجي موڙيءَ تي بينڪارن جي ڪُل آمدني ست ۽ اٺ سيڪڙو جي گهٽ اگهه (21) ۽ مدراس پراونشل بينڪنگ انڪوائري ڪميٽيءَ جي رپورٽ مطابق، اهو اگهه، ٽَو کان ٻارهن سيڪڙو وڌي اگهه وچ ۾ تخمينو مختلف هوندو هو، جيڪو تضاد ڪنهن حد تائين ننڍو آهي ۽ ان جي سولائيءَ سان وضاحت ڪرڻي آهي.

سمورين رپورٽن شڪارپوري صرافن جي ڏراوت رکڻ واري سرگرمي، جيڪا 1914ع کان اڳ اهم سرگرمي هوندي هئي (جيئن وچ ايشيائي ملڪن جي وراثتي دستاويزن مان واضح طور ڏسي سگهجي ٿو)، وسيلي ناڻو ميڙڻ واري سرگرميءَ کان هُنڊي، جنهن کي پئسو ناهڻ جو سولو ۽ وڌيڪ مناسب طريقو سمجهيو ويندو هو، ڏانهن اينڌڙ واضح تبديليءَ تي ڌيان ڏنو آهي. شڪارپور ۾ جنگ جي عرصي دوران، هيٺين - وچين - طبقي جي عام ماڻهن ۾ ٻه هُنڊين خريدڻ جي عادت هوندي هئي، چوته کين اڳوات نفعو ملي ويندو هو. ۽ ايڪهٺ ڏينهن کانپوءِ اُهي تجديد ڪرائي سگهندا هئا ۽ کين ٻيهر نفعو ملندو هو. اهڙيءَ ريت، شڪارپور ۾ هُنڊين جو وڏندڙ واپار هوندو هو، جيڪي اصل ۾ دکن جي زرعي ماهرن يا بمبئي واپارين ۽ صنعتڪارن ڏانهن لکيل هونديون هيون ۽ شڪارپور ۾ وڪڻجڻ ۽ وري سنڌن وکرو ٿيڻ کانپوءِ صرافن وسيلي، ائين مقامي زراعت ۽ واپار کي موڙيءَ جي گهرج کان محروم ڪندي، ٻيهر دکن ۽ بمبئي ڏانهن برآمد ڪيون وينديون هيون.

معلوم ٿئي ٿو ته ڊگهي مدي ۾ شڪارپوري واپارين طرفان عالمي ۽ مختلف علائقن وچ ۾ سيڙپڪاريءَ جي ادا ڪيل ڪردار جي نتيجي ۾ خاص حد تائين سرمائي تي ناڪاري اثر ٿيا، جو جيڪي فنڊ مقامي طور ورتا ويندا هئا، سي منظم طريقي سان ٻين جاين ڏانهن منتقل ڪيا ويندا هئا. ٻئي پاسي معلوم ٿئي ٿو، ته باقاعدگيءَ سان موڪلجندڙ رقمن ۾ 1920ع کانپوءِ گهٽتائي آئي، جو شڪارپوري ٻنڪارن تيزيءَ سان بمبئي کي مکيه نڪاٿو يا واپاري مرڪز جي حيثيت سان استعمال ڪرڻ شروع ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو هو، ۽ اُهي شڪارپور کي رڳو رهائشي جاءِ ۽ ثانوي مالياتي مرڪز سمجهندا هئا. بينڪارن جي سنڌن سرگرميءَ جي نون علائقن سان تعلقاتن سبب، شڪارپور جي عدم مرڪزيت واري ٿيندڙ حالت ڪانپوءِ، واپارين سنجيدگيءَ سان پنهنجو ڪاروبار آهستي آهستي بمبئي ڏانهن منتقل ڪرڻ کي ترجيح ڏني. شڪارپور، خراسان جي مکيہ دروازي جي حيثيت سان وڏيو ويجهيو ۽ ترقي ڪئي، پر جزوي طور وچ ايشيائي ملڪن سان تعلقات ختم ٿيڻ تي ڪيس اهڙو تہ ڌڪ لڳو، جو هيءُ شهر سنڌس بئنڪارن جي اهليت ۽ پنهنجي اباڻي شهر سان وابستگي هوندي بہ، بيهر وري مٿي اُڀري نہ سگهيو. بهرحال، شڪارپوري واپارين جو ڪردار ڏاڍو متاثر ڪندڙ رهيو: شڪارپوري واپاري، وچ ايشيائي ملڪن ۾ روسي والار سبب ٿيل هاڃن جي هوندي بہ، هندستان ۾ 'مقامي بئنڪارن' جي مکيہ برادريءَ جي حيثيت سان، گجراتي ۽ مارواڙين کي سنڌن سرزمين تي للڪاريندي، پاڻ کي بيهر ناهڻ ۽ جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هنن جو مکيہ اثاثو چالاڪيءَ جي حد تائين ايمانداريءَ واري سنڌن ساک هوندي هئي، (ڪڏهن بہ ڪنهن شڪارپوري بئنڪار جي هُنڊيءَ ڪوڙي نہ نڪتي)، جيڪا ڳالهہ مان سنڌن هُنڊين جي يورپين بينڪن سميت وڏي پيماني تي مڃتا جي پڪ ٿيندي هئي، ۽ سنڌن لچڪيداريءَ جي چا ڳالهہ ڪجي، جو اُهي نفعي جي اڳهن ۾ تفاوت مان فائدو وٺڻ جي خيال ڪان هنديءَ کي هڪڙي جاءِ ڪان ٻي جاءِ تي تيزيءَ سان حرڪت ۾ آڻڻ ۾ ڏاڍا ڦُڙت هوندا هئا. انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو، تہ پنهنجي اباڻي شهر جي نسبتي غربت سبب پنهنجي محدود مالياتي وسيلن جي هوندي، اُهي وڏي پيماني تي ڪيئن گهٽي عرصي تائين ڏورانهن علائقن ۾ پنهنجو اهم مالياتي ڪردار ادا ڪري سگهيا هئا: هنن جي هُنڊين جي تيزيءَ سان گردش ڪرڻ جا گهڻ- رُخا فائدا ٿيا، جنهن سان ڪين پنهنجي موڙيءَ کي گهٽي چرپر ڏيڻ ڪانسواءِ، ڪيترين واپاري سرگرمين جي اجازت ملي ويندي هئي. هيءَ ڳالهہ واضح آهي، تہ ليکي چوکي وارو فن، هنن جي مهارت جو اهم جُزو هوندو هو، جيتوڻيڪ سنڌن ليکي چوکي يا حساب ڪتاب واري سرشتي جي خاصيتن جي تفصيل بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي. اُهي چرڪائيندڙ سطح تائين مضبوط قدامت پرستيءَ جو مَتجندڙ نقطي نظرن ۽ اتفاقي توڙي ناگهاني واقعن ۽ حادثن کي اختيار ڪرڻ جي شاندار گنجائش سان ميلاپ ڪندا هئا. شڪارپوري واپارين جا حيدرآبادي ساٿاري گهٽ قدامت پسند هئا، پر هنن اوچتو تبديليءَ لاءِ ساڳيءَ گنجائش جو مظاهرو نہ ڪيو: هنن جي ڪهاڻي بہ آهستي آهستي ٿيندڙ تبديليءَ جهڙي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### مقامي طور نهيل شين جي واپارين کان عالمي کيڏارين تائين:

### سنڌورڪي واپار جي ارتقائي ماهيت

جيڪڏهن شڪارپوري واپاري بنيادي طور بئنڪارن جي برادري رهيا، ته حيدرآبادي واپاري، سنڌورڪي واپاري يا سنڌورڪين جي حيثيت سان مشهور هوندا هئا، جن جو ساڳئي پس منظر سان واسطو هوندي، وقت گذرڻ سان واپار جي اهم ڪوئين ۾ خاص مهارت ماڻي هئي. هنن جو واپار 'سنڌورڪي واپار' جي حيثيت سان مشهور هوندو هو، جيڪو عالمي درآمد- برمد سان نهڪندڙ توڙ ۽ ريزڪي شين جي واپار تي ٻڌل هوندو هو. انهيءَ واپار ۾ عياشيءَ جي سامان سميت عام رواجي شين ۾ خاص طور ريشم جو ڪاروبار شامل هوندو هو، جنهن ۾ هنن واپارين کي خاص مهارت حاصل هوندي هئي. گڏوگڏ سنڌن واپار ۾ دائمي طور چڪ رکندڙ تاريخي نوادرات واريون شيون شامل هونديون هيون، جن جي مصر ۾ وڏي کپت هوندي هئي. آهستي آهستي سنڌورڪي واپاري، ڪپڙي جي مصنوعات واري عالمي مارڪيٽ ۾ عالمي واپارين جي حيثيت سان ظاهر ٿيا.

اصل ۾ 'سنڌورڪي واپار' جي اصطلاح ۾ هٿ سان ٺاهيل سمورين شين ۾، خاص ڪري لاڙ سنڌ جي پيداوار شامل هوندي هئي. اُهي شيون بمبئي مارڪيٽ ۾، سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍڻ ڪانپوءِ، اڪثر يورپي گراهڪن کي وڪڻڻ جو مکيه ذريعو هونديون هيون. انهن شين جو بنيادي طور لاڏائو يا هلندڙ- ڦرندڙ بازاري واپار هوندو هو، جنهن ۾ گهر ۾ يا ننڍي پيماني جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مسلمان هنرمندن جون ٺاهيل شيون هونديون هيون. انهن شين کي گهورڙيا وڪڻندا هئا، جيڪي شيون اُهي وري هنرمندن کي پيشگي ناڻو ڏيندڙ واپارين کان وٺندا هئا. انهيءَ واپار جي اوائلي وقت جو ڪوبه مواد اسان جي سامهون لکت ۾ نه آيو آهي، ۽ نه طريقي بابت ڪنهن به ڳالهه جي ڄاڻ نٿي ملي، جنهن ۾ واپارين پنهنجي ڪاروبار کي منظم ڪيو هو.

پوءِ، اڳتي وارن ڏاڪن تي ريشم ۽ ريشم جون ٺهيل شيون سنڌورڪي واپارين جي ڏنڌي ۾ داخل ٿيون. پاڻنجي تو ته اُهي اصل ۾ ريشم ۽ ريشم جون ٺهيل شيون، هندستان خاص ڪري پنجاب ۽ بنارس مان وٺندا هئا، پر ١٨٩٠ع کانپوءِ، چيني ۽ جپاني ريشم ۽ ريشم مان ٺهيل شين سبب هنن جي دڪانن جي مشهوري وڌي ۽ متيون شيون سنڌن واپار ۾ شامل شين جي فهرست ۾ شامل هونديون هيون. ريشم جي واپار ۾ سنڌن مهارت ڪنهن قدر چرڪائيندڙ آهي. ريشم گهڻو ڪري واپار جي خاص ڄاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 6.2: هندستان کان ريشم جي ٺهيل شين جي 1893ع کان 1894ع تائين ۽ 1913ع کان 1914ع تائين (رپين ۾) پيهر برآمد.

| مُلڪ جونالو | 1893ع کان 1894ع تائين | 1913ع کان 1914ع تائين |
|---|---|---|
| جبرالٽر | 65.349 | 55,185 |
| سيلون | 86.015 | 87,240 |
| ناتال | 16.729 | 98.100 |
| جنجبار ۽ پيمبا | 63.861 | 102.255 |
| اوپر آفريڪن پروٽيڪٽوريٽ | انگ اکر نہ مليا | 60.210 |
| مالٽا | 36.297 | 5.010 |
| پورچوگيز اوپر آفريڪا | 18.883 | 25,560 |
| مصر | 97.830 | 9,585 |
| جرمن اوپر آفريڪا | انگ اکر نہ مليا | 21,315 |
| تيونس ۽ ٽريپولي | انگ اکر نہ مليا | 10,305 |

ذريعو: هندستان ۾ ريشم صنعت بابت تحقيقاتي رپورٽ، ايڇ. ميڪسويل ليفروئي ۽ اي. سي. ائنسارج، ڪلڪتو، 1917ع، جلد پيو، ص، 88.

وارو شعبو آهي، جيڪو سختيءَ سان پاڻ ۾ جُڙيل واپاري برادرين منجهه چين، جاپان، فرانس ۽ اٽليءَ جي حالت جيان. ڊگهي عرصي تائين چاڻ ۽ مهارت ماڻڻ تي مجبور ڪري ٿو. هوڏانهن حيدرآبادي واپارين منجهه انهيءَ قسم جي واپاري مهارت جو ڪو اهڃاڻ اشارو نٿو ملي، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اوڻيهه صديءَ ۾ ٽيندڙ واپار ۾ ريشم مان ٺهيل مختلف قسمن جون شيون شامل هونديون هيون. بهرحال، پوءِ ماڻيل مهارت واري هن طريقي جي هڪ امڪاني وضاحت، هندستان جي اوڻيهين صديءَ جي پئي اڌ ۾ ريشم جي واپاري مارڪيٽ جي خاص حالت ۾ سمايل آهي، جتي ريشم جي واپارين جو ڪوبہ موروثي گروپ واضح طور برتريءَ واري حالت سان اڃا نہ اُڀريو هو. هن نسبتي طور 'کليل' صورتحال، شايد واپار ۾ نون واپارين جي داخلا ۾ سهولت ڏني هئي. هندستان ۾ ريشم جي واپار ۾ چڱو مقام ماڻڻ ڪانپوءِ (اهي 1870ع ڪانپوءِ ريشم جي واپارين جي حيثيت سان نروار ٿيا)، سنڌورڪي واپاري بنيادي چاڻ ۽ مهارت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا، جنهنڪري هنن ريشم جي خريداريءَ واري واپاري سرگرميءَ کي ڏور- اوڀر تائين وڌايو. 1880ع جي پڇاڙيءَ ڌاري جڏهن هنن اهو قدم کنيو، تنهن وقت هندستاني واپارين جون پيون ڌريون، گهڻو ڪري گجراتي ڏور- اوڀر ۾ ريشم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خريداريءَ ۾ اڳيئي رُڌل هيون، جيڪي اهو مال بمبئي مارڪيٽ پهچائيندا هئا. اهو ممڪن آهي، ته بمبئي مارڪيٽ ۾ تمام گهڻن واپارين جي موجودگيءَ ڪي ڏسندي سنڌورڪي واپارين، هندستان کان ٻاهر انهن ملڪن ۾ ذريعا ڳولهڻ شروع ڪيا، جتي اُهي اڳيئي نوادرات جي واپارين جي حيثيت سان پنهنجا پير ڄمائي چڪا هئا. هندستان خاص ڪري بمبئي کان ٻين اهم ماڳن، جتي سنڌورڪي واپاري سرگرم هئا، ڏانهن ريشم جي نهيل شين ڪي ٻيهر برآمد ڪرڻ جا انگ اکر هنن واپارين جي واپاري مقدار بابت ڪجهه ڄاڻ ڏئي سگهن ٿا. ٽيبل 6.2 ۾ انگ اکر ڏنل آهن.

هي ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻ قابل آهي، ته 94-1893 ۽ 14-1913 جي وچ ۾ مالٽا ۽ مصر ڏانهن ريشم جي شين جي ٻيهر- برآمد ۾ چڱي لاٿ آئي هئي، جنهن مان اشارو ملي ٿو، ته سنڌورڪي واپارين انهن ماڳن ڏانهن، هندستان کان پاسو ڪندي، چين ۽ جپان کان سڌيءَ ريت ريشم جي شين جو مال موڪلڻ جو لاڙو رکيو هو. ڪجهه وڏين سنڌورڪي فرمن جي جپان ۽ چين ۾ نئين ڪوٺين کولڻ سان ان لاڙي کي وڌيڪ سهولت ملي.

چين ۾، سنڌورڪي واپاري پهرين ڪينٽن ڏانهن ڇڪجي ويا هئا، جيڪو ريشم جي برآمدي واپار ۾ شنگهائيءَ جي پيٺ ۾ گهٽ سرگرم هو، پر اُتي پرڏيهي مارڪيٽ لاءِ ٻين شين جو وڏو واپار هوندو هو. (22) 1920ع کان پوءِ، هنن پنهنجون واپاري سرگرميون شنگهائي ڏانهن تبديل ڪيون، جتي نسبتي سستي ۽ هلڪي قسم جي جنس تُساهه ريشم مان نهيل پونگي، برآمد لاءِ مشهور جنس هوندي هئي. (23) سنڌورڪي واپارين جو ريشم جي واپار ڏانهن ڇڪجڻ جو هڪڙو اهم سبب، سياحن ۽ مسافرن جي لڳاتار مستحڪم گهُرج جي موجودگيءَ سميت، شايد ان جو قياسي ۽ سٽيبازيءَ جو جهجهو ڪردار هو. چين ۾ ريشم جي واپاري مال جي سٽيبازي وڌيڪ هوندي هئي، ڇوته طلب ۽ رسد ۾ اوچتي تبديليءَ سان ڏاڍي غيريقينيءَ واري صورتحال پيدا ٿي پوندي هئي، ۽ ٻئي سبب جي حقيقت هيءَ آهي، ته دنيا جي اڪثر چين چانديءَ جي معيار تي هوندي مٿاسنا جي اگهن ۾ وڏي لاهه- چاڙهه ٿيندي هئي. (24) سٽيبازي ۽ وڏي اگهه، ماهر واپارين کي اڳتي آڻڻ واري ڳالهه جي شايد وضاحت هيءَ آهي، ته سنڌورڪين جهڙن چالاڪ واپارين، جن وٽ فرانس ۽ آمريڪي جي ٻنهي وڏين مارڪيٽن ۾ چيني ريشم جو واپار ڪرڻ لاءِ ڪابه موڙي نه هئي، سي چٽاپيٽيءَ واري مارڪيٽ ۾، جن ۾ ڪين ڪو خاص نفعو نه هو، ملوث ٿي منجهائن خوشحال ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ايس. سُوگي ياما چيو، ته جپان ۾ مغربي بينڪن جون ڪوٺيون جڙڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقاعدي جهازن جي سروس شروع ٿيڻ سبب، واپارين لاءِ ننڍي موڙيءَ سان واپار ڪرڻ ۽ پيرن تي بيٺل مغربي فرمن سان چٽاپيٽي ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو. (25) سنڌورڪي واپاري پهرين اڪثر ريشمي رومال خريد ڪندا هئا، جن جي سياحن وٽ ڏاڍي گهرج هوندي هئي، ۽ پوءِ هنن پنهنجي ڪاروباري سرگرميءَ جو دائرو وڌايو.

هنن شال ۽ پرت جهڙي خاص مهارت واري واپاري ڪوٺين ۾ دلچسپي وڌائي. ريشمي پرت پريل شين جي واپار ۾ مهارت جي، ڪشمير ۽ حيدرآباد وچ ۾ اوائلي واپاري لاڳاپن جي موجودگيءَ وسيلي آسانيءَ سان وضاحت ڪري سگهجي ٿي. بهرحال، سنڌورڪين جي دڪانن تي رکيو ڪشميري شالون ٿي نه وڪامنديون هيون: مثال طور، اهي واپاري مصر ۾ مقامي طور ٺهيل شالون وڪڻندا هئا، جيڪي اسوئٽ شال جي نالي سان مشهور هونديون هيون. معلوم ٿئي ٿو، ته انهن جي پرت پريل شين جي واپاري مهم، ڪپهه ۽ ريشم تي ٿيل نفاست واري ڪم جي آرائشي نمونن جي پيداواري روايت وارن مالٽا يا ٽينيرف جهڙن ملڪن سان، خاص ناريءَ جي حيثيت سان واپاري لاڳاپا جوڙڻ ۾ ترقي ڪئي. مصر ۾ رهندڙ ڪجهه سنڌي واپارين مالٽا جي ڪپهه ۽ ريشم تي ٿيل نفاست واري ڪم جي آرائشي نمونن جو وڏي پيماني تي واپار ڪيو، جن نمونن جي اُتي، خاص ڪري يهودي آباديءَ ۾، گهڻي گهرج هوندي هئي.

اهڙي خاص قسم جي چڱي مهارت واري واپار سميت نوادرات جو واپار به ٿيندو رهيو. ’نوادرات‘ يا نادر شين اصطلاح جي اصل بنياد، ۽ عام طور مشهور ’عياشي‘ وارين شين جي سڄي دائري کي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ واري ڳالهه پاڻ وڏيڪ تحقيق لائق ٿيندي. اصطلاح جي وصف اصل ۾ مختلف ٿي سگهي ٿي. ڪجهه حالتن ۾، ان ۾ تاريخي نوادرات ۽ هٿ جون ٺاهيل شيون شامل هونديون هيون، پر اُهي پڪ سان سنڌورڪي واپارين لاءِ نه هونديون هيون. اُهي ان خاص مهارت واري واپار ۾، جيڪا ڄاڻ، جا منجهن نه هوندي هئي، ماڻهن تي مجبور ڪندو هو، تنهن ۾ ملوث ٿيڻ کان لنوائڻ جو لاڙو رکندا هئا. مصر ۾ هنن اهو واپار مڪمل طور آرمينيائين، ليوانٽائين، يوناني ۽ يهودين لاءِ ڇڏي ڏنو هو، ۽ انهيءَ جي پيٽ ۾ هنن واپارين، ’سياحن‘ کي ننڍي سطح تي مارڪيٽ ۾ وڪامندڙ شين، جيڪي ساڳيءَ سطح تي صاحب ذوق ماڻهن کي متاثر نه ڪنديون هيون، تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. انهن شين جون انيڪ اصل پيدائشي جايون هونديون هيون، ۽ انهن جو مطلب مسافرن ۽ سياحتي گراهڪن کي پرچائڻ هوندو هو.

نتيجي طور، هيءَ يورپي ۽ اُتر آمريڪي سياحن ۽ مسافرن پاران طلب جي خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوعيت آهي، جيڪا سنڌي دڪانن ۾ آچ تي مختلف قسمن جي شين جي ميلاپ جو روپ وٺندي هئي. هن قسم جو گراهڪ وڏي مقدار ۾ شيون وٺڻ ۾ دلچسپي نه رکندو هو، ۽ هو معيار جي ڏس ۾ وڌيڪ طلب به نه ڪندو هو. مسافر- خريداري، واپار جي خاص شاخ آهي، جنهن ۾ وڪڻندڙ تي شين جا اگهه گهٽائڻ جون ڪيتريون ئي عام رواجي پابنديون هجن ٿيون. گراهڪ 'عام رواجي' خريداريءَ واري طريقي جي ڀيٽ ۾ وٺڻ لاءِ وڌيڪ تيار هوندو آهي، ۽ خريداري عام طور ڏار بجيٽ مان ڪئي ويندي آهي، جيڪا مسافريءَ لاءِ مخصوص ٿيل هوندي آهي، تنهنڪري ڪو مرد يا عورت، قيمت بابت پنهنجي پَتونءَ ڏانهن ڌسڻ جو لاڙو نه رکندي آهي. ڪجهه حالتن ۾، عام طور جڏهن جهاز گوديءَ تي لڳل هوندو آهي، تڏهن وٽن محدود وقت هوندو آهي.
عالمي ڏِگهي- مفاصلي وارن جهازن جي مسافرن کي عام طور واپارين جا دلال، دڪانن تي وٺي ويندا هئا، ۽ ائين سُٺي خريداري ٿيندي هئي. خريداريءَ جو جبر وڌيڪ هوندو هو، ڇوته ڪنهن ڏِگهي سفر تان پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس خالي هٿين موٽندي، ڪجهه خراب لڳندو هو. ٻئي پاسي اُنهن سياحن وٽ پاڻ جيڪي شيون وٺڻ جي خواهش رکندا هئا، تن بابت ورلي ڪو واضح تصور هوندو هو. انهيءَ ڪري ان قسم جي گراهڪن کي شيون وٺڻ تي قائل ڪرڻ واري مهارت جي ڏاڍي اهميت هوندي هئي. وڏي پيماني تي اشتهاربازيءَ واري دؤر کان اڳ ۾ اهو ڪم رڳو ذاتي لاڳاپن وسيلي ئي ڪري سگهبو هو. تنهنڪري، اهڙن مئنيجرن ۽ دڪانن جي نائبن جو هئڻ ضروري هوندو هو، جيڪي گراهڪ کي ڳالهائڻ وسيلي مهانگيءَ شيءِ وٺرائڻ جي فن ۾ ماهر هجن، ۽ اِها مهارت سنڌورڪين واپارين ۾ اوچي سطح واري هوندي هئي. جيئن ته 'طلب' جو ڪن خاص جنسن تي گهٽو زور نه هوندو هو، تنهنڪري اصل خريداري شين جي موجودگيءَ تي سولائيءَ سان اثرانداز ٿيندي هئي. اهو سياڻپ جو ڳُو عمل هوندو هو، ته شين جي کوٽ ۽ مهانگائيءَ دؤران وسيع سطح جون وڏي مقدار ۾ شيون سدائين موجود هجن. اهوئي سبب آهي جو اوائلي وقت جي سمورن دڪانن ۾ وڏي مقدار ۾ شين جي موجودگيءَ جي خاص خاصيت رهي آهي. دڪانن تي سياحن واري موسم ۾ (مصر ۾ اونهاري ۾) واپار ۾ تيزي اچي ويندي هئي، جنهن عرصي دوران تمام گهڻيون شيون وڪرو ٿينديون هيون، ۽ منجهائن نفعو به گهڻو ملندو هو. گڏوگڏ اهڙو واپار، سياحن ۽ مسافرن جي انگن ۾ ٿورڙي گهٽتائيءَ اچڻ سميت گهڻو ڪري رواج ۽ ذائقي جي اڻ ڪٿيل تبديليءَ تي آڌاريل هوندو هو. گڏوگڏ اهو ڏنڌو جوکي ۽ غيريقينيءَ جي وڏي سطح جي خاصيت وارو به هوندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌورڪي واپاري انهن جوکن ۽ هاجن کي گهٽائڻ لاءِ، سياحتي واپار تي گهٽو آڌارڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ۽ وڏيڪ اورچائيءَ سان واپاري رُخن کي باقاعدگيءَ سان ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اُهي جن شين جو واپار ڪندا هئا، تن کي سامهون رکندي ڏسبو تہ هنن جا گراهڪ گهٽو ڪري يبينڪيتي ۽ نيم- بينڪيتي ملڪن جا يورپي رهواسي، مصر ۾ برطانوي، ايسٽ انڊيز ۾ ڊچ آبادڪار يا اتر آفريڪا ۾ فرينچ جيان، هوندا هئا. برطانوي فوجي پڻ اهم گراهڪ هوندا هئا، جوتہ آفيسر ۽ سپاهي اوپرندي ملڪن ۾ پنهنجي نوڪريءَ وارن سالن دوران پاڻ سان گڏ ڪي يادگار ڪٽي وڃڻ پسند ڪندا هئا. اُهي متئين طبقي جا سمورا يورپي سُنا گراهڪ هوندا هئا، جوتہ منجهن 'من- موهيندڙ' سامان جي ذوق سميت خريداريءَ جي وڏي سگهہ بہ هوندي هئي. سنگاپور جهڙن علائقن ۾، شاهوڪار غير- يورپي ماڻهن سميت اڪثر چيني گراهڪ بہ هوندا هئا. پچاڙڪي ڏاڪي تي، جيئن تہ دڪانن تي وڪامندڙ شين جي جنسن ۾ ريشمي ڪپڙي سميت ڪارخانن ۾ ٺهيل مختلف قسمن جو ڪپڙا بہ شامل هوندو هو، تنهنڪري وڏيڪ 'مقامي' گراهڪ سنڌي دڪانن ڏانهن ڇڪجي ويندا هئا.

سنڌورڪي واپاري شين جي اگهن واري جنهن پاليسيءَ جي پوئواري ڪندا هئا، سا عام بازار ۾ وڪامندڙ شين جي اڻ مقرر ٺيل اگهن ۽ وڏيڪ نفعو ڪمائڻ لاءِ ممڪن حد تائين تيزيءَ سان محدود مال کي نيڪال ڪرڻ جي ڪوشش سان ٺهڪجندڙ نہ هوندي هئي. انهيءَ جي ابتڙ، هنن جي دڪانن ۾ شين جا اگهہ مقرر ٺيل ۽ مهانگا هوندا هئا، ۽ شين جي قيمتن ۾ گهٽ- وڌائي مجيل رواج نہ هوندو هو. اُهي دڪان اصل ۾ 'مشرقي' دڪانن جا نمونا هوندا هئا، جيڪي ساڳئي وقت سڄي يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ تيزيءَ سان وڌيا ويجهيا پئي. ۽ سنڌورڪي واپارين جي هيءَ سوچيل سمجهيل ڪوشش هئي، اُهي عام رواجي 'مشرقي' واپار کان پاڻ کي مختلف ظاهر ڪن، تہ جيئن اُهي مشهوري ۽ عزت ماڻين ۽ ڪنهن نسلي مت ڀيد ڪانسواءِ، گهٽو ڪري يورپي گراهڪن جو اعتماد متاثر ڪن. هنن پنهنجو هيءَ اصول ٺاهي ڇڏيو هو، تہ اُهي يورپ ۾ رواج جيان يورپي گراهڪن سان ممڪن حد تائين ورتاءُ ڪن. مثال طور، اُهي ممڪن حد تائين اوڌر تي شيون وڪڻڻ کان لنوائيندا هئا، جيڪو طريقو هر صورت ۾، جڏهن گراهڪ اڪثر هڪدم وڃڻ لاءِ تيار ساموندي جهاز جا مسافر هوندا هئا، سياڻپ- ڀريو هوندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڪان جي جاءِ ۽ شين جي سُٺي نمائش، وڪري جي انگ ۾ مستقل واڌ جا بہ اهم عنصر هوندا هئا. عام طور سنڌورڪي واپارين جا دڪان مشهور جاين، مکيہ تجارتي گهٽين يا وڏين هوٽلن ۽ مکيہ سياحتي مرڪزن ۾ هوندا هئا. قاهره ۾ هنن جا دڪان وڏين هوٽلن ۽ مکيہ سياحتي بازار ’خان خليل‘ تائين پکڙيل هوندا هئا. سنگاپور ۾، سندن دڪان هاءِ اسٽريٽ ۾، ۽ سائيگون ۾ ڪٽينات ۾ هوندا هئا. هنن جا اڪثر دڪان ڪرايي تي ورتل هوندا هئا، ۽ سنڌورڪي فرمن کي پنهنجي دڪانن جي ڪرايي تي وڏي رقم ڏيڻي پوندي هئي. تنهنڪري سنڌورڪي واپاري دڪان وٺڻ تي مجبور هوندا هئا، چوتہ زميني ملڪيت جون قيمتون خاص ڪري واپاري علائقن ۾ تمام گهٽيون هونديون هيون، ۽ اُهي ممڪن حد تائين، گردش مان فائدو وٺندي پنهنجا اثاثا پَتڙا رکڻ پسند ڪندا هئا.

جيڪڏهن شاهوڪار گراهڪ سولائيءَ سان چڱي هنڌ تي موجود دڪان ڏانهن ڇڪجي اچي، تہ دڪان جو اندروني انتظام ۽ بندوبست جو معيار، سندن ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ضروري هوندو هو. معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌي واپاري دنيا جي وڏن راڄڌانين ۾ ’مشرقي دڪانن‘ جي نئين مثال کان متاثر ٿيل هوندا هئا، انهن ان ڏس ۾ تمام گهڻو ڌيان ڏنو آهي، جنهن جا نڪرندڙ نتيجا ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهن. رنگون جي مُکيہ سنڌي دڪاندارن ۾ هڪڙو دڪاندار تي. ڪي. تيجومل هو، جيڪو سياحن ۽ يورپي شهرين کي ايڏو تہ متاثر ڪندو هو، جو نيٺ ان موضوع تي جولاءِ 1922ع ۾ رنگون گزيٽ ۾ هڪڙو بيت ڇپيو. (26)

جيڪڏهن طلب جي خاص نوعيت گهڻو ڪري شين جي درجابندي تي آڌاريل ۽ حُڪمي هوندي هئي، جيڪي شيون دڪانن ۾ وڪڻڻ لاءِ پيش ٿيل هونديون هيون، يا ڪين گهورڙيا وڪڻندا هئا، تہ واپار کي صحيح صورت ڏيڻ لاءِ شين جي رسد ايتروئي اهم عنصر هوندي هئي. انهيءَ مامري ۾ سنڌورڪي واپارين جي اصليت هيءَ آهي، تہ هنن سڄي رسد جي سرشتي تي ضابطو آڻڻ جي منظم طريقي سان ڪوشش ڪئي. اوائلي ڏاڪي تي، وڏين سنڌورڪ فرمن وٽ، شين جي خاص جنسن جي پيداوار لاءِ حيدرآباد ۾ پنهنجا ڪارخانا (Workshop) هوندا هئا. اهڙيءَ ريت 1899ع ۾ پوهومل برادرز ۽ وسيومل آسومل، سنڌ جي روايتي هنر يعني چانديءَ جي پرت جو ڪم ڪندڙ طور پنهنجو اشتهار ڏياريو هو. هٿ جي هنرن سان اهو سڌو تعلق، سنڌ جي پيداوار جيان، بين علائقن ڏانهن تبديل ڪيو ويو. بهرحال، هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي، تہ 1930ع ۾ حيدرآبادي واپارين جو ڪشمير ۾ وڏي پيماني تي هٿ جي هنرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيداوار ۾ سيڙپڪار جي حيثيت سان ذڪر ڪيو ويو هو. (27) مختلف موقعن تي، سنڌورڪي فرمن مختلف علائقن ۾ ننڍڙيون فيڪٽريون خريد ڪيون. (28) پر پيداوار م اهڙو سڌو ڇپيو ورلي سوپارو ٿيو. انهن ناڪام ڪوشش ڪي پاسيرو رکندي ڏسبو، ته سنڌورڪي واپارين جي مکيه ڪوشش، ڪارخاني يا پاندن ڪان اصل گراهڪ تائين مڪمل رسد جي سرشتي ء ممڪن حد تائين وچين ماڻهو يا دلال جي ڪردار کي ختم ڪرڻ تي ضابطو آڻڻ واسطي رهي. بهرحال، رڳو خاص قسم جي فرمن، ڪارخاني مان ٿوڪ تي شيون وٺڻ کان دڪانن تي ريزڪي وڪڻڻ، برآمد، درآمد ۽ ٿوڪ تي ورڇڻ واري سرشتي جي سمورين سرگرمين جو ڪردار ادا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. انهيءَ ڏس ۾، سنڌورڪي فرمون ٻن وسيع ڏاڪن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون: حقيقي 'عالمي' فرمون برآمد سميت درآمد ڪرڻ، ٿوڪ ۽ ريزڪي اگهه تي مال وڪڻڻ جو ڏنڌو ڪنديون هيون. جڏهن ته ننڍيون فرمون رڳو درآمدي مال جي سرشتي جو ڪم ڪنديون هيون.

1930ع ۾، سنڌورڪي فرمن جو ڪُل انگ هڪ سؤ کان وڌيڪ هوندو هو، تنهن مان اٽڪل پنجاهه فرمون جپان ۽ چين کان شيون برآمد ڪندڙ فرمن جي حيثيت سان فهرست ۾ شامل هيون، جيڪو پوءِ واضح طور واپار لاءِ شين جو مکيه وسيلو هوندو هو. ڪجهه ٻيون به فرمون هونديون هيون، جيڪي رڳو هندستان کان برآمد ڪنديون هيون، پر اهو هندستاني شين جي ڪُل رسد جو ڪجهه حصو ئي هوندو هو. وڏين برآمدي فرمن ۾، مختلف ڪوٺيون مختلف قسمن جي ڪاروبار جي سنڀال ڪنديون هيون: يوڪوهاما واري ڪوٺي ٿوڪ تي خريداري ء برآمد ڪندي هئي، وري جبرالٽر واري ڪوٺي درآمدي شيون ۽ ٿوڪ تي شيون مغربي ميڊيٽرين ۽ ائٽلانٽڪ ڏانهن موڪلينديون هيون، جڏهن ته مختلف علائقن يا ملڪن ۾ ريزڪي وڪرو به دڪانن يا گهورڙين وسيلي ڪيو ويندو هو.

1940ع ۾ جپان کان برآمد ڪندڙن جي حيثيت سان فهرست ۾ شامل ويهه فرمن، (29) جي جائزي مان پتو پوي ٿو، ته اُهي گهڻو ڪري ٽيڪسٽائيل واپار ۾ ملوث هيون. بهرحال، اُهي جيڪي شيون برآمد ڪنديون هيون، تن جي دائري جي وسعت ڏيان جوڳي آهي، جو اڪثر فرمن پنهنجي روايتي ريشمي مال جي واپار ۾ سوٽي ۽ اوني ڪپڙو به شامل ڪيو هو. ٻئي پاسي، رڳو به فرمون نوادرات جي برآمد ڪندڙ جي حيثيت سان فهرست ۾ شامل آهن، جيڪا شايد غلط فهمي آهي. مختلف قسمن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وکر، جيئن هٿ ۾ ڪٽڻ وارا تيلها، گنجيون، جوراب، اگٺ، ڪَڇا، خوشبوءِ، توال، رومال، هوزري يا زنانو سامان، ڇَتيون پڻ انهن فرمن طرفان برآمد ٿيندڙ شين واري فهرست ۾ شامل آهن، جيڪا ڳالهه سنڌن دائري جي وسعت واري لاڙي جي ثابتي آهي.

ڏکڻ- اوڀر ايشيائي ملڪن جون شاهديون هن تاثر کي وڌيڪ سگهه ڏين ٿيون. 1920ع ۽ 1930ع ۾ وڏيون سنڌورڪي فرمون، ڪي. اي. جي. چوترِي مل، ڪي. چيلارام ۽ پوهومل برادرز جيان، جپان ۽ نيدرلينڊ انڊيز وچ ۾ گهڻ رُخي واپار ۾، جپاني ڪپڙي جي ڪارخانن سان هندستان ڪچي ڪپهه متاستا ڪري، تيار تيل مال وٺي، اُهي انڊيز ۾ وڪڻڻ ۾ ملوث ٿيڻ شروع ٿيون. (30) ڪي. اي. جي. چوترِي مل فرم خاص ڪري 'عالميت' واري واپاري سرگرميءَ ۾ تيز هئي. 1920ع ۾ اها جرمن ۽ سوئيس ڪپڙي جي بازار ۾ ڏوڪيندي آئي، ۽ فرينچ انڊو- چين ۽ ڏکڻ- اوڀر ايشيائي ملڪن وچ ۾ ڪپڙي جي ٿيندڙ واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. لالچند ۽ ريواچند اتحادي فرمون انڊو- چين، فرانس، فرينچ انڊيا ۽ هانگ ڪانگ کان ملايا ۽ ڊچ ايسٽ انڊيز ڏانهن ڪارخانن ۾ نهيل ڪپڙو برآمد ڪنديون هيون. (31) ريشم جي واپار ۾ گهڻ مهارت کان لنوائيندي ڏسبو، ته وڏيون فرمون طلب ۾ جُز- وقتي گهٽ- وڌائي کي مُنهن ڏيڻ سميت رسد جي پنهنجي وسيلن کي وسعت ڏيڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿيون. هنن ان واپاري- سرشتي کان خوراڪ ورتي، جنهن کين انهن مارڪيٽ بابت، جنهن ۾ جاپاني فرمون دلچسپي رکنديون هيون، معلومات جي چڱي حصي تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪئي.

'عالمي' برآمد ڪندڙ گهڻ- ڪوٺين واريون فرمون، واپاري- سرشتي ۾ اهم عنصر هيون، چوته اهي گهٽو ڪري رسد جي وسيلن تي ضابطو رکنديون هيون. جيتوڻيڪ جپان ۽ چين کان مختلف فرمن جي خريداريءَ جي سطح بابت عددي انگ اکر موجود نه آهن، پر اها گهٽي پڪ آهي، ته ستن وڏين فرمن جو ان ۾ وڏو حصو هوندو هو، جيتوڻيڪ معلوم ٿئي ٿو، ته ٻن يا ٽن ٻين فرمن پڻ چڱيءَ سطح تي خريداري ڪئي هئي. ننڍين فرمن بابت پانئجي ٿو، ته منجهانئن ڪجهه فرمون پرڏيهي مارڪيٽ جي پيٽ ۾ هندستاني مارڪيٽ ۾ مال پهچائڻ ۾ مهارت رکنديون هيون. اڪثر ننڍيون فرمون، جيڪي برآمدي ڪاروبار ۾ شامل نه هيون، وڏين برآمدي فرمن تي پنهنجي مصنوعات جي رسد لاءِ ڀاڙينديون هيون. (32) ننڍا دلال وڏين فرمن کان مال اوڌر تي، يا مال ملندي ئي روڪ ادائيگيءَ تي وٺندا هئا. بهرحال، انهيءَ واپاري- سرشتي کي مڪمل پاڻ- ڀريءَ حيثيت سان ڏسڻ هوند غلطي ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوري واپارين جي مصنوعات جي متاسنا کي ٽن وسيع ڏاڪن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: فرم وچ ۾ متاسنا، واپاري- سرشتي وچ ۾ متاسنا، ۽ ٻاهرين واپارين سان متاسنا.

فرم وچ ۾ متاسنا ساڳئي فرم جي مختلف ڪوٺين وچ ۾ مال جي ڏي وٺ هوندي هئي، ۽ وڏين فرمن جي اهميت کي ڏسندي چئبو، ته اها مال جي متاسنا شايد سمورين واپاري شين جي متاسنا سان واسطو رکندڙ هوندي هئي. واپاري- سرشتي وچ ۾ متاسنا مختلف سنڌورڪ فرمن وچ ۾ ٿيندي هئي. وڏين فرمن کي مهيا ڪندڙ ۽ ننڍين فرمن کي خريدار جيان پاڻ ۾ ورڇجهو آٿيندي ڏسبو، ته اُهي گهٽو ڪري اُفقي هونديون هيون. معلوم ٿئي ٿو، ته وَڏيون فرمون هڪٻئي سان ٿورڙو ڪاروبار ڪنديون رهيون آهن. ٽئين درجابنديءَ ۾ اُها سمورين واپاري شين جي متاسنا شامل آهي، جيڪي سنڌورڪي فرمون ٻاهرين واپارين سان، خريدار يا مهيا ڪندڙ جي حيثيت سان ڪنديون هيون. اصل ۾ اُها متاسنا گهٽو ڪري شيون پيدا ڪندڙن سان ٿيندي هئي، جن مان اڪثر شيون ناهيندڙ هوندا هئا. سنڌورڪي واپاري بين واپاري فرمن کي گهٽو مال نه وڪڻندا هئا، چوته اُهي ريزڪي اگهه تي به شيون وڪڻندا هئا. گڏوگڏ معلوم ٿئي ٿو، ته واپاري- سرشتي ۾ آيل واپارين وچ ۾ متاسنا، ٻاهرين سان ٿيندڙ متاسنا کان وڌيڪ اهميت واري رهي آهي، پر ٻاهريون واپاري پوءِ به سموري واپاري- سرشتي ۾ شين جي باقاعدي رسد جي خاطريءَ لاءِ اهم رهيو آهي.

هاڻي سوال هيءَ آهي، ته ڇو وڏيون فرمون سموري رسد جي سرشتي کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون؟ هنن جي مقصد جو شايد پهريون سبب متاسنا ٿيندڙ شين جو اگهه گهٽ رکڻ جي خواهش هوندي هئي. پر ٻيو امڪاني سبب ٻاهرين واپارين کي ڏُتارڻ ۽ پنهنجي شهر جي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جي خواهش رهي آهي. مڪمل رسد تي ضابطو رکڻ جون پنهنجون قيمتون هونديون هيون: انهيءَ جو مطلب برآمد، درآمد ۽ ٿوڪ اگهه تي وڪڻڻ جي مختلف مهارتي سرگرمين کي پورو ڪرڻ هوندو هو. انهيءَ عمل ۾ مهارت جي طلب گهربل هوندي هئي، ۽ اها بهرحال عالمي سرمايداريت جي انساني وسيلن جي معيار وسيلي وچين- سطح جي واپار ڪندڙن سان جڙيل هوندي هئي. مهارت جي اهڙي کوٽ، نفعي ۽ ملهه جي ڪاتي ۾ سهولت نه ڏيندي هئي، ۽ شايد ان جي نفعي واري حالت ڏانهن ڪشش رهي آهي. ٻئي پاسي، ان سان بيشڪ اندروني طور نفعو ٿيو، جيڪو مختلف واپاري علائقن وچ ۾ ناڻي جي گهٽ- وڌائيءَ تي ڪيڏڻ جي امڪان جيان، لنوائڻ جهڙو نه هو. اهو معلوم ٿئي ٿو، ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1930ع ۾ خاص ڪري پرڏيهي ناٽي جي واپاري سرگرمي، وڏين فرمن جي نفعي واري حصي جو وڏندڙ حصو هئي. (33) واپاري سامان جي رسد واري سرشتي تي ضابطو رکڻ سان لچڪيداري به ملي هئي ۽ ڪين طلب مطابق شين کي هڪ انداز کان ٻي انداز ڏانهن وٺي وڃڻ ۾، تيزيءَ سان مُنهن ڏيڻ جي مهلت ملي ويندي هئي. هن خواهش لاءِ قطعي وضاحت امڪاني طور هيءَ آهي، ته اها واپاري- سرشتي جي غيريقيني اندروني توازن ۾ موجود آهي. واپاري سامان جي رسد واري سرشتي تي ضابطي رکڻ ۾، رڳو وڏيون فرمون پنهنجي مجموعي بالادستيءَ کي، جيڪا نئين ڪيڏارين يا واپارين جي اُڀرڻ ڪري مستقل خطري ۾ هوندي هئي، برقرار رکي سگهيون هيون. اهڙيءَ ريت، واپاري سامان جي رسد واري سرشتي تي ضابطو، واضح طور واپاري- سرشتي تي ڪجهه ماڻهن جي اجاريداريءَ واري نوعيت سان ڳنڍيل هوندو هو. ڪجهه ماڻهن جي اجاريداريءَ تي لڳاتار ٻيهر- اصرار ڪرڻو پوندو هو، جو ته اها واپار جي فطرتي رُخن وسيلي پاڙان اُکڙجي پئي سگهي. جيئن ته بالادست ڪيڏاري پنهنجي مراعتن لاءِ موروثي ذاتي جوڙجڪ کي استعمال ڪري نه سگهيا، تنهنڪري هنن کي پنهنجي مقصدن تائين پهچڻ لاءِ مارڪيٽ عنصرن سان هٿ ڳنڍڻا پيا.

مقداري انگن اکرن جي کوٽ، سنڌورڪي واپار جي مجموعي اهميت جو جائزو وٺڻ وارين ڪوشش کان روڪي ٿي. هيءَ ڳالهه اڳيئي چٽي چڪا آهيون، ته 1936ع ۾ نفعي جو ڪاٿو ويهه ڪروڙ روپيا لڳايو ويو هو. (34) وڏين سٽن فرمن ضرور منجهانئن وڏو حصو ڪمايو هوندو، جنهن جو مطلب هيءَ آهي، ته اُهي فرمون تنهن دؤر ۾ وڏين هندستاني تجارتي فرمن ۾ شامل هيون، تنهنڪري سنڌن هرهڪ فرم جو نفعو هڪ ڪروڙ کان مٿي هوندو.

نفعي جي ڏس ۾ ڪوبه مجموعي ڪاٿو موجود نه آهي. تاريخي ماخذن ۾ ٽڙيل پکڙيل اشارن مان وقت ۽ جاءِ تي آڏاريندڙ نفعي جي اڳهن ۾ گهٽي اختلاف جو پتو پوي ٿو. 1920ع ۾ جاوا ۾ هڪ فرم جو ساليانو نفعو اٽڪل سؤ سيڪڙو ڏيکاريو ويو، (35) جڏهن ته پاناما ۾ هڪ فرم کي 25-1924ع ۾ پنجاهه سيڪڙو نفعو ٿيو، ۽ قاهره ۾ هڪ ٻيءَ فرم 07-1906ع ۾ ويهن کان پنجويهه سيڪڙو نفعو ماٿيو. (37) ٻئي پاسي، ويهين صديءَ جي اوائل ۾ مصر جي هڪ ٻئي دستاويز مان پتو پوي ٿو، ته ڏهه سيڪڙو شرح 'عام' سمجهي ويندي هئي. (38) هن سوال کي سمجهڻ جو هڪڙو طريقو، نفعي لاءِ متبادل جي حيثيت سان معاوضي کي، ان مفروضي سان ته اڪثر نفعو حيدرآباد موڪليو ويندو هو، استعمال ڪرڻ آهي. 1930ع جي پڇاڙيءَ ڌاري سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن موڪليل 'رقمن' جو ڪاٿو لڳايو ويو، تنهن جي ماليت پنج کان ڏهه ڪروڙ رپيا ساليانو هئي. (39) پنجن ڪروڙن جي ننڍي انگ کي سامهون رکندي، ء سنڌورڪي واپارين طرفان (عامل ۽ شڪارپوري پڻ ساليانو وڏيون رقمون موڪليندا هئا)، ان ماليت جو اڌ موڪلڻ کي فرض ڪندي، ڪو ماڻهو ويهه ڪروڙ روپين جي نفعي جي پيٽ ۾ ڪاٿو لڳائيندي، اڍائي ڪروڙ روپين جي انگ تي وڃي پهچندو، جنهن مان ڪُل ساڌا ٻارهن سيڪڙو ملهه ظاهر ٿئي ٿو. اُهو اهڙو تخمينو آهي، جيڪو شايد ڏيان واري پاسي کان غلطي آهي.

نفعي جو ڪاٿو لڳائڻ جو هڪڙو ٻيو طريقو، سنڌورڪي واپارين جي دولت کي ڏسڻ آهي. حيدرآباد جي اصل رهواسي واپارين جي وراثتي مقدمن جي انگي سچائي، شڪارپور جي پيٽ ۾، انهيءَ مامري کي ڏکيو بڻائي ٿي. بهرحال، هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي، ته بينڪن 1930ع ۾ ڪي. اي. جي. چوتري مل فرم جي اصل مالڪن چوتري مل آڪهه جي ملڪيت جو ڪاٿو هڪ ڪروڙ ستر لک آمريڪي ڊالر لڳايو ويو هو. (40) اڻ سڌيون شاهديون سيٺ پرتاب ڏيئلداس، جيڪو ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز جو اصل مالڪ ۽ سنڌ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو مکيه مالي سهڪار ڪندڙ هو، (41) تنهن جي ماٿيل دولت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. يونائيٽيڊ ڪنگڊم ڏانهن لڏي آيل هندستاني واپاري خاندانن، چينراءِ خاندان جي ملڪيت ڇهه ڪروڙ پائونڊ ۽ چيلارام خاندان جي ٽي ڪروڙ پائونڊ جي ملڪيت جو تازو ڪاٿو لڳايو ويو، تنهن مطابق اُهي ملڪ جي شاهوڪار ماڻهن منجهان آهن. (42) انهن ٻنهي خاندانن پنهنجي ملڪيت سنڌورڪي واپاري فرمن، جي. ٽي. چينراءِ اينڊ ڪمپني ۽ ڪي. چيلارام اينڊ سنز مان ناهي هئي. هن مان شاهوڪاريءَ جو خيال ملي ٿو، جيڪا سنڌورڪي واپار مان ناهي پئي سگهي. ڏيان هن حقيقت تان نه هٽائڻ گهرجي، ته پرڏيهه ملڪن مان موٽندڙ سنڌورڪي واپارين حيدرآباد جي پرپاسي ۾ زرعي زمين ۽ ٻي شهري ملڪيت ۾ جيڪو گهڻو ناڻو سيڙايو هو، سنَ 48-1947ع ۾ نندي ڪنڊ جي ورهاڱي وقت ڏرتيءَ تان اُکيڙي ناس ڪيو ويو. ننڍا واپاري پڻ وڏي سطح تي پنهنجي دولت ناهي سگهندا هئا. (43) حيدرآباد 1947ع کان اڳ خوشحال ۽ آسودي شهر جي حيثيت سان مشهور هوندو هو، ۽ ان جي شاهوڪاريءَ جي وڏي شانائتي حصي جو بنياد، سنڌورڪي واپارين جي ڪمايل دولت هوندي هئي. پر، جيڪڏهن واپاري نفعو چڱو وڏو هوندو هو، ته اُهو مناسب طور ورهڻ واري ڳالهه کان ڪوهين ڏور آهي. وڏين فرمن جا مالڪ پنهنجي لاءِ وڏو حصو ڪڍندا هئا، پر واپار ۾ ننڍي سطح جا واپاري به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا هئا، جيڪي گهڻو نفعو نہ ڪٽندا هئا. جپاني ريشم جي واپار ۾، ڪجهہ سنڌين واپارين پنهنجو اصل نفعو ريشم جي وڪري مان نہ، پر انهن ڪاٺ جي پيتين جي وڪري مان ماڻيو هو، جن ۾ ريشم وجهي ساموندي جهازن وسيلي موڪليو ويندو هو. (44)

سنڌورڪ واپار جي بدلجندڙ ۽ گهڻ- پاسائين نوعيت تي روشني وجهڻ لاءِ، مصر ۽ اولهہ آفريڪا جا بہ اهڙا سي نمونا پيش ڪيا ويندا.

## مصر ۾ سنڌورڪي واپار: 1900ع کان 1930ع تائين

مصر ۾ ويهين صديءَ جي پهرين ٽن ڏهاڪن دوران، سنڌورڪي تاجر پنهنجي پيرن تي بيٺل واپاري هئا، جيڪي واپار جي ڪجهہ لڇڻن ۾ ماهر هئا. پر اهو نٿو معلوم ٿئي، تہ ڪجهہ فرمن جي وڏي سطح تي واپاري سرگرمين جي هوندي، سنڌن ڪو عالمي اثر بہ هوندو هو. هيءَ ڳالهہ اهم آهي، تہ مصر ۾ واپار تي ڇپيل مواد ۾ هن ماهر هندستاني واپاريءَ ڏر جو حوالو ڏنل نہ آهي. يوناني، ليوانٽائين، يهودي ۽ آرمينيائي واپارين سان ڀيٽ ڪندي ڏسبو، تہ اُهي گهڻو ڏنڊلا ۽ اڻ- ڇتا رهيا. قاهره قونصلر عدالت آڏو پيش ٿيل مقدمن مان سنڌن واپار جو ڪجهہ پتو پوي ٿو، ۽ اُهي خاص ڪري سنڌن واپارين تي معلومات وجهن ٿا. منجهانئن گهڻا مقدما گهورڙين ۽ وڪرو ٿيندڙ مال ڏيندڙ واپارين وچ ۾ ٿيل تڪرارن بابت آهن. انهن مقدمن ۾ اڪثر گهورڙين جي مال جي ڳنڍڙين جي، جيڪي عدالت ۾ شاهديءَ طور پيش ڪيون ويندڙيون هيون، تن جي تفصيلي وضاحت شامل آهي. انهيءَ طريقي سان اهو ڄاڻڻ ممڪن آهي، تہ سنڌي گهورڙيا، ويهين صديءَ جي اوائل ۾ مصر ۾، ڪهڙيون جنسون وڪڻندا هئا.

ٽن مختلف گهورڙين سان لاڳاپيل ڇئن ڳنڍڙين (45) جي تجزئي مان پتو پوي ٿو، تہ اُهي سموريون ڳنڍڙيون ريشم ۽ ريشم جي ٺهيل سامان جون هيون. منجهن رڱيل ريشم، ڇُريل ريشم، سادو ريشم، پٽيدار ريشم، ريشمي رومال، ريشمي انگيون ۽ ريشمي چادرون شامل هيون. مٿيون سموريون شيون چين يا جپان جون ٺهيل هيون. جڏهن تہ ٻيون غير- ريشمي سامان جون سموريون شيون هندستان جون ٺهيل هيون، جن ۾ مدراس جو پٽل ۽ الماريون، لڌيانا جا پردا، آگري جا وِڇاڻا، دهليءَ جون ميزون وغيره شامل هيون. گڏوگڏ ترڪي، مالٽا، مصر ۽ سوڊان جي شين سميت انيڪ اهڙيون شيون بہ شامل هيون، جن جي بنياد بابت ڪا ڄاڻ نہ آهي، انهيءَ مان اشارو ملي ٿو، تہ مصر ۾ سنڌي واپاري وڏي پيماني تي ڪاروبار ڪندا هئا. معلوم ٿئي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ گھورڙيا، جن مان گھڻن جو واپارين سان معاهدو ڪيل هوندو هو. سي سمورو مصر لتاڙيندا هئا. ۽ سوڍان ۾ پڻ سفر ڪندا هئا. هيءَ پڪ آهي، تہ انهن جا گھڻا گراهڪ مصري شهرن قاهره، اسڪندريا ۽ سوئيز ڪئنال جي شهرن ۾ رهندڙ يورپي هوندا هئا. انهن گھورڙين جي موجودگي ۽ سنڌن مسافريءَ جي دائري مان، سنڌوَرڪي واپارين جو سياحتي واپار تي، سنڌس موسمي گھٽ وڌائي ڪي ڏسندي، تمام گھڻي پاڙڻ ڪان لنوائڻ جي ڪوشش جي ثابتي ملي ٿي. هيءَ ڳالهہ واضح آهي، تہ اُهي ان ملڪ ۾ ڪجھہ مارڪيٽ جي حصي تي ضابطو آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. جتي اڳيئي ڪيترين ئي سرگرم واپاري برادريون ڪاروبار ۾ رُڌل هيون. معلوم ٿئي ٿو، تہ هنن جو سڀ ڪان وڏو اثاثو هندستان ۽ ڏور- اوڀر وارن ملڪن سان واپاري لاڳاپا رهيا آهن. جو اُتي تنهن دؤر ۾ مصر ۾ ڪابہ برادري موجود نہ هئي. پر اُهي مقامي شيون بہ وڪڻندا هئا، جنهن مان ان علائقي ۾ سنڌن واپاري لاڳاپن جي موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو.

قاهره قونصلر عدالت آڏو پيش ٿيل ڪجھہ مقدما، ننڍن واپارين جي سرگرمين تي متاچاريِ روشني وجهن ٿا. اهڙيءَ ريت، ڪي. خانچند اينڊ ڪمپنيءَ جي ڪهاڻيءَ ڪي، 1906ع ۽ 1913ع وچ واري عرصي دؤران عدالت اڳيان آيل انيڪ مقدمن تي آڌاريل شاهديءَ مان گھڻو ڪري ٻيهر جوڙي سگھجي ٿو. فرم واضح طور 1904ع ۾ چئن واپارين وچ ۾ چئن ورهين لاءِ، ڀائيواريءَ جي حيثيت سان جوڙي وئي هئي، پر ٻن ورهين ڪانپوءِ اصل ڀائيوارن مان ٽي ڄڻا هٿ ڪڍي ويا، ۽ باقي رهيل هڪڙي واپاريءَ، هڪ حيدرآبادي سرمايدار سان ڀائيواريءَ جو معاهدو ڪيو هو. (46) تخليقڪار پورهيت- ڀائيوار طور رهيو ۽ ٻيو ڀائيوار حيدرآباد ڪان آندو ويو. ڀائيواريءَ جي شرطن مطابق، پندرهن هزار رپيا شين جي خريداريءَ ۾ سيڙايا ويا. فرم وٽ مصر ۾ 'هندستاني شين ۽ نادر شين جي واپار جي مقصد لاءِ' بہ دڪان هوندا هئا، جنهن مان هڪڙو دڪان برسٽل هوٽل جي اڳياڙيءَ ۾ هوندو هو، ۽ ٻيو دڪان قاهره جي مکيہ بازار 'خانِ خليل' ۾ هوندو هو. هڪڙو ڀائيوار بازار ۾ مکيہ دڪان جو نگران هوندو هو، تہ ٻيو وري ٻئي دڪان جو. پهريون دڪاندار سياحت جي مصروف مُند جي پڇاڙيءَ يعني اپريل ۾ هندستان روانو ٿيو ۽ حيدرآباد ۾ مکيہ سيٺ ليکو ڪرڻ لاءِ پاڻ سان ڳڏ حساب جون بَنديون بہ ڪڻي ويو. جڏهن تہ مکيہ سيٺ، جيڪو اسي ورهين جي ڄمار جو جهونو مڙس هو، سو پڙتالي سفر تي مصر آيو، پر اَگهو ٿيندي ئي ڪيس هندستان موٽڻو پيس، ۽ ڪراچيءَ پهچڻ ڪان اڳ جهاز تي ئي ديهانت ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرڳواسيءَ جي وڪامندڙ شين بابت ڪيل ابتدائي جاچ ۾، (47) سيٺ جي ديهانت واري وقت فرم جي قرضدارن جي فهرست به شامل هئي. مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته فهرست ۾ ڄاڻايل پندرهن نالن مان رڳو ٻه سنڌي فرمون هيون. وڏو قرضدار مسلمان واپاري هو، ۽ فهرست ۾ يورپي قرضدار (ويانا، آسٽريا ۾ فرم سميت) به شامل هو. ناٽو غير- سنڌين ڪان اوڌر تي ورتو ويو هو. قاهره ۾ هڪ ننڍڙي سنڌي فرم، رسد پهچائيندڙ ۽ قرضدارن جي وسيع حد هئي، جنهن مان مقامي واپاري سرگرميءَ ۾ داخلا جو سُنو اشارو ملي ٿو، پر پائيوار ۽ ملازم حيدرآبادي هئا.

فرم جي نفعي جاڪجهه اشارا به ڏنا ويا آهن: پهرين سياري جي مُند دوران (پندرهن هزار رپين جي سيڙپڪاريءَ تي ڇهن ڪان ستن هزار رپين تائين) نفعو ٿيو، پر پوءِ ايندڙ اونهاري جي مُند ۾، جيئن واپاريءَ کي قرض موٽائڻو هو، تنهنڪري هڪ هزار رپين تائين نقصان ٿيو. هيءَ ڳالهه سنڌورڪي واپارين جي وڏي پيماني تي موسمي فطرت سان سلهاڙيل واپار تي روشني وجهي ٿي.

هڪ دستاويز ۾، مصر ڪان ڪلڪتي ۽ سنگاپور ڏانهن، هڪ هزار رپين جي ماليت لاءِ شين جي اُبتڙ وهڪري جو مزيدار پاسو ڄاڻايل آهي. ڪي وڌيڪ تفصيل نه ڄاڻايا ويا آهن، پر ڄاڻ جو هي ٽُڪرو سنڌورڪي واپارين جي موقعي پرستيءَ کي ثابت ڪري ٿو، جيڪي پنهنجي ڪاروبار جي عام اصولن ڪان ٻاهر نفعو ڪمائڻ جي امڪان ڪان ڪڏهن به نه لنوائيندا هئا.

عدالت جي هڪ ٻئي مقدمي (48) مان مزيدار ڄاڻ ملي ٿي، جنهن طريقي سان هڪ ننڍي سنڌورڪي واپاريءَ کي شيون مهيا ڪيون ويون هيون. هُو هندستان ڪان پنجتيهه پائونڊ ماليت جي وڪرو ٿيندڙ مال سان گڏ، جنهن ۾ سونا زيور، جواهر ۽ ٻيون شيون شامل هيون، مصر ۾ آڪٽوبر مهيني ۾ سياحتي مُند جي شروعات دؤران آيو. هن يوڪوهاما مان اسي پائونڊ جي ماليت جون شيون، چين ڪان ويهه پائونڊ جي ماليت جون شيون ۽ ٻارهن پائونڊ ماليت جي زري مالتا ڪان ورتي هئي. هُن اُهي سموريون شيون اوڌر تي نه، پر مال ملڻ تي ادائگي ڪرڻ جي شرط تي ورتيون هيون. هُن بيشڪ هڪ وڏي سنڌورڪي واپاريءَ ڪان قرض تي ورتل ڪجهه شيون پاڻ سان گڏ آنديون هيون. اُهي شيون مقامي سطح تي ٺهيل هيون، ۽ اُن واپاري پوءِ عدم- ادائيگي سبب مٿس عدالت ۾ مقدمو به داخل ڪيو هو. اُهي واپاري جيڪي مصر رڳو سياحتي مُند ۾ ايندا هئا، سي سنڌورڪ برادريءَ جو اهم جُزو هوندا هئا. هيءَ ڳالهه اهم آهي، ته ساڳئي واپاريءَ پاڻ وٽ ليکي چوکي واريون ٻَنديون نه رکڻ واري ڳالهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 6.3: پورٽ سعيد جي هڪ سنڌي واپاريءَ جي 31-1930ع ۾ وڪرو ٿيندڙ شين جا تفصيلَ

| عرصو | وڪرو (مصري ڪرنسيءَ ۾) |
|---|---|
| مارچ 1930ع | 536 |
| اپريل | 584 |
| مئي | 302 |
| جون | 266 |
| جولاءِ | 372 |
| آگسٽ | 500 |
| سيپٽمبر | 412 |
| آڪٽوبر | 515 |
| نومبر | 628 |
| ڊسمبر | 566 |
| جنوري 1931ع | 392 |
| فيبروري | 232 |
| مارچ | 499 (جزوي طور قرض مان ميڙيل) |
| اپريل | 244 |
| مئي | 330 |
| جون | 222 |
| جولاءِ | 312 |
| آگسٽ | 301 |
| سيپٽمبر | 133 |

ذريعو: 'ايس. بالومل مخالف رتومل ايند سنز'، پي آر او، فارين آفيس ريڪارڊس، پورٽ سعيد، قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، سول ڪيس نمبر 13 آف 1931ع، پي او 846/97.

مجي هئي. هو شايد گهورڙئي جي حيثيت سان شيون وڪڻندو هو، پر هو پگهاردار گهورڙيو نہ هو. هو ڪنهن قدر آزاد ملازم- واپاري هو، جنهن وٽ ڪجھ پنهنجي موڙي بہ هئي، چوتہ هو مال جي ادائگيءَ تي پئسا ڏئي بہ سگهندو هو.

ننڍن واپارين جي واپاري سرگرميءَ تي وڌيڪ تفصيل سان چاڻ پورٽ سعيد عدالت ۾ داخل ڪيل مقدمي جي دستاويزن مان ملي ٿي. (49) هن واپاريءَ، پورٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد جي هڪ سنڌوركي فرم جي اڳوڻي ملازم خلاف بدناموسيءَ جو مقدمو داخل ڪيو هو. ۽ هن عدالت اڳيان ليکي چوکي جون بَنديون آنديون هيون، جن مان مارچ 1930ع ۽ سيپٽمبر 1931ع جي وچ ۾ دڪان تي تيل وڪري جي ماليت جي انگن اکرن جو پتو پيو پئي. انگ اکر تيبل 6.3 ۾ بيهر ڏنا ويا آهن.

وڪري جي انگ ۾ گهٽ- وڌائيءَ مان، هڪڙي پاسي ٿورڙو نفعو ڪٺندڙ ملازمن يا واپارين جي اُن غيريقيني حالت جي عڪاسي ٿئي ٿي، جيڪا مسافرن جي خريداريءَ واريءَ گنجائش ۽ سوئيز ڪئنال منجهان گذرندڙ سياحتي گردش جي مقدار تي وڏي پيماني تي آڌاربندڙ هئي، ۽ ٻئي پاسي، عالمي مالياتي گهوٽالي جا وڪري جي مقدار تي پوندڙ وڌندڙن اثرن تي پاڙيندڙ هئي. ماهوار ٻاڙائي ۽ واڌيءَ تي وڌيڪ تفصيلي نهارڻ سان سرگرميءَ جي ٻن چوٽين جو انڪشاف ٿئي ٿو- هڪڙي اپريل 1930ع ۾، جيڪا مصروف مُند جي پڇاڙيءَ سان نهڪندڙ آهي، ۽ بيشڪ ذخيري تيل مال جي پَتڙائي، ۽ هڪ نومبر- ڊسمبر 1930ع ۾، جيڪو سياحتي مُند جي اوچائيءَ سان هم آهنگ تيل آهي.

هيءَ مزيدار ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻي آهي، تہ ان قسم جا ننڍا واپاري بہ، جن جو ساليانو واپار اٽڪل پندرهن هزار پائونڊ هوندو هو، سي بينڪن کان قرض وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. پورٽ سعيد ۾ بارڪلي بينڪ جي مقامي مئنيجر عدالت اڳيان شاهدي ڏيندي ٻُڌايو، تہ هڪ ننڍي دڪاندار ايس. بالومل جا بينڪ ۾ پئسا متوازن باقي رکيل هئا، جن تي هڪ سؤ پائونڊ اوڊر ۽ چاليهہ پائونڊ قرض هو. هن کي وياج تي اوڻيتاليهہ پائونڊ قرض ڏنو ويو، ۽ بينڪ ڪڏهن هن جي پئسن تي وياج ڪٽي وٺندي هئي. مئنيجر کي ڇهن مهينن واري عرصي لاءِ واپاريءَ جي ورتاءَ بابت ڪابہ شڪايت نہ هئي، جڏهن هن جو بينڪ ۾ کاتو هوندو هو.

هن ڪيس مال پهچائيندڙن جي جيڪا فهرست ڏني هئي، تنهن ۾ شنگهائي، هانگ ڪانگ ۽ يوڪوهاما جي رڳو سنڌي فرمن جا نالا شامل هئا، جنهن مان فرض ڪجي ٿو، تہ اهو واپاري پورٽ سعيد وچان گذرندڙ جهازي مسافرن کي 'مشرقي' شيون وڪڻڻ ۾ ماهر هو.

مصر ۾، سنڌوركي واپاري سرگرمين ۾ مختلف قسمن جون شيون شامل هونديون هيون، جيڪي مختلف قسمن جا واپاري ادا ڪندا هئا. معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن واپاري سرگرمين ۾ نفعي جي مجموعي شرح پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ تمام گهٽي هوندي هئي، ۽ 1920ع ۾ پڻ مطمئن ڪندڙ هئي. عالمي مالياتي گهوٽالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصر ۾ سنڌورڪي واپار کي ڪاپاري ڌڪ هنيو، جنهن مان پوءِ اهو ڪڏهن به سُڌري نه سگهيو. هوڏانهن، مصر واري صورتحال جي ابتڙ اولهه آفريڪا هو، جتي سنڌورڪي واپار اوائلي ڏينهن ۾ گهٽ قسمن جي شين تي مشتمل هوندو هو.

## سنڌورڪي واپاري عالمي واپاري: اولهه آفريڪي واپار ۾ وڏيون فرمون

اولهه آفريڪا مڪمل طور مختلف ڪهاڻي پيش ڪري ٿو. برطانوي بينڪيتي شهنشاهيت جي ان حصي ۾، سنڌورڪي واپارين وٽ پنهنجي روايتي طريقيڪار کي ترقي ڏيارڻ جو تمام گهڻ ماحول هو. اُهي ڪڏهن به ڪامياب واپاري نه بڻيا، پر هنن عام واپارين جيان واپار کي جاري رکيو. وڏين سٽن فرمن مان ٽي فرمون، جي. ٽي. چينراءِ، ڪي. چيلارام ۽ ايم. ڏيئلداس علائقي ۾ سرگرم هيون ۽ منجهائنن پهريون به فرمون 1920ع ڌاري اولهه آفريڪا ۾، ۽ 1930ع ڌاري پنهنجي واپاري سرگرمين جي مکيه علائقي جي حيثيت سان واضح طور اُڀريون. انهن مان نائيجيريا وڏي آبادي ۽ وسيع وسيلن سبب، بنهي فرمن چئنراءِ ۽ چيلارام لاءِ سڀ کان اهم ملڪ ثابت ٿيو. هوڏانهن گولڊڪوسٽ ۾، مالياتي گهوٽي سبب ڏيئلداس ۽ چينراءِ جي مقامي ڪوٺين کي بند ڪيو ويو، پر 1935ع ۾ چيلارام فرم واپاري ميدان ۾ لٿي ۽ هن فرم 1948ع ۾ پنهنجي برتريءَ واري حيثيت جي چِٽي خاطري ڪرائي ورتي. بهرحال، ان علائقي ۾ ٻيا انيڪ ننڍا واپاري به هئا، جن مان گهڻن بابت پتو پوي ٿو، ته اُهي وڏين فرمن جا اڳوڻا ملازم هئا، جن پوءِ پنهنجي ناڻي جي مدد سان ڀاڳ آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اولهه آفريڪا انهن واپارين کي سُٺو نفعو ڪمائي ڏنو، جتان ڪجهه سنڌي فرمَ مٿي اُڀري وڃي عالمي واپارين جي رُتبي تي پهتا. سنڌي واپارين ڪنهن به ٻيءَ جاءِ تي مختلف قسمن جي شين جو اهڙو واپار نه ڪيو هو. جيئن ته اوائل ۾ هندستان کان جيڪي واپاري شيون گهرايون وينديون هيون، تن ۾ خاص ڪري مدراس جا مشهور رومال هوندا هئا، جيڪي پهرين سنڌي واپارين جي واپار ۾ مشهور عنصر طور شامل رهيا، تن شين جي جاءِ تي برطانيا ۽ يورپ کنڊ جي ٺهيل شين کي واپاري سرگرمين ۾ شامل ڪيو ويو، جيڪي سنڌورڪي فرمَ سنڌن جبرالٽر ۽ ڪينري ٻيٽن ۾ سنڌن گودامن تان حاصل ڪندا هئا. 1930ع ۾ سنڌي فرمَ اولهه آفريڪا ڏانهن جپاني ڪارخانن ۾ ٺهيل ڪپڙو پهچائيندا هئا، جيڪو قدم سنڌن واپار جي عالمي نوعيت جي شاهدي آهي. اهو اولهه آفريڪي واپار سان سنڌن تعلق هو، جو ميسرز ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلارام اينڊ سنز پهرين سنڌوَرڪي فرم آهي، جنهن 1930ع ۾ لنڊن ۾ پنهنجي ڪوٺي کولي. هي عمل عالميت طرف نئين ڏاڪي ڏانهن وٺي ويو، جو فرم پرڏيهه ۾ مال وڪڻڻ لاءِ انگلنڊ جي ڪارخانن ۾ نهيل ڪپڙو وٺڻ شروع ڪري ڏنو. (50)

اولهه آفريڪي ساموندي ڪنارن وارن ملڪن ۾، سنڌورڪي واپارين عام واپارين جو ڪردار ادا ڪيو، توڻي اُهي ننڍي سطح تي واپار ڪندا هئا. تنهن هوندي به اُهي پنهنجو يونائيٽيڊ آفريڪا ڪمپنين جهڙين وڏين يورپي فرمن جيان ڏيکاءُ ڏيندا هئا. ايم. ڏيٺلداس اينڊ سنز فرم جي، 1925ع ۾ 'سيئرا اليون هينڊ بُوڪ' ۾ (51) ڇپيل هڪ اشتهار تي تفصيلي نظر وجهڻ سان، سنڌن واپاري شين ۾ شامل مال جي گوناگونيءَ جو پتو پوي ٿو. ٻئي پاسي، شين جون فهرستون ڏسندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي پتو پوندو، تہ منجهن: 'ريشم، ململ، ڪپهہ، هٿ سان سبيل توڙي تو پيل ڪڙائي ۽ پرت' نظر ايندي، جيڪي سنڌورڪي واپارجون وڪامندڙ خاص شيون هيون؛ جڏهن تہ فهرست ۾ مالٽا، اسپيني ۽ ماڊيئرا جي مختلف قسمن واري زريءَ جي ٽيل ڪم واريون شيون بہ ڏسڻ ۾ اينديون. گڏوگڏ مختلف نئين جنسن ۽ قسمن جا نهيل زيور بہ شامل هوندا هئا. نوادرات، عاج مان نهيل شيون ۽ نمونا، موتي، ڪوڏيون، ڪيرولي ٽانوَ، آبنوسي، صندل جي ڪاٺ تي ٽيل ڪم، پِتل، ٽامي، سون ۽ چانديءَ جا زيور.' اڪيلو اصلي خاصيت وارو عام ماڊيئرا ۽ اسپيني زريءَ جي ڪم سميت مالٽائي زريءَ جو ڪم شامل هوندو هو. گڏوگڏ فرم 'عورتن ۽ مردن لاءِ انگريزي هار سينگار جون شيون' بيشڪ مقامي يورپي آباديءَ لاءِ پڻ جمع ڪري رکندو هو. اهي شيون فري ٽائون ۾ سنڌن مکيہ دڪان تي وڪرو ٿينديون هيون. پر هنن جا شهر ۾ ٿوڪ ۽ ريزڪي، طور وڪري جا دڪان بہ هوندا هئا، جتي سيڌي جو سامان پڻ وڪيو ويندو هو، جيڪو سنڌورڪي واپارين جي عام چونڊ جو حصو نہ هوندو هو.

1930ع ۾ اولهه آفريڪي ساموندي ڪنارن وارن شهرن ۾ سنڌورڪي فرمَ، خاص ڪري چين راءِ ۽ چيلارام، جپاني شين جي درآمد ۾ وڌيڪ سرگرم ٿيا. انهن جي واپاري سرگرميءَ ۾ گهٽو ڪري جپاني ڪارخانن ۾ نهيل ڪپڙو شامل هوندو هو، جنهن ۾ ٻين جي قيمت گهٽجڻ ڪري ٻاهرين مارڪيٽ ۾ تمام گهٽي چتاپيتيءَ واري حيثيت هئي. 1934ع ڌاري برطانوي بينيڪي اختيارين طرفان جپاني ڪارخانن ۾ نهيل ڪپڙن جي اولهه آفريڪا ۾ درآمد تي لڳندڙ پابنديءَ واري آرڊيننس جي منظوريءَ واري عمل، بينڪيتي اختيارين کي ان تي اعتراض ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو، ۽ بينڪيتي آفيس ۾ موجود ڪجهہ دستاويز سنڌن سرگرمين تي روشني وجهن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ ريت، آڪٽوبر 1934ع ۾ ڪي. چيلارام اينڊ سنز بينڪيتين لاءِ مقرر تيل رياستي سيڪريٽري وٽ، لاگوس ۾ ڪسٽم اختيارين طرفان اڻنگي ورتاءَ ڪرڻ جي شڪايت ڪئي. (52) هنن فيبروري ۽ مئي 1934ع جي وچ واري عرصي ۾، انهن شين لاءِ جيڪي 'نائيجيريين نمُوني ۾..... نائيجيريا ۽ ٻين ويجهڙائي وارن علائقن کانسواءِ دنيا جي ڪنهن به مارڪيٽ ۾ مڪمل طور نامناسب' هيون، تن لاءِ جاپان ۾ وڏا آرڊر ڏنا هئا. جيئن ته شيون واضح طور آرڊر تي ٺاهيون ويون هيون، تنهنڪري ان مال جي پهچڻ کان اڳ ئي تمام گهڻو وقت گذري چڪو هو. هوڏانهن به آرڊيننس نائيجيريا ۾ ڪپڙن جي درآمد تي ضابطو آڻڻ لاءِ منظور ڪيا ويا، ۽ 13 سيپٽمبر 1934ع تي سرڪاري طور هي اعلان ڪيو ويو، ته جپان کان درآمد تيل ڪپهه ۽ ريشمي تاندورن جي ڏس ۾ رتيل انگن تائين ڪوٽا پوري تي چڪي هئي. 12 سيپٽمبر تي لاگوس ۾ مال سان پريل ٻه وڏا جهاز پهتا، جنهن ۾ ڪُل ٻه لک اوڻهتر هزار گز ڪپهه ۽ ريشمي تاندورن مان نهيل شيون شامل هيون. انهيءَ مال مان هڪ لک اوڻهتر هزار گز مال ڪڍڻ جي اجازت ڏني وئي، پر پوريان هڪ لک گز تيار مال گودام ۾ ڪنهن ٻيءَ منزل ڏانهن جهازن وسيلي رواني ٿيڻ لاءِ انتظار ڪندو رهيو. فرم ان مال کي ڪڍڻ ۽ منجهانئس نائيجيريا ۾ فرينچ بينڪيتي ۾ زندار ڏانهن ڪجهه حصو موڪلڻ جي منظوريءَ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. ڊسمبر ۾، لاگوس ۾ وري ٻيو مال سان پريل جهاز اچي پهتو، جنهن جي مال کي ڪڍڻ جي اجازت نه ملي سگهي. آخرڪار، حڪومتي اختيارين ۽ فرم وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو، جنهن هيٺ فرم کي 1935ع واري سندس ڪوٽا جي ماليت سميت ڪجهه ٻي رقم حفاظتي طور جمع ڪرائڻ جي اجازت ملي. اهڙيءَ ريت، ڪي. چيلارام اينڊ سنز جي نالي تي ڪُل پنج لک چورس گز حفاظتي طور جمع ڪرايل ناٽي وارو مال لاگوس ۾ 1934ع جي پڇاڙيءَ تائين گودامن ۾ پيل رهيو؛ جيڪو پوءِ 1935ع ۾ آهستي آهستي ڪڍڻ جي موڪل ڏني وئي. تنهنڪري فرم انهيءَ سال ڪو وڌيڪ مال درآمد ڪرڻ جو فيصلو نه ڪيو. (53)

هن ڳالهه مان سنڌي فرمن جي، اولهه آفريڪا ۾ واپاري سرگرمين جي سطح جو پتو پوي ٿو. 1933ع ۾ نائيجيريا ۾ ڪپهه جو سامان ۽ هترادو ناهيل ريشمي شين جي درآمد وجي ڏهه ڪروڙ گزن تائين پهتي. ۽ اهو مال چيلارام طرفان درآمد ڪيل ست لک گز سموري مارڪيٽ ۾ آندل مال جو اٽڪل هڪ سيڪڙو هو. سنڌي فرمَ جاپاني - مخالف ڪوٽا جو مکيه فائدو وٺندڙ هئا، ۽ هنن جو هندستان جي ڪارخانن ۾ نهيل ڪپڙي جي درآمد تي مڪمل ضابطو هوندو هو. (54) هنن جي نائيجيريائي ڪپڙي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪيٽ تي مضبوط گرفت هئي. سا ان مارڪيٽ جي خاص گهرج جي سنڌن خاص ڄاڻ هئي (اُهي خاص ڪري جپان ۾ شيون ٺاهيندڙ هئا) ۽ سنڌن جپاني ڪارخانن سان سُٺا تعلقات هوندا هئا. اهڙيءَ ريت، اُهي قيمتن ۾ طلب ۾ تبديليءَ وسيلي پيدا ٿيل موقعن مان فائدي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا.

سنڌورڪي واپاري، اولهه آفريڪا ڏانهن نسبتي اوائلي دؤر ۾ روانا ٿيا هئا، جڏهن سنڌورڪي واپار جو روايتي طريقو ريشم ۽ نوادرات تي مرڪوز هوندو هو. اُهي شين جي وسيع حد تائين واپار ڪندا هئا، ۽ اهو ڊگهي مُدي لاءِ سنڌن فائدي ۾ ويندو هو. اولهه آفريڪا خاص ڪري نائيجيريا ۾، سنڌي واپاري برادري مورچابند ٿي چڪي هئي، ۽ ناٽي جي انيڪ شعبن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هنن جون واپاري حاصلاتون يورپين ۽ لبنانين ٻنهي جي خرچن تي حاصل ڪيون ويون هيون. اهو 1960ع وارو دؤر هو، جو اهي حقيقي طور ظاهر ٿي اڀريا، پر سنڌن ڪاميابي جي پيڙهه 1920ع ۽ 1930ع واري عرصي ۾ ڪڇ فرمن جي ڄاڪوڙڻ وسيلي اڳ ۾ رکجي ويئي هئي.

اولهه آفريڪا واري ڪامياب ڪهاڻيءَ مان، اهڙي علائقي ۾ جيڪو سنڌن اصلي اباڻي گهر کان ڪوهين ڏُور هو، پتو پوي ٿو ته 1940ع ڌاري سنڌورڪي واپاري، حقيقي عالمي واپاري طبقو بڻجي چڪا هئا. جيڪي سڄي دنيا ۾ مختلف قسمن جي شين جي واپار ۾ ڪاميابيءَ سان رُڌل هئا. جيتوڻيڪ ڪارخانن ۾ جوڙيل ڪپڙي جي صنعت اچا بہ سنڌن مکيہ سرگرمي هئي، تنهنڪري وٽن تصور جي وسعت هئي، جنهن ڪين چڱيءَ ثابت قدميءَ سان سلهاڙي رکيو، نہ تہ هوند ورهاڱي جي نتيجن ڪانپوءِ، اهي عالمي واپار جي تاريخ ۾ نئون موڙ اختيار ڪندي، پنهنجي واپاري- سرشتي جي بيهر جوڙجڪ واري ماهري ڪي هوند مُنهن ڏين ها.

سنڌورڪي واپارين جي ٻنهي ڌُرين جي ڪاروباري سرگرمين جي جائزي ۾ ٻنهي ڌُرين وچ ۾ اختلافن تي زور ڏيڻ جو لاڙو رهيو آهي: تنهنڪري انهن ۾ وڌاءُ ٿيڻ نہ گهُرجي. شڪارپور ۽ حيدرآباد جا واڻيا بنيادي طور ساڳئي واپاري ثقافت سان لاڳاپو رکندڙ هئا. اُهي ليکي چوکي جون ساڳيون ترڪيبون واپرائيندا هئا، ۽ وٽن واپاري تنظيم جا وڏي پيماني تي ساڳيا روپ ۽ ڍنگ هئا. ٻئي ڌُريون واپار ۽ سيڙپ ڪي مختلف تناسب سان هم آهنگ ڪنديون هيون. جيتوڻيڪ شڪارپوري گهڻو ڪري سيڙپڪار هئا، پوءِ بہ هنن واپار کان مُنهن نہ موڙيو ۽ نہ لنوايو. ٻئي پاسي مالياتي مهارت، سنڌورڪين جي واپار جيان ڪاميابيءَ ۾ وڏي اهم ڳالهہ هئي: پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاروبار لاءِ مالياتي بندوبست جي اهليت ۽ ڪيجنڊڙ شين سميت موڙيءَ بابت صحيح اڳڪٿين جو سندن ڪاميابيءَ ۾ وڏي حصو هو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ اختلافن ڪي، نيٺ ان سياسي ماحول ۾ موجود اختلافن سان گهٽو منهن ڏيٺو پيو، جنهن ماحول ۾ اهي واپار ڪندا هئا. انهن ٻنهي واپاري- سرشتن جي تاريخ جي سياسي پاسي ڪان لنوائي نٿو سگهجي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. Gangovsky, 'The Durrani Empire' in USSR Academy of Sciences. Afghanistan : past and Present. pp. 76-98.
2. Burton, Sind revisited, quoted in Chapter 5, note 5.
3. Jain, Indigenous Banking in India. p. 71.
4. Schuyler, Turkistan, p. 186.

5. ڏسو: ساڳيو شوئيلر: تاشقند ۾ هڪ هزار اُوڌر ڏيڻ ۽ اُوڌر، سُود سميت وٺندڙ موجود هئا، جيڪي اڪثر مسلمان هئا، منجهن شڪارپوري هندو رڳو 140 ڄڻا هئا، تنهن هوندي به شڪارپوري واپاري واپار ۾ ڏاڍا قُڙت ۽ چانيل هئا.

6. ڏسو: شوئيلر، ص 98. هن تاشقند جي سڀ کان وڏي واپاري سعيد عظيم جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي واپار لاءِ هندوئن ۽ ٻين کان به ناڻو اوڌر تي وٺندو هو، ۽ هو اجا تائين سيني جو قرضدار هو.

7. ڏسو: پيئرس جو ڪتاب "مشن ان ترڪستان"، ص 102-101.

8. چيلارام ولد تيئومل واپاري ۽ دڪاندار جي پنهنجي مامي هَسو عرف حسن ولد ڪيمچند جي وراثت لاءِ سکر جي ڪليڪٽر کي 27 جولاءِ 1912ع تي موڪليل درخواست. بي. پي. پي، نومبر 1912ع، سيريل نمبر اي 7.

9. ڏسو: باب ٽيون.

10. فرغانا جي شهر مارگيلان ۾ شڪي حالت ۾ مٿل ٻن صرافن پنهنجي پويان مختلف واپاري سامان سميت اٽڪل 96 خط به ڇڏيا هئا، جن ۾ 1803 روبل سٺ ڪوپيڪس جي متاستا واري رقم به شامل هئي. آءِ. او. آر. پبلڪل جوڊيشنل ڊپارٽمينٽ اينيوئل فائيلز، جي اينڊ پي 1772/92.

11. اي. سي. رنگلر تامسن جو مشهد ۾ ترسيل ايچ. بي. ايم جي قونصل جو حوالو، جنهن فارين ڊپارٽمينٽ هندستاني سرڪار کي 24 جون 1893ع تي لکيو هو. آءِ. او.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽري ڪريسپانڊينس وڌ انڊيا 1875-1911ع، ايل. پي اينڊ ايس 71-7.
12. ڏسو: ڪاشغر ڊائريءَ جو 18 جولاءِ 1903ع تي لکيل موادَ آءِ. او. آر، ساڳيو 7-157.
13. ڏسو: 5 نومبر 1908ع جو موادَ ايل. پي. اينڊ ايس 225-7.
14. ڏسو: اي. داس گپتا ”گجراتي مرچنٽس اينڊ دي ريڊ سي ٽريڊ“ ۽ بي. بي. ڪلنگ ۽ ايم. اين. پيئرسن :دي ايج آف پارٽنرشپ يوروپيئن ڳن ايشيا بيفوري ڊومينين، هونولولو، 1979ع، پ 58-123.
15. ڏسو: نيڊووتسڪي، بخارا، ص 59.
16. رپورٽ آف دي برما پراونشل بئنڪنگ انڪوائري ڪميشن، 1929-1930، جلد پهريون، بئنڪنگ اينڊ ڪريڊٽ ان برما، رنگون 1930ع، ص 188-187.
17. ڏسو: رڊنر، ڪاسٽ اينڊ ڪيپيٽلزم، ص 73-70.
18. ڏسو: دي مدراس پراونشل بئنڪنگ انڪوائري ڪميٽي، جلد پهريون، رپورٽ مدراس، 1930ع، ص 192-190.
19. رپورٽ آف دي بمبئي پراونشل انڪوائري ڪميٽي 1929-1930، جلد چوٿون، ”شاهديون“ ۽ هڪ شڪارپوري صراف جي گواهي، ص 444-336.
20. ڏسو: رپورٽ آف دي برما پراونشل بئنڪنگ انڪوائري ڪميٽي، ص 188.
21. ”شڪارپوري صراف ائسوسيئيشن جي گواهي“
22. ڏسو: لي جو ڪتاب ”چائنا سلڪ ٽريڊ“ ص 75.
23. ساڳيو، ص 79.
24. ساڳيو، ص 90-88.
25. ايس. سوگي ياما، جاپان انڊسٽريلائيزيشن ان دي ورلڊ ايڪانامي 1859-1899ع، ايڪسپورٽ ٽريڊ اينڊ اوورسيز ڪامپيٽيشن، لنڊن، 1988ع، ص 39-38.
26. نظم ۾ لکيل آهي: ”پائي تيجمول پنهنجي استور جي ڏاڪي تي بيٺي مُشڪي پيو. توهان کي پنهنجي چمڪندڙ جواهرن ۽ ريشمي ڪپڙن جي ڍِڳن ڏانهن هرڪائي پيو. اي. ميڪملٽن ”سي پورٽ آف دي فار ايسٽ هسٽوريڪل اينڊ ڊيسڪرپٽو، ڪمرشل اينڊ انڊسٽريل، فِگرز اينڊ ريسورسز، لنڊن 1923ع، ص 103.
27. ڏسو: بمبئي پراونشل بئنڪنگ انڪوائري ڪميٽي آڏو شاهدي، رپورٽ، جلد چوٿون، ص 15.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

28. ڊي ڪندن مل اينڊ ڪمپنيءَ جي فرم ڪي ٽريڊ ڊائريڪٽري آف جاپان، ڪلڪتو، 1940ع ۾ ريشم ۽ ريان جون شيون ڻاهيندڙ طور درج ڪيو ويو هو.
29. ڏسو: ٽريڊ ڊائريڪٽري آف جاپان، ڪلڪتو 1940ع.
30. برائون: ڪيپٽل اينڊ انٽرپرينيوئرشپ، ص 207.
31. ساڳيو، ص 209-208.
32. قاهره قونصلر ڪورٽ جي هڪ مقدمي ۾ ڏنل شاهدي. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصلر ريڪارڊس، ڊوزيئر نمبر 18، 1918ع، ايف. او 841/170.
33. بئنڪاڪ جي سيام ڪمرشل بئنڪ جي آرڪائيوز مان مليل شاهدي، ۽ ڏسو: برائون: ڪئپيٽيلزم اينڊ انٽرپرينيوئرشپ، ص 206.
34. ڏسو: باب چوٿون.
35. نارائڻ داس تيرٿ داس جو 22 آڪٽوبر 1923ع تي ڏنل قسم نامو. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، ايمبليسي اينڊ قونصلر آرڪائيور، جاپان، يوڪوهاما، ايف او. 908/8.
36. جهنگي مَل تيجومل جي سيپٽمبر 1927ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل درخواست. آءِ. او. آر، ايل. پي. اينڊ جي، 8/278.
37. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس 1908ع جو سُوٽ نمبر 18، ايف. او، 841/92.
38. ساڳيو.
39. پائي پرتاب ڏيئل داس طرفان ”گانڌي ڌام: سندس تاريخ اينڊ عمليت“ جو سنڌو ريسيٽلمنٽ ڪارپوريشن لميٽيڊ، گانڌي ڌام، بمبئي 1951ع ۾ ڏنل حوالو. ص 8-12.
40. برائون: ڪيپيٽلزم اينڊ انٽرپرينيوئرشپ، ص 208.
41. ڏسو: ايس. ڪي. ڪرپلاڻي، :”برطانيا سان گڏ پنجاهه سال“، ص 45.
42. ڪريگ: دي نيو مهاراجا، ص 92.
43. ڏسو: ايس. ڪي. ڪرپلاڻي، :”برطانيا سان گڏ پنجاهه سال“، ص 305.
44. چندرا: دي هسٽري آف انڊينز ان جاپان.
45. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، قاهرا قونصلر ريڪارڊس، 1904ع جو سُوٽ نمبر 10، ايف او 811/80، 1907ع جو سُوٽ نمبر 18، ايف. او، 811/92.
46. ڏسو ضميمي ۾ شامل پائيواري وارو معاهدو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

47. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، قاهره قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، ڊوزيئر نمبر 103، 1909ع، پي. او 841/118.
48. ساڳيو، ڊوزيئر نمبر 14، 1911ع، پي او 841/118.
49. ساڳيو، پورٽ سعيد قونصلر ڪورٽ ريڪارڊس، سول ڪيس نمبر 13، 1931ع، ايف او 846/97.
50. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمينٽ ريڪارڊس، پوليٽيڪل ايڪسٽرنل فائيلز، ايل. پي. اينڊ ايس 12/1116.
51. ڏسو: دي هينڊ بڪ آف سيراليون، ٽي اين ڪوڊورڊ، ليوٽن 1925ع.
52. پي. آر. او، ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، ڪالونيز (جنرل) اڪنامڪ اوريجنل ڪريسپانڊينس ٽيڪسٽائيل امپورٽ ڪوٽا، ويسٽ آفريڪا، 1934ع، سي او 323/1305/4.
53. ساڳيو. سي او، 852/17/14.
54. ايم. پرهام: مائننگ، ڪامرس اينڊ فنانس ان نائجيريا، لنڊن، 1948ع، جلد پندرهون، ص 99.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون

# واپاري- سرشتي جي سياست

سنڌي واپاري اڪثر پاڻ کي غيرسياسي طور پيش ڪرڻ پسند ڪندا هئا، ۽ اُهي پنهنجي اصول موجب ڏيھہ توڙي پرڏيھہ ۾ سياست ۾ گهڻو ڀھرو نہ وٺندا هئا. پر عالمي واپار ۽ مالياتي- سرشتي کي هلائڻ لاءِ، سياسي قيمت مشروط هوندي هئي، جيڪا گهٽي تي سگهندي هئي، ۽ اُن مامري کي مُنهن ڏيڻ لاءِ 'غيرسياسي' واپاري پنهنجي ائين جوڙجڪ ڪندا هئا، جو اُهي نسبتي طور ڪارائتا سياسي عامل بڻجي ويندا هئا. سنڌ جي واپارين کي سيني ڪان وڏي جنهن مونجهاري يا ڏچي کي مُنهن ڏيڻو پيو، سا برطانوي شهنشاهيت سان سندن ناتن جي هيئت يا فطرت هئي. 1843ع کانپوءِ اُهي واقعي برطانوي رعيت بڻجي ويا هئا، ۽ 1858ع ۾ راڻيءَ جي اعلان کانپوءِ، ڪين قانوني طور رعيت مڃيو ويو هو، ۽ تنهنڪري اُهي جيڏانهن بہ سفر ڪندا هئا، تہ برطانوي شهنشاهيت جي تحفظ جا حقدار هوندا هئا. برطانوي شهري هئڻ جي حيثيت سان، جيئن عام طور سمجهيو وڃي ٿو، مٿن اَتل رحمتون وسڻ شروع نہ ٿيون هيون. شڪارپورين کي خاص طور، وچ ايشيائي ملڪن وارو علائقو برطانوي شهنشاهيت جي وڏي دشمن روس جي والار هيٺ اچڻ کانپوءِ، وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي هئي. برطانوي لاڳاپن جو اُن نقطي نظر کان بهتر انتظام رکندي، تہ جيئن فائدن کي وڌائجي ۽ منجهس ايندڙ لاڳت يا قيمت کي گهٽائجي، سنڌي واپارين جي بچاءَ جي خاص ضروري مهارت بڻجي پئي هئي. مجموعي طور انهيءَ ڏس ۾ سنڌورڪي واپاري، شڪارپوري واپارين کان وڌيڪ سوڀارا ٿيا هئا. وقت گذرندي، هنن اهڙي سياسي مهارت ماڻي ورتي، جو اُهي پنهنجي پاڻ کي برطانوي لاڳاپن تي ڀاڙڻ کان هوريان هوريان آجو ڪندا ويا.

## برطانوي لاڳاپا: شهنشاهيت کي واپرائڻ؟

بينڪيت ڪان اڳ واري سنڌ جي واپارين جا مقامي حڪمرانن جي مختلف ڌڙن سان ويجها ناتا هوندا هئا. شڪارپوري واپارين جا دُراني بادشاهت دوران افغان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمرانن سان سگهارا لاڳاپا هوندا هئا، پر ٽالپرن سان سنڌن ناتا جهَڪا هوندا هئا، جيڪا حالت 1824ع ۾ شڪارپور ’سنڌين‘ جي ضابطي ۾ اچڻ ڪانپوءِ به برقرار رهي. هنن وچ ايشيائي ملڪن ۾ ازبڪستان ۽ خوقنڊ سميت بخارا جي حڪمرانن سان ويجها ناتا جوڙيا هئا. 1830ع جي اوائل ۾، ’جبر‘ جي واقعن ٿيندي به معلوم ٿئي ٿو، ته اُهي بخارا ۾ چڱيءَ ريت ڪاروباري سرگرمين ۾ ملوث هئا. (1) هنن جو برطانوين سان، جن 1839ع ۾ شڪارپور والاريو هو، ۽ 1843ع ۾ مڙس قبضو ڪري ڪيس برطانوي شهنشاهيت سان ڳنڍي ڇڏيو هو، رَويو مونجهاري ڪان آجو نه هو. جيتوڻيڪ هنن برطانوي فوجن جي اچڻ تي ڪين پليڪار چيو هو، جو هنن ٽالپر حڪمرانيءَ ڪان سنڌن جند آجي ڪرائي هئي، جن سان ڪين ڪا به محبت نه هوندي هئي. تنهن هوندي به اُهي وچ ايشيائي ملڪن ۽ افغانستان ۾ برطانوي ڦهلاءَ جي گماشتن طور سنڌن سچاٽپ جي مونجهاري ۽ پريشانيءَ ۾ ورتل هئا. معلوم ٿئي ٿو، ته هنن برطانوي فوجي چڙهائين ڏانهن ڏاڍي مناسب طور آزاد حيثيت اختيار ڪئي هئي، جن شڪارپور کي 1839ع ۾ افغانستان ڏانهن فوجي چڙهائيءَ طور اڳتي وڌائڻ لاءِ ڇانوڻيءَ جي حيثيت سان استعمال ڪيو هو. بهرحال، جڏهن برطانوي حڪومت ڪامياب ٿي، ته هنن پنهنجي پاڻ کي سنڌن وفادار طور ظاهر ڪيو، جو هنن فوجي بغاوت (آزاديءَ واري جنگ) دوران، دهليءَ تي انگريزن جو قبضو ٿيڻ جي خوشيءَ ۾، شڪارپور جي بازار ۾ ٽن راتين ۽ ٽن ڏينهن تائين لڳاتار باهه ٻاري هئي. بهرحال، برطانيا جا وفادار شهري هوندي به شڪارپورين کي ازبڪستان ۽ افغانستان ڏانهن واپاري مسافريءَ دؤران ڪو خاص فائدو نه ٿيو؛ پر اُن جي اُبتڙ، هنن کي وڏي پيماني تي برطانيا جو جاسوس هئڻ واري شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. اها ڳالهه پوءِ اڳتي هلي هنن لاءِ، وچ ايشيا جا گهڻا ملڪ روسي تحويل ۾ اچڻ ڪانپوءِ، ڪارنهن جو ٽِڪو بڻجي وئي. 1880ع کان پوءِ شڪارپوري واپاري، برطانوي شهنشاهيت جي هندستاني شهرين جي مکيه ميڙ جي حيثيت ۾، روسي ۽ برطانوي علائقن وچ ۾ باقاعدگيءَ سان سفر ڪندي، ’عظيم کيڏ‘ جي وچ ۾ ڦاسڻ ڪري ناآسودگيءَ واريءَ حالت ۾ گهيرجي ويا هئا.

سنڌورڪي واپارين جو برطانوي حڪمرانيءَ ڏانهن رويو بلڪل مختلف هو. شڪارپوري واپارين جي اُبتڙ، هنن جا بينڪيت کان اڳ واريءَ سنڌ ۾ ٽالپر حڪمرانن سان ويجها لاڳاپا هوندا هئا ۽ تنهنڪري، هنن خاص ڪري برطانوي فوجن جو آڌرڀاءُ نه ڪيو هو، جوته هنن نون حڪمرانن کان ڪجهه به حاصل نه ڪيو هو. پر هنن 1847ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سنڌ بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو بڻجڻ کان پوءِ، بمبئي سان ويجها لاڳاپا رکڻ سان، کين جيڪي فائدا ملي پئي سگهيا، تن جو چڱيءَ ريت ادراڪ ڪري ورتو هو. ءِ جڏهن 1860ع کانپوءِ هنن ڏورانهين علائقن ڏانهن ساموندي مسافري شروع ڪئي ته کين جڏهن به ڪٿي ڪا گهُرج تي پئي، ته اُتي برطانوي اختيارن کان تحفظ طلب ڪرڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس نه ڪيائون.

هن موقعي تي ضروري آهي ته پرڏيهه اُسهندڙ هندستانين جي قانوني حالت بابت ڏيان ڏيون. 1858ع کانپوءِ برطانوي هندستان جا سمورا شهري، (ءِ وڏي پيماني تي هندستاني رياستن جا شهري) برطانوي شهنشاهيت جي تحفظ جا حقدار هوندا هئا. هنن لاءِ دنيا جي پاڻَن ۾ ورهايل هوندي هئي. برطانوي شهنشاهيت جي حڪمرانيءَ وارن علائقن ۾، ڪو دستاويز کڻڻ کانسواءِ، ڪاغذن تي سفر ڪرڻ ءِ خواهش موجب رهڻ جو حق هوندو هو. هنن کي پرڏيهي ملڪن ۾ جن جا برطانيا سان روايتي سفارتي ناتا هوندا هئا، ڪنهن دستاويز کانسواءِ آزاديءَ سان چُرپر جي اجازت هوندي هئي، پر جيڪڏهن هنن کي برطانوي شهنشاهيت جي تحفظ مان فائدو وٺڻو هوندو هو، ته کين مقامي برطانوي قونصليٽ ۾ پاڻ کي درج ڪرائڻو پوندو هو. انهيءَ ڏس ۾، هڪ اهم مثال روسي شهنشاهيت هئي، جتي پرڏيهين کي پاسپورٽ رکڻو پوندو هو، ءِ اُتي وچ ايشيائي علائقن ۾ ڪوبه قونصليٽ تحفظ موجود نه هوندو هو. بهرحال، 1909ع کان اڳ وچ ايشيائي ملڪن ءِ روسي اختيارين، انهن سڃاڻپ جي دستاويزن کي پاسپورٽ جي حيثيت سان مڃيو، جن کي 1863ع جي حڪمنامي هيٺ، سنڌ جي ڪليڪٽرن کي جاري ڪرڻ جا اختيار ڏنا ويا هئا. انهن دستاويزن کي ڪلڪتي ۾ روسي قونصليٽ مڃتا ڏيندو هو، پر اُها رڳو دستاويزي پورت ئي هوندي هئي. 1909ع کانپوءِ، روسي علائقن ڏانهن اُسهندڙ هندستانين کي مناسب پاسپورٽ ڏيکارڻا پوندا هئا. ڪجهه پرڏيهي ملڪن ۾ برطانوي رعيت جي حيثيت سان، علائقن کان مٿانهين مراعتن سان گڏ، جيئن آزاداڻي نموني واپار ڪرڻ ءِ برطانوي رعيت سان لاڳاپيل مقدما برطانوي قونصلر عدالت ۾، يا ملڪي ماڻهن سان لاڳاپيل مقدما گڏيل عدالتن ۾ هلائڻ جو حق هوندو هو. هيءَ حالت 1914ع کان اڳ عثماني سلطنت (مصر سميت) ۾ حالت موجود هئي، ءِ موراڪو ۾ هيءَ حالت رڳو 1936ع ۾ ختم ٿي، ايران ۾ 1928ع تائين، چين ۾ 1842ع ءِ 1943ع جي وچ واري عرصي تائين ءِ وڌيڪ وضاحت سان چئبو ته جاپان ۾ (1899ع تائين) ءِ سيام ۾ (1909ع تائين) موجود هئي، تنهنڪري مجموعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور چئي سگهبو، ته 1890ع جي پڇاڙيءَ کان اڳ، هندستاني واپاري سڄي دنيا ۾ (روس کان سواءِ) دستاويزن بنا آزاديءَ سان ڪنهن روڪٽوڪ بنا سفر ڪري سگهندا هئا.

1890ع ڌاري ڏکيائون نروار ٿيون، جڏهن ڪيليفورنيا طرفان قائم ڪيل مثال جي پوئواري ڪندي، آسٽريليائي بينڪيتن سميت بوئر جمهوريت ۽ ناتال جي بينڪيت، ايشيائي- مخالف قانونسازي اختيار ڪئي، جنهنڪري تيزيءَ سان هندستاني شهرين جي انهن ملڪن ۾ داخلا ۾ ڏکيائي پيدا ٿي. ٻين يورپي بينڪيتن بہ اهڙو رستو اختيار ڪيو، ۽ پرڏيهہ سفر ڪندڙ واپارين ۽ واپاري فرمن جي ملازمن لاءِ اهو ضروري ٿي پيو، تہ اُهي پنهنجي برطانوي رعيت جي رُتبي کي ثابت ڪندي سڃاڻپ جا دستاويز ڏيکارين. رنڊ روڪ بنا سفر ڪرڻ وارو دؤر پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچڻ وارو هو. اُن تي آخري پڇاڙڪو ڌڪ پهرين مهاڀاري جنگ هنيو، ۽ 1917ع کانپوءِ پرڏيهي ملڪن ڏانهن سفر ڪندڙ سمورن واپارين کي پاسپورٽ ڏيکارڻا پوندا هئا. ايسٽائين جو، برطانوي والاريل آسٽريليا ۽ ڏکڻ آفريقا سميت ڪجهہ ملڪن تائين پهچڻ تيزيءَ سان ڏکيو بڻجي پيو. پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ، هندستانين جي داخلا تي پابندي هٽندڙ ملڪن جي انگ ۾ واڌارو ايندو ويو. هيءَ ڳالهہ سنڌورڪي فرمن لاءِ مکيہ رنڊڪ بڻجي پئي، جن کي واپاري- سرشتي جي مرڪز ۽ وسيع ملڪن ۾ ڦهليل واپاري ماڳن تائين مستقل طور گردش ڪندڙ ملازمن جي ضرورت هوندي هئي. برطانوي رعيت هوندي بہ پنهنجي مٿان سفر جي ڪابہ پاٻندي آزاديءَ نہ مڙهيائون: تنهنڪري، هاڻي هنن لاءِ برطانوي حڪومت کان چرپر جي آزاديءَ وارين حدبندين کي ڪٽڻ يا گهٽائڻ جي عملي مدد وٺڻ ضروري ٿي پيو هو.

انهن حدبندين ۽ رڪاوٽن جي موجودگين، سنڌي واپارين کي برطانوي حڪمراني ۽ برطانوي شهنشاهيت ڏانهن عملي ۽ معروضي لاڙو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. انهيءَ ڳالهہ ڪنهن جذبي يا نظرياتي سوچ لاءِ بلڪل گهٽ جاءِ ڇڏي هئي، ۽ اُن کي 'مددگار يا سهڪار پرست' چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڳالهہ جو ڪنهن قدر خوشفهميءَ هيٺ ڪاٿو لڳائيندي، سنڌ جي گورنر 1938ع ۾ سنڌورڪي واپارين بابت لکيو هو: 'اِهي سنڌي واپاري..... سياست ۾ بلڪل حصو نٿا وٺن، ۽ اهي ان ڳالهہ جو خيال رکن ٿا، تہ برطانوي شهنشاهيت ايڏي سگهاري ٿيڻ گهرجي، جو هنن جن ملڪن ۾ پنهنجو پئسو سيڙايو آهي، يا جتي سياسي طور پريشان آهن، تنهن جو تحفظ ٿي سگهي. (3)

ٻئي پاسي، برطانوي تمام گهٽ سهڪار- پرست هئا، هنن جا لاڙا، نظرياتي سوچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نسلي جنون کان مضبوطيءَ سان متاثر ٿيل هوندا هئا. جيتوڻيڪ هنن پهرين پنهنجي پاڻ کي سنڌ جي هندوئن کي مسلمان جابرن جي غلاميءَ مان 'آزاد ڪرائيندڙ' جو ڏڦنگ پيريو لقب ڏنو هو. پر سنڌن هندو واپارين سان ورتاءُ اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين گهڻو بدلجي ويو هو. برطانوين جي سنڌي واپارين ڏانهن نظرياتي نقطي نگاهه واري رويي تي ڏاڍو گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. برطانوي عملدارن، لالچي هندو واپارين جي ڀهراڙين ۾ ڪيل تعدين ۽ خراب حالتن بابت جيڪو ڪجهه بيان ڪيو، تنهن کي غير تنقيديءَ طرح مڃيو ويو آهي. (4) بهرحال، ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ تي انهيءَ ڳالهه مان پوتاري يا جاگيرداريءَ واري سامي نسل- مخالف تعصب جي ڪيڏي وڏيءَ عڪاسيءَ جو انڪشاف ٿيندو، جيڪا ٿورڙو مختلف تناظر ۾ اختيار ڪئي وئي هئي. انهيءَ ڪانپوءِ برطانوي عملدارن کي موقعو مليو، ته اُهي هندو واپارين جي ڪردار جي ڀِتي رويي ۽ سوچ کي ڀڏرو ڪن يا مٿن بحث ڪن. وياج تي ناڻو ڏيندڙ جي حيثيت سان کين 'رت چوسيندڙ جوڙن' جو طبقو سڏيو ويو، جيتوڻيڪ ڪجهه عملدار ان خيال سان اختلاف رکندڙ به موجود هئا. واپاريءَ جي حيثيت سان اُهي قبوليت جوڳا سمجهيا ويندا هئا، پر شرط هي هوندو هو، ته اُهي ڪجهه 'اخلاقي' اصولن جي پاسداري ڪندا، ۽ تنهنڪري انهن ڏانهن رويو وڏي پيماني تي لُڏُندڙ لمندڙ هوندو هو. پر تنهن هوندي به سياسي مُهم جوئن جو عنصر پڻ موجود هوندو هو، جنهن هيٺ ڪجهه برطانوي اهلڪارن پرڏيهه ۾ موجود سنڌي واپارين جي ساراهه جا ڍَڪَ پريا آهن. تنهنڪري، جڏهن اُهي واپاري، برطانوي معيشيت ۽ سياسي مفادن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪارائتا هئا، ته هنن کي همٿائڻو هو، پوءِ ڀلي جنهن طريقي سان اُهي ماڻهن جو استحصال ڪندڙ هئا، تنهن کي ڪو شخص ڪهڙي به اخلاقي بُڇڙائي سمجهي ها. برطانوي اختيارن جو برما ۾ وياج تي ناڻو ڏيندڙ چيٽيار واپارين ڏانهن رويو انهيءَ رُخ ۾ ڏاڍو نرالو آهي. جيتوڻيڪ چيٽيار واپاري عام طور لالچي ۽ ڦورو سمجهيا ويندا هئا، پر برما جي چانور- پوکجندڙ علائقن ۾ سندن آبادڪاريءَ کي همٿايو ويو ۽ کين مڪمل قانوني تحفظ مليل هوندو هو.

سنڌ جي واپارين واريءَ حالت ۾، سندن سرگرمين مان وٽانئن گهٽ فائدا ملڻا هئا. جڏهن هڪ ڀيرو برطانيا، وچ ايشيائي مارڪيٽ ۾ پنهنجي خوابن تان هٿ ڪڍي ويو، تڏهن انهن علائقن ۾ شڪارپوري واپارين جون سرگرميون سندن لاءِ ايڏو اهم نه رهيون. پر جنهن مکيه طريقي ۾ کين استعمال ڪري پيو سگهجي، سو مخبر ۽ جاسوسيءَ وارو طريقو هو. رگو ڏکڻ- اوڀر ايران ۾ شڪارپوري واپارين کي برطانوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاشي مفادن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ واپرائي سگهجي پيو. پر اهي لاڳاپا سدائين سُنا يا محبت ڀريا نہ هوندا هئا، جيئن هندستان ۽ سيستان وچ ۾ واپار کي ترقي ڏيارڻ ۾، سرڪاري عملدارن جي ڪوتاهي ۽ ناڪاميءَ تي روشني وڌي وئي آهي. جيستائين سنڌورڪين جو واسطو آهي، تہ اُهي بہ گهٽ نتيجو ڏيندڙ هئا. اُهي جيڪي شيون وڪڻندا هئا، تن ۾ هندستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن ۾ هٿ جي ٺهيل هنري شيون شامل هونديون هيون، ۽ برطانوي مفاد داءَ تي نہ هو. اُهي جزوي طور غير- برطانوي بينڪي علائقن ۾ جزوي ڪاروبار ڪرڻ جو لاڙو رکندا هئا. پهرين مهاڀاري جنگ کان ڪان اڳ، سنڌي واپارين ڏانهن برطانوي لاڙو ٿورڙو لاپرواهي ۽ لاتعلقيءَ سان مُنجهيل ڏسڻ ۾ اچي پيو، جو عملدارن ان وقت اڃرج جهڙن ڪجهہ قدمن جو اظهار ڪيو هو، جڏهن وچ ايشيائي روسي علائقن ۾ شڪارپورين جي وراثتي مامرن بابت قانوني پيچيدگيون پيدا ٿيون هيون. هيءَ ڳالهہ اهم آهي، تہ 1917ع ۾ جڏهن برطانوي- رعيت جي روس ۾ حيثيت وارو سوال، جائزي لاءِ اڳتي آيو تڏهن انڊيا آفيس جي هڪ اعليٰ عملدار مڃيو، تہ اُهي شڪارپوري برادريءَ جي ايڏي وڏي پيماني تي وچ ايشيائي ملڪن ۾ موجودگيءَ کان بلڪل اڻڄاڻ هو، (5) ۽ جيتوڻيڪ شڪارپورين جي وراثت جا سوين فائل سنڌن آفيس ۾ پيل هئا. انهيءَ مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي، تہ ڪنهن بہ انهن فائلن کي ڏسڻ ۽ رٿابنديءَ سان پڙهڻ جي تڪليف نہ ڪئي هئي. انهن وراثتي مامرن وارن فائلن سان واضح طور ايڊهاڪ بنيادن تي ورتاءُ ڪيو ويو هو.

عملدارن جي لاپرواهيءَ جي هن شاندار ذڪر تي، 'بينڪي جاڻ' جي هاڻوڪي بحث کي سامهون رکندي، ڏيان ڏيڻ جي گهرج آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ بينڪي ڪاموراشاهي، هيٺين سطح تي جاڻ پاڻ وٽ رکڻ ۾ خاص ڪري قُرت هوندي هئي، ۽ اُها معلومات اختيارين جي وچ ۾ رابطي جي سنگهر ۾ سلهاڙيل نہ هئي. واپاري- سرشتي بابت معلومات حيدرآباد ۽ سکر جي ضلعي ڪليڪٽرن گڏ ڪئي هئي، جوتہ ڪين واپارين جي عملي طور اُبرندڙ وراثتي ۽ ٻين مسئلن کي روزانو جي بنياد تي مُنهن ڏيڻو پئي پيو. سکر جي ڪليڪٽر رِيو طرفان، بخارا ۾ وراثت جي سوال بابت، شڪارپور ۾ ڪيل ڪوجنا هڪ سُٺو مثال آهي. انهيءَ مان ڪجهہ معلومات سنڌ جي ڪمشنر تائين پهتي هئي، پر منجهانئس گهڻي معلومات ڪمشنر طرفان بمبئي حڪومت ڏانهن موڪلڻ دوران وِڃائجي وينديِ هئي. بمبئي جي اختيارين جي نظر ۾ 'سنڌ اڻ لاڀائتو ۽ ٿورڙو ڏورانهون صوبو' هو، جنهن ڏانهن رڳو وراثتي مفادن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهل ڏيان ڇڪبو هو. بمبئي جا ڪامورا ممڪن حد تائين گهٽ ڄاڻ وٺڻ چاهيندا هئا، ويتر هندستان جي حڪومت تہ موربگو گهٽ دلچسپي ڏيکاريندي هئي. جڏهن تہ گهٽي معلومات واپارين بابت گڏ ڪئي وئي هئي، پر اُها ڪڏهن بہ باضابطا طور ڄاڻ لاءِ اڳتي نہ وڌائي وئي، ۽ بمبئي، ڪلڪتي (يا دهلي) ۽ لنڊن جي حڪومت ۾ وينل اعليٰ عملدار ايڏي وڏي پيماني تي واپاري سرشتي ڪان، جيستائين هنن ڪو سياسي مسئلو ڪڙو نہ ڪيو هو، اوستائين اڻڄاڻ رهيا. واپاري هيٺين سطح تي عام ماڻهن جي حيثيت سان پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ پسند ڪندا هئا، ۽ اختيارين جو ڌيان ڇڪائڻ ڪان پرهيز لاءِ اُهي هر طريقو واپرائيندا هئا.

’عظيم راند‘ ۾ ڦاسڻ سبب شڪارپورين لاءِ ڏاڍي ڏکي صورتحال پيدا ٿيل هئي، تنهن هوندي بہ اُهي نسبتي طور ڪنهن ڏچي ۾ ڦاسڻ ڪان بچي وڃڻ ۾ ڪامياب رهيا. اُهي انگريز- روسي دشمنيءَ مان اڻ سڌا فائدا پڻ وٺندا هئا، ڇوتہ روسين جي برطانيا سان ڦٽائڻ ۽ دشمنيءَ جي خواهش نہ هئي، تنهنڪري اُهي شڪارپوري واپارين جي وراثت جي پيدا ٿيل قانوني مسئلن تي لاچاريءَ ۾ مناسب ڌيان ڏيندا هئا. هن ڳالهہ تي شڪ آهي، تہ جيڪڏهن پنهي شهنشاهيتن وچ ۾ اهڙي ڇڪتاڻ موجود نہ هجي ها، تہ روسي اختياريون وراثتي مامرن تي ايڏي سنجيدگي نہ ڏيکارين ها. هي گهٽو ڪري برطانوي اصرار هوندو هو، جنهنڪري روسي اختياريون پيش ڪيل دعوائن تي ٿيندڙ قانوني دير سبب بخارا اختيارين تي دٻاءُ وجهڻ تي مجبور ٿيون.

هاڻي سوال هيءَ آهي، تہ جڏهن ڪوبہ برطانوي مفاد سڌي ريت داءُ تي لڳل نہ هو، تہ پوءِ برطانوي اختيارين اُن مامري منجهہ ڇو ايڏي دلچسپي ڏيکاري؟ لڳي ٿو تہ برطانوي حُڪمرانن جي موت ۾ ’عزت‘ واري سوچ جو عمل سمايل هو. هي ڳالهہ ميجتا جوڳي نہ آهي، تہ زار جي حڪومت ۾، برطانوي رعيت پوءِ ڀل اُها بدمعاش ئي ڇو نہ هجي (۽ هي حقيقت آهي، جو اڪثر برطانوي عملدارن جي سوچ هئي، تہ شڪارپوري وياج تي قرض ڏيندڙ آهن)، ساڻس چڱو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو هو. جنهن جو نتيجو هي نڪتو، جو وچ ايشيائي ملڪن ۾ برطانوي قونصليٽ نہ هئڻ ڪري، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ قونصليٽ جنرل کي قانوني وراثتي مامرا اُڪلائڻ واريءَ ذميواري سونپڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مجموعي طور برطانوي مداخلت سبب، وچ ايشيائي ملڪن ۾ فوتي واپارين جي ڪٽنبن سان سُٺي ورتاءُ جي پڪ ٿي. بهرحال، هنن واپارين جي حياتيءَ ۾ واپاري سرگرمين دوران برطانوي تحفظ ايڏو اثرائتو نہ هوندو هو. جڏهن شڪارپورين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي، روسي اختياريون وياج- مخالف قانون ٽوڙڻ ۽ ڪجھ ٻين مقدمن جي ڏوھ ۾ گرفتار ڪنديون هيون، تہ ڪين سزا طور سائبيريا ڏانھن تڙيو ويندو هو، پر برطانوي اختياريون سندن پاران مداخلت نہ ڪنديون هيون.

1907ع ڪانپوءِ انگريز- روسي ناتا سُڌرڻ سان 'سرد جنگ' جي پُڄاڻيءَ ڪانپوءِ، شڪارپورين کي واضح طور ڪو بہ فائدو نہ ٿيو. روسين جي شڪ ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو، ۽ شڪارپوري واپارين خلاف اُپاءَ وٺڻ جو رواج ٻڌجي ويو. 1912ع ۾ پرڏيهي مامرن جي رياستي سيڪريٽري لارڊ گري، پنھنجي هم منصب روسي عملدار سوزانوو سان، برطانوي هندستانين کي پهچندڙ تڪليفن ۽ ڪين پيش ايندڙ مامرن جي هڪ ڊگهي فهرست ڏني. (6) پر معلوم ٿئي ٿو، تہ انھيءَ ڏس ۾ روسي اختيارين انهن مامرن کي اُڪلائڻ تي بلڪل گهٽ عمل ڪيو.

شڪارپورين (۽ ٻين هندستاني واپارين) کي وچ ايشيائي ملڪن ۾ واپاري سرگرمين دوران، غير- برطانوي حڪمرانيءَ جي علائقن ۾ رهندڙ برطانوي هندستانين کي ملندڙ تحفظ جي ڀيٽ ۾، برطانوي اختيارين طرفان گهٽ سطح جو تحفظ ڏنو ويندو هو، تنهن هوندي بہ اُهو لاڀائتو هوندو هو. هيءَ ڳالھ شڪ جوڳي آهي، تہ برطانوي تحفظ ڪانسواءِ شڪارپوري واپارين کي، ترڪستان سلطنت مان وڏي پيماني تي تڙجڻ کان بچائي سگهجي ها، ۽ ساڳي ريت بخارا امارات ۾ پڻ صورتحال مختلف هجي ها.

انهيءَ تحفظ جي موٽ ۾، شڪارپوري واپارين کان ڪنھن قدر مخبر ٿيڻ ۽ روسي علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن جي ڄاڻ پهچائڻ جي توقع ڪئي ويندي هئي. معلوم ٿئي ٿو، تہ وچ ايشيائي ملڪن کان موٽندڙ شڪارپورين سان برطانوي عملدار ڪچهريون ڪري کائنس ڄاڻ وٺندا هئا. سکر- لاڙڪاڻو ضلعي عدالت ۾ هندستان لاءِ مقرر رياستي سيڪريٽري خلاف داخل ڪيل سول مقدمي جي موجودگيءَ مان گهڻو مشهور 'عظيم راند' جي مامري بابت مزيدار عڪاسي ٿئي ٿي. 9 آگسٽ 1907ع تي سُوٽ نمبر 15/1907، ٻن مشهور شڪارپوري واپارين- سيٺ چمن سنگھ رام سنگھ ۽ سيٺ گُلاب سنگھ رام سنگھ (جنهن کان اسان سيستان ۾ ناڪام واپاري مهم ۾ سندس ڪردار سبب واقف آهيون.) رياستي سيڪريٽريءَ خلاف داخل ڪيو هو. (7) مدعين ناھ جي ڀڃڪڙيءَ جي نقصان جي حيثيت سان چاليھ هزار روپيا هرجاڻو ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. هنن جي دعويٰ هي هئي تہ: آگسٽ 1903ع ۾ سيٺ چمن سنگھ، حڪومت جي ناٿي واري ميمبر سان قرض جا شرط طئي ڪرڻ لاءِ شملا ويو هو، جتي

ڪمانڊر- ان- چيف لارڊ ڪچنر ساڻن رابطو ڪيو هو. هنن وڏيڪ ڄاڻايو تہ: 8 آگسٽ 1903ع تي 'سيٺ چمن سنگھہ، هيٺين شرطن موجب ڪمانڊر- ان- چيف سان ٺاهہ تي صحيحون ڪيون هيون:

(1) تہ مدعي، حڪومت طرفان ڏهہ هزار روپين جي ادائيگيءَ تي، وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن جاسوسيءَ جي مقصدن واسطي پنهنجو گماشتو جوهر سنگھہ موڪليندو؛

(2) تہ مٿين ڄاڻايل مامري بابت مدعي مختلف علائقن ۾ ملازم طور پنهنجا نمائندا رکندو، جنهن لاءِ ڪيس شڪارپور ۾، حڪومت طرفان ڏهہ هزار روپيا روڪڙ ڏنا ويندا؛

(3) تہ مدعي ساڳي وهنوار کي جاري رکڻ لاءِ شڪارپور کان ڪابل ڏانهن هڪ ماڻهو موڪليندو، جنهن لاءِ ڪيس حڪومت مناسب معاوضو ڏيندي؛

(4) تہ مدعي پنهنجن گماشتن کي چاءِ جي واپارين جي حيثيت سان موڪليندو، جتي اُهي ظاهري طور چاءِ جو واپار ڪندا؛ ۽

(5) مٿي ڄاڻايل عرصو گذرڻ کانپوءِ حڪومت، شڪارپور ۾ مدعين کي مناسب معاوضو ۽ سندن گماشتي چوهڙ سنگھہ کي پورهئي، پهچندڙ اهنج، تڪليف، نقصان ۽ جوکي سبب مناسب معاوضو ڏيندي.

هنن اصرار ڪندي وڏيڪ چيو تہ، '30 جولاءِ 1904ع تي مدعا عليهان (ڪچنر) کو سبب ڄاڻائڻ/ يا مقرر ڪرڻ کانسواءِ مدعين کي نماڻائيءَ واري لکيت وسيلي چيو، تہ ڪين پنهنجو ڪاروبار ويڙهڻ گهرجي، جو هاڻي حڪومت کي سندن ڪنهن بہ مدد جي گھُرج نہ آهي.' هنن دليل ڏيندي چيو تہ، 'هيءَ ڳالهہ ٺاهہ جي شرطن جي اُبتڙ هئي.' هنن ڪين پهچندڙ گهڻي نقصان جي شڪايت ڪئي ۽ چاليهہ هزار روپيا هرجاڻي طور ڪين ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي.

هي غيرمعمولي دستاويز (8) 'جاسوسيءَ ڪرڻ لاءِ ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي' لاءِ داخل ڪيل مقدمي جو اڻلڀ مثال آهي، جنهن جو اندازو لڳائڻ ئي ڏکيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اِهو مقدمو بمبئي پوليٽيڪل پروسيڊنگ ۾ ڇپيو هو، سا ڳالهہ وڌيڪ ڇرڪائيندڙ آهي.

دستاويزن سان گڏ موڪليل خط ۾ سکر جي ڪليڪٽر وضاحت ڪئي تہ، 'مقدمي واري معاملي سان هُن ڳجهيءَ طرح هٿ چُراند نہ ڪئي ۽ ڪوبہ مُنهن نہ ڏنو.' چوتہ هي عوامي مقدمو هو. ڇا شڪارپوري واپاريءَ جي هيءَ دعويٰ پوروسي جوڳي آهي، تہ ڪمانڊر- ان- چيف سان ساڻس مناسب معاهدو ٿيو هو؟ هيءَ ڳالهہ ڏاڍي ناممڪن لڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي، تہ لارڊ ڪچنر جهڙي وڏي عملدار سڌوسنئون عام شڪارپوري واپاريءَ سان ذاتي طور ڪو معاهدو ڪيو هوندو. ظاهري ڳالهہ هيءَ آهي، تہ واپاريءَ جي ڪمانڊر- ان- چيف سان يا سندس ڪنهن ٻئي عملدار سان، ڪا غير رسمي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هوندي، جنهن مان هنن واپار ڪي، جاسوسيءَ جو ڏَکُ ڏيندڙ خيال مان شايد ڪو اهڙو نتيجو ڪڍيو هوندو. هن ڳالهہ جي ان سڌي پختگيءَ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هي عمل غيررواجي نہ هوندو. هن ڳالهہ جي پڻ گهٽي پڪ آهي، تہ لارڊ ڪچنر شايد ڪنهن مناسب معاوضي جو وعدو ڪيو هجي: شڪارپوري ڪنهن حُب الوطنيءَ جي جذبي سان روسين جي جاسوسي نہ ڪندا هئا. پر اُهي ان معاملي کي 'معلومات وڪڻڻ' واري عام واپاري متاستا جي حيثيت سان ورتائيندا هئا، جيڪو واپارين لاءِ سڀ کان قيمتي وکر هوندو آهي.

شڪارپوري واپارين طرفان وچ ايشيائي ملڪن ۾ روسين جي جاسوسي ڪرڻ واري ثابتيءَ کي هڪڙي پاسي رکندي، دستاويز ان سبب بہ مزيدار آهي، جو منجهانئس شڪارپوري واپارين جي ذهنيت جو پتو پوي ٿو. لارڊ ڪرزن جهڙي دنياوي پيچوان ۽ دنيا جي وڏي طاقتور انسان خلاف بہ برطانوي هندستان ۾ واپاري ضلعي عدالتن اڳيان مقدمو داخل ڪرڻ کان نہ ڊڄندا هئا. هن ڳالهہ مان غيررواجي همت ۽ طاقت جي اصليت واريءَ مڪمل اٺجاٺائيءَ (بهرحال، نومبر ۾ پڌرو ڪيو ويو، تہ مقدمو واپس ورتو ويو آهي،) جو پتو پوي ٿو. بنيادي طور هيءَ ڳالهہ سياسي سادگيءَ جي سطح کان تيز ڪائي ٿي، جيڪا شڪارپور جهڙي شهر سان واسطو رکندڙ ڪنهن مشهور واپاري کان واقع تيڻ غيرمتوقع آهي، جنهن جي واپارين لاءِ عام طور مشهور هوندو هو، تہ اُهي پنهنجي مفادن لاءِ سياسي لاڳاپن کي استعمال ڪرڻ جا ماهر هوندا هئا.

معلوم ٿئي ٿو، تہ سياسي سادگي شڪارپوري واپارين جي پراڻي خاصيت رهي آهي. 1912ع ۾ ڏاکڻي ايران مان مليل شاهدي ان ڳالهہ کي پُختو ڪري ٿي. شڪارپوري واپارين کي بندر عباس- ڪرمان واري رستي تي وسيع عدم تحفظ سبب ڏاڍو نقصان سَهڻو پيو هو، ۽ اُهي نقصان جو معاوضو وٺندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. واپارين جي هڪڙي ڌُر، شهنشاهہ جارج جي ڪلڪتي واري پرائيويٽ سيڪريٽريءَ ڏانهن هڪڙو ٽيليگرام موڪليو هو، جنهن ۾ هنن بادشاهہ کي چيو هو، تہ هو سندن تحفظ ۽ کين مناسب معاوضي ڏيڻ لاءِ پرڏيهي کاتي کي حُڪم جاري ڪري. (9) 1918ع ۾ هڪ شڪارپوري واپاري روسي اختيارين تي، روسي گهرو ويڙهہ دوران ڪيس پهتل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالياتي نقصان جي هرجاڻي جي دعوي داخل ڪندي، بخارا امارات ۾ ڪرمان شهر تي فوجي چڙهائيءَ جي سنڌن آرادي ڪان اڳواٽ اطلاع نه ڏيڻ جو الزام مڙهيو هو! (10) شڪارپوري واپارين 1930ع تائين چڱيءَ ريت، وچ ايشيائي ملڪن ۾ روسي اختيارين طرفان ضبط ڪيل ملڪيت جي معاوضي ڏيارڻ لاءِ، ڪين اصل ۾ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ملڻ جي واضح اميد تي، دعوائون داخل ڪيون هيون. پانئجي تو ته اُهي تڏهن مڪمل طور اڃرج ۾ پئجي ويا هئا، جڏهن وچ ايشيائي ملڪن ۾ روسي انقلاب آيو هو، ۽ تنهنڪري هنن پنهنجي اُها سموري ملڪيت وڃائي ڇڏي، جيڪا هنن 1917ع کان اڳ پنهنجي مُلڪ ڏانهن رواني نه ڪئي هئي. 1930ع ۾ اُهي ساڳي ريت اڃان تيار ئي نه هئا، جو سنڪيانگ ۾ چين- مخالف بغاوت، هڪدم شڪارپوري- مخالفت ۾ بدلجي وئي هئي.

اهڙيءَ ريت، پتو پوي ٿو ته شڪارپوري واپاري سياسي حالتن ۽ جوکن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ ايڏو ماهر ۽ پَڙُ نه هوندا هئا. ڪنڌ متان ڪات ڪڙڪندو ڏسندي به هنن 1914ع کانپوءِ وچ ايشيائي ملڪن ۾ سيڙپڪاريءَ واري عمل کي بند نه ڪيو، ۽ جڏهن ڏچو ٿيو ۽ بائيتال مَتو ته ڪين وڏا مالياتي هاڃا سَهڻا پيا. اهڙي واپاري برادريءَ، جنهن سياسي لاڳاپن سبب ڊگهي عرصي تائين پنهنجي واپاري- سرشتي کي وڌايو، تنهن منجهه سياسي فن جي اهڙي کوٽ ڪنهن قدر ڇرڪائيندڙ آهي، جڻ ته سياسي تبديلي ڪائنن تيز هئي ۽ واپاري پوئتي رهجي ويا هئا. هنن پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ بصيرت جي کوٽ جي وڏي قيمت ادا ڪئي.

شڪارپوري واپاري ڪڏهن به برطانوي اختيارين سان پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ، پاڻ کي مناسب طريقي سان منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا. شڪارپورين جي واپاري 'پئنچائت' مزاحمتي ڌُر جي حيثيت سان ڪردار ادا نه ڪيو ۽ نتيجي طور برطانوي اختيارين سولائيءَ سان شڪارپوري واپارين کي اڻ ٻُڌو ڪري ڪائنن لنوائي ويندڙيون هيون. 1912-13ع ۾، هندو جماعت نالي هڪ تنظيم، ڏاکڻي ايران ۾ ڪين پيش ايندڙ مصيبتن ۽ ڏکيائين جو اظهار ڪيو هو، پر پانئجي ٿو ته سنڌن وجود رڳو جر تي قوتي جيان هو.

بهرحال، شڪارپوري واپارين برطانوي قونصلر ۾ نمائندگيءَ هيٺ سنڌن پاران سڌيءَ مداخلت منجهان فائدو ورتو هو. هيءَ صورتحال خاص ڪري 1907ع ۾ سنڪيانگ ۾ هئي، جڏهن ڏاکڻي سنڪيانگ جي علائقن ۾ مقامي يوگرس آباديءَ جي وڏي پيماني تي شڪارپوري واپاري- مخالف احتجاج دؤران، ڪاشغر ۾ مقرر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برطانوي نمائندي جارج ميڪارٽني ڪاشغر ۾ مقرر مقامي چيني عملدار طزطائي کي، هندوئن سان گڏ مقامي چيني شهرين کي هندوئن سان نوڙت ۽ امن توڙي پائيچاري سان گڏ رهڻ جو اعلان نامو ڪڍڻ لاءِ قائل ڪيو هو. (11) بئي پاسي جڏهن ميڪارٽني، حالتون پُرامن ڪرائڻ ۽ اُبڙ وڻڻ لاءِ، هندوئن کان قرض وٺڻ کان چيني شهرين کي روڪڻ لاءِ، چيني صوبائي اختيارين کي مداخلت ڪرڻ جي اپيل ڪئي، تہ متس سندس وڏي عملدار ينگ هسبند ڏاڍي تنقيد ڪئي. (12) شڪارپوري واپاري سڏيءَ ريت واسطو رکندي بہ، برطانوي پاليسين تي سڏيءَ ريت اثرانداز ٿيڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا.

سنڌورڪي واپارين، جيتوڻيڪ سياست سان دير سان ناتو ڳنڍيو، پر هنن پنهنجي پاڻ لاءِ بهتر مفاد ماڻيا. پهرين مهاياري جنگ کان اڳ، هنن واپارين جي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي سياسي سرگرميءَ ۾ ملوث هئڻ جون شاهديون نہ مليون آهن. اُهي برطانوي اختيارين جو ڌيان ڇڪائڻ بنا، سڄي دنيا جي ملڪن ۾ پنهنجي ڪاروباري سرگرمين ۾ جاکوڙيندا رهيا. جڏهن فرمون يا انفرادي واپاري ڪنهن ڏچي يا مصيبت ۾ ڦاسندا هئا، تہ اُهي برطانوي اختيارين ڏانهن مسئلي کي حل ڪرائڻ بابت درخواستون ۽ گذارشون ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت، معلوم ٿئي ٿو تہ 1898ع ۾، جڏهن آسٽريليا ۾ وڪٽوريائي بينڪيت جي پارليامينٽ اميگريشن ريسٽرڪشن بل منظور ڪرڻ جو ارادو ڪيو، جنهن سان هڪ وڏي سنڌ ورڪي فرم وسايومل آسومل جي مفادن کي ڌڪ رسيو پئي، تہ ميلبورن ۾ فرم جي مئنيجر، هندستان جي رياستي سيڪريٽري ۽ بينڪيتن جي رياستي سيڪريٽري کي اُن معاملي ۾ مداخلت جي درخواست وسيلي گذارش ڪئي هئي. (13) جيتوڻيڪ هن کي لارڊ جارج هيملٽن طرفان سُٺي موٽ ملي هئي، (14) پر برطانوي اختيارين، آسٽريلوي بينڪن کي اهڙا اُپاءَ ڪٺڻ سان، جنهن سان شهنشاهت جي هندستاني رعيت جي چرپر واري آزادي هوند محدود ٿي رهي ها، تنهن کان پرهيز ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيون. 1901ع ۾، آسٽريليائي نئين ڪامن ويلٿ طرفان ملڪ ۾ داخل ٿيندڙ شخص لاءِ حُڪمي آزمائش مڙهيندي، اميگريشن ريسٽرڪشن ايڪٽ جي منظوريءَ ڪانپوءِ، هندستاني حڪومت مداخلت ڪري هندستانين کي ملندڙ ڇوٽ جي روپ ۾ هڪڙي ننڍڙي رعايت، خاص قسم جي مسافرن ۽ واپارين لاءِ ئي مس وٺي سگهي هئي. (15) پر 'واپاري' اصطلاح محدود فهم ۾ تشريح ڪيل هو، جنهن ايڪٽ ۾ واپارين مان پگهاردار ملازمن ۽ مئنيجرن کي خارج ڪيل هو، ۽ رڳو پنهنجي موڙي رکندڙ آزاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري شامل سمجهيا ويندا هئا. جڏهن 1908ع ۾ وسايومل آسومل فرم، آسٽريليا ۾ پنهنجو نئون مئنيجر موڪلڻ جو فيصلو ڪيو، ته ڪيس اُن بنياد تي ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو، ته هو 'واپاري' نه هو. جڏهن ته هندستاني حڪومت به فرم جي حمايت ۾ مداخلت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. (16) ڪيپ ڪالونيءَ ۾ رهندڙ سنڌوَرڪي واپارين، 1906ع واري 'هاڪرز لائسنس ائڪٽ' خلاف احتجاج ۾ ڪاميابي ماڻي هئي، جو هنن طرفان گورنر ڏي موڪليل گذارش جي نتيجي ۾ ڪين قانون ۾ ڇوٽ ڏني وئي. (17) پر اِها اڪيلي سَرسي هئي. 1917ع ۾ ساڳين قسمن جي پابنديءَ وارا اُپاءَ گهڻين بينڪيتن ۽ آزاد ملڪن جي علائقن ۾ ڪنيا ويا، ۽ واپاري مفادن جي بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ تنظيم جي ضرورت پيدا ٿي.

پهرين مهاڀاري جنگ، سنڌي واپارين ۽ برطانوي اختيارين وچ ۾ لاڳاپن جو اهم موڙ هئي. ايڏن گهڻن ملڪن ۾ وسيع طور ڦهليل هندستاني واپارين جي ميڙ جي موجودگيءَ، ظاهري طور برطانيا لاءِ اچرج واريءَ ڳالهه جي حيثيت سان سامهون آئي. اُهي انهيءَ ڳالهه سبب پريشان ٿيا ته واپاري لاڳاپا، پيچ ڌاهه ۽ انتشار وارين سرگرمين ۽ مقصدن لاءِ واپرائي سگهجن ٿا. سان فرانسسڪو بغاوت- مقدمي وقت، آمريڪا ۾ رهندڙ هندستاني انقلابين، جيڪي هڪڙي ڌُر سان واڳيل هئا، تن پاڻ کي 'غدر پارٽي' جا رُڪن سڏايو هو، تن تي هندستان ۾ جرمنيءَ جي ڇُرچ تي سانٽس ڳنٽ جوڙ ڪري برطانوي- مخالف بغاوت اُپارڻ لاءِ، هندستان ۾ برطانوي- مخالف بغاوت ڪرڻ جو الزام مڙهيو ويو. ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستاني برادري، انارڪي ۽ انتشار ڦهلائيندڙ ڌُر جي مکيه شڪ هيٺ آئي. معلوم ٿئي ٿو، ته هي شاندار خيال، اڪثر برطانوي عملدارن جي ذهن ۾ ويهي ويو هو، ته سنڌوَرڪي واپارين غدر پارٽيءَ لاءِ پرچارڪ ۽ فنڊ جي ذريعي طور ڪم ڪيو هو. پاناما ۾ برطانوي قونصل سر ڪلاڊ ماليت، 1917ع جي شروعات ۾ ئي ان ڳالهه جو قائل هو، ته ڪولون ۾ سنڌوَرڪي فرمن جا رهندڙ ڪجهه ملازم ۽ مئنيجر غدر پارٽيءَ جا رُڪن آهن ۽ اُهي سنگاپور وجي اُتي بغاوت مچائڻ لاءِ رٿابندي پيا ڪن. (18) هنن ماٿهن ٽينيراف منجهان سفر ڪيو هو، جتان برطانوي قونصل پنهنجي لکيت ۾ چاتايو هو، ته اُهي رواجي واپاري سرگرمين ۾ ملوث هئا. (19) هن ڳالهه ماليت جي پَوَ ڪي نه آترايو، جيتوڻيڪ مختلف علائقن ۾ مقرر برطانوي قونصل عملدارن، جاسوسن جي موڪليل رپورٽن هيٺ وسيع پيماني تي ڦهليل سازش واري نظريي جي تائيد نه ڪئي هئي. ۽ سر ڊيوڊ پيٽري، هڪ هندستاني پوليس عملدار کي ڏور- اوير ملڪن ۾ رهندڙ هندستاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائٽن ڏانهن غدر پارٽيءَ جو مواد موڪليو ويندو هو، تن جون فهرستون سهيڙيون ويون، ۽ منجهن ڪيترا سنڌي فرمَ به شامل هئا. بهرحال، هيءَ ڳالهه مشهور هئي ته غدر پارٽيءَ وارا پرڏيهه ۾ رهندڙ سمورن هندستانين ڏانهن 'غدار مواد' موڪليندا هئا، جن جو ڪين ڪو ڏس پتو پوندو هو.

اِهي سپيئي ويچار، پاڻ- ڪي دوکو ڏيندڙ غيرمعمولي هنڌ تي گڏ ٿيون. جنگي آفيس 1918ع ۾، جي. ٽي. چينراءِ فرم جي ڪولون واري ڪوٺيءَ طرفان ساڳئي فرم جي ٽينيرف واري ڪوٺيءَ ڏانهن موڪليل 'خاص اکرن واري ٽيليگرام' جو پيهر- پڙهيل (De-coded) مؤقف روانو ڪيو ويو. (25) ٽيليگرام واضح طور پاناما ٽوپلن جي قيمت ۽ معيار بابت هو، پر پيهر- پڙهيل مواد ۾ چيو ويو: 'مونکي صلاح ڏي ته ايران ڪان فوج رواني ٿيڻ جو وقت ڪڏهن مقرر ڪجي. شيرسنگهه ڪان خط مليو: ناپا مدد لاءِ تيار آهي. مون وٽ اجا به چار هزار باقي آهن. مونکي انگريزي سفارتخاني ڪي بم سان اُڏائڻ جي آچ ٿي آهي؛ سوچ ته اهو ڪم ڪيئن ڪجي. ڊائناماٽيت نٿا ملي سگهن....' هي فرض ڪجي ٿو، ته اهي سنڌي واپاري گهري عالمي سازش ۾ ملوث هئا. وڌيڪ هي رايو ڏنو ويو، ته ڪولون واري جي. ٽي. چينراءِ فرم 'هندستاني انقلاب پسندن سان سهڪار- ڪندڙ طور مشهور هوندي هئي.' سيپٽمبر 1918ع ۾ سنڌي واپارين بابت ڳجهي دستاويز جون پنجاهه ڪاپيون ڇپرايون ويون (26)، ۽ سڄي دنيا جي برطانوي قونصلر آفيسن ڏانهن روانيون ڪيون ويون. هي دستاويز جنگي آفيس ۾ مشهور برطانوي جاسوسي اداري ايم. آءِ. فائيوَ (MI5) وارن سهيڙيو هو. انهيءَ دستاويز ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي واپارين جي ڪردار بابت، شڪي حقيقتن تي ٻَڌل، چينراءِ جي ٽيليگرام سميت، فهرست شامل هئي، پر دستاويز جي پُڇاڙيءَ ٿورڙي احتياط واري هئي:

'جيئن ته اهڙي ڪابه ثابتي نه آهي، ته اهڙيون سنڌي فرمون، ڪنهن بغاوت وارين سازشن ۾ ملوث آهن.... انهن فرمن جون واپاري سرگرميون، آچيل وسيلن منجهان جرمنن ڪان متاثر ٿيل پرچارڪ منتقل ٿيڻ ڪي ڏسنديون، اچرج جوڳيون نه آهن. بئي پاسي، واقعي لاڳاپيل سنڌي انهيءَ لاڳاپي سان شعوري طور، دشمن جي مدد ڪرڻ جي خيال ڪان پنهنجون خدمتون آڇين ٿا يا نه، ۽ اڪثر واپاري ذات جا لوهاڻا هوندي، جيڪي جلدي ڊپ ۾ ورنجي وڃن ٿا، سي گهٽ وڌ هندستاني- جرمن انقلابي سازشين جا لاشعوري اوزار آهن يا نه، تنهن بابت پڪ سان هينئر ڪجهه نٿو چئي سگهجي.'

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، دستاويز جون پنجاهه بيون ڪاپيون به موڪليون ويون، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ جنگي آفيس وارن لکيو، ته اُهي نتا پائين، ته هي مامرو نئين ڇپائيءَ جي خرچن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، خاص ڪري 'چين راڄ' جي نياپي بابت جاچ واري نتيجي جي خيال کان ايڏي مناسب اهميت وارو آهي.' (27) هاڻي هيءَ ڳالهه ڇِتي هئي، ته طوفان جهَڪو ٿي چڪو هو.

انهيءَ سڄي مامري کي، جنگ جي وقت ۾ عملدارن جي ڊپ ۾ ونجڻ واري لاڙي جي عارضي ثابتي ۽ ڪِل جوڳي ڳالهه جي حيثيت سان ڏسي سگهجي ٿو. پر انهيءَ مان هندستان کان ٻاهر سڄي دنيا ۾ واپارين عالمي- سرشتي جي موجودگيءَ طرفان آڇيل پيچ ڏاهه وارين سرگرمين مان برطانوي عملدارن منجهه حقيقي ڊپ جو انڪشاف ٿيو. سنڌي واپارين جي سڄي دنيا ۾ ڦهلاءَ کان اوچتو برطانويءَ سجاڳ ٿيا، جيڪا پنجاهه سال پراڻي ڳالهه هئي. جيستائين سنڌورڪي واپارين جي ڪردار جو واسطو آهي، ته انفرادي ڪردار ۽ فرم جي پاليسين وچ ۾ تفاوت ڪرڻ گهرجي. سنڌورڪي فرمن وٽ جرمنن جو حمايتي ٿيڻ جو ڪوبه دليل نه هو. معاشي حوالي سان ڏسبو، ته اُهي امڪاني طور جرمنيءَ جي سَرسي ۽ برطانوي مات مان ڪوبه فائدو وٺي نه پيا سگهن. تنهن وقت فرمن جا سيٺ يا مالڪ، انهيءَ حقيقت کي ڏسندي ته 1920ع کان اڳ سنڌ ۾ هندستاني قومپرستي ڏاڍي محدود هئي، پڪ سان وفادار هوندا هئا. ٻئي پاسي، سنڌورڪي فرمن جي ڪوٺين جا مئنيجر ۽ ملازم انفرادي طور انقلابي خيالن کان متاثر ٿي پئي سگهيا. سنڌي هندو واپاري نانڪ پنٿي، يعني غير- خالصا سک آهن، پر اُهي خالصا سکن کي گهڻو ويجها آهن. تنهنڪري ظاهري ڳالهه هيءَ آهي، ته منجهائن ڪجهه شايد غدر پارٽيءَ جي پرچار کان خاص ڪري پناما ۾ متاثر ٿيا هجن، جتي بلڪل ٿورڙا سک رهندڙ هئا، جيڪي غدر پارٽيءَ جا همدرد هئا. بهرحال معلوم ٿئي ٿو، ته برطانوين کي جنهن ڳالهه وڌيڪ پريشان ڪيو، اُها هيءَ آهي ته عالمي لاڳاپن ۾ جڙيل ڪيترائي هندستاني واپاري، دنيا جي هڪ حصي مان ٻئي حصي ڏانهن فنڊن جي چرپر منتقل ڪرڻ ۾ اهل هئا، ۽ پيو هي ته انهيءَ ڏس ۾ ڪين ذرو به جاچ نه هئي.

بهرحال اهو نتو معلوم ٿئي، ته هيءَ ڳالهه بهتر انداز سان عملدارن جي ڪردار تي اثرانداز ٿي آهي. هن ڳالهه کي ترت وساريو ويو، ۽ جنگ ڪانپوءِ جڏهن سنڌورڪي واپارين مختلف معاملن جي ڏس ۾ پنهنجي پاران مداخلت ڪرڻ لاءِ اختيارين سان رابطو ڪيو، ته ڪين مجموعي طور سندن فائدي ۾ سُٺي ميجتا ڏني وئي. هيءَ ڳالهه واتين بابت برطانيا جي پنهنجي دلين ۾ ايندڙ تبديليءَ سبب ڪانه ٿي هئي. برطانوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهلڪارن منجهه، واڌيا- مخالف جذبن جو وڏي پيماني تي سلسلو جاري رهيو، پر اُهي اڳ جيان هاڻي ساڳيءَ سطح تي پاليسين بابت حُڪم نہ ڪندا هئا. 1919ع کانپوءِ هندستان ۾ طاقتور قومپرست هلچل جي واڌاري، برطانيا کي پرڏيهه ۾ رهيل هندستاني جي حالتن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ تي مجبور ڪيو، تہ هندستان ۾ برطانيا- مخالف وڌائيندڙ بهانن کان بچي سگهجي. هندستاني حڪومتي ۽ انڊيا آفيس جو وڌيڪ ڌيان گهڻو ڪري ڏکڻ آفريڪا جي حالتن ۽ 1920ع کانپوءِ ڪينيا ۾ مرڪوز رهيو. 1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ زنجبار بہ اهم ڌيان جوڳو علائقو هو. انهن تنهي علائقن ۾ سنڌي واپاري رهندڙ هئا، پر اُهي هندستاني برادريءَ جي وڏي حصي جو تمام گهٽ حصو هئا، ۽ هنن جي ڪاروباري سرگرمين ايڏو ڌيان نہ ڇڪايو.

بهرحال، انهن تنهي علائقن ۾ سنڌي واپارين سان ٿيندڙ مامرن سبب هندستاني حڪومت ۽ انڊيا آفيس پنهنجي طرفان باقاعديءَ سان مداخلت ڪرڻ تي مجبور ٿي. اهي ملڪ برطانوي بينڪيتون هئا، جن مان جبرالٽر ۾ سنڌي واپاري عملي طور اڪيلا هندستاني هئا؛ جڏهن تہ آمريڪي بينڪيت فلپائين ۾ هندستاني برادريءَ جي اڌ جي نمائندگي ڪندا هئا (منجهن بيا پنجابي سک بہ شامل هئا)، پر اُتي سنڌي واپارين، اختيارين جي وڏي حصي جو ڌيان ڇڪايو؛ ۽ 'آزاد' ملڪ پاناما جمهوريت ۾ هندستاني آباديءَ جي ننڍڙي حصي جي نمائندگي ڪندا هئا (جتي سک گهٽي انگ ۾ هئا، ۽ اُتي گجراتي ۽ بنگالي مسلمان پڻ هئا)، پر اُتي سنڌن معاشي مفادن جي اهميت سرڪاري اهلڪارن جي نامناسب ورتاءَ ڏانهن وٺي وئي. انهن ٽنهي علائقن ۾، هندستاني آبادي ٿورڙي هئي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هنن هندستاني برادريءَ جي مسئلن ڏانهن سجيدگيءَ سان ڪڏهن بہ ڪو ڌيان نہ ڏنو.

معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن علائقن ۾ سنڌورڪي واپارين کي سامهون ايندڙ مسئلا، سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن نالي تنظيم جي جوڙڻ جو اهم محرڪ هئا، جيڪا سنڌن مفادن لاءِ "ماحول ناهڻ" جو اهم وسيلو بڻجي وئي. هي تنظيم 1920ع ڌاري جوڙي وئي، ۽ اها پوءِ ڪُل- هندستان واپارين جي مکيہ تنظيم، فيڊريشن آف انڊين چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (FICCI) جو حصو بڻجي وئي. هيءَ تنظيم، جڏهن سنڌورڪي واپارين جا مفاد خطري ۾ هوندا هئا يا انهن مفادن کي خطري ۾ ڀانئيندي هئي، تہ منظم طريقي سان نئين دهليءَ ۾ اختيارين سان گڏجي مداخلت ڪندي هئي، ۽ اڪثر سَرسي ماڻيندي هئي. بهرحال، نئين دهليءَ جون اختياريون، پرڏيهي حڪومتن يا برطانوي بينڪيتي گورنرن ڏانهن سڌيءَ ريت اثرانداز ٿيڻ ۾ بي اثر رهنديون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مامرن ۾ سَرسي ماڻڻ لاءِ، شاهي حڪومتي پاڻ ئي متن ڏباءُ وجهندي هئي. انهيءَ جو هيءَ مطلب آهي، تہ انڊيا آفيس مامرن ۾ دلچسپي وٺندي، پرڏيهي آفيس يا بينڪي آفيس تي دٻاءُ وجهندي هئي، پر هيءَ ڳالهہ سدائين ايڏي سولي نہ هوندي هئي. جيستائين پرڏيهي ملڪن جو واسطو آهي، تہ گهڻيون ڳالهيون مقامي برطانوي قونصل جي ڪردار تي آڌاريل هونديون هيون، جيڪو ان موقعي تي اهم عملدار هوندو هو. سنڌي واپارين جي حالتن ڏانهن قونصل جا رويا مختلف هوندا هئا. سرڪاري مواد مان پتو پوي ٿو، تہ مڪيہ مسئلن جا بہ ڳڙهہ يعني منيلا ۽ پاناما جي قونصلن، سنڌورڪي واپارين جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان ورتو ۽ هنن مسئلن کي سلجهائڻ ۾ پنهنجا طريقا استعمال ڪيا.

سنڌورڪي واپاري، جن جا ڪانگريس پارٽيءَ سان ويجها لاڳاپا هوندا هئا، پنهنجي مسئلن ۾ مداخلت ڪندي بينڪي حڪومت تي دٻاءُ وجهرائڻ لاءِ، پنهنجا ويجها ناتا واپرائڻ ۾ ڪامياب ويندا هئا. دهليءَ جون اختياريون، قوميرستن کي انهيءَ بنياد تي تہ اُن مناسب توانائيءَ واريءَ سرگرميءَ سان پرڏيهہ ۾ رهندڙ هندستانين جي مفادن جو بچاءُ نہ ڪيو هو، ڪو بهانو ڏيڻ ۾ ڦڙتيءَ سان چوڪس هونديون هيون. معلوم ٿئي ٿو، تہ ڪانگريس ۽ سنڌورڪي واپارين وچ ۾ لاڳاپا، 1920ع جي اوائل ۾ خلافت ۽ عدم- تعاون هلچل، (28) جيڪا سنڌ ۾ پهرين عوامي تحريڪ هئي، وقت جُڙيا هئا. حيدرآباد ڊسٽرڪٽ ڪانگريس ڪميٽي، وڏي پيماني تي سنڌورڪي واپارين کان ملندڙ چندن تي ڀاڙيندي هئي. (29) انهن چندو ڏيندڙن ۾، سڀ کان مشهور ايم. ڏيئلداس اينڊ سنز جو مالڪ سيٺ پرتاب ڏيئلداس هوندو هو، (30) جنهن جا گانڌيءَ سان ذاتي لاڳاپا هوندا هئا. گڏوگڏ ڪُل- هندستان جي سياست ۾ جيڪي بہ اهم اثرائتيون شخصيتون اُڀريون، سي حيدرآباد جون هيون ۽ هنن جا سنڌورڪي واپارين سان گهاٽا ناتا هوندا هئا. منجهانئن هڪڙو حيدرآبادي عامل جيرامداس دولترام عالمچنداڻي هو، جيڪو ڪانگريس جي ساڄي ڌُر جو ناميارو رُڪن هوندو هو. (31) 1920ع ڌاري هن اڪثر سنڌورڪي واپارين جي فائدي ۾ مداخلت ڪئي. ٻي شخصيت حيدرآباد جو عامل آچاريا ڪرپلاڻي هو. هن جا سنڌورڪي واپارين سان ايڏا گهاٽا لاڳاپا تہ نہ هئا، پر هو هنن جي مسئلن جي ڏس ۾ ڪڏهن ڪڏهن دلچسپي وٺندو هو. سنڌورڪي واپارين جو، صوبائي سطح تي ڪانگريس پارٽيءَ ۾ ايڏو اثر نہ هوندو هو، جنهن جو سبب هي آهي، تہ سنڌورڪي واپارين جا صوبي ۾ ٿورڙا معاشي مفاد هوندا هئا: ۽ عامل ۽ واڻين جي ٻين ڌُرين جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ اثر هوندو هو. پر هنن جا قومي سطح تي ڪجهه ناتا هوندا هئا، ۽ اُها سنڌن پاران هندستاني حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ ۾ مدد ڪندي هئي. مڙني مامرن جي ”فائدي لاءِ ماحول جوڙڻ جي نگراني“ سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن وسيلي ٿيندي هئي، جيڪا مختلف ملڪن ۾ موجود سنڌورڪي واپارين جي انيڪ مقامي تنظيمن سان ويجهي لاڳاپي ۾ هوندي هئي.

سنڌورڪي واپارين جون جن علائقن ۾ وسنديون هيون، اُتي تنظيمن جي ٿيندڙ ترقي ۽ سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن طرفان واپاري مفادن جي بچاءُ لاءِ نيايل مرڪزي ڪردار سان، واپارين جي مفادن جي بچاءُ لاءِ اجتماعي قدم کڻڻ ۾ مدد ملي. پر انفراديت (واپارين جي) مسئلن ۾ گهيريل رهي، ۽ فرمن عملدارن سان سڌيءَ مداخلت وارو طريقو واپرائڻ جو سلسلو جاري رکيو ۽ سائن ٿيندڙ نامناسب ورتاءُ واري ڳالهه کي محسوس ڪندي اُهي مامرن جي سلجهائڻ لاءِ درخواستون ڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت، جڏهن 1939ع ۾ ڪي. چيلارام اينڊ سنز فرم محسوس ڪيو، ته سائنس گولڊ ڪوسٽ جي ڪسٽم ڪمپٽرولر طرفان ضابطن جي پيچڪڙي، جن بابت هنن دعوي ڪئي، ته اها غيررضاڪاراڻي هئي، جي ڏس ۾ ناانصافي وارو ورتاءُ ڪيو ويو آهي، ته هنن انٽرويو ۽ درخواست وسيلي، لنڊن ۾ رهندڙ بينڪيتن لاءِ مقرر ٿيل رياستي سيڪريٽريءَ سان مامري بابت سڌو رابطو ڪيو، (32) ۽ ڪين جزوي طور فائدو به ٿيو.

هوڏانهن سنڌورڪي واپارين، برطانوي حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ قومپرست تحريڪن ۾ پنهنجا لاڳاپا واپرائڻ کان به نه هٻڪندا هئا. تنهن هوندي به سنڌورڪي واپاري جڏهن اختيارين ڏانهن رابطو ڪندا هئا، ته احتياط کان ڪم وٺندي برطانوي راڄيءَ ڏانهن نمائائيءَ سان وفاداريءَ جي جذبن جو اظهار ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن ته اُهي چاپلوسي ورتائڻ کان به نه گُسندا هئا. جڏهن سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن، اسپيني اختيارين جي متيپيد وارن اُپائن کي مُنهن ڏيندڙ ڪينري ٻيٽن ۾ رهندڙ سنڌورڪي واپارين لاءِ اختياريءَ کي مداخلت ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، ته هنن لکيو، ’اسان کي سدائين ٻڌايو ۽ ياد ڏياريو ويجي ٿو، ته اسان دنيا جي عظيم طاقتور شهنشاهيت جي شهريءَ جي حيثيت سان، دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ حقيقي واپار ۽ آزاداڻي انداز سان، سدائين مڪمل حقن جي دعوي ڪري سگهون ٿا، ۽ اسان جي حقن جو ايمانداراڻي طريقي سان تحفظ ڪيو ويندو.‘ (33) هنن واپارين منجهه وفاداريءَ جا جذبا اجان به وڏي پيماني تي موجود رهيا، پر جڏهن مفاد داءُ تي هوندا هئا، ته تجرباتي ۽ عملي لاڙا جو ڪي ۾ نه وجهندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي انيڪ سنڌي واپارين جو ٻي مهاڀاري جنگ دوران، جپانين جي والار هيٺ آيل علائقن ۾ انڊين نيشنل آرمي ۽ سڀاش چندربوس ڏانهن جهڪاءُ جو مثال آهي. جپانين جي والاريل ڪيترن ئي بينڪيتن يعني- برما، ملايا، سنگاپور، ڏچ ايسٽ انڊيز، فلپائين، هانگ ڪانگ ۽ فرينچ انڊو- چائنا- جي انيڪ علائقن ۾، سنڌورڪي واپارين جون اهم وسنديون هونديون هيون. منجهانئن اڪثر واپارين جا جپانين فرمن سان گهاٽا لاڳاپا هوندا هئا، پر جپان جي اهڙي والار مان ڪين ڪو خاص فائدو نه ٿيو. تنهن هوندي به هنن جو جپانين سان لاڳاپن، خاص ڪري ذخيره اندوزيءَ جي سرگرمين ۾ ملوث ٿيندي، واپاري- جيوت ۾ مدد ڏني، پر هنن جي 'عظيم اوڀر ايشيا جي گڏيل- خوشحاليءَ واري سطح' ۾ ڪا خاص جاءِ نه هئي. منجهانئن ڪجھ واپاري انڊين نيشنل آرمي ۽ انڊيا انڊيپينڊنس ليگ جي چوڏاري ڇڪجي ويا هئا. انڊيا انڊيپينڊنس ليگ جي جولاءِ 1943ع ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾، (34) اوڀر- ايشيا جي نمائندن جي فهرست ۾ ڇهن سنڌي واپارين جا نالا شامل آهن، جيڪي منيلا، جاوا، سوماترا ۽ بئنڪاڪ جي نمائندگي ڪندڙ هئا.

سنگاپور ۾ 25 آڪٽوبر 1943ع تي فنڊن گڏ ڪرڻ لاءِ واپارين ۽ چيٽيارن جي ٿيندڙ عام گڏجاڻيءَ ۾ هڪڙو مقرر، ڪي. اي. جي. چوٿري مل اينڊ ڪمپنيءَ جي مقامي ڪوٺيءَ جو مئنيجر محترم اُڌارام به موجود هو، جنهن جو جپاني ريڊ ڪراس لاءِ گڏ ڪيل فنڊن جي ناتي سان ڪنهن ٻي جاءِ تي ذڪر به ٿيل آهي. (35) سنگاپور ۾ وري ايل. ڪيامل فرم جو محترم ڪيامل هوندو هو، جنهن بابت چيو وڃي ٿو، ته هن جا سڀاش چندربوس سان گهاٽا ناتا هوندا هئا ۽ هن انڊين نيشنل آرميءَ لاءِ به لک ڊالر گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. انڊونيشيا جو هڪڙو سنڌورڪي واپاري 'چاچا' ٽيجومل، سڀاش چندربوس جي خاص صلاحڪارن ۾ شامل هوندو هو. (36) ۽ انڊونيشيا ۾ اٽڪل چاليھ سنڌي واپاري انڊين نيشنل آرميءَ ۾ شامل ٿيا هئا ۽ هنن 44-1943ع واري هلچل ۾ لکين رپيا مالي مدد به ڪئي هئي. (37) فلپائين ۾، برطانوي قونصلر جي مئي 1945ع واري رپورٽ مطابق، (38) 'سنڌي وڏي پيماني تي جپانين سان سهڪار ۾ ملوث' هئا. اُهي عام طور مشهور 'ونڻ- وڪڻ واري ڌنڌي' ۾ ملوث هئا، اُهي جپاني ڪارخانن تان سستي اگھ تي شيون وٺندا هئا ۽ فلپينو آباديءَ کي وڏي نفعي تي وڪڻندا هئا. هنن منيلا ۾ پنهنجو نفعو اڪثر ملڪيتن وٺڻ ۾ سيڙايو هو، ۽ 1945ع ۾ شهر جي تباهيءَ ۾ هنن جي گهڻي ملڪيت ضايع ٿي وئي. بهرحال، پتو پوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ته هن تباهيءَ ڪانپوءِ به اُهي ڪنگال نه ٿيا هئا. جنهن مان نتيجو ڪڍجي ٿو. ته هنن جي گڏ ڪيل دولت ضرور وڏي انگ ۾ هوندي.

بهرحال، هيءَ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي، ته 1942ع ڪانپوءِ سنڌوَرڪي فرمن جا ڏور-اوڀر جي ملڪن ۾ مئنيجر ۽ ملازم، حيدرآباد ۾ پنهنجي سيٺين کان مڪمل طور ڪٽجي ويا هئا. جتان اُهي اڳي روزانو هدايتون وٺندا هئا. ۽ هاڻي ڪين پنهنجا فيصلا پاڻ پئي ڪرڻا پيا. بهرحال، سنڌوَرڪي فرمن جي مئنيجرن ۽ ملازمن جي انڊين نيشنل آرمي ۽ انڊيا انڊيپينڊنس ليگ جي سرگرمين ۾ شرڪت مان، سڀاش چندربوس جي قومپرستيءَ سان لاڳاپو هجڻ وارو، فرمن جي سازش ۾ ملوث هئڻ واريءَ ثابتيءَ جي حيثيت سان، نتيجو ڪڍي نٿو سگهجي. مقامي هندستاني اڳواڻن منيلا ۾ برطانوي قونصل کي جيڪو ٻڌايو هو، تنهن مطابق، (39) 'جپانين سموري برادريءَ کي، انڊين انڊيپينڊنس ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ.... پنهنجو ڪاروبار بند ڪرڻ ۽ دشمن شهريءَ جي حيثيت سان ورتاءُ ڪرڻ جي ڌمڪ هيٺ مجبور ڪيو ويو هو.' قونصل هن وضاحت تي مڪمل قائل نه ٿيو ۽ جڏهن هن مڃيو ته، 'ڪجهه ماڻهو شايد سهڪار تي مجبور ڪيا ويا هجن،' هن زور ڏنو ته، 'برادريءَ جا ڪيترائي اڳواڻ، جپاني مفادن لاءِ سرگرميءَ سان پرچار ڪندڙ هئا ۽ اُهي اتحاد- مخالف فنڊن ۾ رقمون ڏيندا هئا.'

يورپ ۽ اُتر آفريڪا ۾ ڪجهه سنڌوَرڪي واپاري، ٻي مهاڀاري جنگ ڇڙڻ وقت جرمن- والار هيٺ آيل علائقن ۽ اطالوي علائقن ۾ گهيرجي ويا هئا. جبرالٽر مان بيدخل ڪيل واپارين کي، جيڪي هندستان ڏانهن موٽيا پئي، ڪيپ آف گڊ هوپ ويجهو سنڌن جهاز ٻڏڻ ڪانپوءِ جرمنيءَ وارن جهلي ورتو هو. (40) جرمنن انهن سان جنگي قيدين وارو ورتاءُ ڪيو ۽ ڪين ڇڏائڻ لاءِ ڪابه ڪوشش نه ڪئي وئي. اهڙي ڪابه ثابتي نه آهي، ته سنڌوَرڪي واپارين ڏور- اوڀر وارن ملڪن کان ٻاهر، محوري طاقت جي مقصد لاءِ ڪنهن همدرديءَ جو مظاهرو ڪيو هو. سنڌوَرڪي فرم جو هڪڙو ملازم، جيڪو اٽليءَ جي جرمن- والار هيٺ آيل علائقن واري ڪنهن ڇانوڻيءَ ۾ قيد هو، تنهن کي اٽليءَ جي انقلابين سان سهڪار جي ڏوهه ۾ گولين هٺي ماريو ويو. انهيءَ ڳالهه مان هي فرض ڪجي ٿو، ته ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ ڪجهه سنڌوَرڪي واپارين جي ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ سڀاش چندربوس سان هم آهنگيءَ کي، گهري- اونهي پيٺهي ويل جپاني- همدرديءَ جي پيٽ ۾، پنهنجي روزگار ۽ حياتيءَ جي بچاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڌيڪ ڪجھ ڪرڻو پوندو هو. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالھ اُن امڪان کي رد نٿي ڪري، تہ منجھانئن ڪجھ واپارين کي هندستاني آزاديءَ سان سڱھاري وابستگي هئي.

سنڌورڪي واپارين لاءِ پاڻ کي سڱھاري ۽ اثرائتي طور منظم ڪرڻ ۽ سياسي پنيرائي وٺڻ لاءِ مکيہ مُحرڪ، سڄي دنيا ۾ پرڏيهي آباديءَ جي حرڪت جي روڪٿام لاءِ ڪيل قانونسازيءَ جو ڦھلجڻ هو، جنھن سبب فرمن جي ملازمن جي حرڪت ۾ تيزيءَ سان ڏکيائي پيدا ٿي. هن جدوجھد ۾ انھن واپارين کي پوءِ بہ ڪجھ سرسي ملي.

## سنڌورڪي واپاري ۽ 1920ع ڌاري پرڏيهين تي پابندين خلاف ويڙھ

1917ع کان اڳ، مختلف علائقن ۽ ملڪن ۾ پرڏيهي ماڻھن جي آمد تي وڌل پابندين سان سنڌورڪ واپاري جزوي طور متاثر ٿيا. برطانوي شھنشاهيت ۾ ڏکڻ آفريڪا ۽ آسٽريليا بہ اهڙا ملڪ هئا، جن 'هندستاني - مخالف قانون سازيءَ' جو بنياد وڌو. بهرحال، سنڌورڪي واپارين لاءِ نسبتي طور ڪجھ علائقا سندن ڪاروبار لاءِ موجود هئا. آسٽريليا ۾ رڳو هڪڙي اهم وسايومل آسومل فرم موجود هئي، جنھن جا 1898ع ۾ رڳو ميلبورن ۾ اسي ملازم هوندا هئا. ڪامن ويلٿ طرفان پرڏيهين جي روڪٿام واري ائڪٽ جي منظوريءَ سان، هن فرم کي اڪثر مقامي ملازم ڀرتي ڪندي، پاڻ کي ٻيهر منظم ڪرڻو پيو. معلوم ٿئي ٿو، تہ ڏکڻ آفريڪا ۾، جتي ڪيترا ئي فرم ڪم ڪندڙ هئا، تن پڻ مقامي ملازم ڀرتي ڪرڻ واري واٽ ورتي.

شھنشاهيت جي اڃن ماڻھن جي ٻن ملڪن کان ٻاھر، جبرالٽر ۾ 1899ع ڌاري تڏھن عارضي طور مسئلا پيدا ٿيا، جڏھن فرمن ۽ ملازمن وچ ۾ ٿيل تڪرار سبب اختياريون ڪجھ ڪنگال ماڻھن کي ڏيھ نيڪالي ڏيڻ تي مجبور ٿيون. انھيءَ ماھري ڪانپوءِ، هنن علائقن ۾ هندستانين جي داخلا تي پابندين وارا سخت اُپاءَ ورتا ويا، (41) پر اهڙيءَ رٿا کي انڊيا آفيس جي مداخلت کان پوءِ روڪڻو پيو. (42) پهرين مهاڀاري جنگ جي پڇاڙيءَ ۾، جبرالٽر ۾ سنڌي واپارين جي لوڏ اچڻ ۽ نوان دڪان کُلڻ سان مسئلو ٻيهر ڪڙو ٿيو، تہ 1919ع ۾ گورنر مجبور ٿيندي پرڏيهين تي پابنديءَ وارن اُپائن تي ويچارڻ شروع ڪيو. (43) هندستاني حڪومت، انڊيا آفيس سان ٿيل ڪچھري ۾ ڄاڻايو تہ، 'واپاري ۽ ملازم طبقن ۾ ورهايل آهن، جن مان ڪيترائي غيراعتراض جوڳا آهن، ۽ مڙھيل پابندين سان گوڙ وڌندو، ڇوتہ اُهي پابنديون ناانصافي تي ٻَڌل آهن.' (44) واضح طور هي حساس دليل آهن، پر انڊيا آفيس، ڪالونيل آفيس وٽ متوقع اپاءَ روڪڻ لاءِ مداخلت ڪئي. هن معاملي ۾ سنڌورڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپارين جي سڌيءَ مداخلت جي ڪنهن بہ نشان جو ڪو پتو نہ پيو آهي. هي معلوم ٿيندو، تہ هندستان جي گورنر ڪنهن خاص دٻاءَ ۾ اچڻ ڪانسواءِ پنهنجي طور ڪردار ادا ڪيو. 1919ع ۾ هندستان جي پڙڪندڙ سياسي صورتحال پڪ سان سندن ڪردار جي وضاحت لاءِ مناسب آهي: هن ڪنهن بہ هندستاني شهريءَ کي، جيڪي اڳيئي مناسب طور چِڙيل هئا، تن کي احتجاج لاءِ ڪو وڌيڪ سبب ڏيڻ نہ پئي چاهيو. جيڪڏهن انڊيا آفيس جي مداخلت، پابندين واري قانونسازيءَ کي روڪڻ ۾ قابل هئي، تہ ان گورنر کي سنڌين جي ايندڙ لوڏ کي روڪڻ لاءِ عارضي اُپائن کڻڻ کان نہ روڪيو. جون 1920ع ۾، گورنر بينڪيٽن لاءِ مقرر رياستي سيڪريٽريءَ کي لکيو:

”آءٌ هتي گهٽي عرصي کان ڪاروباري طور جميل فرمن جي واپار ۾ گهُرج کان وڌيڪ مداخلت ڪرڻ نٿو چاهيان، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ هنن هندستاني فرمن مان هرهڪ فرم کي هڪ دڪان ۾ ٿورڙن نائبن تائين محدود ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري، آءٌ هندستانين کي رهڻ جي تازي اجازت ڏيڻ تي، جيستائين هتي موجود هندستانين جي انگ ۾ مناسب گهٽتائي اچي، انڪار جي تجويز ڏيان ٿو.“ (45)

جبرالٽر ۾، بينڪي اختياريون، فرم جي دڪانن جي انگ تي حدبندي مڙهڻ واسطي محدود جاءِ هجڻ جو بهانو استعمال ڪنديون هيون. 1924ع ۾ منظور ٿيل پرڏيهي واپاري آرڊيننس تي، هندستاني حڪومت (46) ۽ انڊيا آفيس محدود اعتراض اُٿاريا هئا. اهڙي قانونسازيءَ هيٺ اجازت جي سرشتي وسيلي، هندستاني ملازمن جي چرپر تي ضابطو رکيو ويندو هو، پر ان جا مجموعي طور فرمن جي واپاري سرگرمين تي منفي اثر نہ ٿيندا هئا.

فلپائيني ٻيٽن ۾ وڌيڪ سنجيدو مامرو اُڀريو، ۽ انهيءَ سوال تي، نئين جوڙيل سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن، سنڌورڪي واپارين جي مفادن جو بچاءُ ڪندي پنهنجي پاڻ کي پهريون ڀيرو ڏِر جي حيثيت سان عوام آڏو آندو ۽ پِڙ ۾ پهتي. فلپائيني ٻيٽن ۾ هي مسئلو، فيبروري 1917ع ۾ آمريڪي اختيارين طرفان پرڏيهين جي روڪٿام وارن قانونن جي منظوريءَ سان اُڀري مٿي آيو، جنهن جو واضح مقصد ’ڏڦيڙ ڦهلائيندڙ‘ هندستانين جي چُرپر کي روڪڻ هو، جيڪي ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۽ سئن فرانسسڪو وچ ۾، جتي غدر پارٽيءَ جي مکيہ آفيس هوندي هئي، سفر لاءِ منيلا کي ترسڻ جي ماڳ طور واپرائيندا هئا. ماڻهن جا ڪجھ اهم دڙا، خاص ڪري واپاري واضح طور ائڪٽ جي دائري کان آجا ڪيل هئا، ۽ هيءَ ڳالھ نظر نٿي اچي، تہ ان سان ڪجھ سالن تائين منيلائي ٻيٽن ۾ سنڌورڪي واپاري فرمن جون سرگرميون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متاثر ٿيون هجن. بهرحال، 1920ع ۾ منيلا ۾ موجود اميگريشن اختيارين طرفان ائڪٽ جي ڪجهه وڏيڪ سختيءَ واري تشريح جي نتيجي ۾، سنڌورڪي فرمن جي ملازمن کي ڏکيائين سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو، جو جڏهن اُهي هندستان ۾ ڪجهه عرصو گهارڻ کانپوءِ پيهر فلپائيني پيٽن ۾ داخل ٿيندا هئا. منجهائن ڪجهه ملازمن جي داخلا کان انڪار ڪيو ويندو هو، ۽ جن ملازمن کي پيهر داخلا جي موڪل ملندي هئي، تن کان 'انجام' دستاويز لکرايو ويندو هو، جيڪي ڪنهن به موقعي تي ملڪ مان تڙجڻ جا حقدار هوندا هئا. انهيءَ عمل فرمن جي سڏيءَ ريت هلندڙ ڪاروهنوار کي متاثر ڪيو.

جون 1921ع جي ڊگهي 'برطانوي هندستاني واپارين جي حيثيت بابت يادداشت' ۾، (47) فلپائيني پيٽن ۾ مروج پرڏيهين جي روڪٿام وارن قاعدن ضابطن هيٺ، منيلا ۾ موجود برطانوي قونصل صورتحال تي ائين روشني وڌي آهي، جيئن ڪيس واپارين وضاحت سان ٻڌايو هو. ماضيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسبو، ته 1917ع کان اڳ برطانوي هندستانين کي فلپائيني پيٽن ۾ سولائيءَ سان اچڻ ڏنو ويندو هو، ۽ اُتي هنن ڪيترائي دڪانَ ۽ بازارون کوليون هيون، جن ۾ ملازم خاص ڪري هندستاني ئي هوندا هئا، پر اڳتي هلي هي نتيجو نڪتو، جو واپاري فرمن جي تجارتي سرگرمين تي نئين قانونسازيءَ جو اثر ٿيو. اختيارين طرفان 'واپاري' جي محدود تشريح مان ڏکيائين ۾ واڌارو ٿيو، ڇوته ان تشريح هيٺ گهورڙيو، آڙهتي، ڪلرڪ، مزدور ۽ مئنيجر سميت اُهي ماڻهو واپاريءَ سان ڀائيواريءَ جي ٿيل معاهدي موجب ملڪ ۾ داخل ٿيندا هئا، سي پڻ 'واپاري' واريءَ اصطلاح ۾ نه پئي آيا. جيتوڻيڪ اُهي پاڻ اڳيئي واپار ۾ ملوث نه هوندا هئا، پر هيءَ حالت واپاري طبقي سان واسطو رکندڙ حيدرآباد جي نوجوانن ۾ عام هوندي هئي. يادداشت نامي ۾ هڪڙو دليل اڳتي آندو ويو، جنهن جو خاص طور لڳاتار ورجاءُ ٿيل هو ته: 'انيڪ سببن منجهان مناسب طور تجرباتي سبب هيءَ پائنيو، ته هن قسم جو ڪاروبار فلپائينو آڙهتي نٿو ڪري سگهي.' ۽ هي يادداشت ان خطرناڪ اڳڪٿي تي ختم ٿئي ٿي، ته جيڪڏهن نوان قانون منظور ڪيا ويا ته واپار فنا ٿي ويندو.

هي اهو موقعو هو، جو نئين جڙيل سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن پڙ ۾ پهتي. ڊسمبر 1921ع ۾، هندستان لاءِ رياستي سيڪريٽريءَ کي هندستاني حڪومت جي پرڏيهي ۽ سياسي کاتي طرفان ملندڙ ٽيليگرام ۾ چيل هو، ته سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن عرض ڪيو آهي، ته آمريڪا ڏانهن ويندڙ برطانوي وفد ۾ شامل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستاني حڪومت جي نمائندي سرسينواسا شاستريءَ کي ’هندستاني واپارين جي نمائندگيءَ ڪرڻ جو عرض ڪيو ويو، ۽ هو واشنگٽن سرڪار کي واپارين سان ٿيندڙ مسئلن کان آگاهه ڪري ۽ پرڏيهين جي روڪٿام وارين پابندين کي هٽائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري.‘ (48) شاستريءَ رياستي سيڪريٽريءَ کان واشگٽن ۾ مامرا اُٿارڻ جي اجازت ورتي، (49) پر هن جي مداخلت سان فلپائيني ٻيٽن جي صورتحال ۾ هڪدم ڪي نتيجا نہ نڪتا. فلپائيني ٻيٽن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازتنامي وٺڻ ۾ لڳاتار ڏکيائين کي سامهون رکندي، سنڌ ۾ اختياريون ٻيٽن ڏانهن سفر ڪندڙ سنڌي واپارين کي پاسپورٽ ڏيڻ کان لاچاري ڏيکاري. (50) وڏين فرمن جي مئنيجرن طرفان ٿيندڙ مداخلت کي سامهون رکندي، هي معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ جي ڪمشنر 1924ع ۾ پاسپورٽ ٻيهر ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو ۽ صورتحال اڳتي وڌندي ’تڏي‘ تي وئي. سنڌورڪي فرمَ منيلا کان ٻاهر پنهنجون ڪجهہ ڪوٺيون بند ڪرڻ تي مجبور ٿيندي ٻہ، ڪجهہ سالن تائين ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان پنهنجو ڪاروبار جاري رکڻ ۾ ڪامياب رهيا.

هي مامرو ٻن طريقن سان دلچسپ آهي: پهرين طريقي منجهان هيءَ ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي، تہ سنڌورڪي فرمن لاءِ پنهنجي ملازمن جي آزاداڻي چرپر وارو سوال ڪيڏو نہ اهم هو. آزاداڻي چرپر جو مطلب نہ رڳو ملڪ ۾ داخلا هو، پر خاص ڪري حيدرآباد ۾ ڪجهہ عرصو ترسڻ ڪانپوءِ ٻيهر اُن ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جو پڻ هو. جيڪڏهن ملازم پنهنجي موڪل واري عرصي ڪانپوءِ، ٻيهر داخلا جي اجازت نہ ملڻ ڪري خطري ۾ هجن، تہ پورهئي جي تعلقاتن واري سرشتي جا سمورا بنياد هوند تباهہ ٿي وڃن ها. چوتہ ٻن سالن جي عرصي ڪانپوءِ، ڇهن مهينن جي موڪل واري عرصي جي شق سمورن معاهدن ۾ شامل هوندي هئي، جنهن جي پيچيدگيءَ سان ڏاڍو مالي نقصان ۽ بي ترتيبي ٿئي ها. ڪو ماڻهو اچرج ۾ پوي ٿو، تہ اُهي ڪهڙا سبب هئا، جو سنڌورڪي فرمون رُڳو حيدرآبادي ماڻهن کي، ڪجهہ اعتراضن سان چئجي، پنهنجي دڪانن تي ملازم طور ڀرتي ڪرڻ تي هوڏ ٻَڌنديون هيون. اُهي پاڻ هي دليل ڏيندا هئا، تہ هي اُهي ماڻهو آهن، جن وٽ گهربل مهارت ۽ فن آهي. (52) ۽ ٻيو هي تہ مٿن مقامي طور ڀرتي ٿيل ملازمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڀروسو ڪري سگهجي پيو. حقيقت ۾ هي دليل ٿورڙو شڪ جوڳو پائنجي ٿو. دڪانن ۾ ڪم ڪرڻ سان واسطيدار فن ۾، ليکي چوکي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ لکپڙهہ کي ڀاسيرو رکندي، واضح طور ڏارين کي سونپي نہ پيو سگهجي، اُهي ايڏا ماهر نہ هوندا هئا جو مقامي ماڻهن جي ان فن کي سکڻ لاءِ تربيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿي سگهي ها. پيروسي بابت دليل پڻ مڪمل طور قائل ڪندڙ نہ آهي: حيدرآبادي مالڪ ۽ حيدرآبادي ملازمن وچ ۾ تڪرار اڪثر ٿيندا رهندا هئا، جيئن موراڪو ۽ مصر جي برطانوي قونصلر عدالتن ۾ داخل ڪيل انيڪ مقدمن مان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بئي پاسي سخت معاشي اصطلاح ۾، حيدرآباد جو ملازم پنهنجي سفر ۽ رهائشي گهرجن جي ادائيگيءَ هيٺ مقامي ملازمن کان وڌيڪ پگهار ڪٺندو هو. ڪو ماڻهو شڪ ڪري ٿو، تہ ڪم دوران 'وڃجهي دڪان' واري سرشتي جي سخت بچاءَ جي پيٺ ۾ بيا مُحرڪ هوندا هئا. حيدرآباديءَ کي ڀرتي ڪرڻ واري ظاهري ڳالهہ کي اوليت ڏيڻ، پڪ سان 'سرپرستيءَ' جي مکيہ ڪُنجي هوندي هئي. دڪان جي نائب جي حيثيت سان نوڪريون، جن جون سُٺيون پگهارون ڏنيون وينديون هيون، ۽ وڏيون رقمون بچائڻ جو بہ امڪان هوندو هو، سي حيدرآباد جي هيٺين- وچين طبقي جي پائيبندن وچ ۾ وسيلن پُنيان پَچ- ڏِڪ هئي، ۽ فرمن جي سيٺين جو ڪين هٿ ڏيئي اڳتي آڻڻ واري عمل سان پائيبند برادريءَ تي سندن هٿ رهڻ سميت پنهنجي برتريءَ وارو 'سماجي مقام' پڻ واضح طور پختو ٿيندو هو، ۽ گڏوگڏ اُهي سيٺيون يا مالڪ، نوجوان عامل ڀرتي ڪرڻ وسيلي لوهاڻا 'ذات' جي روايتي ڏاڏاڻي ترتيب کي پڻ تبديل ڪري سگهندا هئا. هاڻي اچو تہ هن ڳالهہ کي نہ وساريون، تہ پائيبندن ۾ عام طور لوهاڻن ۾، 'سماجي رُتبو'، 'حاصلات' جيان ايتري گهٽي لڳاءَ جو مامرو نہ هوندو هو. مختلف پائيبند آکهين وچ ۾ سماجي رُتبو گهڻو ڪري دولت وسيلي طئي ڪيو ويندو هو، جيئن ڏاج جي معيار مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ برادريءَ جي غريب ڪٽنبن جي نوجوانن کي نوڪرين جي آڇ ڪان وڌيڪ، اهڙي واپاري سماج ۾ پنهنجي دولت جي مظاهري ۽ پنهنجي عزت، عظمت ۽ ساک کي وڌائڻ جو ٻيو ڪهڙو بهتر طريقو آهي؟ هن ڳالهہ مان بيشڪ وضاحت ٿئي ٿي، جو تہ فرمن جا مالڪ، پنهنجي واپاري ماڳن ۽ حيدرآباد وچ ۾ پنهنجي ملازمن جي روڪ ٽوڪ بنا حرڪت لاءِ ايڏي فيصلائتي ويڙهہ ڪندا هئا.

وڌندڙ رڪاوٽن کي سامهون رکندي، هي مقصد ماڻڻ لاءِ ان خيال کان ڪين منظم ٿيڻو پيو، تہ جيئن انڊيا آفيس جي ايجنسيءَ وسيلي هندستاني حڪومت تي، بينڪيتي آفيس يا پرڏيهي حڪومت سان مداخلت ڪرڻ لاءِ اثر وجهڻ لاءِ دباءُ وجهي سگهجي. مقامي دباءُ سنڌ جي ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر وسيلي استعمال ٿيندو هو، تہ جيئن اُهي بمبئي حڪومت تي خاص سطح تائين اثر وجهي سگهن. پر دهليءَ ۾ وينل عملدارن (طاقت) سان سڌيءَ ريت ڳالهائڻ ضروري هوندو هو. اهڙيءَ ريت، ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي تنظيم هئڻ جي اهميت پيدا ٿي، جنهن کي هندستاني حڪومت، واپارين جي حقيقي نمائندي جي حيثيت سان مڃي. انهيءَ جو هڪڙو اهم مقصد مختلف علائقن ۽ ملڪن ۾ واپار ڪندڙ سنڌ جي واپارين جي حالت کان قانون ٺاهيندڙ مرڪزي اسيمبليءَ جي نمائندن کي باخبر رکڻو هو ۽ اُن جي مداخلت جي نتيجي ۾، اسيمبليءَ ۾ باقاعدگيءَ سان سوال پُڇيا ويندا هئا. اُن تنظيم پاڻ کي ايترو تہ منظم ڪيو جو لنڊن ۾ هائوس آف ڪامن ۾ پڻ سوال پڇيا ويندا هئا. (53) ساڳئي وقت، بينيڪيتي اختيارين يا برطانوي قونصلن تي بہ مقامي طور دٻاءُ وجهڻو پيو، تہ جيئن اُهي بينڪيتي آفيس يا پرڏيهي آفيس کي تڙ ۽ معقول جاڻ ڏيندا رهن، جيڪا لنڊن ۾ سولائيءَ سان ملي نہ سگهندي هئي. اهڙيءَ ريت، حيدرآباد ۾ سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن هڪ تنظيم هئڻ جي ڀِتي پاليسي هيٺ، چٽائيءَ سان هندستاني حڪومت ۽ منيلا، جبرالٽر يا پاناما ۾ ڪيترين ئي مقامي تنظيمن سان لهہ وچڙ ڪندي، واپاري- سرشتي وارن هنڌن تي اثر وجهڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. فلپائيني ٻيٽن واري حالت ۾، حيدرآباد جي سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن پنهنجي لاڳاپن وسيلي منيلا جي تنظيم بمبئي مرچنٽ ايسوسيئيشن سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هئي، جيڪا فلپائيني ٻيٽن ۾ پنجن وڏين سنڌورڪي فرمن جي نمائندگي ڪندي هئي.

بهرحال، اُهي گهڻو ڪري برطانوي سرڪار جي مقامي نمائندگي سان جُڙيل پنهنجي لاڳاپن واري حالت تي ڀاڙي سگهندا هئا، پوءِ ڀل اُهو قونصل هجي يا بينڪيتي گورنر. هنن عملدارن جو رويو گهڻو مختلف ۽ ڏار ڏار هوندو هو. اهڙيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو، تہ 1920ع ۾ منيلا جي برطانوي قونصل، آمريڪي اختيارين طرفان اختيار ڪيل پرڏيهين جي روڪٿام لاءِ محدود قانونن ۾ نرمي آڻڻ لاءِ وڙهندڙ سنڌورڪي واپارين جي پنهنجي طريقي کان هٽي مدد ڪئي هئي. هُن پرڏيهي کاتي کان لنوائيندي، هندستان حڪومت ڏانهن سڌيءَ ريت لکپڙهہ ڪندي، پنهنجي اعليٰ عملدارن جي ڪاوڙ کٽڻ جو جوکو کنيو. (54) هي پتو نہ آهي، تہ ڪيئن منيلا جا سنڌي واپاري، هزمئجستيءَ جي حڪومت جي نمائندن جو اعتماد پاڻ ڏانهن موڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر هن جي فيصلائتي حمايت سان بيشڪ دهليءَ ۽ لنڊن جي اختيارين تائين مسئلا پُڏائڻ ۾ مدد ملي. ٻئي پاسي جبرالٽر جي گورنر، جيڪو روايتي طور فوجي ماڻهو هو، وٽ سنڌي واپارين لاءِ ۽ منجهن ڪا بہ دلچسپي نہ هئي، ۽ هن لاچاريءَ ۾ انڊيا آفيس کي بينڪيتن جي واپار ۾ مداخلت ڪرڻ جي موڪل ڏني هئي.

1920ع جي اوائل ۾ جبرالٽر ۽ فلپائيني ٻيٽن ۾، سنڌورڪي واپاري پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملازمن جي اچ- وڃ جي آزاديءَ کي بچائڻ ۾ سوپارا ٿيا، جيتوڻيڪ ڪين متن ڪجهه پابندين کي ميڇٽو پيو هو. 1925ع کانپوءِ، هنن لاءِ اهم مسئلو پاناما ۾ مڙهيل پرڏيهين جي روڪٽام واريون پابنديون هيون، پر هن آزاد لوڪشاهيءَ وارو مامرو ڏار جاءِ تي بحث ڪيو ويندو.

1930ع ۾ پاناما سميت گهرو ويڙهه ۾ ڦاٿل وڏي ڏچي وارو ملڪ اسپين هو. 1936ع ۾ به سؤ سنڌورڪي واپاري اسپيني موراڪو ۾ ءِ هڪ سؤ ڇٽا ڪينري ٻيٽن ۾ رهندڙ هئا. انيڪ سنڌورڪي فرم، سٽن وڏن فرمن مان ڇئن سميت (پوهومل برادراز، ڊي. چيلارام، جي. ٽي. چينراءِ ء ايم. ڏيئلداس) جون ٿي ڪونيون هيون، جن انهن ٻنهي علائقن ۾ سنو ڪاروبار پئي ڪيو. جيئن تڪرار شروع ٿيو، ته سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن، اسپيني موراڪو جي سنڌي واپارين جي خراب صورتحال کان هندستاني حڪومت کي هوشيار ڪيو ۽ نئين دهلي، انڊيا آفيس کي تار موڪلي، ته اُهي 'اسپيني موراڪو ۾ برطانوي هندستانين جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪي امڪاني قدم کنيا وڃن، ته اُهي سنڌن ٿورائتو ٿيندا.' (55) ٽيٽئان ۾ برطانوي قونصل، جنهن سنڌن پاران قومپرست اختيارين سان مداخلت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تنهن کي ڊسمبر 1936ع ۾ ميڇٽو پيو ته، 'هنن لاءِ هو جيڪي مراعتون ۽ فائدا وٺي سگهيو، سا سنڌن مطالبن تي ايمانداريءَ سان ويچارڻ جو انجام ونڻ هو.' (56) فيبروري 1937ع ۾ سنڌورڪ مرچنٽ ايسوسيئيشن، هندستاني حڪومت ڏانهن موڪليل هڪ ٽيليگرام ۾، موراڪو ۽ ڪينري ٻيٽن ۾ اسپيني اختيارين پاران واپاري سامان ۽ موڙيءَ جي واپسيءَ تي بندش مڙهڻ ۽ ماڻهن کي اسپين ڇڏڻ جي اجازت نه ڏيڻ سان سنڌي واپارين طرفان ڀوڳيندڙ 'خوفائتين سختين' تي ڏکي لکپڙهه وارو مواد موڪليو هو. ٽيليگرام ۾ وڏيڪ چيو ويو، ته انهن اڻ ٻُڌل پابندين واپاري طبقي ۾ ڊپ پيدا ڪيو آهي. 'سمورو سنڌورڪي واپار مفلوج ٿي ويو آهي. تباهيءَ وارا نتيجا ڏسڻا پيا آهن. عرض ته مهرباني ڪندي اسپين مان موڙي، ماڻهو ۽ واپاري مال واپس ڇڏايو وڃي.' انهن ڏڪائيندڙ مطالبن کي سامهون رکندي، هندستاني حڪومت رڳو تسلي ڏيئي سگهي ته، ' اسپين، موراڪو ۽ ڪينري ٻيٽن ۾ برطانوي- هندستاني مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ممڪن حد تائين ڪوبه عمل ڪرڻ شڪرگذاري ٿيندي.' (57)

فيبروري 1937ع ۾ ٽيٽئان جي برطانوي قونصل لکت ۾ جاڻايو، ته هن اسپيني موراڪو جي قومپرست اختيارين کان، ٽيٽئان ۽ سيوٽا ۾ موجود واپارين لاءِ سنڌن دڪان بند ڪرڻ ۽ پنهنجو سامان جبرالٽر کڻي وڃڻ جي اجازت ورتي آهي. (58)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تينيرف ۽ لاس پاماس جي برطانوي قونصل ساڳئي مداخلت هيٺ، ڪينري ٻيٽن ۾ سنڌي واپارين لاءِ گهٽي رعايت وٺي نه سگهي. فرمن لاءِ وڏو مسئلو هيءُ هو، جو وڪري مان ڪين ملندڙ آمدني اسٽرلنگ ۾ هوندي هئي، ۽ اُهي اسٽرلنگ سرڪاري شرح تي مٽائڻ تي مجبور هوندا هئا، جنهنڪري کين گهٽو گهاٽو پئي ٿيو. نتيجي طور، هنن وٽ حيدرآباد ۾ مالڪن ۽ پنهنجي ڪٽنبن ڏانهن موڪلڻ يا هندستان ڏانهن سفر جي ادائيگيءَ لاءِ اسٽرلنگ موجود نه هوندا هئا. (59) تينيرف جي برطانوي قونصل طرفان فرمن لاءِ ماهوار اسٽرلنگ ڪوٽا وٺڻ جي ڪوشش، (60) برگاس ۾ قومپرست حڪومت رد ڪري ڇڏي. (61) اهڙيءَ ريت، ڪينري ٻيٽن ۾ سنڌورڪي رهڻ تي مجبور هئا، ۽ حيدرآباد ۾ سندن مالڪن کي پنهنجو ڪاروبار جاري رکڻ لاءِ هندستان کان اسپين ڏانهن ناڻو موڪلڻو پوندو هو، جنهن جو مطلب فرمن لاءِ نقصان ئي هو. برطانيا ۾ ڪنزرويٽو حڪومت ۽ فراغو جي حڪومت وچ ۾ سُٺا ناتا هوندي به، برطانوي اختياريون ڪينري ٻيٽن ۾ سنڌي واپارين جي خراب حالت کي سُڌارڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهيون. ۽ اها ايڏا اڳتي وڌيڪ ڏکيائون اچڻ جي واضح علامت هئي.

جبرالٽر ۾ 1924ع ۾ پهرئين 'ڏاريا واپاري آرڊيننس' کي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ، جنهن ۾ اجازت نامي جو سرشتو ۽ فرمن لاءِ دڪانن جو انگ گهٽائي هڪ دُڪان کولڻ جا شرط مڙهيل هئا، سنڌي واپارين جي سرگرمين تي وڌيڪ ضابطو آڻڻ لاءِ اختيارين نيون ڪوششون ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ 1933ع ۾ وري نئون 'ڏاريو واپاري آرڊيننس' لاڳو ڪيو ويو. (62) بهرحال، جبرالٽر واري صورتحال ۾، سنڌورڪي واپارين ۽ بينڪيتي اختيارين وچ ۾ تڪرار نه پيدا ٿيو، پر اوچتو سنڌي برادريءَ ۾ هڪڙي نئين تڪرار به ڪَرُ کنيو. 1924ع ۾ جميل فرمَ پنهنجي طور دڪانن جو انگ هڪڙي دڪان تائين محدود رکڻ تي راضي ٿيا، پر هنن ڪجهه دڪانن جون جيڪي اڳياڙيون ڇڏيون هيون، تن تي اڪثر ننڍن واپارين، وڏين فرمن جي اڳوڻن ملازمن خاص ڪري قبضو ڪري ورتو، جن اُتي وري پنهنجا دڪان کولي ڇڏيا. (63) اُهي پنهنجن اڳوڻن مالڪن سان، جن سان ناراضگيءَ پيدا ٿيل هئي، چٽاپيٽي شروع ڪري ڏني.

وڏين فرمن اهو ڄاڻندي به ته سندن مفاد متاثر نه ٿيا هئا، اختيارين طرفان واپار تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش تي ٿورڙي ناراضگي ڏيکارڻ شروع ڪئي. (64) پر هي حاصلات جو سُٺو توازن هو، جو نه بينڪيتي حڪومت ۽ نه ئي فرمَ. اسپيني گهرو ويڙهه واري وقت اسپين موراڪو کان آيل ننڍن واپارين جي وڌيڪ هلندڙ دڪانن جي کُلڻ کي روڪي سگهيا. 1939ع ۾، جبرالٽر ۾ واپار ڪندڙ ٻاويهين وڏين فرمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان رڳو ست جميل فرمن جون ڪوئيون هيون: ٻين فرمن جا مالڪ ننڍي- پيماني تي واپار ڪندڙ هئا. (65) انهن بابت اهو نٿو معلوم ٿئي، ته اصولي طور ڪين اختيارين سان ورلي ٿيندڙ تڪرار جي هوندي به، حيدرآباد مان باقاعدگيءَ سان ملازم آڻڻ ۾ ڏکيائون يا مسئلا ٿيندا هئا.

جبرالٽر جي سنڌي واپارين جي حقيقي آزمائش ٻي مهاڀاري جنگ ۽ راڪ شهر مان شهري آباديءَ جي ترڪڻ سان ٿي. سنڌين ممڪن حد تائين پنهنجي ترڪڻ جي مزاحمت ڪئي، ۽ ماڊيئرا ڏانهن ويندڙ جبرالٽر آباديءَ جي پوئواريءَ ڪان انڪار ڪيو، جتي جنگ واري عرصي لاءِ ڪين پيهر آباد ڪيو ويو هو. (66) ڪجهه موراڪو، اولهه آفريڪا ۽ ڪينري ٻيٽن ڏانهن هليا ويا، جڏهن ته ٿورڙن ماڻهن جو جٿو هندستان ڏانهن وڃڻ لاءِ جهاز تي روانو ٿيو، جيڪو جهاز ڪيپ ٽائون ويجهو ٻُڏي ويو. جيڪي ماڻهو سمنڊ ۾ ٻُڏي مرڻ کان بچي ويا هئا، تن وري جرمنيءَ جي عذاب گهرن ۾ پنهنجون حياتيون وڃايون. رڳو ٿورڙا واپاري جبرالٽر ۾ پنهنجي دڪانن جي نظرداريءَ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا، جيڪي دڪان بند ٿي چڪا هئا. جڏهن جنگ پُڄاڻيءَ تي پهتي، ۽ ترڪيل شهري هوريان هوريان راڪ شهر ڏانهن موٽيا پئي، ته فوجي جنتا سنڌين کي موٽڻ جي اجازت ڏيڻ ۾ ٿورڙو راضپو ڏيکاريو. هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌورڪ مرچنٽ ائسوسيئيشن کي ڀرپور مهم هلائڻي پئي، ۽ هندستاني حڪومت ۽ انڊيا آفيس جي حمايت وٺڻي پئي، ته اهي سنڌين کي رعايت ڏيڻ لاءِ مقامي اختيارين کي نرمي آڻڻ تي مجبور ڪن ۽ فرمن کي جنگ کان اڳ وارن پنهنجن ملازمن، يا علائقي ۾ موجود ماڻهن جي مدد سان، پنهنجون واپاري سرگرميون جاري رکڻ جي اجازت ڏين. (67) فوجي ۽ سياسي جنتا جي دشمنيءَ جو سبب هيءَ هو، جو مقامي واپاري جبرالٽرين واپاري برادريءَ سان واسطو رکندڙ هئا، جيڪي سنڌورڪي واپارين کي خوفائتا چٽاڀيٽي ڪندڙ سمجهندا هئا. (68) جو ته هنن عياشيءَ وارو سمجهيو ويندڙ سامان ۽ 'مشرقي' شين ۾ خاص ڏاهپ رکندڙ مهارت ۾ تبديلي آڻيندي، پنهنجي ڪاروبار ۾ مقامي رُخ متعارف پئي ڪرايا، جيڪو انداز مقامي واپارين لاءِ مخصوص هوندو هو. جيئن ته جبرالٽر جا سنڌي انهن ڏکيائين تي قابو پائڻ ۾ اهل هئا، ۽ اُهي يورپ ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشحال سنڌي برادري بڻجي ويا، جيڪا سندن اڻٿڪ محنت، اورچائيءَ ۽ سچيتائيءَ جو مثال آهي. پر پاڻجي ٿو، ته اُهي هيٺئر به جبرالٽر جي سياست کان پري آهن.

1920ع جي اوائلي ڏکيائين ڪاٽپوءِ، فلپائيني ٻيٽن ۾ سنڌي واپاري برادري 1930ع تائين آسودگيءَ، خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ واري دؤر مان مزو ورتو آهي. هن برادريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سماجي ۽ معاشي رتبي ۾ تيزيءَ سان واڌارو پيئي ٿيو، جيئن بمبئي مرچنٽ ائسوسيئيشن جي رُتبي ۾ واڌاري جو مثال آهي، جنهن جا 1920ع ۾ پنهنجي تخليق واري وقت تنظيم جا پنج رڪن هوندا هئا. تنهن جي رُڪنن جي انگ ۾ واڌارو ٿيندي 1938ع ۾ وڃي اُهو انگ اٺڪل ويهن فرمن تائين پهتو. (69) ڪڏهن ڪڏهن پيش ايندڙ مسئلا اميگريشن اختيارين آڏو آندا ويندا هئا. 1938ع ۾ ڪم ڪندڙ هڪ فرم جي پائيوار طور ايندڙ هڪ واپاريءَ کي داخلا جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ بمبئي مرچنٽ ائسوسيئيشن مقامي اختيارين سميت برطانوي قونصليٽ آڏو احتجاج ڪيو. 1940ع ۾ نئين اميگريشن قانون جي منظوريءَ سان پيهر مامرا بگڙڻ جو خطرو پيدا ٿيو، پر جپان جي مختلف ملڪن تي والار ڪانپوءِ، وڌندڙ عالمي دٻاءَ هيٺ نوان قاعدا ۽ ضابطا متعارف ڪرايا ويا.

ٻي مهاڀاري جنگ جي پڄاڻيءَ وقت هيءَ ڳالهه واضح هئي، ته هاڻي ڪنهن دؤر ۾ طاقتور برطانوي شهنشاهيت جي تحفظ مان ڪو وڏيڪ لاڀ ٿيڻو نه آهي. انهيءَ وقت، خطرو پهريون ڀيرو سنڌي واپارين جي گهر ۾ اچي پهتو، جو سنڌ ۾ علحدگيءَ جا شعلا نازڪ سماجي امن لاءِ خطرو پيئي بڻيا. پر سنڌورڪي واپاري پنهنجي اباڻي صوبي جي حقيقتن کان ايترو ته ڇڳل ۽ ٻي اُلڪا هئا، جو اُهي پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي ڪيڏجندڙ ناٽڪ ۾ ڪو ڪردار نڀائي سگهن. نئي ڪنڌ جي ورهاڱي ڪانپوءِ، هنن لاءِ پنهنجا وسيع مالياتي اثاثا پرڏيهه ۾ بچائڻ اهم ڳالهه بڻجي وئي. اُهي آزاد هندستان جي حڪومتي ڪاروائين ۾ گهٽي اُميد نه رکي سگهيا، جنهن سان پاڪستان کان آيل شرنارٿيءَ جي حيثيت سان سندن تمام گهٽ لهه وچڙ ۽ لاڳاپو هوندو هو. جيتوڻيڪ اها حڪومت ورلي سندن پاران مداخلت ڪندي هئي، پر ان جو آزاد ملڪن يا برطانوي بينيڪيتن تي تورڙو اثر هوندو هو. ۽ 1947ع ڪانپوءِ سنڌي واپارين کي پنهنجو بچاءُ ۽ تارو ڪرڻو پيو. هنن کي مقامي مداخلت وسيلي پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ نوان طريقا ڳولڻا پيا. هنن جي پاناما ۾ سياسي شموليت جي ڪهاڻي هڪ امڪاني طريقي جو پتو ڏئي ٿي.

## سنڌي واپاري آزاد سياسي نمائندي جي حيثيت سان: پاناما جي صورتحال

پاناما لوڪشاهيءَ ۾، سنڌورڪي واپاري پنهنجو پهريون دڪان 1905ع ڌاري کوليو هو، يعني ڪولمبيا کان ملڪ جي علحدگيءَ جي ٻن سالن ڪانپوءِ. ۽ وري 1927ع ڌاري ڪولون ۾ ڏهه فرمَ واپار ڪندڙ هئا، جن وٽ هڪ سؤ کان وڌي 125 تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ڪم ڪندڙ هئا. هنن جي ڪاروبار ۾ گهڻو ڪري، پاناما ڪينال اُڪرندڙ جهازن جي مسافرن کي وڪامندڙ 'مشرقي' شيون شامل هونديون هيون. هنن جي انهيءَ واپار، جيڪو لکين آمريڪي ڊالرن جي ماليت جو هوندو هو، تي مڪمل هڪ- هٽي هوندي هئي. (70) ۽ 1920ع ۾ هنن انهيءَ واپار مان تمام گهڻو نفعو ڪمايو. سنڌورڪي واپاري، هن وچين آمريڪي لوڪشاهيءَ ۾ (جتي سک ۽ گجراتي واپاري پڻ هئا) هندستاني برادريءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ شاهوڪار واپاري هئا. ۽ معلوم ٿئي ٿو، ته هنن 1920ع کانپوءِ ڪجهه سياسي لاڳاپا جوڙي ورتا هئا. جڏهن 1926ع ۾ پارليامينٽ آڏو ايندڙ نئين اميگريشن قانون هيٺ هندستاني ۽ ٻين ايشيائي ماڻهن جي داخلا کي روڪڻ جو چتاءُ ڏنو ويو، ته مقامي سنڌي واپاري ان عمل تي مطمئن نه هئا. ۽ هنن برطانوي قونصل کي انهيءَ ڏس ۾ هوشيار ڪيو هو. هنن اهو مامرو سڏيءَ ريت 'هندو ڪالونيءَ جي ميمبرن طرفان قومي اسيمبليءَ ڏانهن پيش ڪيل ياد داشت' جي صورت ۾ اڳتي آندو. (71) جيڪو قومي اسيمبلي جي صدر ڏانهن لکيل هو. اُن ياد داشت نامي تي اصل ۾ ٻن وڏين فرمن جي مئنيجرن جون صحيحون ڪيل هيون، پر شايد مقامي اٿارنيءَ ان کي اسپيني ٻوليءَ ۾ لکيو هو. تمهيد ۾ هنن مداخلت جي چونڊيل طريقي تي هٻڪندي اعتراف ڪيو هو:

'اسان پاڻ ۾ گهڻو سوچيو آهي، ته واقعي اسان کي توهان وسيلي، پاناما جي قومي اسيمبليءَ جي شانائتي ميڙ آڏو عرض ڪرڻ گهرجي، ۽ اسان توهان کي، پاناما جي مفاد ۾ صورتحال جو سرسري جائزي وٺڻ کانپوءِ، اسان تي جيڪو محصول مڙهيو ويو آهي، تنهن غلط تصورن بابت ٻڌائڻ چاهيون ٿا. اسان اهو سمجهون ٿا ته اسان کي نيڪ هي درخواست قومي اسيمبليءَ ۾، وڌيڪ عزت سان پيش ڪرڻ جي قانوني خواهش تي مجبور ڪيو ويو آهي.....'

روايتي طور 'غيرسياسي' واپارين لاءِ اهڙي ڪليل انداز سان سياسي ميدان ۾ مداخلت ڪرڻ واقعي بيشڪ برجستو قدم هو. ياد داشت ۾ اڳتي هلي ملڪ ڇڏڻ جي پيڙا ۽ پوڳنا هئڻ بابت ڪنهن قدر چاپلوسيءَ جا اکر به شامل ڪيل آهن، جنهن ۾ چيل آهي 'جتي اسان سندس پٽن جي لاڳاپيل گڻن، حب الوطني، معززپڻي، مهمانوازي، انصاف ۽ ايثار ۽ ڀهبوديءَ کي ساراهڻ جا هيراڪ هئاسون، وغيره....'

پوءِ، هنن تي- رُخو دليل اڳتي آندو. پهريون دليل نسلي نقطي نگاهه بابت هو: هنن اُن الزام کي رد ڪيو ته: ''اُهي 'بيغيرت' نسل منجهان هئا'' ۽ هنن ان جي اُبتڙ زور ڏيندي چيو ته: ''سندن رت جي پاڪائي، ذات- پات واري سرشتي سان سگهارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنبڙيل هئڻ وسيلي برقرار آهي. 'اسان کي اوپير هندستان جي اوچيءَ ذات سان تعلق هجڻ تي فخر آهي، جنهنڪري اسان کي سولائيءَ سان 'اشرافيه' يا 'اوچي ذات' چئي سگهجي ٿو. ۽ انهيءَ نقطي نگاهه سبب اسان پرڏيهي رت پنهنجي نسل ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏيون....' پوءِ، هنن ڪولهي طبقي جي هندستانين ۽ پنهنجي وچ ۾ امتياز ڪرڻ شروع ڪيو، پوءِ به اهو مڃيندي ته: 'هندوئن جي هن قسم ڪان.... علحدگي، معاشي نقطي نگاهه ڪان انصاف ڀريو سمجهيو ويندو.' اُهي بهرحال پنهنجي بچاءَ ۾ هن نقطي تي آيا ته: اُهي 'اصطلاح جي سخت فهم ۾ بيغيرت نه هئا، جيتوڻيڪ شايد منجهن ڪي ناپسند يا ناپسنديدگيءَ جوڳا ماڻهو هجن....' يادداشت جي ٻئي حصي ۾، هنن محصول ۽ ٽيڪسن جي صورت ۾ سرڪاري خزاني ۾ وڏي رقم ڏيڻ واري ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي، مقامي ناٽي ۾ پنهنجي شرڪت جو بچاءُ ڪيو. آخري حصي ۾، هنن اخلاقي نقطي کي واضح ڪيو:

'انهيءَ نقطي نگاهه جي خيال ڪان، اسان جو پرڏيهي هئڻ وارو ورتاءُ يا ڪردار اسان جي ذات- پات واري سرشتي جي پيدائشي فخر سان ٺهڪندڙ آهي، هڪڙي اهڙي ذات، جيڪا ڪنهن به بديءَ ڪان سواءِ، زندگيءَ جي اصولن ۾ معتدل آهي. اسان سخت محنتي ۽ ايماندار آهيون ۽ ماڻهوءَ جي اعليٰ خوبين جا يادگار آهيون. اسان عزت ڀرئي طريقي سان پڇون ته پوليس رڪارڊ، اسپتالن ۽ ڏرم شالائن جي ريڪارڊ جو جائزو ورتو وڃي، ۽ اسان پڪ سان محسوس ڪيون ٿا، ته ڪوبه ادارو اهڙي ڪا ڳالهه نٿو پيش ڪري سگهي، جنهن مان اهو پتو پوي ته ڪنهن هڪڙي هندوءَ به، قانون جي پيچيدگي ڪندي يا انهيءَ ڪري جو رياست کي هن جي سارسنڀال لهڻي پئي هجي، ائين رياست کي ڪا تڪليف ڏني هجي. اسان جا نالا ڪڏهن به ڪرمنل ڪورٽن ۾ سامهون نه آيا آهن ۽ اسان ڪڏهن به اختيارين کي ڪا به تڪليف نه ڏني آهي....'

هي دستاويز واپارين جي اهڙي خواهش جو اظهار ڪري ٿو، جن کي ملڪ جي معاشي زندگيءَ ۾ سياسي عامل جي حيثيت سان نه، پر حقيقي عامل جي حيثيت سان مڃيو وڃي. هنن زور ڏنو، ته اُهي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ڏيندڙ، شريف ۽ ڪارائتا پرڏيهي آهن، پر هنن ساڳئي وقت اسيمبليءَ سان مخاطب ٿيندي، واپارين جي سياست ڪان روايتي هٽ ڪٽندڙ حدبندين کي لتاڙيو آهي.

جڏهن واپارين جي احتجاج ڪندي به قانون منظور ڪيو ويو، ته هنن برطانوي حڪومت وسيلي پاناما اختيارين تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. جنوري 1927ع تي سنڌورڪي واپارين، وائسراءِ جي ذاتي سيڪريٽريءَ ڏانهن هڪ ٽيليگرام موڪليو

ويو، جنهن ۾ مشهور واپاري پيسومل مولچند ۽ وڪيل توڙي سياستدان جيرامداس دولترام، جنهن جا سنڌورڪي واپارين سان گهاٽا ناتا هئا، تن لکيو: 'سنڌورڪي واپاري نمائنديءَ سان وائسراءِ کي اپيل ڪن ٿا، ته هو برطانوي حڪومت کي پاناما حڪومت سان لکپڙهه ڪرڻ لاءِ زور ڀري، ته اها تازو منظور ڪيل پاناما اميگريشن قانون ۾ ترميم ڪري، جنهن ڪري هندستاني واپارين جي مفادن تي ڏاڍا ناڪاري اثر ٿيا آهن، ۽ منجهانئس ملڪ مان کين تڙڻ ۽ سموري واپار کي ڇڏڻ جو نتيجو نڪتو آهي.' (72) مئي 1927ع تي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڏانهن موڪليل خط ۾، (73) ساڳين ليکڪن تڪليفن جي وضاحت ڪندي چيو، ته اهڙي قسم جي قانون تي عملدرآمد سان واپارين کي نقصان پوندو. اهو پنهنجي ملازمن کي تبديل ڪرڻ کان روڪيندو ۽ پاڻ فرمن جي مالڪن کي جز- وقتي طور جاچ لاءِ اچڻ ناممڪن بڻجي ويندو. خط ۾ دڪانن ۽ گودام جي سنڀال ۽ هندستاني ملازم هٽڻ واري گهرج بابت واضح انداز سان دليل ڏنل آهن:

هي دليل ڏنو ويو ٿو، ته هندستاني ملازمن جي جاءِ تي ڪولون لوڪشاهيءَ جا ايماندار ماڻهو نوڪريءَ ۾ رکي سگهجن ٿا، پر جواب هي آهي، ته سنڌي واپاري ڌارئي ملازم تي ڪنهن به ريت ڀروسو نه ڪري سگهندا، ۽ نه ئي اُهي پنهنجي واپار جي ڳُجهن رازن بابت انهن ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺي سگهندا، جيڪي شايد کين سنڌن واپار مان ئي تڙي ڇڏين. نه ئي هندستاني واپارين لاءِ هي ممڪن ٿيندو، ته اُهي موجود ملازمن کي سڄي حياتي لاءِ ڪولون ۾ ٻڌو ٻانهو رکن، ڇوته پرڏيهي ملڪ ۾ سڄي حياتي رهڻ ڪري پوڳجندڙ سختين ڪانسواءِ، ملازمن کي جيڪڏهن پنهنجو ڌار روزگار ڪرڻ کان پري رکڻ لاءِ هرڪايو ويو، ته اُهي پنهنجي مکيه مالڪ يا سيٺ کان پنهنجا شرط مڃرائيندا ۽ کين پنهنجي رحم ڪرم تي رکندا.'

دليل جو هڪ مزيدار نئون رُخ يا مؤقف هتي آندو ويو آهي، جنهن جو 'پيروسي' سان بلڪل ٿورڙو ۽ پورهئي جي مارڪيٽ کي 'لچڪيدار' رکڻ جي فائدي سان وڌيڪ واسطو آهي (هي دليل هاڻوڪي دؤر جي پڙهندڙ سان گهڻو نهڪجندڙ پيائجي ٿو). اهو خط، هندستاني حڪومت کي هن گذارش ڪرڻ سان پڄاڻيءَ تي پهتو، ته 'ڳُتني واري صورتحال تي ڏيان ڏيڻ لاءِ پاناما جمهوريت تي دٻاءُ وڌو وڃي، جيڪا هندستاني واپارين خلاف اميگريشن جي قانونن لاڳو ڪرڻ سان پيدا ٿيندي.' اهي احتجاج، بيشڪ پاناما جي مقامي اثر رسوخ رکندڙ واپارين جي حمايت ماڻڻ لاءِ وڌيڪ عملي ڪردار جي اُپائڻ سان ميل کائيندڙ هئا. اپريل 1928ع ۾ پاناما ۾ قونصل، پرڏيهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيس کي ٻُڌايو. (74) تہ نئين قانون هيٺ. اوپر هندستاني ماڻهو انهن شخصن جي درجابنديءَ ۾ نتا اچن، جن تي اميگريشن پابندي مڙهي وئي آهي.

عمل جي وڏيڪ اجتماعي انداز ڏانهن اهم قدم 1930ع ۾ هندستاني مرچنٽ ائسوسيئيشن جوڙڻ هو. جيڪا پاناما ۽ ڪولون ۾ مکيہ هندستاني واپارين جي نمائندگي ڪندي هئي. ان تنظيم ۾ سنڌي واپارين سميت پنجابي سک ۽ گجراتي واپاري پڻ شامل هئا. جيئن تہ سنڌورڪي واپارين جو معاشي ڦهلاءُ ۽ واڌار وڌيڪ هئي، تنهنڪري انهن کي سدائين ٻين واپارين تي برتريءَ هوندي هئي.

1931ع ۾ هن تنظيم، پاناما اختيارين طرفان هندستانين جي داخلا جي روڪٿام لاءِ ڪنيل نئين ڪوششن خلاف محاذ اٿڪايو. تنهن ڪانپوءِ، پاناما ۾ نقطي نظر تبديل ٿيو. عالمي واپار ۾ لاٿ وارو دؤر آيو، جنهن جي نتيجي ۾ پاناما جي آباديءَ ۾ غربت ۽ تمام گهڻي بيروزگاريءَ ۾ واڌارو ٿيو. اُتي پرڏيهن ۽ هندستانين خلاف شديد ناراضگي موجود هئي، جنهن جو انگ 1920ع جي پڇاڙيءَ ۾ سِکن ۽ بنگالي مسلمان واپارين جي لوڏ اچڻ سبب تمام گهڻو وڌي ويو هو. تنهنڪري هندستاني واپاري بہ پرڏيهين سميت نشاني تي هئا. مئي 1931ع ۾ عدالت جي هڪ فيصلي تحت (75) ملڪ ۾ هندستانين جي داخلا تي ٻيهر پابنديون مڙهيون ويون. فيصلي جو متن زور ٿو ڏئي، تہ ملڪ ۾ مشرقي هندستانين جو وڏو انگ موجود هو. تنهنڪري 'پاناما ۽ ڪولون جي شهرن ۾ موجود اوپر هندستاني واپارين جي تجارتي جوڙجڪ جي ضرورتن تي ضابطو رکڻ مناسب هو. جنهن جي ضمانت هيٺ اڪثر عنصرن کي ملڪ ۾ اچڻ جي اجازت ڏنل آهي.' فيصلي جو اڪيلو مقصد هيءَ هو، تہ 'هندو ذاتين سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي ملڪ ۾ داخلا تي ان شرط سان روڪٿام آهي، تہ جيڪڏهن اُهي پرڏيهي تعلقاتن واريءَ وزارت کي تسليءَ سان اهو ميجرائين ٿا، تہ اُهي پنهنجي موڙيءَ سان هتي ڪاروبار ڪرڻ آيا آهن، تہ ڪين رهڻ ڏنو وڃي، نہ تہ ڪين تڙيو وڃي.'

جيئن برطانوي قانوني رپورٽ ۾ جاڻايل آهي، (76) پاناما اختيارين جو دليل هيءَ هو، تہ سنڌي واپاري واڌو هندو آباديءَ مان پنهنجا ملازم ڀرتي ڪري سگهن ٿا. رپورٽ ۾ وڌيڪ جاڻايو ويو تہ، 'هيءَ ڳالهہ تعليم، ٻولي، ذات، وغيره جي فرق سبب ممڪن نہ آهي.' انهيءَ ۾ وڌيڪ هيءَ بہ ٻُڌايو ويو، تہ پاناما مان ڀرتي ڪيل ملازم 'بازار جي شين کان ناواقفيت ۽ سنڌن دڪانن تي گهڻو وقت نہ ڏيڻ کان لاچاريءَ سبب بيڪار ۽ نڪما هئا.' بهرحال، اختيارين سمورين پرڏيهي تجارتي فرمن تي پناما جي پنجهتر سيڪڙو ملازمن کي ڀرتي ڪندڙ ڪوٽا لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارچ 1932ع ۾ احتجاجي مهم ڪانپوءِ، فرمن کي انهن ملازمن جي تبديليءَ جي سهولت ڏني وئي، جيڪي ملازم گذاري چڪا هئا يا جيڪي گهٽي عرصي کان پاڻ غيرحاضر هئا. (77) هيءَ اها سهولت هئي، جيڪا ظاهري طور تہ ننڍڙي هئي، پر منجهانئس هيءَ اشارو پئي مليو، تہ اختياريون نرمي ڏيڻ لاءِ تيار هيون.

1933ع ۾ هندستاني مرچنٽ ائسوسيئيشن نئين پاناما قانون سازيءَ خلاف سرگرميءَ سان مداخلت ڪئي، جنهن هيٺ پرڏيهي فرمن ۾ پنجهتر سيڪڙو پاناما جي ملازمن کي ڀرتي ڪرڻ واري ڪوٽا لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ٿيل هئي. تنظيم جي اها مداخلت ٻتي نوعيت جي هئي: هڪڙي پاسي برطانوي قونصل کي ٿياڪڙيءَ طور استعمال ڪيو ويو، تہ اها پاناما اختيارين آڏو سندن ڪنيل اُپائن خلاف پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪري، (78) ۽ ٻئي پاسي هنن دڪاندارن جي هڙتال کي منظم ڪيو، جيڪا ٻن يا ٽن ڏينهن تائين لڳاتار جاري رهي. (79) انهيءَ اجتماعي دٻاءُ جو نتيجو هيءَ نڪتو جو پاناما حڪومت، پاناما جي مقامي ملازمن جي ڪوٽا پنجاهہ سيڪڙو تائين گهٽائڻ قبولي ورتي. جڏهن 1935ع ۾، ڊسمبر 1934ع ۾ قومي اسيمبليءَ وسيلي ملڪ منجهہ هندوئن جي داخلا تي پابندي واري نئين اميگريشن قانون ڪانپوءِ نئون بحران پيدا ٿيو، تہ هندستاني مرچنٽ ائسوسيئيشن جمهوريہ جي صدر ڏانهن سڌيءَ ريت هڪ ياداشت نامو موڪليو، (80) جنهن ۾ هنن انهن مسئلن تي زور ڏنو، جيڪي کين هوند پيش اچن ها، جيڪڏهن اُهي پنهنجي هندستاني ملازمن کي هٽائي سندن جاءِ تي مقامي ڀرتي ٿيل ملازمن کي رکن ها.

ڀانئجي ٿو، تہ تعطل جاري رهيو، جنهن عرصي دؤران قانون صحيح طور لاڳو نہ ڪيو ويو، پر اهو رڳو قانوني ڪتابن ۾ ئي دٻيل رهيو. هڪڙو معاهدو ڪيو ويو، جنهن تحت هندستاني فرمَ پنهنجي ڪجهہ ملازمن کي 'ماهر' جو نالو ڏيئي رکي سگهيا پئي. (81) بهرحال 1937ع ۾ واپارين مٿئين قانون کي رد ڪرائڻ لاءِ نيون ڪوششون ڪيون. سيپٽمبر ۾ هندستاني مرچنٽ ائسوسيئيشن پرڏيهي مامرن جي وزير سان، برطانوي قونصل آفيس وسيلي رابطو ڪرڻ ڪانسواءِ، پنهنجي مطالبن لاءِ سڌيءَ ريت رابطو ڪيو، جنهن تي برطانوي قونصل ان مامري بابت شڪايت ڪئي. (82) سڌن سياسي ناتن مان مليل اعتماد جا وسيلا واضح طور حقيقت ۾ موجود هئا، جيئن وزير پاڻ ئي برطانوي قونصل کي ٻڌايو هو، تہ 'صدر آروزمينا بيشڪ انهن واپارين ڏانهن سُٺا روپيا رکندڙ هو، جن کيس سندس صدارتي اميدوار جي چونڊ مهم لاءِ چڱي موچاري رقم اُڌاري ڏني هئي، جيڪا رقم هن پوءِ واپس ڪري ڇڏي هئي.'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(83) اهڙيءَ ريت، معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي (واپارين جي) ناٿي پاناما جي 1936ع واري صدارتي چونڊ جي نتيجن تي فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو هو. (84) پاڻئجي ٿو ته آروزمينا جا سنڌي واپارين سان ڪافي ڊگهي وقت کان وٺي ناتا هئا. جو 1935ع ۾ برطانوي قونصل ڄاڻايو هو ته، 'آروزمينا پاڻ هڪ مشهور هندستاني واپاري فرم ۾ ڀائيوار آهي.' (85)

ملڪ جي مشهور سياستدان جو ڪنهن فرم ۾ ڀائيوار هئڻ ان وقت ڏاڍي چالاڪيءَ جو قدم ثابت ٿيو. جڏهن ساڳيو سياستدان ملڪ جو صدر چونڊيو ويو هو. سنڌي واپاري پنهنجا نفعو ميڙڻ ۾ گهڻو وقت اوسيئڙو نه ڪندا هئا. ۽ 1938ع جي پڇاڙي تائين ظاهر ٿيو ته مامرو سنڌن فائدي ۾ ئي پيو وڃي. آڪٽوبر ۾ پاناما ۾ قونصليٽ ڏانهن موڪليل هڪ رپورٽ ۾، (86) ڪولون ۾ مقرر نائب- قونصل هندستان مرچنٽ ائسوسيئيشن جي نئين صدر جي حيثيت سان چوئٿرام هيمراج نالي شخص جي چونڊجڻ تي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪيو. هن زور ڏيندي چيو، ته هو ڪولون ۾ ڪافي عرصي کان رهندڙ هو، ۽ پنهنجي ڪاروبار کي پيرن تي بيهڻ کان اڳ ۾ هو هڪ وڏي فرم جو ملازم هوندو هو. هن وڌيڪ چيو ته:

'آءٌ هن کي اڳ ۾ هندو برادريءَ ۾ ايڏو مشهور ماڻهو نه سمجهندو هوس، جو هو سندن ائسوسيئيشن جو صدر چونڊجي وڃي، ۽ هن جي چونڊجڻ واريءَ حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿو، ته هو غيرمعمولي حالتن سبب چونڊيو ويو آهي. مونکي معلوم آهي ته هندو ڪالوني ڪجهه عرصو اڳ پاناما جي صدر سان، هندستان مان پيرتي ٿيل نون ملازمن جي اميگريشن قانون سبب بڻيل رڪاوٽ ۾ نرميءَ آڻڻ جي خيال کان رابطو قائم ڪيو هو. هز ايڪسيلينسي واضح طور قدم کڻڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ صلاح ڏني هئي، ته جيڪڏهن ابتدائي قدمن جي حيثيت سان، اهڙي صورتحال ۾ قومي اسيمبلي جو ڊپٽي مڪمل مخالفت کان پاسو ڪري، ته هو هندوئن لاءِ اميگريشن قانونن ۾ نرمي آڻيندڙ اُپائن کي متعارف ڪرائيندو. هندو ڪالوني اڳيئي ڊپٽيءَ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا آهن. ۽ اميد آهي ته اڳتي هلي اُهي صدر سان ڳالهه ٻولهه ڪندا. انهيءَ ڳالهه ٻولهه جي مقصد لاءِ، اهو محسوس ڪجي ٿو ته هندو ائسوسيئيشن جو صدر مناسب مقرر هئڻ گهرجي ها، ۽ جيستائين سائين هيمراج جو واسطو آهي، ته هو نه رڳو ڳالهه ٻولهه ۾ سنجيدگي ۽ سلوٽائيءَ جو قائل آهي، پر هو اسپيني ٻوليءَ جو به سُٺو ماهر آهي، ۽ هن کي هلندڙ سال وڌيڪ شاهوڪار ماڻهن ۽ جهونن تي ترجيح ڏني وئي آهي.'


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي خبرداريءَ سان سلهاڙيل مهم، جنهن ۾ رشوت ('رواجي ذريعا' اشارن مطابق) ماڻهن سان رابطن واري ڪم ۾ جُڙيل هئي. تنهن بابت معلوم ٿئي ٿو ته ڪجهه مامرن ۾ سوڀاري ٿي ، ۽ ٻن يا ٽن سالن واري عرصي دوران، پاناما ۾ هندستانين جي داخلا تي پابندين بابت ڪابہ شڪايت برطانوي قونصلر اختيارين جي چاڻ ۾ نہ آئي. هن ڳالهہ مان سنڌي برادريءَ جي سياسي پختگي ۽ برطانوي سرپرستيءَ کان هوريان هوريان ڇوٽڪارو ماڻڻ واري ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي. پاڻنجي ٿو تہ عمل جي منطقي ترتيب رهي آهي: پهرين ڳالهہ هيءَ تہ سنڌي واپارين مشهور سياستدان کي واپاري ساٿاريءَ جي حيثيت سان چونڊيو، پوءِ هنن ان جي چونڊ مهم ۾ سيڙپڪاري ڪئي، ۽ جڏهن هُو چونڊجي ويو تہ هنن قانون ۾ تبديليءَ جي صورت ۾ پنهنجا انعام ميڙيا. هتي هيءَ فرض نٿو ڪجي تہ سنڌي واپارين پاناما جي سياست ۾ 'بالادستي ۽ تسلط' واري حالت ماڻي هئي، جيڪا گهڻو ڪري آمريڪي حڪمت عملي ۽ معاشي مفادن وسيلي ترتيب جوڙيل هئي، پر سڀ کان وڏيڪ شاهوڪار ۽ مستحڪم پرڏيهي واپاري برادريءَ جي حيثيت سان اُهي سياسي رابطا رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا، جيڪي سندن واپاري مفادن تي حملن کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪندا هئا. هنن جو سياسي تصور مڪمل طور 'حفاظتي' قسم جو هو، پر جيڪا ڳالهہ ڌيان ۾ آڻڻ لائق آهي، سا ڪجهه خاص سطح تائين برطانوي سفارتي مداخلت تي گهڻو ڀاڙڻ کان پنهنجي پاڻ کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي اهليت هئي. ٻوليءَ ۾ مهارت ماڻڻ انهيءَ ڇوٽڪاري جو اهم عنصر هو، جو اسپينيءَ ٻوليءَ ۾ ماهر جي حيثيت سان پاناما جي سياسي دُنيا ۾ گهڙڻ ضروري هو.

بهرحال، پاناما ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ، سندن مشڪلاتن جي پڄاڻي اڃا گهڻو پري هئي. 1941ع ۾ نئين صدر جي نگرانيءَ ۾ ملڪيت کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ بابت منظور ڪيل قانون نوان مسئلا پيدا ڪيا. فيبروري 1942ع ۾، هندستاني واپارين تجارت، صنعت ۽ زراعت جي وزير کي درخواست ڏني، جنهن ۾ چيل هو تہ ڪين جمهوريہ ۾ پنهنجي ڪاروبار کي آهستي آهستي بند ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، (87) پر مارچ 1942ع ۾ ڪولون جا سمورا دڪان هڪدم بند ڪيا ويا. برطانوي قونصل صورتحال بابت راءِ ڏيندي چيو: 'پاڻنجي ٿو تہ هي هندستاني واپاري سولائيءَ سان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا. اسان کي اڳيئي ٻُڌايل آهي، تہ اُهي 'حقيقت پسند' آهن ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هنن لاڳاپيل وزير سان مناسب مالياتي انتظام ڪري ورتا آهن.' (88) 1942ع جي پڇاڙيءَ ۾، جيئن سينسر ڪيل خط ۾ لکيل آهي، تہ انيڪ دڪان بند ٿيندي بہ سنڌي واپاري پنهنجو ڌنڌو جاري رکيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچن. واپار ۾ خسارو 1946ع تائين جاري رهيو، جڏهن بگڙجندڙ معاشي حالتن سبب عملدارن جو هندستاني واپارين ڏانهن رويو سخت ٿيو. 1949ع ۾ هنن آزاد هندستان جي اختيارين بابت پنهنجي ڳڻتيءَ تي پڌي ڳالهايو، (89) معلوم ٿئي ٿو، ته ڳڻتيون لڳ ڀڳ ساڳيون ئي هيون، جيئن پندرهن سال اڳ هيون. بهرحال، سنڌي واپاري ايڏي گهرائيءَ ۾ ڦاٿل هئا، جو ڪنهن به پابندين وارو قانون سنڌن واپاري سرگرمين کي بند ڪرائي نه سگهيو، جيڪو اڃا تائين جاري آهي. پاناما جي حالت ۾ سياسي لاڳاپن جو ڪردار سنڌن ڪاروباري مفادن جي تحفظ ۾ اهم ثابت ٿيو.

جڏهن هنن جا مفاد داءَ تي هوندا هئا، ۽ جڏهن سياسي سرشتو پاناما جهڙي ملڪ جيان نسبتي طور 'ڪليل' هوندو هو، جتي ڪجهه ماڻهن جي حڪومت نه هوندي هئي، پر اها اهڙي ڏرتي هئي، جتي سنڌس مشهور واهه وسيلي ماڻهو روزگار سانگي ٻين ملڪن کان ڇڪجي آيا هجن، (90) اهڙي ملڪ ۾ سنڌي واپاري پنهنجو هوشيار ۽ 'نمائي واپاريءَ' جو روپ پيش ڪرڻ جي قابل هوندا هئا ۽ ڪاميابيءَ جي اُپائن سان سرگرم ٿيندي سياسي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪندا هئا.

هندستاني واپارين جي 'غيرسياسي' نوعيت گهٽو ڪري ڏندڪٿا آهي. سياسي مهارت، عالمي مالياتي ۽ واپاري- سرشتي جي ترقيءَ ۾ ڊگهي مُدي تائين اهم اثاثو هوندي هئي. 1917ع ڪانپورِ شڪارپوري واپارين کي جزوي ڳِرهڻ گهٽو ڪري وچ ايشيائي ملڪن جي سياسي حالتن بابت غلط سياسي اندازا لڳائڻ ڪري لڳو هو. بهرحال، پورِ واري ڏاڪي تي، ايران جي شاهه سان سنڌن ويجها لاڳاپن سبب هندوجا آڪهه کي هيءَ اجازت ملي، ته اُهي پنهنجي واپار کي وڌائين ويجهائين. ٻئي پاسي سنڌورڪي واپارين جي، تيزيءَ سان وڌندڙ نامناسب عالمي نقطي نظر ۾، پنهنجي ڪاروباري حدن وڌائڻ جي قابليت، سنڌن سياسي ڏاهپ ۽ مهارت سميت نئين دهليءَ ۾ اختيارين سان بهتر لاڳاپا رکڻ ۽ مقامي سطح تي اثرائتي سياسي عاملن جي مختلف قسمن سان ناتا جوڙڻ سبب هئي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ترڪستان جي رياستن جا نوٽ، جيڪي رپورٽس اينڊ پيپرز پوليٽڪيل اي ٽي سي ۾ شامل آهن.
2. ڪمشنر سنڌ محترم ايڇ. بارٽل فريئر طرفان 14 آڪٽوبر 1857ع تي بمبئي سرڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سيڪريٽريءَ کي موڪليل خط نمبر 379 ۽ 26 آڪٽوبر 1857ع تي بمبئي سرڪار طرفان ڪمشنر سنڌ سر بارٽل فريئر ڏانهن موڪليل خط نمبر 2510. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمينٽ ريڪارڊس، سيڪريٽ ڪريسپانڊينس ود انڊيا 1792-1874ع، ايل. پي اينڊ ايس 517/5

3. سنڌ جي گورنر گراهام جو 26 مئي 1938ع تي لِن لٿگرو ڏانهن اُماڻيل خط نمبر 52، ايم ايس ايس،، ايف 125، جلد 13.

4. ڊي. ايچ. هارڊمين: فيڊنگ دي بنيا، پيزينٽس اينڊ ازرس گِن ويسٽرن انڊيا، دهلي، 1996ع.

5. سيڪريٽ ڊپارٽمنٽ جا سيڪريٽ پيپرز، 6 جون 1917ع، آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمنٽ فائيلز، برٽش قونصلر ريپريزينٽيشن ان سينٽرل ايشيا، ايل. پي اينڊ ايس 247/10.

6. ڏسو: باب ٽيون، نوٽ 48.

7. سکر جي ڪليڪٽر اِي. ايل. سيل طرفان 23 سيپٽمبر 1907ع تي سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن موڪليل خط نمبر 6314، بي. پي. پي. سيريل نمبر اي 56.

8. ايل. پي مورس: برٽش سيڪريٽ سروس ايڪٽوٽي ان خراسان، 1887-1908ع، هسٽاريڪل جرنل، جلد 27، شمارو 3، 1984ع، ص 657.

9. ليلارام، ايسرداس ۽ ٻين جو شاهه جارج جي نالي 3 جنوري 1912ع، ڪلڪتو موڪليل خط. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمنٽ فائيلز، ايل. پي اينڊ ايس 214/10.

10. 14 آگسٽ 1918ع تي بمبئي سرڪار جي انڊر سيڪريٽري جي نالي پٽيشن، بي. پي. پي. آڪٽوبر، 1918ع، سيريل نمبر اي 385، ۽ ڏسو: باب ٽيون.

11. ڪشمير جي ريزيڊنٽ سر فرانسز ينگ هسبنڊ جو 6 جولاءِ 1907ع تي پرڏيهي کاتي ۾ حڪومت انڊيا جي سيڪريٽري سر لوئس ڊاني جي نالي موڪليل خط نمبر جي 109. آءِ. او. آر، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمنٽ ڪريسپانڊينس ود انڊيا 1875ع، ايل. پي اينڊ ايس 205/7.

12. ڏسو: ينگ هسبنڊ جو ڊاني نالي 23 سيپٽمبر 1907ع تي موڪليل خط. آءِ. او. آر، ايل. پي. اينڊ ايس 207/7.

13. ڏسو: باب چوٿون.

14. هندستان جي انڊر سيڪريٽريءَ جو ڪالونين لاءِ مقرر ٿيل انڊر سيڪريٽريءَ ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18 جولاءِ 1899ع تي موڪليل خط. آءِ. او. آر فائيل، جي اينڊ پي 797/1899.

15. آسٽريليا جي گورنر جنرل لارڊ نورٿ ڪوٽ جو هندستان جي وائسراءِ ڏانهن 18 آگسٽ 1904ع تي موڪليل خط.

16. هيمنداس روپچند جي نومبر 1908ع ۾ آسٽريليا لاءِ موڪليل درخواست. بي. پي. پي، نومبر 1908ع، سيريل نمبر بي 231 ء بي. پي. پي نمبر اي، 7 فيبروري 1909ع.

17. ڏسو: ڊاڪيومنٽري هسٽري آف انڊين سائوٿ آفريڪن، ص 50.

18. سر سي. مئليٽ جي 10 جنوري 1917ع تي لکيل خط نمبر 2 ۾ شامل يادداشت. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، فارين آفيس جنرل ڪريسپانڊينس، پوليٽيڪل يونائيٽيڊ اسٽيٽس فائل نمبر 1220، 1917ع، ايف. او 3064/171.

19. ٽينيرائيف جي برطانوي قونصل جي 15 جنوري 1917ع تي فارين آفيس ڏانهن موڪليل رپورٽ. جيڪا يونائيٽيڊ اسٽيٽس فائيل 1220، ايف او 3065/371 ۾ شامل آهي.

20. سر ڊيوڊ پيٽري جي ڏور اوڀر دوري بابت 4 ڊسمبر 1914ع تي جوڙيل رپورٽ، جيڪا فائيل جي. پي. ايس 1319 ۾ شامل آهي.

21. سر سي. مئليٽ جو 6 نومبر 1917ع تي موڪليل خط نمبر 85.

22. سر سي. مئليٽ جي 11 مارچ 1917ع تي لکيل خط ۾ 7 مارچ 1917ع جو شامل يادداشت نامو.

23. جي. ايڇ. ڊيولي جو 20 فيبروري 1917ع تي انڊيا آفيس جي سيڪريٽري پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڊپارٽمنٽ ڏانهن موڪليل خط.

24. ڏسو: فائيل نمبر پي 2375، آءِ. او. آر پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڊپارٽمينٽ ريڪارڊس ڊپارٽمينٽل پيپرز، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽري اينيوئل فائيلز، 1912-1930ع، ايل. پي اينڊ ايس. 136/11.

25. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، فارن آفيس جنرل ڪريسپانڊينس پوليٽيڪل يونائيٽيڊ اسٽيٽ فائيل 327، 1918ع، ايف او 3425/371.

26. ساڳيو، ايف. او 3426/371.

27. ساڳيو نيوبائي جو اسپرلنگ کي 23 آڪٽوبر 1918ع تي موڪليل خط.

28. بي. جي. ڪنتي: سورس مٽيريل فار اي هسٽري آف دي فريڊم موومنٽ، جلد پنجون، هسٽري آف نان ڪوآپريشن موومنٽ ان سنڌ 1919-1924ع، ڪليڪٽيڊ فرام مهاراشٽر اسٽيٽ ريڪارڊس، بمبئي 1977ع، ص 49.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

29. ساڳيو، ص 125.

30. ڊڪشنري آف نيشنل بايوگرافي (سپليمينٽ) جلد پهريون، اين. آر. اي، ڪلڪتو، 1986ع، ص 362-361.

31. اپريل 1920ع ۾ سکر ۾ تيل ستين سنڌ پراونشل ڪانگريس، ۽ ڏسو: بي. جي ڪنتي.

32. ڪي. چيلارام اينڊ سنز جي هندستان سرڪار جي ڪالونيل سيڪريٽري جي نالي 19 جون 1939ع تي موڪليل پٽيشن. پي. آر. او. ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، ڪالونيز جنرل، اڪنامڪ اوريجنل ڪريسپانڊينس، سي او. 852/232/2.

33. سنڌورڪي مرچنٽس ائسوسيئيشن جي صدر چندن مل جو 12 آڪٽوبر 1935ع تي لکيل خط. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، جنرل ڪريسپانڊينس پوليٽيڪل، اسپين، ايف. او. 371/20561.

34. ڏسو: اوير ايشيا ۾ هندستاني آزاديءَ جي هلچل تي برطانوي ايجنٽ جي 25 نومبر 1945ع تي لکيل رپورٽ. فائيل نمبر 164. ايچ. آءِ اين. اي پيپرز، جن جا نقل ٽي. آر. سارين جي ڪتاب "سيليڪٽ ڊاڪيومنٽس آن انڊين نيشنل آرمي" دهليءَ 1988ع ص، 280 ۾ موجود آهن.

35. ساڳيو، ص 277 ۽ 291.

36. ڏسو: پيردواڃ: سنڌي ٽرو دي ايجز، ص 255.

37. ساڳيو، ص 317.

38. برٽش قونصل جنرل منيلا جو پرڏيهي آفيس ڏانهن 25 مئي 1945ع تي لکيل خط. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، جنرل ڪريسپانڊينس (قونصلر) فائيل 654، 1945ع، ايف. او. 369/3461.

39. ساڳيو.

40. آءِ. او. آر. پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڊپارٽمنٽ ڪليڪشنز. 110/111، ايل. پي اينڊ جي 319/8.

41. ڪالونين جي سيڪريٽريءَ ڏانهن 8 سيپٽمبر 1899ع تي لکيل خط. پي. او. آر، ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، جبرالٽر اوريجنل ڪريسپانڊينس، سي. او. 91/422.

42. هندستاني سرڪار جي انڊر سيڪريٽريءَ جو 5 آڪٽوبر 1899ع تي ڪالونين جي سيڪريٽري ڏانهن لکيل خط. فائيل جي اينڊ پي 1787، 1899ع، جنهن جو نقل سي. او. 91/423 ۾ موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

43. گورنر جو ڪالونين جي سيڪريٽريءَ ڏانهن 9 آگسٽ 1919ع تي لکيل خط. سي. او 91/471.

44. 25 جنوري 1919ع تي وائسراءِ جو ٽيليگرام. جي اينڊ پي (ايس) 3052/19، ڪالونيل آفيس جو پي. سي. او 91/472 ۾ موجود آهي.

45. جبرالٽر جي گورنر جو ڪالونين جي سيڪريٽريءَ ڏانهن پهرين جون 1920ع تي لکيل خط. سي. او 91/474.

46. ڏسو: 17 اپريل 1924ع جا منٽس.

47. پي. آر. او، فارين آفيس ريڪارڊس، جنرل ڪريسپانڊينس (پوليٽيڪل) يونائيٽيڊ اسٽيٽس، 1921ع، ايف. او، 371/566.

48. آءِ. او. آر. ۾ ٽيليگرام جو نقل، انڊسٽريز اينڊ اوورسيز ڊپارٽمينٽ پيپرز 1921-1924ع، فائيل 1375، 1921ع، ايل. اي 1227/7.

49. رياستيءَ سيڪريٽريءَ جو برطانوي وفد ۾ شامل ايس. شاستريءَ ڏانهن 9 ڊسمبر 1921ع تي موڪليل ٽيليگرام. اوورسيز فائل نمبر 12، انڊيا آفيس ڪان هندستان جي گورنر جنرل جي نالي 6 اپريل 1920ع تي جاري ٿيل.

50. منيلا جي قونصلر جنرل جو سيڪريٽري هندستان فارين اينڊ پوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ ڏانهن 13 جنوري 1924ع تي موڪليل خط. اوورسيز فائيل 1375، 1921ع، ايل. اي 1227/7.

51. نقل، آءِ. او. آر.، ايل. اي 7/1227.

52. ساڳيو نقل.

53. پارليامينٽري نوٽس، سيشن 1920ع، 17 نومبر 1920ع، هائوس آف ڪامنز جو سوال نمبر 104، جيڪو بينيٽ اُٿاريو هو.

54. قونصل پارڪ اسمٿ جا جنوري ۽ مئي 1924ع ۾ هندستاني سرڪار جي سيڪريٽري فارين اينڊ پوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ ڏانهن لکيل ٻه خط.

55. هندستاني سرڪار جي فارين اينڊ پوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ جا 7 آگسٽ 1936ع تي هندستاني سرڪار جي سيڪريٽري اسٽيٽ ڏانهن موڪليل ٽيليگرام. فائل پي. زيڊ 5730، جنهن جو نقل آءِ. او. آر. پوليٽيڪل اينڊ ايڪسٽرنل فائيلز اينڊ ڪليڪشن ايل. پي اينڊ ايس 12/210 ۾ موجود آهي.

56. ٽيوٽان جي برطانوي قونصل جو نائيجيريا جي قونصل جنرل ڏانهن 10 ڊسمبر 1936ع تي موڪليل خط. جنهن جو نقل پي. زيڊ 8319. 1936ع جي فائيل ۾ موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

57. هندستاني سرڪار جي پوليٽيڪل ۽ فارين کاتي جو سيڪريٽري هندستاني سرڪار ڏانهن 15 فيبروري 1937ع تي موڪليل خط. فائيل پي. زيڊ 1086، 1937.

58. ٽيوٽان جي قونصل جنرل جو قونصل جنرل نائيجيريا ڏانهن 17 فيبروري 1937ع تي موڪليل خط. فائيل پي زيڊ 1491، 1937ع.

59. اتَ سنڌورڪي فرمن جي نمائندن جي 15 نومبر تي سانتاڪروز ٽينيرائيف جي برطانوي قونصل ڏانهن موڪليل پٽيشن. فائل پي زيڊ 8030، 1937ع.

60. ٽينيرائيف جي برطانوي قونصل جو 15 مارچ 1938ع تي انڊر سيڪريٽري آف اسٽيٽ فارين آفيس ڏانهن موڪليل خط: پي. زيڊ، 2402، 1938.

61. فائيل پي زيڊ 3687، 1938ع.

62. انڊيا آفيس ۽ ڪالونيل آفيس وچ ۾ لکپڙهه، پي. آر. او، ڪالونيل آفيس ريڪارڊس، جبرالٽر اوريجنل ڪريسپانڊينس، سي. او، 91/494/8.

63. جبرالٽر جي اٽارني جنرل جو 23 جولاءِ 1936ع تي موڪليل يادداشت نامو. پي. آر. او، سي. او 91/500/10.

64. جبرالٽر جي گورنر جو 4 آگسٽ 1936ع تي سيڪريٽري جي نالي لکيل خط نمبر 114.

65. سنڌورڪي مرچنٽس ائسوسيئيشن جي 16 مئي 1946ع واري خط نمبر ايف 45/123 ۽ ايس سان شامل بيان.

66. ٽيليگرام جي ڪاپي آءِ. او. آر.، پبلڪ اينڊ جوڊيشل ڊپارٽمنٽ ڪليڪشنز، ايويڪيوئشن آف انڊينز فرام وار زون، ايل. پي. اينڊ جي 8/399.

67. فائيل پي. او. ايل.، 6568، 1945ع.

68. ايس پي. ٽريٽي جو تاريخ بنا ايچ پولاڪ ڏانهن لکيل خط. فائيل پي. او. ايل، 2870/، 1945ع.

69. ڏسو: پي اينڊ جي، 4008/1938. آءِ. او آر، پبلڪ ۽ جوڊيشل ڊپارٽمينٽ ڪليڪشنز، ڪليڪشن 108/29، ايل پي اينڊ جي 8/281.

70. پاناما ڊسپيچ نمبر 102، 20 جولاءِ 1927ع. اڪنامڪ اينڊ اوورسيز ڊپارٽمنٽ اينيوئل فائيلز، فائيل، اي اينڊ او 6008، 1927ع، جنهن جو نقل آءِ. او. آر. ايل. پي اينڊ جي 278/8 ۾ موجود آهي.

71. ساڳيو.

72. سنڌورڪي مرچنٽس ائسوسيئيشن حيدرآباد جو 24 جنوري 1927ع تي وائسراءِ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪريٽري ڏانهن لکيل خط. اڪنامڪ اينڊ اوورسيز ڊپارٽمينٽ اينيوئل فائيلز، فائل اي. اينڊ او/1485، 1927ع.

73. پيسومل مولچند جو 17 مئي 1927ع تي ڪليڪٽر سکر ڏانهن موڪليل خط، جنهن جو نقل ايل. پي اينڊ جي 278/8 ۾ شامل آهي.

74. ايميگريشن قانون جو 25 اپريل 1928ع تي نڪتل يادداشت نامو، جيڪو پاناما ڊسپيچ 3 سان ڳنڍيل آهي. جنهن جو نقل آء او آر ايل. پي. اينڊ جي 278/8 ۾ شامل آهي.

75. 27 مئي 1943ع تي جاري ٿيل ڊڪري نمبر 43، جنهن جو نقل آء. او. آر. ايل. پي. اينڊ جي 278/8 ۾ موجود آهي.

76. برٽش ليگيشن پاناما، 22 جولاء 1931ع تي هينڊرسن، فارين آفيس ڏانهن لکيل خط، جنهن جو نقل آء. او. آر. ايل اينڊ پي اينڊ جي 278/8 ۾ موجود آهي.

77. ڊڪري نمبر 16، 1932ع، پاناما ڊسپيچ نمبر 84، 21 مارچ 1931ع، جنهن جو نقل آء. او. آر ايل پي اينڊ جي 278/8 ۾ شامل آهي.

78. پاناما ڊسپيچ نمبر 27، 20 جنوري 1933ع، جنهن جو نقل آء. او. آر. ايل. پي اينڊ جي 278/8 ۾ موجود آهي.

79. برٽش ليگيشن پاناما، 20 جنوري 1933ع، جنهن جو نقل ايل پي اينڊ جي 278/8 ۾ شامل آهي.

80. هندستاني مرچنٽس ائسوسيئيشن جي عوامي جمهوريه جي صدر کي 22 مارچ 1935ع تي موڪليل پٽيشن، جنهن جو نقل آء. او. آر. ايل. پي اينڊ جي 278/8 ۾ شامل آهي.

81. برٽش ليگيشن پاناما جو حوالو، سرجان سمن جي نالي 8 اپريل 1935ع تي جاري ٿيل.

82. 27 سيپٽمبر 1927ع تي ايڊن جي نالي خط، جنهن جو نقل پي. اينڊ جي 4864/37 ۾ شامل آهي.

83. ساڳيو.

84. ايم. ايل. ڪونف: پاناما سينسز 1903ع، جيڪا دي ڪيمبرج هسٽري آف ليٽن آمريڪا، جلد ستون، لاطيني آمريڪا سينسز 1930ع ۾ شامل آهي، 1990ع، ص 621.

85. برٽش ليگيشن پاناما جو سائمن جي نالي 8 اپريل 1935ع تي لکيل خط.

86. برٽش وائيس قونصل ڪولون جو برٽش ليگيشن پاناما جي نالي 17 آڪٽوبر 1938ع تي لکيل خط، فائيل پي اينڊ جي 56/23/38، ايل. پي اينڊ جي 278/8.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

87. 2 فيبروري 1942ع جي پٽيشن، جنهن جو نقل پي. او. ايل. 2631، 1942ع، ايل. پي اينڊ جي 279/8 ۾ شامل آهي.

88. پاناما ليگيشن جو 16 فيبروري 1942ع تي فارين آفيس ڏانهن لکيل خط.

89. پرڏيهي ڪاتي هندستان جي انڊر سيڪريٽريءَ جو 8 آگسٽ 1949ع جو خط، جنهن جو نقل ايل. پي. اينڊ جي 280/8 ۾ موجود آهي.

90. ڏسو: اي. ڪاسٽيليرو ڪالف: پاناما سوسائٽي ۽ اٿس هسٽري، پاناما، 1970.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ائون

# ٻن واپاري- سرشتن ۾ برادري ۽ جنس

واپاري طبقن تي لکيل مواد، برادري جي ويچار ۽ خيالَ تي گهڻو زور ڏئي ٿو، جنهن جي عام طور ساڳئي نسل ۽ ساڳئي مذهب، ۽ ورلي ذات جي بنياد تي به وضاحت ڪيل هجي ٿي . انهيءَ تي هتي بحث ڪيو ويندو، ته سنڌي واپارين جي حالت ۾ هيءَ وصف حقيقي طور لاڳو نه ڪئي وئي هئي. شڪارپورين ۽ سنڌورڪين لاءِ، برادريءَ جو مطلب سيني علائقن کان آزاد هجڻ آهي، ۽ جنهن ناتي جي تشريح ڪئي هئي، سو نسل، مذهب ۽ ذات جي پيت ۾، ڪنهن قدر ساڳئي - رهائش ۽ رشتيداريءَ تي ٻَڌل آهي. دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهلاءَ سبب اهي ناتا ڪنهن قدر ڇِڄا تي ويا ۽ جيتوڻيڪ وڏو ذخيرو 'ڀائيچاري' جي تصوراتي رشتيداريءَ جي ناتي تي آڌاريل هو، تنهنڪري اُهي ناتا استحڪام ۽ ٻَڌيءَ جي اصلي عنصر کان ٿورڙو وڌيڪ خيالي تصور هئا. نتيجي ۾، پيروسو سولائيءَ سان جُڙيو نه هو، تنهنڪري موقعي پرستي ۽ مختلف قسمن جو جهيڙاڪ ڪردار وڏي پيماني تي ڦهليو، شرڪت ڪندڙ عنصرن منجهان هڪڙو عورتن جي غيرموجودگيءَ وارو عنصر هو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو جنس ۽ انهن واپاري- سرشتن ۾ خاص شهوتي- معاشيات جي مسئلي کان لنوائڻ ممڪن نه آهي.

## سنڌي واپارين وچ ۾ برادريءَ جي معنيٰ

جيڪو پهريون نُڪتو ڌيان ۾ آڻڻو آهي، سو هي آهي، ته مختلف شهرن سان لاڳاپيل سنڌي واپارين وچ ۾، جو جڏهن اُهي پرڏيهه ۾ پاڻ ۾ گڏجندا هئا، تڏهن به منجهن 'نسلي' استحڪام جي مضبوط سوچ پيدا نه ٿيندي هئي. هي نتو معلوم ٿئي، ته شڪارپوري ۽ خاص ڪري سنڌورڪين پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا رکيا هجن، ايستائين جو ٻئي ڌُريون ساڳئي علائقي ۾ رهندڙ هيون. اهڙيءَ ريت 1920ع ۽ 1930ع واري عرصي ۾ شڪارپوري سيڙپڪار ڪولمبو ۽ رنگون ۾ موجود هئا، جتي سنڌورڪي واپارين جون وڏيون وسنديون موجود هيون، پر ٻئي برادريون هڪ ٻئي کان ڌار رهيون. ساڳئي ريت، ايراني نار واري علائقي ۾ نَنَيَ جي پاڻين، جيڪي سنڌ کان هتي آيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺي کان پراڻي واپاري برادري هئي، تن شڪارپورين توڙي سنڌورڪين سان پاڻ کي نہ ڳنڍيو هو. (1) ٻنهي برادرين مان ڪنهن بہ برادري اڳتي هلي نمائندگي نہ ڪئي. نہ ئي اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ هنن سنڌ جي اهم مسلمان واپاري برادري يعني حيدرآبادي خواجن سان لاڳاپا رکيا هئا. جيڪي گهڻو ڪري مسقط ۾ واپار ڪندا هئا. سنڌ جي مختلف شهرن جي واپارين وچ ۾ نسلي استحڪام واري احساس جي غيرموجودگيءَ ڪنهن حد تائين ان حقيقت سبب هئي، جو شڪارپور ۽ حيدرآباد ٻئي شهر گهڻ-نسلي واپاري شهر هئا.

شڪارپور بابت اڳيئي ڄاڻايل آهي، تہ هي شهر هندو واپارين لاءِ 'سوني جهرڪي' هوندو هو، جتي مختلف علائقن سان واسطو ۽ نسلي پس منظر رکندڙ واپاري، ارڙهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾، دراني حڪومت جي اُپار کان پوءِ پيدا ٿيل موقعن مان فائدو وٺڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. پنجابي نسلي عنصر، شڪارپوري واپاري طبقي جو اهم جزو هوندو هو، پر اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، پنجابي نسل جا اڪثر واپاري سنڌي ٻوليءَ اختيار ڪري چڪا هئا. ۽ هڪٻئي سان شادين وسيلي ڳنڍجڻ سان مشهور پائيبند 'ذات' جو حصو بڻجي ويا هئا. اڪيلو مجيل پنجابي عنصر کتري هوندو هو، جيڪي شڪارپوري واپاري آباديءَ جو تمام ننڍڙو حصو هوندا هئا. هنن شهر جي ٻين ٻن واپاري ذاتين، پائيبندن ۽ ڀاٽين جي ماڻهن سان لاڳاپا رکيا ۽ پاڻ ۾ شاديون ڪيون. ساڳئيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو، تہ اُهي اصل ۾ کتري مارواڙي واپاري هئا، جن جو ٻُڻ سنڌن لهجي سبب سڃاڻپ جوڳو آهي، پر اُهي اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شڪارپور ۾ الڳ ذات جي ڏُر جي حيثيت سان وجود وڃائي ويٺا. حيدرآباد ۾ صورتحال ٿورڙو جدا هئي. هتي مقامي واپاري برادريءَ ۾ نسلي جهجهائي گهٽ هئي، تنهنڪري سنڌي ظاهري طور بالادست عنصر هوندا هئا. بهرحال، حيدرآباد ۾ پنجابي واپاري هوندا هئا. ۽ منجهانئن هڪ واپاريءَ جو نالو، قاهره ۾ هڪ دڪان تي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ 1906ع ۾ ٿيل معاهدي ۾ پورهيت- ڀائيوار جي حيثيت سان ڄاڻايو ويو هو. (2)

اڪثر سنڌي واپارين 1891ع جي ٿيل مردم شماريءَ کانپوءِ، پنهنجي پاڻ کي هندو سڏائڻ شروع ڪيو هو. (3) پر اُهي اصل ۾ نانڪ پنٿي هئا. جڏهن تہ مسلمان واپارين جي هندستان کان ٻاهر ٿيندڙ واپاري سرگرمين ۾، شراڪت جو عملي طور ڪوبہ ثبوت نٿو ملي (جيتوڻيڪ هڪ مسلمان واپاري، جيڪو شايد خواجو هو، تنهن جو 1917ع ۾ چين ۾ واپار ڪندڙ سنڌورڪي فرم جي ڀائيوار جي حيثيت سان ذڪر ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو). (4) ۾ 16-1915ع ۾ سجاڻپ جي سرٽيفڪيٽن لاءِ جمع ڪرايل 572 درخواستن ۾ هڪڙو به مسلمان شامل نه هو، جنهن مان پتو پوي ٿو، ته ساڳئي مذهب جي موجودگيءَ پنهنجي پاڻ ۾ برادريءَ جي سوچ ۾ مضبوط ناتا پيدا نه ڪيا هئا. سنڌ ۾ هندو مت وهندڙ حقيقت هئي، جنهن ۾ سک مت ۽ صوفيت جو اثر مضبوطيءَ سان محسوس ڪيو ويندو هو. شڪارپور ۽ حيدرآباد جا واپاري جنهن طريقي سان هندو مت سان ڳنڍيل هئا، تنهن ۾ ڪجهه پيدياءَ هوندا هئا. شڪارپوري ماڻهو، سنڌو درياهه ڪان پري حقيقي 'سرحدي' هندو هئا، جيڪي ڊگهي عرصي تائين سڌيءَ طرح افغان حڪمراني هيٺ رهيا هئا. جڏهن ته حيدرآبادي شهرين جي 'عوامي' هندو ثقافت ۾ شراڪت بابت معلوم ٿئي ٿو، ته اُها تمام گهٽي رهي آهي، جنهن جي انهيءَ حقيقت مان ثابتي ملي ٿي، ته حيدرآباد شهر جي اڪثر وڏين واپاري آڪهين وٽ بنارس ۾ هڪڙو پنڊت هوندو هو، جيڪو سندن جمر ۽ موت جو رڪارڊ رکندو هو. (5) هنن واپارين ۾، بزرگي ۽ سگوراڻپ اڪثر ذاتي مامرو هوندو هو ۽ مذهب، برادريءَ جي ساڳئي سطح تي جوڙجڪ ڪندڙ نه هو، جيئن بين هندو واپاري ڌرين ۾ هوندو هو.

جيڪڏهن مذهب، جوڙجڪ ڪندڙ عنصر نه هو، ته ذات به جوڙجڪ ڪندڙ عنصر نه هئي. ٻنهي شهرن جي واپاري برادرين منجهه ذات جي معنيٰ چوڌاري هڪ مکيه سوال ڳنڍيل ۽ جڙيل رهي ٿو. شڪارپوري واپارين جي وڏي اڪثريت لوهاڻا يا ڀائيبند ذات سان واڳيل هوندي هئي، پر مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته سرڪاري دستاويزن ۾، جڏهن ڪائنن ذات جو خانو پرڻ لاءِ چيو ويندو هو، ته اُهي عام طور پنهنجي ڏاڏاڻو نالو ان خاني ۾ لکندا هئا. هيءَ ڳالهه ذات جي 'ڏيهي' ۽ 'سرڪاري' ادراڪ وچ ۾ تفاوت جو مزيدار اشارو آهي. 'لوهاڻا' اصطلاح، جيڪو آدمشماريءَ وارن سرڪاري ڪاغذن جي خاني ۾ استعمال ٿيندو هو، تنهن بابت ويجهڙ ۾ سنڌي واپارين کان جڏهن انٽرويو ورتو ويو ٿو، ته منجهن ڪو خاص ردعمل ڏسڻ ۾ نٿو اچي: 'ڀائيبند' اصطلاح منجهان اهو تاثر ملي ٿو، پر اهو آدمشماري ۽ ٻين سرڪاري دستاويزن ۾ نه واپرايو ويندو هو. جيڪڏهن ذات جو مطلب سماجي رُتبو ٻڌائڻ هوندو هو، ته 'لوهاڻو' تمام گهٽ استعمال هيٺ هوندو هو، جو سنڌ ۾ سمورا واپارا، کترين ۽ ڀاٽين کان سواءِ، ان 'ذات' سان لاڳاپو رکندڙ هئا: رڳو خاص ڏاڏاڻي نک جي ڄاڻائڻ يا حوالي مان ان واپاري سماج جي فردن جي سماجي رُتبي جو اشارو ملندو هو (پر سهيوڳي مبصرن لاءِ نه). روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين جي وراثتي دستاويزن جي انگن، جيڪي ڪُل ستر وراثتي دستاويز آهن، منجهان سٺتيهه 'ذاتين' جا نالا ملن ٿا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن منجهان رڳو هڪڙو کتري آهي، جنهن جي مشهور ’ذات‘ جو نالو ڏنل آهي. ٻيا سمورا نالا لوهاڻڪي نُکن (6) يا ڏاڏاڻن پاڙن جا نالا آهن، جن ۾ گهڻيون آکهيون لوهاڻا آهن. سيٺي کان گهڻو واپرايل ڏاڏاڻو نالو چُگهه آهي، جيڪو نموني ۾ نَوَ پيرا آيل آهي. ٻئي پاسي حيدرآباد جا واپاري جڏهن سيڪاٽپ سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ سوالنامو پريندا هئا، تہ ’لوهاڻو‘ لفظ واپرائيندا هئا. ٻنهي شهرن وچ ۾ رواج منجهہ تفاوت جو سبب، سوچ ويچار وارو مامرو آهي. سموري هندستان جي ٻيءَ واپاري برادريءَ سان ڀيٽ ڪندي ڏسڻ سان جيڪا چرڪائيندڙ ڳالهہ معلوم ٿيندي، سا ٻنهي شهرن منجهہ مضبوط پائيبند ذات وارن جي پنچائت جي غيرموجودگي آهي، جيڪا واپارين وچ ۾ تيل تڪرارن ۾ ڪاميابيءَ سان مداخلت ڪندي هئي ۽ پنهنجي فيصلن جي پُنيرائي ڪندي اثرائتيون پابنديون لاڳو ڪندي هئي. شڪارپور جي واپاري پنچائت، جنهن ۾ تنهي واپاري ذاتين جا رڪن شامل هوندا هئا، پر جڏهن وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين جي وراثت جا مامرا اُڀريا، تہ مداخلت نہ ڪئي هئي.

واپارين وچ ۾ برادريءَ جي جيڪا بہ سوچ موجود هوندي هئي، تنهن جون پاڙون علائقائيت ۾ کُتل هونديون هيون، جنهن جو مطلب ڪنهن خاص بازار جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڪري شهر هوندو هو. ورهاڱي کانپوءِ هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ آئي، تہ هندستان ۾ آيل سنڌي هندو شرنارٿي خاص ڪري شهري ماڻهن سان لاڳاپا ۽ سماجي طور ساڻن گهڻو ميل ملاقات رکندا هئا. (7) ساڳئي شهر سان لاڳاپيل واپارين وچ ۾ استحڪام جا ذريعا انهن لاڳاپن منجهہ هوندا هئا، جيڪي گڏ- رهڻ، رشتيداري ۽ مادراڻي مائٽي، جيڪا نسل، ذات ۽ مذهبي حدبندين کان ڏار هوندي آهي، وسيلي پيدا ٿيندا هئا. ٻنهي شهرن ۾ واپارين جي رهائشي طريقيڪار يا ڍنگ جا تفصيلي انگ اکر موجود نہ آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ گهڻن هندو واپارين جون رهائشي جايون بازار، جتي فرمن جون مکيہ ڪوٺيون هونديون هيون، سان گهڻو ويجهو هونديون هيون. حيدرآباد واري شاهي بازار شهر جي اڪثر واپاري سرگرمين جي مکيہ جاءِ هوندي هئي، ۽ پڪ ٿو تہ اڪثر واپاري بازار مان ڦٽي نڪرندڙ سوڙهين گهٽين ۾ رهندا هئا. 1920ع ۽ 1930ع ڌاري، شاهي بازار جي اُتر ۾ هيرآباد ۾ هڪ نئون رهائشي علائقو ناهيو ويو، جتي خاص ڪري شاهوڪار سنڌورڪ واپارين پنهنجا شاهاڻا رهائشي گهر جوڙايا هئا. شڪارپور ۾ طريقو ڇنل يا وکريل هوندو هو، جو اُتي هڪٻئي کان ڪجهہ مفاصلي تي ڪيترين ئي بازارون موجود هيون، ۽ تنهنڪري واپاري آبادي حيدرآباد جي ڀيٽ ۾ هڪ هنڌ گهٽ جمع ٿيل هئي، پر انهيءَ ڦهلجڻ ۽ پکڙجڻ مان هيءَ معلوم نٿو ٿئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انهيءَ مان سڃاڻپ جي وڪريل طريقي جو نتيجو نڪتو آهي. شڪارپور ۽ حيدرآباد جهڙن وچين - حيثيت وارن شهرن ۾، رشتيداريءَ جو ڄار ضرور گهاٽو ۽ وسيع رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڏي پيماني جي شهري- مائٽيءَ کي شامل ڪندو، جنهن بابت ڀائنجي ٿو، تہ اها هندو ذاتين جي ڀاتين وچ ۾ وڏي پيماني تي مروج هئي، تنهنڪري ڪو ماڻهو آڏي اُبتي ۽ ٽڙيل واپاري سرشتي جي گهٽي گهاٽائيءَ تي زور ڏيندو، جنهن ۾ اڪثر واپاري خاندان ڦاٽل ۽ ڇهليل هئا.

بهرحال، انهن ٽڙيل پکڙيل مشاهدن مان هيءَ نتيجو ڪڍڻ دليري ٿيندي، تہ هڪ خاص واپاري ثقافت انهن ٻنهي شهرن منجهان نروار ٿي. جڏهن تہ واپاري- برادريءَ جي عزت جو تصور، جيڪو گهڻو ڪري ساک تي آڌاريل هوندو هو، قرض موٽائڻ جي غلطي نہ ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏيندو هو. ۽ شڪارپور ۽ حيدرآباد جي واپارين لاءِ عزت يا ساک جو تصور، ننڍي ڪنڊ جي بين علائقن جي واپارين جيان، مرڪزي قدر يا اصول هوندو هو، تنهنڪري دولت ۽ نمائش ڏانهن سندس مختلف لاڙا ڏسي ۽ سڃاڻي سگهجن ٿا. هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ شڪارپوري واپاري سادگيءَ ۽ بچت جي روايتي قدرن ڏانهن وڌيڪ پختو لاڙو رکندا هئا. ۽ دولت جي نمائش کان لنوائيندا هئا، جڏهن تہ اُهي خيراتون ۽ چندا ڏيڻ ۽ مندر اڏائڻ لاءِ چندو يا پئسا ڏيڻ ۾ سڀاجها ۽ سخي هئا. بهرحال، حيدرآباد جي سنڌورڪي واپارين ۾ عياشيءَ واري سامان ۽ شراب جي کُلي عام واهپي وسيلي دولت جي نمائش ڪرڻ جو وڌندڙ لاڙو هوندو هو، جيڪا ڳالهہ اڪثر هندستاني واپاري برادريءَ ۾ شايد بمبئيءَ جي پارسين ڪانسواءِ، نامناسب ڳالهہ سمجهي ويندي هئي. هن ڳالهہ کين روايتي خيراتون ڪرڻ ۽ مندرن جي اڏاوت ۾ ملوث ٿيڻ کان نہ روڪيو، پر هيءَ ڳالهہ بيشڪ سنڌورڪي واپارين کي، ڪنهن قدر هندو واپارين جي عام مشهور تصوراتي شخصيت کان ڌار ڪندي هئي.

ڇا واپاري مزاجن ۽ عادتن ۾ اهي اختلاف گهڻن علائقن ۾ پکڙيل هجڻ دوران مقصدن کان هٽيل تجربن جو نتيجو هئا؟ سوال خاص ڪري ان ذريعي مان اُڀري ٿو، جنهن تحت واپاري پنهنجي رضا خوشيءَ سان پنهنجون مذهبي ذميواريون پوريون ڪندا هئا ۽ پنهنجي روحاني گهرجن کي تسڪين ڏيندا هئا.

انهيءَ ڏس ۾، شڪارپوري واپارين سان لاڳاپيل ڪجهہ وڌيڪ تفصيلي مواد سامهون آيو آهي. وچ ايشيائي ملڪن ۾، شڪارپوري واپارين کي مختلف طريقن سان پنهنجون مذهبي گهرجون پوريون ڪندي يا آٿت ڏيندي ڏٺو ويو آهي. اُتي موجود شڪارپوري واپارين ۾ ڪجهہ مذهبي پنڊت يا پروهت بہ شامل هوندا هئا. 1890ع جي

اوائل ۾ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن وڃڻ لاءِ پاسپورٽ وٺندڙن ۾ شڪارپوري واپارين ۾ کيترائي برهمڻ، سروست ۽ پشڪرڻ، (8) پڻ شامل هئا، جن واپاري ۽ مذهبي ماهر جي حيثيت سان پنهنجو ڌنڌو اختيار ڪيو هو. منجهائن هڪڙو جڻو 1889ع ۾ تاشقند ۾ ديهانت ڪري ويو هو، سو هڪڙي جاءِ ۾ ڇهن ٻين ماڻهن سان گڏ رهندو هو، ۽ شايد سنڌن لاءِ ماني پچائيندو هو، ۽ هڪ ننڍڙي مندر ۾ پنڊت يا پروهت طور خدمتون ڏيندو هو. (9) ساڳئي وقت هو گماشتي جي حيثيت سان واپاري پائيواريءَ ۾ پڻ ملوث هو. اهڙين مليل وکريل ثابتين مان ڪي نتيجو ڪڍڻ ممڪن نه آهي، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ سموري شڪارپوري آباديءَ منجهه ڇهن واتين ۾ هڪڙو برهمڻ شامل هوندو هو. هي واضح آهي ته ڪيترين شڪارپوري وسندين ۾، ايستائين سنڌن اڪثريتي وسندين ۾ برهمڻ نه هوندو هو. هڪڙو ٻيو مذهبي ماهر، سنڌ ۾ عام موجود برهمڻ جي پيٽ ۾، باوو يا نانڪ پنٿي پروهت هوندو هو، جيڪو ٽڪاڻن جي سارسنڀال لهندو هو، جيڪي صوبي جي اڪثر علائقن ۾ هوندا هئا. 1895ع ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ديهانت ڪندڙ هڪڙي ماڻهوءَ کي سرڪاري دستاويزن ۾ باوي جي حيثيت سان ڄاڻايو ويو، جيڪو ذات جو اُداسي فقير هو؛ هن جو سمرقند ۾ ڏرم شالا هوندو هو ۽ ٻئي هڪڙي باوي جو پوئلڳ يا مريد هو، جنهن سندس وراثت وٺڻ لاءِ دعويٰ ڪئي هئي (جيڪا دعويٰ روسي اختيارين طرفان رد ڪئي وئي هئي). (10) مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته جيڪو ماڻهو ديهانت ڪري ويو هو، سو ٻئي باوي جو ساڳئي وقت گماشتو ۽ چيلو به هو. جڏهن ته متيون باوو ديهانت ڪيل جو گُرو ۽ سيٺ پڻ هو. ڪاروبار ۽ مذهب، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ گڏوگڏ هلندا هئا. ڪجهه دستاويزن ۾، ٽئين ڌر جي ماڻهن جو به حوالو ڏنل آهي، جنهن کي مذهبي اختياريءَ جون ڪجهه صورتون عطا ڪيل هيون، جن کي 'پيرزادو' چيو ويندو هو، پر اهو اتفاق سان هندو هوندو هو. اُهي مريد هئا يا نه، جن ڪنهن پير وٽان ڏاڏاڻي يا وراثتي روحانيت جي دعويٰ ڪئي هئي، يا اصطلاح کي ڪا خاص واضح معنيٰ هوندي هئي، تنهن بابت ڪا ڄاڻ نه آهي. حقيقت هيءَ آهي، ته اهڙن ماڻهن کي ظاهر آهي، ته تمام وڏي عزت ۽ محبتا ڏني ويندي هئي (11) ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ شڪارپوري واپارين ۾ اڪثر ڪري سرواڻ يا اڳواڻ سمجهيو ويندو هو. ڪجهه پيرزادا پنجاب کان ايندا هئا، پر معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌن پوئلڳ گهڻو ڪري شڪارپوري واپاري هوندا هئا (جيتوڻيڪ وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪجهه پنجابي هندو ۽ مسلمان به هوندا هئا). هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي، ته وچ ايشيائي ملڪن ۾ هندوئن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي جايون يا مندر، جيڪي تاريخي دستاويزن يا مسافرن جي بيانن ۾ جاڻايل آهن، سي گهڻو ڪري ترڪستان سلطنت ۾ هوندا هئا. جتي روسي حڪومت طرفان ڪنهن قدر مذهبي آزاديءَ جي پڪ ڏنل هوندي هئي. ٻئي پاسي بخارا امارات ۾ شڪارپوري واپارين جون ڪافي وسنديون هونديون ٻه، مذهبي عبادت جي اهڙين جاين جي موجودگيءَ جي ڪا به شاهدي نه ملي آهي. (12)

گهڻي مفاصلي ۽ برهمڻن ۽ ٻين مذهبي پروهتن جي کوٽ سبب پيدا ٿيل تڪليفن جو مطلب هو، ته شڪارپوري واپارين کي اڪثر موت جهڙين حالتن لاءِ، ضروري طور برهمڻن جي کُوج پوندي هئي، تڪڙ ۽ موقعي جي مناسب سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو. اهڙيءَ صورتحال جو ڪنهن قدر افسوسناڪ رُخ سرڪاري دستاويزن، جيئن 1914ع ۾ فرغانا ماتريءَ ۾ آندي جان شهر ۾ گڏال مل رمل مل جي مرڻ ڪانپوءِ ڪرياڪرم جو احوال ڏنل آهي، جي خشڪ ٻوليءَ مان چڱيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو. ڳالهه ٻڌائيندڙ آندي جان جو 'هندستاني بازار- اڪساڪل' آهي، يعني مقامي شڪارپوري برادريءَ جو نمائندو يا روسي اختياريون آهن، ۽ هن پنهنجي لفظن ۾ جيڪا ڪهاڻي ٻڌائي، سا هيٺ لفظن ۾ لکجي ٿي:

'آءُ هتي تصديق ڪيان ٿو، ته برطانوي- هندستاني شهري گڏال مل رمل مل ڏکيءَ اگهائيءَ ڪانپوءِ 13/26 مئي 1914ع تي ڪوارنٽ اشي ڪاپ ۾ ديهانت ڪري ويو ۽ ٻئي ڏينهن منهنجي موجودگيءَ ۾، سرگواسيءَ جي هندستاني دوستن جي عام گڏجاڻيءَ ۾، پروهت موجود نه هئڻ سبب پنڊت جي خدمتن کانسواءِ، برهمڻ رسمن مطابق ساڙيو ويو. ڪرياڪرم واريون رسمون منهنجي موجودگيءَ ۾ آندي جان شهر ٻاهران مساڻ ۾ پوريون ڪيون ويون....' (13)

هن ناهوڪي بيان مان هندوئن جي ننڍڙي وسنديءَ جي، برهمڻ نه هئڻ سبب، هيڪلائي ۽ علحدگيءَ تي روشني پوي ٿي، جن کي مناسب رهنمائيءَ کان سواءِ مذهبي رسمون ادا ڪرڻيون پونديون هيون. بهرحال، هنن مذهبي زندگيءَ جي ڪجهه مشابهت کي برقرار رکڻ ۾ ڪاميابي ماڻي، جنهن ڳالهه کين گهڻي عرصي کان پرڏيهه ۾ رهڻ واري بار کي سهڻ ۾ مدد ڏني هوندي. اهو پڻ امڪان آهي، ته اُهي مسلمان صوفين جي عبادتن يا پوڄائن ۾ حصو وٺندا هئا. جيڪا ڳالهه وچ ايشيائي اسلام جي اهم خاصيت هوندي هئي. سنڌ ۽ وچ ايشيائي ملڪن وچ ۾ ڊگهي عرصي کان ناتن جي موجودگي، ڪجهه صوفي مسلڪن وسيلي سنڌن شراڪت ۾ سهنجائي ۽ سهولت ضرور ملي هوندي. پر شڪارپوري واپارين جي وڏي اڪثريت، سنڌ ۽ وچ ايشيائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪن ۾ انيڪ صوفي پيرن جي مُريد هوندي به، ڪ مت سان سلهاڙيل هندو مت جي خاص نموني سان وفادار رهيا.

وڏي پيماني تي دنيا جي ملڪن ۾ پکڙيل سنڌورڪي واپارين جي صورتحال گهڻي جدا هئي. اُهي جڏهن ڪولمبو يا رنگون جهڙين جاين تي ويا، ته اُتي اڳيئي هندو برادريون پنهنجي پيرن تي بيهي چڪيون هيون، ۽ اُتي ڪيترائي مندر به هئا، جتي اُهي عبادت ڪري سگهندا هئا. ٻين علائقن ۾ سنڌورڪي واپاري، خالصا سکن سان گڏ مذهبي پوڄائون ڪندا هئا. هي حالت خاص ڪري سنگاپور، هانگ ڪانگ يا فلپائيني ٻيٽن ۾ منيلا ۾ هئي. سنگاپور ۾ جيڪو پهريون گُردوارو جوڙايو ويو هو، تنهن لاءِ مشهور سنڌورڪي فرم وسيومل آسومل چندو ڏنو هو. 1933ع ۾ منيلا ۾ جيڪو گُردوارو جوڙايو ويو، تنهن ۾ مقامي سنڌين چندا ڏنا هئا، جڏهن ته مقامي پنجابي سِک برادري ان جي مامرن ڪي سنڀاليندي هئي. (14) خالصا سِکن سان اهڙا مذهبي ناتا ۽ مذهبي جاين وچ ۾ شراڪت ڪيترن ئي جاين تي سنڌي برادرين جي خاصيت هوندي هئي. هي صورتحال انهيءَ وقت پڄاڻي تي پهتي، جڏهن 1984ع ۾ سک محافظن هٿان اندرا گانڌيءَ جو قتل ٿيو، ۽ ان ڪانپوءِ هندستان ۾ سک- مخالف فساد جو سلسلو شروع ٿي ويو، ۽ سنڌي هندوئن اوچتو عبادت لاءِ گُردوارن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. (15) پر سنڌورڪين انهن جاين ڏي به رُخ رکيو، جتي ڪوبه هندو يا خالصا سِکُ نه هوندو هو. هي نتو معلوم ٿئي، ته انهن جاين تي هنن پنهنجا مندر يا ٽڪاڻا جوڙايا هئا. ڪڏهن ڪڏهن فرم جي دفتر جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ عارضي طور مذهبي عبادت جي جاءِ، جيئن 1930ع ڌاري جبرالٽر ۾ (16) جوڙي ويندي هئي؛ پر عبادت جي عام جاءِ رڳو واپارين جي گهرن ۾ ئاهي ويندي هئي. سنڌورڪي واپاري مندر نه جوڙائيندا هئا، تنهن جو هڪڙو سبب هي هو، ته وٽن مذهبي پوڄا ڪرائڻ لاءِ ڪو پروهت يا پنڊت نه هوندو هو. اُتي مذهبي ٻاوو، پنڊت يا پروهت آڻڻ سان ڪين پنهنجي ملازمن جي اڳيئي گهٽ ڪوٽا ۾ گهٽتائي ڪرڻي پوي ها، ۽ اُهي ائين ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ڪيترن ئي جاين تي واپارين ۽ ملازمن ڪي مذهبي پوڄا پاٺ جي مناسب جاين ۽ پنڊت ڪانسواءِ به پوڄا ڪرڻي پوندي هئي. مجموعي طور، مذهبي عبادت پکڙيل برادريءَ جي تنظيم ڪاريءَ ۾ جوڙجڪ ڪندڙ عنصر جو ڪردار ادا نه ڪيو هو، ۽ مذهبي عبادتي جايون، سِک واپارين جي مذهبي جاين تي ٿيندڙ پوڄا يا ميل ميلاپ جي ابتڙ، سماجي ميلاپ جو وسيلو نه هونديون هيون. ڪجهه جاين تي، سنڌورڪي واپارين ۾ عيسائي مذهب ورتائڻ بابت به ڄاڻ ملي آهي، (17) ساڳئي ريت وچ ايشيائي ملڪن ۾ وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپوري واپارين پنهنجو مذهب ڇڏي اسلامي مذهب اختيار ڪيو هو. بهرحال، گهڻا سنڌي پنهنجي نانڪ پنٿي عقيدي سان وفادار رهيا، ۽ ڪيترن ئي ڏکيائين ۽ تڪليفن هوندي بہ، پنهنجي مذهبي سڃاڻپ برقرار رکيائون. ڪجھ واپارين سرگرميءَ سان مختلف سُڌارڪ تنظيم تنظيمن، جيئن آريا سماج يا راڌا سوامي سَت سنگ ۾ حصو ورتو، پر گهڻا پنهنجو انفرادي لاڙي ۽ پسندي رجحان رکندا هئا.

واپارين ۾ ذات وارو لاڳاپو موجود نہ هوندو هو، پر وچ ايشيائي ملڪن جي انيڪ علائقن ۾ شڪارپوري پنچائتون هونديون هيون، ۽ انهن جي شڪارپوري پنچائتن سان باقاعدگيءَ سان لکپڙھ ٿيندي رهندي هئي. پنچائتن جي هنن بنهي قسمن وچ ۾ 'مظهرن' جي متاستا ٿيندي هئي، جيڪو طريقو شڪارپور ۽ وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ واپارين وچ ۾ رابطي جو مکيہ وسيلو هوندو هو. پنچائتون اجتماعي تنظيم جو روپ هيون، جيڪي ٻَڌيءَ ۽ ڀائيچاري جي ڪجھ بنيادي صورتن جي پڪ ڏيارينديون هيون. اهڙيءَ ريت، جڏهن وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪو شڪارپوري ديهانت ڪندو هو، تہ پنچائت عام طور فوتيءَ جي ڪريا ڪرم ۽ ڪانڌپي لاءِ گهربل پئسا موڪليندي هئي، تہ جيئن مذهبي رسمن مطابق هڪدم ڪريا ڪرم ڪري سگهجي. شڪارپوري پنچائت، جنهن ۾ تن واپاري ذاتين جا ڀاتي شامل هوندا هئا، ذات جي پنچائتن کان ان خيال کان مختلف هئي، جو وٽن پنهنجا فيصلا مڙهڻ جا اثرائتا طريقا نہ هوندا هئا، جيئن پنچائت ۽ هڪ واپاري يا واپاري ڌرين وچ ۾ تڪرارن جي مختلف مثالن مان پتو پوي ٿو. بهرحال، انهن پنچائتن مان شڪارپوري واپارين منجھ گڏيل اجتماعي سڃاڻپ جي موجودگيءَ جو ثبوت ملي ٿو. هن اجتماعي سڃاڻپ ۽ تشخص جو بنياد، ڀائيچاري يا ڀائيبند جي تصوراتي لاڳاپي يا ناتي وسيلي، شهري ماڳهن وچ ۾ ٿيل سگهاري ٻَڌي ۽ استحڪام هوندو هو. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جيڪي پکڙيل شڪارپوري هوندا هئا، سي پاڻ کي هڪٻئي جو ڀاءُ سمجهندا هئا، ۽ منجهن ڀائيچاري جا ناتا، مونجهاري کان خالي يا ڏانجهيل نہ هوندي بہ مضبوط هوندا هئا.

سنڌورڪي واپارين منجھ شڪارپوري پنچائت جيترا اجتماعي ادارا نہ هوندا هئا. رڳو ڏکڻ ايسٽ انڊيا جي شهر سُورابايا ۾، مقامي هندستاني برادريءَ جي مُکيءَ جو نالو ڄاڻايل آهي، جيڪو هڪڙو سنڌي هوندو هو. (١٨) هي نٿو معلوم ٿئي، تہ ڪنهن بئي هنڌ سنڌورڪي برادريءَ وٽ ڪنهن قانوني وجود جي صورت ۾ روپ هوندو هو يا اختيارين طرفان مڃتا مان فائدو ورتو ويو آهي. ڀائيچاري جي فرضي رشتيداريءَ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 8.1: سنڌي واپارين جي نمائندگي ڪندڙ جماعتون

| مُلڪ جو نالو | جماعت جو نالو |
|---|---|
| ڪولمبو | سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن آف سيلون |
| باتاويا | انڊين مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| سورابايا | سنڌي ائسوسيئيشن |
| يوڪوهاما | يوڪوهاما سلڪ مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| منيلا | بمبئي مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| سائيگون | سنڌي سلڪ مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| سنگاپور | سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| ڪولون | هندستاني مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| جبرالٽر | انڊين مرچنٽس ائسوسيئيشن |
| هانگ ڪانگ | سنڌ هندو مرچنٽس ڪلب |
| اڪرا | انڊين مرچنٽس ائسوسيئيشن |

ناتا به ماڻهن کي ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيا. ايستائين جو سنڌورڪي واپارين جي وڏي اڪثريت ڪنهن فرم سان ٺيل معاهدي هيٺ پنهنجو اباڻو شهر ڇڏيندي هئي، تنهنڪري فرمن جي مالڪن يا سيٺين بابت نٿو معلوم ٿئي، ته اُهي خاص ڪري پنهنجي ملازمن کي ٻين فرمن جي ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ لاءِ همٿائيندا هئا، پر ناتا اڪثر طور جڙي ويندا هئا، جو ائين عام طور تڙيل پکڙيل ننڍين برادرين ۾ ٿيندو هو. جيئن ته عام طور مذهبي عبادت يا ٻي 'سماجي برادريءَ' جي گڏجڻ واري جاءِ خاص نه هوندي هئي، تنهنڪري ڀانئجي ٿو ته انيڪ فرمن جي ملازمن وچ ۾ سماجي طور اٿڻ ويهڻ يا گڏجڻ عام طور گهرن ۽ ٻين عوامي جاين تي ٿيندو هو. بهرحال، فرمن جا مئنيجر پنهنجي ملازمن جو مختلف سوچن ۽ خيالن کان سماجي طور ميل ميلاپ ڪرائڻ جو لاڙو رکندا هئا، ۽ انهيءَ ڪري 'سنڌي ڪلب' ٺاهيا ويا هئا. جيئن هانگ ڪانگ ۾ 1930ع ۾ اهڙو ڪلب جوڙيو ويو. بهرحال، پوءِ اڳتي هلي سنڌورڪي واپارين جي نمائندگي ڪندي، مقامي اختيارين ۽ برطانوي قونصلن سان لاڳاپا رکڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو ويو. اُهي ڪلب پنهنجائپ کان مختلف هوندا هئا. جوته اُهي رضاڪاراڻيون جماعتون هونديون هيون، جيڪي ميمبرن کان فيس وٺنديون هيون. ٽيبل 8.1 ۾ سامهون آيل مکيه جماعتن جي فهرست ڏنل آهي. اُهي سموريون تنظيمون واضح طور 'سنڌي مفادن' جي نمائندگيءَ جي حيثيت سان پنهنجي مشهوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪرائيندا هيون، پر سموريون تنظيمون تي سنڌورڪي واپارين جي بالادستي هوندي هئي. فهرست ۾ ڄاڻايل ٻارهن تنظيمن منجهان، رڳو باتاويا ۽ ڪولون جي ٻن شهرن ۾ غير- سنڌي ميمبر هئا، جيڪي بهرحال اقليت ۾ هئا ۽ پاليسين تي سنڌين ڪو اثر نہ هوندو هو. مزي جي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ منيلا ۾ مقامي سنڌي واپاري مفادن جي نمائندگيءَ جي دعويٰ ڪندڙ ٻہ مختلف تنظيمون موجود هيون. منجهانئن هڪڙي بمبئي مرچنٽ ائسوسيئيشن هئي، جيڪا وڏين فرمن جي نمائندگي ڪندي هئي، جڏهن تہ ٻي انڊين ائسوسيئيشن هئي، جنهن ننڍن واپارين ڀاران ڳالهائڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. (19)

بهرحال، انڊين ائسوسيئيشن جو وجود عارضي ثابت ٿيو، جو متس مقامي برطانوي قونصل ڪي برطانوي- مخالف عنصرن جي پُٺڀرائيءَ جو شڪ هوندو هو. (20) بمبئي مرچنٽس ائسوسيئيشن، اڪثر سنڌورڪي ۽ شڪارپوري واپارين جي نمائندگي ڪندڙ حيثيت سان واضح طور اُڀري آئي ۽ هن آهستي آهستي ننڍن واپارين کي بہ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.

هنن واپاري تنظيمن، حيدرآباد ۾ سنڌورڪ مرچنٽس ائسوسيئيشن سان پابنديون وارين اميگريشن پاليسين خلاف ويڙهہ ڪرڻ ۽ اڪثر جڏهن سنڌورڪي واپارين جي مفادن کي خطرو هوندو هو، تہ سنڌن بچاءَ ۾ سهڪار سميت ۽ فرمن وچ ۾ مارڪيٽون ورهائڻ ۽ خاص ڪري مالياتي گهوٽالي واري عرصي ۾ نفعي تي ضابطو آڻڻ جي ڏس ۾ سهولت مهيا ڪئي هئي.

ڪيترن ئي علائقن ۾، جتي سنڌورڪي واپارين جون برادريون سرگرم هيون، اُتي رسمي تنظيمون نہ اُڀريون، پر هن قدم اجتماعي عمل جي تشڪيل کي نہ روڪيو. اهڙيءَ ريت اسپيني گهرو ويڙهہ دوران سموريون فرمون، جيڪي ٽينيرائيف ۽ لاس پاماس ۾ واپار ڪنديون هيون، سي برطانوي قونصليٽن جي مدد سان قومپرست اختيارين کان رعايتون وٺڻ جي گڏيل ڪوششن ۾ ملوث هيون. (21)

سنڌورڪي واپاري گهڻيءَ انفراديت پسنديءَ جو اڪثر اظهار ڪندا هئا، پر جڏهن سنڌن مفادن کي نقصان جو پئو هوندو هو، تہ سنڌورڪي واپاري گڏيل قدم کڻڻ جا اهل هوندا هئا. بهرحال، هيءَ ٻَڌي 'گروهي' جي ڀيٽ ۾ 'طبقاتي' ٻَڌي هوندي هئي. فرمن جا سيٺ ۽ مئنيجر، حيدرآباد ۽ ڪاروباري جاين وچ ۾ گردش جا ذريعا کُليل رکڻ وسيلي، پورهئي جي مارڪيٽ جو نسبتي وهڪرو ۽ هلڪائي برقرار رکڻ لاءِ هڪ- طرفو عمل ڪندا هئا. پر هن ٻَڌيءَ جو وڏو مقصد، ملازمن کي ڪم ڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلجهاءَ جي پڪ ٿي. متي جاتايل مامري ۾، تڪرار ٿن سنڌي واپارين جي ٽياڪڙيءَ لاءِ موڪليو ويو، جن ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ فيصلي هيٺ هڪ ڌر تي ڏنڊ وڌو ويو. ٽيل فيصلي تي منجهائن ٻن ڄڻن صحيحون ڪيون، ۽ جيئن ته اهو فيصلو ٻيءَ ڌر نه قبوليو، تنهنڪري مامرو نيٺ عدالت ڏانهن موڪيلو ويو. ٽياڪڙيءَ هيٺ هڪ ڌر تي وڌل ڏنڊ، جيڪو ان ڌر رد ڪيو هو، وارو ساڳيو مثال قونصلر عدالت ۾ موجود آهي، جنهن مان هي نتيجو نڪري ٿو، ته سنڌورڪي واپارين منجهه تڪرار نبيرڻ لاءِ ڪوبه 'اندروني' طريقيڪار موجود نه هو، ۽ متاثر ٽيل ڌريون عدالت ڏانهن وڃڻ کان نه هٻڪنديون هيون.

واپاري برادرين تي لڪيل هاٺوڪي ادب جو ٻن سببن ڪري 'امن آشتي' واري اپياس ڏانهن جهڪاءُ رهيو آهي: پهريون سبب هي آهي، ته اهو ان تصور کان متاثر رهيو آهي، ته واپارين هم آهنگيءَ کي وڌائڻ لاءِ پاڻ ڪوششون ڪيون هيون، ۽ ٻيو سبب هي، ته گهٽ ڏيان عدالتي مواد تي ڏنو ويو آهي، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ڳولڻ ۽ استعمال ڪرڻ ڏکيا آهن. بهرحال، واپاري برادريءَ منجهه تڪرار جي عنصرن تي تمام گهڻو زور رکڻ جو ڪائيتو ٿيندو. معاشي مفادن هيٺ مستقل طور هڪ واپاري ٻئي واپاري خلاف سازشون ڪندو رهي ٿو، پوءِ ڀلي اهي پاڻ ۾ پائيوار هجن، ۽ باقاعدگيءَ سان منجهن تڪرار ٿيڻ ڪا اچرج جي ڳالهه نه آهي. اهو ڪنهن قدر توازن جو سوال آهي. ڇا ساڳئي شهر جي واپارين وچ ۾ 'پئنچاتي' ٻڌي، نجي ڌرين وچ ۾ ٿيل اڻتر تڪرارن کي مناسب طور روڪڻ ۽ عوامي آڪاڙي ۾ هڪ ٻئي جا وڪا پڌرا ڪرڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي، جو نيٺ حقيقي واپارءِ برادريءَ جي تصور ۾ مفاهمت ٿئي؟

هن سوال جو مثبت جواب، ساڳئي شهر جي واپارين وچ ۾ ڀروسي جي لاڳاپي جي موجودگيءَ بابت ڪامل مفروضي سان لاڳاپيل آهي. بهرحال، اهو مفروضو گهڻا مسئلا پيدا ڪندڙ آهي.

### ڀروسي جو مامرو

اهڙي ڪابه مجيل وصف نه آهي، ته ڪهڙي ڳالهه واپاري لاڳاپن ۾ ڀروسو جوڙي ٿي، پر اهو مجيل آهي، ته اهو ڪاروهنوار جي ڪامياب رويي ۽ ڪردار جو هڪ ضروري جزو آهي. ڪاروهنوار ۾ ملوث گماشتن يا نمائندن وچ ۾ ڀروسي جي طريقيڪار جي موجودگيءَ کان سواءِ، مارڪيٽون حقيقي طور ڪم نٿيون ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن. بهرحال، پيروسي جو ڪاٺو لڳائڻ جو، منفي انداز ڪانسواءِ، سندس پيچيدگيءَ سان ٽيل مالياتي نقصان جي صورت ڪانسواءِ ٻيو ڪو طريقو نہ آهي. پيروسو ڪيترن ئي طريقن سان پيدا ڪري سگهجي ٿو، پر اڪثر هيءَ تعبير ڪيو وڃي ٿو، تہ اهو گماشتن يا نمائندن وچ ۾ اثرائتي لاڳاپن جي موجودگيءَ کان اڳ سيني کان وڏيڪ پيروسي وارو طريقو آهي.

اهڙيءَ ريت انهيءَ خيال جو، جن واپارين جي ڪنهن ڌر جو ساڳيو مذهب، نسل ۽/ يا ذات يا جاگرافيائي بنياد ساڳيو هجي ٿو، تن منجھ عام طور متيءَ مائٽيءَ جو گهاٽي واپاري سرشتي ۾ اظهار ٿئي ٿو. تنهنڪري 'فطرتي طور' چئجي تہ پيروسو ائين وڌي ويجهي ٿو، تنهنڪري ان کي پيروسي پيدا ڪندڙ اُپائن جي سرشتي وسيلي پيدا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. پيروسي جو هن 'نامياتي يا عضوياتي' يا 'بنيادي' خيال کي، اثرائتي تعلقاتن جي جاٽايل ميڙ ۾ سمايل جي حيثيت سان، نئين اداراتي معاشيات کان متاثر ليکڪن للڪاريو آهي، جيڪي انهيءَ ڳالھ جي ابتڙ پيروسي ۾ ملوث عقلي تخميني جي عنصرن تي زور ڏين ٿا. (24) اهي ٻڌائين ٿا، تہ پيروسو ڪيئن ڪردار بابت اُميدن سان لاڳاپيل هجي ٿو ۽ ڪيس نيٺ ساک سان نپائٿو پوي ٿو. هنن جي خيال ۾، ڪو گماشتو يا نمائندو رڳو ان وقت ڪاروهنوار ۾ ڪنهن ٻي ڌر تي، سندس ساڪائتي بنياد تي پيروسو ڪندو، جڏهن هُو ٻي ڌر مان خاص انداز سان ورتاءُ، جيڪو ڪامياب ڪاروهنوار جي لاڳو ٿيڻ جي تعبير هوندو، جي عقلي اُميد ڪري سگهندو.

انهيءَ ڳالھ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي، تہ پيروسو هڪ واپاري- سرشتي جي ڀائيوارن وچ ۾، ٻين واپاري سرشتن جي ڀيٽ ۾، وڏيءَ رسد ۾ ضروري نہ آهي. سڀ کان پهرين وڏي پيماني تي مروج ان غلطيءَ کي رد ڪرڻ ضروري آهي تہ رشتيداري ۽ خاندان، پيروسي لاءِ رعايتي جنم ڏيندڙ ميدان آهي. هندستاني تجارتي واپارين جي تاريخ ساڳئي خاندان جي ڀاتين وچ ۾ تڪرارن بابت ڪهاڻين سان ڀري پئي آهي، جنهن سبب ڪنهن دؤر ۾ ڪامياب سمجهي ويندڙ فرم وڃي ڦِر ڀيڙي ٿي. ڀائرن وچ ۾ خاص ڪري ڏٺو ويندو، تہ ساڳئي پيءُ جي اولاد ۾ خاص ڪري ڀائرن ۾ مخالفت ۽ تضاد، تڪرارن ڏانهن سگهارو هرڪائيندڙ آهي ۽ پيروسي لاءِ قاتل زهر آهي. هڪ جاٽايل واپاري سرشتي جي غير- رشتيدار ڀائيوارن وچ ۾، پيروسو 'عام' واپارين جيان، ساڳين حدبندين جي ماتحت هوندو آهي. بهرحال ساک، ٻين نقطي نظرن کان وڏيڪ هڪ خاص واپاري- سرشتي جي تناظر ۾، رفتار ۽ سهوليت، جنهن سان جاڙ گردش ڪري ٿي ۽ متس نظر رکي سگهجي ٿي، سبب وڏيڪ مضبوط هوندي آهي. سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپارين وچ ۾ ايمانداري لاءِ ساک، بازاري افواهه جي بنيادن تي سادي طور مضبوط نه هوندي هئي، پر ڪاروهنوار ۾ ماضيءَ جي ڪردار ۽ ورتاءَ بابت گڏ ٿيل ڄاڻ جي گهڻي وهڪري ۾ سمايل هوندي هئي، جنهن جو اڪثر لکيل مواد به هوندو هو، جنهن تائين سولائيءَ سان پهچي وڃبو هو. بهرحال، نتيجو هي ڪڍجي ته هڪ سنڌورڪي واپاري ٻئي سنڌورڪي واپاريءَ تي سولائيءَ سان ڀروسو نه ڪندو هو، جو ته هو حيدرآباد سان تعلق رکندڙ هوندو هو: هو متس تڏهن ڀروسو ڪندو هو، جڏهن وٽس ليکي چوڪي جو صاف مواد هوندو هو، جنهن جي سولائيءَ سان پڙتال ٿي سگهندي هئي. ٻئي پاسي بي ايمانيءَ ۽ دوکي جي ڪردار يا ورتاءَ بابت ڄاڻ جي پڌري ٿيڻ تي، ساک سولائيءَ سان تباهه ٿي سگهندي هئي، ۽ اهڙو نقصان، جيڪو ورلي ئي ڪنهن کي ٿيندو هو، تنهن جو ٻيهر بحال ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. (25) شڪارپوري يا سنڌورڪ واپارين جي برادريءَ منجهه ڀروسو، رشتيداريءَ جو هترادو نتيجو يا شهري ماڻهن وچ ۾ استحڪام نه هوندو هو، پر انهيءَ طريقي جو نتيجو هوندو هو، جنهن ۾ ماضيءَ جي ڪردار بابت معلومات اهم ڪردار ادا ڪندي هئي.

ڀروسي واري رابي جي 'بنيادي' خيال جو لڳاتار منطقي نتيجو اهو خيال آهي، ته ساڳئي 'برادريءَ' سان لاڳاپيل واپارين وچ م زباني معاهدن جو، لکت جي معاهدن جي ڀيٽ م، عام رواج آهي: نمائندن وچ م هٿ ملائڻ يا طبعي معاهدن جي ڪجهه ٻين صورتن کي، لکيل معاهدن کان وڌيڪ وزنائتا سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن اُتي اها حالت موجود هئي، ته پوءِ واپاري لکت جا اهڙا معاهدا ڪرڻ جي تڪليف ڇو وٺندا هئا، جنهن ۾ هڪ وڪيل کي پاڙي تي ڪرڻ ۽ ڪجهه سرڪاري فيون ڏيڻ شامل هوندو هو؟ جيستائين سنڌي واپارين جو تعلق آهي، ته انهن ۾ واضح طور ڪجهه نُڪتن جي خيال کان، خاص ڪري ڀائيواريءَ وارن مامرن ۾ لکيل معاهدن جو لاڙو هوندو هو. انهيءَ ڳالهه کي برطانوي- هندستاني عدالتي سرشتي جي متعارف ٿيڻ جو، سنڌ م سڌي اثر جي حيثيت سان ڏسي سگهجي ٿو، جو ان کان اڳ اُتي زباني شاهدين تي لکيل معاهدن کي اوليت حاصل هوندي هئي. هي دليل پڪ سان ڪارائتو آهي، پر رڳو ڪنهن نُڪتي تائين. لکيل معاهدن کي قبولڻ نئين عدالتي- قانوني سرشتي جي اوليتي طور مڃتا رهي آهي، پر وقت گذرڻ سان اهو اندروني معاملو بڻجي ويو ۽ واپاري لکيل معاهدن کي ذهني طور مڃي وٺندا هئا.

هيءَ ڳالهه، مقدمي بازي جي سموري سوال ۽ برطانوي- هندستان م عدالتي سرشتي سان سنڌس ناتن کي کولي ٻڌائي ٿي. ڇا مقدمي بازي عدالتي سرشتي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪو رستو نہ هوندو، لڳاتار 'ليکي چوکي' ۾ گڙٻڙ ڪرڻ ڏانهن مائل رهندا هئا. انهن ملازمن ۾، جن تي ڪم ڪرڻ جي ذميواري هوندي هئي، پر بلڪل ويجهڙائيءَ کان نگرانيءَ جي ماتحت نہ هوندا هئا. ڪم کان نتائڻ ۽ گهُٽون هٽڻ جو لاڙو هوندو هو. گهورڙيا انهن شين يا وکر جو ڪجهہ حصو پاڻ وٽ رکڻ جو لاڙو رکندا هئا، جيڪي وڪڻڻ لاءِ کين سونپيون ويندييون هيون. بئي پاسي سيٺ يا مالڪ، اڪثر ملازن يا پائيوارن جو وٽن رهيل نفعو، پورهيت- پائيوار کي ڏيڻ کان نتائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. گڏوگڏ اُهي ملازمن کي پگهارن جي ادائيگيءَ ۾ دوکو ڪندا هئا ۽ سدائين گهورڙين کي معاهدي ۾ تجويز ڪيل معيار ۽ مقدار جون شيون نہ پهچائيندا هئا.

هنن مامرن ۾ پائنجي ثو، تہ ڏوهي ڌُر اڪثر اهو فرض ڪري وٺندي هئي، تہ شهري ماڻهن وچ ۾ پائيچاري سبب هُو سزا کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. ٻين لفظن ۾ پائيچاري بابت ڪامل مفروضو اعتماد ٽوڙڻ لاءِ طاقتور پينيلائيندڙ ٿي سگهي ٿو. معلوم ٿئي ٿو، تہ ڏوهي ڌُر اڳيئي اهو ڪاٿو لڳائي وٺندي هئي، تہ متاثر ٿيل ڌُر عدالت ۾ وڃڻ ۽ عوام آڏو ڪيس خوار ڪرڻ کان نقصان قبولڻ کي اوليت ڏيندي. ۽ هتي ڪجهہ خاص مامرن ۾ ورتل جائزي مان هي مفروضو بيشڪ غلط ثابت ٿيو، ۽ متاثر ٿيل ڌُر قانوني ڪارروائيءَ جي واٽ ورتي. پر ڪو ماڻهو قانوني طور ويچاري سگهي ٿو، تہ انهن ٻين انيڪ مامرن ۾ عدالت کان ٻاهر مامرا نبيرڻ کي اوليت ڏني. بدقسمتيءَ سان اسان عدالت ۾ پيش ٿيل مقدمن جي عدالت کان ٻاهر ٿيل نبيري جي انگ بابت نٿا ڄاڻون، تہ اهو ڪيترو هو.

هڪ اهم سوال هيءَ آهي، تہ ڇا مقدمي بازيءَ ۾ واپارين جي ڦهلاءَ ۽ اجتماعي ضابطن جي ڀڃڪڙي ۽ جاچ پڙتال سان، جيڪا ضروري ۽ مشروط ٿي سگهي پئي، واڌارو ٿيو هو يا نہ؟ سوال پُڇڻ جو ساڳيو انداز، دوکي ۽ تڪرارن جي انيڪ مقدمن، جيڪي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري وراثتن جي مسئلن سان لاڳاپيل هئا، تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

گڏوگڏ اُتي برادريءَ جي ويجهڙائيءَ کان اُٽيل نوعيت هوندي ہ، جيڪا برادري قاهره ۾ شهري ڪردار ۽ متعدل ماحول کان ثابتيءَ ۾ وڌيڪ هئي، تنهن ۾ موقعي پرستاڻا رويا مروج هئا. خاص طور وراثتن جي مامرن جو نفعي جي موقعن جي حيثيت سان جائزو ورتو ويو ۽ ڪجهہ شڪارپورين واضح طور، مختلف وراثتن سان لاڳاپيل حُجت جوڳن سرگرمين جي بنياد تي دولت ڻاهي. رِيئو هن رويي کي اخلاقي اعتراض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳو سمجهندي چيو، ته شڪارپوري واپاري انهن روين کي وچ ايشيائي ملڪن سميت شڪارپور ۾ قانوني سمجهندا هئا. (28) معلوم ٿئي ٿو، ته موقعي پرستائي رويي جي قانونيت، مضبوطيءَ سان ڳنڍيل قدرن جي جوهر واري وجود سان بنيادي طور اڻ نهڪندڙ آهي. هيءَ اُبتي ۽ عقل کان وانجهيل ڳالهه. اسان کي 'موقعي پرستيءَ' جي معنيٰ ۾ وڌيڪ 'عبارت جي متن سان لاڳاپيل' پڙهڻيءَ ڏانهن شايد وٺي ويندي. هن متن سان لاڳاپيل معنائتي پڙهڻيءَ کي ڦهلاءُ ۽ هٿرادو جلاوطنيءَ جي حقيقت کي ڌيان ۾ آڻڻ گهرجي. سنڌ جي هندو واپارين لاءِ، سنڌو درياهه کان پري ۽ بولان لڪ اُڪرڻ جي سفر تي ڪابه ظاهري مضبوط روڪ نه هوندي هئي، عورتن جي سفر لاءِ پابندي ٿي، ته گهٽ ۾ گهٽ بچيل روڪ ۽ منع جي موجودگيءَ جو اشارو هوندو هو. ڇا هي ممڪن نٿو ٿي سگهي، ته ڪنهن شخص طرفان هڪ پيرو پنهنجو اباڻو وطن ڇڏڻ تي اهو رسمن کي نسبتي بنائڻ جو عمل ٿيو هجي؟ ٻين لفظ ۾، جيڪا ڳالهه شڪارپور ۾ ناقبوليت جوڳي موقعي پرستائي رويي جيان منظور ٿئي ها، سا ڳالهه بخارا ۾ قبوليت جوڳي ٿيجي وئي هئي.

'اخلاقي معاشيات' جو تصور، جيڪو ڦهليل سنڌي واپارين منجهه مروج هوندو هو، سو ڪنهن حد تائين لچڪيدار ٿيندو هو. هڪ اهم عنصر جيڪو هن لچڪيداريءَ ڏانهن منسوب ڪيو ويو، سو پائيچاري ۾ ڳنڍيل ڪوڙي رشتيداريءَ جو ڪردار هو. پائيبند اصطلاح جو مطلب، تيزيءَ سان ذات جي خيالي حيثيت سان استعمال ٿيندي به، بنيادي طور 'پائرن جو ميڙ' هو، ۽ سنڌي واپارين منجهه پائيچاري کي نظريي جي سطح تائين وڌائي ترقي ڏني ويئي. پائيچاري جا ناتا برقرار رکڻ اخلاقي ذميواري هوندي هئي، ۽ ان جي ڪابه ڀڃڪڙي اخلاقي ڦِٽڪار ۽ لعنت ملامت جو ڪارڻ بڻبي هئي. پورٽ سعيد ۾ هڪ سنڌي فرم، عوام آڏو هڪ سنڌي واپاريءَ جي بي ايمانيءَ واريءَ واپاري سرگرميءَ بابت ڇاڻ پڏري ڪئي، تنهنڪري جنهن سنڌي واپاريءَ تياڪڙي ڏانهن رجوع ڪيو هو، تنهن هُن جي حق ۾ فيصلو ڏنو، توڙي جيڪا ڇاڻ پڌري ڪئي وئي هئي، تنهن جو صحيح هجڻ هن مڃيو هو. پر تياڪڙ زور ڏنو، ته بيان 'وضاحت ڪانسواءِ' ۽ 'ناپاڪ' مقصدن سان پڌرو ڪيو ويو هو. هن وڌيڪ چيو، ته اهو قدم 'ڪافي غيرڪاروباري ڳالهه جهڙو' پڻ هو. هن ڌرين کي هڪٻئي ڏانهن شاندار روپ ورتائڻ ۽ ننڍڙن مامرن کي اهميت نه ڏيڻ ۽ مدائين دلين ۾ پائيچاري وارن احساسن سان رهڻ واري اعلان سان پنهنجو فيصلو ٻڌايو. (29)

واپاري- سرشتي جي رکنن وچ ۾ پيروسو، 'عقلي تجرباتي' رابطي وچ ۾ مستقل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفاهمت جو نتيجو هوندو هو، جنهن ۾ ماضيءَ جي ڪردار جي حيثيت اهم ۽ وڏيڪ اثرائتي پڻ هوندي هئي، جنهن ۾ پنهنجي پاءُ تي پروسو ڪرڻ جي اخلاقي ذميواري هوندي هئي، پوءِ پيلي جيڪو به سنڌن اصلي رويو هجي.

هي پڻ وسارڻ نه گهرجي ته سنڌي واپارين جون وسنديون، پوءِ پيلي اهي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين يا مصر ۽ پاناما ۾ سنڌورڪي واپارين جون هجن، سي گهڻو ڪري مڪمل مرداڻيون برداريون هونديون هيون. جيتوڻيڪ سنڌن 'شهوتي معاشيات' جيئن اڳتي ڏنو ويندو، نتيجي جي سطح تي عورتن جي غيرموجودگي، مردن وچ ۾ تعلقاتن جي شدت کي وڌائيندي هئي. شهوتي انتشار ۽ نتيجي واري اثرائتي محروميءَ وسيلي هر ڪايل چڪتاڻ منجهه، جارحاڻي رويي جي خاص صورتن ۾ تبديلي ڏني وئي آهي. وچ ايشيائي ملڪن مان مليل ثابتين مان پتو پوي ٿو، ته شڪارپورين وچ ۾ ٿيندڙ ڦڏا ۽ جهيڙا جهڙتا غيررواجي نه هوندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪڏهن موت به واقع ٿي ويندو هو، ۽ ٻيو هيءَ ته چوريون به ٿينديون هيون. بخارا ۾ مڪيه شڪارپوري سرائين منجهان ٿيل چوري، جنهنڪري خاص اسڪينڊل نروار ٿيو هو، سميت دوکي ۽ ٺڳيءَ جا مثال پڻ گهڻا آهن، جو ڪين اتفاقي نٿو ڪوٺي سگهجي. قاهره قونصلر عدالت جي خزاني مان مليل ثابتين مان ڦڏن قرڙن ۽ مصري راڄڌاني ۾ سنڌورڪي برادريءَ ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ چوريءَ جي طريقن جو پتو به پوي ٿو.

مردن جون عورتن کانسواءِ وسيع علائقن ۾ ڦهليل ننڍڙيون وسنديون، سمنڊ جي سوين ميلن ۽ ڏکين جابلو رستن سبب پنهنجي پيائرن جي ويجهين وسندين کان ڏار ٿيل هونديون هيون. تنهنڪري ظاهري طور ورتاءَ جي سخت رواجن سان چنبڙڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو: تنهنڪري، موقعي پرستاڻن ۽ ڦڏائي روين جي انيڪ روين جي ترقي ٿي، جن کي اُتي موجود پنچاڻتون روڪڻ کان لاچار هونديون هيون.

عورتن کان ڊگهي عرصي تائين ڌار يا پري رهڻ، هندستان کان ٻاهر هندو واپاري بردارين جي عام خاصيت هوندي هئي، ائين فيصلائتي طور مردن منجهه ڪردار جا طريقا متاثر ٿيا. بهرحال، واپاري- سرشتي ۾ سڌيءَ ريت ملوث هوندي به عورتون انيڪ طريقن سان واپاري- سرشتي تي اثرانداز ٿينديون هيون.

## پکڙيل واپارين ۾ شهوتي معاشيات جا ٿي نمونا

سنڌ جي هڪ عملدار، اقراري پرڏيهه ڏانهن لڏپلاڻ جي منسوخيءَ واري وقت،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڏيهه ۾ رهندڙ هندستاني پورهيتن جي وسندين ۾، خواهش پيري شهوتي شرح واري سوال جو جائزو وٺندي، شڪارپوري ۽ سنڌورڪي واپارين جي، ڪنهن عورت کانسواءِ ڪاميابيءَ سان رهڻ واري عمل جي ساراهه ڪئي آهي. (30) پانئجي ٿو، ته هن جو پنهي واپاري برادرين جي 'شهوتي معاشيات' بابت جائزو گهڻو ڪري تصوراتي رهيو آهي. سڄي دنيا ۾ پکڙيل سنڌي واپارين منجهه، حقيقت ۾ شهوتي معاشيات کي ٽن نمونن ۾ ورڇي سگهجي ٿو، جنهن مان هڪڙي کي 'سنياسي يا مجرد'، ٻئي کي 'مجازي' ۽ ٽئين کي 'ثالث' چئبو آهي.

'سنياسي' نمونو، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين واري حالت ۾ مثالي هوندو هو. هيءَ ڳالهه چڱيءَ ريت معلوم ٿئي ٿي، ته شڪارپوري واپاري وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڪنهن عورت کانسواءِ رهندا هئا. تاريخي ماخذن سميت سياحن جي بيانن جي ثابتين مطابق، ڪا شڪارپوري عورت ڪڏهن به وچ ايشيائي ملڪن ۾ نه وئي هئي. پانئجي ٿو، ته هنن جي سفر تي پابندي سختيءَ سان مڙهيل هئي، جنهن جي امڪاني وضاحت هيءَ آهي، ته اها روڪ مردن جي مسافريءَ تي روڪ لاءِ متبادل هئي. رستن تي وڏي پيماني جي عدم تحفظ واري صورتحال به عورتن لاءِ سگهاري مايوسي هوندي هئي، جو سنڌن ساٿي جيڪي هٿيارن بنا ويندا هئا، سي ڪين تحفظ ڏيڻ کان لاچار بڻجن ها.

وراثتي دستاويزن جي ثابتين جو جائزو وٺندي ڏسبو، ته وچ ايشيائي ۾ رهندڙ اڪثر شڪارپوري ماڻهو ڇڙا هئا. سَگهرن ماڻهن جو انگ، جن ماڻهن جو موت درج ڪيو ويو، نموني ۾ جاڳايل انگن کان ٿورڙو گهٽ هوندو هو. وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ سمورا واپاري گهڻي وقت لاءِ پنهنجي زالن کانسواءِ رهندا هئا. هاڻي سوال هي آهي، ته ڇا اُهي اڪيلا ماڻهو، سَگهرا توڙي ڇڙا پنهنجي رهائشي جاين تي عورت- ساٿي ماڻيندا هئا؟ وراثتي دستاويزن جي ثابتيءَ مان پتو پوي ٿو، ته اُهي گهڻي عرصي تائين مقامي عورتن سان لاڳاپا نه رکندا هئا. مقامي وارثن جو ڪنهن به دعويٰ ۾ حوالو ڏنل نه آهي، جو ڪنهن دستاويزن ۾ جاڳايل هجي. جيڪڏهن دعوائن جي غيرموجودگي شڪارپور مان آيل دستاويزن تائين محدود هئي، ته پوءِ اهو ايڏو اهم اشارو نه ٿيندو: واضح طور ديهانت ڪيل واپاريءَ جي وِڌواهه يا ٻين وارثن کي اختيارين آڏو مخالف مدعين کي جاڳائڻ جو ڪوبه سبب نه هو. پر معلوم ٿئي ٿو، ته اهڙن دعوائون جاڳائڻ جي ڪوٽ، ايستائين جو روسي ۽ بخارا اختيارين وٽان جاري ٿيل دعوائن مان به فرض ڪجي ته اهڙو ڪوبه مدعي نه هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مکيہ سبب تہ چو روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ شڪارپوري ايڏا پائيدار لاڳاپا جوڙي نہ سگهيا هئا. تنهن بابت پاڻنجي ٿو تہ اهو مقامي مسلمان آباديءَ جو هندوئن سان رويو هوندو. جيڪڏهن ڪو شڪارپوري ڪنهن مقامي عورت سان، ايستائين جو سُريت جيان بہ لاڳاپا رکڻ چاهيندو هو، تہ ڪانئس پنهنجو مذهب مٽائي مسلمان ٿيڻ جي اميد ڪئي ويندي هئي. (31) انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ ڪجهہ شڪارپوري شايد گهٽو ڪري ازدواجي مقصدن لاءِ مسلمان ٿيندا هئا، پر ڪين پوءِ برادريءَ مان تڙي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو ۽ ايئن سندن مامرا برطانوي عملدارن جي چاڻ ۾ نہ آيا. پاڻنجي ٿو، تہ هيءَ ڳالهہ پڻ جاچائڻ گهرجي، تہ سُني بخارا رياست ۾، شيعا فرقي جي خاص رسم عارضي شادي (متعہ) جو تمام گهٽ واهپو هوندو هو. شڪارپوري، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ٻن ڪان ڏهہ مرد ماڻهو گڏ رهندا هئا. (32) عام طور انهن ڪمرن ۾ رهندا هئا، جيڪي سرائين ۾ هوندا هئا، ۽ اها پئسن سان خريد ڪيل يا ڪرايي تي ورتل هوندي هئي. سمورن همعصر مبصرن هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏنو، تہ اهي ماڻهو عورتن کان سواءِ 'غمگين ۽ ويچارا' ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جنهن صورتحال کي هنن جلاوطنيءَ ۽ مسلمان اڪثريت واري ملڪ ۾ اتليپ ڏکيائون سهندڙ اقليتن جي حيثيت ۾ رهڻ سان منسوب ڪيو. شهوتي ويڳاڻپ ۽ خانداني زندگيءَ جي کوٽ ان 'غمگيني' ڏانهن ظاهري شراڪتي عنصر آهن.

روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ صورتحال پاڙيسري سنڪيانگ کان بلڪل اُبتڙ هئي، جتي شڪارپورين جون اڪثر مقامي ٻوگر عورتون سُريتون يا مقامي قانون مطابق زالون هونديون هيون. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۽ سنڪيانگ ۾، شڪارپوري واپارين جي شهوتي معاشيات جي وچ ۾ تفاوت ٿورڙو وڻندڙ موضوع آهي. ٻنهي علائقن ۾ مسلمان آبادي اڪثريت ۾ هئي، جن وٽ شڪارپوري هندو 'ڪافر ۽ هبچي وياج خور' جي حيثيت سان لعنتي ۽ نفرت جوڳا ماڻهو هئا. پر هوڏانهن، روسي علائقن ۾ مسلمان پنهنجي عورتن تائين شڪارپورين جي پُهچ کي ناڪام بنائڻ ۾ ڪامياب ويا هئا (جيستائين اُهي اسلام نہ قبوليندا هئا)، پر سنڪيانگ ۾ مسلمان ساڳين شڪارپورين کي پائيدار تعلقات جوڙڻ کان روڪي نہ سگهيا. پاڻنجي ٿو تہ انهيءَ تفاوت جي وضاحت پاڻ ۾ ڳنڍيل ڪيترن ئي عنصرن ۾ سمايل آهي. سنڪيانگ ۾، چيني عملدارن ۾ بہ مقامي مسلمان عورتن کي سُريتون رکڻ جو رواج هوندو هو. جڏهن تہ روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ هيءَ حالت روسي عملدارن ۾ نہ هئي. تنهنڪري، اُتي سنڪيانگ ۾ مقامي مسلمان عورتن ۽ غير مسلمان مردن وچ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ڪري سياسي تناظر ۾ برطانوي شهرين ڪي علائقن کان متاثرن مليل رعايتن جي موجودگيءَ سبب، تعلقاتن ۾ وڏيڪ سهپ هوندي هئي. شڪارپوري واپارين منجهه سرڪاري اهلڪار يا نمائندي طور پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي عادت به هوندي هئي، ۽ اُهي عورتن کي پاڻ وٽ 'ويهارڻ' لاءِ طاقت جي استعمال کان به نه ڪيٻائيندا هئا. (33) ٻيو عنصر معيشيت جو مارڪيٽ بنجڻ، موڙيڪاري ۽ زمين جي وسعت سان ڳنڍيل آهي. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ زمين ۾ تيزيءَ سان وڪامندڙ وکر جو لاڙو هو، ۽ اُها زمين عام طور وياج تي پئسا ڏيندڙ، هارين کي قرضن جي ضمانت سان نهڪندڙ حيثيت سان واپرائيندا هئا. ٻئي پاسي، سنڪيانگ ۾ زميني مارڪيٽ اُڻ سُڌريل هئي، ۽ زمين عام رواج تحت، قرض ڏيندڙ ڪاروهنوار ۾ استعمال نه ٿيندي هئي. اڪثر ٻوگر هاري، وياج تي پئسا ڏيندڙ شڪارپورين کان ورتل قرض جي ادائيگيءَ جي ضمانت هيٺ، جيڪا شيءِ گروي رکي سگهندا هئا، سي سندن عورتون ۽ ٻار هوندا هئا. تنهنڪري، شڪارپوري واپاري اڪثر قرضن جي ضمانت سان نهڪندڙ متحرڪ ملڪيت جي حيثيت سان، مقامي عورتون حاصل ڪندا هئا. جيئن ته ٻوگرز هاري، عام طور شڪارپورين کان ورتل قرض ڪين موٽائڻ کان غربت سبب لاچار هوندا هئا، تنهنڪري شڪارپوري واپاري، قرضن جي قسطن جمع ڪرائڻ جي تاريخ ختم ٿيڻ کانپوءِ، عورتن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺندا هئا، ۽ گهٽ وڌ ڪين 'گهر وارين' جي حيثيت سان رکندا هئا. انهن عورتن سان سندن ناتن سبب ڪين منجهائن ٻار به پيدا ٿيندا هئا، جن کي اولاد جيان نپايو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو، ته ثقافتي غلط فهميءَ جي خاص حد شڪارپورين ۽ سندن ٻوگر مقروض هارين وچ ۾ سدائين موجود رهي. شڪارپورين وٽ عورتون قرض جي ادائيگيءَ سان نهڪندڙ هيون، ۽ اُهي سندن تحويل ۾ ايندي به، قرضدار جو مٿن رهيل قرض رد نه ٿيندو هو. معلوم ٿئي ٿو، ته ٻوگر هارين مختلف خيال يا نظريو ورتو ۽ هن انتشار مان وضاحت ٿئي ٿي، ته جو 1933ع ۾ چيني - مخالف يا شڪارپوري - مخالف بغاوت دوران فسادين جو سڀ کان مکيه مطالبو هيءَ هو، ته سندن سمورا قرض رد ڪرڻ سميت، جيڪي عورتون شڪارپورين پنهنجي تحويل ۾ رکيون هيون، سي سندن اصل مالڪن ڏانهن موٽايون وڃن. (34)

روسي وچ ايشيائي ملڪن ۽ سنڪيانگ جي حالتن وچ ۾ ڀيٽ ڪرڻ سان پتو پوي ٿو، ته 'شهوتي سنياسپائي' شڪارپورين جي پيدائشي خاصيت نه هئي. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾، مقامي مسلمان عورتن سان شهوتي طور ڦاسڻ يا لاڳاپو رکڻ کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرهيز ڪرڻ، برادري ۽ شڪارپور ڏانهن وراثتي ملڪيت جي تبديليءَ جي بچاءُ جي ثابتي ئي هئي. جيڪڏهن مسلمان عورتون وراثت لاءِ ڪارائتيون دعوائون ڪن ها، ته عورتن کي بخارا ۽ روسي اختياريون مجبين ها ۽ شڪارپور ۾ رهندڙ وارث سندن وراثت کان وڏي پيماني تي محروم رهن ها. ٻئي پاسي سنڪيانگ ۾ شڪارپورين جون سُريتون، چيني اختيارين جي رويي سبب، شڪارپورين طرفان برطانوي- شهرين جي حيثيت سان علائقي کان مٿانهين رعايتن ڪارڻ، پنهنجي وراثتي حصي جون دعوائون ڪرڻ جي حالت ۾ نہ هيون. جڏهن تہ ڪجھ شڪارپوري پنهنجي سُريتن وٽ پاڻ کي 'سخي' ۽ 'الله لوڪ' طور پيش ڪندا هئا، (35) پر معلوم ٿئي ٿو تہ منجهائن اڪثر مقامي عورتن سان 'متحرڪ ملڪيت' جيان، جنهن جو ڪوبہ حق نہ هوندو هو، ورتاءُ ڪندا هئا.

مقامي عورتن سان شهوتي لاڳاپن ۾ ڦاسڻ کان لنوائڻ بہ رشتيداريءَ جي تعلقاتن کان آزاديءَ جي خاطري هئي، جيڪي ڪنهن وياج تي پئسا ڏيندڙ وياج خور لاءِ خاص اثاثو آهن. جيڪو وياج خور پنهنجي ڏنل قرض تي وڏي شرح سان نفعو وٺندو هو. سماجي ادب جي هڪ مڪتبہ فڪر ڏاريو هجڻ مان، مارڪيٽ تعلقاتن جي جوڙجڪ لاءِ مناسب معروضيت برقرار رکڻ جي خيال کان، ورتل فائدي تي زور ڏنو آهي.

انهيءَ ڏس ۾ ٻين سماجي ماهرن جو وري مختلف رايو آهي، تہ رشتيداري ۽ ويجهڙائيءَ وارا لاڳاپا، واپاري- سرشتي جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار نڀائي سگهن ٿا. بهرحال، جڏهن وياج تي پئسا ڏيڻ واري ڪاروبار جي ڳالھ نڪري ٿي، جنهن جي مڪمل طور تجارتي حيثيت سان مخالف ڪئي وڃي ٿي، تہ ويجهڙائيءَ وارا لاڳاپا ۽ رشتيداري چڱيءَ ريت تصور ڪان ٻاهر نڪري وڃن ٿا. شهوتي سنياسپڻو، ان ننڍي براداريءَ لاءِ، جيڪا مختلف وسيع علائقن ۾ ڦهليل هوندي بہ ننڍين وسندين ۾ پنهنجون ڪاروبار ڪندي هئي، وڏي سطح تي عقلي ورتاءُ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو بخارا ۾ شڪارپورين جي مقدر سان ڀيٽ ڪندو، تہ اهڙي ورتاءَ مان جيڪي فائدا هئن ماڻيا هئا، سي واضح طور سامهون ايندا، جو بخارا ۾ اُهي ڪڏهن بہ ڪنهن فسادي گروھ جي حملن جو شڪار نہ ٿيا هئا. ۽ وري سنڪيانگ ۾ سندن شهوتي حاصلات کين ايڏو تہ خوار ڪري ڇڏيو هو، جو 34-1933ع جي بغاوت واري وقت عوامي سطح تي سندن خلاف ڪاوڙ سامهون آئي.

شڪارپوري واپاري طبقي وچ ۾ شهوتي معاشيات جا امتيازي نمونا شڪارپوري عورتن جي مڪمل غيرموجودگيءَ ۾ سمايل آهن. اهي اشارو ۽ دليل ڏيندا هئا، تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻي وقت تائين ڇڙا رهندا هئا. جيڪا ڳالهه هندو مت جي تصورن کان بلڪل ابتڙ آهي. هيءَ ڳالهه دلچسپ آهي، ته جڏهن رچرڊ برٽن 1870ع جي اوائل ۾ شڪارپور جو دورو ڪيو هو، تڏهن هن دعويٰ ڪئي، ته نوجوان شڪارپوري مرد شادي ڪرڻ ۽ هڪڙو ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ئي پنهنجي سفر تي روانا ٿيندا هئا. (36) پر وراثتن جا انگ اکر ٻي ڳالهه ظاهر ڪن ٿا: وراثتن جي دستاويزن ۾ موجود 118 ماڻهن منجهان اڪثر ماڻهو ڇڙا ديهانت ڪري ويا هئا. ۽ اُهي ماڻهو جيڪي سَگهرا هئا، تن منجهان اٽڪل اڌ ماڻهو بي اولادي يا رڳو هڪ ڇوڪريءَ جي اولاد سان ديهانت ڪري ويا. هاڻي يا ته سر رچرڊ برٽن جي ڄاڻ غلط هئي، يا وري 1870ع جي اوائل ۽ 1890ع جي وچ ۾ شڪارپور ۾ ’شادي مارڪيٽ‘ ۾ بنيادي طور تبديلي ٿيل حالتون ٿورڙو غير امڪاني لڳن ٿيون. اهڙي صورتحال کي ثقافت جي تناظر ۾ ڪيئن صحيح سمجهي سگهجي ٿو، جيڪا مرد وارثن جي ڄمڻ کي ايڏو اتانهون يا مٿين سطح تي رکندي هجي؟ هن خاص حالت کي، گهر سنڀاليندڙ طور فرضن ۾ ڪوتاهيءَ کان وڌيڪ نتائڻ جي حيثيت سان عقلي طور سمجهي سگهجي ٿو. نتاءِ واقعي گهڻي ڊگهي عرصي تائين ٿي سگهي ٿو، جو وچ ايشيائي ملڪن ۾ ڏهن کان ويهن ورهين تائين رهڻ شڪارپورين ۾ عام ڳالهه هئي. بهرحال، انهن واپارين بابت به پتو پيو آهي، جي انهن علائقي ۾ ويهن ورهين تائين زندگي گهارڻ کانپوءِ شڪارپور ڏانهن وچين وهيءَ ۾ شادي ڪرڻ لاءِ موٽيا هئا.

سنڌورڪي واپاري- سرشتي جي ٿورڙو مختلف شهوتي- معشيت جي خاصيت هئي. جيتوڻيڪ اڪثر سنڌورڪي واپاري ۽ ملازم، ايستائين جو جڏهن اُهي شاديون ڪندا هئا، سي پرڏيهه اڪيلا ئي ويندا هئا، عورتن کان نتائڻ ڪڏهن به قطعي نه هوندو هو. 1920ع ۽ 1930ع ۾ مئنيجرن منجهه پاڻ سان گڏ پنهنجي زالن کي وٺي وڃڻ جو وڌندڙ لاڙو هو. جبرالٽر ۾ سنڌورڪي برادريءَ جي ورتل جائزي (37) ۾ انڪشاف ٿيو، ته پنجويهه مئنيجرن مان نَوَ مئنيجر پنهنجي زالن ۽ ٻارڙن سان گڏ رهندا هئا. پوءِ به شهوتي شرح هيٺ هڪ سؤ ويهن مرد ماڻهن ۾ نَوَ ساماڀل عورتون شامل هيون. عام رواجي ملازم ورلي شادي ڪندا هئا، ۽ جڏهن شادي ڪندا هئا، ته ڪير پنهنجي پاڻ سان پنهنجي زالن کي وٺي وڃڻ جي اجازت ڪڏهن به نه ڏني ويندي هئي. بهرحال، ٻيءَ مهاڀاري جنگ دوران دشمن جي ملڪن ۽ علائقن ۾ قاتل سنڌورڪي واپارين جي فهرست مان، جنسي شرح ۾ تفاوت جي سطح جو انڪشاف ٿئي ٿو. معلوم ٿئي ٿو، ته جپان ۾ جنسي شرح موجب اٽڪل هڪ عورت تي ڏهه ماڻهو هئا. (38) بيئي پاسي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لبيا ۾ رهندڙ سموري مقامي سنڌورڪي برادريءَ ۾ شامل واپاري سمورا مرد هئا. (39)

ساموندي بندرگاهن وارن وڏن شهرن ۾، جتي اڪثر سنڌورڪي واپاري ڪافي ڊگهي عرصي تائين رهندا هئا، خاص ڪري سنڌن نسبتي دولت جي اثر ڪي سامهون رکندي ڏسبو، تہ ڪين عورتن سان شهوتي لاڳاپا رکڻ جا موقعا گهڻا هوندا هئا. معلوم ٿئي ٿو، ملازمن ۽ نوڪر طبقي منجهہ، مصر ۽ موراڪو جي عدالتن ۾ داخل ڪيل مقدمن جي ثابتين مطابق، رَنڊين جو 'اچڻ وڃڻ' عام ڳالهہ هوندي هئي. مئنيجرن ۽ آزاد واپارين وٽ اڪثر سنڌن سريتون يا عام قانوني زالون هونديون هيون. مثال طور هيءَ حالت فلپائني بيٽن ۾ هئي، جتي اڪثر سنڌي واپاري ڪافي ڊگهي عرصي تائين رهندا هئا، سي مقامي عورتن سان ڊگهي عرصي لاءِ تعلقات جوڙيندا هئا. (40) پتو پوي ٿو، تہ سنڌي واپارين ۽ مقامي عورتن وچ ۾ شاديون جپان، چين ۽ مصر ۾ ٿينديون رهيون آهن. (41) انهن واپارين منجهان اُهي واپاري، جن پرڏيهہ ۾ رهندي ڪنهن عورت سان مستقل لاڳاپا رکيا هئا، تن جي حيدرآباد ۾ زال ۽ ٻار بہ هوندا هئا. ۽ تنهنڪري ٻن شادين واري صورتحال 'غائب' نہ هوندي هئي، جيڪا اهڙي حقيقت آهي، جنهن جا حيدرآباد تي پڻ اثر پوندا هئا. هاڻي، انهن عورتن ڏانهن موٽڻ جو وقت ٿي ويو آهي، جيڪي پوئتي گهرن ۾ ڇڏيون وينديون هيون.

## گهرن ۾ پوئتي ڇڏيل عورتون

انيڪ نسبتي نوجوان ماڻهن جي ڊگهي عرصي لاءِ ساليانو پرڏيهہ ڏي روانگيءَ جو، ازدواجي مارڪيٽ ڪي ضابطي ۾ رکڻ جو ڪردار نيائڻ سميت، شڪارپور يا حيدرآباد ۾ رهندڙ ڪيترن ئي عورتن جي زندگيءَ تي سڌو اثر ٿيندو هو. اُهي سَگهريون عورتون، جن جا مُڙس پرڏيهہ ويل هوندا هئا، سي رڳو اڪيليون متاثر نہ ٿينديون هيون. اڪثر وِڏواهن جا اڪيلا پُٽ بہ پنهنجي روزگار ڪمائڻ لاءِ پرڏيهہ هليا ويندا هئا. ڪابہ عورت واپاري طبقي ۾ شامل نہ هئي، ۽ اُهي رڳو اُسهيل ماڻهن جون زالون ۽ مائرون ئي هونديون هيون. ڪيترن ئي نوجوان ڇوڪرين جا ڀائر پرڏيهہ اُن لاءِ روانا ٿيندا هئا، تہ جيئن اُهي سنڌن ڏاج لاءِ گهربل ناڻو ڪمائين.

عورتن ڪي هيڪلائيءَ سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو، جو هنن جا گهر تہ سنڌن مرد ڀاتين کان بلڪل خالي هوندا هئا؛ جيڪي رقمون سنڌن گذران جون ذريعو هونديون هيون، سي وقتائتون نہ ايندڙيون هيون، ۽ ورلي سنڌن انتظام يا بندوبست جي خرچن ۽ سنڌن ٻارن جي ڳُهرجن جي خاطريءَ لاءِ نامناسب هونديون هيون. جنهن گهر جو ڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاتي پرڏيهه ۾ سفر دوران ديهانت ڪري ويندو هو، ته سندن ورثوونڻ ۾ ڏکيائون ٿينديون هيون. بهرحال، جن طريقن سان اُهي عورتون پنهنجي مسئلن کي مُنهن ڏينديون هيون، سي گهڻي قدر مختلف آهن.

شڪارپوري عورتن سان لاڳاپيل ڪجهه شاهديون وراثتي دستاويزن وسيلي اسان جي سامهون آيون آهن. انهن دستاويزن مان وراثتي مامري جي صحيح صورتحال جو ڪاتو لڳائڻ جي اجازت ملي ٿي، جيڪي مامري بابت مجيل سچ هيٺ ڪنهن قدر روانا ٿيندا هئا.

سنڌ ۾، بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هوندي، متاڪسر سرشتو مروج هو، جنهن هيٺ وراثتي مامرن ۾ عورتن جا حق تمام گهٽي حد تائين محدود هئا. (42) متاڪسر قانون هيٺ ڪنهن وِڌواهه کي ان شرط سان ته هوءَ پاڪدامن رهندي يا شادي نه ڪندي، پنهنجي مڙس جي ملڪيت مان محدود (حياتيءَ تائين) حصو ملي سگهندو هو، پر رڳو چوٿين نسلَ تائين مرد وارثن جي غيرموجودگيءَ تائين. انهيءَ نقطي نظر کي سامهون رکندي ڏسبو، ته اها ڳالهه ڪنهن قدر اچرج جوڳي لڳندي، ته 118 وراثتن مان، جن ۾ قانوني وارثن جا نالا معلوم آهن، رڳو هڪ عورتن جو وراثتي حق ٻائيتاليهن مقدمن ۾ عدالت مڃيو هو، ۽ اهو ته هن کي وارثيءَ جو سرٽيفڪيٽ به ڏنو ويو هو، ته جيئن هوءَ بخارا جي قانوني اختيارين ۽ روسي عدالتن جي مڃيل دعويٰ مان پنهنجي مڙس جو حصو وٺي سگهي. انهن مقدمن ۾ اڌ کان وڌيڪ، جيڪي قانوني وارث مڃيون ويون هيون، سي فوتين جون وِڌواهون هيون، جيڪي عام طور ڪنهن اولاد بنا يا ڪنهن مرد وارث بنا ديهانت ڪري ويا هئا. ڪجهه مقدمن ۾، وِڌواهه کي عارضي طور ننڍڙن مرد ٻارن جو وارث يو ويو هو. وڌيڪ مزيدار ڳالهه هيءَ آهي، ته ڪجهه خاص مقدمن ۾، جڏهن ڪو فوتي ڇڙي جي حيثيت ۾ ديهانت ڪري ويندو هو، ته ڪٽنب جي عورت پاتياڻيءَ، عام طور وِڌواهه ماءُ کي، قانوني وارث طور مڃيو ويندو هو. هيءَ حقيقت ۾ وارثن لاءِ وراثت هوندي هئي، پر اهو نٿو معلوم ٿئي، ته عدالت انهيءَ مامري ۾ ڪي سنا امتياز رکيا آهن. بهرحال، قانوني شاهديون سڄي ڪهاڻي نٿيون ٻُڌائين. اسان نٿا ڄاڻون ته جن عورتن کي قانوني وارث مڃيو ويندو هو، تن تي سندن پنهنجي ڪٽنب جي مرد پاتين جو مڪمل ضابطو هوندو هو ۽ هٿ وس هونديون هيون يا نه. شڪارپوري عورتن بابت ٻيا دستاويزي ثبوت، سياحن جي بيانن مان ورتل آهن، جن منجهان فرض ڪجي ٿو، ته شڪارپوري عورتن جو، عام طور هندستان ۾ يا سنڌ ۾، ڪنهن ٻئي ڪ کان وڌيڪ پنهنجي ڪٽنبي مامرن ۾ وڌو هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ باب ڪجهه وڌيڪ تفصيل ڏنا آهن. هن انتيهه سالن جي گهرو عورت دعويٰ ڪندي ياد ڏياريو، ته هن جي مڙس نندومل پنهنجي دولت ڪمائڻ لاءِ يارهن سال اڳ، پنهنجي پويان سنڌس ٻه ننڍڙيون ڇوڪريون ڇڏينديءَ، وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويو هو. هوءَ وچ ايشيائي ملڪن کان باقاعدگيءَ سان ايندڙ رقمن بابت ڪجهه به نٿي ٻڌائي، پر اهي ضرور سندس آمدنيءَ جو ذريعو رهيون هونديون. انهيءَ حقيقت مان هي اندازو لڳائيندي چئي سگهجي ٿو، ته شڪارپور ۾ سندس مڙس جي ملڪيت جي ماليت رڳو اٺ سؤ رپيا هئي، جيڪا وراثت جي سرٽيفڪيٽن ۾ جاتايل آهي. بخارا ۾ پنهنجي مڙس جي ڇڏيل ملڪيت لاءِ ايڏو جاکوڙڻ سندس لاءِ موت ۽ زندگيءَ جو مامرو هو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هوءَ پنهنجي رهيل وراثت ماڻڻ لاءِ ايڏي اورچائيءَ سان وڙهي. انهيءَ خاص مامري ۾، ڪماڻي خوشيءَ سان پنهنجي پڄاڻي تي پهتي، ۽ وِڌواهه کي پنهنجي مڙس جو دعويٰ ڪيل سمورو ورثو مليو. ٻيون عورتون ايڏيون سڀاڳيون نه هيون، پر اُهي سڀيئي پنهنجي دعوائن لاءِ وڙهنديون هيون. هڪ ٻيءَ وِڌواهه پنهنجي حالت بابت هڪ ڏاڍي خراب تصوير پيش ڪئي آهي. هن لکيو: 'منهنجي مڙس جي موت کانپوءِ، آءٌ پنهنجي ذريعن تي پاڙڻ لڳس، نتيجي طور آءٌ وڏين مختلف بيمارين ۾ گهيرجي وئي آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي ٻن ڌيئرن سان گڏ ٻُکن ۾ پاهه پئي ٿيان، جن کي پڻ مونکي ئي ڪارائڻو پيارڻو پوي ٿو.' (45) هن وڌيڪ چيو، ته هن وٽ جيڪي ٻه پئسا هئا، سي هن اسٽئمپ، فيس ۽ وراثتي سرٽيفڪيٽ وٺڻ تي خرچي ڇڏيا آهن.

انهن دستاويزن مان اسان کي هينئين- وچين طبقي جي هندو واپاري ڪٽنبن جي دنيا اندر جهاتي پائڻ جي اجازت ملي ٿي، جيڪي پئسا ڪمائڻ پويان هوندا هئا، پر عظمت ۽ رُتبي ۽ گهر کان پري ديهانت ڪندڙن جي حقي مذهبي رسمن جي اهميت بابت ڏاڍو هوشيار ۽ خبردار هئا. 1888ع ۾، روسي علائقن ۾ ٽي سال اڳ ديهانت ڪندڙ هڪ شڪارپوري واپاري جي وِڌواهه ماءُ، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ برطانوي قونصل ڏانهن لکيو: 'آءٌ جهوني ۽ لاچار وِڌواهه آهيان. آءٌ ڪنهن هندوءَ جي موت لاءِ روايتي رسم رواج مطابق مذهبي تقريبن جي ادائيگيءَ لاءِ ورتل قرض ۾ گهڻو ڦاسي چڪي آهيان، ۽ ڪجهه مذهبي رسمون اڃان به ادا ڪرڻيون آهن، تن جي پورائي لاءِ پئسن جي گهرج اٿم.' هن وڌيڪ چيو: 'آءُ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ آهيان، ته منهنجي سرڳواسي پُٽ جي ملڪيت مونکي ڏني وڃي، ته جيئن آءٌ پنهنجي سرڳواسي پُٽ جي آتما ۽ پنهنجي آتما جي فائدي لاءِ گهربل رسمون پوريون ڪري سگهان- جيڪو مونکي تمام گهڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارو هوندو هو.' (46) هتي هڪ پُٽ جي وڃائڻ جي پيڙا، ڪنهن به مالياتي قيمت جي بنياد تي، مذهبي رسمن جي ادائيگيءَ جي خواهش ۾ سمايل آهي.

جيڪي عورتون پنهنجي گهرن ۾ پوئتي ڇڏيون وينديون هيون، تن مان اڪثر عورتون نوجوان هونديون هيون، ۽ سنڌن مڙسن جي غيرموجودگيءَ ۾ شڪارپور ۾ سنڌن شهوتي ورتاءَ ۽ ڪردار بابت سوال اُيرڻ اڻ ٽيٽي ڳالهه نه آهي. مزي جي ڳالهه هيءَ آهي، ته سنياسپڻي جي ساڳيءَ سطح جي توقع انهن عورتن ۾ نه رکي ويندي هئي، جيئن سنڌن مڙسن کان ڪئي ويندي هئي. شڪارپوري عورتن جي شهوتي آزادي ۽ 'زناڪاري' جي ساک سنڌ ۾ هينئر به مشهور آهي. اوائلي يورپي سياحن مان پهرين جنهن انهيءَ موضوع تي لکيو آهي، سو فرينچ سياح فيريئر هو، جنهن 1840ع ۾ پاڙيسري افغانستان ۾ سفر ڪيو هو. هو شڪارپورين سان هرات ۾ مليو هو، ۽ هن هيٺين ڪهاڻي اسان کي ٻڌائي آهي:

'آءٌ هرات ۾ هندستانين سان مليس، جيڪي اُتي پنهنجي ملڪن ڏانهن وڃڻ کانسواءِ، ويهن سالن کان وٺي رهيل هئا، پر سنڌن زالن ڪڏهن به ساڻن ميلاپ نه ڪيو هو. بهرحال، پر منجهانئن هڪڙي واپاريءَ سان سندس پندرهن ورهين جو پُٽ گڏ هو: ۽ آءٌ ڪافي ورهين کان شڪارپور ۾ رهيل سندس ماءُ، ۽ ساڳئي ريت سندس پيءُ جي هرات ۾ رهڻ واري ڳالهه تي سوچيندي حيران هوس، ته هُو هتي ڪيئن آيو: تنهن گهڙيءَ منهنجي هڪ واقفڪار ۽ افغاني واپاري سيد الياس هيءَ ڳُجهارت پيچي ورتي، جيڪو هندستان ڏانهن ڪافي مسافريون ڪندي وڃي چڪو هو ۽ ان ملڪ جي ماڻهن جي رسمن رواجن کان واقف هو. هن جي ٻُڌائڻ مطابق: جڏهن ڪو هندستاني پنهنجو وطن ڇڏي ٿو، ته ان وقت هُو پنهنجي گهرواريءَ لاءِ پنهنجي شلوار جو جوڙو به ڇڏي ٿو، ۽ هن کي جڏهن به شهوت جي فطري خواهش ٿيندي آهي ته هوءَ انهيءَ شلوار جي جوڙيءَ کي پائيندي آهي، ۽ عام طور ڳالهه هيءَ چئبي، ته ايئن سَگهري عورت جي شديد خواهش پوري ٿئي ٿي: اهو معلوم ٿئي ٿو، ته ڪوبه مڙس ان سادي طريقي وسيلي ماڻيل بار کان ڪڏهن به ڪنهن انڪار جو ڪو خواب ئي نه ڏسندو: جيڪڏهن هن ائين ڪيو، ته پوءِ قطعي خواري ليکي ويندي.' (47)

'فاحش' عورتن (48) ۽ 'سنياسي' ماڻهن وچ ۾ شهوتي ورتاءَ ۾ اهڙي قطعي مڪمل ناپاڪائي، اسان جي سچائيءَ کي ٿورڙو ڦهلائڻ جو لاڙو رکي ٿي. بهرحال، جيئن اڳيئي چاڻايل آهي، ڪيترائي اشارا آهن، ته شڪارپور ۾ عورتن کي اڪثر مالياتي مامرن ۾ وڏي سطح جي خودمختياري هوندي هئي، جنهن مان ڪجهه ذهني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ جو پتو پيو ٿو. گڏوگڏ، ازدواجي بستري کان ٻاهر وارث ڄڻڻ خانداني دولت جي ورڇ جي خطري جو ڪارڻ نه بڻجندو هو. خاص ڪري جيڪڏهن شهوتي- پائيوار عورت مقامي، جيڪا اڪثر 'رولو افغان' (جيڪي شڪارپور ۾ تمام گهڻا هوندا هئا) جي حيثيت سان ٻڌائي ويندي هئي. ٻئي پاسي، وچ ايشيائي ملڪن ۾ مڙس طرفان ڪا سُريت يا زال ويهارڻ يعني پيو ڪٽنب ڏارڻ اهڙي نتيجي ڏانهن وٺي وڃي ها. تنهنڪري، اهو واضح دليل ڏئي سگهجي ٿو، ته ان خاص ماحول ۾ مردانگي شهوت جو دٻاءُ، عورتاڻي شهوت کي دٻائڻ جي پيٽ ۾، ڊگهي مُدي تائين خانداني مفادن جي بچاءَ لاءِ وڏيڪ ذريعو هوندو هو. معلوم ٿئي ٿو، ته شڪارپوري واپاري خاندان جي خاص 'شهوتي معاشيات'، واپاري- سرشتي جي طبقاتي تناظر ۾ سندن وارثن لاءِ عمليت رهي آهي، جنهن ۾ پنهنجي گهر ڏانهن مڙس جي باقاعدي اچڻ ناممڪن ڳالهه هئي، ۽ گهر ۾ رهندڙ مرد مائٽن جي کوٽ، جنهن مان گهڻا وچ ايشيائي ملڪن يا ڪنهن ٻين ملڪن ڏانهن ويل هوندا هئا. تنهنڪري عورتن تي ضابطو رکڻ ڏکيو ماٺرو هوندو هو.

حيدرآباد ۾، جتي واپاري مرڪزن ۽ واپار جي اصلي جاين وچ ۾ تمام گهٽي گردش هوندي هئي، تنهنڪري خاندان جو عورتن تي وڌيڪ ضابطو هوندو هو، ۽ غيرقانوني 'حرامي' ٻارن بابت کي به ڪهاڻيون نٿيون ٻُڌجن (جيڪا اصل صورتحال هئي، تنهن بابت ڄاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي). مقامي پائيبند عورتن جي پريشاني ۽ ويڳاڻپ به برهما ڪماري نالي ناهيل خاص هندو فرقي ۾ مرڪزي جاءِ ورتي. اها تنظيم حيدرآباد ۾ 1930ع ڌاري جوڙي وئي هئي ۽ هاڻوڪن ڏينهن ۾ عالمي مظهر بڻجي چڪي آهي. لارينس ٻٻ پهريون ماڻهو هو، جنهن حيدرآباد ۾ سنڌوَرڪي واپارين جي عورتن ۾ هڪ خاص قسم جي فرقي جي اُڀرڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو. (49) انهن ڳالهين تي روشني وجهندي، پريم چوڌري (50) پرڏيهي سفر تان موٽڻ کانپوءِ مڙس طرفان حيدرآباد ۾ ترسڻ واري ڇهن مهينن جي مختصر عرصي دوران، سمورين شهوتي پيدائشي سرگرمين جي گڏجڻ وسيلي، عورتن وچ ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۽ انتشار تي زور ڏنو آهي. هنن کي انهيءَ عرصي دوران پنهنجي ڪُک ۾ ڪو ٻار، اولينتي طور ڪو پُٽ ڳرڀ ۾ وٺڻو هوندو هو، يا وري ڪين تن ورهين جي عرصي لاءِ سُنڌ رهڻو پوندو هو. ساڳي ليکڪا زور ڏيندي چوي ٿي ته: 'عورتن جي پيدائشي عضون جي ڪارڪردگيءَ مٿان دٻاءُ ۽ طلب سندن شهوت بابت رڳو شڪ کي وڌائيندي هئي، جڏهن ته پرڏيهه ويل مردن جي عدم تحفظ واري حالت شهوتي طور اڳيئي

سڪايل عورت کي مجبور ڪندي هئي، تہ هوءَ پاڻ کي پهرين ئي ڏک ۾ سُکي ڪري.' هوءَ ڏباءُ جي ان قسم کي ڪنهن اهڙي فرقي جي ڪاميابيءَ لاءِ سبب جي حيثيت سان ڏسي ٿي، جيڪو عورتاڻي پاڪدامنيءَ ۽ شرافت تي وڌو زور ڏئي ٿو.

عورتاڻي سنياسپائي ۽ مرداڻي پرڏيهہ وڃڻ وچ ۾ سڌي لاڳاپي جي نظريو پنيلائيندڙ آهي، پر هيءَ ڳالهہ نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي، تہ مردن ڪانسواءِ عورت جي اهڙي حالت، نندي ڪنڊ ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ تمام گهٽي عام هئي يا آهي. تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ جي اجان وضاحت ڪرڻي آهي، تہ اهي ڪهڙا سبب هئا جو اهڙو فرقو سنڌورڪي واپارين جي خاص طبقي ۾ پيدا ٿيو ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ ڇو نہ پيدا ٿيو. وڏيڪ حادثاتي ۽ اتفاقي عنصر دادا ليکراج جهڙي گُروءَ جي شخصيت جيان سنڌس پهرين چيلي ٻڌجندڙ عورت آهي، تنهن تي شايد وڌيڪ ڏيڻو آهي. ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ ان فرقي جي حيدرآباد ۾ سخت مخالفت ٿي، جنهن سبب ڪجهہ سالن کان پوءِ، ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان ڏانهن منتقليءَ کان اڳ، ان کي ڪراچي ڪٽئي وڃڻو پيو. ان فرقي جو اُڀرڻ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت نہ آهي، تہ حيدرآباد ۾ عورتون ڪنهن ٻي جاءِ يا ملڪ جي ڀيٽ ۾ مرداڻي حڪمراني جو وڌيڪ جبر ۽ ڏباءُ ڀوڳينديون هيون. بهرحال، جنهن ڳالهہ سبب سنڌورڪي واپاري برادريءَ ۾ سڀ کان پهرين هن فرقي جي اوائلي مشهوري ٿي، سا هيءَ هئي تہ ڊگهي عرصي کان پرڏيهہ ۾ رهيل پنهنجي مڙسن جي زناڪاري بابت پائيبند عورتون خاص عدم تحفظ محسوس ڪنديون هيون. پنهنجي اباڻي شهر کان ٻاهر رهندڙ حيدرآباد ماڻهن جي شهوتي لتاڙ جي گهٽي هاڪ هوندي هئي، ۽ ڪجهہ عورتن کي پنهنجي فرقي جي تبليغ ۾ سڪون مليو هوندو، جيڪو شهوت کي گهٽ حيثيت ۽ عورتن جي صداقت ۽ سچائيءَ تي خاص ڌيان ڏيندو هو.

تاريخي دستاويزن ۾ حيدرآبادي وِڌواهہ جي رڳو هڪڙي درخواست موجود آهي، (51) جيڪا شڪارپوري وِڌواهن جي درخواستن کان لهجي ۾ واضح مختلف آهي. ان درخواست ۾ وِڌواهہ جي لاچار ڪردار تي زور ڏنل آهي. مدعي دعويٰ ڪري ٿي، تہ هوءَ پرديدار آهي، ۽ هوءَ پنهنجي مالياتي مامرن کي سنڀالڻ کان لاچار آهي. بهرحال، هڪڙي مامري جي بنياد تي شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ وِڌواهن جي حالتن وچ ۾ موجود اختلافن مان عام نتيجو ڪڍڻ خطرناڪ ٿيندو.

ٻئي پاسي، حيدرآباد بابت ٽڙيل پکڙيل مواد منجهان، تجارتي ڊائريڪٽرين وسيلي هندستان کان ٻاهر علائقن ۾، خاص ڪري هانگ ڪانگ ۾، عورتن جي واپار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

م شرڪت جون شاهديون ملنديون آهن. ڪجهه مثالن مان معلوم ٿئي ٿو، ته وڏواهون پنهنجي مڙسن جي چڏيل ڪاروبار کي سنڀالڻ ۾ ڪامياب رهيون آهن. هيءَ ڳالهه شڪارپور واسطي ابتڙ ڳالهه آهي، جتي ڪنهن به عورت جو شهر ڇڏڻ ۽ واپاري سرگرميءَ ۾ ملوث ٿيڻ جو پتو نٿو پوي ۽ معلوم ٿئي ٿو، ته اُتي ڪيتريون ئي سَگهريون عورتون ۽ وِڌواهون ڪنهن قدر موڪليل رقمن سان ڇُهتيل رهيون ۽ رڳو وچ ايشيائي ملڪن مان بيقاعدگيءَ سان ملندڙ رقمن تي گذارو ڪنديون هيون. حيدرآباد جي ڪاروباري زندگيءَ ۾ وڏي پيماني تي عورتائي شرڪت هوندي هئي، ۽ هيءَ حقيقت ته خوشحال گهرائي جون عورتون شاهاڻي انداز سان ان ڪري رهنديون هيون، جو پنهنجي عورتن کي هارسينگار ڪرائڻ، زيور ۽ ٺاهوڪا ڪپڙا پارائڻ يا ڏيکارڻ ڪامياب سنڌورڪر واپارين وچ ۾ دولت جي نمائش جو اوليتي وٺندڙ نمونو هوندو هو. پر اهو نٿو معلوم ٿئي، ته حيدرآباد شهر جي عورتن کي، شهوتي- پائيوار جي چونڊ ۽ خانداني زندگيءَ جي مامرن ۾ شڪارپوري عورتن جي ڀيٽ ۾، ڪا ايڏي آزادي مليل هوندي هئي. شڪارپوري عورتن بيشڪ، حيدرآباد جي عورتن جي ڀيٽ ۾، ڊگهي عرصي کان پنهنجي مڙسن کانسواءِ سنڌ ۾ رهندي پڪ سان وڏي قيمت ادا ڪئي، پر مردن جي ڊگهي عرصي کان غيرموجودگيءَ کين پنهنجون ’شهوتي خواهشون‘ پوريون ڪرڻ جا وڏا موقعا آڇيا، جنهن ڏس ۾ معلوم ٿئي ٿو، ته ڪجهه عورتن انهيءَ موقعي کي پنهنجي هٿن مان نه وڃايو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ٺٽي جي بن واپارين طرفان حيدرآباد جي هڪ موتين جي واپاري خلاف، بحرين جي ڪورٽ ۾ داخل ٿيل هڪ ڪيس مان مليل ثابتي ڏاڍي اهم آهي. مدعي عليهان جي بمبئي ۾ وڪالت ڪندڙ پٽ 21 اپريل 1939ع تي بحرين ۾ هندستان حڪومت جي سياسي نمائندي ڏانهن لکيو ته هن جي پيءُ کي ”ڪجهه برطانوي هندستاني واپارين طرفان ساڙ وچان مچرايو ويو هو“ ۽ هن وڌيڪ لکيو: ”هو روڪڙ ناڻي تي پنهنجو سمورو ڪاروبار ڪرڻ جي مقصد سان بحرين ويو هو.... پر اُتي ميسرز ڏمڻ مل ايسرداس جهڙو هندستاني واپاري به هو، جيڪو پڻ منهنجي پيءُ جيان هندستان جي ساڳئي صوبي سنڌ سان واسطو رکندڙ هو. پر، منهنجي پيءُ جو تعلق سنڌ جي شهر حيدرآباد سان هو، ۽ جاڏايل ميسرز ڏمڻ مل ايسرداس سنڌ جي شهر ٺٽي جو رهاڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هتي سنڌ جي حيدرآباد شهر جو ڪو اڪيلو واپاري ڪاروبار ڪونہ ڪري...."
'Dhamanmal Isardas and Rattanchand Dipchand, plaintiffs, vs. Bheroomal T. Relvani, defendant', IOR, Persian Gulf Residencies Records, Bahrain Court Records, R/15/3/69.

2. 1906ع ۾ قاهره ۾ پائيواريءَ تي واپار ڪرڻ لاءِ ڏرين ۾ هڪ معاهدي تي صحيحون ٿيون هيون، تن ۾ هڪ ڄڻو "ڪوڏومل پٽ رامچند هندو پنجابي، حيدرآباد سنڌ جو رهواسي هو." PRO, Foreign Office Records, Cairo consular Court Records, 'K. Khanchand and Kodoomal vs. Naraindas Kishinchand', FO 841/101. See above, Chapter 5.

3. See above, Chapter 2.

4. چين ۾ واپار ڪرڻ لاءِ 1917ع ۾ ٿيل پائيواريءَ واري معاهدي جو ڪم ڪندڙ پائيوار جو نالو گل حسن شاهہ هو. هو حيدرآباد جو رهندڙ مسلمان هو، پر هن بابت ڪا وڌيڪ ڄاڻ نہ آهي. PRO, Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: China, Personal Estates Correspondence, 'Partnership between Vishindas H., Gehimal N. and Gul Hassan Shah, Tientsin 1917', FO 678/2946. See above, Chapter 5.

5. Oral interview with Mr. Lal and Mr. Lokumal Chellaram, London, August 1996.

6. Many of them are listed in Appendix F 'Cast indexes in the Presidency', part IV, 'Remarks on special tribe names in Sind', in Census of India, 1931, vol. VIII, part I, Bombay Presidency. General Report, A. H. Dracup and H. T. Sorley, Bombay, 1933, p. 574.

7. See Thakur, Sindhi Culture.

8. ڏسو 'وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندڙ هندستاني برطانوي شهرين جو دستاويز، جن کي 1890ع، 1891ع ۽ 1892ع واري عرصي دوران پاسپورٽ ڏنا ويا'، Accompaniment to Despatch no. 7 from Bombay to the Secretary of state for India, 17 February 1894, IOR, Political & Secret Correspondence with India 1875-1911, L/P&S/7/305.

1890ع ۾ شڪارپوري واپارين کي ڏنل 124 پاسپورٽن مان تي پاسپورٽ برهمڻن کي ڏنا ويا، جن ۾ بہ سرسوت برهمڻ شامل هئا.

9. See despatch no. 25, 31 August 1897, from Bombay to the secretary of state for India, IOR, Political & Secret Correspondence from India 1875-1911, L/P&S/7/308..

13. See note verbale, 27 August/ 9 September 1914, from Asiatic Department in Russian Ministry of Foreign Affairs to British Embassy, St. Petersburg, enclosed in St. Petersburg despatch no. 262, enclosed



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

in Foreign Office to India Office, 29 September 1914, copy in IOR, Public & Judicial Department Annual Files, File J&P 4231/1914.

14. See Ajit Singh Rye, 'The Indian Community in the Philippines', in Mani and Sandhu (eds.), Indian Communities in South East Asia, p. 734.

16. Mentioned in Indians Abroad Directory.

17. سنگهه ري: انڊين ڪميونٽي ان فلپائينز، ص 756. فلپائين ۾ هڪ سؤ سنڌي هندوئن ڪيٿولڪ عيسائي مذهب قبول ڪري ورتو هو. ان قسم جي مذهبي تبديليءَ جا واقعا ڪينري ٻيٽن ۾ به ٿيا هئا.

18. ماني: انڊين ان جڪارتا.

19. See letter, 2 December 1920, from Indian Association, Manila, to British consul, Manila, copy in IOR, Industries & Overseas Department Annual Files, File 7 of 1921. L/E/7/1173.

20. See British consulate-general, Manila, to Lord Curzon, secretary of state for foreign affairs, 18 February 1921, copy in ibid.

21. See above, Chapter 7.

22. See Chapter 7.

23. PRO, FO 908/8. See above, Chapter 5.

24. See in particular, P. Das Gupta, 'Trust as a Commodity', in D. Gambetta (ed.), Trust: Making and Breaking Cooperative Relations, New York and Oxford, 1988, pp. 49-72.

25. ڏسو: پورٽ سعيد ۾ ايس. بالومل مخالف رَتومل اينڊ سنز، فارين آفيس 846/97، وڌيڪ ڏسو: باب ڇهون.

26. ڏسو: ڊي. سي. ايم. پليٽ: "دي سنڊريلا سروس- برٽس قونصل سنس 1825ع، لنڊن، 1971.

27. ڏسو: پي آر او، فارين آفيس ريڪارڊس، ايمبيسي اينڊ قونصلر آرڪائيوز: مراڪش، فيز قونصلر ڪورٽ، ايف او 909/228.

28. ڏسو: باب ٽيون.

29. ڏسو: سي. ڊي. مُکي حيدرآباد جو خط. ايف او 846/97. وڌيڪ ڏسو: نوٽ 25.

30. ڏسو: 2 نومبر 1916ع تي بمبئي سرڪار جي سيڪريٽري ڏانهن لکيل ياداشت نامو.

31. ڏسو: موهن لال: ٽريولز، ص 130.

32. ڏسو: شويليئر جو بيان: ترڪستان ۾، ص 185-186.

33. ڏسو: آءِ او آر پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ڪريسپانڊينس وِد انڊيا، پوليٽيڪل اينڊ سيڪريٽ ليٽرز فرام انڊيا، 1903، ايل پي اينڊ ايس 7/159.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

# پيڇاڙيءَ جا ٻه اکر: سنڌي واپاري 1947ع کانپوءِ

برطانوي هندستان جي ورهاڱي سبب وڏي پيماني تي سنڌ مان غير- مسلمانن جي هندستان ڏانهن لڏپلاڻ ٿي. واڻين شڪارپور ۽ حيدرآباد کي گڏيل فيصلي هيٺ ڇڏيو هو. اُهي گهڻو ڪري بمبئي ۾ وڃي ترسيا، پر منجهانئن اڪثر اُتي ڪجهه سالن کان وڌيڪ نه رهيا. فرمن جي هلندڙ واپاري- سرشتي جي موجودگيءَ سبب، گهڻو ڪري حيدرآبادي واپارين کي پرڏيهه ۾ وڃي واپار ڪرڻ جي سهولت ملي. تنهنڪري 1950ع کانپوءِ، سڄي دنيا ۾ سنڌورڪي واپارين منجهان ئي سنڌي واپاري طبقو وڏي پيماني تي جُڙيو. اوائل ۾ سنڌي واپارين جو طبقو مڪمل طور واپاري برادريءَ جي حيثيت سان رهيو، پر 1960ع ڌاري مختلف ملازمن ۽ نوڪرين لاءِ عاملن وڏي پيماني تي لڏپلاڻ شروع ڪئي، جن منجهان گهڻا نارٿ آمريڪا ڏانهن لڏي ويا. 1990ع ۾ سنڌي واپاري برادري ٻن نمونن ۾ ورهايل هئي: هڪڙي پاسي، وڏي پيماني تي واپار ۾ رُڌل برادريون، يعني ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ ڪيريبيئن ٻيٽن ۾ پکڙيل سنڌي برادريون؛ ۽ ٻئي پاسي پنهنجي طور مختلف ڌنڌا ڪندڙ برادريون، جن ۾ انتظامي نوڪريون ڪندڙ شامل هئا، سي آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ يونائيٽيڊ ڪنگڊم ۾ اڪثريت ۾ هئا.

## سنڌي هندوئن جي هندستان ڏانهن عظيم ڀاڄ، 1947-1948ع

سنڌي هندوئن بابت معلوم ٿئي ٿو، ته اُهي وڌندڙ هندو- مسلمان ڇڪتاڻ، ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان ڪنهن معاهدي تي پهچڻ ۾ ناڪاميءَ سبب، هندستان ۾ سياسي صورتحال جي اُبتڙ نتيجي هيٺ ورهاڱي لاءِ بلڪل تيار نه هئا، ۽ انهيءَ صورتحال سبب اُهي وڏي پيماني تي اچرج ۾ پئجي ويا هئا. جيتوڻيڪ اڪثر سنڌي هندوئن ڪانگريس جي حمايت ڪئي هئي، پوءِ به معلوم ٿئي ٿو، ته هنن پاڪستان جي جنم مان دلي سڪون وَرتو هو، جو ڪين سر غلام حسين هدايت الله، جنهن جا هندو برادريءَ سان سدائين سُٺا تعلقات رهيا هئا. (1) تنهن جي سنڌ جي گورنر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت سان نامزدگي وسيلي خاص ڪري دلجاءِ ملي هئي. صورتحال ۾ 20 آگسٽ 1947ع تي ڪوئيٽا ۾ ٿيل فسادن ڪان پوءِ تيزيءَ سان خرابي پيدا ٿي، جنهنڪري سنڌ کان هندستان ڏانهن غير- مسلمانن جي پهرين لڏپلاڻ ٿي. سيپٽمبر ۾، بمبئي مان ڇپجندڙ هڪ اخبار ڄاڻايو ته: 'طاقتور پائيبند برادريءَ گڏيل فيصلي هيٺ ملڪ مان لڏپلاڻ ڪئي آهي،' هن وڌيڪ لکيو ته: 'پنهنجي عالمي تعلقاتن مان فائدو وٺندي، هنن پنهنجي موڙي هندستاني مرڪزن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي آهي.' (2) هڪڙي رپورٽ مطابق، اٽڪل هڪ لک پنجويهه هزار شرنارٿي 11 آڪٽوبر تي سنڌ مان روانا ٿيا هئا. (3) هي پهرين لڏپلاڻ غيرشعوري هئي، جيڪا بنهي حڪومتن طرفان جوڙيل يا منظم ڪيل نه هئي، ۽ انهيءَ لڏپلاڻ دوران هندستان ڏانهن ويندڙ ماڻهن ۾ گهٽ ڪري اهي ماڻهو شامل هئا، جن وٽ پنهنجا وسيلا ۽ تعلقات هئا. جيتوڻيڪ تفصيل ۽ انگ اکرن جي کوٽ آهي، تنهن هوندي به اهو وڏو امڪان آهي، ته شڪارپور ۽ حيدرآباد جا ڪيترائي واپاري، جيڪي گهڻو ڪري شاهوڪار شرنارٿي هئا، تن جي هندستان ۾ داخلا ماڻهن جو گهڻو ڌيان نه ڇڪايو.

حقيقي عظيم لڏپلاڻ 6 جنوري 1948ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن ڪان پوءِ شروع ٿي، جڏهن اوڀر پنجاب کان آيل پناهگيرن سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ هندوئن جي ملڪيتن کي لُٽڻ ۽ ڦُرڻ شروع ڪري ڏنو هو. (4) هن واقعي سبب ڊپ ۽ خوف پيدا ٿيو، جيڪو صوبي جي سمورن مکيه شهرن ۾ ڦهلجي ويو. حيدرآباد ۾ اڳيئي، 25 ڊسمبر 1947ع تي ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ هندو اڳواڻن، هندوئن کي سنڌ مان لڏي وڃڻ جو سڏ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. (5) هيءَ لڏپلاڻ جي لهر بنهي حڪومتن طرفان منظم ڪيل هئي، پر تنهن هوندي به تمام گهڻي افراتفري ۽ ڊپ موجود هو. بهرحال، سنڌ ۾ ماڻهن تي ٿيندڙ حملا ڪي گهڻا نه هئا، ۽ ساڳئي وقت پنجاب ۾ ٿيل مونتمار جهيڙن جي واقعن جهڙا به نه هئا. ٻي عظيم لهر وقت اڪثر شرنارٿي پاڻ سان گڏ ڪجهه ڪاڏي پيتي جو سامان ئي مس کڻي سگهيا ۽ هن وڏي لڏپلاڻ سبب بمبئي جي صوبائي حڪومت کي ڪافي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. شرنارٿي ڪئمپون جوڙيون ويون ۽ اڪثر شرنارٿي ڪيمپون دهلي پريزيڊنسي ۾ قائم ڪيون ويون. 1948ع جي وچ ڌاري ٿيل ڳڻپ مطابق: سنڌ ۽ بلوچستان ڪان ڪُل ٻارهن لک غير- مسلم شرنارٿي هندستان لڏي آيا هئا. (6) بهرحال، 1951ع ۾ هندستان جي آدمشماريءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ اٺ لک ماڻهن کان به گهٽ ڄاڻايو ويو، (7) انهيءَ تفاوت جي وضاحت ڪنهن قدر هن حقيقت مان ڪري سگهجي ٿي، ته سنڌ ۾ ورهاڱي ڪان اڳ وڏي تعداد ۾ غير- سنڌي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندڙ هئا، جن ۾ پنجابين، گجراتين ۽ راجستانين جو وڏو انگ شامل هو. اڌ کان وڌيڪ سنڌي ڳالهائيندڙ شرنارٿي بمبئي ۽ سوراشٽر ۾ رهيل هئا، پر اُهي وڏي انگ ۾ راجستان ۽ اجمير سميت مڌيا پرديش ۽ مڌيا پارت ۾ پڻ اچي گڏ ٿيا هئا. بمئي ۾ لڏي آيل شرنارٿين مان چار لک ماڻهن منجهان چاليهه سيڪڙو ماڻهو واپاري ڌنڌن ۾ ملوث هئا. (8) منجهن اڪثر ننڍا ڪاروبار ڪندڙ به شامل هئا. شڪارپوري ۽ حيدرآبادي واڻين جو مُقدر يا ڀاڳ، گهڻو ڪري عظيم لڏپلاڻ ۾ ڪانئن رُسي ويو ۽ اُهي ڪنگلا ٿي ويا، پر وڏن هندستاني شهرن ۾ تجارتي فرمن جي ڪوٺين وسيلي واپاري- سرشتي جي موجودگيءَ سبب کين تيزيءَ سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ملي. (9)

جن شرنارٿين جا پرڏيهه ۾ خانداني تعلقات هئا، تن مان اڪثر 1950ع ۽ 1960ع ڌاري هندستان کان موڪلائي، مختلف ملڪن ۾ پنهنجي پاڻ کي ٻيهر پيرن تي بيهارڻ لاءِ پرڏيهه روانا ٿيا، جتي خاص ڪري سنڌورڪي فرمن جون ڪوٺيون هيون. هن نئين لڏپلاڻ جي خاصيت، 1947ع کان اڳ هلچل واري حيثيت سان پيٽ ڪندي، ڪنهن به صورت ۾ مڪمل طور رڳو مردن جي لڏپلاڻ نه هئي، ۽ ان اڪثر گهٽ يا وڌ مستقل ڪردار حاصل ڪيو. انهن تحريڪن جي انگن اکرن جو ڪو رڪارڊ موجود نه آهي، پر سنڌي واپارين ۽ ملازمن جي 1940ع کان پوءِ مختلف علائقن ڏانهن لوڏ اچڻ تي ڌيان ڏنو ويو، ۽ اهو سلسلو 1950ع ۽ 1960ع واري عرصي دؤران جاري رهيو. هن جي مکيه منزل وڏن سامونڊي بندرگاهه، جيئن هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور، (10) وارن شهرن ڏانهن هئي، جتي سنڌي واپارين اڳيئي پنهنجي پاڻ کي هڪ طاقت طور مڃرائي ورتو هو، پر ٻين منزلن ۾ ڪينري ٻيٽ، جبرالٽر، انڊونيشيا، فلپائين، وغيره شامل هئا. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته سڀ کان وڏي لوڏ هانگ ڪانگ ۾ آئي، جتي 1960ع جي وچ ڌاري سنڌين لاءِ چيو ويو، ته اُهي ويهه هزار هندستاني آباديءَ جو پنجهتر سيڪڙو آهن، يعني منجهن پندرهن هزار سنڌي. (11) هانگ ڪانگ ۾ سنڌي برادريءَ جي شاندار واڌ، 1945ع ۾ برطانيا جي مٿس ٻيهر قبضي وقت ڪجهه سؤ سنڌين جي موجودگيءَ مان، 1966ع ڌاري اٽڪل پندرهن هزارن تائين چڱو انگ ڪو دستاويز يا پڪي ڳالهه نه آهي، پر سڀئي شاهديون بنيادي طور گهڻو ڪري ننڍي سطح جي واپارين جي متحرڪ هجڻ ڏانهن آهن، جن برطانوي بينڪيتي جي معاشي ترقيءَ وسيلي مليل موقعن مان فائدو ورتو. سنڌي واپاري برادريءَ جي پيٽ جوڳي واڌ سنگاپور، انڊونيشيا ۽ ڏور- اوڀر وارن ملڪن مان فلپائين ۾ ٿي. ٻئي پاسي، ڪجهه برادريون نه وڌيون ويجهيون، يا سياسي ڏکيائين سبب جڪڙيل رهيون:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها صورتحال فرينچ- انڊو- چين، الجزائر، موراڪو يا مصر ۾ هئي. لاطيني آمريڪا ۽ ڪيريبين ٻيٽن ۾ ڪجهه واڌ ٿي، پر سڀ کان شاندار واڌ اولهه آفريڪا ۾ ٿي، جتي 1960ع ۽ 1970ع ڌاري نائيجيريا ڏانهن سنڌي واپارين جو، تيل نڪرڻ ڪانپوءِ تيل معاشي ترقيءَ سبب خاص ڪري ڏيان ڇڪجي ويو. سنڌي وسنديون سيراليون، (12) گهانا (13) ۽ لائبيريا ۾ پڻ وڌيون ويجهيون. 1970ع ڌاري تيل نڪرڻ ڪانپوءِ تيل اقتصادي ترقيءَ سبب ڪيترائي سنڌي، جن ۾ واپارين سميت ملازم ۽ ٻين ڌنڌن يا نوڪرين سان لاڳاپيل ماڻهو به شامل هئا، سي خليج ملڪن ڏانهن ڇڪجي ويا، جن علائقن جا آڳاٽي وقت کان سنڌ سان تجارتي ناتا هوندا هئا. شاندار واڌ ويجهه ڪينري ٻيٽن ۾ واقع ٿي، جيڪا ٻيٽن ۾ گهڻي سياحت جي شروعات سان سنڌيءَ ريت ڳنڍيل هئي.

1960ع کان وٺي سنڌي لڏپلاڻ جو نئون قسم جاري آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري عام ملازمت ڪندڙ ماڻهو شامل آهن، پر انهن ۾ وري عامل اڪثريت ۾ آهن، جيڪي آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ يونائيٽيڊ ڪنگڊم ڏانهن روانا ٿيا. انهيءَ لڏپلاڻ بابت ڪا گهڻي ڄاڻ نه آهي، پر هندستان کان آمريڪا ۾ اچي رهندڙن جي مختلف جائزن مان سنڌي ڳالهائيندڙن جي هڪ ڏر جي موجودگيءَ جو انڪشاف ٿيو، جيڪا ڳالهه ڪنهن به صورت ۾ غير اهم نه هئي. (14) ڪجهه سنڌي واپاري اولهه جي ترقي يافته ملڪن خاص ڪري برطانيا ڏانهن روانا ٿيا، جتي 1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌي واپارين جي ڪنهن قدر موجودگيءَ ڏيان ۾ آئي.

ورهاڱي کان اڳ واري حيدرآبادي واپاري- سرشتي جي پيٽ ڪندي ڏسبو، ته هاڻوڪو سنڌي واپاري طبقو بلڪل مختلف شخصيت پيش ڪري ٿو. هي دليل ڏئي سگهجي ٿو، ته هي واپاري طبقو، ڏکڻ ايشيائي نسل جي ابڀرندڙ عالمي بورجوا جو سڀ کان اهم عنصر آهي، جيڪڏهن گهڻي پيماني تي مڃتا نه ڏني وڃي، ته همعصر دنيا جي سياسي معاشيات ۾ وڌندڙ ڪردار ادا پيو ڪري.

ٽيبل 9.1 مان مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي برادرين جي ڪَٽيل انگن اکرن جو پتو پوي ٿو. انهن لڳايل ڪاٿن کي، جاٺايل اڳڪٿين واري ڪم جي حيثيت کان وڌيڪ نه سمجهيو وڃي. خليجي ملڪن ۾ وڏي پيماني تي واپار ڪندڙ ۽ رهندڙ سنڌي برادرين جو، ان علائقي بابت پيروسي جوڳن نسبتي شمارياتي انگن اکرن جي کوٽ سبب، ڪو به ڪاٿو پيش نه ڪيو ويو آهي.

ٽيبل 9.1 مان جيئن ڏسي سگهجي ٿو، ته اتر آمريڪا ۽ يونائيٽيڊ ڪنگڊم کان ٻاهر، سنڌي برادريءَ جي وڏي اڪثريت خاص ڪري ۽ گهڻو ڪري واپار ۾ ملوث


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ نمبر 9.1: عالمي سنڌي واپاري

| مُلڪ جونالو | سنڌي برادريءَ جي تعداد جو تخمينو | ڌنڌي جي جوڙجڪ |
|---|---|---|
| آمريڪا | 50,000 (?) | گهڻو ڪري ملازمت |
| ڪئنادا | 10,000 (?) | گهڻو ڪري ملازمت |
| پناما | 500 | خاص ڪري واپار |
| ڪيريبيئن بيٽ | 1,000-5,000 | خاص ڪري واپار |
| چلي | 200-300 | خاص ڪري واپار |
| انگلينڊ | 5,000-15,000 | ملازمت ۽ واپار |
| اسپين (اڪثر ڪينري بيٽ) | 10,000 | خاص ڪري واپار |
| جبرالٽر | 500 | خاص ڪري واپار |
| مراڪش | 500 | خاص ڪري واپار |
| مصر | 500 (?) | خاص ڪري واپار |
| نائيجيريا | 5,000-10,000 | خاص ڪري واپار |
| اولهه آفريڪا جا ٻيا مُلڪ | 5,000 (?) | خاص ڪري واپار |
| سنگاپور | 5,000 | گهڻو ڪري واپار |
| ملائيشيا | 1,000 | گهڻو ڪري واپار |
| هانگ ڪانگ | 7,500 | خاص ڪري واپار |
| انڊونيشيا | 3,500 | خاص ڪري واپار |
| فلپائين | 4,000 | خاص ڪري واپار |
| ٿائيلينڊ | 1,000 (?) | خاص ڪري واپار |
| جاپان | 1,000 (?) | خاص ڪري واپار |
| تائيوان | 200 (?) | خاص ڪري واپار |
| ڏکڻ ڪوريا | 200 (?) | خاص ڪري واپار |
| ڪُل | 120,000-140,000 (15) | |

ذريعو: انڊونيشيا لاءِ ماني 'انڊين ان جڪارتا'، ص، 109؛ فلپائين لاءِ سنگ ري 'انڊينس ان دي فلپائينس'، ص 719؛ سنگاپور لاءِ، پيرڊواج 'سنڌي ٽرو دي ايج'، ص 355؛ هانگ ڪانگ لاءِ، بي. سو وائيٽ 'ٽربنس اينڊ ٽريڊرس'، ص 123. ڪانسواءِ منهنجا ذاتي تخمينا.

آهي. وسيع انداز ۾ پکڙيل اُهي برادريون، حيدرآباد سان واسطو رکندڙ سنڌورڪي واپارين جي برادرين جون سڌيون وارث آهن، جيڪي 1860ع کانپوءِ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويون هيون. شڪارپوري عنصر گهڻو ڪري آمريڪا ۽ انگلينڊ ۾ به موجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر اُهي تمام گهٽ ڪردار ادا ڪن ٿا. معلوم ٿئي ٿو، ته اڪثر شڪارپوري واڻين ڪم وٺڻ لاءِ مشهور 'ملتاني' گهري واپاري- سرشتي کي استعمال ڪندي، 1947ع کان پوءِ هندستان ۾ پنهنجي پاڻ کي بيهر پيرن تي بيهاريو هو. شڪارپوري واپاري، هندستان ۾ 'ڏيهي' بينڪارن جي آخري ڏرسان واسطو رکن ٿا، ۽ جيتوڻيڪ اهي گهڻو ڪري رسمي معاشيات جي نفعي جو واپار ڪن ٿا، تنهن هوندي به هنن جي اجا ڪجهه اهميت آهي. تازو هاڻي، ڪنهن قدر تبديلي هندستان ۾ سندن واپارين سرگرمين ۾ واقع ٿي آهي ۽ بمبئي جي تعميراتي صنعت تي انهن وڏين فرمن جو مٿن ضابطو آهي، جيڪي اصل ۾ شڪارپور کان لڏپلاڻ ڪري هتي آيون هيون. (16)

## هڪ عالمي بورجوا؟

پرڏيهه آيل هندستاني نسل جا شاهوڪار ماڻهو، گهڻو ڪري غير- رهائشي هندستاني طور سڃاتا ويندڙ واپار، تعليمي ادارن يا بين ڏنڌن ۾ ملوث آهن، سي عالمي بورزوا طبقي سان واسطو رکن ٿا، ۽ اُهي جاگرافي ۽ سماجي طور تمام گهڻو متحرڪ آهن، پر پنهنجي نسلي بڻ بنياد واري علائقي سان ويجها لاڳاپا برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. انيڪ علائقائي ڌُرين منجهه، جنهن مان هي وسيع ڪهڪشان جُڙي ٿي، سنڌي هندو نه ايڏا گهٽا آهن، ۽ نه ئي گهڻو واضح آهن. بهرحال، هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ ويهارڻ گهرجي، ته دنيا ۾ سمورن ڏکڻ ايشيائي واپاري خاندانن ۾ سڀ کان وڌيڪ شاهوڪار هندوڄا آڪهه آهي، جنهن جي خاندان جو واسطو شڪارپور سان آهي، جنهن عالمي سطح تي ايرڻ کان اڳ ايران ۾ پنهنجي ملڪيت ڪمائي هئي. سنڌين تازو هاڻي 'عالمي قبيلي' جي صورت جوڙيندي ڪجهه ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪي اجوڪي عالمي دنيا ۾ پنهنجو وڏندڙ ڪردار ادا ڪن ٿا. (17) هنن لاءِ هتي جيڪا دعويٰ ڪيل آهي، سا وڌيڪ معتدل ۽ نفاست واري آهي، پر اڀرندڙ عالمي ڏکڻ ايشيائي بورجوا جو سنجيده اڀياس هن خاص حصي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهي، جيڪو جاگرافي طور سمورين ڏکڻ ايشيائي ڌُرين ۾ ڪافي ڦهليل آهي، ۽ مالياتي طور هڪڙي اهڙي طاقت آهي، جنهن کي ميڻو آهي، جيئن هندستان جي حڪومت پڻ مڃيو آهي، جنهن هندستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ هن حصي کي پاڻ ڏي ڇڪڻ جي خاص ڪوشش ڪئي آهي.

هيٺ ڏنل مختصر جائزي ۾، سندن تعليمي ادارن ۽ بين ڏنڌن ۾ وڌندڙ شرڪت کي پاسيرو رکندي، سنڌين جي واپاري سرگرمين تي خاص طور ڌيان ڏنو ويندو. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگرمين ۾ سنڌورڪي واپار ۾ بنيادي طور گهڻ رُخي تبديلي، سنڌورڪي واپار واري وقت کان وٺي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڪپڙي جي مصنوعات جو واپار سنڌي واپارين جي ڪاروبار جو مکيه عنصر رهيو آهي، تنهن هوندي به اليڪٽرونڪس شيون ڪپاٽ به ساڳئي ريت اهم ميدان جي حيثيت سان اُڀريو آهي. ٻئي پاسي، نوادرات ۽ لاڳاپيل سرگرمين ۾ واپار (جيئن هار سينگار جو سامان ۽ زيور) جي اهميت ۾ گهٽتائي آئي آهي، جيتوڻيڪ دنيا جي ڪجهه حصن ۾ ان جي اڃا به اهميت موجود آهي. سنگاپور جي سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن جي رڪن فرمن جي جائزي مان انڪشاف ٿئي ٿو، ته 307 فرمن مان 216 فرمون درآمد- برآمد ۾ ملوث آهن، جنهن مان اناسي فرمون عام شين جي درآمد- برآمد ڪن ٿيون، جنهن ۾ اڪثر ڪپڙي جون مصنوعات ۽ اليڪٽرونڪ شيون شامل آهن، جڏهن ته اوڻهتر فرمن کي ڪپڙي جي مصنوعات ۽ ڇاونجاهه فرمن کي اليڪٽرونڪ شين ۾ خاص مهارت حاصل آهي. (18)

مکيه ادارتي جدت ۽ نواڻ خاص حد تائين منتظمي ۽ مالياتي اختيارن جي عدم مرڪزيت رهي آهي. جڏهن ته سنڌورڪي فرمن تي سمورو ضابطو ۽ انتظام حيدرآباد مان رکيو ويندو هو، جڏهن ته نين سنڌي فرمن (جنهن مان اڪثر سنڌورڪي فرمن جا اولاد آهن، يا سڌا وارث آهن) تي مختلف جاين يا ملڪن مان ضابطو رکيو وڃي ٿو ۽ گهڻي لچڪيدار طريقي سان انتظام ڪيو وڃي ٿو. ٻِئي جوڙجڪ، جيڪا واپار جي اصلي جاين کان واپاري- سرشتي جي مرڪز کان بنيادي علحدگي تي رکيل آهي، سا ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي آهي، جيئن بمبئي ۾ ٿيو آهي، پر بمبئي سنڌي واپاري طبقي جو 'روحاني' مرڪز هوندي به، ورهاڱي کان اڳ واري حيدرآباد جو قطعي متبادل نه رهيو آهي. اڄوڪن ڏينهن ۾ اڪثر سنڌي فرمن تي واپار جي پنهنجي ڪنهن هڪ جاءِ تان: جيئن عام طور هانگ ڪانگ يا سنگاپور مان مالياتي ڪمپنين، جنهن جو گرهه (برمودا يا ڪيئي مين ٻيٽن) جي انيڪ مالياتي جنتن مان ڪنهن هڪ ۾ سندن بنياد هوندو آهي، ذريعي ضابطو رکيو وڃي ٿو. فرمن جا سيٺ يا مالڪ ڪڏهن ڪڏهن هندستان ۾ رهن ٿا. سنڌي واپاري ڪٽنب، عالمي ڪٽنب آهن، ۽ مختلف ڀاتي مخلتف ملڪن ۾ رهن ٿا، ۽ وٽن مختلف ملڪن جا پاسپورٽ به هوندا آهن. عام طور بمبئي ۾ هڪ ڀاتي رهندڙ هوندو، پر پيو سجو خاندان ڪنهن ٻئي ملڪ يا جاءِ تي ڳولهي سگهبو. هن پکڙيل جوڙجڪ جو مطلب عالمي دنيا ۾ بدلجندڙ واپاري موقعن کي وڌ ۾ وڌ منهن ڏيڻ سميت نفعي جو محصول گهٽائڻ آهي. جڏهن ته برادريءَ جي مٿئين تهه پنهنجي پاڻ کي هڪ کان ٻيءَ قوم ۾ بدلجندڙ ڏر ۾ بدلايو آهي، جڏهن ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺين درجابندي پنهنجي پاڻ کي مورچابندي ڪندي واپار ۾ سهوليت ڏيندڙ عالمي ناتن سان ڳنڍڻ جو لاڙو رکيو آهي.

سنڌي واپارين جي معاشي ترقي اڃ سڌي رهي آهي. دنيا جي ڪجهه ڀاڱن ۾ اهي نسبتي طور ننڍين مارڪيٽن ۾ محدود موقعن کي واپرائيندي، گهٽو ڪري ننڍي- سطح جا واپاري رهيا آهن. ڪو ماڻهو ڪينري ٻيٽن جو مثال ڏئي سگهي ٿو، جتي پنجن کان ڇهن هزارن تائين سگهاري مقامي سنڌي برادري، جيڪا گهڻو ڪري ٽينيرائيف ۾ رهي ٿي، سوين بازارن جي مالڪ آهي. اتي اهي مختلف قسمن جون شيون وڪڻن ٿا، جن ۾ گهڻو ڪري ڏور- اوڀر وارن ملڪن کان درآمدي وڪرو ٿيندڙ اليڪٽرونڪس جون شيون شامل هونديون آهن. هنن ڪيترن ئي سالن تائين 'محصولن کان آجي علائقي' جي موجودگيءَ مان فائدو ورتو، جيڪو آهستي آهستي يورپي يونين جي ضابطن ۽ قائدن سان نهڪندي ختم ٿيندو پيو وڃي، جنهن جو نتيجو نفعي ۾ زوال ۽ اسپين جي مکيه ملڪ ڏانهن وڌندڙ لڏپلاڻ نڪرندو.

انهيءَ جي ابتڙ نائيجيريا واپار کان شين جي تياريءَ ڏانهن ڪامياب تبديليءَ جو مثال پيش ڪري ٿو. هتي سنڌي مقامي معيشيت ۾ اهم عنصر جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪا جزوي- صحارائي آفريڪا ۾ (ڏکڻ آفريڪا کان سواءِ) وڏي برادري آهي. هڪ تازي ڇپيل ڪتاب (19) نائيجيريائي معيشيت ۾ هندستاني فرمن جي ڪردار ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. سنڌن ڪُل سيڙپڪاريءَ جو ڪاٿو چار بلين ڊالر لڳايو ويو آهي. سنڌي فرمن جو امڪاني طور ڪُل سيڙپڪاريءَ جو پنجهتر سيڪڙو حصو يعني اٽڪل ٽي بلين ڊالر آهي. ڪيترين ئي سنڌي فرمون، جيئن انليڪ (شيوداساڻي آڪهه)، چيلارامس (درياناڻي آڪهه)، ڪيولرام چينراءِ، ٻوچ سنز (چينراءِ آڪهه)، پولي پراڊڪٽس (ٻوچواڻي آڪهه)، ٽيڪسلان (ميرچنداڻي آڪهه)، ورمن (هيمناڻي آڪهه)، ويسٽرن ٽيڪسٽائيل (واسواڻي آڪهه)، چرچ گيٽ (مهتاڻي آڪهه) ۽ اينپي انڊسٽريز (ڪرپلاڻي آڪهه) معيشيت جي ڪيترن ئي شعبن (ٽيڪسٽائيلز، پلاسٽڪ، ڪيميڪل، ايگرو- انڊسٽري، وغيره) ۾ اهم ڪردار نڀائين ٿيون. (20)

سنڌي سرمايدارن جي شيون ٺاهيندڙ صنعتن ۾ وڏي- سطح جي سيڙپڪاري نائيجيريا کان ٻاهر گهٽي نه رهي آهي، جيتوڻيڪ سنڌي فرمن ايشيائي ملڪن جي ڪجهه خاص ملڪن ۾- جيئن هانگ ڪانگ، انڊونيشيا يا فلپائين ۾ (جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو، ته اهي مقامي ڪپڙي جي مصنوعات جي ڏهه سيڪڙو واپار تي ضابطو رکن ٿا: جنهن جو وڏو حصو آمريڪا ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي)، اهم وڏي سطح تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صنعتي سيڙپڪاري ڪئي. (21) عالمي طور سنڌي واپاري ماڻهو، واپارين جي برادري رهيا آهن. سڄي دنيا ۾ پکڙيل سنڌي آڪهين طرفان ثاهيل عالمي واپاري لاڳاپا، نائيجيريا جهڙن ملڪن ۾ سنڌي فرمن جي ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهن، جتي هُو ڏور- اوير وارن ملڪن، گهڻو ڪري هانگ ڪانگ کان درآمد ڪيل شين جي نفعي جي سگهه تي اُپريا. عالمي دلال يا ٽياڪڙ جو ڪردار نڀائڻ ۾ سنڌن اهليت، سڄي دنيا ۾ ڦهليل سنڌي واپاري ماڻهن جو مکيه اثاثو آهي.

لڏپلاڻ جي نئين طريقي، واپاري طبقي جي شهوتي معاشيات ۾ عورتن جو مردن سان گڏجندي ۽ پرڏيهه ۾ پنهنجي ٻارن کي نپائيندي، مڪمل تبديليءَ آندي آهي. اجوڪي دنيا جا اڪثر سنڌي، سنڌ کان ٻاهر يا هندستان ۾ يا ڪنهن پرڏيهي ملڪ ۾ جاوا آهن. سنڌي اڪثر ڪري، جن ملڪن ۾ عارضي وسرام وٺندا هئا، تن ملڪن ۾ بنياد مضبوط ڪندي، آبادڪار ٿيا آهن: هنن ميزبان ملڪ جي ٻولي اختيار ڪندي، ڪڏهن مقامي عورتن سان شادي ڪندي ۽ پنهنجو مذهب مٽائيندي، به سندن قوميت اختيار ڪئي آهي. صورتحال جي تبديليءَ کي ڄاڻائيندي، ڇا اڃا به سنڌي واپاري طبقي بابت ڳالهائڻ معنائتو آهي ؟

پکڙيل ثابتين ۽ مشاهدن مان (اجوڪي سنڌي واپاري طبقي جو مڪمل جائزو هن اڀياس جو مرڪزي نُقطو نه آهي)، اهو معلوم ٿيندو، ته حيدرآباد سان لاڳاپي ۾ برادريءَ جي عدم مرڪزيت، ڇڄڻ ۽ ٽُڪرا ٿيڻ (۽ گهٽ سطح تي شڪارپور ۾ به) سبب واپاري- سرشتو ڪمزور ٿيو آهي، پر گروهي ۽ پنچائتي سمجهه سگهاري تي آهي. تنهن هوندي به واپاري- سرشتو هيٺو ٿيو آهي، جو ته قيرقار، گهڻي وسيع انداز سان واپاري لاڳاپن ۾ داخل ٿيندي مشروط طور محدود ٿي آهي. فرمن وچ ۾ ۽ واپاري- سرشتي وچ ۾، واپاري ڪاروهنوار سان سنڌي فرمن جي مجموعي ڪاروهنوار ۾ زوال آيو. بهرحال، اهم ڳانڍاپو هي رهي ٿو، ته سنڌي واپاري بين ملڪن ۾ ڪنهن غير- سنڌيءَ سان واپار ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ سان واپار ڪرڻ کي اوليت ڏيندو. نيون سنڌي يا اڪثريتي سنڌي ائسوسيئيشنون مختلف ملڪن يا جاين تي ڪافي انگ ۾ ڦُٽي نڪتيون آهن، جيڪي قومي سطح کان وڏيڪ سنڌي واپارين وچ ۾ ناتن ۾ هڪٻئي کي سهولتون ڏين ٿيون. (22) پر عالمي واپار جي وڌندڙ پيچيدگي، جاٽابل برادريءَ منجهه هر وقت صحيح پائيوار ڳولڻ ۾ وڏيڪ ڏکيائيون پيدا ڪري ٿي.

بهرحال، جيڪڏهن سنڌي ڪنهن واپاري- سرشتي ۾ گهٽ آهن، ته اُهي امڪاني طور ورهاڱي کان اڳ وارن ڏينهن جي ڀيٽ ۾، بيشڪ هنن ۾ برادريءَ کان وڏيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجائپ آهي. سڀ کان پهريون ڳالهه ته عاملن ۽ پائيبندن، شڪارپورين ۽ حيدرآبادين وچ ۾ آڳاٽي ورڇ، وڏي پيماني تي نسلي- مذهبي اصطلاح موجب، برادريءَ جي وصف کي وڌيڪ ويجهو رهي آهي. ساڳئي طرح، مذهبي سرحدن جي پيهر- سجاڻپ، واپار ۾ هندو- سجاڻپ جي واضح ثابتي رهي آهي. سنڌين ج هندو مت پهرين هندستان ۾ پيهر- سجاڻپ مان گذري، جتي هندو مت جي 'عملي وهڪري' ۾ پاڻ کي نهڪائڻ جو دٻاءُ سگهارو ٿيو ۽ اعتقادن ۽ رسم رواجن ۾ پيهر جوڙجڪ ٿي. جهولي لال جي مت، جنهن کي حقيقي طور وِشنو جي اوتار طور متعارف ڪرايو ويو، سو هندستان ۾ سنڌي هندوئن جي مذهبي سجاڻپ جو نئون وڏندڙ ۽ اڀرندڙ مرڪزي اُهڃاڻ بڻجي ويو آهي. نانڪ پنٿي مت ۽ صوفي مت، جيڪا سنڌي هندو اعتقادن ۽ ويساهن جي اهم خاصيت هئي، تنهن کي پس منظر ڏانهن اُڇليو ۽ ڌڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ ڪلي عام ان کي رد نٿو ڪيو وڃي. واپاري طبقي ۾، خالصا سِکن ڏانهن خاص ڪري 1984ع تائين، ۽ 'هندو' لوڪن سان ڳنڍجڻ جي اُهڃاڻ جي حيثيت سان وشوا هندو پريشد سان وڌندڙ لاڳاپا رهيا آهن. نئين 'هندو' سجاڻپ جو هي سڀ کان وڌيڪ شاندار اظهار، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ 'خاص سنڌي هندو مندرن' جي وڏي پيماني تي اڏاوت رهيو آهي. اهڙيءَ ريت، اهو عمل پنچائتي ۽ گروهي حياتيءَ ۾ خال پرڻ جو ڪم ڏئي ٿو، جيڪو ورهاڱي کان اڳ وارن ڏينهن ۾ موجود نه هو. هندو مت جي سُڌاريل ۽ هڪ ساريڪي روپ سان هيءَ نئين سجاڻپ، پنهنجي پاڻ ۾ سنڌي هندوئن جي خاص سجاڻپ تحليل ٿيڻ جو خطرو رکي ٿي. واپاري طبقي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جي ڪوشش بابت معلوم ٿئي ٿو، ته اها وڏي پيماني تي ناڪام رهي آهي، ڇوته انگريزي واپرائڻ جو دٻاءُ ڏينهون ڏينهون سگهارو ٿيندو پيو وڃي. هندوئن جهڙي ننڍي ۽ پکڙيل برادري، جنهن کي هندستان ۾ پنهنجي خاص لساني ۽ مذهبي سجاڻپ بابت خطرو آهي، سي 'غير- رهائشي پرڏيهي ملڪن' ۾ مجموعي طور پائيدار بنيادن تي الڳ سجاڻپ برقرار رکي سگهن ٿا يا نه، اهو بهرحال هڪ ڪليل سوال آهي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ڪرپلاڻي: ففٽي ايئرز وٿ دي برٽش، ص 255.
2. فري پريس جرنل، 17 سيپٽمبر 1947ع، جنهن جا ڪجھ ٽُڪرا آنند جي ڪتاب ''نيشنل انٽيگريشن آف سنڌين'' ۾ ص 29 تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. آنند: نيشنل انٽيگريشن آف سنڌيز، ص 40.
4. ساڳيو، ص 50-49.
5. ساڳيو، ص 48.
6. ساڳيو، ص 56.
7. ساڳيو، ص 64.
8. سينسز آف انڊيا 1951ع، جلد چوٿون، بمبئي، سوراشٽر ۽ ڪڇ دهلي، 1955ع، جلد ٻي وي، ص 213-212.
9. ڏسو: پي هيرانداڻي: سنڌيزلله دي اسڪيٽرڊ ٽريزر، دهلي، 1980ع، ص 45-31.
10. اسٽريٽس ٽائمز، 6 ڊسمبر 1948ع لکيو: سنگاپور ۾ ڪجهه مهينن ۾ سوين سنڌي هندو آيا آهن. سنڌي هندو واپاري گهڻو ڪري هاءِ اسٽريٽ واري علائقي ۾ واپار ڪن ٿا.... اهو حوالو سنڊو، انڊين ان ملائيشيا ۾ صفحي 122 تي ڏنو هو.
11. ڪي. اين. وئيد جو ”دي اوورسيز انڊين ڪميونٽي ان هانگ ڪانگ“، هانگ ڪانگ، 1972ع، ص 24-20 ۾ لڳايل ڪاٿو.
12. ڏسو: ميرائي ۽ وان در لان، ”انڊين ٽريڊرز ان سيراليون“ ٽيبل هڪ، ص 242.
13. ڏسو: گولڊ ڪوسٽ. سينسز آف پاپيوليشن 1948ع.
14. ڏسو: ڪالامازو، مشي گهن جي 1984ع ۾ هندستانين جي ڪيل آباديءَ جو سروي.
15. ڏسو: جي. ڪوٽڪن: قبيلا، هائو ريس، رليجن ۽ آئڊينٽي ڊيٽرمائين سڪسيس ان دي نيو گلوبل اڪانامي، نيويارڪ، 1992، ص 206.
16. جيئن ڪي. راهيجا، جيڪو بمبئي جي سپ ڪان وڏي اڏاوتي ڪمپنيءَ جو مالڪ آهي.
17. ڏسو: ڪوٽڪن: ٽرائبز....، ص 206.
18. ڏسو: سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن سنگارپور، ٽريڊ اينڊ ٽيلي فون ڊائريڪٽري، 1995-1994ع.
19. ٽي. فوريسٽ: اين ايڊوانس آف افريقن ڪيپٽن، دي گروٿ آف نائيجيرين پرائيويٽ انٽرپرائيزز، ايڊنبرگ، 1994ع، ص 52-51.
20. ساڳيو ۽ ڪمرشل ڊائريڪٽريون.
21. ڏسو: سنگهه ري: انڊين ڪميونٽي ان فلپائين، ص 743.
22. ڏسو: سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن، سنگاپور جي واپار ۽ ٽيلي فون ڊائريڪٽري 95-1994، ص 223-222.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پُڄاڻي

هي اڀياس ڏکڻ ايشيائي واپاري طبقي جي هيڪڙائيءَ واري خيال جي تنقيد مان ارتقا ڪري هيستائين پهتو آهي. مون محسوس ڪيو ته موجوده ادب جو، مستقل لڏپلاڻ تي گهڻو زور ڏيڻ، ۽ ڪجهه چونڊيل ملڪن ۾ هندستاني برادرين جي اڀياس تي ڪنهن حد تائين خصوصي طور ڏيان ڏيڻ وسيلي، ڏکڻ ايشيا ۽ ٻي سڄي دنيا وچ ۾ گردش جي وڏي پيماني تي مظهر کان لنوائڻ جو لاڙو رهيو آهي. مون ڪنهن حد تائين جزوي طور موٽڻ واري جاءِ يا مشهور لڏپلاڻ ڪندڙن جي پنهنجي اصلي ماڳن ۽ ٻن ماڳن وچ ۾ گردش واري تحقيق تي ڏيان ۾ تبديليءَ جي تجويز ڏني. هن تبديليءَ لاءِ عقلي دليل هي هو، ته مون محسوس ڪيو ته اڪثر گردش ڪندڙ لڏيندڙن پنهنجن اباڻن شهرن يا ڳوٺن سان ويجها لاڳاپا رکيا ۽ هنن جي سڃاڻپ، سندن ٻڻ بنياد جي انهن جاين جي لاڳاپاپي سان وضاحت ڪئي وئي، جنهن ڏانهن اُهي باقاعدگيءَ سان موٽندا هئا. انهن جاين سان لاڳاپي جي پيٽ ۾، جتي اُهي اتفاق سان ٿورڙي ساهي ڪٽڻ لاءِ ترسندا هئا. مون انهيءَ ڪري، ان گردش جي ڦيرقار ڪي سمجهڻ جي خيال کان، خاص علائقن جي سطح ۽ ايستائين جو ڏکڻ ايشيائي علائقن منجهه وڃڻ به ضروري ڀانئيو. وڌيڪ وضاحت سان هيءَ ڳالهه چئجي، ته منهنجي دلچسپيءَ جو مرڪز واپارين ۽ تجارتي ملازمن جي گردش هو. سنڌ ۾ ٻن خاص علائقن جي چونڊ جو پهرين، غيرمعمولي طور واپارين جي سندن وڏي سطح تي مسافري، ۽ ٻيو سرڪاري رڪارڊ ۾ موجود مواد جي دريافت ٿيل تفصيلي پَلوڙ ۽ پيروسي جوڳي مواد. جنهن وسيلي نجي مواد جي کوٽ جو ڪنهن قدر پوراءُ ڪيو ويو، جيڪو واپاري برادرين جي اڀياس ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ هوندو آهي، تنهن وسيلي اڀياس شروع ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويو، پر جيڪي سوال اُٿاريا ويا هئا، سي عام نوعيت جا هئا، ۽ ڏکڻ ايشيا کان واپاري گردش سميت، 1850-1950ع واري عرصي ۾ عالمي معاشيات يورپي- برتريءَ واري عالمي معيشيت ۾، ايشيا کان عالمي واپاري- سرشتي ۾ ادا ڪيل ڪردار واري طريقي سان لاڳاپيل هئا.

مون خاص طور سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ڪيئن 'ڏيهي' واپاري- سرشتي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري تنظيم جا روايتي روپ ۽ روايتي واپاري فن واپرائيندي، جديد عالمي سرمايدار معيشت ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي سگهيو هو. انهيءَ نُقطي بابت ڪوبه اڪيلو نتيجو نٿو ڪڍي سگهجي، جو ٻه واپاري طبقا جن جو اڀياس ڪيو ويو آهي، سي ان خاص تناظر جي ٻن بلڪل مختلف روپن جي نمائندگي ڪن ٿا. شڪارپورين 'فضائي جاءِ' کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا هنن دُراني حڪومت دوران وچ ايشيائي ملڪن ۾ پنهنجي لاءِ جوڙي هئي، جڏهن ته سنڌن رياستي ماليت تي ضابطي ڪين وسيع ايراضي تي مجموعي مالياتي حڪومت جوڙڻ جي اجازت ڏني هئي. اُهي روس ۽ برطانيا وچ ۾ اڻ- نبيرو تيل شاهي مخالف دشمنيءَ وسيلي پيدا ٿيل خال کي واپرائيندي، اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙڪن ڏهاڪن دوران، وچ ايشيائي ملڪن جي معيشيت ۾ پنهنجي پاڻ کي وڌيڪ ملوث ڪرڻ لاءِ اهل هئا، جنهن ڏيهي رياستن کي حفاظتي آزادي برقرار رکڻ جي موڪل ڏني هئي. هنن جو مکيه اثاثو، وسيع علائقن مان هڪڙيءَ ڪُنڊ کان ٻئي ڇيڙي تائين تيزيءَ سان گردش ڪندڙ هُنڊين وسيلي مامرا نبيرڻ جو، غيرمعمولي فن هوندو هو. جڏهن هڪ ڀيرو علائقو ٻن شهنشاهيتن وچ ۾ ورهائجي ويو، رڳو افغانستان جي وچ واري 'سرحدي پَٽيءَ' کي ڇڏيندي، تڏهن شڪارپورين دلال يا ٺياڪڙ جي نئين قسم کي اختيار ڪيو. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ اُهي بنيادي طور روسي بينڪن لاءِ ٺياڪڙ ٿيا، جو اُهي ڪاٺن قرض وٺندا هئا، ۽ اُهي وري مقامي هارين ۽ ننڍن زميندارن کي وياج تي پئسا ڏيندا هئا. برطانوي لاڳاپن کي استعمال ڪندي، هنن ڏکڻ- اوڀر ايران ۽ سنڪيانگ ۾ برطانوي فرمن لاءِ ايران ۾ ٺياڪڙ طور خدمتون ڏنيون ۽ سنڪيانگ ۾ قرض جي مارڪيٽ جي کُنڊائتن علائقن مان فائدو ورتو. گڏوگڏ هنن ان حقيقت مان به فائدو ورتو، جو سنڌن واپار جو مکيه علائقو گهٽو ڪري عالمي سرمايدار معاشيات ڏانهن تعلقات ۾ ڪافي دائمي هو، جيڪو ڇتاپيتي کان تحفظ ڏيندو هو. روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾، روسي انقلاب سنڌن ڪردار جي پڄاڻي آندي، جڏهن ته ايران ۽ سنڪيانگ ۾ 1930ع تائين پنهنجو ساڳيو ڪردار نڀائڻ جاري رکيو، جيستائين سياسي ڏڦيڙ ۽ ڏچي کين پنهنجو واپار بند ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو. 1920ع کان پوءِ هنن هندستان ۾، بمبئي ۽ مدراس پريزيڊنسي سميت برما ۽ سيلون ۾ پڻ 'ڏيهي بينڪارن' جو ڪم سنڀاليندي پنهنجي پاڻ کي وڏي پيماني تي ٻيهر پيرن تي بيهاريو.

سنڌورڪين جو عالمي معيشيت ۾ داخل ٿيڻ جو طريقو تمام گهڻو مختلف هو: 'فضائي لاڳاپي' جي هوندي به، هنن ريشم جي واپار ۽ نوادرات جي واپار، يعني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپار جي بنهي خاص مهارت وارين شاخن جي عملي ناتي ۾ پنهنجي پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌن مهارت خاص لاڙي جو نتيجو نه هئي، پر ڪو ماڻهو چئي سگهجي ٿو، ته اها مهارت واتهڙن کي خوش ڪرڻ جي صلاحيت سان شروع ٿي، ڇو ته هنن پنهنجي پاڻ کي مصر ۾ بلڪل صحيح وقت تي موجود ڏٺو. جيڪو جديد سياحت جو پيدائشي وقت هو. ۽ اُهي سياحن کي هٽ جي ٿهيل هنرن جون شيون مهيا ڪرڻ ۾ اهل هئا، جيڪي سنڌن ذهني مزاج کي مطمئن ڪنديون هيون. پوءِ، هنن وڏن ساموندي بندرگاهن ڏانهن رُخ رکيو، جتي هنن اُتي وڃي پنهنجا دڪان کوليا، جتي عالمي مسافر ايندا هئا، ۽ آهستي آهستي هنن پنهنجو واپار دنيا جي اٽڪل سمورن ملڪن تائين وڌايو. هنن جي ڪاميابيءَ لاءِ مالياتي مهارت ۽ مارڪيٽنگ ۾ ڏاهپ به هڪجيتريون اهم هيون: هنن موڙيءَ جي بازار مان وڏو ناڻو ڪمايو، ۽ اُهي پنهنجي واپار ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ متاستا جي بينڪن سان سُٺا ناتا جوڙڻ ۾ ڪامياب رهيا. عالمي تياڪڙ يا دلال تولو بنجڻ دوران، هنن پنهنجي پاڻ کي تبديل ڪيو: جڏهن اُهي روايتي ليکي چوڪي جي مهارت سان وفادار رهيا، ته هنن تيزيءَ سان واپاري تنظيمون جوڙڻ شروع ڪيون، جن جي تنظيم وڏين يورپين واپاري فرمن جهڙي هئي. جنگ واري عرصي ۾، هنن عالمي ڪپڙي جي مصنوعات جي مارڪيٽ ۾ لاڳاپيل واپارين منجهان عالمي واپارين ڏانهن تبديليءَ جي شروعات ڪئي، ۽ ڏکڻ- اوڀر ايشيا سميت اولهه آفريڪا ۾ جپاني ڪپڙي جي مصنوعات جي مارڪيٽ ۾ خاص ڪري سگهاري حيثيت ماڻي. هنن کي پيداوار سميت مارڪيٽ ۾ سنڌن سرگرمين ۾ واڌاري سان عالمي واپار ۾ پنهنجي حيثيت کي سگهارو ڪرڻ ۾ مدد ملي، ۽ اُهي هينئر به دلال جي طاقتور ڏر طور مڃيل آهن. هنن جي ڪاميابيءَ ۾ 1930ع کان پوءِ جپاني تعلقات اهم عنصر هئا، ۽ انهيءَ حوالي سان اُهي صحيح ايشيائي واپاري- سرشتي جو طبقو بڻجي ويا. شڪارپوري ۽ حيدرآباد واپاري- سرشتي مان پتو پوي ٿو، ته ايشيا ۾ يورپي بينڪيتي حڪومت، سرحدن کان ٻاهر مقامي واپارين کي پنهنجا ناتا برقرار رکڻ ۽ جوڙڻ کان منع ڪرڻ ۽ عالمي معاشيت ۾ خودمختيار عامل بڻجڻ کان روڪڻ ۾ ڪڏهن به ملوث نه رهي هئي.

جيتوڻيڪ واپارين جون ٻئي ڌريون، عالمي واپار ۽ ماليات جي دنيا ۾ پنهنجي پاڻ کي مضبوطيءَ سان جوڙڻ، ناهڻ ۽ بيهارڻ ۾ ڪامياب ٿيون، ۽ عالمي منظر تي ڏکڻ ايشيائي نسل جي عالمي بورجوا جي تازي اُڀار ۾ ڪنهن به ريت سنڌن گهٽ شرڪت نه هئي، تنهن هوندي به هنن جي ڪهاڻي گڏيل ڪاميابي ۽ ڪنهن قدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باترتيب طريقي ۾ ناڪامي هئي. نه هنن واپارين جي ٻنهي اباڻن شهرن ۽ نه ئي سنڌ کي، مجموعي طور ڊگهي مدي تائين ايڏي سرگرم واپاري برادريءَ جي موجودگيءَ مان ڪو واضح فائدو مليو. شڪارپور تيزيءَ سان زوال جو شڪار ٿيو، جڏهن ته پاڙيسري شهر سکر اُتر سنڌ ۾ مکيه علائقائي مرڪز جي حيثيت سان اُڀريو. ٻئي پاسي، حيدرآباد ويهين صديءَ دوران ثابت قدميءَ سان وڌيو ويجهيو، پر شهر جي ماهيت ورهاڱي کان پوءِ، شهر ۾ پناهگيرن جي لوڏن اچڻ سبب مڪمل طور بدلجي وئي؛ ۽ هاڻي هي شهر ڪنهن به صورت ۾ 'سنڌي شهر' نه رهيو آهي. (1998ع جي آدمشماريءَ مطابق: حيدرآباد ضلعي جي آبادي اناويهه لک باويهه هزار ماڻهن تي مشتمل آهي. جڏهن ته ٽنهي تعلقن- حيدرآباد شهر، لطيف آباد ۽ قاسم آباد- جي گڏيل آبادي اٽڪل ٻارهن لک آهي، جن ۾ اٽڪل پنج لک ماڻهو سنڌي ڳالهائيندڙ آهن، پر هيءَ شرم جوڳي حقيقت آهي، ته واپار تي سنڌين جو ضابطو نه آهي؛ سنڌيڪار) ٻيئي شهر ڊگهي مدي تائين پنهنجي واپارين کان متحرڪ جوش ۽ جذبو نه وٺي سگهيا، تنهن جا سبب معاشي ۽ سياسي آهن. شڪارپور واريءَ حالت ۾، شهر کان ناڻي جي وڏي پيماني تي برآمد سپ کان پهرين وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن، ۽ پوءِ هندستان جي ٻين علائقن ڏانهن ٿي، جنهن سبب مقامي معيشيت جو ڏيوالو نڪتو، جيتوڻيڪ هيءَ حقيقت هئي، ته نفعي ۾ ڪمايل رقمن جو ڪجهه حصو زرعي زمين جي مقامي خريداري ۽ شهري ملڪيت جي خريداريءَ ۾ سيڙايو ويندو هو. امڪان اهو آهي، ته نفعي جو وڌندڙ حصو بمبئي ڏانهن موڪليو ويندو هو، جيڪو 1920ع ۽ 1930ع ڌاري شڪارپوري بينڪارن جي واپاري عمليت جو مکيه ماڳ هو. حيدرآباد جي ڏس ۾، سندن ناڻي جي بمبئي ڏانهن گهٽ وهڪ ٿيندي هئي. پر معلوم ٿئي ٿو، ته موڪليل نفعي جون اڪثر رقمون عام رواجي ڪمن تي خرچ ٿي وينديون هيون، ۽ ٻئي پاسي اُهي موڪليل رقمون زرعي زمينن ۽ شهري ملڪيت جي خريداري ۾ سيڙايون وينديون هيون. انهيءَ ملڪيت سان وڏو هاڃو تڏهن ٿيو، جڏهن واڻين کي 1947-48ع ۾ هن شهر کي ڇڏڻو پيو.

نتيجي طور اُتي هڪ يا ٻن صدين جي جٽادار واپاري سرگرميءَ جي ڪا ظاهري باقيات نه بچي. انهن حقيقتن جي تشريح جيان، وڏيڪ بناوت ۽ جوڙجڪ وچ ۾ فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي، جيڪا بينيڪي حڪومتن هيٺ سرمايداريءَ جي ڪجهه خاصيتن تي اصرار ڪرڻ سميت 'روايتي' واپارين جي ذهنيت ۽ ڪنهن قدر پاڻ ۾ قياس آرائيءَ تي ٻَڌل غير متوقع سياسي ترقيءَ جي ڪردار تي زور ڏيندي هئي. هتي اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال باقي رهي ٿو، تہ اُهي واپاري ڊگهي مُدي لاءِ سياسي لاڙن ۽ پنهنجي واپاري ڪاروهنوار تي سندن امڪاني اثرن جو ڪاٿو لڳائڻ ۾ ايڏا هوشيار ۽ ماهر ڇو نہ هئا؟ جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ سنڌورڪي واپارين سياسي ڍاهپ ۾ ترقي ڪئي هئي، جنهن ڳالهہ مخالف ماحول ۽ ڏکين دؤرن ۾ کين بچائڻ ۾ مدد ڏني، ايستائين جو اُهي اڪثر پنهنجي اباڻي گهر کي نظرانداز ڪندا رهيا، ۽ نيٺ ان لنوائڻ ۽ نتائڻ جي کين وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. هنن اباڻي شهر کي رڳو رهائش ۽ کيس معاشي، سماجي ۽ سياسي سيڙپڪاريءَ جي منظم رٿابنديءَ وسيلي ترقي ڏيڻ کان سواءِ افرادي قوت پرتي ڪنڊ جاءِ طور استعمال ڪيو، جيڪا حڪمت عملي ڊگهي مُدي لاءِ جوکائتي ثابت ٿي. بهرحال، خيرات ۽ سخاوت لڳاتار مُستقل قبوليت جي پڪ لاءِ ڪافي نہ هئي، خاص ڪري جڏهن مسلمان آباديءَ منجهائڻ حقيقت ۾ ڪو فائدو نہ ورتو هو. شڪارپور ۽ حيدرآباد جا هندو واپاري پنهنجي دولت هوندي بہ، جن جو ڪانگريس پارٽيءَ جي مقامي شاخن تي اثر رسوخ هوندو هو، خاص ڪري 1936ع ۾ بمبئي پريزيڊنسيءَ کان سنڌ صوبي جي علحدگي ڪانپوءِ، جڏهن مسلمان اڪثريت صوبو بڻجي ويو هو، سنڌ ۾ سياسي مکيہ عوامي ڌارا کان تيزيءَ سان پاڻ کي ڪٽيل ڏٺو. هن سياسي ويڳاڻپ جي نتيجي ۾، 1947ع ۾ ورهاڱي سبب هندستان ڏانهن لڏپلاڻ جي پيٺ ۾، وٽن ٻي ڪابہ واهہ نہ بچي هئي. اهڙي عظيم لڏپلاڻ بہ سندن روزاني واپاري ڪارڪردگيءَ تي ايڏو اثر نہ وڌو، ڇوتہ اُهي اڪثر سنڌ کان ٻاهر، يا هندستان (شڪارپوري بينڪارن لاءِ) يا سڄي دنيا جي مختلف ملڪن (سنڌورڪي واپارين لاءِ) مان پنهنجون واپاري سرگرميون جاري رکندا هئا. بهرحال، هنن جي پنهنجي اباڻي شهر کان جبري روانگي ٻنهي واپاري- سرشتن جي عملي ڪارڪردگيءَ واري اُن طريقي کي تباهہ ڪري ڇڏيو، جيڪو ماڻهن، شين، موڙي ۽ ڄاڻ جي واپاري- سرشتي ۾ آيل مرڪزن ۽ واپار جي اصلي ماڳن وچ ۾، گردش جي باقاعدي وهڪري جي برقراريءَ تي ٻڌل هوندو هو. جيئن مشهور سنڌورڪي واپاري ۽ ڪانگريس اڳواڻ آچاريا جي. بي. ڪرپلاڻي، جيڪو پڻ حيدرآبادي عامل هوندو هو، تنهن چيو:

'برادريءَ جا ماڻهو سڄي هندستان ۾ پکڙيل هوندا، تہ تجارتي واسطيدار پرڏيهي ڌاري زمين تي سنڌي نائبن ۽ سيلزمينن کان سواءِ، پنهنجو ڪاروبار هلائڻ ڏاڍو ڏکيو پائيندا.' (1)

گردش جي هن بدليل طريقي جو تجزيو ۽ تفصيل، جنهن بابت گهڻو پتو نہ هو، هن اڀياس جو بنيادي روپ جوڙي ٿو. شڪارپور ۽ حيدرآباد مان افرادي قوت جي اچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ بابت ملندڙ تاريخي ماخذن مان صورتحال کي بيهر جوڙڻو آهي. قطعي انگ تمام گهٽ هو. اهو ساليانو ڪجهه سؤ ماڻهن تي مشتمل هوندو هو. بهرحال، ٻنهي شهرن ۾ پندرهن کان پنجيتاليهن ورهين جي هندو مرد آباديءَ جي ڪاٿي لڳائڻ سان انهن جا مختلف رُخ ملن ٿا. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو، تہ پهرين مهاڀاري جنگ وقت، حيدرآباد ۾ پندرهن کان پنجيتاليهن ورهين جي پائيبند 'ذات' جي ڏهن مان هڪ هندو مرد، اٽڪل پنجاهہ ملڪن ڏانهن ساليانو هڪ ڀيرو ويندو هو. منجهائنس واپار جي جاين ۽ واپاري- سرشتي جي مرڪزن وچ ۾ رقمن جي اهم ساليانې وهڪرو جو پتو لڳائڻ ممڪن ٿيو آهي.

هنن ٻنهي واپاري- سرشتن خاص ڪري سنڌورڪين جي هڪ اهم ثابتي اچرج ۾ وجهندڙ 'فضائي پکيڙ' آهي. ايستائين جو شڪارپوري واپارين جي سرگرمين جو علائقو ڏاڍو متاثر ڪندڙ هو: هن جي وڌ ۾ وڌ وسعت واري وقت، روسي انقلاب اچڻ مهل، ان ۾ روسي وچ ايشيائي ملڪن جو وڏو حصو، جنهن ۾ فرغانا ماٿري ۽ بخارا امارات جي مرڪزي علائقن ۾ وڏيون وسنديون، سنڪيانگ جي چيني صوبي جو اهو علائقو، جيڪو التشهر (يا ڪڏهن ڪڏهن ڪاشغير) جي نالي سان مشهور هوندو هو، سميت افغانستان جو گهڻو حصو ۽ ڏکڻ- اوڀر ايران شامل هوندو هو. انهن وسيع علائقن ۾ شڪارپوري واپارين جي وسندين ۾ ڏهن يا ويهن کان وڌيڪ مرد نہ هوندا هئا، جن ۾ بخارا ۽ سندس پاڙيسري علائقن ۾، ۽ ٻيون اهم وسنديون فرغانا ماٿريءَ جي مکيہ شهرن ۾، افغانستان ۾ ڪابل، هرات ۽ قنڌار، ۽ ايران ۾ بندرعباس ۽ ڪرمان ۾ هونديون هيون. انهن سمورن علائقن ۾ رهندڙ اڪثر شڪارپوري، شڪارپوري سرافن جا گماشتا هوندا هئا، جن سان اُهي رابطي ۾ ڏکيائين جي هوندي بہ ساڻن سُنو رابطو رکندا هئا. پر انهن گماشتن جو بہ مضبوط نظام هوندو هو، جو ورلي اهي پاڻ وٽ پنهنجا نمائندا بہ رکندا هئا. اُهي پنهنجي پاڻ کي توڙي عارضي رهائشي سمجهندا هئا ۽ علائقي ۾ پنهنجون پاڙون نہ کوڙيندا هئا. تنهن هوندي بہ ڪجهہ شڪارپوري، جيئن هن برادريءَ بابت مکيہ ماخذ يعني وراثتي دستاويزن مان انڪشاف ٿئي ٿو، انهن علائقن ۾ ڊگهي عرصي تائين رهندا هئا، ۽ اُتي ئي ديهانت ڪري ويندا هئا. شڪارپوري واپاري، روسي انقلاب واري وقت ڪجهہ هزارن تائين اُتي موجود هئا، ۽ 1917ع کان پوءِ روسي علائقن مان پيچي ايندڙ اڪثر شڪارپوري، ڏکڻ ۽ اولهندي هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بينڪاري فرمن ۾ گماشتن جي حيثيت سان ملازمت وٺڻ لاءِ هندستان واپس موٽي آيا هئا. سنڪيانگ ۾ بغاوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ، شڪارپورين جي هڪ ٻي لڏپلاڻ ٿي، جتان پوءِ ننڍي ڪنڊ ڪان ٻاهر 1930ع ۾ ايران ۽ افغانستان (برما ۽ سيلون ڪانسواءِ) ٻه علائقي وڃي رهيا، جتي هنن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو، پوءِ پيلي اهو ننڍڙي سطح تي ئي ڇو نه هو. بهرحال، ايران خاص اهميت واري جاءِ سمجهي وئي، جتي هندوجا آڪهه پنهنجي ڪاروباري ڊوڙ عالمي مشهوريءَ ڏانهن شروع ڪئي.

سنڌورڪي واپاري- سرشتو گهڻو وسيع هوندو هو، ڪافي گهٽ علائقائي تسلسل سان ڳنڍيل هوندوو هو. اهو بنيادي طور ساموندي واپاري- سرشتو هو، ۽ اڪثر سنڌورڪي واپاري ۽ ملازم بندرگاهن سان ڳنڍيل شهرن، جپان ۾ ڪوبي ۽ يوڪوهاما، ۽ وچئين آمريڪا ۾ پاناما ۽ ڪولون جهڙن شهرن ۾ رهندا هئا. ڪجهه علائقن ۾، اُهي ميداني شهرن ڏانهن به ڏڪجي ويندا هئا. هيءَ صورتحال خاص ڪري جاوا ۾ هئي، جتي سنڌن گهاٽو واپاري- سرشتو سمورن شهرن ۾، خاص ڪري اوپرندي جاوا ۾ هوندو هو. ۽ مصر ۾ جتي اُهي مکيه سياحتي مرڪزن، قاهره، لڪسر ۽ اسوان جهڙن شهرن، ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪندا هئا. واپاري ۽ ملازم مختلف علائقن وچ ۾، اتڪل پرڏيهن تي پابندين واري دور ڪان اڳ، جنهن ڪري سفر وڏيڪ ڏکيو ٿي پيو هو، سولائيءَ ۽ تيزيءَ سان گردش ڪندا هئا.

هنن ٻنهي واپاري- سرشتن ۾ گردش جوڪائتي نه هوندي هئي، پر ان جي ابتڙ منظم ۽ جوڙجڪ بناوتي هوندي هئي. انهن ۾ ٻه فرق هوندا هئا، جيتوڻيڪ ٻئي گردش جي طريقي سان ڳنڍيل هوندا هئا. واپاري- سرشتي جي تاريخ جي اوائلي ڏاڪي ۾، شڪارپوري ۽ سنڌورڪي واپاري شهر جي ڪنهن رهائشي سرمايدار سان ڀائيواريءَ واري معاهدي سان، سنڌس گماشتي جي حيثيت پنهنجو اباڻو شهر ڇڏيندو هو. هنن جا معاهدا بهرحال اسلامي معاهدن مان نڪتل هوندا هئا، جيڪو عربيءَ ۾ مضاربا جي حيثيت سان مشهور آهي، جيڪو پڻ آڳاٽي قديم يورپين معاهدن جهڙو ئي هوندو هو. سندن خرچ ڪڏهن ڪڏهن معاهدي ۾ جاڳايل هوندا هئا، پر اُهي پگهاردار ملازم نه هوندا هئا، پر ڪين ڀائيواريءَ ۾ ٿيل نفعي مان پتيءَ جي صورت ۾ معاوضو ڏنو ويندو هو. اهڙا ٿيل معاهدا هڪ ڪان ٻئي معاهدي ڪان واضح طور مختلف هوندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڪان پوءِ، حيدرآباد ۾ گردش ڪندڙ اڪثر ماڻهو، مئنيجر يا دڪان نائب يا نوڪر، فرمن جا پگهاردار ملازم هوندا هئا، جيڪي ڪجهه سالن لاءِ ملازمت جي معاهدي سان شهر ڪي ڇڏيندا هئا (اڍائي سالن جو مُدو عام رواجي حالت هوندي هئي). انهن معاهدن جي رضامندي وارن معاهدن سان ڪجهه هڪجهڙائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي هئي، پر ملازمن کي وڏيڪ آزادي مليل هوندي هئي ۽ مشروط عرصي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ گهر ڏانهن واپسيءَ جي پڪ ڏنل هوندي هئي. هنن جو سفر منظم هوندو هو ۽ سمورو خرچ سندن مالڪ پريندو هو. تمام گهڻ ماڻهو ڪنهن معاهدي يا ٺاهه کانسواءِ پنهنجو وطن ڇڏيندا هئا. هڪ تمام اهم ڳالهه ڌيان ۾ آڻڻي آهي، ته واپاري مرڪزن ۽ واپار جي اصلي جاين وچ ۾ گهڻو گردش ڪندڙ ماڻهن ۾ پاڻ سرمايدار نه، پر ڀائيوار ۽ پگهاردار ملازم هوندا هئا. سرمايدار عام طور سڄو سال واپاري مرڪز ۾ گذاريندو هو. شڪارپور کان اُهي ورلي سنڌ ۽ انهن علائقن وچ ۾ سفر دوران متوقع خطرن سبب وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن ويندا هئا. جڏهن ته منجهن حيدرآباد کان، پنهنجي فرمن جي ڪوٺين جي جاچ پڙتال لاءِ باقاعدگيءَ سان سفر لاءِ اُسهڻ ۽ واپار وارين جاين تي پنهنجون رهائشي ڪوٺيون جوڙڻ جو لاڙو هوندو هو، ۽ حيدرآباد ۽ ان علائقي وچ ۾ سندن 'گردش' جاري رهندي هئي. بهرحال، 1947ع کان اڳ تمام گهڻ واپاري حيدرآباد کان ٻاهر پنهنجي مستقل رهائشي جاءِ جوڙيندا هئا. اهڙيءَ ريت، هي طريقو گردش وارو رهي ٿو، نه ڪي پرڏيهه لڏپلاڻ ڪندڙن جهڙو.

بهرحال، واپاري- سرشتي ۾ رُڳو مردن جي ئي گردش ٿيندي هئي. شڪارپوري عورتون ڪڏهن به وچ ايشيائي ملڪن ڏي نه وينديون هيون، ۽ سنڌورڪي واپارين جون بلڪل ٿورڙيون عورتون پنهنجي مڙس مئنيجرن سان گڏ سفر تي اُسهنديون هيون. ان جا اهم نتيجا نڪتا هئا، ۽ ان رُخ کي واپارين طبقي تي لکيل ادب ۾ اڪثر نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. سمورا ماڻهو پنهنجي عورتن جي غيرموجودگيءَ سان ساڳي طريقي سان مُنهن نه ڏيندا هئا. ڦهلاءَ ۾، 'شهوتي معاشيات' جا ٻه نمونا سڃاڻي سگهجن ٿا، جنهن مان هڪڙي کي ' متقي يا سنياسي' چئي سگهجي ٿو، جيڪو روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ شڪارپوري واپارين جي حالت سان واسطو رکي ٿو. ٻيو نمونو 'مجازي' هو، جنهن جو شڪارپورين سنڪيانگ ۾ اظهار ڪيو هو. جڏهن ته سنڌورڪي واپارين جي حالت ۾، ٽيون نمونو 'ٺياڪڙ يا دلال' هوندو هو، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مقامي عورتن سان لاڳاپا رکندا هئا. ساڳئي ريت، اُهي عورتون جيڪي پوئتي گهرن ۾ رهجي وينديون هيون، سي پڻ صورتحال کي مختلف طريقن سان مُنهن ڏينديون هيون: شڪارپور ۾ عورتن لاءِ ٻين مردن سان ياريون رکڻ ۽ منجهانئن ٻار ٿيڻ عام رواجي ڳالهه هوندي هئي. جڏهن ته حيدرآباد ۾، عورتن تي خانداني ضابطو سختيءَ سان لاڳو هوندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا ڳالهه ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي، سا هيءَ تہ سياسي سرحدن ۽ سياسي حڪمرانيءَ ۾ تبديلي ڪيترو گهٽ واپارين جي گردش کي متاثر ڪيو. شڪارپورين ساڳئي علائقي ۾، ايسٽائين جو اوڻيهين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ متحرڪ سياسي تبديلين مان گذرندي بہ پنهنجو واپار جاري رکيو. رڳو روسي انقلاب جيان دنيا کي سياسي ۽ سماجي طور تبديل ڪندڙ حالتن، خاص ڪري هنن جي واپاري ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪيو. جيستائين سنڌورڪي واپارين جو تعلق آهي، تہ هنن مختلف ملڪن جي علائقن ۾ پنهنجي واپاري سرگرمين کي وڌايو. سياسي تبديلي هيٺ هن نسبتي اَواتي يا اَٽانگي وات مان فرض ڪجي ٿو، تہ واپاري- سرشتي جي منطق ۽ عارضي ڪيفيت کي خاص جنس ۽ قسم جيان سمجهڻ گهرجي. اهڙي ريت، جڏهن تہ شڪارپوري واپاري- سرشتو، مشهور 'دراني شهنشاهيت' جي اُپار سان ويجهڙائپ وارن تعلقاتن مان متي اُپريو، جيڪو سندس زوال کان پوءِ بہ هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي تائين، برطانوي حڪومت طرفان سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪرڻ تائين، سندس واپار پنهنجي خودمختياري واري سطح ۽ برطانوي تعلقاتن کي برقرار ۽ محفوظ رکيو. گڏوگڏ شڪارپوري واپارين، روسي وچ ايشيائي ملڪن ۾ برطانوي قونصلر کان تحفظ وٺڻ کان بہ نہ ڪيبايو، تنهنڪري اهي نہ رڳو محفوظ رهيا، پر ترقي بہ ڪيائون. سنڌورڪي واپاري 1920ع کان اڳ برطانيا کان تمام گهٽ مطالبا ڪندا هئا، پر پوءِ هنن کي ڪجهہ ملڪن ۽ هندستان وچ ۾ ملازمن جي گردش تي وڌندڙ پابندين تي قابو پائڻ لاءِ برطانيا جي مدد جي ضرورت پئي. بهرحال سنڌ جي واپارين، برطانوي- شهري هوندي پنهنجي رُتبي لاءِ ڪيترن ئي طريقن سان فائدا ورتا، جنهن سان ڪين ايشيائي واپارين جي ٻين ڌُرين مٿان بالادست چٽاپيٽيءَ جي صورت ملي. ٻئي پاسي برطانيا، برطانوي- هندستاني واپارين جي اهڙي وسيع واپاري- سرشتي جي موجودگيءَ مان تمام گهٽ فائدا ورتا. رڳو ڏکڻ- اوڀر ايران ۾ شڪارپوري واپارين، برطانوي فرمن لاءِ گماشتي طور ڪردار ادا ڪيو: جڏهن تہ ٻين ملڪن ۾ اُهي گهڻو ڪري آزاد واپاري هوندا هئا. شڪارپوري ڪڏهن روسي علائقن ۾ برطانيا لاءِ جاسوسي بہ ڪندا هئا، پر جاسوسيءَ جي ذريعي سبب سندن قدر مجموعي طور محدود هوندو هو. سنڌورڪي واپاري بہ برطانيا جي معاشي ۽ سياسي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ ۾ گهٽ حصو وٺندا هئا. گڏوگڏ 1930ع ۾، منجهائن ڪجهہ واپاري برطانيا جي مکيہ تجارت- مخالف جپان جا گماشتا بڻجي ويا، ۽ سموري برطانوي شهنشاهيت ۾ جپاني شين جي وڪري ۾ اُپار آڻڻ ۾ مددگار ٿيا. جيڪڏهن ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي استعمال پئي ڪيو ويو. ته پوءِ هيءَ معلوم ٿئي ٿو. ته اها برطانوي شهنشاهيت هئي. جنهن کي ڪنهن مخالف کان وڌيڪ سنڌي واپارين استعمال پئي ڪيو.

بهرحال، معاشي آزاديءَ جي مُنهن مقابل برطانيا، برطانوي حڪمراني ڏانهن سياسي مخالفت ۾ تبديل نه ٿي. سنڌي واپاري سياست ۾ ٿورڙو وفادار رهڻ جو لاڙو رکندا هئا. ۽ 1920ع کان پوءِ جڏهن منجهانئن ڪجهه واپارين ڪانگريس جي جيڪا حمايت ڪئي هئي، سا قومپرست پارٽيءَ ۾ موجود معتدل عنصرن کي هئي. ايسٽائين جو ڪجهه سنڌورڪي واپارين، جپان جي والار هيٺ آيل ڏکڻ- اوڀر ايشيائي ملڪن ۾ ٻي مهاڀاري جنگ دوران، تجرباتي عمليت ۽ ڏکين حالتن ۾ بچڻ جي ضرورت هيٺ، سڀاس چندر بوس ۽ انڊين نيشنل آرميءَ جي حمايت ڪئي هئي. سنڌي واپارين جي حالت، هندستاني واپارين منجهه معاشي مفادن ۽ سياسي لاڙن وچ ۾، وڏي پيماني تي هم آهنگيءَ جي کوٽ جي موجودگيءَ کي ثابت ڪري ٿي. جيسٽائين برطانيا جي سنڌي واپارين ڏانهن رويي جو تعلق آهي، ته اهو گهڻو ڪري لاعلميءَ ۽ ورلي ڏيپ جي سلسلي مان پيدا ٿيل لاپرواهين وچ ۾ متجندو رهندو هو، جو ايڏي وڏي پيماني تي وسيع واپاري- سرشتي جي موجودگي برطانوي حڪمرانيءَ کي ٻنهي مهاڀاري جنگين دوران پيدا ٿيل صورتحال جيان سياسي خطري جي صورت ۾ سامهون آئي هئي. اهو ڊپ ۽ خطرو سانَ فرانسسڪو سازش ڪيس واري وقت 1918ع ۾ ويتر وڏي وڻ ٿيو، جڏهن ڪجهه برطانوي عملدارن ان ڳالهه تي سهمت ٿيا، ته سنڌورڪي واپارين جون فرمَ غدر پارٽيءَ لاءِ چندو ڏيڻ جو وسيلو آهن. هي اهڙو شڪ هو، جنهن جو ڪوبه ظاهري وجود نه هو.

ٻنهي واپاري- سرشتن جو تفصيلي تجرباتي ۽ مشاهداتي ابياس ان سوال ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جنهن هيٺ عالمي واپاري طبقي جي نوعيت بابت وڏي پيماني تي مفروضا جوڙيا ويا آهن. واپاري طبقي جي اڪثر ابياسن نسل، مذهب ۽ ذات پات جي ڀائيچاري برقرار رکڻ ۽ واپارين وچ ۾ ڀروسو جوڙڻ جهڙن عنصرن جي ڪردار تي زور ڏنو آهي. شڪارپوري ۽ حيدرآباد واٽين جي حالت ۾ نسل سڀ کان اهم عنصر نه هوندو هو، جوته ٻنهي شهرن جي واپارين ۾ گهڻ- نسلي ماڻهو شامل هئا. جيتوڻيڪ سمورا واپاري خاص ڪري سنڌ ۾ هندو مت جي خاص نوعيت جا هندو هئا. تنهنڪري سندن پَتڙائيءَ سميت ادارن جي هيٺين سطح، ڳانڍاپي ۽ ميلاپ ۾ مذهب هڪ عنصر طور ڪردار ادا نه ڪيو هو. جيسٽائين 'ذات' جو تعلق آهي، ته ان جو ڪردار ايڏو واضح نه هو. جيئن ته اڪثر سنڌي واپاري لوهاڻا ذات جي مشهور ڀائيبند پنچائت سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطو رکندڙ هئا. تنهن هوندي به منجهن ڪتري ۽ پاتيا به شامل هوندا هئا. ۽ ڪنهن به صورت ۾ حيدرآباد يا شڪارپور ۾، ڪردار جي سخت ضابطن کي مڙهڻ جي اهليت، يا ڪين پنهنجي اثراتي پابندين وسيلي لاڳو ڪرڻ ۾ پڻ ڪا سگهاري ذات، پنچائت نه هوندي هئي. معلوم ٿئي ٿو، ته شهري ماڻهن ۾ رشتيداري ناتن وچ ۾ پائيچارو، پوءِ اهو حقيقي هو يا تصوراتي، سڄي دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهليل ننڍن واپارين کي پاڻ ۾ ملائڻ يا ڳنڍڻ لاءِ ڇنبڙائيندڙ لئي رهيو آهي. شهري ماڻهن وچ ۾ پائيچارو، رضاڪار تنظيمن ۽ پنچائتن جي وجود ۾ سمايل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. روسي انقلاب کان اڳ وچ ايشيائي ملڪن جي اڪثر علائقن ۾، شڪارپوري پنچائتون هونديون هيون، ۽ اُهي شڪارپور ۾ پنچائتن سان 'مظهرن' وسيلي لک پڙهه جو مستقل وهڪرو جاري رکنديون هيون، جنهنڪري وچ ايشيائي علائقن ۾ خاص ڪري واپار ڪندڙ شڪارپوري واپاري پاڻ ۾ لاڳاپيل ۽ ڳنڍيل رهندا هئا. انهن علائقي ۾جتي سنڌورڪي واپاري چڱي انگ ۾ هوندا هئا، اُتي سنڌن عام طور ڪا هڪ واپاري تنظيم هوندي هئي، جنهن کي اڪثر سنڌي ائسوسيئيشن يا سنڌي چيمبر آف ڪامرس جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جتي اُهي پنهنجي مفادن جي بچائڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ۽ منظم ٿي سگهندا هئا. رشتيداري لاڳاپن جي پڻ گهٽي اهميت هوندي هئي، خاص ڪري سنڌورڪي واپاري- سرشتي جي ترقيءَ جي اوائلي ڏاڪي ۾، جڏهن اڪثر واپاري پائيواريون، ساڳئي رشتيدار ڌر جي پاتين وچ ۾ ٿينديون هيون، ۽ پائيچاري يا پائيبندي جي تصوراتي رشتيداري، ساڳئي طرح واپار جي جاين تي گهٽ ۾ گهٽ استحڪام جي ڪجهه خاطري ڪرائيندي هئي. شهري ماڻهن وچ ۾ پائيچارو، جيڪي اڪثر پاڻ ۾ مائٽ هوندا هئا، تن ۾ بهرحال خودڪار هترادو طريقي سان ڀروسو پيدا نه ٿيندو هو. موقعي پرستيءَ وارو ورتاءُ وڏي پيماني تي ڦهليل هوندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ساڳئي آڪهه جي پاتين وچ ۾ پڻ هوندو هو، ۽ ڀروسو گهٽو ڪري ساک تي آڌاريل هوندو هو. قرض ساٿي شهري ماڻهن کي ڪنهن ڏاريي ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾، گهٽ شرح (جيڪو رواج موجب ڇهه سيڪڙو هوندو هو) تي ڏنو ويندو هو. پر سنڌي قرض ڏيندڙ، سنڌي مقروض خلاف، قرض نه ڏيڻ يا ڏيڻ ۾ دير جي صورت ۾، عدالت ۾ وڃڻ کان به نه ڪيٻائيندو هو. انفراديت، خاص ڪري سنڌورڪي حيدرآبادين ۾ گهٽي مضبوط هوندي هئي، ۽ ڪٿي به اسان 'اجتماعي سرمايداري' جو روح نٿا ڏسون، جيڪو هڪڙي هاٿوڪي ليکڪ مطابق، ناتوڪوتاءِ چيٽيار بينڪارن جو لَڇڻ آهي. (2) حيدرآباد ۾ طاقتور خانداني فرمون، هندستاني واپاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاندانن بابت اجتماعي ڏاهپ ۽ سرڪاري فوجي توقعات کي ڪوڙو ڪندي، ڪيترن ئي نسلن تائين واپار ۾ سرگرم رهيون. ڪيترن ئي طريقن ۾ اهي وڏيون فرمون ٻين عالمي واپاري فرمن کان اڳ- ورچ جوڳيون هيون، جنهن سان دنيا جي ساموندي بندرگاهن وارن شهرن ۽ وڏن بندرن تي سنڌن اڪثر چتاپيتي ٿيندي رهندي هئي. بهرحال اُهي پاڻ ۾ تمام ويجهو رهيا ۽ بانيڪارن جي خاندانن وسيلي انهن فرمن تي ضابطو رکيو ويندو هو ۽ حيدرآباد ۾ سنڌن مکيہ آفيس واقع هوندي هئي، جتي سيٺ يا مالڪ رهندو هو. واپار جي اصلي جاين ۽ واپاري- سرشتي جي مرڪزن وچ ۾ علحدگي، اڪثر ڏکڻ ايشيائي عالمي واپاري- سرشتي ۾ خاص ڪري هندو واپارين جي اهم خاصيت هوندي هئي.

ٻنهي واپاري- سرشتن جي تفصيلي مشاهداتي ۽ تجرباتي اڀياس مان جيڪا تصوير ظاهر ٿئي ٿي، سا ڪجھ متضاد آهي. جڏهن تہ شڪارپوري 'روايتي' ڏيهي بينڪار تولو گهڻو ڪري بينڪار تولو رهيو، جيڪي گهڻو ڪري هنڊيءَ جي ڪاروبار ۾ ملوث هوندا هئا. جڏهن تہ سنڌورڪي واپارين ڪاميابيءَ سان پنهنجي لاءِ عالمي واپاري دنيا ۾ لاڳاپا جوڙي ورتا ۽ ڪنهن حد تائين هنن يورپي مهارت ۽ فن سميت اخلاقي طريقن کي استعمال ڪيو. انهيءَ طريقي سان، تنهن دؤر ۾ ننڍي کنڊ ۾ هڪڙو ٻيو واپاري تولو پارسي بہ سامهون آيو. 'واپاري- سرشتي جي اهميت هوندي بہ، واپارين جي مڪمل ڪاميابي يا ناڪاميءَ کي، خاص مهارت ۽ ملڪن توڙي مارڪيٽن جي سُني ڄاڻ جي اؤسر لاءِ گنجائش سان منهن ڏيڻو پيو. واپاري ڪاميابيءَ لاءِ اهڙي مهارت جي اهميت، مشهور 'نسلي' واپاري- سرشتي منجهہ بہ اهو نقطو آهي، جنهن جو ذڪر چيني خانداني فرمن جي تازي اڀياس ۾ ڪيو ويو آهي. (3) هاٿوڪو اڀياس گهڻو ڪري ان پروڙ ۽ سوچ کي ثابت ڪري ٿو.

سنڌي واپارين جي پرڏيهي واپاري سرگرمين جي مجموعي متوازن- ڦرهي غيريقيني رهي آهي. هنن پنهنجي گهٽي واپاري سرگرمين کي اوائلي ڏاڪي تي سنڌ کان ٻاهر منتقل ڪرڻ وسيلي، علائقي ۾ وڌندڙ سياسي عدم استحڪام وسيلي پيدا ٿيل جوکن کي محدود ڪيو. پر ٻئي پاسي، 1947ع ۾ پنهنجي اباڻي ڏيهہ ۾ پٽهل هاجي کين پنهنجي واپاري سرگرمين جي طريقي کي مڪمل طور ٻيهر جوڙڻ تي مجبور ڪيو، ۽ کين مالياتي طور تمام گهڻو ناٿو خرچڻو پيو. پنهنجي واپاري سرگرمين واري عرصي ۾، هنن اثرائتي مالياتي ۽ مارڪيٽنگ مهارت کي سُڌاريندي، واپاري ڪاروهنوار جي نئين طريقي ڏانهن تبديليءَ ۾ سهوليت پيدا ڪئي، ۽ کين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غيرمثالي سطح تي سکيو تيڻ جو موقعو مليو. پر 1947ع کانپوءِ، هنن کي واپاري طبقي جي وجود ڏانهن ڏکڻ جي سزا ڏني وئي، جيڪا سنڌن پنهنجي چوڻ نه هئي، ۽ جنهن ۾ اُهي پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ وڃائڻ جي خطري ۾ آهن.

ڪجهه وڏيڪ عام سطح تي، ماڻهن، موڙي ۽ معلوماتي گردش جي باقاعدي طريقي جي موجودگي، جيڪا برطانيا- هندستان جي دائمي صوبي جي ٻن ننڍن شهرن ۽ ٻين ملڪن جي گهڻن علائقن وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين جاري رهي، سا ڳالهه عالمي سرشتي جي بالادست حڪمرانيءَ جي تاريخيت ڏانهن سڌي للڪار پيش ڪري ٿي، جنهن ۾ مرڪز، دائري ۽ نيم- دائري وچ ۾ واضح ورڇ هوندي هئي. جيتوڻيڪ شڪارپور ۽ حيدرآباد ٻنهي کي، سنڌن پنهنجي واپاري- سرشتي جي تعلق سان، جنهن بيشڪ تمام مرڪزي حيثيت والاري هئي، نيم- دائري سان لاڳاپيل حيثيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهو دليل به ڏئي سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ ان نُقطي کي شايد تمام گهڻو ڦهلائڻ ٿيندو، ته اهي ٻئي شهر خاص 'ننڍڙي- دنياوي معيشيت' جا مرڪز هئا، جيڪي وڏي عالمي سرمايدار معاشيات سان ڍِلو ڳنڍيل هوندا هئا. 'ننڍڙي- دنياوي عالمي معيشيت' جي مرڪز هوندي، انهن شهرن کي بلڪل صحيح طريقي سان 'ننڍڙا- دنياوي شهر' چئي سگهجي ٿو. عالمي شهر جو تصور جاگرافيدانن وٽ مشهور هوندو آهي، جيڪي عام طور ان کي نيويارڪ، لنڊن يا ٽوڪيو جيان 'مَها- شهر' ۽ ان جو واپار جي وسيع وهڪري ۽ دنيا جي وڏن حصن ۾ تيل موڙيءَ جي سيڙپڪاريءَ تي مجموعي ضابطو هئڻ ڏانهن مسوب ڪن ٿا. پر اهو ڪو سبب نه آهي، ته چو اهو خيال اِنهن شهرن تي لاڳو نٿو ٿي سگهي، جن تي ننڍي سطح تي پيٽ جوڳي جاگرافيائي حد کي ڇاڻائيندي ضابطو رکيو ويندو هو. انهيءَ خيال جي حساب سان ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾، حيدرآباد بيشڪ عالمي شهر هوندو هو، جنهن جا واپاري فرمَ دنيا جي چئني ڪُنڊن ۾ پنهنجي واپاري سرگرمين تي ضابطو رکندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ شڪارپور، وسيع وچ ايشيائي ملڪن لاءِ مالياتي مَها- شهر جي حيثيت والاريندو هو. انهن ٻنهي شهرن جي تاريخ مان 'مقامي' ۽ 'عالمي'، جيڪو عالمي سرمائيداري معاشياتي اُپار جي هاٺوڪي ترقيءَ خلاف آهي، وچ ۾ ڊگهي عرصي کان تعلقاتن جي موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو. انهيءَ ڏس ۾ ڏکڻ ايشيا جي معاشي تاريخ وڏيڪ عام لاڙن کان وڏي پيماني تي ڪٽيل هئڻ جو پتو پوي ٿو.

شڪارپور ۽ حيدرآباد جي واپارين جي تاريخ، هندستان يا پاڪستان ٻنهي جي

قومي تاريخن جي دائري منجهه نٿي لکي سگهجي. انهيءَ کي سنڌ تي مرڪوز علائقائي تاريخ جي مقرر اصولن مر بيهاري به نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ سنڌ اهو صوبو هو، جتي ٻئي شهر واقع هئا. تنهنڪري سنڌ جو موضوعاتي مواد واپاري- سرشتن جي تاريخ سان ڪنهن حد تائين ٽڪر کائي ٿو. شڪارپوري واپاري- سرشتي جو بُڻ بنياد ان ترقيءَ مر ڏسجي ٿو، جيڪا واضح طور 'افغان' هوندي 'دراني شهنشاهيت' جي اُڀار سان ڳنڍيل هئي، ۽ جنهن جو مرڪز قنڌار هوندو هو. جاٿايل ڏاڪو ازبڪ سلطنت مر ٿيندڙ تاريخي ترقيءَ سان لاڳاپيل هو، جيڪو 1860ع ۽ 1870ع ڌاري روسي فتح مر اچي گڏ ٿيو هو. جيستائين حيدرآباد جو تعلق آهي، ته سنڌورڪي واپارين جي تاريخ، سنڌ مر 1870ع مر اوائلي ڏاڪي مهل وِڪري وئي هئي، جڏهن هنن صوبي کان ٻاهر پنهنجي واپار لاءِ واپاري شيون وٺڻ شروع ڪيون هيون. انهيءَ وقت کان وٺي، شڪارپوري ۽ سنڌورڪي واپاري ٻئي عالمي- دلالن جا ٽولا بڻجي ويا، جيڪي سنڌ کي رڳو افرادي قوت جي پيرتي لاءِ استعمال ڪندا هئا. پر اُهي جن شين جو واپار ڪندا هئا، سي ٻئي ڪنهن هنڌ نهنديون هيون، ۽ ڪمايل يا قرض ورتل موڙي گهڻو ڪري علائقي کان ٻاهر استعمال ڪندا هئا. هن اڀياسي ڪتاب جي نتيجن مان ڪڍيل هڪڙو نتيجو اهو به آهي، ته سنڌي هندوئن مر گهڻي مشهور خيال جي ابتڙ، ته سنڌ مان ڪجهه سنڌي هندوئن جي روانگي، صوبي مر هندو اقليت جي صورتحال مر خرابيءَ جو نتيجو يا جواب نه هئي. وقت سان صوبي جي تاريخ ۽ واپاري- سرشتن وچ مر لاڳاپا تيزيءَ سان سست ٿيندا ۽ ڇِجندا ويا.

اهڙيءَ ريت، ڏکڻ ايشيا سان واسطو رکندڙ هنن ٻن واپاري- سرشتن جي تاريخ، ڪيترن ئي تاريخن جي چوواٽي تي واقع آهي. سنڌ جي ٻنهي شهرن جي مقامي تاريخ ڏورانهين ملڪن جي تاريخ سان اچرج واري طريقي سان ڳنڍجي وئي آهي. شڪارپوري واپارين لاءِ ويهين صديءَ جو سڀ کان اهم واقعو، 1947ع جي ورهاڱي سميت 1917ع جو روسي انقلاب هو، جنهن جي نتيجي مر وچ ايشيائي ملڪن کان شڪارپور ڏانهن وڏي پيماني تي پياچ ٿي، ۽ 1933ع مر سنڪيانگ مر ٿيندڙ بغاوت جي نتيجي مر به 'چيني' صوبي مان سنڌن پياچ ٿي. ايران ۽ افغانستان جي واقعن به شڪارپوري واپارين، سنڌن واپاري- سرشتي جي ڦهلاءَ کي سامهون رکندي ڏسبو، ته اُهي دنيا جي هر جاءِ تي ٿيندڙ واقعن کان متاثر ٿيا هئا، ۽ انهن واقعن سنڌن مقدر تي سڌو دباءُ وڌو هو: آسٽريليا، پناما يا فلپائيني ٻيٽن مر پرڏيهي لڏي ايندڙن خلاف قانون سازيءَ مر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي، اسپين ۾ گهرو ويڙهه، گولڊ ڪوسٽ ۾ ڏڦيڙ ۽ فساد سبب به سندن ڀاڱي ۾ رولو پيو هو. عالمي واپاري- سرشتي جي تاريخ لکندي، 'قومي' تاريخ جي سطح کان لنوائيندي، مقامي تاريخن کي عالمي تاريخ سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي سگهي ٿي.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. ڏسو: آچاريا جي. بي. ڪرپلاڻي: دي سنڌو ريسٽيلمنٽ ڪارپوريشن، گانڌي ڌام، بمبئي، 1951ع، ص 4-1.
2. ڏسو: رڊنير: ڪاسٽ اينڊ ڪئپيٽيلزم، ص 130-104.
3. ڏسو: چوئي چي- چيونگ: ڪنسشپ اينڊ بزنس- پيٽرنل اينڊ ميٽرنل ڪِن ان چائنو زو چائنيز فيملي فرمس، بزنس هسٽري، جلد 40، نمبر 1، 1998، ص 49-26.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو 1 : دڪان جي هڪ نائب جي ملازمت جو معاهدو

آءٌ هيٺ صحيح ڪندڙ ڦتومل ڪيومل، هندو، ڇمار ٽيٽيهه ورهيه، رهندڙ حيدرآباد سنڌ، هتي ميسرز پوهومل برادرز يعني سائين مولچند، سائين ليکراج، سائين سهجرام پٽ ڪيامل جي ملازمت ۾ شامل ٿيڻ جو هينين شرطن تي معاهدو ڪيان ٿو.

1. جيئن ته آءٌ جاٽايل فرم ۾ ٻه سال ۽ ڇهن مهينن جي عرصي لاءِ ملازمت ڪندس، اهو عرصو نومبر مهيني جي ٻه تاريخ 1901ع تي شروع ٿئي ٿو. ڪنهن به جاءِ تي پنهنجي خواهش مطابق پهرين پندرهن مهينن لاءِ پنجيتاليهه روپيا في مهينو پگهار تي ۽ پنجاهه رپيا ايندڙ پندرهن مهينن لاءِ مونکي موڪليندا. ۽ جاٽايل فرم مونکي منهنجي ملازمت جي عرصي دؤران، روزانو ڪاڌو پيتو ڏيندي.
2. جيئن ته منهنجا سمورا سفري خرچ، جنهن ۾ اچڻ ۽ وڃڻ جا خرچ شامل آهن، سي جاٽايل فرم پريندو.
3. منهنجو پگهار روانگي واريءَ تاريخ کان شروع ٿيندو ۽ واپاري ماڳ کي ڇڏڻ واري تاريخ کان ٻاٽمرادو بند تي ويندو.
4. جيئن ته آءٌ پنهنجي پاڻ کي فرم جو ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان خدمت ڪرڻ جو پابند سمجهان ٿو ۽ پنهنجي مالڪن، سندن مئنيجرن ۽ سندن ڪاروبار جي ڪنهن به نگران جو فرمانبردار رهندس، ڪنهن به جاءِ تي ۽ ڪنهن به وقت آءٌ سندن خدمت ڪندس ۽ آءٌ اُهي سمورا ڪم پُورا ڪندس، جنهن جو مون تي ذمو رکيو ويندو.
5. جيئن ته ليکو چوکو بمبئي يا حيدرآباد سنڌ ۾، جتي مالڪ جي خواهش هوندي، نبيريو ويندو.
6. مٿي جاٽايل مالڪ پنجويهه روپين جي ماليت جي رقم مونکي هتي ئي منهنجي والدين کي، خانداني ياتين جي سنڀال ۽ خرچ پکي لاءِ ڏيندو.

اهڙيءَ ريت هي معاهدو 10 آڪٽوبر 1901ع تي ٿيو.

Source: Pohoomul Brothers, Plaintiff and Fatehchand Kayomull, Defendant, PRO, Foreign Office Records. Embassy and Consular Archives: Egypt. Cairo Consular Court Records. Dosier no. 25 of 1902. FO 841/72



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو II: هڪ نوڪر جي ملازمت جو معاهدو

هي معاهدو 27 سيپٽمبر 1905ع تي حيدرآباد سنڌ ۾، حيدرآباد سنڌ جي رهائشي چيلارام وسڻ مل (جنهن کي اڳتي هلي ملازم چيو ويندو) ۽ سائين ڪيسومل سوڀراج رهندڙ حيدرآباد سنڌ (جنهن کي هاڻي مالڪ چيو ويندو) وچ ۾ ٿيو.

1. ڄاڻايل ملازم ڄاڻايل مالڪ وٽ قاهره (مصر) ۾ يا ڪنهن ٻي جاءِ يا ماڳ تي عام مزدور جي حيثيت سان ملازمت ڪرڻ تي راضي آهي، جتي به ڄاڻايل مالڪ ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب موڪلي يا ڄاڻايل مقصد لاءِ مقرر ڪري.
2. معاهدي ۾ ڄاڻايل ڳالهه هيءَ آهي، ته ٽن ورهين جي عرصي تائين، جيڪو عرصو 27 سيپٽمبر 1905ع کان شروع ٿيندڙ آهي، (ڪيس) شين جي سنڀال ڪرڻي آهي.
3. ڄاڻايل ملازم جي پگهار، ڄاڻايل عرصي لاءِ في مهينو پهرين سال لاءِ ڏهه رپيا، ٻارهن رپيا في مهينو ٻئي سال لاءِ ۽ ٽئين سال لاءِ پندرهن رپيا في مهينو ٿيندي. هن جي پگهار مان ڇهه رپيا ماهوار سندس حيدرآباد ۾ رهندڙ والدين کي ڏنا ويندا ۽ رهيل پئسا مالڪ پاڻ وٽ رکندو ۽ اُهي ڄاڻايل ملازم کي پنهنجي ملازمت جي مُدي ختم ٿيڻ کان پوءِ واپسيءَ تي ڏنا ويندا....
4. ڄاڻايل ملازم حيدرآباد کان واپار واري جاءِ ڏانهن ۽ ڄاڻايل عرصي ۾ مُدي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڄاڻايل مالڪ جي خرچ تي حيدرآباد ڏانهن واپس ويندو.
5. ڄاڻايل ملازم کي رهائش، ماني، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ ڏاڙهي ناهڻ لاءِ مفت سهولت ڏيندي ويندي، جتي به ڪيس ملازمت لاءِ رکيو وڃي. ڄاڻايل مالڪ ڄاڻايل ملازم کي ارڙهن رپيا في مهينو ڪپڙن لاءِ ملازمت واري جاءِ تي ڏيندو.
6. ڄاڻايل ملازم شاهدي تو ڏئي، ته هو اُهي سمورا فرض پورا ڪندو، جيڪي سندس ڄاڻايل مالڪ متس مقرر ڪندو....
7. ڄاڻايل ملازم وڌيڪ شاهدي تو ڏئي، ته هو مالڪ جي واپار جي ڪنهن به ڳجهه کي ڪنهن ماڻهو آڏو پڌرو نه ڪندو، ڪنهن ٻي فرم يا ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪو نجي ناتو يا ڳجها لاڳاپا يا رابطو نه رکندو، نه ڀڄندو يا نه ئي نوڪري ڇڏيندو يا فرض کان نٽائيندو ۽ ڄاڻايل عرصي دوران ڪنهن سان به شامل نه ٿيندو يا ڪنهن ٻئي ماڻهو يا فرم ۾ ڪا خدمت ونندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨. چاڪايل ملازم پيشگي م ويھ رپيا ورتا آھن، جيڪي سندس پگھار مان ڪٽيا ويندا.

Source: 'Kessumal Sobhraj, plaintiff, vs. Chellaram Vasanmal, defendant', PRO. Foreign Office Records.Embassy and Consular Archives. Egypt. Cairo Consular Court Records. Dossier no. 7 of 1907, FO 841/91.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو III: ٽن حيدرآباد جي واپارين وچ ۾ ڀائيواريءَ جو معاهدو

هي اقرارنامو آڪٽوبر مهيني جي پهرين تاريخ تي هڪ هزار نَوَ سؤ ۽ ڇهه، هڪڙي ڀائيوار نالي ڀائي خانچند ميگهراج هندو، لوهاڻو واپاري، رهندڙ حيدرآباد سنڌ، بمبئي پريزيڊنسي (هندستان)، جنهن کي هتي سرمايدار سڏيو ويندو.

ڪوڏومل پُٽ رامچند، هندو پنجابي، رهندڙ حيدرآباد سنڌ، هاڻي قاهره ۾ رهي ٿو، سو ٻيو ڀائيوار آهي، تنهن کي هتي ڀائيوار سڏيو ويندو ۽ نارائڻداس پُٽ ڪشنچند، هندو لوهاڻو، رهندڙ حيدرآباد سنڌ، جيڪو ٽيون ڀائيوار آهي، تنهن کي پڻ ڀائيوار چيو ويندو، سي هيٺين ريت شاهد آهن:

1. جيئن ته ڄاڻايل خانچند، ڪوڏومل ۽ نارائڻ داس پنهنجي طور، سنڌن وارثن، سنڌن مامرا هلائيندڙن ۽ انتظام ڪندڙن، جيڪي هڪٻئي تي آڌاريل آهن، ته جيئن ڄاڻايل خانچند ڪوڏومل ۽ نارائڻ داس مقصد ۽ عرصي لاءِ ڀائيوار ٿيندا ۽ رهندا، توڙي شرطن ۽ قاعدن جي ماتحت جيڪي اظهاريل آهن ۽ شامل آهن ۽ ان بابت ائين چئجي ته:
2. جيئن ته پهرين ڏريعني خانچند ميگهراج هڪ فرم جو مالڪ ۽ سرمايدار آهي، جيڪو مشرقي ملڪن ۾ ٺهيل شين جو قاهره (مصر) ۾ واپار ڪري ٿو، جنهن کي هاڻي 'سائين خانچند' سڏيو ويندو.....
3. جيئن ته ڀائيواريءَ جو ڪاروبار هندستاني، چيني ۽ جپانين شين ۽ نوادرات جي درآمد ۽ وڪري تي مشتمل هوندو، جنهن کي عام طور قاهره ۾ 'سنڌ ورڪس' چيو وڃي ٿو.
4. جيئن ته ڄاڻايل ڀائيواري...... پنجن ورهين تائين جاري رهندي..... ۽ ان ڏينهن کان شروع ٿيندي، جڏهن ڄاڻايل نارائڻ داس ڪشنچند، ٽين ڌُر قاهره ويندو ۽ ڄاڻايل ٻي ڌُر ڪوڏومل رامچند سان، جيڪو اڳيئي قاهره م موجود آهي، گڏيل طور ڪاروبار جو انتظام وٺندو...
5. جيئن ته ڀائيواريءَ وارو ڪاروبار مسٽر خانچند جي فرم، نموني ۽ نالي هيٺ جاري رکڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. جيئن ته پورهيت- ڀائيوار اڪيلي ۽ شخصي طور ڪم ڪرڻ جو پابند هوندو ۽ سرمايدار حيدرآباد (سنڌ) ۾ رهندو ۽ پورهيت- ڀائيوارن کي صلاحون ۽ اهڙيون هدايتون ڏيندو، جيڪي هو مناسب ۽ صحيح سمجهندو ۽ ذاتي طور ڪم ڪرڻ جو پابند نه هوندو.

7. جيئن ته ڀائيواريءَ جي ڪاروبار کي جاري رکڻ لاءِ گهربل موڙي يا ناڻو ڪاروبار جي گهرج مطابق 15000 رپين (پندرهن هزار رپين) جي حد تائين سرمايدار مهيا ڪندو.

8. ڪاروبار جي نقصان ۽ نفعي ۾ ڌرين جا ڀاڱا هن ريت هوندا: هرهڪ سورهن آنا ۽ ٽن پائين مان رکو:-

سرمايدار، ڄاڻايل کانچند کي ست آنا ملندا.

پورهيت- ڀائيوار، ڄاڻايل ڪوڙومل کي چار آنا ۽ ڇهه پايون ملنديون.

پورهيت- ڀائيوار، ڄاڻايل نارائڻ داس ڪشنچند چار آنا ۽ ڇهه پايون وٺندو. ٽي پايون متناسب طور چندي خيرات لاءِ ڪڍيون وينديون.

9. جيئن ته سرمايدار هر مهيني ڀائيوار آمدنيءَ مان ويهه رپيا ڄاڻايل ڪوڙومل رامچند جي خاندان کي ۽ سٺ رپيا ڄاڻايل نارائڻ داس ڪشنچند جي خاندان کي ڏيندو ۽ هرهڪ پورهيت- ڀائيوار ڪاروبار واري جاءِ تي پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ هر مهيني ڏهه رپيا ماهوار ڪڍڻ جو حقدار هوندو- انهن سڀني ادائيگين ۽ ڪڍيل پئسن تي ساليانو ڇهه سيڪڙو نفعو لڳندو. ۽ سرمايدار جي ڏنل موڙيءَ مان پڻ ساليانو ڇهه سيڪڙو نفعو ڪڍيو ويندو.

.... ....

16. جيئن ته هرڪ ڀائيوار (ڪم ڪندڙ) واپار واريءَ جاءِ تي رهڻ جو پابند هوندو ۽ ٻن سالن کان پوءِ مُدي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ وطن موٽڻ ۽ ٽي مهينا گهارڻ جو حقدار هوندو.

.... ....

18. جيئن ته ڀائيواريءَ واري ڪاروبار ۾ بي ايماندي ڪندڙ يا نقصان پهچائيندڙ ڀائيوار ڪنهن به نفعي، پوءِ اهو ڪيترو به هجي، وٺڻ جو حقدار نه هوندو، پر سمورا نقصان سهڻ جو جوابدار هوندو ۽ ڪيس سرمايدار هڪدم واپار مان ڪڍي ڇڏيندو.

.... ....

22. جيئن ته ڪم ڪندڙ ڀائيوارَ شيون اوڌر تي نه ڏيندا، پر شايد مناسب حالتن ۾ اوڌر تي ڏئي سگهن ٿا، پر شرط هي آهي ته هڪ سال جي ڪُل اوڌر هڪ هزار رپين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڌيڪ نہ ٿيندي. سمورو ڪاروبار روڪڙ تي ڪيو ويندو ۽ ناڻو ڪمايل يا بچايل وقت بہ وقت سرمايدار ڏي حيدرآباد سنڌ ڏانهن باقاعدگيءَ سان موڪليو ويندو.

....

Source: 'K. Khanchand and Kodoomal, Plaintiff vs. Naraindas Kishinchand, Defendant', PRO, Foreign Office Records, Embassy and Consular Archives: Egypt, Cairo consular Court Records, Dossier no. 134 of 1908, FO 841/101.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ضميمو IV: 'سنڌي واپارين' بابت جنگي آفيس جو ڳجهو دستاويز

هندستاني واپارين جون وڏي انگ ۾ وڏيون فرمون آهن، جن جا حيدرآباد (سنڌ) ۾ هيڊڪوارٽر قائم آهن، جن جون ڪوٺيون عملي طور سمورن خط استوائي ۽ غير خط استوائي ملڪن ۾ قائم آهن. اُهي ظاهري طور اُتي درآمد ۽ برآمد جو واپار ڪن ٿا، جتي سندن ڪوٺيون جوڙيل آهن. هنن جي جبرالٽر، مالٽا ۽ پورٽ سعيد ۾ عياشيءَ واريون ۽ فينسي شيون وڪڻڻ لاءِ جوڙيل دڪانن ڪان سمورا سياح واقف آهن....

هي ڳالهه عام طور مڃيل آهي، ته انهن فرمن سان لاڳاپيل ماڻهو، هندو واپاري طبقي جي اڪثريت جيان سياست مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ۾ تمام گهٽ ملوث آهن. ۽ فطرتي مفروضو هي آهي، ته اهي زندگيءَ جي تحفظ ۽ امن کي ساراهين ٿا ۽ هندستان ۾ برطانوي حڪمراني وسيلي ملڪيتي تحفظ جي جيڪا خاطري ڪرائي وئي آهي ۽ واپار ۾ جيڪي سهولتون ڏنيون ويون آهن، جنهن مان برطانوي- شهريءَ جي حيثيت سان سندن رُتبي جو پتو پوي ٿو، ۽ اهو ته اُهي مامرن جي هاڻوڪي ترتيب ۾ تبديلي نٿا چاهين. هينين حقيقتن جو مختصر وچور ڏنل آهي، جنهن مان انهيءَ ڳالهه جي لاڙي جو پتو پوي ٿو، ته صورتحال ابتڙ آهي.

1. جنوري 1916ع تي، راڌومل ۽ سنز فرم جي هڪ ملازم جيٺمل کي پورٽ سعيد تي هانگ ڪانگ مان مليل انهيءَ چاڻ جي بنياد تي جهليو ويو هو، ته هو ڏور- اوڀر وارن ملڪن ۾ هندستاني انقلابي هلچل ۾ ملوث هو. هي ماڻهو ڪينٽن ۾، آمريڪا کان هندستان ڏانهن موٽندڙ غدر پارٽيءَ جي رڪنن کي پناهه ڏئي چڪو هو. هن جي گهر جي جهڙتي ورتي وئي ۽ ڪجهه شڪي دستاويز لڌا ويا، جن ۾ ترڪن ۽ جرمن جا حوالا موجود هئا ۽ منجهائن برطانيا جي سندن هندستان مان تڙجڻ جي اڳڪٿين جو پتو پيو. هندستان ۾ ڪيل جاچ مان سندس حيدرآباد جي مالڪن منجهه برطانوي- مخالف جذبن جي ثابتي يا ڪنهن شاهدي پڌري ٿيڻ ۾ ناڪامي ٿي.

2. جولاءِ 1916ع، هيءَ ڄاڻ فرينچ ذريعن وٽان ملي، ته پوهومل برادرز جي فرم تي، جنهن جون الجزائر، سيئوٽا، ميليلا ۽ ٽينيرائيف ۾ ڪوٺيون هيون، جرمن مشرقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرچارڪ مواد جي ورڇ ۾ مدد ڏيڻ جو شڪ هو. ٻئي پاسي اهڙي قسم جو مواد، جيئن ڄاڻ ملي آهي، ان شخص وٽان ڪڏهن به نه مليو آهي.

3. آگسٽ 1916ع ۾ غدر پارٽيءَ جي اڳواڻ ڀڳوان سنگهه جي پاناما ۾ اچڻ جي نتيجي ۾، اسٽمس ۾ رهندڙ اوڀر هندستاني آباديءَ ۾ بغاوت سان ڀرپور جذبن جي لهر اڀري هئي، ۽ اهو ٻڌايو وڃي ٿو، ته ان ڪان سنڌي فرمن جا ملازم به متاثر ٿيا آهن ۽ چيو وڃي ٿو، ته هنن انقلابي فنڊ ۾ چندا به ڏنا آهن. بهرحال، هيءَ ڳالهه ڏيان ۾ آڻڻ گهرجي، ته چئن مکيه فرمن جي مئنيجرن، مقامي پريس ۾ ڀڳوان سنگهه جي پرچارڪ لاءِ همدردي يا ڪنهن به قسم جي تعلق واري عوامي دعويٰ کان انڪار ڪيو آهي. ڊسمبر 1916ع ۾ هيءَ ڳالهه پڻ چٽي وئي هئي، ته هندستان جي ٻين طبقن ۾ عام سنڌين منجهان ڪجهه، پاناما جي شهرين جيان فطرتي طور حصو ونندي، ڪولون ۾ قائم جرمن قونصل جي ورغلائڻ ۾ شامل هئا. انهن سمورين رپورٽن جي نتيجي ۾ پاناما ۾ هز مئجسٽيءَ جي وزير 1916ع ڪانپوءِ جڏهن اسٽمس مان سمورن اوڀر هندستانين جي، پوءِ ڀلي اُهي اوڀر يا اولهه ڏانهن سفر ڪندڙ هجن، روانگيءَ جو حڪم نامو ڪڍي چڪو آهي. انهن مسافرن ۾ ڪيترائي سنڌي شامل هئا ۽ ڪانئن هر موقعي تي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ۽ سندن شين جي جهڙتي ورتي وئي، پر ناپسند قسم جي اجا ڪابه شيءِ نه لڌي آهي....

4. 20 فيبروري 1917ع تي هندستاني حڪومت، آمريڪا ۾ غدر هلچل سان سيراليون جي ڪجهه سنڌي فرمن جي شرڪت جي مبينه الزام بابت حوالو ڏيندي چيو: 'اسان باخبر آهيون، ته اهڙين فرمن جا پرڏيهه ۾ رهندڙ پائيوار ۽ ملازم ڪيترن ئي مامرن ۾ بغاوت ڏانهن جهڪاءُ رکن ٿا ۽ اُهي انقلابي جماعتن سان لاڳاپا رکڻ کي امڪاني طور فائديمند پائين ٿا. اسان اهو پڻ ڄاڻون ٿا، ته اُهي انهن سازشين کي سفري توڙي رهائشي سهولتون مهيا ڪندي ۽ بغاوتي مواد کي پکيڙڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پئسا ڏين ٿا: پر اسان وٽ ڪابه ثابتي نه آهي، ته ڪو فرم باقاعدگيءَ سان پنهنجي واپاري تنظيم کي انقلابي مقصدن جي وڌائڻ لاءِ واپرائي ٿو يا نه.'

5. ڪرمنل انٽيليجنس شملا جي ڊائريڪٽر پهرين مارچ 1918ع تي لکندي چيو: 'سنڌورڪي فرمن، جيڪي سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهن، وچ ۾ نافرمانيءَ جي حد، عقل ۽ سوچ کان گهٽي وسيع آهي.'

6. پاناما ۾ هز مئجسٽيءَ جي وزير جولاءِ 1918ع تي پرمانند شيوارام جي ڪولون کان قاديز ڏانهن هڪ اسپيني ساموندي ٻيڙي تي روانگي جو بيان جاري ڪيو، ۽ ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'بلڪل برطانيا- مخالف' سڏيو'. اهو چيو وڃي ٿو، تہ هن ماڻهوءَ کي قاديز پهچڻ تي اتي موجود جرمن قونصل کي ڪجهہ دستاويز هٿ ۾ ڏيندي ڏٺو ويو هو.

7. ساڳئي مهيني ۾، ڪئنال زون ۾ ڪم ڪندڙ يونائيٽيڊ اسٽيٽس پوسٽل سينسرشپ هيٺ هڪ خط کي روڪيو ويو، جيڪو جي. ٽي. چئنراءِ اينڊ ڪمپني ڪولون طرفان ٽينيراءِ واري ڪوٺيءَ ڏانهن موڪليو ويو هو. جڏهن خط کي خاص نموني سان پڙهيو ويو، تہ اهو هيئن لکيل هو: 'مون موهن لال کي لکيو: پر ڪوبہ جواب نہ مليو. پيسومل سئن فرانسسڪو ۾ جهلجي پيو. رهيل ڪم وطن اچي پورو ڪيو ويندو. پنهنجي رهڻ واريءَ جاءِ وٽان هڪدم هرديا لال کي خبر موڪل. مونکي صلاح ڏني تہ ايران کان رواني ٿيندڙ فوج لاءِ ڪڏهن وقت مقرر ڪجي. شير سنگهہ وٽان خط مليو: نايا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. مون وٽ اجا چار هزار باقي آهن. انگريزي سفارتخانو اُڏائڻ جي آڇ ملي آهي: انهيءَ تي ويچار ڪر تہ اهو ڪم ڪئن ڪيو وڃي. ڊائنامائيٽ نٽا وٺي سگهون. مون ڏي هڪدم خبر موڪل. سوراج.'

(خاص ڳالهہ: پيسومل انهن ماڻهن منجهان آهي، جنهن جي روانگيءَ جي هزمئجسٽي جي وزير پڌرائي ڪئي هئي ۽ جنهن کي نتيجي ۾ پيچا ڳاچا لاءِ سئن فرانسسڪو ۾ جهليو ويو هو.)

لالا هرديال غدر پارٽيءَ جو بانيڪار آهي، ۽ هاڻي جرمنيءَ يا ترڪيءَ ۾ آهي.

نايا جي معنيٰ ضرور هندستان ۾ ان نالي سان مقامي رياست جو مهاراجا ٿي هوندو.

موهن لال ۽ شير سنگهہ نامعلوم آهن.

سوراج (عام طور تي سَوراج) معنيٰ 'آزاد- حڪومت.'

8. ڪرمنل اينٽيليجنس شملا جي ڊائريڪٽر 15 جون 1918ع تي لکندي ڄاڻايو، تہ سنڌ ۾ خطري وارن افواهن جو راڄ هو، تہ ايران کان هندستان تي فوجي ڪاهہ ٿيڻ واري آهي، ۽ اهو تہ اڪثر هندو رهواسين پاڙيسري رياستن ڏانهن لڏپلاڻ پئي ڪئي. هندستان جي جنرل اسٽاف جي چيف 23 آگسٽ تي ٽيليگراف موڪليندي ڄاڻايو، تہ جي. ٽي. چئنراءِ اينڊ ڪمپني جي ٽينيرائيف ۽ پاناما مان ڪيترائي ملازم خطري وارا دشمن- مخالف افواهہ پکيڙڻ لاءِ پابند هوندا هئا.

## پڇاڙي

اجا تائين اهڙي ڪابہ ثابتي نہ ملي آهي، تہ سنڌي واپارين جا فرمَ ڪنهن بہ ريت بغاوت ڦهلائيندڙ سازش ۾ ملوث آهن. پرڏيهي ملڪن ۾ فرمن جا ملازم اڪثر طور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غدر پرچار جي اثر هيٺ آيا ۽ ڪو ماڻهو تصور ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن ڪو ٻيو سبب نه هجي، ته اُهي پنهنجي بچاءَ ۽ خوراڪ کان بچڻ لاءِ ڪنهن حد تائين چندو ڏيڻ جا پابند هوندا هئا. اسپين ۽ ڪينري ٻيٽن ۾ رهندڙ واپاري، جرمن نمائندن جي کُليءَ ريت سڌي اثر ۾ هوندا هئا. ۽ پاناما ۾ پڻ اسان ڄاڻون ٿا، ته عملي طور جرمن شهرين تي ڪابه پابندي يا روڪ نه آهي. پاناما (ڪيوبا وسيلي) ۽ ميڪسيڪو وچ ۾ موجود رابطن سان پڻ ٿورڙو امڪان آهي، جتي هندستاني انقلابي هلچن جا اڳواڻ هاڻي گڏ ٿيل آهن. تنهنڪري، هنن فرمن جي واپاري سرگرمين وسيلي، انهن چينلن مان اُڪرڻ ۽ اچ وڃ واري صورتحال کي ڏسبو، ته جرمن پرچار کان متاثر ٿيڻ واري اها ڳالهه اچرج جوڳي نه لڳندي. هاڻي سوال هي آهي، ته ڇا سنڌي شعوري طور انهيءَ ڏس ۾ دشمن جي مدد ڪرڻ واري خيال کان پنهنجون خدمتون آڇيندا هئا. يا وري ذات جا واڻيا هوندي ۽ هڪدم ڏيپ ۾ ونجڻ ڪري اُهي گهٽ وڌ هندستان- جرمن انقلابي سازشين جا لاشعوري اوزار آهن، تنهن ڳالهه کي اجا پختگيءَ سان نٿو چئي سگهجي.

جنگي آفيس (ايم. آءِ. 5)
سيپٽمبر، 1918ع.

Source: Enclosed in S. Newby, of the War Office, to R. A. C. Sperlig, of the Foreign Office, 7 September 1918, PRO, Foreign Office Records, General Correspondence (Political), United States File 327 of 1918, FO 371/3426.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**Public and Judicial Department Records**
Public Despatches to Bengal and India 1830–1879, L/P&J/3
Departmental Papers: Annual Files 1880–1930, L/P&J/6
Departmental Papers: Annual Files 1931–1950, L/P&J/7
Departmental Papers: Collections *c.* 1930–1947, L/P&J/8

**Proceedings of the different governments in India**
Bengal Board of Revenue (Miscellaneous) Proceedings, Opium
Bombay General Proceedings
Bombay General Confidential Proceedings (Miscellaneous)
Bombay General (Miscellaneous) Proceedings, Emigration
Bombay Political Proceedings
Bombay Revenue Proceedings
India Commerce and Industry (Emigration) Proceedings
India Foreign Proceedings (External)
India Foreign Proceedings (Political)
India Revenue and Agriculture (Emigration) Proceedings

**Public Record Office, Kew**

**Colonial Office Records**
Colonies (General) Economic Original Correspondence, CO 323, CO 852
Gibraltar Original Correspondence, CO 91
Gold Coast Original Correspondence, CO 96
Sierra Leone Original Correspondence, CO 267
Victoria Sessional Papers, CO 311

**Foreign Office Records**
General Correspondence (Consular), FO 369
General Correspondence (Political), FO 371
Embassy and Consular Archives: China Consulates, Personal Estates Correspondence, etc., FO 678
Embassy and Consular Archives: China, Shanghai Supreme Court Probate Records, FO 917
'Estate of Dorabjee Nusserwanjee Camajee', 1882
'Estate of Hormusjee Dorabjee Camajee', 1886
'Estate of Jwanbai Bomanji Karanjia, widow of Bomanjee Pallonji Karanjia', 1906
Embassy and Consular Archives: Egypt, Alexandria Consular Court Records, FO 847
'Estate of Gehimall Nanikram Tolleram', 1888
Embassy and Consular Archives: Egypt, Cairo Consular Court Records, FO 841
'Pohoomull Brothers, plaintiff, and Fatehchand Kayomall, defendant', 1902
'Kissumal Sobhraj, plaintiff, vs. Chellaram Vasanmal, defendant', 1907
'Udhavdas Singnamal vs. Tarachand Mulchand', 1907
'K. Khanchand & Co. vs. Dettaram Gopomall', 1908
'K. Khanchand and Kodoomal vs. Naraindas Kishinchand', 1908
'Koshiram Daulatram vs. Dettaram Wattamull', 1908



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'Probate jurisdiction. In the goods of Bhai Khanchand of Cairo deceased', 1909

'Dialdas Kalachand vs. Kodoomal Ramchand', 1911

'J. T. Chanrai vs. Pribhdas Rupchand', 1918

Embassy and Consular Archives: Egypt, Port-Said Consular Court Records, FO 846

'Sitaldas Naunmal, applicant, and Dialdas & Sons, respondent', 1930

'S. Baloomal, plaintiff, vs. Ratoomal & Sons, defendants', 1931

Embassy and Consular Archives: Japan, General, FO 262

Embassy and Consular Archives: Japan, Japan Consulates Miscellaneous, FO 345

Embassy and Consular Archives: Japan, Yokohama, FO 908

Embassy and Consular Archives: Morocco, Fez Consular Court Records, FO 909

'Probate jurisdiction in the case of Tolaram Tarachand', 1929

Embassy and Consular Archives: Morocco, Tangier, FO 174

Embassy and Consular Archives: Tripoli (Lybia), FO 161

## PUBLISHED RECORDS, GOVERNMENT PUBLICATIONS, ETC.

### Published Records and Collections of Documents

*Selections from Despatches addressed to the several governments in India by the Secretary of State in Council*, London

*Correspondence Relative to Sinde 1838–1843*, London, 1843

*Selections from the Records of the Bombay Government*, new series, no. XVII, Bombay, 1855

*Selections from the Records of the Bombay Government*, new series, no. CXXII, Bombay, 1871

*Précis of Papers regarding Affairs in Central Asia, 1867–1872*, Simla, 1872

Kunte B. G. (ed.), *Source Material for a History of the Freedom Movement. History of the Non-cooperation Movement in Sind 1919–1924*, vol. V, *Collected from Maharashtra State Records*, Bombay, 1977.

Sareen T. R. (comp.), *Select Documents on Indian National Army*, Delhi, 1988

Bhan S. and B. Pachai (eds.), *A Documentary History of Indian South Africans*, Cape Town and Johannesburg, 1984

### Gazetteers

*Gazetteer of the Province of Sind*, E. H. Aitken (comp.), Bombay, 1907

*Gazetteer of the Province of Sind 'B' Volume II, Hyderabad District*, J. W. Smyth (comp.), Bombay, 1920

*Gazetteer of the Province of Sind 'B' Volume III, Sukkur District*, Bombay, 1919

*Lorimer's Gazetteer of the Persian Gulf, Oman and Central Arabia*, Calcutta, 1908

### Census of India Publications

*Census of India 1881, Operations and results in the Presidency of Bombay, including Sind*, J. A. Baines, vol. II, *Tables*, Bombay, 1882



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*Census of India 1891*, vol. VIII, *Bombay and its Feudatories*, part I, *Report*, W. W. Drew, Bombay, 1892

*Census of India 1891*, vol. VIII, *Bombay and its Feudatories*, part II, *Report*, W. W. Drew, Bombay, 1892

*Census of India 1891*, vol. X, *Burma*, part III, *Tables*, Rangoon, 1892

*Census of India 1901*, vol. IX A, *Bombay*, part II, *Tables*, *Imperial Tables*, R. E. Enthoven, Bombay, 1902

*Census of India 1921*, vol. X, *Burma*, part II, *Tables*, Rangoon, 1923

*Census of India 1931*, vol. I, *India Report*, J. H. Hutton, Delhi, 1933

*Census of India 1931*, vol. VIII, *Bombay Presidency*, part I, *General Report*, A. H. Dracup and H. T. Sorley, Bombay, 1933

*Census of India 1951*, vol. IV, *Bombay, Saurashtra and Kutch*, Delhi, 1955

**Other government publications in India**

*Reports and Papers, Political, Geographical and Commercial Submitted to Government by Sir Alexander Burnes, Lieutenant Leech, Dr Lord and Lieutenant Wood Employed on Missions in the years 1835–36–37 in Scinde, Afghanistan and Adjacent Countries*, Calcutta, 1839

*Note on the Trade Statistics of the Punjab 1870–71, 1875–76 and 1890–91*, Lahore

*Report on a Mission to Yarkand in 1873, with the Comment of Sir T. D. Forsyth with Historical and Geographical Information Regarding the Possessions of the Ameer of Yarkand*, Calcutta, 1875

*Prices and Wages in India 1901*, Calcutta, 1902

*Report on the British Indian Commercial Mission to South-Eastern Persia during 1904–05*, A. H. Glendowe-Newcomen, Calcutta, 1906

*Report on an Inquiry into the Silk Industry in India*, H. Maxwell-Lefroy and E. C. Ansorge, Calcutta, 1917

*Report of the Bombay Provincial Banking Enquiry Committee 1929–30*, Bombay, 1930

*Report of the Burma Provincial Banking Enquiry Committee 1929–30*, Rangoon, 1930

*The Madras Provincial Banking Enquiry Committee*, vol. I, *Report*, Madras 1930

*Consolidated Annual Report on the Working of the Indian Emigration Act*, New Delhi, 1935, 1936

*Annual Report on the Working of the Indian Emigration Act, 1922, in Sind*, New Delhi, 1937–41

*Large Industrial Establishments in India 1937*, Delhi, 1939

**UK Parliamentary Papers**

*Parliamentary Papers, House of Commons, 1831–32*, vol. VI

*Parliamentary Papers, House of Commons, 1854, East India (Scinde)*

*Parliamentary Papers, House of Commons, 1864*, vol. XLII

**UK Official Reports**

*Royal Commission on Opium 1894–1895*, vol. VII, *Final Report*, London, 1895



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### Publications of other governments

*Census of Ceylon, 1921*, vol. I, part I, Colombo, 1923
*Census of Ceylon, 1946*, vol. I, part I, Colombo, 1950
*The Gold Coast. Census of Population 1948. Reports and Tables*, Accra, 1950
*1960 Population Census of Ghana*. vol. III, *Demographic Characteristics*, Accra, 1964
*Census of the Netherlands Indies 1930*, vol. VII, *Chinese and Other Non-indigenous Orientals in the Netherlands Indies*, Batavia, 1935

### Directories and Who's Whos

*Annuaire commercial, industriel, administratif, agricole et viticole de l'Algerie et de la Tunisie 1902*, Paris
*The Business Directory of Hong Kong, Macao, Canton*, Hong Kong, 1938
*The Ceylon Mercantile Directory, 1933*, Colombo
*The Gibraltar Directory and Guide Book*, Gibraltar, 1899
*The Handbook of Sierra Leone*, T. N. Goddard (comp.), Luton, 1925
*The Hong Kong Directory and Hong List for the Far East 1889*, Hong Kong,
*The Indians Abroad Directory*, Bombay, 1934
*Jagtiani's Handbook and Directory of Sind*, Karachi, 1934
*The Japan Times Yearbook 1933*, s.l.
*Seaports of the Far East: Historical and Descriptive, Commercial and Industrial. Facts, Figures and Resources*, London, 1923
*The Shanghai Directory 1934*, Shanghai, 1934
*Sindhi Merchants Association, Singapore, Trade and Telephone Directory 1994–1995*, Singapore,
*The Singapore and Straits Directory 1911*, Singapore, 1911
*The South African Indian Who's Who and Commercial Directory 1936–37*, Pietermaritzburg, 1935
*The Trade Directory of Japan*, Calcutta, 1940
*Who's Who in Sind*, Karachi, 1944

### Published books by contemporaries

Adburgham, A., *Liberty's: A Biography of a Shop*, London, 1975
Andrews, C. F., *India and the Pacific*, London, 1937
Baillie, A. F., *Kurrachee (Karachi); Past, Present and Future*, London, 1890
Bharadwaj, P., *Sindhis Through the Ages*, Hong Kong, 1988
Birdwood, G. C. M., *The Industrial Arts of India*, 1880
Burnes, A., *Travels into Bokhara Together with a Narrative of a Voyage on the Indus*, London, 1834, 1st edn (reprint Karachi, 1973)
Burnes, J., *A Narrative of a Visit to the Court of Sinde*, Edinburgh, 1831, 2nd edn (1st edn, Bombay, 1829)
Burton, R. F., *Sind and the Races that Inhabit the Valley of the Indus, with Notices of the Topography and History of the Province*, London, 1851
*Sind Revisited*, London, 1877
*Chotirmall Group of Companies: A Century of Perseverance, 1875–1975*, Jakarta, 1975
Curzon, G. N., *Russia in Central Asia in 1889 and the Anglo-Russian Question*, London, 1889




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Dresser, C., *Japan, its Architecture, Art and Art Manufactures*, London, 1882

Eastwick, F. B., *A Glance at Sind before Napier or Dry Leaves from Young Egypt*, London, 1849, 1st edn (reprint Karachi, 1973)

*Encyclopaedia Britannica*, 11th edn, *1910–1911*, vol. IV, Cambridge, 1910, 'Bokhara', pp. 156–7

Feldman, H., *One Hundred Years of Karachi*, Karachi, 1960

Ferrier, J. P., *Caravan Journeys and Wanderings in Persia, Afghanistan, Turkistan and Beloochistan*, London, 1856

Forster, G., *A Journey from Bengal to England*, London, 1808, 3rd edn (reprint Patiala, 1970)

Fraser, D., *The Marches of Hindustan, the Record of a Journey in Thibet, Trans-Himalayan India, Chinese Turkestan, Russian Turkestan and Persia*, Edinburgh and London, 1907

Gidumal, Dayaram, *Hiranand, The Soul of Sindh*, Karachi, 1932, 2nd edn (1st edn, 1903)

Holdich, Sir Thomas, *The Gates of India, Being an Historical Narrative*, London, 1910

Hotchand, Seth Naomal, *A Forgotten Chapter of Indian History as described in the Memoirs of Seth Naomal Hotchand, C. S. I. of Karachi 1804–1878*, Exeter, 1915 (reprint Karachi, 1982)

Hutton, J., *Central Asia: from the Aryan to the Cossack*, London, 1875

Ibn Battuta, *Voyages* (from the Arabic, C. Defremery and B. R. Sanguinetti), Paris, 1854

Jumabhoy, R., *Multiracial Singapore*, Singapore, 1970

Keynes, J. M., *Indian Currency and Finance*, London, 1913

Kirpalani, S. K., *Fifty Years with the British*, Bombay, 1993

Langley, E. A., *Narrative of a Residence at the Court of Meer Ali Moorad with Wild Sports in the Valley of the Indus*, London, 1860

Lansdell, H., *Russian Central Asia, including Kuldja, Bokhara, Khiva and Merv*, London, 1885

Lecarpentier, G., *L'Egypte Moderne*, Paris, 1920

Logofet, D. I., *The Land of Wrong: The Khanate of Bokhara and its Present Condition*, Simla, 1910 (translated from Russian)

Masson, Charles, *Narrative of Various Journeys in Baloochistan, Afghanistan and the Panjab, Including a Residence in these Countries from 1826 to 1838*, London, 1842

Meakin, A. M. B., *In Russian Turkestan: A Garden of Asia and its People*, London, 1903

Mir Izzatullah, *Travels in Central Asia by Meer Izzat Oolah in the years 1812–13* (trans. Captain Henderson), Calcutta, 1872

Mohan Lal, *Travels in the Panjab, Afghanistan and Turkestan to Balk, Bokhara and Herat*, London, 1846, 2nd edn (1st edn, Calcutta, 1834)

Mukherji, T. N., *Art Manufactures of India*, Calcutta, 1888

Pierce, R. A. (ed.), *Mission to Turkestan, Being the Memoirs of Count K. K. Pahlen 1908–1909*, London, 1964

Postans, T., *Personal Observations on Sindh, the Manners and Customs of its Inhabitants and its Productive Capabilities*, London, 1843



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Pottinger, H., *Travels in Beloochistan and Sinde, Accompanied by A Geographical and Historical Account of These Countries*, London, 1816
Schuyler, E., *Turkistan, Notes of a Voyage in Russian Turkistan, Khokand, Bukhara and Kuldja*, London, 1876
Scott, A. F. (ed.), *Scinde in the Forties, Being the Journal and Letters of Colonel Keith Young, C. B., Sometime Judge-Advocate-General in India*, London, 1912
Sigma (Dayaram Gidumal), *Something about Sind*, Karachi, 1882
Sindhu Resettlement Corporation Ltd., *Gandhidham*, Bombay, 1951
Sykes, P. M., *Ten Thousand Miles in Persia or Eight Years in Iran*, London, 1902
Vambery, A., *Travels in Central Asia, Being the Account of a Journey from Teheran across the Turkoman Desert on the Eastern Shore of the Caspian to Khiva, Bokhara and Samarcand*, London, 1864
Vaswani, H. P., *A Saint of Modern India*, Poona, 1975
Watts, Sir George, *Indian Art at Delhi, 1903, Being the Official Catalogue of the Delhi Exhibition 1902–03*, Calcutta, 1903
Woiekof, A., *Le Turkestan Russe*, Paris, 1914
Wolff, J., *A Mission to Bokhara* (ed. G. Wint), London, 1969 (1st edn, London, 1845)
Wu, A. K., *Turkistan Tumult*, London, 1940

**Oral interviews**

L. Khiani, Gibraltar, 4 September 1992
P. Lachman, Bombay, 22 December 1992
Lal and Lokumal Chellaram, London, August 1996

## SECONDARY WORKS

### BOOKS AND ARTICLES

Advani, A. B., 'Hyderabad: A Brief Historical Sketch', *Sindhian World*, vol. 1, no. 6, 1940, pp. 356–369
Advani, B. M., *Sindh-je-Hindus-je-Tarikh [History of Sindh Hindus]* (in Sindhi), Hyderabad, s.d.
Allen, C. H., 'The Indian Merchant Community of Masqat', *Bulletin of the School of Oriental and African Studies*, vol. 44, 1981, pp. 39–53
Allen, G. C. and Donnithorne, A. D., *Western Enterprise in Far Eastern Economic Development: China and Japan*, London, 1962 (2nd edn)
Anand, S., *National Integration of Sindhis*, Delhi, 1996
Ansari, S. F. D., *Sufi Saints and State Power: the Pirs of Sind, 1843–1947*, Cambridge, 1992
Askari, N. and Crill, R., *Colours of the Indus: Costume and Textiles of Pakistan*, London, 1997
Babb, L. A., *Redemptive Encounters: Three Modern Styles in the Hindu Tradition*, Berkeley, CA, 1986
Baker, C. J., *An Indian Rural Economy 1880–1955: The Tamilnad Countryside*, Delhi, 1984



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Ballard, R. (ed.), *Desh Pardesh: The South Asian Presence in Britain*, London, 1994

Baloch, N. A. (ed.), *The Traditional Arts and Crafts of Hyderabad Region*, Hyderabad, 1966

Banga, I., 'Karachi and its Hinterland under Colonial Rule', in I. Banga (ed.), *Ports and their Hinterlands in India (1700–1950)*, Delhi, 1992, pp. 337–58

Banks, M., 'Jain Ways of Being', in R. Ballard (ed.), *Desh Pardesh: The South Asian Presence in Britain*, London, 1994, pp. 231–50

Barrier, N. G., and Dusenbery, V. A. (eds.), *The Sikh Diaspora: Migration and Experience beyond the Punjab*, Delhi, 1989

Basu, D. K. (ed.), *The Rise and Growth of the Colonial Port Cities in Asia*, Berkeley, CA, 1985

Bayly, C. A., *Rulers, Townsmen and Bazaars: North Indian Society in the Age of British Expansion 1770–1870*, Cambridge, 1983

*Imperial Meridian: the British Empire and the World 1780–1830*, London, 1989

*Empire and Information: Intelligence Gathering and Social Communication in India, 1780–1870*, Cambridge, 1996

Becker, S., *Russia's Protectorates in Central Asia: Bukhara and Khiva, 1865–1924*, Cambridge, Mass., 1968

Bhattacharya, N., 'Lenders and Debtors: Punjab Countryside, 1880–1940', *Studies in History* (new series), vol. 1, no. 2, 1985, pp. 305–42

Blalock, H. M., Jr, *Toward a Theory of Minority Group Relations*, New York, 1967

Bonacich, E., 'A Theory of Middleman Minorities', *American Sociological Review*, vol. 38 (October), 1973, pp. 583–94

Boreham, N., 'Decolonisation and Provincial Muslim Politics: Sind, 1937–47', *South Asia*, new series, vol. 16, no. 1, 1993, pp. 53–72

Borsa, G. (ed.), *Trade and Politics in the Indian Ocean: Historical and Contemporary Perspectives*, Delhi, 1990

Bose, S., 'The World Economy and Regional Economies in South Asia: Some Comments on Linkages', in S. Bose (ed.), *South Asia and World Capitalism*, Delhi, 1990, pp. 357–62

Brady Williams, R., *Religions of Immigrants from India and Pakistan: New Threads in the American Tapestry*, Cambridge, 1988

Braudel, F., *Civilization and Capitalism 15th–18th century*, vol. 2, *The Wheels of Commerce*, London, 1982

Brown, R., *Capital and Entrepreneurship in South-East Asia*, London, 1994

Burton, A., *The Bukharans*, London, 1997

Castillero Calvo, A., *La sociedad panamena, historia de su formacion e integracion*, Panama, 1970

Chablani, S. P., *Economic Conditions in Sind 1592 to 1843*, Bombay, 1951

Chandra, G. A., 'The History of Indians in Japan', in J. K. Motwani *et al.* (eds.), *Global Indian Diaspora: Yesterday, Today and Tomorrow*, New York, 1993, pp. 322–5

Cheesman, D., *Landlord Power and Peasant Indebtedness in Colonial Sind 1865–1901*, London, 1997

Chen Dasheng and D. Lombard, 'Le rôle des étrangers dans le commerce maritime de Quanzhou (Zaitun) aux 13$^{e}$ et 14$^{e}$ siècles', in D. Lombard and



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

J. Aubin (eds.), *Marchands et hommes d'affaires asiatiques dans l'Ocean Indien et la Mer de Chine 13ᵉ–20ᵉ siècles*, Paris, 1988, pp. 21–9

Chin-Keong, Ng, *Trade and Society: the Amoy Network on the China Coast 1683–1735*, Singapore, 1983

Choi Chi-Cheung, 'Kinship and Business: Paternal and Maternal Kin in Chaozhou Chinese Family Firms', *Business History*, vol. 40, no. 1, 1998, pp. 26–49

Choksey, R. D., *The Story of Sind (An Economic Survey), 1843–1933*, Poona, 1983

Chowdhry, P., 'Marriage, Sexuality and the Female "Ascetic": Understanding a Hindu Sect', *Economic and Political Weekly*, vol. 31, no. 34, August 1996, pp. 2307–21

Cizakca, M., *A Comparative Evolution of Business Partnerships: the Islamic World and Europe, with Special Reference to the Ottoman Archives*, Leiden, 1996

Clarke, C., C. Peach and S. Vertovec (eds.), *South Asians Overseas: Migration and Ethnicity*, Cambridge, 1990

Cohen, A., 'Cultural Strategies in the Organization of Trading Diasporas', in C. Meillassoux (ed.), *The Development of Indigenous Trade and Markets in West Africa*, London, 1971, pp. 266–78

Conniff, M. L., 'Panama since 1903', in *The Cambridge History of Latin America*, vol. VII, *Latin America since 1930: Mexico, Central America and the Caribbean*, Cambridge, 1990, pp. 603–42

Cragg, C., *The New Maharajahs: the Commercial Princes of India, Pakistan and Bangladesh*, London, 1996

Curtin, P. D., *Cross-Cultural Trade in World History*, Cambridge, 1984

Dale, S., *Indian Merchants and Eurasian Trade, 1600–1750*, Cambridge, 1994

Das Gupta, A., 'Gujarati Merchants and the Red Sea Trade', in B. B. Kling and M. N. Pearson (eds.), *The Age of Partnership: Europeans in Asia before Dominion*, Honolulu, 1979, pp. 123–58

Das Gupta, P., 'Trust as a commodity', in D. Gambetta (ed.), *Trust: Making and Breaking Cooperative Relations*, New York and Oxford, 1988, pp. 49–72

Davis, K., *The Population of India and Pakistan*, Princeton, 1951

Dobbin, C., *Urban Leadership in Western India: Politics and Communities in Bombay City, 1840–1885*, Oxford, 1972

*Asian Entrepreneurial Minorities: Conjoint Communities in the Making of the World-Economy 1570–1940*, London, 1996

Duarte, A., *A History of British Relations with Sind*, Karachi, 1976

Dusenbery, V. A., 'A Sikh Diaspora? Contested Identities and Constructed Realities', in P. Van der Veer (ed.), *Nation and Migration: the Politics of Space in the South Asian Diaspora*, Philadelphia, 1995, pp. 17–42

Fairbank, J. K., *Trade and Diplomacy on the China Coast: the Opening of the Treaty Ports, 1842–1854*, Cambridge, MA, 1964

Fatimi, S. Q., 'The Twin Ports of Daybul', in H. Khuhro (ed.), *Sind through the Centuries*, Karachi, 1981, pp. 97–105

Forbes, A. D. W., *Warlords and Muslims in Chinese Central Asia: a Political History of Republican Sinkiang, 1911–1949*, Cambridge, 1986

Forrest, T., *The Advance of African Capital: the Growth of Nigerian Private Enterprise*, Edinburgh, 1994



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Gambetta, D. (ed.), *Trust: Making and Breaking Cooperative Relations*, New York and Oxford, 1988

Gankovsky, Yu., 'The Durrani Empire', in USSR Academy of Sciences, *Afghanistan Past and Present*, Moscow, 1981, pp. 76–98 (translated from Russian)

Gillion, K. K., *Fiji's Indian Migrants*, Melbourne, 1964

Gommans, J. J. L., *The Rise of the Indo-Afghan Empire, c. 1710–1780*, Leiden, 1995

Gordillo Osuna, M., *Geografia Urbana de Ceuta*, Madrid, 1972

Greenhalgh, P., *Ephemeral Vistas: the Expositions Universelles, Great Exhibitions and World's Fairs, 1851–1939*, Manchester, 1988

Gregorian, V., *The Emergence of Modern Afghanistan: Policies of Reform and Modernisation, 1880–1946*, Stanford, 1969

Gregory, R. G., *India and East Africa: a History of Race Relations in the British Empire*, Oxford, 1971

Gulzad, Z. A., *External Influences and the Development of the Afghan State in the Nineteenth Century*, New York, 1994

Habib, I., 'Merchant Communities in Pre-colonial India', in J. Tracy (ed.), *The Rise of Merchant Empires: Long-distance Trade in the Early Modern World*, Cambridge, 1990, pp. 371–99

Hardiman, D., *Feeding the Banyia: Peasants and Usurers in Western India*, Delhi, 1996

Haynes, D., *Rhetoric and Ritual in Colonial India: the Shaping of a Public Culture in Surat City, 1852–1928*, Berkeley, CA, 1991

Helweg, A. W. and U. M. Helweg, *An Immigrant Success Story: East Indians in America*, Philadelphia, 1990

Hiranandani, P., *Sindhis: The Scattered Treasure*, Delhi, 1980

Jain, L. C., *Indigenous Banking in India*, London, 1928

Jain, R. K., *Indian Communities Abroad: Themes and Literature*, Delhi, 1993

Karaka, D. F., *History of the Parsis, including their Manners, Customs, Religion and Present Position*, London, 1884

Khuhro, H., *The Making of Modern Sind: British Policy and Social Change in the Nineteenth Century*, Karachi, 1978

'Masjid Manzilgah 1939–40: Test Case for Hindu–Muslim Relations in Sind', *Modern Asian Studies*, vol. 32, 1, 1998, pp. 49–89

Khuhro, H. (ed.), *Sind Through the Centuries*, Karachi, 1981

Kling, B. B. and M. N. Pearson (eds), *The Age of Partnership: Europeans in Asia before Dominion*, Honolulu, 1979

Kotkin, J., *Tribes: How Race, Religion and Identity Determine Success in the New Global Economy*, New York, 1992

Lambrick, H. T., *Sir Charles Napier and Sind*, Oxford, 1952

Lari, S. Z., *A History of Sindh*, Karachi, 1994

Li, L. M., *China's Silk Trade: Traditional Industry in the Modern World 1842–1937*, Cambridge, MA, 1981

Lombard, D. and J. Aubin (eds.), *Marchands et hommes d'affaires asiatiques dans l'Océan Indien et la Mer de Chine 13$^{e}$–20$^{e}$ siècles*, Paris, 1988

Mackenzie, J. M., *Orientalism: History, Theory and the Arts*, Manchester, 1995

McLeod, W. H., 'The First Forty Years of Sikh Migration', in N. G. Barrier and V. A. Dusenbery (eds.), *The Sikh Diaspora: Migration and Experience beyond the Punjab*, Delhi, 1989, pp. 29–48



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Macpherson, K., 'Chulias and Klings. Indigenous Trade Diasporas and European Penetration of the Indian Ocean Littoral', in G. Borsa (ed.), *Trade and Politics in the Indian Ocean: Historical and Contemporary Perspectives*, Delhi, 1990, pp. 33–46

Malkani, K. R., *The Sindh Story*, Delhi, 1984

Mamdani, M., *Politics and Class Formation in Uganda*, London, 1976

Mani, A. K., 'Indians in Jakarta', in A. K. Mani and K. S. Sandhu (eds.), *Indian Communities in South East Asia*, Singapore, 1993, pp. 98–130

Mani, A. K. and K. S. Sandhu (eds.), *Indian Communities in South East Asia*, Singapore, 1993

Mariwalla, C. L., *History of the Commerce of Sind (From Early Times to 1526 AD)*, Jamshoro, 1981

Meillassoux, C. (ed.), *The Development of Indigenous Trade and Markets in West Africa*, London, 1971

Merani, H. V. and H. L. Van der Laan, 'The Indian Traders in Sierra Leone', *African Affairs*, vol. 78, no. 311, 1979, pp. 240–50

Metcalf, T. R. and S. B. Freitag, 'Karachi's Early Merchant Families: Entrepreneurship and Community', in D. K. Basu (ed.), *The Rise and Growth of the Colonial Port Cities in Asia*, Berkeley, CA, 1985, pp. 55–9

Millward, J. A., *Beyond the Pass: Economy, Ethnicity and Empire in Quing Central Asia 1759–1864*, Stanford, CA, 1998

Mirza, M., 'The Zardozi Art of Embroidery', in N. A. Baloch (ed.), *The Traditional Arts and Crafts of Hyderabad Region*, Hyderabad, 1966, pp. 41–2

Morris, L. P., 'British Secret Service Activity in Khorrassan, 1887–1908', *Historical Journal*, vol. 27, no. 3, 1984, pp. 657–75

Motwani, J. K. *et al.* (eds.), *Global Indian Diaspora, Yesterday, Today and Tomorrow*, New York, 1993

Mughal, M. Y. (ed.), *Studies in Sind*, Jamshoro, 1989

Nair, J., *Women and Law in Colonial India: A Social History*, Bangalore, 1996

Nedvetsky, A. G. (comp.), *Bukhara: Caught in Time*, Reading, 1993

Nyman, L. E., *Great Britain and Chinese, Russian and Japanese Interests in Sinkiang, 1918–1934*, Lund, 1977

Oberoi, H., *The Construction of Religious Boundaries: Culture, Identity and Diversity in the Sikh Tradition*, Delhi, 1994.

Owen, D. F., *British Opium Policy in China and India*, New Haven, CT, 1934

Pan, L., *Sons of the Yellow Emperor: the Story of the Overseas Chinese*, London, 1990

Pankhurst, R., 'Indian Trade with Ethiopia, the Gulf of Aden and the Horn of Africa in the Nineteenth and Early Twentieth Centuries', *Cahiers d'Etudes Africaines*, vol. 55, 1974, pp. 453–97

Pearson, M., *Merchants and Rulers in Gujarat*, Berkeley, CA, 1976

Perham, M. (ed.), *Mining, Commerce and Finance in Nigeria*, London, 1948

Pinto, C., *Trade and Finance in Portuguese India: a study of the Portuguese Country Trade 1770–1840*, Delhi, 1994

Platt, D. C. M., *The Cinderella Service: British Consuls since 1825*, London, 1971

Rasulzade, P. N., *Is Istorii Sredne-Indiiskikh Svyazei*, Tashkent, 1966



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Ray, N. (comp.), *Dictionary of National Biography (Supplement)*, vol. I, Calcutta, 1986

Ray, R. K., 'Asian Capital in the Age of European Domination: the Rise of the Bazaar, 1800–1914', *Modern Asian Studies*, vol. 29, no. 3, 1995, pp. 449–554

Rizvi, J., 'The Trans-Karakoram Trade in the Nineteenth and Twentieth Centuries', *Indian Economic and Social History Review*, vol. 31, no. 1, 1994, pp. 27–64

Rodinson, M. , Islam et Capitalisme, Paris, 1966

Rudner, D. W., *Caste and Capitalism in Colonial India: The Nattukottai Chettiars*, Berkeley, CA, 1994

Sandhu, K. S., *Indians in Malaya: Some Aspects of their Immigration and Settlement (1786–1957)*, Cambridge, 1969

Simmel, G., 'The Stranger', in K. H. Wolff (ed.), *The Sociology of Georg Simmel*, New York, 1950, pp. 402–8

Singh Rye, A., 'The Indian Community in the Philippines', in A. K. Mani and K. S. Sandhu (eds.), *Indian Communities in South East Asia*, Singapore, 1993, pp. 708–74

Sipe, K. R., 'The Entrepreneurial Basis of Commodity Exploitation: An Examination of Merchant Group Dominance in Karachi's Cotton Trade', in D. K. Basu, *The Rise and Growth of Colonial Port-Cities in Asia*, Berkeley, CA, 1985, pp. 61–3

Skrine, C. P. and P. Nightingale, *Macartney at Kashgar: New Light on British, Chinese and Russian Activities in Sinkiang, 1890–1918*, London, 1973

Sombart, W., *The Jews and Modern Capitalism*, New Brunswick and London, 1982

Subrahmanyam, S., 'The Portuguese, Thatta and the External Trade of Sind, 1515–1635', *Revista de Cultura*, nos. 13–14, 1991, pp. 48–58

Sue-White, B., *Turbans and Traders: Hong Kong's Indian Communities*, Hong Kong, 1994

Sugiyama, S., *Japan's Industrialization in the World Economy 1859–1899: Export Trade and Overseas Competition*, London, 1988

Szuppé, M., 'En quête de chevaux turkmènes: le journal de voyage de Mir Izzatullah de Delhi à Boukhara en 1812–1813', *Cahiers d'Asie Centrale*, no. 1–2, 1996, pp. 91–111

Thakur, U. T., *Sindhi Culture*, Bombay, 1959

Thakurdas, L. M. M., 'Hindus and Talpurs of Sind', *Modern Review*, vol. 51, 1932, pp. 265–72

Thompson, V., *Labor Problems in Southeast Asia*, New Haven, CT, 1947

Timberg, T. A., *The Marwaris: From Traders to Industrialists*, Delhi, 1978

Tinker, H., *A New System of Slavery: The Export of Indian Labour Overseas 1830–1920*, London, 1993, 2nd edn (1st edn, London, 1974)

T. M. C. Asser Institut, *The Influence of the Hague Conference on Private International Law*, Dordrecht, 1993

Tracy, J. (ed.), *The Rise of Merchant Empires: Long-distance Trade in the Early Modern World*, Cambridge, 1990

Udovich, A. L., *Partnership and Profit in Medieval Islam*, Princeton, 1970



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

USSR Academy of Sciences, *Afghanistan Past and Present*, Moscow, 1981 (translated from Russian)

Vaid, K. N., *The Overseas Indian Community in Hong Kong*, Hong Kong, 1972

Van der Veer, P., 'Introduction: The Diasporic Imagination', in P. Van der Veer (ed.), *Nation and Migration: The Politics of Space in the South Asian Diaspora*, Philadelphia, 1995, pp. 1–16.

Van der Veer, P. (ed.), *Nation and Migration: The Politics of Space in the South Asian Diaspora*, Philadephia, 1995

Vertovec, S. (ed.), *Aspects of the South Asian Diaspora*, Delhi, 1991

Wallerstein, I., 'The Incorporation of the Indian Subcontinent into the Capitalist World-Economy', *Economic and Political Weekly*, vol. 21, no. 4, 25 January 1986, pp. PE 28–39

Wang Gugwu, *China and the Chinese Overseas*, Singapore, 1991

Whitteridge, G., *Charles Masson of Afghanistan*, Warminster, 1985

Wink, A., *Al Hind: The Making of the Indo-Islamic World*, vol. I, *Early Medieval India and the Expansion of Islam 7th–11th Centuries*, Leiden, 1990

Wong, J. Y., 'British Annexation of Sind in 1843: An Economic Perspective', *Modern Asian Studies*, vol. 31, no. 2, 1997, pp. 225–44

UNPUBLISHED DISSERTATION

Herzig, E., 'The Armenian Merchants of New Julfa (Isfahan)', D. Phil., Oxford, 1991



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجي دنيا ۾ پکڙيل ڏکڻ ايشيائي واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن ۾، سنڌي بيشڪ هر جاءِ تي موجود آهن، پر اُهي مکيه سياحتي ماڳن سميت خاص واپاري مرڪزن ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪينري ٻيٽن ۾، جنهن ڏانهن سڄي يورپ جا سياح ڇڪجي اچن ٿا، اُتي وڏن بازارن ۾ سوين دڪان آهن، جن ۾ اُهي ڏور-اوڀر وارن ملڪن سميت ٻين ملڪن کان گهُرايل سستيون اليڪٽرونڪ شيون وڪڻن ٿا. نائيجيريا ۾ انهن جو ملڪي معيشت ۾ وڏو حصو آهي ۽ ڪپڙي جي صنعت توڙي ٻين شيون ٺاهيندڙ صنعتن ۾ سندن سيڙپڪاري ٿيل آهي. هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ واپار تي چينين جي بالادستي هوندي به، سنڌي واپاري سرگرميءَ سان واپار ۾ رُڌل آهن. انگلينڊ، جتي ايشيائي واپارين جا ڪجهه شاهوڪار خاندان رهن ٿا، جن جي واپاري-اُپار چڱو ڌيان ڇڪايو آهي، سي پڻ انهيءَ ڌُر يا برادريءَ سان واسطو رکن ٿا. دنيا ۾ اهڙا ملڪ بلڪل ٿورڙا آهن، جتي ڪنهن ماڻهوءَ جو هن برادريءَ جي واپارين سان مڪاميلو نه ٿيندو هجي... اُهي عام طور مشهوريءَ کان لهرائين ٿا: بهرحال هنن جي واپاري ڏاهپ ۽ سياڻپ، شانائتي ۽ ڏندڪٿائي آهي، ۽ هندستان ۾ اُهي چالاڪ ۽ هوشيار واپارين جي حيثيت سان مڃيل آهن. سڄي ملڪ ۾ سندن ناماچاري توڙي ساک ٻيٺل آهي.

(هن ڪتاب تان ڪنيل ٽڪرو)

A ROSHNI BOOK

HISTORY

PAKISTAN Rs. 200.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

ٻڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book